
سِڌي واٽَ جو ڏَسُ

[قرآن شريف جو سولو سنڌي ترجمو]



بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

سِڌي واٽ جو ڏَس

(قرآن شريف جو سولو سنڌي ترجمو)

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سهيڑيندڙ: منوربُٹ

سِڌي وات جو ڏَس

(قرآن شريف جو سولو سنڌي ترجمو)

سهيڙيندڙ: مُنورپُٽ

چاپو پهريون محرم 1441 هجري مطابق سپٽمبر 2019ع

نوٽ: هي قرآن شريف جو سولو سنڌي ترجمو آهي.
هن کي مسلمانن سان گڏ غير مسلم بہ هدايت جي
وات لهڻ لاءِ پڙهي سگهن ٿا.

الله تعاليٰ جي رِضا ڪارڻ مفت ورهائن لاءِ چپرايو ويو.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

پہ اکر

قرآن شريف جو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي فصاحت ۽ بلاغت، ڪناين، محاورن ۽ بيان جي انداز کي سمجهڻ، اڳ پوءِ (سياق و سباق) جو خيال رکڻ، لفظن ۽ خود جملن جو ترجمو ڪرڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي. پر جس هجي جناب منور علي ٻٽ قادري صاحب کي جنهن فقط چئن سنڌي ترجمن جي سنڌي کي اڳيان رکي آسان ۽ موجوده سنڌي لکڻ واري ڍنگ ۾ سنڌي ترجمي کي ترتيب ڏئي سنڌي پڙهندڙن جي رهنمائي لاءِ پيش ڪيو آهي. جڏهن تہ اعليٰ حضرت مولانا احمدرضا خان قادري بريلوي جي اردو ترجمي جو حضرت مولانا محمد رحيم سڪندري طرفان ڪيل سنڌي ترجمي کي پهرين نظر ۾ رکيو آهي.

ڏٹي در دعا آهي تہ سنڌي ترجمي واري هن ترتيب ۽ محنت کي قبوليت جو شرف عطا فرمائي ۽ پڙهندڙن کي هدايت عطا فرمائي.

فقير سيد ابوالنور
مُنورعلي شاهہ جيلاني قادري
پير آف نورائي شريف، ٽنڈو محمد خان
و خليفہ اڪبر پاڪستان
سجاده نشين دربار حضور غوث اعظم، بغداد شريف

پنهنجي پاران

مُنوربُٽ

قرآن شريف نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي وسيلي بنيادي طور تي مسلمان امت ۽ عام طور تي انساني لڏي جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ نازل ڪيو ويو آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريائين لازمي آهي تہ مسلمان کي عربي ٻولي جي ڄاڻ هجي. پر افسوس اهو آهي تہ اسلام ۽ قرآني تعليمات حرمين شريفين کان ڏورانهن عرب علائقن ۽ سمورن غيرعرب علائقن ۾ تڏهن پهتا جڏهن اسلامي مملڪت ۾ انتشار ۽ اختلاف شروع ٿي چڪا هيا ۽ ماحول اهڙو ٻڌجي ويو هو جو مسلمانن جي اڪثريت قرآن شريف ۽ سنت مطابق اسلامي تعليم حاصل ڪرڻ کان پنتي پئجي وئي. قرآني ۽ ديني احڪام جي تعليم ٿورڻن ماڻهن تائين محدود ٿي وئي ۽ مسلمانن جي اڪثريت اسلام جي تعليمات ۾ عدم دلچسپي جو شڪار ٿي وئي ۽ مسلمان دنياوي معاملن جي پڇ ڏڪ ۾ مصروف ٿي ويا. نتيجي ۾ هر دور ۽ هر علائقي ۾ اسلامي تعليمات جا ماهر جن کي مفسر ۽ فقيهہ ۽ چيو ويجي ٿو آڳرين تي ڳڻڻ جيترائي موجود رهيا. جن پنهنجون دلچسپيون ۽ مصروفيتون ديني تعليم لاءِ وقف ڪري پنهنجي پنهنجي ڄاڻ ۽ سوچ مطابق مسلمانن جي رهنمائي جو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو. جيئن يهودي ۽ عيسائي امتون پنهنجن الهامي ڪتابن کي سمجهڻ لاءِ پنهنجن عالمن وٽ محتاج ٿي چڪيون هيون ائين مسلمان امت جي اڪثريت ۽ قرآن جي تعليم ۽ احڪام کي پاڻ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي بجاءِ مسلمان عالمن جي محتاج ٿي وئي. پوءِ جنهن ۽ آبادي ۾ جهڙي سوچ وارو عالم سڳورو موجود هيو تہ اتان جي آبادي ان عالم سڳوري جي ڳالهين کي ئي حتمي تعليم سمجهڻ لڳي. نتيجي ۾ شدت سان گڏ سوچ ۾ اختلاف ۽ فرقي وارائيون نفرتون ۽ وڙهہ لڳيون.

2. هاڻي جڏهن پوري دنيا هڪڙي سائنسي ڳوٺ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي ۽ سائنس انٽرنيٽ جي اهڙي سهوليت ايجاد ڪري ڏني آهي جنهن وسيلي انسان هر وقت ۽ هر هنڌ جڏهن به چاهي پنهنجي دلچسپي واري موضوع تي تقرير ۽ لکت (تحرير) ٻڌي ۽ پڙهي سگهي ٿو. انهيءَ سهوليت جتي اسان مسلمانن لاءِ عالم سڳورن جي تقريرن کي ٻڌڻ جي آساني پيدا ڪري ڇڏي آهي اتي عالمن جي اختلافي تشريحن ۽ تقريرن ڪري اسان اڀوجهه مسلمانن لاءِ ڪافي مونجهارا به پيدا ڪري ڇڏيا آهن.

3. قرآن شريف جي آيتن جي معنيٰ ته سيني مڪتبہ فڪرن جا عالم سڳورا ساڳي يا هڪجهڙي ڪن ٿا ليڪن ان جي تشريح ۾ ڪافي فرق ڪن ٿا ۽ ڪن آيتن مان مراد ۽ مقصد به مختلف ورتا وڃن ٿا. ان کان علاوه، اسان وٽ جيڪي سنڌي معنيٰ وارا قرآن شريف موجود آهن انهن جي معنيٰ سنڌي ٻولي جي مروجہ ادبي سٽاء مطابق لکيل ۽ ڇپيل ڪونہ آهي. جنهن سبب گهٽ پڙهيل ماڻهو اندازو نٿو ڪري سگهي تہ آيت جي سنڌي معنيٰ اندر ڪهڙا لفظ ڪهڙن لفظن کان اڳ ۾ يا پوءِ پڙهڻ گهرجن تہ مطلب سمجهہ ۾ اچي وڃي. جڏهن تہ قرآن شريف کي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي تہ ماڻهو پنهنجي ٻولي ذريعي قرآن جي تعليم ۽ ان ۾ موجود ڳالهين کي سمجهي وڃن ۽ مونجهاري کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن. ترجمي جو ترجمي واري ٻوليءَ جي مروجہ ادبي سٽاء موجب ترتيب نہ هجڻ ڪري اڀوجهہ مسلمانن لاءِ کو فيصلو ڪرڻ يا پنهنجي راءِ کي ٽانيڪي جاءِ تي قائم ڪرڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو. جڏهن تہ ترجمي جو مقصد ئي اهو آهي تہ عام ماڻهوءَ کي قرآن شريف جو پيغام آساني سان سمجهہ ۾ اچي وڃي. جيئن تہ مان به اهڙن مسلمانن مان هڪ هجڻ ڪري پريشاني ۾ مبتلا هيس، تنهنڪري سوچيو تہ ڇونہ قرآن شريف جي مختلف سنڌي ترجمن کي نظر مان ڪڍي انهن ترجمن کي سنڌي ٻولي جي مروجہ ادبي سٽاء موجب ڪنهن هڪڙي ترجمي ۾ ترتيب ڏنو وڃي.

4. انهي تمنا پتاندڙ هيٺين سنڌي ترجمن کي گڏيل ترتيب ڏئي مروجہ سنڌي ادبي ستاء موجب هڪڙو منفرد ترجمو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي:-

الف) مفتي محمد رحيم سڪندري جو ضاء القرآن پبليڪيشن، لاهور طرفان ڇپايل سنڌي ترجمو. (هي ترجمو اصل ۾ مولانا احمدرضا بريلوي مرحوم جي اردو ترجمي ۽ محترم محمد نعيم الدين مرادآبادي طرفان ڪيل اردو تفسير جو سنڌي ترجمو آهي).

ب) مرحوم سيد تاج محمود امروٽي جو بامحاورا سنڌي ترجمو ۽ مرحوم عبدالڪريم قريشي جو لفظي سنڌي ترجمو سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي طرفان گڏيل طور ڇپيل.

ت) مولانا مخدوم محمد عثمان نورنگ زاده جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ تفسير تنويرالايمان. سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي طرفان ڇپايل.

ث) علامہ علي خان ابڙو مرحوم جو سنڌي ترجمو سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي طرفان ڇپايل.

ج) مختلف اردو ترجمن کي بہ ضرورت وقت نظر مان ڪيو ويو آهي.

5. متين ترجمن جي پيٽ ڪري آيتن (جملن)جي معنيٰ کي آيت (جملي) اندر مروجہ سنڌي ادبي ٻولي جي ستاء موجب مطلبي ۽ تشريحي معنيٰ هيٺ ترتيب ڏنو ويو آهي تہ جيئن عام سنڌي ماڻهوءَ کي قرآن شريف جي تعليم ۽ ان ۾ موجود ڳالهين کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. مسلمان پائر انهي ڳالهہ کان بخوبي واقف هوندا تہ قرآن شريف جي ترجمن ۾ ڪجهہ لفظ ڏنگين ۾ لکيل هوندا آهن. توڙي جو اهي لفظ عربي متن واري ڪنهن بہ لفظ جي ذاتي معنيٰ ڪونہ هوندا آهن ليڪن ترجمي واري ٻولي ۾ انهن لفظن جو لکڻ تمام ضروري هوندو آهي ورنہ معنيٰ بلڪل سمجهہ ۾ ڪونہ ايندي ۽ ترجمي ڪرڻ جو مقصد ئي فوت ٿي ويندو. ڇوتہ هر ٻولي جي لکڻ ۽ پڙهڻ جو پنهنجو پنهنجو ڍنگ ۽ ستاءُ آهي. انهيءَ ڪري جيئن تہ اسان جو مقصد بہ لفظي يا بامحاورا ترجمو پيش ڪرڻ جو نہ آهي پر سنڌي ادبي ستاء موجب مطلبي يا تشريحي معنيٰ پيش ڪرڻ آهي

تنهنڪري اهڙن لفظن کي ڏنگين کان ٻاهر رکيو ويو آهي تہ جيئن عام پڙهندڙ جي لاءِ آيت ۾ آيل پيغام يا حڪم کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. البت انهيءَ ڳالهہ جي حتمي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ڪنهن بہ آيت جي معنيٰ اصل مفهوم کان هٽيل نہ هجي.

عرض تہ سموري ڪم کي نيڪ نيتي سان خاص طور تي مسلمان برادري ۽ عام طور تي انساني لڏي جي ڀلائي ۽ رهنمائي لاءِ پيش ڪيو ويو آهي ۽ وس آهر ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ قرآن شريف جي هن معنيٰ واري ترتيب ۾ ڪا غلطي نہ هجڻ گهرجي. پر انسان هجڻ ناتي اهو ممڪن آهي تہ ڪٿي غلطيون ٿي ويون هجن. ان لاءِ دوستن کي عرض آهي تہ نيت تي شڪ ڪرڻ جي بجاءِ رهنمائي ڪرڻ لاءِ اهڙين غلطين کي معاف ڪري نشاندهي ڪن تہ جيئن ٻئي ڇاپي ۾ وڌيڪ سڌارو آڻي سگهجي.

دعا جو طلبگار

مُنور ٻُٽ قادري

فهرست

سورت	صفحو	سورت	صفحو
1. الفاتحہ	11	28. القصص	301
2. البقرہ	11	29. العنکبوت	309
3. آل عمران	46	30. الروم	315
4. نساء	65	31. لقمان	320
5. مائدہ	86	32. السجدہ	323
6. انعام	102	33. الاحزاب	325
7. اعراف	121	34. السبا	332
8. انفال	141	35. الفاطر	337
9. توبہ	148	36. یس	342
10. یونس	162	37. صفت	346
11. ہود	173	38. ص	352
12. یوسف	184	39. الزمر	357
13. رعد	195	40. المومن	364
14. ابراھیم	200	41. حم سجدہ	371
15. حجر	205	42. الشوریٰ	375
16. نحل	209	43. الزخرف	380
17. بنی اسرائیل	219	44. الدخان	385
18. کھف	228	45. الجاثیہ	388
19. مریم	238	46. الاحقاف	390
20. طٰہٰ	243	47. محمد	394
21. انبیاء	252	48. الفتح	398
22. حج	259	49. الحجرات	401
23. مومنون	266	50. ق	403
24. نور	272	51. الذاریات	405
25. فرقان	280	52. الطور	408
26. الشعراء	285	53. النجم	410
27. النمل	294	54. القمر	412

55. الرحمٰن	415	85. البروج	464		
56. الواقعہ	417	86. الطارق	465		
57. الحدید	420	87. الاعلیٰ	466		
58. المجادلہ	423	88. الغاشیہ	467		
59. الحشر	426	89. الفجر	467		
60. الممتحنہ	429	90. البلد	468		
61. الصف	431	91. الشمس	469		
62. الجمعہ	432	92. الیل	470		
63. المنافقون	433	93. الضحیٰ	471		
64. تغابن	435	94. الم نشرح	471		
65. الطلاق	436	95. التین	471		
66. التحریم	438	96. العلق	472		
67. الملک	440	97. القدر	472		
68. القلم	442	98. البینہ	473		
69. الحاقہ	444	99.الزلزال	473		
70. المعارج	445	100.العادیات	474		
71. نوح	447	101.القارعہ	474		
72. جن	448	102.التکاثر	475		
73. المزمل	450	103.العصر	475		
74. المدثر	451	104.الھمزہ	475		
75. القیامہ	453	105. الفیل	476		
76. الدھر	454	106.القریش	476		
77. المرسلات	456	107.الماعون	476		
78. النباء	457	108.الکوثر	477		
79. النازعات	458	109.الکافرون	477		
80. العبس	460	110.النصر	477		
81. التکویر	461	111.اللھب	478		
82. الانطفار	462	112.الاخلاص	478		
83. المطففین	462	113.الفلق	478		
84. الانشقاق	464	114.الناس	479		

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت فاتحہ مڪي آهي، هن ۾ 7 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

سڀ تعريفون (ساراهہ) خاص الله جي لاءِ آهن جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي(١) جيڪو باجهارو مهربان آهي(٢) حساب (قيامت) جي ڏينهن جو مالڪ آهي(٣) (اي الله) اسان فقط تُنهنجي ئي بانهپ ڪريون ٿا ۽ فقط توکان ئي مدد گهرون ٿا(٤) اسان کي سعادت جي سڌي واٽ ڏيکار(٥) انهن جي واٽ جن تي تو نعمتون ڪيون آهن(٦) نہ کي گمراهن جي ۽ نہ انهن جي واٽ جن تي تنهنجو ڏمر ٿيو (٧)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت بقره مدني آهي، هن ۾ 286 آيتون ۽ 40 رڪوع آهن

الم (١) هي (قرآن) ڪتاب آهي جنهن ۾ڪوبہ شڪ ڪونهي، الله کان ڊڄڻ وارن لاءِ هدايت آهي(٢) جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان آڻين ٿا ۽ نماز پڙهن ٿا ۽ اسان کين جيڪو رزق ڏنو آهي ان مان اسان جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن(٣) ۽ اي محبوب! جيڪي ان تي ايمان آڻين ٿا جيڪو تو ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي توکان اڳ ٻين پيغمبرن تي نازل ڪيا ويا ۽ آخرت تي بہ يقين رکن ٿا(٤) اهي ئي ماڻهو پنهنجي پالڻهار طرفان ٻُڌايل سڌي واٽ تي هلندڙ آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن(٥) بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي حق کان انڪار ڪن ٿا، اي پيغمبر! تون انهن کي ڊيڄارين يا نہ ڊيڄارين تن لاءِ هڪجهڙو آهي، اهي ايمان نہ آڻيندا(٦) الله انهن جي دلين ۽ انهن جي ڪنن تي مُهر هنئي آهي ۽ انهن جي اکين تي ڳُوڙهو پردو آهي ۽ انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪيل آهي(٧) ۽ ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي چون ٿا تہ اسان الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آندو آهي پر اهي ايمان وارا نہ آهن (٨) اهي الله کي ۽ مومنن کي ڏوکو ڏيڻ ٿا چاهين جڏهن تہ پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي دوکو نہ ڏيندا

آهن ۽ هٽ سبب اهي سمجهن نٿا(۹) انهن جي دلين ۾ ڪفر جي بيماري آهي، پوءِ الله سندن بيماريءَ کي ويتر وڌائي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري جو ڪوڙ ڳالهائيندا آهن انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۱۰) ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته زمين ۾ فساد نہ ڪريو ته چوندا آهن ته اسان ته سڌارو ڪندڙ آهيون(۱۱) خبردار! اهي پاڻ ئي فسادي آهن، پر انهن کي سمجهه نہ آهي(۱۲) ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جيئن ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي تيئن ايمان آڻيو ته چوندا آهن ته اسان بيوقوفن وانگر ايمان آڻيون ڇا؟ خبردار! اهي ئي بيوقوف آهن، مگر نٿا ڄاڻن (۱۳) ۽ جڏهن مومنن سان ملندا آهن ته چوندا آهن ته اسان ايمان آندو آهي ۽ جڏهن پنهنجن شيطانن (شيطاني پائرن) سان اڪيلائي ۾ ملندا آهن ته چوندا آهن ته اسان ته اوهان سان ئي آهيون، اسان ته ائين ئي مسلمانن سان چٽر ڪندا آهيون(۱٤) الله ڏڪهو رسو ڏئي انهن سان چٽر ڪندو آهي ۽ انهن کي ڍر ڏئي ٿوته پنهنجي سرڪشي ۾ ٻڏڪندا رهن (۱۵) اِهي اُهي ماڻهو آهن جن هدايت جي بدلي گمراهي خريد ڪئي آهي سو انهن جو واپار انهن لاءِ فائدي وارو نہ ٿيو نہ وري اهي هدايت وارا ٿيا (۱٦) انهن جو مثال ان ماڻهوءَ جهڙو آهي جنهن رات جو باهہ ٻاري، پوءِ جڏهن آس پاس روشني ٿي ويو ته الله سندن نور کسي ورتو ۽ انهن کي اونداهين ۾ ڇڏي ڏنو جو ڪجهہ ٻہ نہ ڏسن (۱۷) اهي ٻوڑا، گونگا ۽ انڌا آهن ۽ سڌي واٽ تي موٽڻ وارا نہ آهن(۱۸) يا انهن جو مثال آسمان مان وسندڙ مينهن ۾ قاتل ماڻهن وانگر آهي جنهن ۾ اونداهيون ۽ گوڙ ۽ وڄ (ڪنوڻ) هجي، اهي ڪڙڪن (گجگوڙ) سبب موت جي ڊپ کان پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وجهن ۽ الله ڪافرن کي ائين گهيرو ڪندڙ آهي(۱۹) ائين لڳي جو ڪنوڻ (وڄ) سندن نظرن کي کيرو ڪري ڇڏيندي، جڏهن ٻہ ڪجهہ چمڪو ٿئي ته ان ۾ هلڻ لڳن ۽ جڏهن اونداهي ٿئي ته بيهي رهن، ۽ جيڪڏهن الله گهري ته سندن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سگهہ کسي وٺي، بيشڪ الله هر شي تي وس وارو آهي (۲۰)[2] اي انسانو! پنهنجي ان پالڻهار جي عبادت ڪريو جنهن توهان کي ۽ توهان کان اڳين کي پيدا ڪيو ته جيئن توهان پرهيزگار ٿيو(۲۱) اهو پالڻهار جنهن اوهان لاءِ زمين کي فرش وانگر وڇايو ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ آسمان مان مينهن جو پاڻي وسائي ٿو، پوءِ ان سان توهان جي کائڻ لاءِ

مختلف ميوا پيدا ڪري ٿو پوءِ ڄاڻ هوندي الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪريو(٢٢) ۽ اسان پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي جيڪو قرآن لاٿو آهي جيڪڏهن توهان کي ان بابت شڪ آهي ته ان جهڙي ڪا هڪ سورت ٺاهي آڻي ڏيکاريو ۽ جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته الله کان سواءِ پنهنجا "سمورا" مددگار به سڏيو (٢٣) پوءِ جيڪڏهن ائين نه ڪري سگهو ۽ ڪڏهن ڪري به نه سگهندو ته پوءِ ان باهه جي عذاب کان ڊڄو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن، جيڪا حق جو انڪار ڪرڻ وارن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي(٢٤) پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ته انهن کي خوشخبري ڏي ته انهن لاءِ باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، جڏهن انهن کي انهن باغن (بهشت) مان ڪو ميوو کائڻ لاءِ ڏنو ويندو ته ڏسي چوندا ته هي ته اها نعمت آهي جيڪا اسان کي پهريائين ملي هئي، اهو شڪل ۾ ملندڙ جلندڙ ڏنو ويندن پر ذائقو جدا هوندو ۽ انهن لاءِ بهشت ۾ پاڪ زالون آهن ۽ اهي انهيءَ ۾ سدائين رهندا(٢٥) بيشڪ الله سمجهائڻ لاءِ مڇر يا ان کان وڌيڪ ڪمزور شي جو مثال ڏيڻ ۾ لڄ نه ڪندو آهي، پوءِ جن ايمان آندو آهي سي پڪ ڄاڻندا آهن ته اهو سندن پالڻهار جي طرفان حق آيل آهي، باقي جن انڪار ڪيو سي چوندا آهن ته اهڙي مثال ڏيڻ مان الله جو ڇا مطلب آهي، ان مثال سان گهڻا گمراهه ٿيندا آهن ۽ گهٽن کي ان سان هدايت ٿيندي آهي ۽ الله ان سان بي فرمانن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نه ٻُلائيندو آهي(٢٦) اهي بي فرمان جيڪي الله سان انجام کي پڪو ڪرڻ کان پوءِ پڇندا آهن ۽ ان شي کي ڇنندا آهن جنهن جي ڳنڍڻ جو الله حڪم ڏنو آهي ۽ زمين ۾ فساد ڪندا آهن، اهي ئي نقصان وارا آهن (٢٧) پلا اوهان الله جو انڪار ڪيئن ٿا ڪريو جڏهن اوهان بي ساها هئا ته ان اوهان کي ساهوارو ڪيو پوءِ توهان کي ماريندو ۽ وري اوهان کي جياريندو، پوءِ ان جي ئي طرف موٽايا ويندو (٢٨) اهو الله ئي آهي جنهن اوهان لاءِ زمين جون سڀ شيون پيدا ڪيون آهن، پوءِ آسمان ڏانهن توجهه ڪيائين ته پورا ست آسمان برابر ڪري بيهاريائين، ۽ اهو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (٢٩)[3] ۽ اي پيغمبر! جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو ته آءُ زمين ۾ هڪ نائب (خليفو) پيدا ڪرڻ وارو آهيان ته چيائون ته ڇا اهڙي کي پيدا ڪندين جيڪو ان ۾ فساد ڪندو ۽ خونريزي ڪندو

جڏهن ته اسان توکي ساراهيندي تنهنجي تسبيح پڙهون ٿا ۽ تنهنجي پاکائي بيان ڪريون ٿا. الله چيو ته جيڪي مون کي معلوم آهي سو توهان نٿا ڄاڻو (۳۰) ۽ الله آدم کي مڙني شين جا نالا سيکاريا. پوءِ سيني شين کي ملائڪن جي سامهون ڪري چيائين ته جيڪڏهن توهان سچا آهيوته هنن شين جا نالا ٻڌايو(۳۱) ملائڪن چيو ته اي الله! تون پاڪ آهين جيتري اسان کي ڄاڻ ڏني اٿئي ان کان سواءِ اسان ڪجهه نٿا ڄاڻون. بيشڪ تون ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهين (۳۲) الله چيو اي آدم! هنن کي انهن شين جا نالا ٻڌاءِ. پوءِ جڏهن آدم انهن کي شين جا نالا ٻڌايا ته الله چيو ته ڇا مون توهان کي نه چيو هو ته مان آسمانن جا ۽ زمين جا سڀ ڳجهه ڄاڻان ٿو ۽ جيڪي ڌڙو ڪيو ٿا ۽ جيڪي لڪايو ٿا سوبه ڄاڻندڙ آهيان (۳۳) ۽ جڏهن ملائڪن کي چيوسين ته آدم کي سجدو ڪريو ته سواءِ ابليس جي ٻين سيني سجدو ڪيو ان انڪار ڪيو ۽ آکڙ ڪيائين ۽ ڪافرن مان ٿيو(۳٤) پوءِ اسان چيو اي آدم! تون ۽ تنهنجي زال هن باغ (بهشت) ۾ رهو ۽ ان مان جتان وڻيوَ مزي سان کائو مگر هن وڻ کي ويجها نه ويجو نه ته زيادتي ڪندڙن مان ٿي ويندو(۳۵) پوءِ شيطان انهن کي اتان (جنت مان) ٽيڙيو ۽ جتي مزي ۾ رهندا هئا ان مان انهن کي ٻاهر ڪيائين. اسان چيوته بهشت مان نڪري هيٺ لهي وڃو توهان پاڻ ۾ هڪٻئي جا دشمن آهيو ۽ توهان لاءِ هڪ وقت تائين زمين ۾ رهڻ جو هنڌ ۽ گذران جو سامان آهي(۳٦) پوءِ آدم پنهنجي پالڻهار وٽان ڪجهه لفظ (ڪلما) سکيا جن جي وسيلي پوءِ الله ان جي توبهه قبول ڪئي. بيشڪ اهوئي توبهه قبول ڪندڙ مهربان آهي(۳۷) اسان حڪم ڪيو اوهان سڀ ان بهشت مان هيٺ لهي وڃو. پوءِ جڏهن توهان وٽ منهنجي طرفان ڪا هدايت اچي ته پوءِ جيڪي منهنجي هدايت تي هلندا تن کي نه ڪو ڊپ هوندو ۽ نه اهي غمگين رهندا(۳۸) پر جيڪي انڪار ڪندا ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو چوندا ته اهي دوزخي آهن. اهي ان ۾ هميشه رهندا(۳۹)[4] اي يعقوب جي اولاد (بني اسرائيل)! منهنجو اهو احسان ياد ڪريو جيڪو مون اوهان تي ڪيو ۽ مون سان ڪيل انجام پاڙيو ته آءٌ به توهان سان ڪيل انجام پاڙيان ۽ صرف مون کان ئي ڊڄو(٤۰) ۽ محمد (ﷺ) تي جيڪو قرآن لاٿو ويو آهي جيڪو اوهان وٽ موجود توريت جي تصديق ڪندڙ آهي ان تي

ايمان آڻيو ۽ ان جا پهريان منڪر نہ ٿيو ۽ منهنجي آيتن جي بدلي دنيا جو معمولي ملهہ نہ وڻو ۽ مون کان ئي ڊڄو(٤١) ۽ حق (سچ) کي باطل (ڪوڙ) سان نہ ملايو ۽ اوهان جاڻ هوندي حق کي نہ لڪايو(٤٢) ۽ نماز ادا ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪريو(٤٣) ڇا توهان ماڻهن کي تہ چڱائي جو حڪم ڏيو ٿا پر پاڻ کي وساريوٿا، حالانڪ توهان ڪتاب (توريت) پڙهو ٿا، پوءِ ڇو نٿا سمجهو(٤٤) ۽ صبر ۽ نماز وسيلي مدد وڻو ۽ بيشڪ اها ڳالهہ عاجزي سان جهڪندڙن کان سواءِ ٻين کي ضرور ڏکي لڳندي آهي (٤٥) اهي عاجزي ڪندڙ جن کي يقين آهي تہ انهن کي پنهنجي پالڻهار سان ملڻو آهي ۽ کين ان جي ئي طرف موٽڻو آهي(٤٦)[5] اي يعقوب جي اولاد (بني اسرائيل)! منهنجون اهي نعمتون ياد ڪريو جيڪي مون اوهان تي ڪيون جو توهان کي جهان وارن تي فضيلت ڏنم(٤٧) ۽ ان ڏينهن جي عذاب کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪوبہ شخص ٻئي کان ڪجهہ ٽاري نہ سگهندو ۽ نہ وري کا سفارش قبول ڪئي ويندي ۽ ڇڏڻ لاءِ نہ ڪو عيوضو ورتو ويندو ۽ نہ انهن جي مدد ٿيندي(٤٨) ۽ هي ڳڙ بہ ياد ڪريو جڏهن اسان اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏايوسين جيڪي توهان کي نهايت گهٽو ايذائيندا هيا، توهان جي پٽن کي ڪُهندا هئا ۽ توهان جي ڏيئرن کي زندهہ ڇڏيندا هئا ۽ ان ۾ توهان تي توهان جي پالڻهار طرفان وڏي آزمائش هئي (٤٩) ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان کي فرعون کان بچائڻ لاءِ توهان جي لاءِ درياء کي چيريوسين ۽ اوهان کي ٻڏڻ کان بچايوسين ۽ فرعون وارن کي ٻوڙيوسين ۽ توهان ڏسندا رهيا(٥٠) ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان موسيٰ سان چاليهن راتين جو واعدو ڪيو هو پوءِ ان جي وڇوٽي توهان گابي کي معبود ڪري ورتو ۽ اوهان اهو وڏو ظلم ڪري ڇڏيو(٥١) ان کان پوءِ بہ اسان اوهان کي معاف ڪيو تہ مَن توهان احسان مڃو(٥٢) ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان موسيٰ کي ڪتاب عطا ڪيو ۽ حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ جي سمجهہ ڏني تہ جيئن اوهان هدايت وارا ٿيو(٥٣) ۽ ياد ڪريو جڏهن موسيٰ موٽي اچي پنهنجي قوم کي چيو تہ اي منهنجي قوم! اوهان گابي کي معبود ٺاهڻ ڪري پاڻ تي ظلم ڪيو آهي سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن رجوع ڪريو ۽ ڪفاري طور پنهنجي جانين کي قتل ڪريو اهو عمل توهان جي لاءِ توهان جي پالڻهار وٽ تمام

پلو آهي، پوءِ ان (الله) توهان تي ٻاجهه ڪئي، بيشڪ اهوئي معافي ڏيندڙ مهربان آهي(٥٤) ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان چيوتہ اي موسيٰ، جيستائين اسان الله کي ظاهرظهور نہ ڏسون توتي هرگز يقين نہ ڪنداسين، پوءِ ان سبب اوهان تي وڄ اچي ڪڙڪي ۽ اوهان ڏسندا رهيا(٥٥) پوءِ اسان اوهان جي مرڻ کان پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيوسين تہ مَن احسان مڃو(٥٦) ۽ رڻ پٽ ۾ اوهان تي ڪڪر جي ڇانوَ ڪئيسين ۽ توهان تي مَن ۽ سلويٰ جي غذا لاٿيسين تہ جيڪي توهان کي پاڪ شين مان رزق ڏنوسين سو کائو ۽ ناشڪري ڪري انهن اسان جو ڪجهہ نہ بگاڙيو پر پنهنجين ئي جانين تي ظلم ڪيائون (٥٧) ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان چيو تہ هن ڳوٺ کي فتح ڪري رهڻ لاءِ ويجو ۽ پوءِ ان ۾ جتي وڻيوَ مزي سان کائو ۽ دروازي مان سجدي وانگر نوڙي داخل ٿيو ۽ اسان ڏوهي اسان ڏوهي چئو يعني اي الله! اسان جا ڏوهہ بخش ڪر تہ اسان اوهان جا گناهہ بخشي ڇڏينداسين ۽ نيڪي ڪندڙن کي وڌيڪ اجر ڏينداسين(٥٨) پر اوهان مان جيڪي ظالم ۽ شرارتي هيا انهن کي جيڪا ڳالهہ چئي وئي هئي ان کي مٽائي ٻي ڳالهہ ڪيائون، پوءِ هن ڪري جو اهي بي فرماني ڪندا هيا انهن تي آسمان کان عذاب لاٿوسين (٥٩)[6] ۽ ياد ڪريو جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي لاءِ دعا گهري تہ اسان کيس حڪم ڪيو تہ پٿر تي پنهنجي لٺ هڻ، پوءِ ان مان ٻارهن چشما ڦٽي نڪتا، هر قبيلي پنهنجي پاڻي جو گهيڙ سڃاڻي ورتو چيوسين تہ الله جي ڏنل رزق مان خوب کائو ۽ پيئو ۽ زمين ۾ فسادي ٿي ڏڦيڙ نہ وجهو(٦٠) ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان چيوتہ اي موسيٰ، اسان کان تہ هڪ قسم جي کاڌي تي هرگز صبر نہ ٿيندو سو تون پنهنجي پالڻهار کان دعا گهر تہ زمين جيڪو ساڳ ۽ ونگا ۽ ڪڪڙ ۽ مَهري جي دال ۽ بصر جمائيندي آهي سي اسان لاءِ پيدا ڪري، موسيٰ چيو تہ ڇا! پلي شي جي بدلي گهٽ شي گهرو ٿا،چڱو، مصريا شهر ڏانهن وڃو جيڪي گهرو ٿا اوهان کي اهي شيون اتي ملنديون، پوءِ انهن تي خواري ۽ سُڃائي جي مار پئي ۽ الله جي ڏمر هيٺ موٽيا، اهو هن ڪري جو اهي الله جي حڪمن جو انڪار ڪندا هيا ۽ نبين کي ناحق شهيد ڪندا هئا، اهو هن ڪري هيو جو اهي بي فرمان ٿيا ۽ حد کان لنگهندڙ هيا(٦١)[7] بيشڪ جن ماڻهن محمد (ﷺ) تي ايمان آندو ۽ يهودين ۽

نصارن ۾ ستارا پوڄيندڙن مان جن سچيءَ دل سان الله ۾ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۾ چگّا ڪم ڪيا. تن لاءِ سندن پالٹهار وٽ انهن جو اجر آهي. انهن لاءِ نہ ڪو ڊپ آهي ۾ نہ اهي غمگين ٿيندا(٦٢) ۾ ياد ڪريو جڏهن اوهان کان توريت کي مڃڻ جو واعدو ورتوسين ۾ توهان جي مٿان طور جبل کي کڙو ڪيوسين. ۾ چيوسين تہ اوهان کي جيڪو توريت ڏنو ويو آهي ان تي پختا ٿي قائم رهو ۾ جيڪو ان ۾ آهي سو ياد ڪريو تہ مَن توهان پرهيزگار ٿيو(٦٣) توهان ان کان پوءِ وري ڦري ويا. پر جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۾ ان جي ٻاجهہ نہ ٿئي ها تہ اوهان ضرور نقصان وارن مان ٿيو ها(٦٤) ۾ بيشڪ توهان کي معلوم آهي تہ جيڪي اوهان مان ڇنڇر جي ڏينهن بابت حد کان لنگهيا تہ انهن کي چيوسين تہ ڦٽڪاريل باندر ٿي وڃو(٦٥) پوءِ اسان ان قصي کي ڳوٺ جي آس پاس وارن ۾ انهن جي پوين لاءِ عبرت. ۾ پرهيزگارن جي لاءِ نصيحت ڪيوسين(٦٦) ۾ ياد ڪريو جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ الله توهان کي هڪ ڳئون ڪهڻ جو حڪم ڪري ٿو چيائون تہ ڇا تون اسان سان ٹوڀڪ ڪرين ٿو موسيٰ چيو تہ آءٌ الله کان پناهہ ٿو گهران جو مسخري ڪري جاهلن مان ٿيان(٦٧) چيائون تہ پنهنجي پالٹهار کان اسان لاءِ دعا گهر تہ اسان لاءِ چٽائي ڪري تہ اها ڳئون ڪهڙي قسم جي هجي موسيٰ چيو تہ الله فرمائي ٿوتہ اها هڪ اهڙي ڳئون هجي جيڪا نہ پوڙهي هجي ۾ نہ گابي (جوان) هجي. بلڪ انهن جي وچ۾ وچڑي هجي. پوءِ جنهن جو اوهان کي حڪم ڏجي ٿو سو ڪريو(٦٨) چيائون تہ پنهنجي پالٹهار کان اسان لاءِ دعا گهرتہ اسان لاءِ چٽائي ڪري تہ ان جو رنگ ڪهڙو هجي. موسيٰ چيو تہ اهو فرمائي ٿوتہ اها ڳئون ڪڙي (هيڊي) رنگ جي هجي. ان جو سونهري رنگ ڏسندڙن کي وٹي (٦٩) چيائون تہ پنهنجي پالٹهار کان اسان لاءِ دعا گهر تہ اسان لاءِ صاف چٽائي ڪري تہ اها ڳئون ڪهڙي آرين پارين هجي. ڇوتہ ڏيگيون اسان وٽ هڪجهڙيون آهن. ۾ الله گهريو تہ بلاشڪ اسان ضرور سمجهي ويندا سين(٧٠) موسيٰ چيو تہ الله فرمائي ٿوتہ اها ڳئون نہ وهو هجي جو زمين کيڙي ۾ نہ پوک (کيتي) کي پاڻي پياري. بي عيب هجي جنهن ۾ ڪو داغ نہ هجي. چيائون تہ هاڻي پورا پار ڏنا اٿئي. پوءِ ان کي ڳُنائون پر ائين ڪرڻ لاءِ تيار نہ هيا(٧١)[8] ۾ ياد ڪريو جڏهن

توهان هڪ شخص کي قتل ڪيو ۽ قاتل بابت تڪرار ٿي ڪيوَ ۽ جيڪي توهان لڪائي رهيا هئا الله کي اهو ظاهر ڪرڻو هو (٧٢) پوءِ چيوسين ته ان قتل ڪيل جي لاش کي هن ڏِجَيءَ جي گوشت جو هڪ ٽڪرو هڻو الله اهڙي طرح مئل جيارينڊو آهي ۽ اوهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکارينڊو آهي ته مَن اوهان سمجهو(٧٣) ان واقعي کان پوءِ وري به اوهان جون دليون سخت ٿي ويون، سخت جڙ ته اهي پٿرهجن، بلڪ ان کان به وڌيڪ سخت، ۽ پٿرن مان ڪي اهڙا آهن جن مان ندیون وهي نڪرنديون آهن ۽ ڪي اهڙا آهن جيڪي ڦاٽي پوندا آهن ته انهن مان پاڻي نڪرندو آهي ۽ ڪي الله جي خوف کان هيٺ ڪري پوندا آهن، ياد رکو جيڪي ڪندا آهيو الله ان کان بي خبر نه آهي(٧٤) اي مسلمانو! پوءِ به اوهان کي اهو آسرو آهي ڇا ته يهودي اوهان تي يقين ڪري ايمان آڻيندا، جڏهن ته انهن مان هڪ گروهه اهڙو آهي جيڪي الله جو ڪلام ٻڌندا آهن ۽ وري سمجهڻ کان پوءِ ان کي ڄاڻي واڻي بدلائي ڇڏيندا آهن(٧٥) ۽ جڏهن مومنن سان ملندا آهن ته چوندا آهن ته اسان ايمان آندوآهي ۽ جڏهن پاڻ ۾ اڪيلا ٿيندا آهن ته چوندا آهن ته الله اوهان کي جيڪو توريت جو علم ڏنو آهي اهو مسلمانن کي چو ٻڌائيندا آهيو، ڇا انهيءَ لاءِ ته جيئن ان سان توهان جي پالڻهار وٽ اوهان تي حجت ونڊندا رهن، پوءِ توهان چو نٿا سمجهو(٧٦) نه ڄاڻندا آهن ڇا ته جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن، سو الله ڄاڻندڙ آهي(٧٧) ۽ انهن يهودين مان ڪي اڻ پڙهيل آهن جيڪي ڪتاب (توريت) کي ڪوڙن خيالن کان سواءِ ڪجهه نه ڄاڻندا آهن ۽ رڳو ڏُکا هڻندا آهن(٧٨) سو جيڪي پنهنجو هٿرادو ڪتاب لکندا آهن انهن لاءِ تباهي آهي، وري چوندا آهن ته هي الله وٽان آيو آهي ته جيئن ان جي عيوض ٿورو ملهه وڻي سگهن، سو سندن هٿن جي لکيل مان انهن لاءِ تباهي آهي ۽ ان مان جيڪا ڪمائي ڪندا آهن ان مان به انهن لاءِ تباهي آهي (٧٩) ۽ يهودي چون ٿاته اسان کي ڪٽيل ڏينهن کان سواءِ دوزخ جي باهه نه ڇُهندي، اي پيغمبر! پڇين ته توهان الله کان اهڙو واعدو وٺي ڇڏيو آهي ڇا، ته پوءِ الله هرگز پنهنجي واعدي کان نه ڦرندو يا الله تي اهڙي ڳالهه ڇئو ٿا جنهن جو اوهان کي علم نه آهي(٨٠) هرگز نه، جن بڇڙائي ڪمائي ۽ سندن بڇڙائي کين ويڙهي وئي، سي دوزخي آهن، اهي ان ۾ سدائين

رهندا (٨١) ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي جنتي آهن. اهي ان ۾ هميشه رهندا(٨٢)[9] ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان بني اسرائيل کان واعدو ورتو ته اوهان الله کان سواءِ ٻئي جي عبادت نه ڪندو ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪندو ۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن سان پڻ ڀلائي ڪندو ۽ ماڻهن سان سهڻي نموني سان ڳالهائيندو ۽ نماز ادا ڪندو ۽ زڪوات ڏيندو. پوءِ توهان مان ٿورن کان سواءِ سڀ واعدي کان ڦري ويا ۽ توهان منهن موڙيندڙ آهيو (٨٣) ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان اوهان کان پڪو واعدو ورتو هو ته پاڻ ۾ رتوڇاڻ نه ڪندو ۽ پنهنجن ماڻهن کي سندن ڳوٺن مان ٻاهر نه ڪيندو. پوءِ اوهان ان جو اقرار ڪيو ۽ هاڻي به توهان ن جا شاهد آهيو(٨٤) پوءِ توهان اهي ئي آهيو جو پنهنجن کي قتل ڪريو ٿا ۽ پنهنجن مان ئي هڪ گروهه کي سندن وطن مان ڪڍو ٿا. انهن تي ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ ۾ هڪٻئي جي مدد ڪريو ٿا. ۽ جڏهن اهي اوهان وٽ قيدي ٿي اچن ٿا ته بدلو ڏيئي کين آزاد ڪرايو ٿا. جڏهن ته انهن کي سندن گهرن مان ڪڍڻ توهان تي حرام هو جو توهان انهن کي جلاوطن ڪيو. پوءِ چا پنهنجي مطلب لاءِ ڪتاب (توريت) جي ڪن حڪمن کي مڃو ٿا ۽ ڪن جو انڪار ڪريو ٿا. پوءِ جيڪو توهان مان ائين ڪري ٿو ته دنيا جي حياتي ۾ ان جي سزا خواري کان سواءِ ٻي ڪانه آهي ۽ قيامت جي ڏينهن نهايت سخت عذاب ڏانهن موٽايا ويندا. ۽ الله اوهان جي ڪرتوتن کان بي خبر نه آهي(٨٥) اِهي اُهي آهن جن آخرت جي بدلي دنيا جي زندگي خريد ڪئي. سو نه انهن تان عذاب هلڪو ٿيندو ۽ نه انهن کي ڪا مدد ملندي (٨٦)[10] ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب (توريت) ڏنوسين ۽ ان کان پوءِ هڪٻئي پٺيان ٻيا رسول موڪلياسين ۽ عيسيٰ بن مريم کي پڌرا معجزا ڏناسين ۽ ان جي پاڪ روح (جبرائيل) سان مدد ڪئيسين. پوءِ جڏهن توهان وٽ ڪو رسول اهي حڪم ڪٽي آيو جيڪي توهان جي دلين کي پسند نٿي آيا ته مڃڻ کان وڏائي ڪيوَ پوءِ انهن نبين مان هڪ گروهه کي اوهان کوڙو چيو ۽ هڪ گروهه کي قتل ڪيو(٨٧) ۽ يهودي چون ٿاته اسان جي دلين تي پردا پيل آهن. نه. پر الله انهن تي سندن ڪفر سببان لعنت ڪئي آهي. سو انهن مان رڳو ٿورا ايمان آڻيندا(٨٨) ۽ جڏهن انهن وٽ الله جو ڪتاب (قرآن) آيو جيڪو وٽن اڳ موجود ڪتاب (توريت)

جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ ان کان اڳ اُهي انهيءَ جي وسيلي ڪافرن تي فتح جون دعائون ٻہ گهرندا هئا. پوءِ جڏهن وٽن اهو آيو جنهن کي سڃاتائون تہ حسد کان ان جو انڪار ڪيائون. پوءِ انڪار ڪندڙن تي الله جي لعنت آهي (٨٩) جنهن تي پاڻ کي وڪيائون اهو بيڙو سودو آهي جو الله جي نازل ڪيل ڪتاب (قرآن) کان هن ساڙ ڪري انڪار ڪيائون تہ الله پنهنجي فضل سان پنهنجي جنهن ٻانهي تي وڻيس ڪتاب نازل ڪري ٿو. پوءِ الله جو ڏمر مٿان ڏمر ڪنيائون ۽ ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي(٩٠) ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ الله جيڪو قرآن نازل ڪيو آهي ان تي ايمان آڻيو تہ چوندا آهن تہ جيڪو توريت اسان تي نازل ٿيل آهي ان کي مڃيندا آهيون ۽ ان کان پوءِ آيل ڪتاب کان انڪار ڪن ٿا. جڏهن تہ اهو قرآن سچو آهي ۽ جيڪو توريت انهن وٽ موجود آهي ان جي تصديق ڪندڙ آهي. اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن اوهان جو پنهنجي ڪتاب تي ايمان هوتہ پوءِ اڳين نبين کي ڇو قتل ڪندا هيا (٩١) ۽ بيشڪ موسيٰ اوهان وٽ سچائي جي روشن دليلن سان آيو پوءِ ان جي پرپٺ توهان گابي کي معبود بڻايو ۽ توهان ظالم آهيو (٩٢) ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان اوهان کان توريت کي مڃڻ جو واعدو ورتو ۽ توهان جي مٿان طور جبل بُلند ڪيوسين: ۽ چيوسين تہ اوهان کي جيڪو ڪتاب (توريت) ڏنو و يو آهي ان کي مضبوطيءَ سان وٺو ۽ ان تي ڌيان ڏريو: چيائون تہ اسان ٻڌو پر دل سان ڪونہ مڃيائون ۽ انهن جي دلين ۾ سنڊن ڪفر جي ڪري گابي جي محبت پکي ٿي وئي هئي. اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن توريت جا مڃيندڙ آهيو تہ اوهان جو ايمان اوهان کي جنهن شي جو حڪم ڪري ٿو سا بيڙي آهي (٩٣) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن آخرت جو گهر (بهشت) الله وٽ ٻين ماڻهن کان سواءِ خلاصو اوهان لاءِ آهي ۽ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ پوءِ موت جي تمنا ڪري ڏسو (٩٤) ۽ انهن براين جي ڪري جيڪي سنڊن هٿن اڳتي موڪليون آهن ڪڏهن ٻہ موت جي تمنا نہ ڪندا ۽ الله ظالمن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي(٩٥) ۽ اي پيغمبر! انهن يهودين کي جيئڻ (حياتي) تي سيني مشرڪن کان وڌيڪ حرص ڪندڙ لهندين. انهن مان هرهڪ جي تمنا آهي تہ جيڪر ڪيس هزار سال جي عمر ملي پر ڏڪهي حياتي ٻہ ان کي

عذاب کان بچائي نٿي سگھي، جيڪي ڪندا آهن الله تنهن کي ڏسندڙ آهي(٩٦)[11] اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪو جبرائيل جو دشمن آهي اهو الله جو ويري آهي ڇوتہ ان (جبرائيل) الله جي حڪم سان تنهن جي دل تي هي قرآن لاٽو آهي جيڪو اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ مومنن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي (٩٧) جيڪو الله ۽ ان جي رسولن ۽ جبرائيل ۽ ميڪائيل جو دشمن آهي تہ بيشڪ الله بہ اهڙن ڪافرن جو دشمن آهي(٩٨) اي پيغمبر! بيشڪ اسان تنهنجي طرف سڃاڻي جا روشن دليل (آيتون) نازل ڪيا آهن ۽ بي فرمانن کان سواءِ ڪير بہ انهن جو منڪر نہ ٿيندو (٩٩) ۽ جڏهن بہ هنن يهودين کو انجام ڪيو تہ انهن مان هڪ گروهہ ان جي ڀڃڪڙي ڪئي، حقيقت ۾ انهن مان گهڻا يقين نہ ڪندا آهن (١٠٠) ۽ جڏهن انهن وٽ الله جي طرفان اهو رسول آيو جيڪو انهن وٽ موجود ڪتاب (توريت) جي تصديق ڪندڙ آهي تہ جن کي توريت ڪتاب ڏنو ويو هو انهن مان هڪ گروهہ الله جي ڪتاب کي پنهنجي پٺيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيو جڙ تہ کين ڪا ڄاڻ ئي ڪانہ آهي (١٠١) ۽ يهودين توريت جي پيروي ڇڏي ان باطل عمل جي پيروي ڪئي جيڪو سليمان جي بادشاهي جي زماني ۾ شيطان (شرير ماڻهو) پڙهندا هئا، ۽ سليمان ڪڏهن بہ جادو ڪرڻ جو ڪفر نہ ڪيو هو پر شيطانن ڪفر ڪيو جو ماڻهن کي جادو سيکارينداهيا، ۽ انهن اسماء الاهيہ جي پڻ بيجا ڪيڙ لڳا جيڪي بابل ۾ بن ملائڪن هاروت ۽ ماروت تي لٿا هيا؛ ۽ اهي ٻئي انهن عملن مان ڪنهن کي ايستائين ڪونہ سيکارينداهئا جيستائين جو انهن کي اهو نہ چون تہ اسان تہ اوهان لاءِ آزمائش آهيون، تنهنڪري ان کي غلط استعمال ڪري پنهنجو ايمان نہ وڃائجو، پوءِ انهن کان اهو سکندا هئا جنهن سان مڙس ۽ سندس زال جي وچ ۾ جدائي وجهندا هيا ۽ اهي ان سان الله جي حڪم کان سواءِ ڪنهن کي بہ نقصان پهچائي نہ سگهندا هيا، ۽ اهو سکندا هيا جيڪو کين نقصان پهچائي ۽ نفعو نہ ڏئي ۽ بيشڪ انهن کي معلوم هيو تہ جنهن بہ اهو سودو ڪيو آخرت ۾ ان جو ڪو حصو ڪونہ آهي؛ جنهن سان پاڻ کي وڪيائون سا ضرور بيڪڙي شي آهي، جيڪر اهي ڄاڻن ها تہ پاڻ پلين ها (١٠٢) ۽ جيڪڏهن اهي يهودي ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار ٿين ها تہ الله وٽان ضرور نهايت ڀلو اجر ملين ها،

جيڪر اهي جاڻن ها(١٠٣)[12] اي ايمان وارو! پيغمبر کي عرض ڪرڻ مهل "راعنا" جو لفظ نہ چئو بلڪ "انظرنا" جو لفظ (يعني آقا اسان تي نظر رکو) چئو ۽ پهريان کان ئي غور سان ٻڌو ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي(١٠٤) اهل ڪتاب وارن مان ڪافر ۽ ٻيا مشرڪ نٿا گهرن تہ توهان تي توهان جي پالڻهار طرفان ڪا ڀلائي لهي. پر الله جنهن کي وٽيس پنهنجي ٻاجهہ سان چونڊيندو آهي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي(١٠٥) اسان جڏهن ڪا آيت بدلائيندا آهيون يا ان کي وسارائي ڇڏيندا آهيون تہ ان کان ڀلي يا ان جهڙي نازل ڪندا آهيون. ڇا توهان کي خبر نہ آهي تہ الله هر شي تي وس وارو آهي(١٠٦) ڇا توهان کي خبر نہ آهي تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي ۽ الله کان سواءِ توهان جو نہ ڪو دوست ۽ نہ مددگار آهي (١٠٧) اي مسلمانو! اوهان پنهنجي رسول کان اهڙي طرح سوال ڪرڻ چو ٿا گهرو جيئن اڳ يهودين موسيٰ کان سوال ڪيا هيا ۽ جيڪو ايمان کي ڪفر سان مٽائيندو تہ اهو سڌي رستي کان ڀٽڪي ويو(١٠٨) ڪتاب وارن مان گهڻا ان کان پوءِ ہ جو حق انهن تي چڱيءَ طرح ظاهر ٿي چڪو آهي پنهنجي دلين جي ساڙ کان گهرندا آهن تہ جيڪر اوهان کي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڏانهن موٽائين. سو ايستائين اوهان ٽاري ڇڏيو ۽ مُڙي وڃو جيستائين الله پنهنجو فيصلو ظاهر ڪري. بيشڪ الله هر شي تي وس وارو آهي (١٠٩) ۽ اي مسلمانو! نماز ادا ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ اوهان پنهنجي لاءِ جيڪا چڱائي اڳتي موڪليندو سا الله وٽ لهندو. اوهان جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي الله ڏسندڙ آهي (١١٠) ۽ اهي چون ٿا تہ بهشت ۾ يهودين ۽ نصارن کان سواءِ ڪير ہ داخل نہ ٿيندو اهو سندن خيال آهي. اي پيغمبر! کين چئوتہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ پنهنجو دليل آڻيو (١١١) ائين ناهي. پر جنهن الله جي لاءِ پنهنجو منهن جهُڪايو ۽ اهو چڱائي ڪندڙ هوندو تہ ان لاءِ سندس پالڻهار وٽ سندس اجر آهي ۽ ان کي نہ ڪو ڊپ رهندو ۽ نہ اهو غمگين ٿيندو (١١٢)[13] ۽ يهودي چون ٿاتہ نصارا ڪنهن دين تي نہ آهن. ۽ نصارا چون ٿاتہ يهودي ڪنهن دين تي نہ آهن. حالانڪ اهي ساڳيو ڪتاب پڙهندا آهن. اهڙي طرح اڻ ڄاڻ ماڻهو ہ انهن جهڙي ڳالهہ چوندا آهن. پر جنهن ڳالهہ بابت جهڳڙو ڪندا آهن الله انهن جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن ان جو فيصلو

ڪندو (١١٣) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله جي مسجدن ۾ الله جي نالي وٺڻ کان ٻين کي روڪي ٿو ۽ انهن جي ويران ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو انهن کي ته ڊڄندڙ هجڻ کان سواءِ مسجدن ۾ داخل ٿيڻ نه سونهندو هو. انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ وڏو عذاب آهي (١١٤) ۽ اوير ۽ اولهه الله جو ئي آهي سو توهان جيڏانهن به منهن ڪريو اوڏانهن الله جي ذات آهي. بيشڪ الله ڪشادگيءَ وارو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (١١٥) ۽ عيسائي چون ٿاته الله پنهنجي لاءِ پٽ ورتو آهي پر اهو ته اولاد کان پاڪ آهي. بلڪ جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي سو سندس ملڪيت آهي. سڀ ان جا فرمانبردار آهن (١١٦) اهوآسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي ۽ جڏهن ڪنهن ڳالهه (ڪم) جو فيصلو ڪندو آهي ته رڳو چوندو آهي "ٿي"، ته بنا دير جي ٿي پوندو آهي (١١٧) ۽ جيڪي نه ڄاڻندا آهن سي چوندا آهن ته الله اسان سان ڏو ڇو نه ڳالهائيندو آهي يا اسان وٽ ڪا نشاني ڇو نه ايندي آهي. انهن کان اڳين به اهڙي طرح انهن جهڙي ڳالهه چئي هئي. انهن جون دليون هڪجهڙيون آهن. بيشڪ اسان ويساهه ڪرڻ وارن لاءِ نشانيون بيان ڪري ڇڏيون آهن (١١٨) اي پيغمبر! بيشڪ اسان توکي حق سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ توکان دوزخين بابت سوال ڪونه ٿيندو(١١٩) ۽ يهودي ۽ نصارا توکان ايستائين هرگز راضي نه ٿيندا جيستائين تون انهن جي دين جي پيروي نه ڪرين. ڪين چئو ته الله جي هدايت ئي هدايت جي راهه آهي. اي پيغمبر! ڄاڻ حاصل ٿيڻ بعد به جيڪڏهن تون انهن جي خواهش جي پيروي ڪندين ته توکي الله کان ڪير بچائڻ وارو نه هوندو ۽ نه ڪو مددگار ٿيندو(١٢٠) جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي. اُهي ان کي ائين پڙهندا آهن جيئن ان کي پڙهڻ جو حق آهي. اهي ان کي مڃيندا آهن. ۽ جيڪي ان جا منڪر ٿيندا ته اهي ئي نقصان وارا آهن (١٢١)[14] اي يعقوب جي اولاد (بني اسرائيل)! منهنجون نعمتون ياد ڪريو جيڪي مون اوهان تي ڪيون ۽ مون اوهان کي ان زماني جي مڙني ماڻهن تي فضيلت ڏني (١٢٢) ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪوبه شخص ٻئي کان ڪجهه ٽاري نه سگهندو ۽ نه ڪنهن کان ڪو بدلو قبول ڪبو ۽ نه ڪنهن کي ڪا سفارش نفعو ڏيندي ۽ نه انهن

جي کا مدد ٿيندي (۱۲۳) ۽ ياد رکو ته جڏهن ابراهيم کي سندس پالڻهار کن ڳالهين سان آزمايو ته انهيءَ اهي پوريون ڪري ڏيکاريون. پوءِ الله چيو ته آءُ توکي ماڻهن جو امام مقرر ڪرڻ وارو آهيان. تڏهن ابراهيم چيو ته منهنجي اولاد مان به امام ڪندين. الله چيو ته منهنجو اهو انجام ظالمن کي نه پهچندو (۱۲٤) ۽ ياد ڪريو ته اسان هن گهر (ڪعبت الله) کي ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو ماڳ ۽ امانَ جو هنڌ مقرر ڪيوسين ۽ حڪم ڪيوسين ته ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي نماز پڙهڻ جي جاءِ مقرر ڪري ونو ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل کي تاڪيد ڪيوته منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ۽ سجدو ڪندڙن لاءِ چڱيءَ طرح پاڪ ڪري رکو(۱۲۵) ۽ جڏهن ابراهيم دعا گهري ته اي منهنجا پالڻهار! هن شهر مڪي کي امن جو هنڌ ڪر ۽ هن ۾ رهندڙن مان انهن کي جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکن قِسم قِسم جي ميون مان روزي ڏي. الله چيو ته هائو جنهن ڪفر ڪيو ان کي به ٿورو دنيا جو نفعو ڏيندس. پوءِ ان کي باهه جي عذاب ڏانهن ڇڪي آڻيندس ۽ اها بيڄڙي جاءِ آهي (۱۲٦) ۽ جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل بيت الله جا بنياد اوساري ڪندي بلند ٿي ڪيا ته هي چوندا هيا ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کان هي خدمت قبول ڪر. بيشڪ تون ئي دعا ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهين (۱۲۷) اي اسان جا پالڻهار! اسان کي پنهنجو فرمانبردار ڪر. ۽ اسان جي اولاد مان به هڪ جماعت کي پنهنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان کي اسان جي عبادت جا قائدا سيکار ۽ اسان جا قصور معاف ڪر. بيشڪ تون ئي معاف ڪندڙ مهربان آهين (۱۲۸) اي اسان جا پالڻهار! انهن ۾ انهن مان ئي هڪ وڏي شان وارو رسول موڪلجان جيڪو انهن کي تنهنجون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ کين ڪتاب جو علم ۽ دانائي سيکاري ۽ انهن کي چڱيءَ طرح سُڌاري. بيشڪ تون ئي زبردست حڪمت وارو آهين (۱۲۹)[15] پوءِ جنهن پاڻ کي بي سمجهه بڻايو ان کان سواءِ ٻيو ڪير ابراهيم جي دين کان منهن موڙيندو ۽ بيشڪ اسان ان (ابراهيم) کي دنيا ۾ چونڊيو هو ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ به اسان جي خاص پلارن ٻانهن مان آهي (۱۳۰) جڏهن ان کي سندس پالڻهار چيو ته منهنجا حڪم مڃ ته چيائين ته مون جهانن جي پالڻهار جا سڀ حڪم مڃيا (۱۳۱) ۽ ابراهيم ۽ يعقوب پنهنجي اولاد کي ان ڳالهه

جي وصيت ڪئي تہ اي اسان جي اولاد! بيشڪ الله اوهان لاءِ هي دين پسند ڪيو آهي، پوءِ خبردار! اوهان مسلمان هجڻ کان سواءِ نہ مرجو(۱۳۲) اي ڪتاب وارو! توهان مان ڪي اتي موجود هئا ڇا جنهن وقت يعقوب کي موت ويجهو ٿيو جو ان پنهنجن پٽن کان پڇيو تہ مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندو ڇيائون تہ اسان تنهنجي معبود (الله) ۽ تنهنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق جي معبود (الله) جي عبادت ڪنداسين، جيڪو اڪيلو معبود آهي، ۽ اسان ان جي ئي آڏو ڪنڈ جهڪائيندڙ آهيون (۱۳۳) اها هڪ امت هئي جيڪا گذري وئي انهن لاءِ اهو آهي جيڪي انهن ڪمايو ۽ اوهان لاءِ اهو آهي جيڪي اوهان ڪمايو ۽ انهن جي عملن جي اوهان کان پڇا ڪانہ ٿيندي (۱۳٤) ۽ ڪتاب وارا مسلمانن کي چون ٿا تہ يهودي ۽ نصارا ٿيو تہ سڌو رستو لهندو، اي پيغمبر! کين چئو تہ اسان تہ ابراهيم جي دين تي آهيون جيڪو هر باطل کان جدا هيو ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو(۱۳۵) مسلمانو! هيئن چئو تہ اسان الله تي ايمان آندو آهي ۽ ان قرآن تي ايمان آندو آهي جيڪو اسان ڏي نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي صحيفا ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ ان (يعقوب) جي اولاد ڏانهن نازل ڪيا ويا ۽ جيڪي موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڏنو ويو ۽ جيڪي ٻين نبين کي سندن پالڻهار کان مليو، اسان انهن مان ڪنهن تي ايمان آڻڻ ۾ ڪو فرق نٿا ڪريون ۽ اسان الله جا فرمانبردار ٻانها آهيون (۱۳٦) پوءِ جيڪڏهن اهي ائين ايمان آڻين جيئن اوهان ايمان آندو آهي تہ پوءِ تحقيق هدايت وارا ٿيندا ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرينداتہ اهي نسوري ضد ۾ هوندا، پوءِ اي محبوب! توکي انهن جي شر کان الله جي مدد ڪافي ٿيندي ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۱۳۷) چئو تہ الله اسان کي پنهنجي دين جي رنگ سان رڱيو آهي ۽ الله کان بهتر رنگ ڏيڻ وارو ڪير آهي ۽ اسان ان جي ئي عبادت ڪندڙ آهيون (۱۳۸) اي پيغمبر! کين چئو تہ ڇا الله جي دين بابت اسان سان جهڳڙو ڪريو ٿا، جڏهن تہ اهو اسان جو پالڻهار ۽ اوهان جو به پالڻهار آهي، اسان لاءِ اسان جا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا عمل آهن ۽ اسان فقط ان الله جا ئي سچا ٻانها آهيون (۱۳۹) ڇا توهان هيئن چئو ٿا تہ ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد يهودي يا نصارا هئا، اي پيغمبر! کين چئو تہ ڇا توهان کي وڌيڪ ڄاڻ آهي

يا الله کي وڌيڪ علم آهي. ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ٻيو ڪير آهي جيڪو اهڙي شاهدي لڪائي جيڪا الله وٽان وٽس پهتل هجي ۽ جيڪي ڪندا آهيو الله ان کان بي خبر نہ آهي (١٤٠) اها هڪڙي امت هئي جيڪا گذري چڪي. انهن لاءِ اهو آهي جيڪو انهن ڪمايو ۽ اوهان لاءِ اهو هوندو جيڪو اوهان ڪمائيندا ۽ اهي جيڪي ڪندا هيا ان بابت اوهان کان پڇا ڪانہ ٿيندي (١٤١)[16] ماڻهن مان ڪي بي سمجهه سگهو چوندا تہ انهن مسلمانن کي سندن انهيءَ قبلي کان جنهن ڏي منهن ڪري نماز پڙهندا هيا ڪنهن ڦيرايو اي پيغمبر! کين چئو تہ اوير ۽ اولهه الله جي لاءِ آهن جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي سڌي واٽ ڏيکاريندو آهي(١٤٢) ۽ اي مسلمانو! توهان کي سيني امتن ۾ وچڙو (يلو) ڪيوسين تہ جيئن توهان دنيا ۽ آخرت ۾ ماڻهن تي سچي دين جا شاهد هجو ۽ هي رسول (محمد ﷺ) توهان تي شاهد هجي. ۽ توهان جنهن قبلي تي اڳي هيا. اهو اسان هن ڪري مقرر ڪيو هو جيئن ڏسون تہ ڪير رسول جي پيروي ڪري ٿو ۽ ڪير پوئين پيرين ڦري وڃي ٿو ۽ بيشڪ جن کي الله هدايت ڪئي انهن کان سواءِ اهو معاملو بين تي آزمائش هو ۽ الله جو اهو شان نہ آهي جو اوهان جو ايمان ضايع ڪري. ڇوتہ الله انسانن تي نهايت شفقت ڪندڙ مهربان آهي(١٤٣) اي پيغمبر! تنهنجو آسمان ڏانهن هرهرمنهن متي ڪرڻ ڏسي رهيا آهيون پوءِ جنهن قبلي کي تون پسند ڪرين ٿو اوڏانهن توکي ضرور ڦيرائينداسين. هاڻي ئي تون پنهنجو منهن تعظيم واري مسجد جي طرف ڦيراءِ ۽ اي مسلمانو! اوهان جتي بہ هجو پنهنجا منهن اوڏانهن ڦيرايو ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي اهي ضرور ڄاڻن ٿا تہ اهو ڦيرائڻ سندن پالڻهار جي طرفان بلڪل حق آهي ۽ جيڪي ڪندا آهن الله ان کان بي خبر نہ آهي (١٤٤) ۽ جيڪڏهن تون ڪتاب وارن (يهودين ۽ عيسائين) وٽ هر قسم جو دليل پيش ڪرين تہ بہ اهي تنهنجي قبلي جي پيروي نہ ڪندا ۽ نہ تون انهن جي قبلي جي پيروي ڪندڙ آهين ۽ اهي پاڻ ۾ بہ هڪبئي جي قبلي جي تابعداري ڪندڙ نہ آهن. ۽ علم اچڻ کان پوءِ جيڪڏهن توهان انهن جي خواهش تي هلندا تہ ان وقت توهان ضرور ظالمن مان ٿي پوندا(١٤٥) جن کي اسان ڪتاب (توريت) ڏنو آهي اهي هن پيغمبر کي ائين سڃاڻندا آهن جيئن پنهنجي اولاد کي سڃاڻندا

آهن تنهن هوندي به انهن مان هڪ تولو جاڻ هوندي به سچ لکائي ٿو (١٤٦) اهو قبلي جو ڦيرائڻ تنهنجي پالڻهار وٽان حق آهي. پوءِ خبردار! متان شڪ ڪرڻ وارن مان ٿيو (١٤٧)[17] ۽ سڀ کنهن جماعت لاءِ منهن ڪرڻ جو هڪ طرف (قبلو) آهي جيڪي اوڏانهن مهڙ ڪندا آهن. سو چڱاين ڏانهن اڳرائي ڪريو. اوهان ڪٿي به هجو الله اوهان سڀني کي گڏ ڪري آڻيندو. ڇوتہ الله هر شي تي وسوارو آهي(١٤٨) ۽ اي پيغمبر! جتان به نڪر ۽ ڪٿي به هجين تہ پنهنجو منهن تعظيم واري مسجد ڏانهن ڪر. ۽ بيشڪ اهو توهان جي پالڻهار جي طرف کان حق جو حڪم آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو الله ان کان بي خبر نہ آهي (١٤٩) ۽ جتان به نڪرو تہ پنهنجو منهن تعظيم واري مسجد ڏانهن ڪريو ۽ جتي به هجو تہ پنهنجا منهن ان تعظيم واري مسجد ڏانهن ڦيرايو تہ جيئن جن ظلم ڪيو انهن کان سواءِ بين ماڻهن کي توهان تي حجت نہ رهي پوءِ انهن کان نہ ڊجو پر مون (الله) کان ڊجو تہ جيئن مان پنهنجي نعمت توهان تي پوري ڪريان تہ مَن هدايت وارا ٿيو(١٥٠) اهڙي طرح توهان ۾ توهان منجهان هڪ رسول موڪليوسين جيڪو توهان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ اوهان جي دلين کي پاڪ ڪري ٿو ۽ اوهان کي ڪتاب ۽ دانائي سيکاري ٿو ۽ توهان کي اهي ڳالهيون سيکاري ٿو جن جي توهان کي جاڻ نہ هئي(١٥١) سو اوهان مون (الله) کي ياد ڪريو تہ مان اوهان جي پرچار ڪندس ۽ متهنجو حق مڃو ۽ منهنجي ناشڪري نہ ڪريو(١٥٢)[18] اي ايمان وارو! صبر ۽ نماز سان مدد ونو. بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي (١٥٣) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي واٽ ۾ ماريا وڃن تن کي مئل نہ چئو بيشڪ اهي جيئرا آهن. پر اوهان کي سمجهہ نہ آهي (١٥٤) ۽ ياد رکو اوهان کي ڪجهہ ڊپ ۽ بک سان ۽ ڪجهہ مالن ۽ جانين جي نقصان ۽ ميون جي گهٽ ڪرڻ سان ضرور آزمائينداسين. اي پيغمبر! صبر ڪرڻ وارن کي خوشخبري ٻڌاءِ (١٥٥) اهي صبر وارا جن کي جڏهن ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ چوندا آهن تہ اسان الله جا ٻانها آهيون ۽ اسان کي ان جي طرف موٽڻو آهي(١٥٦) اِهي اُهي ماڻهو آهن جن تي سندن پالڻهار طرفان مهربانيون ۽ ٻاجهہ آهي. ۽ اهي ئي سڌي واٽ وارا آهن(١٥٧) بيشڪ صفا ۽ مروه جبل الله جي نشانين مان آهن. پوءِ جيڪو ان گهر (بيت الله) جو

حج يا عمرو ڪري تہ ان تي ڪعبي جي طواف ڪرڻ ۾ انهن ٻنهي ٽڪرين جي وچ۾ ڦيرا پائڻ ۾ ڪو گناهہ نہ آهي ۾ جيڪو پاڻهين وڌيڪ چڱا ڪم ڪندو تہ الله قبول ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي(١٥٨) بيشڪ ماڻهن لاءِ ڪتاب ۾ پڌرين ڳالهين ۾ هدايتن کي بيان ڪيوسين ان کان پوءِ ب جيڪي ماڻهو انهن ڳالهين ۾ هدايت کي لڪائين ٿا انهن تي الله جي لعنت آهي ۾ لعنت ڪندڙن جي لعنت آهي(١٥٩) مگر جيڪي توبهہ ڪن ۾ پاڻ کي سُڌارين ۾ حق ظاهر ڪن تہ پوءِ انهن جي توبهہ قبول ڪندس ۾ آءُ (الله) ئي توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهيان (١٦٠) باقي اهي جن ڪفر ڪيو ۾ ڪافر ٿي مئا انهن تي الله ۾ ملائڪن ۾ سڀني ماڻهن جي لعنت آهي (١٦١) هميشهہ ان لعنت ۾ رهندا ۾ نہ انهن کان عذاب هلڪو ڪبو ۾ نہ کين مهلت ڏني ويندي (١٦٢) ۾ ياد رکو توهان جو معبود اڪيلو معبود آهي ۾ ان ٻاجهاري ۾ مهربان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي (١٦٣)[19] بيشڪ آسمانن ۾ زمين جي پيدا ڪرڻ ۾ ۾ رات ڏينهن جي ڦيرگير ۾ ۾ ٻيڙا جيڪي درياء (سمنڊ) ۾ ماڻهن کي فائدي ڏيڻ لاءِ هلندا آهن ۾ الله جيڪو آسمان مان پاڻي وسائي ٿو پوءِ ان سان غير آباد زمين کي آباد ڪري ٿو ۾ زمين ۾ جيڪي هر قسم جا جانور پکيڙيائين ۾ هوائن جي گهلڻ ۾ ۾ اهي ڪڪر جيڪي آسمان ۾ زمين جي وچ۾ حڪم جا فرمانبردار ٿيل آهن انهن سڀني ڳالهين ۾ عقلمند ماڻهن جي لاءِ ضرور نشانيون آهن (١٦٤) ۾ کي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي الله کان سواءِ ٻيا معبود بڻائيندا آهن ۾ انهن کي الله جي پيار وانگر پيارو رکندا آهن. پر جن ايمان آندو آهي اهي الله جي لاءِ گهڻي محبت رکندا آهن. ۾ جن ظلم ڪيو سي جيڪر هن ڳالهہ کي هاڻي سمجهن جو جڏهن قيامت جي ڏينهن اکين سان عذاب ڏسندا ۾ سمجهندا تہ پوري طاقت الله کي آهي ۾ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي تہ ڏاڍو پشيمان ٿيندا (١٦٥) جڏهن اڳواڻ پنهنجن پوئلڳن کان بيزاري ظاهر ڪندا ۾ عذاب کي ڏسندا ۾ انهن جا لاڳاپا ڪٽجي ويندا (١٦٦) ۾ ان وقت پوئلڳ چوندا تہ جيڪر اسان کي دنيا ۾ موٽايو وڃي تہ اسان انهن کان ائين بيزار ٿيون جيئن اهي اسان کان بيزار ٿيا آهن. اهڙي طرح الله انهن جي ڪرتوتن کي متن پشيمانيون بڻائي ڏيکارينڊو ۾ اهي دوزخ مان نڪرڻ وارا نہ آهن (١٦٧)[20] اي انسانو!

جيڪي زمين ۾ حلال پاڪ شيون آهن اهي شوق سان کائو ۽ شيطان جي پيرن تي نہ هلو بيشڪ اهو اوهان جو پڌرو دشمن آهي (١٦٨) اهوتہ اوهان کي رڳو بڇڙائيءَ ۽ بي حيائيءَ جوئي حڪم ڪري ٿو ۽ هي تہ الله جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون چئو جنهن جي اوهان کي خبر نہ آهي (١٦٩) ۽ جڏهن انهن کي چيو ويجي ٿوتہ جيڪي الله نازل ڪيو آهي ان جي پيروي تي هلو تہ چون ٿا تہ نہ، بلڪ اسان تہ انهيءَ تي هلنداسين جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺوسين، ڇا توڙي جو سندن ابا ڏاڏا ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هيا ۽ نہ وري سڌي وات تي هيا (١٧٠) ۽ ڪافرن جو مثال ان ماڻهوءَ جهڙو آهي جيڪو اهڙي شي کي سڏي جيڪا خالي دانهن ۽ سڏ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٻڌي، اهي ڪافر ٻوڑا، گونگا، انڌا آهن تنهنڪري اهي ڪجهہ بہ نٿا سمجهن (١٧١) اي ايمان وارو! جيڪي توهان کي روزي ڏنوسين ان مان پاڪ شيون کائو ۽ جيڪڏهن اوهان الله جي ئي عبادت ڪريو ٿا تہ ان الله جو شڪر ادا ڪيو (١٧٢) اوهان تي رڳو مئل ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جيڪو الله جي غير جو نالو وٺي ذبح ڪيو ويو هجي حرام ڪيا ويا آهن، پر جيڪو لاچار ٿي کائي ۽ نہ هيئن جو خواهش سان کائي ۽ ضرورت کان بہ اڳتي نہ وڌي تہ ان تي گناهہ نہ آهي، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي(١٧٣) جيڪي الله جي نازل ڪيل ڪتاب مان حق کي لڪائين ٿا ۽ انهيءَ جي بدلي خسيس ملهہ وٺندا آهن اهي پنهنجن پيٽن ۾ باهہ کان سواءِ ڪجهہ نٿا پرين ۽ الله انهن سان قيامت جي ڏينهن نہ ڳالهائيندو ۽ نہ کين گناهن کان آجو ڪندو ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٧٤) اِهي اُهي ماڻهو آهن جن هدايت جي عيوض گمراهي ۽ بخشش جي عيوض عذاب خريد ڪيو عجب آهي تہ انهن کي ڪهڙي ڳالهہ دوزخ جي باهہ تي صبر ڪرايو (١٧٥) هي انهيءَ ڪري آهي تہ الله حق سان ڪتاب (توريت) نازل ڪيو هو ۽ بيشڪ پوءِ جن ماڻهن ڪتاب ۾ اختلاف ڪيو اهي گمراهي جي وڏي ضد ۾ آهن (١٧٦)[21] ڇڪائي ڪا هيءَ نہ آهي جو اوهان پنهنجا منهن اوير يا اولهہ جي طرف ڦيرايو پر اصل ڇڪائي ان لاءِ آهي جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ نبين کي مڃي ايمان آندو ۽ جنهن الله جي محبت ۾ غريبن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن ۽ سوال ڪندڙن کي ڏيڻ ۽ بانها آزاد ڪرائڻ ۾ پنهنجو پيارو مال خرچ ڪيو ۽

نماز ادا ڪئي ۽ زڪوات ڏني ۽ اهي جڏهن واعدو ڪندا آهن ته پنهنجا قول پاڙيندا آهن ۽ مصيبت ۽ سختيءَ ۾ ۽ جهاد جي وقت صبر ڪندا آهن. اهي ئي سچا آهن ۽ اهي ئي پرهيزگار آهن (۱۷۷) اي ايمان وارو! توهان تي قتل جو بدلو ونڊ ۾ برابري لازمي ڪئي وئي آهي. آزاد جي بدلي آزاد ۽ غلام جي بدلي غلام ۽ عورت جي بدلي عورت. پر جنهن قاتل کي مقتول جو ڀاءُ معافي ڏئي ۽ خون بها وٺي ته چڱي نموني سان گُهر ڪجي ۽ بدلو پڌ سهڻي نموني سان ڏيڻ گهرجي. هي حڪم توهان جي پالڻهار طرفان توهان جو بوجهه هلڪو ڪرڻ لاءِ ۽ رحمت آهي. هاڻي هن کان پوءِ به جيڪو زيادتي ڪندو ته ان لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۱۷۸) اي عقل وارو! خون جي بدلي ونڊ ۾ توهان جي لاءِ زندگي آهي ته جيئن اوهان ان کان بچندا رهو(۱۷۹) جڏهن اوهان مان کنهن تي موت ويجهو ٿئي ۽ اهو ڪجهه مال ملڪيت ڇڏي ته ان تي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن لاءِ دستور موافق وصيت ڪرڻ واجب ڪئي وئي آهي. اهو پرهيزگارن تي لازم آهي (۱۸۰) پوءِ جيڪو وصيت بدلائي کان بعد به ان کي ڦيرائيندو ته ان ڦيرائڻ جو گناهه انهن ڦيرائيندڙن تي آهي. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۱۸۱) پوءِ جنهن کي انديشو هجي ته وصيت ڪندڙ ڪجهه طرفداري يا بي واجبي ڪئي آهي ته اهو وارثن جي وچ۾ صلح ڪرائي ته مٿس ڪو گناهه نه آهي. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (۱۸۲)[22] اي ايمان وارو! جيئن اوهان کان اڳين تي روزا فرض ڪيا ويا هيا تيئن اوهان تي به فرض ڪيا ويا آهن ته جيئن اوهان پرهيزگار ٿيو(۱۸۳) روزا ڪجهه ڳڻيل ڏينهن آهن. پر اوهان مان جيڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي ته اوترا روزا ٻين ڏينهن ۾ ڳڻي رکي ۽ جنهن کي روزن رکڻ جي طاقت نه هجي ته اهو هڪ مسڪين جو کاڌو فديو ڪري ڏئي پر جيڪو پاڻئون وڌيڪ ڏئي ته اهو ان لاءِ اڃا ڀلو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان سمجهو ته روزا رکڻ اوهان لاءِ اڃا وڌيڪ ڀلو آهي (۱۸٤) رمضان جو مهينو اهو آهي جنهن ۾ قرآن نازل ٿيو اهو ماڻهن جي لاءِ هدايت آهي ۽ ان ۾ رهنمائي ڪرڻ ۽ سچ ۽ ڪوڙ جي وچ۾ سنڊو وجهڻ جون چٽيون ڳالهيون آهن. پوءِ توهان مان جيڪو ان مهيني ۾ گهر ۾ هجي ته اهو ضرور ان ۾ روزا رکي ۽ جيڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي ته اوترا روزا ٻيا ڏينهن ۾ رکي. الله اوهان تي آساني ڪرڻ

گُهري ٿو ۽ توهان تي اوکائي ڪرڻ نہ ٿو گُهري. پر گهرندو آهي تہ جيئن توهان ڳٽ پوري ڪريو ۽ الله جي وڏائي بيان ڪريو جو ان اوهان کي هدايت ڪئي تہ جيئن توهان شڪر ڪريو (۱۸۵) ۽ اي محبوب! جڏهن منهنجا ٻانها توکان منهنجو پڇن تہ چئو تہ آءٌ نهايت ويجهو آهيان. جڏهن ڪو مون کي سڏي ٿو تڏهن سڏيندڙ جو سڏ ورنائيندو آهيان تنهنڪري انهن کي منهنجو حڪم مڃڻ گُهرجي ۽ مون تي ايمان آڻڻ جڳائي تہ مَن اهي سڌو رستو لهن (۱۸٦) روزن جي راتين ۾ پنهنجين زالن ڏي وڃڻ اوهان لاءِ حلال ڪيو ويو آهي جو اهي اوهان جو ڍڪ آهن ۽ اوهان انهن جو ڍڪ آهيو. الله ڄاتو تہ اوهان لڪ ڇپ ۾ پنهنجون جانيون خيانت ۾ وڌيون ٿي. پوءِ ان اوهان تي ٻاجهہ ڪئي ۽ اوهان کي معاف ڪيائين تنهنڪري هاڻي ڀلي انهن سان رات جو صحبت ڪيو ۽ الله جيڪي اوهان جي نصيب ۾ اولاد لکيو آهي تنهن جي طلب ڪريو ۽ ايستائين کائو ۽ پيئو جيستائين اوهان لاءِ رات جي ڪاري ڌار کان باک جو اڇو ڏاڪو ظاهر ٿئي. پوءِ پرهہ ڦٽي کان رات جي اچڻ (سج لهڻ) تائين روزا پورا ڪريو. پر جڏهن اوهان مسجدن ۾ اعتڪاف ۾ ويٺل هجو تہ عورتن کي هٿ نہ لايو. اهي الله جون حدون آهن انهن کي ويجها وڃي حدن کان ٻاهر نہ نڪرو. اهڙي طرح الله پنهنجا حڪم ماڻهن لاءِ پڌرا ڪري ٿو تہ مَن اهي پرهيزگار ٿين (۱۸۷) ۽ اوهان پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناحق نہ کائو ۽ ان مال کي حاڪمن وٽ هن لاءِ رشوت طور نہ پهچايو تہ جيئن ماڻهن جي مال مان ناجائز طور ڇاڪاڻ واڻي ڪجهہ حاصل ڪري سگهو (۱۸۸)[23] اي پيغمبر! توکان نئين چنڊ بابت پڇن ٿا. کين چئو تہ هي ماڻهن جي لاءِ حساب ۽ حج لاءِ وقت جون مقرر نشانيون آهن ۽ نيڪي هن ۾ نہ آهي جو گهرن ۾ پٺين پاسن کان اچو. پر اصل نيڪي تہ پرهيزگاري آهي ۽ گهرن ۾ دروازن کان اچو ۽ الله کان ڊجندا رهو تہ جيئن اوهان چوٽڪارو حاصل ڪريو (۱۸۹) ۽ انهن سان الله جي وات ۾ وڙهو جيڪي اوهان سان اڳرائي ڪري وڙهن ٿا پر حد کان نہ لنگهو. ڇوتہ الله حد کان لنگهندڙن کي پسند نٿو ڪري (۱۹۰) انهن ڪافرن کي جتي لهو اتي ماريو ۽ انهن کي اتان ڪڍي ڇڏيو جتان انهن اوهان کي ڪڍيو هو. ڇوتہ فتنو فساد قتل کان بہ سخت خراب آهي ۽ تعظيم واري مسجد وٽ انهن سان ايستائين نہ وڙهو جيستائين اهي

اوهان سان پاڻ نہ وڙهن. پوءِ جيڪڏهن اوهان سان وڙهن تہ اوهان بہ کين قتل ڪريو. ڪافرن جي اهائي سزا آهي (۱۹۱) پوءِ جيڪڏهن اهي وڙهڻ بس ڪن تہ اوهان بہ بس ڪيو بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (۱۹۲) ۽ انهن سان ايستائين وڙهو جو ڪوبہ فتنو باقي نہ رهي ۽ اڪيلي الله جو دين قائم ٿئي. پوءِ جيڪڏهن اهي باز اچن تہ ظالمن کان سواءِ ٻين تي زيادتي ڪرڻي نہ آهي (۱۹۳) حرمت واري مهيني جي تعظيم ڪرڻ واري سان توهان کي بہ تعظيم واري مهيني جو خيال رکڻو آهي ۽ تعظيمون ٻنهي ڌرين جي روين سان ٻڌل آهن. پوءِ جيڪو اوهان تي زيادتي ڪري تہ ان تي اوتري زيادتي ڪريو جيتري ان زيادتي ڪئي. ۽ الله کان ڊجندا رهو ۽ پڪ ڄاڻو تہ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي (۱۹٤) ۽ الله جي واٽ ۾ مال خرچ ڪريو ۽ پاڻ کي پنهنجي هٿن سان هلاکت ۾ نہ وجهو ۽ چڱائي ڪندا ڪريو بيشڪ الله چڱائي ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي (۱۹۵) ۽ نيت ڪرڻ کان پوءِ حج ۽ عمرو الله جي راضپي لاءِ پورو ڪريو پر جيڪڏهن اوهان روڪيا وڃو تہ جا قرباني آساني سان ملي سگهي اها لازم آهي ۽ پنهنجا متا تيستائين نہ ڪوڙايو جيستائين قرباني پنهنجي جاءِ تي پهچي نہ وڃي. پر جيڪڏهن اوهان مان ڪو بيمار هجي يا ان جي متي ۾ ڪا تڪليف هجي ۽ وقت کان اڳ متو ڪوڙائي تہ بدلي ۾ روزا رکي يا خيرات يا قرباني ڪري. پوءِ جڏهن اوهان امن ۾ اطمينان سان ٿيو تہ جيڪو حج سان عمرو ملائي ڪرڻ جو فائدو وٺي تہ ان تي قرباني آهي جهڙي قرباني آساني سان ملي سگهي. پر جنهن کي طاقت نہ هجي تہ اهو حج جي ڏينهن ۾ ٽي روزا رکي ۽ ست روزا جڏهن گهر ڏانهن موٽي وڃي. اهي پورا ڏهہ ٿيا. اهو حڪم انهيءَ لاءِ آهي جيڪو تعظيم واري مسجد جي ويجهو يعني مڪي جو رهاڪو نہ هجي. ۽ الله کان ڊجندا رهو ۽ ڄاڻو تہ الله جو عذاب سخت آهي (۱۹٦)[24] حج جا ڪي ڄاتل مهينا آهن پوءِ جيڪو انهن ۾ احرام ٻڌڻ سان پاڻ تي حج لازم ڪري تہ حج جي وقت تائين نہ عورتن سان صحبت ڪري نہ ڪا گارگند ڪري ۽ نہ ڪنهن سان جهيڙو ڪري ۽ اوهان جيڪا چڱائي ڪريو تا الله ان کي ڄاڻندڙ آهي ۽ ثمر ساڻ کڻو ۽ سڀ کان پلو ثمر پرهيزگاري آهي. ۽ اي عقل وارو! الله کان ڊجندا رهو (۱۹۷) حج جي ڏينهن ۾ پنهنجي پالڻهار جو فضل تلاش (سودو واپار)

ڪرڻ ۾ اوهان تي ڪو ڏوهه نه آهي، پوءِ جڏهن عرفات کان موٽو ته مشعرالحرام يعني مزدلفه وٽ ترسي الله کي ياد ڪريو ۽ جيئن الله اوهان کي هدايت ڪئي آهي ائين اوهان ان کي ياد ڪريو ۽ بيشڪ ان کان اڳ اوهان پٽڪيل ماڻهن مان هئا (۱۹۸) اي قريشيو! توهان به اتان يعني عرفات کان موٽو جتان ٻيا ماڻهو موٽندا آهن ۽ الله کان بخشش گهرو، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (۱۹۹) پوءِ جڏهن پنهنجي حج جا رڪن پورا ڪريو ته منيٰ ۾ الله جو ذڪر ڪريو جيئن پنهنجن ابن ڏاڏن جو ذڪر ڪندا آهيو بلڪ ان کان به وڌيڪ ذڪر ڪريو. ماڻهن مان ڪي هيئن چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار اسان کي دنيا ۾ ڏي، تن لاءِ آخرت ۾ ڪا چڱائي ڪونه آهي (۲۰۰) ۽ انهن مان ڪي هيئن چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار اسان کي دنيا ۾ به پلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ به پلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ (۲۰۱) اهڙن ماڻهن جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ سندن ڪمائي مان حصو آهي ۽ الله سگهو حساب ڪندڙ آهي (۲۰۲) ۽ منيٰ ۾ ڳٽيل ڏينهن الله جو ذڪر ڪريو. پر جيڪو بن ڏينهن ۾ جلدي ڪري هليو ويو ته مٿس گناهه ڪونه آهي ۽ جيڪو پرهيزگاري جي لاءِ وڌيڪ رهي پوي ته ان تي به ڏوهه ڪونه آهي. الله کان ڊجندا رهو ۽ ڄاڻي ڇڏيو ته توهان کي ان جي طرف گڏ ڪيڻو آهي (۲۰۳) اي محبوب! ۽ ڪو ماڻهو اهڙو آهي جو دنيا جي زندگيءَ بابت ان جو ڳالهائڻ توکي عجب ۾ وجهندو آهي ۽ پنهنجي دل جي ڳالهه تي الله کي شاهد ڪندو آهي پر اهو سڀ کان وڏو جهيڙاڪ آهي (۲۰٤) ۽ جڏهن توکان پٺي ڏينڊو آهي ته زمين ۾ فساد وجهڻ ۽ پوک ۽ جانيون تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ۽ الله فساد کي پسند نه ڪندو آهي (۲۰۵) ۽ جڏهن ان کي چئبو آهي ته الله کان ڊج ته وڏائي جو هٺ ويٺر ان کي گناهه تي آڪڙائيندو آهي، پوءِ ان لاءِ دوزخ ڪافي آهي ۽ اهو نهايت بيڪڙو هنڌ آهي (۲۰٦) ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ٿو ۽ الله اهڙن ٻانهن تي گهڻو مهربان آهي (۲۰۷) اي ايمان وارو! اسلام ۾ پوري طرح داخل ٿيو ۽ شيطان جي وڪن تي نه هلو. چوته اهو اوهان جو پڌرو دشمن آهي (۲۰۸) ۽ جيڪڏهن چٽا دليل اچڻ کان پوءِ به اسلام کان ٽڙندو ته ڄاڻو ته الله زبردست حڪمت وارو آهي (۲۰۹) ڪافر ڇاجي

لاءِ انتظار ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ ته الله ڄاڻيل ڪرن ۾ وٽن لهي اچي ۽ ملائڪ لهن ۽ ڪم پوروڪيو وڃي. ۽ سڀ ڪم الله ڄاڻهن موٽايا وڃن ٿا (٢١٠)[25] اي پيغمبر! بني اسرائيلن کان پڇا ڪر ته اسان انهن کي ڪيترين چٽيون نشانيون ڏنيون هيون ۽ جيڪو الله جي نعمتن کي پاڻ وٽ اچڻ کان پوءِ بدلائيندو ته پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ به آهي (٢١١) ڪافرن جي نظرن ۾ دنيا جي زندگي سينگاري وئي آهي ۽ اهي مومنن تي ٺٺوليون ڪندا آهن. پر جيڪي پرهيزگار آهن اهي قيامت جي ڏينهن انهن ڪافرن کان مٿانهان هوندا ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي ان کي اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي (٢١٢) سڀ ماڻهو هڪ امت هيا ڦري اختلاف ۾ پيا. پوءِ الله نبين کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ انهن سان حق جا ڪتاب هن لاءِ نازل ڪيائين ته جيئن اهو ڪتاب ماڻهن جي وچ۾ جنهن ڳالهه بابت جهڳڙو ڪندا آهن تنهن بابت نبيرو ڪري. ۽ انهيءَ بابت ٻئي ڪنهن تڪرار نه ڪيو پر جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو تن پڌرن حڪمن اچڻ کان پوءِ هڪٻئي سان ساڙ ڪري تڪرار ڪيو. پوءِ الله ايمان وارن کي پنهنجي حڪم سان اها حق ڳالهه سمجهائي ڇڏي جنهن ۾ اهي اختلاف ڪري رهيا هئا ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي (٢١٣) اي مسلمانو! ڇا اوهان هن گمان ۾ آهيو ته ائين بهشت ۾ هليا ويندا جڏهن ته اوهان تي انهن جهڙي آزمائش نه آئي آهي جيڪي توهان کان اڳ گذريا آهن. جن کي سڄائي ۽ ڏک پهتو ۽ اهي ايستائين لوڏيا ويا جو رسول ۽ ان جا مومن ساٿي چوڻ لڳا ته اي الله! تنهنجي مدد ڪڏهن پهچندي. ڄيو وين ته بيشڪ الله جي مدد ويجهي آهي (٢١٤) اي پيغمبر! توکان پڇن ٿا ته ڇا خرچ ڪن. کين چئو ته جو ڪجهه ڇڏائي لاءِ خرچ ڪريو سو ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن ۽ يتيمن ۽ محتاجن ۽ مسافرن لاءِ خرچ ڪريو. ۽ جيڪا به ڇڏائي ڪندو بيشڪ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي (٢١٥) اي مومنو! اوهان تي الله جي وات ۾ وڙهڻ فرض ڪيو ويو آهي جيڪو اوهان کي ناپسند آهي پر ممڪن آهي ته جنهن ڳالهه کي اوهان ناپسند ڪريو اها اوهان جي حق ۾ پلي هجي ۽ ممڪن آهي ته ڪا ڳالهه اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهان نٿا ڄاڻو (٢١٦)[26] اي پيغمبر! توکان تعظيم وارن مهينن ۾

وڙهڻ بابت پڇن ٿا. کين چئو تہ انهن ۾ وڙهڻ وڏو گناهہ آهي پر ماڻهن کي الله جي واٽ کان جهلڻ ۽ حق کان انکار ڪرڻ ۽ ماڻهن کي تعظيم واري مسجد کان روڪڻ ۽ اتي رهڻ وارن کي ان مان ٻاهر ڪيڻ اهي سڀ ڳالهيون الله وٽ ان کان ٻہ وڏا گناهہ آهن ۽ فتنو فساد ڪرڻ قتل کان ٻہ وڏو ڏوهہ آهي. جيڪڏهن ڪافرن جو وس پڄي تہ اهي اوهان سان ايستائين وڙهندا رهندا جو اوهان کي اوهان جي دين کان ڦيرائي ڇڏين ۽ اوهان مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو تہ پوءِ ڪافر ٿي مرندو ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ انهن جا عمل ڇٽ ٿي ويا ۽ اهي ئي دوزخي آهن. کين انهيءَ ۾ سدائين رهڻو آهي (٢١٧) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ جن الله جي لاءِ پنهنجو گهربار ڇڏيو ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو اهي ئي الله جي ٻاجهہ جا اميدوار آهن ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢١٨) اي پيغمبر! توکان شراب ۽ جوئا بابت حڪم پڇن ٿا. کين چئو تہ انهن ٻنهي ۾ وڏو گناهہ آهي ۽ ماڻهن لاءِ ڪجهہ دنياوي نفعو ٻہ آهي، پر نفعي کان انهن ٻنهي جو گناهہ گهڻو وڏو آهي: ۽ توکان اهو ٻہ پڇن ٿا تہ خيرات ۾ ڇا خرچ ڪن. کين چئو تہ جيڪو گهرج کان واڌارو بچي اهو خرچ ڪيو. الله اهڙي طرح اوهان لاءِ نشانيون (آيتون) بيان ڪندو آهي تہ جو اوهان سوچ ڪريو (٢١٩) اي پيغمبر! دنيا ۽ آخرت جي ڪمن ۾ ۽ توکان يتيمن بابت پڇن ٿا. چئو تہ انهن کي سڌارڻ پلو آهي، ۽ جيڪڏهن کاڌي پيتي ۾ انهن کي گڏ ڪيو تہ اهي توهان جا ڀائر آهن، ۽ الله بگاڙيندڙ کي سڌاريندڙ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اوهان کي تڪليف ۾ وجهي ها. بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي (٢٢٠) ۽ اي مسلمانو! مشرڪ عورتن سان ايستائين نڪاح نہ ڪريو جيستائين ايمان نہ آڻين. البت مومنياڻي ٻانهي مشرڪياڻي کان ڀلي آهي توڙي جو مشرڪياڻي اوهان کي وڌيڪ وٺندي هجي، ۽ مشرڪن کي ايستائين نياڻي نڪاح ۾ نہ ڏيو جيستائين اهي ايمان نہ آڻين. بيشڪ مومن ٻانهو مشرڪ مرد کان ڀلو آهي توڙي جو اهو مشرڪ اوهان کي وٺندو هجي. اهي مشرڪ دوزخ جي طرف سڏين ٿا ۽ الله پنهنجي حڪم سان جنت ۽ بخشش ڏانهن سڏي ٿو ۽ ماڻهن لاءِ پنهنجون آيتون بيان ڪري ٿو تہ جو اهي نصيحت وٺن (٢٢١)[27] ۽ اي پيغمبر! توکان حيض جي حڪم بابت پڇن ٿا. چئو تہ اها پليتي آهي سو حيض

جي ڏينهن ۾ عورتن کان پري رهو ۽ انهن کي ايستائين ويجها نہ ويجو جيستائين پاڪ نہ ٿين. پوءِ جڏهن پاڪ ٿين تہ انهن وٽ اهڙي طرح وڃو جيئن الله اوهان کي حڪم ڏنو آهي. بيشڪ الله توبهہ ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو ۽ پاڪائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي (٢٢٢) توهان جون زالون توهان لاءِ ٻني (پوک) وانگر آهن پوءِ پنهنجي ٻني ۾ جيئن وٽيوَ ائين اچو ۽ پنهنجي لاءِ ايندڙ وقت جو بندوبست ڪريو ۽ الله کان ڊجندا رهو ۽ ڄاڻو تہ اوهان کي ان سان ملڻو آهي. ۽ اي محبوب! مومنن کي خوشخبري ڏي (٢٢٣) ۽ پنهنجن قَسمن لاءِ الله کي ڍال نہ بڻايو جو احسان ۽ پرهيزگاري ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ صلح ڪرائڻ کان قَسم کڻي ڇڏيو ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٢٤) الله اوهان کي انهن قَسمن تي پڪڙ نٿو ڪري جيڪي بنا ارادي زبان سان نڪري وڃن. البت توهان جي دلين جيڪا نيت ڪئي ان تي پڪڙ ڪندو آهي ۽ الله بخشڻهار بردبار آهي (٢٢٥) جيڪي پنهنجين زالن وٽ وڃڻ کان قسم کڻي ويهن تہ انهن کي چار مهينا مهلت آهي. پوءِ جيڪڏهن انهي مدت جي اندر موٽي مليا تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٢٦) ۽ جيڪڏهن ڇڏڻ (طلاق) جو پڪو ارادو ڪن تہ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٢٧) ۽ طلاق ڏنل زالون پاڻ کي نڪاح ڪرڻ کان ٽي حيض جهلين. جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکنديون آهن تہ کين حلال نہ آهي جو اهو لڪائين جيڪو الله انهن جي پيٽ ۾ پيدا ڪيو هجي ۽ انهيءَ مدت اندر انهن جا مڙس جيڪڏهن سڌارو گهرن تہ انهن کي موٽائڻ جو وڌيڪ حق آهي ۽ عورتن جوبہ حق اهڙوئي آهي جهڙو شريعت مطابق انهن تي مردن جو آهي. البت مڙسن کي انهن تي فضيلت آهي ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي (٢٢٨)[28] هيءَ طلاق (رجعي) ٻن پيرن تائين آهي. پوءِ يا ته سان جهلڻ يا ڇڏائي سان ڇڏي ڏيڻ لازم آهي ۽ جيڪو عورتن کي ڏنو اٿوَ ان مان هن حالت کان سواءِ ڪجهہ موٽائي ونڻ جائز نہ آهي جو ٻئي الله جي حدن کي پورو نہ ڪرڻ کان ڊجن ۽ اي مسلمانو! اوهان کي جيڪڏهن ڊپ هجي تہ اهي ٻئي انهن حدن کي پورو ڪري نہ سگهندا تہ زال بدلو ڏئي طلاق وٺي تہ ان ڏيڻ ونڻ ۾ ٻنهي تي ڪو ڏوهہ نہ آهي. اهي الله جون حدون آهن انهن کان اڳتي نہ وڌو ۽ جيڪي الله جي حدن کان لنگهي ويندا اهي ماڻهو ظالم آهن (٢٢٩) پوءِ جيڪڏهن مڙس

ان کي ٽين طلاق بہ ڏني تہ هاڻي اها عورت ان کي ايستائين حلال نہ ٿيندي جيستائين جو اها ٻيو مڙس نہ ڪري. پوءِ جيڪڏهن اهو مڙس بہ ان کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ اهي ٻئي پڪ سمجهن تہ الله جون حدون قائم رکي سگهندا تہ هڪٻئي سان وري نڪاح ڪرڻ ۾ مٿن ڪو ڏوهہ نہ آهي ۽ اهي الله جون حدون آهن جيڪي الله سمجهدار ماڻهن لاءِ بيان ڪري ٿو (٢٣٠) ۽ جڏهن اوهان زالن کي ٻہ ٻيرا طلاق ڏيو ۽ انهن جي مدت پوري ٿيڻ تي هجي تہ کين ڀلائي سان جهليو يا کين ڇڏائي سان ٽين طلاق ڏئي ڇڏي ڏيو. البت انهن کي ڏکوئڻ ۽ نقصان پهچائڻ لاءِ نہ روکيو ۽ جيڪو ائين ڪندو تنهن بيشڪ پاڻ تي ظلم ڪيو. ۽ الله جي حڪمن کي ٺٺولي نہ بڻايو ۽ پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو جو اوهان تي ڪتاب ۽ حڪمت لاڙائين جنهن سان اوهان کي نصيحت ڏني ٿو ۽ الله کان ڊجندا رهو ۽ يقين ڪريو تہ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (٢٣١)[29] ۽ جڏهن زالن کي طلاق ڏيو ۽ انهن جي مدت پوري ٿي وڃي تہ اي وارثو! جڏهن اهي شريعت مطابق شادي لاءِ راضي ٿي وڃن تہ اوهان انهن کي پنهنجن مڙسن سان نڪاح ڪرڻ کان نہ روکيو. هيءَ نصيحت ان کي ڪئي وڃي ٿي جيڪو توهان مان الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو. هي حڪم توهان لاءِ وڌيڪ سٿرو ۽ پاڪ ڪندڙ آهي ۽ الله ڄاڻندڙ آهي ۽ اوهان نٿا ڄاڻو (٢٣٢) ۽ مائرون پنهنجن ٻارن کي پورا ٻہ سال ٿڃ پيارين. اهو حڪم انهيءَ لاءِ آهي جيڪو ٿڃ پيارڻ جي مدت پوري ڪرڻ گهري ۽ انهن مائرن جو کاڌو پيتو ۽ پوشاڪ دستور مطابق ان تي آهي جيڪو ٻار جو پي آهي. ڪنهن کي بہ ان جي وِت کان وڌيڪ تڪليف نہ ڏبي . نہ ماءُ کي ان جي ٻار جي ڪري نقصان ڏنو وڃي ۽ نہ پي کي سندس ٻار جي ڪري تڪليف ڏجي ۽ ٻئي وارث تي بہ اهڙي طرح ئي واجب آهي. پوءِ جيڪڏهن ماءُ پيءُ هڪٻئي جي رضامندي ۽ مشوري سان ٻار جي ٿڃ ڇڏائڻ گهرن تہ مٿن ڪو ڏوهہ نہ آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي اولاد کي ٻين کان ٿڃ پيارڻ گهرو ۽ رواج موجب ٿڃ پيارڻ واري لاءِ جيڪو اجورو طئي ڪيو سو چڱيءَ طرح ڪين ادا ڪري ڇڏيو تہ بہ اوهان تي ڪو گناهہ ڪونہ آهي ۽ الله کان ڊجندا رهو ۽ ڄاڻو تہ اوهان جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٢٣٣) ۽ توهان مان جيڪي فوت ٿين ۽ زالون ڇڏي وڃن تہ اهي زالون چار مهينا ڏهہ ڏينهن

پنهنجي پاڻ کي عدت لاءِ جهلين. پوءِ جڏهن انهن جي عدت پوري ٿي وڃي ته اي وارثو! جيڪڏهن عورتون پنهنجي معاملي ۾ شريعت موافق نڪاح جو فيصلو ڪن ته ان ۾ اوهان تي ڪو ڏوهه نه آهي ۽ توهان جيڪي ڪندا آهيو الله تنهن جي خبر رکندڙ آهي (٢٣٤) زالن جي عدت دوران سگ ڇڪائڻ بابت جيڪي آڇ ڪريو يا پنهنجي دل ۾ لڪايو ان ۾ توهان تي ڪو ڏوهه نه آهي. الله ڄاڻي ٿو ته اوهان انهن زالن کي سگهو ياد ڪندو. پر انهن سان ڳجهه ۾ واعدو نه ڪريو مگر شريعت جي موافق ساڻن چٽي ڳالهه ڪريو ۽ جيستائين عدت پنهنجي مدي کي نه پهچي نڪاح جو معاملو پڪو نه ڪريو ۽ ڄاڻو ته جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي الله ان کي ڄاڻي ٿو تنهنڪري ان کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله بخشڻهار بردبار آهي (٢٣٥)[30] جيڪڏهن اوهان زالن کي هٿ لائڻ کان اڳ طلاق ڏني اٿوَ ۽ انهن لاءِ ڪو مهر مقرر نه ڪيو هجيوَ ته توهان کان ڪو مطالبو نه آهي پر انهن کي دستور مطابق گذر سفر لاءِ ڪجهه فائدو ضرور ڏيو. آسودو پنهنجي وِت آهر ڏَئي ۽ غريب پنهنجي طاقت آهر ڏَئي. اهو ڀلائي ڪندڙن تي واجب آهي (٢٣٦) ۽ جيڪڏهن اوهان زالن کي هٿ لڳائڻ کان اڳ طلاق ڏَئي ڇڏي ۽ اوهان انهن لاءِ ڪجهه مهر مقرر ڪري چڪا هئا ته پوءِ مقرر ڪيل مهر جو اڌ ڏيڻ لازم آهي پر جيڪڏهن زالون پاڻ ڪجهه ڇڏي ڏين يا زال جنهن جي نڪاح ۾ هئي اهو مرد بخشي يعني پورو ڏَئي ته اختيار آهي. توهان جو بخشڻ (يعني زيادهه ڏيڻ) پرهيزگاريءَ کي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي تي احسان ڪرڻ نه وساريو. چوته جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٢٣٧) مڙني نمازن جي ۽ خاص ڪري وچين (ٽيپهري - عصر) نماز جي پابندي ڪريو ۽ الله جي حضور فرمانبردار ٿي بيهو (٢٣٨) پر جيڪڏهن دشمن جو خوف هجي ته پيادا ٿي يا سوار ٿي اشارن سان نماز پڙهو. پوءِ جڏهن بي ڊپا ٿيو ته الله کي ائين ياد ڪريو جيئن ان اوهان کي سيکاريو آهي جيڪو توهان اڳ نه ڄاڻندا هئا (٢٣٩) ۽ جيڪي اوهان مان فوت ٿين ۽ زالون ڇڏي وڃن ته اهي مرڻ کان اڳ پنهنجين زالن لاءِ هڪ سال جي خرچ ڏيڻ ۽ گهر مان ٻاهر نه ڪيڻ جي وصيت ڪري وڃن. پر جيڪڏهن اهي پاڻ نڪري وڃن ۽ پنهنجي لاءِ شريعت جي موافق جيڪو ڪن تنهن ۾ اوهان تي ڪو ڏوهه نه آهي ۽ الله زبردست حڪمت

وارو آهي (٢٤٠) ۽ طلاق ڏنل عورتن کي ب شريعت جي دستور موجب مناسب خرچ پکو ڏيڻ لازم آهي. اهو پرهيزگارن تي واجب آهي (٢٤١) الله ائين ئي توهان لاءِ پنهنجا حڪم بيان ڪري ٿو ت مَن اوهان سمجهو (٢٤٢)[31] اي محبوب! ڇا تو انهن کي نہ ڏٺو جيڪي هزارن جي تعداد ۾ موت جي ڊپ کان پنهنجا گهر ڇڏي نڪتا ت الله انهن کي چيو ت مري ويو ت مري ويا. پوءِ انهن کي زندهہ ڪيائين. بيشڪ الله ماڻهن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي پر گهڻا ماڻهو شڪر نہ ڪندا آهن (٢٤٣) ۽ اي مسلمانو! الله جي واٽ ۾ ڪافرن سان ويڙهہ ڪريو ۽ ڄاڻو ت الله بڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٤٤) اهو ڪير آهي جيڪو الله کي چڱي اوڌر (قرض حسنہ) ڏئي ت الله ان کي تمام گهڻو وڌائي ڏئي. بيشڪ الله رزق تنگ ڪري ٿو ۽ ڪشادو ڪري ٿو ۽ اوهان کي ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي (٢٤٥) اي محبوب! ڇا تو موسيٰ کان پوءِ بني اسرائيل جي سردارن جي واقعي تي غور نہ ڪيو آهي جڏهن پنهنجي وقت جي نبي کي چيائون ت اسان لاءِ ڪو بادشاهہ مقرر ڪر ت الله جي واٽ ۾ ويڙهہ ڪريون. تڏهن نبيءَ چيو ت جيڪڏهن توهان تي جهاد فرض ٿيو ت پوءِ اوهان وڙهڻ کي ويجهو ئي نہ ويندو. چيائون ت اسان کي ڇا ٿيو آهي جو الله جي واٽ ۾ ان هوندي ب نہ وڙهنداسين جڏهن اسان کي پنهنجي وطن مان ڪڍيو ويو ۽ پنهنجي اولاد کان جدا ڪيو ويو آهي. پوءِ جڏهن انهن تي جهاد فرض ڪيو ويو ت انهن مان ٿورن کان سواءِ سڀ ڦري ويا ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي (٢٤٦) ۽ پوءِ انهن کي سندن نبيءَ چيو ت الله طالوت کي توهان جو بادشاهہ مقرر ڪيو آهي. چيائون ت اسان تي ان جي بادشاهي ڪيئن ٿيندي جڏهن ت اسان کانئس بادشاهيءَ جا وڌيڪ حقدار آهيون ۽ ان کي ت مال جي گهٽائي ب ڪونہ ڏني وئي آهي. پيغمبر چيو ت الله ان کي ئي اوهان تي چونڊيو آهي ۽ ان کي علم ۽ جسم ۾ گهڻو وڌايو اٿس ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي پنهنجو مُلڪ ڏيندو آهي ۽ الله ڪشادگي وارو ڄاڻندڙ آهي (٢٤٧) ۽ انهن جي نبي کين ٻڌايو ت ان جي بادشاهيءَ جي نشاني توهان وٽ تابوت (صندوق) جو اچڻ آهي جنهن ۾ اوهان جي پالڻهار طرفان دلين جي تسڪين آهي ۽ موسيٰ ۽ هارون جي خاندان جيڪو ڇڏيو هو ان جون ڪجهہ بچيل شيون آهن ۽ ان کي ملائڪ کڻي ايندا. جيڪڏهن اوهان ايمان وارا آهيو ت بيشڪ ان ۾

اوهان لاءِ وڏي نشاني آهي (٢٤٨)[32] پوءِ جڏهن طالوت لشکر سوڏو نڪتو تہ لشکر کي چيائين تہ بيشڪ الله اوهان کي هڪ نهر جي پاڻي سان آزمائڻ وارو آهي. پوءِ جيڪو ان جو پاڻي پيئندو سو منهنجو نہ آهي ۽ جيڪو نہ پيئندو يا جيڪو پنهنجي هٿ سان رڳو هڪ لپ پري پئي اهو منهنجو آهي. پوءِ منجهائن ٿورن کان سواءِ سيني ان مان پاڻي پيتو. پوءِ جڏهن طالوت ۽ ساٿس گڏ مومن ندي کان پار ٿيا تہ پاڻي پيئڻ وارن چيو تہ اڄ اسان کي جالوت ۽ ان جي لشکرن سان وڙهڻ جي طاقت نہ آهي. پر جن کي الله سان ملڻ جو پکو يقين هو انهن چيو تہ ڪيترا ڀيرا ننڍيون جماعتون الله جي حڪم سان وڏين جماعتن تي غالب ٿيون آهن ۽ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي (٢٤٩) ۽ پوءِ جڏهن اهي طالوتي. جالوت ۽ ان جي لشکرن سان وڙهڻ لاءِ نڪتا تہ عرض ڪيائون تہ اي اسان جا پالڻهار اسان تي صبر پلٽ ۽ اسان جا قدم ثابت رک ۽ اسان کي ڪافر قوم تي سوپ ڏي(٢٥٠) پوءِ الله جي حڪم سان انهن جالوتين کي پڇائي ڇڏيو ۽ دائود جالوت کي قتل ڪيو ۽ الله ان (دائود) کي بادشاهي ۽ دانائي ڏني ۽ جيڪي گهريائين سو ان کي سيکاريائين ۽ جيڪڏهن الله هڪڙن ماڻهن کي ٻين ماڻهن سان نہ ٽاري ها تہ مُلڪ ضرور تباهہ ٿي وڃي ها پر الله جهان وارن تي پلائي ڪرڻ وارو آهي (٢٥١) اي محبوب! هي الله جون آيتون (نشانيون) آهن جيڪي اسان توکي چڱيءَ طرح پڙهي ٻڌايون ٿا ۽ بيشڪ تون رسولن مان آهين (٢٥٢) اهي رسول آهن انهن مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏنيسين. انهن مان ڪنهن سان الله ڳالهايو ۽ ڪن کي درجن ۾ مٿانهون ڪيائين ۽ اسان عيسيٰ بن مريم کي ڇٽا معجزا ڏناسين ۽ پاڪ روح سان ان جي مدد ڪئيسين ۽ الله گُهري ها تہ جيڪي ماڻهو انهن پيغمبرن کان پوءِ پيدا ٿيا سي پاڻ وٽ چٽن معجزن اچڻ کان پوءِ نہ وڙهن ها. پر اهي اختلاف ۾ پئجي ويا. انهن مان ڪن ايمان آندو ۽ انهن مان ڪن ڪفر ڪيو ۽ الله گُهري ها تہ اهي پاڻ ۾ نہ وڙهن ها مگر الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي(٢٥٣)[33] اي ايمان وارو! اسان توهان کي جيڪو رزق ڏنو آهي ان مان ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳي خرچ ڪيو جنهن ۾ نہ ڪو واپار ۽ نہ دوستي ۽ نہ سفارش هلندي ۽ ڪافر پاڻ ئي ظالم آهن (٢٥٤) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) نہ آهي. اهو

سدائين زندهہ ۽ سگهارو آهي، ان کي نہ گهيرٽ ونڊي نہ ننڊ ايندي آهي، جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي اهو سڀ انهيءَ جي ملڪيت آهي، ڪير آهي جيڪو ان جي اجازت کان سواءِ ان وٽ سفارش ڪري سگهي، جيڪي انهن مخلوقن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن جي پٺيان آهي سو سڀ ڄاڻندڙ آهي، جنهن کي گهري ان کان سواءِ ڪير بہ سندس علم مان ڪجهہ بہ پروڙي نٿو سگهي، سندس بادشاهي جي ڪرسي آسمان ۽ زمين کي سمايو آهي ۽ انهن جي نگهباني کيس نٽي ٽڪائي ۽ اهوئي سڀ کان اعليٰ ۽ وڏي وڏائي وارو آهي (٢٥٥) دين ۾ جائڙ ۾ ڪا زبردستي نہ آهي چوتہ هدايت جي واٽ گمراهي کان جدا ۽ پڌري ٽيل آهي، پوءِ جيڪو طاغوت يعني الله کان سواءِ ٻين معبودن کي نہ مڃي ۽ الله تي ايمان آڻي تہ بيشڪ ان مضبوط ڪڙيءَ کي پڪڙيو جيڪا ڪڏهن بہ ڇڄڻ واري نہ آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٥٦) الله مومنن جو سنيالينڊڙ آهي ۽ انهن کي اونداهي مان سوجهري ڏانهن ڪڍندو آهي ۽ اهي جن ڪفر ڪيو انهن جا حمايتي شيطاني بُت آهن اهي انهن کي سوجهري کان اونداهين جي طرف ڇڪيندا آهن ۽ اهي ئي دوزخي آهن اهي هميشهہ ان ۾ رهندا (٢٥٧)[34] اي محبوب! ڇا تو ان شخص جي حالت تي غور نہ ڪيو آهي جنهن ابراهيم سان سندس پالڻهار جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو جو الله ان کي بادشاهي ڏني هئي، جڏهن ابراهيم چيو تہ منهنجو پالڻهار اهو آهي جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو تہ اهو ڪافر چوڙ لڳو تہ مان بہ جياريان ۽ ماريان ٿو، ابراهيم چيو تہ الله سج کي اوپر کان اپاريندو آهي تون ان کي اولهہ کان اپار تہ ڪافر وائڙو ٿي ويو ۽ الله ظالم ماڻهن کي سڌي واٽ نہ ڏيکاريندو آهي (٢٥٨) يا تو ان پيغمبر جو قصو نہ ٻڌو آهي جيڪو هڪ ڳوٺ وٽان لنگهيو جيڪو پنهنجي ڇتين ۾ ڊٺل هو تہ چوڙ لڳو تہ هن کي الله ان جي ڦِٽڙ کان پوءِ ڪيئن وسائيندو تہ الله ان کي سو سال مئل رکيو پوءِ ان کي جياريائين ۽ پڇيائين تہ تون هتي ڪيترو وقت رهيو آهين، ان چيو تہ هڪڙو ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهہ حصو رهيو هوندس، الله چيو تہ نہ، توکي هڪ سو سال گذري ويا ۽ پنهنجي کاڌي ۽ پاڻيءَ کي ڏس جو اجاتائين نہ سينواريو آهي ۽ پنهنجي گڌهہ کي ڏس، اهو هن لاءِ ڪيوسين جو اسان توکي ماڻهن جي لاءِ نشاني ڪريون ۽ هاڻي گڌهہ جي هڏن کي ڏس تہ انهن

کي ڪيئن چوريون ٿا، پوءِ انهن هڏن کي گوشت ڏکايون ٿا، جڏهن ان تي اهو حال ظاهر ٿيو تہ چوڙ لڳو تہ مان يقين سان ڄاڻان ٿو تہ الله سپ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو (۲۵۹)[34] ۽ ياد ڪر! جڏهن ابراهيم چيو تہ اي منهنجا پالڻهار مون کي ڏيکار تہ مئل کي ڪيئن جيارينديں، الله چيو تہ ڇا توکي يقين نہ آهي، ابراهيم چيو تہ يقين آهي پر گهران ٿوتہ منهنجي دل کي تسلي ٿئي، الله چيو تہ چگو هاڻي چار پکي ونڊي پاڙ سان مانوس ڪر، پوءِ ڪُهي انهن کي ذرا ذرا ڪر، پوءِ ان مان هڪ هڪ ياڳو هر هڪ پهاڙ تي رک، پوءِ انهن کي سڏ تہ اُهي تو وٽ اڏامي ايندا، ۽ ڄاڻ تہ الله زبردست حڪمت وارو آهي (۲۶۰)[35] جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن انهن جو مثال ان داڻي جي مثال وانگر آهي جيڪو پوکجي تہ ست سنگ ڄمائي ۽ هر سنگ ۾ سو داڻا هجن، الله جنهن لاءِ گهرندو آهي ان کي ان کان بہ ٻيڻو ڏيندو آهي، ۽ الله ڪشادگي وارو ڄاڻندڙ آهي (۲۶۱) جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ ڏيڻ کان پوءِ نہ ٽورو ڄاڻائن ۽ نہ تڪليف ڏيندا آهن تہ سندن رب وٽ انهن جو اجورو آهي ۽ انهن کي نہ ڪو ڊپ رهندو نہ اهي غمگين ٿيندا (۲۶۲) مٺو ڳالهائڻ ۽ معاف ڪرڻ ان خيرات کان پلو آهي جنهن خيرات پٺيان ڏکوئڻ هجي ۽ الله بي پرواهہ بردبار آهي (۲۶۳) اي ايمان وارو! پنهنجن صدقن (خيرات) کي احسان جتائڻ ۽ ايذائڻ سان انهيءَ ماڻهوءَ وانگر نہ وڃايو جيڪو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ خرچ ڪري ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان نہ آڻي، اهڙي ماڻهوءَ جو مثال ان لسي پٿر وانگر آهن جنهن تي ٿوري مٽي پيل هجي ان تي زور سان مينهن وسي تہ ان کي چنڊي ڇڏي ۽ ان تي ڪو سلو نہ ڦٽي، اهڙا ماڻهو پنهنجي ڪمائي مان ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪندا، ۽ الله ڪافرن کي سڌو رستو نہ ڏيکارينڊو آهي (۲۶۴) ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي رضامندي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجين دلين ۾ يقين پيدا ڪرڻ لاءِ خرچ ڪندا آهن تن جو مثال ان باغ وانگر آهي جيڪو مٿانهين تي هجي ۽ ان تي زور سان مينهن وسي تہ ٻيڻو ميوو ڪري، پر جيڪڏهن زور جي بارش نہ وسي تہ پوءِ مات (ماڪ) ان کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪافي هجيس، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (۲۶۵) ڇا توهان مان ڪو هن ڳالهہ کي پسند ڪندو جو وٽس ڪجين ۽

انگورن جو هڪ باغ هجي جنهن جي هينان نديون وهنديون هجن ۽ ان لاءِ ان ۾ هر قسم جا ميوا هجن. ۽ ڪيس پوڙهائپ اچي وڃي ۽ سندس اولاد به ڪمزور هجي. پوءِ ان باغ تي اوچتو اهڙو واچوڙو اچي جنهن ۾ باهه هجي جنهن ڪري باغ سڙي وڃي. اهڙي طرح الله توهان سان پنهنجون نشانيون بيان ڪندو آهي تہ مَن توهان سوچيو (٢٦٦)[36] اي ايمان وارو! پنهنجي ڪمائي مان ۽ ان مان جيڪو اسان توهان جي واسطي زمين مان پيدا ڪيون ٿا ڪجهہ سنيون شيون الله جي راهہ ۾ خرچ ڪريو ۽ خراب شي خرچ ڪرڻ جو ارادو نہ ڪيو جو ڏيو تہ ان مان. ۽ جي توهان کي اهڙي شي ملي تہ اکيون ٻوٽڻ کان سواءِ نہ وٺو ۽ ڄاڻو تہ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي (٢٦٧) اي مسلمانو! شيطان توهان کي سڃائي کان ڊيڄاري ٿو ۽ بي حيائي جي ڪمن جو حڪم ڪندو آهي پر الله توهان سان پنهنجي بخشش ۽ فضل جو واعدو ڪري ٿو ۽ الله ڪشادگي وارو ڄاڻندڙ آهي (٢٦٨) الله جنهن کي گهرندو آهي دانائي ڏيندو آهي ۽ جنهن کي دانائي ملي تہ ان کي گهڻي ڀلائي ملي وئي. ۽ سمجهہ وارن کان سواءِ ٻيا نصيحت نہ پرائيندا آهن (٢٦٩) ۽ اي مسلمانو! توهان جيڪي خيرات ڪيو ٿا يا باسيل نذر ڏيو ٿا الله ان کي ڄاڻندو آهي ۽ ظالمن جو ڪوبہ مددگار ڪونهي (٢٧٠) جيڪڏهن توهان خيرات ظاهر ڪري ڏيو تہ چڱي ڳالهہ آهي. ۽ جيڪڏهن لڪائي فقيرن کي ڏيو تہ اهو توهان جي لاءِ سڀ کان ڀلو آهي ۽ ان سبب الله توهان جا گناهہ ميٽيندو. ۽ توهان جيڪي ڪندا آهيو الله ان جي خبر رکندڙ آهي (٢٧١) اي پيغمبر! توتي انهن ڪافرن کي هدايت ڏيڻ يعني دل ۾ اثر پيدا ڪرڻ لازم نہ آهي پر الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي. ۽ ماڻهن کي چئو تہ توهان جيڪا خيرات ڪيو ٿا ان ۾ توهان جوئي ڀلو آهي ۽ الله جي مرضي حاصل ڪرڻ جي نيت کان سواءِ خرچ نہ ڪريو ۽ توهان جيڪو مال چڱائي لاءِ خرچ ڪندا ان جو توهان کي پورو پورو اجورو ملندو ۽ نقصان نہ ڏنو ويندو (٢٧٢) انهن فقيرن کي خيرات ڏجي جيڪي الله جي راهہ ۾ رندبيل آهن ۽ واپار لاءِ مُلڪ ۾ هلي نٿا سگهن. اڻ واقف انهن کي سوال نہ ڪرڻ سبب تونگر سمجهندا آهن. توهان انهن کي انهن جي شڪل مان سڃاڻي سگهو ٿا اهي ماڻهن کي چنبڙي سوال نہ ڪندا آهن. ۽ توهان جيڪي خيرات ڪندا آهيو سو الله

جاڻندڙ آهي (۲۷۳)[37] ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال رات ۽ ڏينهن ۾ لڪل ۽ ظاهر طور ڇڳائي لاءِ خرچ ڪندا آهن تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ انهن جو اجر آهي ۽ انهن کي نہ ڊپ هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا (۲۷٤) جيڪي ماڻهو وياج کائيندا آهن قيامت جي ڏينهن قبر مان انهيءَ ماڻهوءَ وانگر اٿندا جنهن کي جن (آسيب) اثر ڪري چريو بڻايو هجي. اهو هن ڪري آهي جو اهي وياج خور چوندا آهن تہ واپار بہ تہ وياج وانگر آهي. حالانڪ الله واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي. پوءِ جنهن وٽ سندس پالڻهار وٽان نصيحت آئي ۽ اهو مُڙي ويو تہ جيڪي اڳي ونيِ چڪو اهو ان وٽ هجي ۽ آخرت ۾ ان جو معاملو الله جي حوالي آهي. ۽ جيڪي هاڻي بہ نہ مُڙندا تہ اهي دوزخي آهن. اهي ان ۾ هميشہ رهندا (۲۷۵) الله وياج جي ڪمائي کي برباد ڪري ٿو ۽ خيرات کي وڌائيندو آهي ۽ ڪنهن بہ بي شڪر گناهگار کي الله دوست نہ رکندو آهي (۲۷٦) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ نماز ادا ڪيائون ۽ زڪوات ڏنائون تن جو اجر سندن پالڻهار وٽ آهي ۽ انهن کي نہ ڪو خوف هوندو نہ اهي غمگين ٿيندا (۲۷۷) اي ايمان وارو! الله کان ڊجو ۽ جيڪڏهن ايمان وارا آهيو تہ باقي وياج جيڪو رهجي ويو آهي اهو چڏي ڏيو (۲۷۸) پوءِ جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ الله ۽ ان جي رسول سان لڙائيءَ جو يقين ڪريو ۽ جيڪڏهن توهان توبهہ ڪيو تہ پنهنجا اصل مال ونو جيئن نہ توهان ڪنهن کي نقصان پهچايو ۽ نہ توهان کي نقصان ٿئي (۲۷۹) ۽ جيڪڏهن قرضي سُجو آهي تہ ان کي سگهہ تائين مهلت ڏيو ۽ جيڪڏهن ڄاڻ هجيوَ تہ ان کي صفا قرض معاف ڪرڻ توهان جي لاءِ ويتر پلو آهي (۲۸۰) ۽ اي انسانو! ان ڏينهن کان ڊجو جنهن ۾ اوهان الله ڏانهن موٽايا ويندو. پوءِ هر ماڻهوءَ کي سندس ڪمائيءَ جو پوروپورو بدلو ڏنو ويندو ۽ انهن سان ظلم نہ ٿيندو (۲۸۱)[38] اي ايمان وارو! جڏهن توهان هڪ مقرر مدت تائين پاڻ ۾ قرض جي ڏيتي ليتي ڪيو تہ ان کي لکي چڏيو ۽ توهان جي وچ۾ لکڻ واري کي ٺيڪ انصاف سان لکڻ گهرجي ۽ جيئن الله لکندڙ کي سيکاريو آهي اهو لکڻ کان انڪار نہ ڪري ان کي ائين لکڻ گهرجي ۽ قرض گهرندڙ مطلب جي ڳالهہ بيان ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊجي ۽ ان مان ڪا بہ ڳالهہ نہ گهٽائي. پر قرض ونندڙ

جيڪڏهن اڀوجهه يا ڪمزور هجي يا بيان ڪري نه سگهندو هجي ته سندس ولي (وارث) انصاف سان بيان ڪري لکرائي ۽ پنهنجي مردن مان ٻه شاهد مقرر ڪريو. پوءِ جي ٻه مرد نه هجن ته هڪڙو مرد ۽ ٻه عورتون، اهڙيون شاهد ڪيو جن کي پسند ڪيو جو متان انهن مان هڪڙي وساري ته ان کي ٻي ياد ڏياري ۽ جڏهن شاهدن کي شاهدي لاءِ سڏيو ويجي ته اچڻ کان انڪار نه ڪن ۽ قرض ننڍو هجي يا وڏو ان جي مدت تائين لکي ڏيڻ کي ڏکيو نه سمجهو. اهو لکڻ الله وٽ وڌيڪ انصاف واري ڳالهه آهي، هن ۾ شاهدي ٻه خوب ٺيڪ رهندي ۽ توهان کي شڪ شبهو ٻه نه رهندو. مگر بروقت هٿوهٿ جو سودو هجي ته ان جي نه لکڻ جو توهان تي ڪو گناهه نه آهي. پر جڏهن سودو واپار ڪيو ته شاهد ڪري ڇڏيو ۽ لکندڙ ۽ شاهد کي نه ڏکوئجي ۽ توهان هن هدايت جي خلاف ڪيو ته اهو توهان کي گناهه آهي ۽ الله کان ڊجو ۽ الله توهان کي سيکاري ٿو. الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (۲۸۲) ۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ آهيو ۽ لکندڙ نه ليڻ ته ڪا شي گِروي قبضي ۾ ڏيڻ لازم آهي ۽ جيڪڏهن توهان مان هڪڙي کي ٻئي تي اعتبار هجي ته اهو جنهن کي ٻروسي جوگو سمجهيو ويو اهو پنهنجي امانت (قرض) ادا ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊجي، ۽ خبردار! شاهدي کي نه لڪايو ۽ جيڪو شاهدي لڪائيندو ته پنهنجي دل ۾ گناهگار آهي، ۽ اوهان جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي (۲۸۳)[39] جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سڀ الله جي ملڪيت آهي ۽ جيڪي توهان جي دل ۾ آهي اهو لڪايو يا ظاهر ڪيو ته به الله توهان کان ان جو حساب ونڊندو. باقي جنهن لاءِ گهرندو ان کي معاف ڪندو ۽ جنهن لاءِ گهرندو ان کي عذاب ڪندو ۽ الله هر شي تي وس وارو آهي (۲۸٤) رسول (محمد ﷺ) تي جيڪو سندس پالڻهار طرفان نازل ٿيو سو ان ڀاڙ ۽ سمورن مومنن به مڃيو آهي. سڀني الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي هي چوندي مڃيو آهي ته اسان ڪنهن رسول تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نٿا ڪريون ۽ چيائون ته اسان ٻڌو ۽ مڃيو اي اسان جا پالڻهار تنهنجي بخشش گهرون ٿا ۽ توڏانهن ئي موٽڻو آهي (۲۸۵) الله ڪنهن تي سندس طاقت کان وڌيڪ بار نه رکندو آهي. جيڪو چڱائي ڪندو ان ۾ سندس پلو آهي ۽ جيڪو برائي ڪندو ان ۾ سندس نقصان

آهي. اي اسان جا پالڻهار! جيڪڏهن ڪجهه وساريون يا غلطي ڪري ويهون تہ اسان کي پڪڑ نہ ڪر. اي اسان جا پالڻهار! اسان تي اهڙو بار نہ رک جهڙو تو اسان کان اڳين تي رکيو هو اي اسان جا پالڻهار! اسان تي اهو بار نہ وجهہ جنهن جي کڻڻ جي اسان کي طاقت نہ هجي ۽ اسان کي معاف ڪر ۽ اسان کي بخش ۽ اسان تي مِهر ڪر. تون اسان جو سائين آهين. تنهنڪري تون اسان کي ڪافر ٽولي جي مقابلي ۾ مدد ڪر (٢٨٦)[40]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت آل عمران مدني آهي. ان ۾ 200 آيتون ۽ 20 رڪوع آهن.

الٓمّٓ (١) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. پاڻ سدائين جيئرو ۽ سگهارو آهي (٢) توتي اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ سچ سان هي ڪتاب (قرآن) لاٿائين ۽ هن کان اڳي توريت ۽ انجيل کي لاٿائين (٣) اڳين ماڻهن جي هدايت وانگر ۽ سچ ڪوڙ جو سنڊو ڪندڙ لاٿائين. جن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي ۽ الله زبردست بدلو وٺندڙ آهي (٤) الله اهو آهي جنهن کان زمين ۾ ۽ آسمان ۾ ڪابہ شي ڳُجهي نہ آهي (٥) اهو الله ئي آهي جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ جهڙي گُهري توهان جي تصوير ناهيندو آهي. ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. اهو زبردست حڪمت وارو آهي (٦) اي پيغمبر! اهو الله ئي آهي جنهن توتي هي ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو جنهن جون ڪي آيتون چٽي معنيٰ واريون (محڪم) آهن جيڪي ڪتاب جو اصل آهن ۽ ٻيون گهڻ معنيٰ واريون (متشابهہ) آهن. پوءِ جن ماڻهن جي دل ۾ ڌنگائي آهي سي فتنو پکيڑڻ ۽ مطلب جي معنيٰ ڳولڻ لاءِ متشابهہ آيتن جي پٺيان لڳندا آهن. جڏهن تہ انهن جو ٺيڪ مطلب الله کان سواءِ ڪوئي نہ ڄاڻندو آهي. ۽ جيڪي علم ۾ پختا آهن سي چوندا آهن تہ اسان انهن کي مڃيو آهي اهي سڀ اسان جي پالڻهار جي طرفان آهن ۽ عقل وارن کان سواءِ ٻيا نصيحت نٿا پرائين (٧) اي اسان جا پالڻهار! هن کان پوءِ جو تو اسان کي هدايت ڏني آهي اسان جون دليون کوٽيون نہ ڪجان ۽ اسان کي پاڻ وٽان ٻاجهہ عطا ڪر. بيشڪ تون ئي وڏو

عطا ڪندڙ آهين (٨) اي اسان جا پالڻهار تون سمورن ماڻهن کي ان ڏينهن گڏ ڪرڻ وارو آهين جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي. بيشڪ الله پنهنجو واعدو نہ ڦيرائيندو آهي (٩) بيشڪ جن ڪفر ڪيو تن کان انهن جو مال ۽ اولاد الله جي عذاب مان ڪجهہ نہ ٽاريندو. ۽ اهي دوزخ جو ٻارڻ آهن (١٠) انهن جو حال فرعون وارن جي حال ۽ انهن جي حال جهڙو آهي جيڪي انهن کان اڳ گذريا. انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو. پوءِ الله انهن کي سندن گناهن تي پڪڙيو ۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي (١١) اي پيغمبر! ڪافرن کي چئو تہ اجهو توهان مغلوب ٿيندو ۽ دوزخ جي طرف هڪليا ويندو ۽ اهو بيڙو هنڌ آهي (١٢) انهن ٻن ٽولن جي ٻاڻ ۾ ويڙهہ ڪرڻ ۾ توهان لاءِ نشاني آهي. هڪ ٽولو الله جي راهہ ۾ وڙهيو ٿي ۽ ٻيو ڪافرن جو ٽولو هو جن کي مسلمانن اکين سان ٻيٺو ڏٺو ٿي ۽ الله جنهن کي گهري پنهنجي مدد سان طاقتور ڪندو آهي. بيشڪ ان ۾ سمجهہ جون اکيون رکڻ وارن لاءِ عبرت آهي (١٣) ماڻهن لاءِ زالن ۽ اولاد ۾ ۽ سون ۽ چاندي جي ڍير ۾ ۽ نشان ڪيل گهوڙن ۽ ڍورن ۽ پوکن ۾ خواهشن جي محبت آهي. اها دنيا جي حياتيءَ جي موڙي آهي ۽ الله وٽ ڇڳي موٽڻ جو هنڌ آهي (١٤) اي پيغمبر! کين چئو تہ ڇا مان توهان کي ان کان بهتر ڀالهہ جي خبر ڏيان. جن پرهيزگاري ڪئي انهن جي لاءِ سندن پالڻهار وٽ باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نديون جاري آهن. سدائين انهن ۾ رهندا ۽ پاڪ زالون ۽ الله جو راضپو هوندن. ۽ الله ٻانهن کي ڏسندڙ آهي (١٥) متقي اهي آهن جيڪي چوندا آهن تہ اي اسان جا پالڻهار اسان ايمان آندو اسان کي اسان جا گناهہ بخش ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ (١٦) اهي صبر وارا (صابر) ۽ سچا ۽ تابعداري ڪندڙ ۽ خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ وارا. رات جي پوئين پهر ۾ (اسر مهل) گناهن جي معافي گهرڻ وارا آهن(١٧) الله هي شاهدي ڏني آهي تہ ان کان سواءِ ڪوئي معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي ۽ ملائڪ ۽ علم وارا بہ انصاف تي قائم رهندي اها شاهدي ڏيندا آهن تہ الله کان سواءِ ڪوئي معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. اهو زبردست حڪمت وارو آهي (١٨) بيشڪ الله وٽ وٽندڙ دين اسلام آهي ۽ جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو تن اڳ تڪرار نہ ڪيو پر وٽن علم آيو تہ ٻاڻ ۾ ضد ۽ دلين جي سڙ ڪري تڪرار ڪيائون

۽ جيڪو الله جي حڪمن کي نہ مڃيندو تہ بيشڪ الله جلد حساب ونڊڻ آهي (۱۹) پوءِ اي محبوب! جيڪڏهن اهي توسان جهڳڙو بحث ڪن تہ تون چئو تہ مون ۽ جن منهنجي پيروي ڪئي تن پنهنجو منهن يعني سِر الله جي حضور ۾ جهُڪايو آهي، ۽ اي محبوب! جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو ۽ اڻ پڙهيلن (مشرڪن) کي چئو تہ ڇا توهان اسلام قبول ڪيو پوءِ جي اسلام قبول ڪن تہ هدايت وارا ٿي ويا ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرين تہ توتي رڳو پيغام پهچائڻ جو ذمو آهي، ۽ الله بانهن کي ڏسندڙ آهي (۲۰)[2] اهي جيڪي الله جي آيتن جو انڪار ڪن ٿا ۽ پيغمبرن کي ناحق شهيد ڪيائون ۽ ماڻهن مان جيڪي انصاف جو حڪم ڪن ٿا انهن کي بہ قتل ڪن ٿا تہ انهن کي دردناڪ عذاب جي خبر ڏي (۲۱) اِهي اُهي ئي آهن جن جا عمل دنيا ۽ آخرت ۾ چٽ ٿي ويا ۽ انهن جو ڪوئي مددگار نہ آهي (۲۲) اي پيغمبر! ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت نہ ڏٺي آهي جن کي ڪتاب جو ڪجهہ حصو مليو جو الله جي ڪتاب ڏانهن هن لاءِ سڏيا ويڻ ٿا تہ جيئن سندن وچ۾ نبيرو ڪري، پوءِ انهن مان هڪ ٽولو ڦري وڃي ٿو ۽ اهي منهن موڙيندڙ بہ آهن (۲۳) اها جرئت انهن کي هن ڪري ٿي جو اهي چوندا آهن تہ اسان کي باهہ ڇڪيل ڏينهن کان وڌيڪ هرگز نہ ڇُهندي ۽ جيڪو ناهہ ناهيندا رهيا تنهن کين سندن دين ۾ نڱيو آهي (۲۴) پوءِ انهن جو ڪهڙو حال ٿيندو جڏهن اسان انهن کي انهيءَ ڏينهن گڏ ڪنداسين جنهن جي اچڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي ۽ هر شخص کي سندس ڪمائي جو پوروپورو بدلو ڏنو ويندو ۽ انهن تي ظلم نہ ٿيندو (۲۵) اي پيغمبر! هن طرح چئو تہ اي الله! مُلڪ جا مالڪ جنهن کي گهرين تنهن کي بادشاهي ڏين ۽ جنهن کان گهرين تنهن کان بادشاهي کسي وٺين ۽ جنهن کي گهرين ان کي عزت ڏين ۽ جنهن کي گهرين ان کي ذليل ڪرين سموري ڀلائي تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي، بيشڪ تون سڀ ڪنهن شي تي وس وارو آهين (۲۶) تون رات کي گهٽائي ڏينهن ۾ گم ڪرين ٿو ۽ ڏينهن کي گهٽائي رات ۾ گم ڪرين ٿو ۽ مئل مان جيئري کي ڪڍين ٿو ۽ جيئري مان مئل کي ڪڍين ٿو ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهين (۲۷) مومنن کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي جو مومنن کي ڇڏي ڪافرن کي پنهنجو دوست بڻائين، جيڪو ائين ڪندو تہ انهيءَ جو الله سان ڪوبہ واسطو نہ آهي، مگر

توهان انهن ڪافرن کان پاڻ بچائڻ لاءِ بچاء طور ائين ڪيو ته گناهه ڪونهي ۽ الله توهان کي پنهنجي پڪڙ کان ڊيڄاريندو آهي، ۽ توهان کي الله ڏانهن موٽڻو آهي (٢٨) اي پيغمبر! کين چئو ته جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو لڪائيندو يا ظاهر ڪندو ته به الله ان کي ڄاڻندڙ آهي، ۽ جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو به الله ڄاڻندو آهي ۽ الله هر شي تي وس وارو آهي (٢٩) جنهن ڏينهن هر شخص جيڪو چڱو ڪم ڪيو يا جيڪو خراب ڪم ڪيو ان کي آڏو (حاضر) ڏسندو ته ڇڙڻي ڪم وارو انهن کي ڏسي اميد ڪندو ته جيڪر مون ۽ ۽ ان ۾ گهڻو فاصلو هجي ها ۽ الله توهان کي پنهنجي عذاب کان ڊيڄاريندو آهي ۽ الله پاڻهن تي مهربان به آهي (٣٠)[3] اي محبوب! کين چئو ته اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله جي سِڪ رکو ٿا ته منهنجي پيروي ڪريو ته الله توهان کي دوست رکندو ۽ توهان کي توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٣١) اي پيغمبر! کين چئو ته الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو، پوءِ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين ته بيشڪ الله به ڪافرن کي پسند نه ڪندو آهي (٣٢) بيشڪ الله آدم ۽ نوح ۽ ابراهيم جي آل ۽ عمران جي آل کي جهانن وارن تي سگهورو ڪيو(٣٣) اهي پاڻ ۾ هڪٻئي جو نسل آهن. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٣٤) جڏهن عمران جي زال عرض ڪيو ته اي منهنجا پالڻهار، منهنجي پيٽ ۾ جيڪو ٻار آهي سو تنهنجي واسطي نذر (باس) ڪيم، خالص تنهنجي لاءِ آزاد رهي تنهنڪري مون کان قبول ڪر، بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين (٣٥) پوءِ جڏهن ان کي ڄڻيائين ته چيائين ته اي منهنجا رب! هي ته مون ڏي ڄڻي آهي ۽ جيڪو ڄياڻين تنهن کي الله خوب ڄاڻندڙ هو، ۽ ڄياڻين ته پٽ ڏي جهڙو نه آهي ۽ مون ان جو نالو مريم رکيو ۽ مان ان کي ۽ ان جي اولاد کي تڙيل شيطان جي شر کان تنهنجي پناهه ۾ ڏيان ٿي (٣٦) پوءِ ان (مريم) کي سندس رب چڱيءَ طرح قبول ڪيو ۽ ان کي چڱيءَ طرح پالي وڏو ڪيائين ۽ زڪريا کي ان جو سنپالينڊر ڪيائين، جڏهن به زڪريا ان وٽ ان جي حجري ۾ ايندو هوته ان وٽ طعام رکيل ڏسندو هو، ان کان پڇيائين ته اي مريم! هي تو وٽ ڪٿان آيو آهي، چوڙ لڳي ته هي الله وٽان آيو آهي، بيشڪ الله جنهن کي گهري ان کي روزي ڏيندو آهي (٣٧) اتي ئي زڪريا پنهنجي پالڻهار کان

دعا گهري. عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! مون کي سٹي اولاد ڏي. بيشڪ تون ئي دعا ٻڌندڙ آهين (٣٨) پوءِ جڏهن پنهنجي نماز جي جاءِ تي بيٺو هو تہ ملائڪن ان کي آواز ڏنو تہ الله توکي يحيٰ جي جمڙ جي خوشخبري ڏئي ٿو جيڪو الله جي حڪم سان پيدا ٿيڻ واري عيسيٰ جي تصديق ڪندو. جيڪو سردار ۽ جتي ستي ۽ صالحن مان نبي هوندو (٣٩) زڪريا عرض ڪيو تہ اي منهنجا پالڻهارا! مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو جو مون کي تہ پوڙهاپ پهچي وئي آهي ۽ منهنجي زال بہ سنڌ آهي. چيو ويو تہ الله جيڪي گُهرندو آهي سو ائين ئي ڪندو آهي (٤٠) زڪريا عرض ڪيو تہ اي منهنجا پالڻهارا! منهنجي لاءِ ڪا نشاني مقرر ڪر. چيو ويو تہ تنهنجي لاءِ نشاني هي آهي جو تي ڏينهن ماڻهن سان اشاري کان سواءِ ٻالهائي نہ سگهندين. ۽ پنهنجي رب کي گهڻو ياد ڪر ۽ شام ۽ صبح ان جي پاکائي بيان ڪر (٤١)[4] ۽ ياد ڪر. جڏهن ملائڪن اچي چيو تہ اي مريم! بيشڪ الله توکي چونڊيو آهي ۽ توکي پاڪ ڪيو آهي ۽ اڄ جهانن جي عورتن کان توکي پلارو ڪيائين (٤٢) اي مريم! پنهنجي پالڻهار جي تابعداري ڪر ۽ سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪر (٤٣) اي پيغمبر! هي غيب جي خبرن مان آهن جيڪي اسان توڏانهن وحي ڪيونسين. ان وقت تون انهن وٽن ڪونہ هئين جڏهن ڪُٽا ڪيڙ لاءِ پنهنجا قلم اڇلائي رهيا هيا تہ مريم کي انهن مان ڪير سنڀالي ۽ ان وقت بہ تون انهن وٽ ڪونہ هئين جڏهن اهي تڪرار ڪري رهيا هئا (٤٤) جڏهن ان کي ملائڪ چيو تہ اي مريم! الله توکي پنهنجي ڪلام جي وسيلي پٽ جي خوشخبري ڏئي ٿو جنهن جو نالو مسيح (عيسيٰ) بن مريم آهي. دنيا ۽ آخرت ۾ مرتبي وارو هوندو ۽ الله جي ويجهن بانهن مان هوندو(٤٥) ۽ ماڻهن سان پينگهي ۾ ۽ جواني ۾ ٻالهائيندو ۽ صالح بانهن مان هوندو (٤٦) مريم چيو تہ اي منهنجا رب! مون کي ٻار ڪيئن ٿيندو جو مون کي تہ ڪنهن انسان هٿ ئي نہ لاتو آهي. چيو ويو تہ الله جيڪي گُهرندو آهي سو ائين بہ پيدا ڪندو آهي. جڏهن ڪنهن ڪم جو فيصلو ڪري ٿو تہ ان کي رڳو حڪم ڪندو آهي تہ "ٿي" تہ اهو هڪدم ٿي پوندو آهي (٤٧) ۽ الله ان کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽ انجيل جو علم سيکارينڈو (٤٨) ۽ بني اسرائيل ڏانهن رسول ٿي هي چوندو تہ مون توهان

لاءِ توهان جي پالڙهار طرفان هڪ نشاني آندي آهي جو مان توهان جي لاءِ مٿي مان پکي جهڙو بوتو ٺاهيندس پوءِ ان ۾ ڦوڪ هڻندس تہ اهو الله جي حڪم سان هڪدم پکي ٿي اڏري ويندو ۽ مان الله جي حڪم سان ڄائي ڄم کان انڌي کي ۽ ڪوڙهہ واري کي ڇُتائيندس ۽ الله جي حڪم سان مئل کي جياريندس ۽ جيڪي کائيندا آهيو ۽ جيڪي پنهنجن گهرن ۾ گڏ ڪندا آهيو سو توهان کي ٻڌائيندس. جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو تہ بيشڪ انهن ڳالهين ۾ توهان لاءِ نشانيون آهن (٤٩) ۽ پاڻ کان اڳ ۾ آيل ڪتاب توريت جي تصديق ڪندڙ آهيان ۽ توهان جي لاءِ ڪي اهي شيون حلال ڪندس جيڪي توهان تي حرام آهن ۽ توهان جي پالڙهار طرفان توهان جي لاءِ نشانيون آندیون اٿم. پوءِ الله کان ڊجو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو (٥٠) بيشڪ الله منهنجو ۽ توهان سمورن جو پالڙهار آهي. سو ان جي ئي عبادت ڪريو. اها سڌي وات آهي (٥١) پوءِ جڏهن عيسيٰ انهن کان ڪفر جا ڪم ٿيندي ڏٺا تہ چيائين تہ الله جي راهہ ۾ ڪير منهنجا مددگار ٿيندا. حوارين چيو تہ اسان الله جي ڪم ۾ مددگار آهيون. اسان الله تي ايمان آندو ۽ تون شاهد رهج تہ اسان مسلمان آهيون (٥٢) چيائون تہ اي اسان جا پالڙهار! جيڪو تو لاٿو آهي ان کي مڃيوسين ۽ هن رسول جي پيروي ڪئيسين. تون اسان کي شاهدي ڏيندڙن ۾ لک (٥٣) ۽ يهودين عيسيٰ خلاف سازش ڪئي ۽ الله بہ رِڌ ڪئي ۽ الله سڀ کان بهتر رڌ ڪرڻ وارو آهي (٥٤)[5] ۽ ياد ڪر. جڏهن الله چيو تہ اي عيسيٰ مان توکي پوري عمر تائين پهچائيندس ۽ توکي پنهنجي طرف کڻي ونڊندس ۽ توکي ڪافرن جي بهتانن کان پاڪ ڪندس ۽ جن تنهنجي پيروي ڪئي انهن کي قيامت تائين ڪافرن تي مٿانهون (غالب) ڪندس. پوءِ سمورا منهنجي طرف موٽي ايندا تہ مان ان ڳالهہ بابت جنهن ۾ تڪرار ڪن ٿا انهن ۾ نبيرو ڪندس (٥٥) پوءِ ڪافرن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سخت سزا ڪندس ۽ انهن جو ڪوبہ مددگار نہ ٿيندو (٥٦) ۽ انهن مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ انهن کي سندن اجر پرپور ملندو ۽ الله ظالمن کي دوست نہ رکندو آهي (٥٧) اهي ڳالهيون الله جي آيتن (نشانين) ۽ حڪمت واري ڪتاب مان آهن جيڪي اسان توکي ٻڌايون ٿا (٥٨) بيشڪ الله وٽ عيسيٰ جي پيدا ڪرڻ جو مثال آدم جي مثال جهڙو آهي

جنهن کي متي مان ناهيائين. پوءِ ان کي چيائين "ٿي" تہ هڪدم ٿي پيو (٥٩) اها ڳالهہ تنهنجي پالڻهار وٽان سچي آهي تنهنکري شڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿي (٦٠) پوءِ اي محبوب! هن کان بعد جو تو وٽ علم اچي ويو آهي جيکو توسان عيسيٰ جي باري ۾ جهڳڙو ڪري تہ چئو تہ اچو ميدان ۾ نڪرون اسان پنهنجن پٽن کي ۽ توهان پنهنجن پٽن کي، اسان پنهنجن عورتن کي ۽ توهان پنهنجن عورتن کي، ۽ اسان پنهنجن جانين کي ۽ توهان پنهنجن جانين کي سڏيون. پوءِ دعا گهرون ۽ ڪوڙن تي الله جي لعنت وجهون (٦١) بيشڪ اهو سچو بيان آهي ۽ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. بيشڪ الله ئي زبردست حڪمت وارو آهي (٦٢) پوءِ جيڪڏهن نہ مڃين تہ الله فسادين کي ڄاڻندڙ آهي (٦٣)[6] اي پيغمبر! کين چئو تہ اي ڪتاب وارو! اهڙي ڳالهہ ڏانهن اچو جيڪا اسان ۽ توهان ۾ هڪ جهڙي آهي تہ الله کان سواءِ ٻئي جي عبادت نہ ڪريون ۽ ڪنهن کي ان سان شريڪ نہ ڪريون ۽ اسان مان ڪوبہ الله کان سواءِ ٻئي کي پالڻهار ڪري نہ مڃي. پوءِ جيڪڏهن اهي نہ مڃين تہ چئي ڇڏ تہ توهان شاهد رهو تہ اسان مسلمان آهيون (٦٤) اي ڪتاب وارو! ابراهيم جي باري ۾ جهڳڙو ڇوٽا ڪريو جڏهن تہ توريت ۽ انجيل تہ ان کان پوءِ لاٿا ويا. پوءِ توهان ڇو نٿا سمجهو (٦٥) اي يهوديو! توهان اهي آهيو جو جنهن جو توهان کي علم آهي ان بابت بہ جهڳڙو ڪندا آهيو. پر ان بابت جهڳڙو ڇوٽا ڪيو جنهن جو توهان کي علم ئي نہ آهي ۽ الله ڄاڻندڙ آهي ۽ توهان نٿا ڄاڻو (٦٦) ابراهيم نہ يهودي هو ۽ نہ عيسائي هو بلڪ اهو باطل کان جدا مسلمان هو ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو (٦٧) بيشڪ سڀني ماڻهن مان ابراهيم کي اهي وڌيڪ ويجها آهن جن ان جي پيروي ڪئي ۽ هي نبي ۽ جن متس ايمان آندو آهي اهي وڌيڪ ويجها آهن. الله مومنن جو سنياليندڙ آهي (٦٨) اي مومنو! ڪتاب وارن مان هڪڙو ٽولو دل سان گهري ٿو تہ ڪنهن طرح توهان کي گمراهہ ڪن. مگر اهي پاڻ کان سواءِ ٻئي کي گمراهہ نٿا ڪن ۽ اهي سمجهن نٿا (٦٩) اي ڪتاب وارو! الله جي آيتن کي ڇو نٿا مڃو. جڏهن تہ توهان پاڻ شاهد آهيو (٧٠) اي ڪتاب وارو! سچ سان ڪوڙ کي ڇو ملائيندا آهيو ۽ حق ڇوٽا لڪايو. جڏهن تہ توهان کي خبر آهي (٧١)[7] ڪتاب وارن جي هڪ ٽولي پاڻ ۾ چوي ٿي تہ جيکو

مومنن تي لٽو آهي ان کي مجو صبح جو ان تي ايمان آڻيو ۽ شام جو منکر ٿي ويو تہ مَن اهي شڪ ۾ پئجي ڦري ويڻن(٧٢) ۽ جيڪو توهان جي دين جي تابعداري ڪري تنهن کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي يقين نہ ڪريو. اي پيغمبر کين چئو تہ الله جي هدايت ئي هدايت آهي. ڇون ٿا تہ متان مجو تہ جهڙو دين توهان کي مليو اهڙو دين ڪنهن ٻئي کي ڏنو ويندو نہ تہ توهان جي پالڙهار وٽ توهان تي حجت قائم ڪندا. اي پيغمبر! کين چئو تہ پلائي الله جي هٿ ۾ آهي جنهن کي گهري تنهن کي اها ڏيندو آهي. ۽ الله ڪشادگي وارو ڄاڻندڙ آهي (٧٣)جنهن کي گُهري تنهن کي پنهنجي ياجهہ سان چونڊي خاص ڪندو آهي. ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٧٤) ۽ ڪتاب وارن مان ڪو اهڙو آهي جو جيڪڏهن تون ان وٽ هڪ ڍير (سون) امانت رکين تہ اهو توکي واپس ڪري ڏيندو ۽ انهن ۾ ڪو اهڙو آهي جو جيڪڏهن هڪ اشرفي بہ ان وٽ امانت رکين تہ اهو توکي ايستائين موتائي نہ ڏيندو جيستائين جو تون ان جي مٿان نہ بيٺو رهين. اهو هن لاءِ آهي جو اهي چوندا آهن تہ اڻ پڙهيلن (عربن) جي مال کائڻ جي معاملي ۾ اسان تي ڪا پڪڙ نہ آهي ۽ الله تي ڄاڻ هوندي ڪوڙ ٻڌندا آهن (٧٥) البت. جنهن پنهنجو انجام پاڙيو ۽ پرهيزگاري ڪئي تہ بيشڪ الله پرهيزگارن کي دوست رکندو آهي (٧٦) جيڪي الله سان ڪيل انجام ۽ پنهنجن قَسمن جي بدلي ٿورو ملهہ ونندا آهن اِهي اُهي آهن جن جو آخرت ۾ ڪو حصو نہ آهي ۽ قيامت جي ڏينهن الله نہ انهن سان ڳالهائيندو ۽ نہ انهن جي طرف نظر ڪندو ۽ نہ انهن کي گناهن کان آجو ڪندو ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٧٧) ۽ انهن مان هڪ ٽولو اهو آهن جو ڪتاب پڙهڻ ۾ پنهنجون زبانون هن لاءِ وچڑائيندا آهن تہ جيئن توهان سمجهو تہ اهو ڪتاب مان آهي جڏهن تہ اهو ڪتاب مان نہ هوندو آهي. ۽ اهي پاڻ چوندا آهن تہ اهو الله جي طرفان آهي جڏهن تہ اهو الله جي طرفان نہ آهي ۽ ڄاڻڻ باوجود الله تي ڪوڙ هڻن ٿا (٧٨) ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو هي حق نہ آهي جو الله ان کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏئي. پوءِ اهو شخص ماڻهن کي چوي تہ الله کي ڇڏي منهنجا ٻانها ٿي ويو پر هي چوندو تہ الله جا ٻانها ٿي ويو هن ڪري جو توهان ڪتاب سيکاريو ٿا ۽ هن جي ڪري جو توهان پڙهو ٿا (٧٩) ۽ توهان کي هي حڪم نہ ڏيندو تہ ملائڪن ۽ پيغمبرن کي

پنهنجو رب ڪري مڃو هن کان پوءِ جو توهان مسلمان ٿيا هجو توهان کي ڪفر جو حڪم ڇو ڏيندو (٨٠)[8] ۽ ياد ڪر، جڏهن الله سڀني پيغمبرن کان انهي ڳالهه جو انجام ورتو ته توهان کي جيڪي ڪتاب ۽ دانائي ڏيان ٿو تنهن کان پوءِ توهان وٽ اهو رسول اچي جيڪو توهان جي ڪتابن جي تصديق ڪري ته توهان ضرور مٿس ايمان آڻجو ۽ ضرور سندس مدد ڪجو الله چيو ته ڇا توهان اقرار ڪيو ٿا ۽ ان تي منهنجي حڪم جو ذمو کٽو ٿا، سمورن چيو ته اسان اقرار ڪيو الله چيو ته پوءِ اوهان هڪ ٻئي تي شاهد رهو ۽ مان به توهان سان گڏ شاهدن مان آهيان (٨١) پوءِ جيڪي ان کان بعد اقرار کان ڦرندا ته اهي ئي بي فرمان ماڻهو آهن (٨٢) پوءِ الله جي دين کان سواءِ ٻيو دين ڇو گُهرن ٿا حالانڪ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن انهن خوشيءَ سان يا مجبوري کان ان جي ئي بارگاهه ۾ سِر جُهڪايو آهي ۽ انهيءَ جي ئي طرف موٽايا ويندا (٨٣) اي پيغمبر! هيئن چئو ته اسان الله تي ايمان آندو آهي ۽ جيڪي اسان جي طرف لاٿو ويو آهي ۽ جيڪي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ ان جي اولاد تي لاٿو ويو ۽ جيڪي موسيٰ ۽ عيسيٰ ۽ ٻين نبين کي سندن رب وٽان مليو تنهن سڀ کي مڃون ٿا، انهن مان ڪنهن جي وچ ۾ فرق نٿا ڪريون، اسان جو ڪنڌ (سِر) ان الله جي ئي بارگاهه ۾ جهڪندڙ آهي (٨٤) ۽ جيڪو اسلام کان سواءِ ڪو ٻيو دين گُهرندو ته اهو ان کان هرگز قبول نه ڪبو ۽ اهو آخرت ۾ نقصان وارن مان هوندو (٨٥) الله اهڙي قوم کي هدايت ڪيئن ڏيندو جيڪا ايمان آڻڻ کان پوءِ وري ڪافر ٿي وئي جڏهن ته پهريان شاهدي ڏئي چڪا آهن ته رسول سچو آهي ۽ وٽن ڪليل نشانيون به آيون ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نه ڪندو آهي (٨٦) اِهي اُهي آهي جن جو بدلو اهو آهي ته الله ۽ ملائڪن ۽ سمورن ماڻهن جي انهن تي لعنت آهي (٨٧) سدائين ان ۾ رهندا ۽ انهن کان عذاب هلڪو نه ڪبو ۽ نه انهن کي مهلت ڏني ويندي (٨٨) مگر جن ان کان پوءِ توبهه ڪئي ۽ پاڻ سڌاريائون ته بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٨٩) بيشڪ اهي جن ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو ۽ ڪفر ۾ وڌندا رهيا ته انهن جي توبهه هرگز قبول نه ڪبي ۽ اهي ئي پڪيل ماڻهو آهن (٩٠) بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪافر ٿي مُئا انهن مان ڪو توڙي گناهن جي عيوض زمين جيترو سون ڏئي ته به ان کان هرگز

قبول نہ ڪيو ويندو۔ اِهي اُهي آهن جن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ انهن جو ڪو مددگار نہ هوندو (۹۱)[9] اوهان ايستائين نيڪي جي درجي کي هرگز نہ پهچندو جيستائين پنهنجي پياري شي الله جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪندو ۽ جيڪا شي خرچ ڪندو الله ان کي ڄاڻندڙ آهي (۹۲) بني اسرائيل لاءِ سڀ کاڌا حلال هئا پر جيڪي شيون يعقوب پنهنجو پاڻ تي حرام ڪيون هيون سو توريت نازل ٿيڻ کان اڳ هو اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ توريت کڻي اچو پوءِ اهو پڙهو (۹۳) سو ان کان پوءِ بہ جيڪي الله تي ڪوڙ ناهيندا سي ئي ظالم آهن (۹٤) اي پيغمبر! چئو تہ الله سچ چيو آهي، پوءِ ابراهيم جي دين جي پيروي ڪريو جيڪو هر باطل کان جدا هو ۽ شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ هو (۹۵) بيشڪ عبادت جو سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن لاءِ ناهيو ويو هو سو اهو آهي جيڪو مڪي ۾ برڪت وارو ۽ ساري جهان لاءِ هدايت آهي (۹٦) ان ۾ پڌريون نشانيون آهن جن مان هڪڙي ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ (مقام ابراهيم) آهي ۽ جيڪو ان ۾ داخل ٿيو سو امن وارو آهي ۽ جيڪي انهيءَ تائين پهچڻ جي سگهہ رکن تہ انهن ماڻهن تي الله جي لاءِ ان گهر جو حج ڪرڻ لازم آهي، ۽ جيڪو انڪار ڪندو تہ پوءِ الله ساري جهان کان بي پرواهہ آهي (۹۷) اي پيغمبر! کين چئو تہ اي ڪتاب واروا الله جي آيتن کي ڇونٿا ڪيو ۽ توهان جيڪي ڪم ڪندا آهيو تنهن تي الله شاهد آهي(۹۸) اي پيغمبر! کين چئو تہ اي ڪتاب واروا هن هوندي بہ جو اوهان ڄاڻو ٿا پوءِ بہ جن ايمان آندو آهي انهن کي الله جي رستي کان ڇوٽا روڪيو ۽ ڇو انهن کي ٽيڙڻ گهرو ٿا، اوهان جيڪي ڪندا آهيو الله ان کان بي خبر نہ آهي (۹۹) اي ايمان وارو! جيڪڏهن اوهان ڪتاب وارن مان ڪنهن جي بہ ڇئي تي هلندو تہ اهي اوهان جي ايمان آڻڻ کان پوءِ بہ اوهان کي ڪافر ڪري ڦيرائيندا (۱۰۰) ۽ اوهان ڪفر ڪيئن ڪندو جڏهن تہ اوهان کي الله جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون ۽ اوهان ۾ ان جو رسول موجود آهي ۽ جيڪو الله جي دين جو سهارو ونندو ان کي ضرور سڌو رستو ڏيکاريو ويندو (۱۰۱)[10] اي ايمان وارو! الله کان ائين ڊجو جيئن ان کان ڊجڻ جو حق آهي ۽ اوهان مسلمان هجڻ کان سواءِ فوت نہ ٿجو (۱۰۲) ۽ سمورا گڏجي الله جي رسيءَ (قرآن) کي مضبوط جهليو ۽ پاڻ ۾ ڦوٽ نہ وجهو ۽ پاڻ تي الله جو

احسان ياد ڪريو جڏهن اوهان جو پاڻ ۾ ويڑ هو. پوءِ اوهان جي دلين ڪي ڳنڍي ڇڏيائين. پوءِ ان جي فضل سان اوهان پاڻ ۾ ڀائر ٿي ويا آهيو ۽ اوهان دوزخ جي ڪڏ جي ڪناري تي هيوَ پوءِ اوهان کي ان کان بچائي ورتائين. الله توهان سان پنهنجون نشانيون ائين بيان ڪري ٿو ته جيئن اوهان هدايت وارا ٿيو (١٠٣) ۽ اوهان مان هڪ ٽولو اهڙو هجڻ گُهرجي جيڪي ڇڪائي جي طرف سڏين ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڏين ۽ برائي کان روڪين ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب هوندا (١٠٤) ۽ انهن جهڙا نه ٿجو جيڪي پاڻ ۾ ڇڙوڇڙ ٿيا ۽ انهن وٽ روشن دليل آيا ته ان کان پوءِ به تڪرار ڪيائون ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي (١٠٥) جنهن ڏينهن ڪي منهن روشن هوندا ۽ ڪي منهن ڪاراٽجي ويندا ته اهي جن جا منهن ڪاراٽجي ويندا تن کي چيو ويندو ته اوهان ايمان آڻڻ کان پوءِ ڇو ڪافر ٿيا. پوءِ هن ڪري جو توهان ڪافر ٿيا هيا ان جي بدلي عذاب جو مزو چکو(١٠٦) ۽ جن جا منهن روشن هوندا سي الله جي رحمت هيٺ هوندا ۽ اهي ان ۾ هميشه رهندا (١٠٧) اي پيغمبر! اهي الله جون آيتون آهن جيڪي توکي پوريءَ طرح ٻڌايون ٿا ۽ الله جهان وارن تي ظلم ڪرڻ نه گُهرندو آهي (١٠٨) ۽ جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جوئي آهي ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن موٽايا ويندا (١٠٩)[11] اي مسلمانو! توهان ڀلي امت آهيو جو ماڻهن جي سڌاري لاءِ نڪرو ٿا ۽ برائي کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا ۽ جيڪڏهن ڪتاب وارا به ايمان آڻين ها ته انهن لاءِ ڀلو ٿئي ها. انهن مان ڪي مومن آهن ۽ گهڻا بي فرمان آهن (١١٠) اهي زباني ستائڻ کان سواءِ توهان کي ڏکوئي نه سگهندا ۽ جيڪڏهن اوهان سان وڙهندا ته اوهان جي مقابلي کان پٺي ڏئي ڀڄندا. پوءِ انهن جي مدد ڪونه ٿيندي (١١١) الله جي عهد ۽ ماڻهن جي پناهه ڏنلن کان سواءِ انهن ٻين تي ذلت هنئي وئي آهي. ڪٿي به هجن اهي الله جي ڏمر جا حقدار ٿيا ۽ انهن تي محتاجي ۽ بدحالي هنئي وئي آهي. اها سزا هن ڪري آهي جو انهن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ نبين کي ناحق قتل ڪندا هيا. اهي عادتون هن ڪري هين جو بي فرماني ڪيائون ۽ حد کان لنگهندڙ هئا (١١٢) اهي سڀ هڪجهڙا نه آهن. ڪتاب وارن مان ڪي اهي آهن جيڪي حق جي واٽ تي قائم آهن. رات جي گهڙين ۾ الله جون

آيتون پڙهندا آهن ۽ سجدو ڪندا آهن (١١٣) الله ۽ قيامت جي ڏينهن
کي مڃيندا آهن ۽ ڀلائي جو حڪم ڪندا آهن ۽ برائي کان روڪيندا
آهن ۽ ڇڪن ڪمن ۾ اڳرائي ڪندا آهن ۽ اهي ڀلارن ماڻهن مان آهن
(١١٤) ۽ اهي جيڪا بہ ڇڪائي ڪندا آهن تنهن جي بي قدري نہ ڪبي ۽
الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي (١١٥) اهي جن ڪفر ڪيو انهن جا مال
۽ اولاد انهن کان الله جو ڪجهہ بہ عذاب ٽاري نہ سگهندا ۽ اهي دوزخي آهن
جنهن ۾ کين هميشہ رهڻو آهي (١١٦) جيڪي دنيا جي زندگيءَ ۾ ڏيکاءُ
(رياء) لاءِ خرچ ڪندا آهن تن جو مثال انهيءَ واءُ جي مثال جهڙو آهي
جنهن ۾ پارو هجي جيڪو هڪ قوم جي پوک تي اچي پئي جن پاڻ تي
ظلم ڪيو پوءِ ان پوک کي بلڪل تباهہ ڪري ڇڏي ۽ الله انهن تي ظلم نہ
ڪيو پر پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيائون (١١٧) اي ايمان وارو! غيرن کي
پنهنجو رازدار نہ بڻايو اهي توهان جي نقصان ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪندا
آهن. انهن جي خواهش آهي تہ اوهان کي گهڻي کان گهڻو ايذاء پهچي.
انهن جي ڳالهين مان دشمني ظاهر ٿي پيئي آهي ۽ جيڪو ساڻ سيني ۾
لڪايو اٿن سو تمام وڏو آهي. جيڪڏهن اوهان سمجهو تہ اسان اوهان کي
نشانيون ڪولي ٻڌايون آهن(١١٨) ڏسو! اوهان اهي آهيو جو انهن کي
دوست رکو ٿا پر اهي اوهان کي دوست نٿا سمجهن. توڙي جو اوهان مڙني
ڪتابن کي مڃو ٿا. ۽ اوهان سان ملڻ وقت چوندا آهن تہ اسان ايمان آندو
آهي ۽ اڪيلائي ۾ اوهان تي ڪاوڙ کان ڏند ڪرٽيندا آهن. اي پيغمبر!
کين چئو تہ پنهنجي ڪاوڙ ۾ مري وڃو الله دلين جي راز کي چڱيءَ طرح
ڄاڻندڙ آهي (١١٩) اي ايمان وارو! جيڪڏهن اوهان کي ڪا ڇڪائي
پهچندي آهي تہ انهن کي ڏکوئيندي آهي ۽ اوهان کي ڪو ڏک پهچندو
آهي تہ اهي خوش ٿيندا آهن. جيڪڏهن توهان صبر ڪريو ۽ پرهيزگاري
ڪندا رهو تہ انهن جي سازش اوهان جو ڪجهہ نہ بگاڙيندي. بيشڪ
جيڪو ڪندا آهن تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي (١٢٠)[12] ۽ اي
محبوب! ياد ڪر جڏهن تون صبح جو سوير پنهنجي گهر مان ٻاهر
نڪتين ۽ مومنن کي جنگ جي مورچن تي بيهارئي پئي ۽ الله ٻڌندڙ
ڄاڻندڙ آهي (١٢١) ياد ڪر. جڏهن اوهان مان ٻن گروهن ۾ همٽ ٿيڻ جو
ارادو ڪيو پر الله انهن جو مددگار هو. مومنن کي الله تي ئي پروسو ڪرڻ

گُهرجي (١٢٢) ۽ بيشڪ الله اوهان جي بدر ۾ مدد ڪري فتح ڏني جڏهن تہ اوهان بي سروسامان هئا. پوءِ الله کان ڊجو تہ مَن اوهان شڪرگذار ٿيو (١٢٣) اي محبوب! ياد ڪرجڏهن تو مومنن کي چيو ٿي تہ ڇا توهان کي هي ڪافي نہ آهي جو توهان جو پالڻهار آسمان مان ٽي هزار ملائڪ لاهي توهان جي مدد ڪري (١٢٤) هائو! جيڪڏهن اوهان صبر ڪريو ۽ تقويٰ ڪندا رهو ۽ جڏهن ڪافر هڪدم اوهان تي اچي ڪڙڪن تہ اوهان جو رب پنج هزار نشان ڪيل ملائڪن سان اوهان جي مدد ڪندو (١٢٥) ۽ هي مدد الله اوهان جي خوشي لاءِ ڪئي آهي جيئن ان سان اوهان جون دليون اطمينان وٺن ۽ الله زبردست حڪمت واري جي پار کان سواءِ ڪا مدد نہ آهي (١٢٦) ۽ هن لاءِ تہ ڪافرن جو هڪ حصو ڇني ڇڏي يا انهن کي هيٺو ڪري ڇڏي تہ اهي ناڪام ٿي موٽي وڃن (١٢٧) اي پيغمبر! هيءَ ڳالهہ تنهنجي هٿ ۾ نہ آهي، الله ياتہ انهن کي توبهہ جي توفيق ڏئي يا کين عذاب ڪري ڇوتہ اهي ظالم آهن (١٢٨) ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جوئي آهي جنهن کي گُهري تنهن کي بخشيندو آهي ۽ جنهن کي وٽيس عذاب ڪندو آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان بہ آهي (١٢٩)[13] اي ايمان وارو! وياج نہ کائو جو ٻيٽو ڇئوٽو ٿي وڃي ۽ الله کان ڊجو تہ جيئن اوهان ڇوٽڪارو حاصل ڪريو (١٣٠) ۽ ان باهہ کان بچو جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي (١٣١) ۽ الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو تہ اوهان تي ٻاجهہ ڪئي وڃي (١٣٢) پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ انهي جنت ڏانهن اڳرائي ڪريو جنهن جي ويڪر آسمانن ۽ زمين جيتري آهي، جيڪا پرهيزگارن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي (١٣٣) جيڪي الله کارڙ سُک ۾ ڏُک ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ ڪاوڙ کي کائيندڙ ۽ ماڻهن جا قصور معاف ڪندڙ آهن، الله پلائي ڪندڙن کي دوست رکي ٿو (١٣٤) ۽ اهي جڏهن ڪا بي حيائي يا پاڻ تي ظلم ڪري ويهندا آهن تہ هڪدم الله کي ياد ڪري پنهنجن گناهن جي معافي گهرندا آهن ۽ الله کان سواءِ ڪير گناهہ معاف ڪندو ۽ جيڪي ڪيائون تنهن تي ڄاڻي واڻي هميشگي نہ ڪندا آهن (١٣٥) اهڙن جي لاءِ سندن پالڻهار وٽان بخشش جو اجر آهي ۽ باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، انهن ۾ هميشهہ رهندا ۽ نيڪ عمل ڪندڙن جو اجر ڇڪو آهي

(١٣٦) بيشڪ اوهان کان اڳ ڪجهه واقعا ٿي گذريا آهن، پوءِ زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو ته ڪوڙو ڪندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي (١٣٧) ماڻهن کي هي ڳالهه ٻڌائڻ ۾ واٽ ڏيکارڻ ۽ پرهيزگارن کي نصيحت ۽ هدايت ڪرڻ مقصد آهي (١٣٨) ۽ نه سُست ٿيو ۽ نه غمگين ٿيو جيڪڏهن ايمان پڪو اٿوَ ته اوهان ئي غالب ٿيندا (١٣٩) جيڪڏهن اوهان کي اُحد ۾ ڪا تڪليف پهتي آهي ته اهي به بدر ۾ اهڙي ئي تڪليف ڏسي چڪا آهن ۽ هي فتح ۽ شڪست جا اهڙا ڏينهن آهن جن کي ماڻهن جي وچ۾ ڦيرائيندا آهيون ته جيئن الله ايمان وارن جي سچاڻپ ڪرائي ۽ اوهان مان ڪن کي شهادت جو رتبو ڏئي، ۽ الله ظالمن کي دوست نه رکندو آهي (١٤٠) ۽ هن لاءِ ته جن ايمان آندو آهي الله انهن کي ڪَرو ڪري ۽ ڪافرن کي ناس ڪري (١٤١) مسلمانو! هن گمان ۾ آهيو چا ته بهشت ۾ ائين ئي هليا ويندو جڏهن ته الله اڃا اوهان مان مجاهدن جو نه امتحان ورتو آهي ۽ نه صبر وارن جي جاچ ورتي اٿس (١٤٢) ۽ توهان ته موت اچڻ کان اڳ شهادت جي تمنا ڪندا هئا، پوءِ جڏهن توهان ان کي ڏٺو ته نهارينداَ رهيوَ (١٤٣)[14] ۽ محمد (ﷺ) ته بس الله جو رسول آهي ۽ ان کان اڳ به ڪيترا رسول گذري چڪا آهن، پوءِ جيڪڏهن اهو فوت ٿئي يا شهيد ٿي وڃي ته چا اوهان پوئين پير ڦري ويندا، جيڪو پوئين پير ڦري ويندو سو الله جو ڪو نقصان نه ڪندو الله شڪر گذارن کي سگهو بدلو ڏيندو (١٤٤) ۽ ڪوبه شخص الله جي مقرر وقت واري لکيل حڪم کان سواءِ نٿو مري سگهي، ۽ جيڪو دنيا جو ثواب گهرندو ان کي انهيءَ مان ڏينداسين ۽ جيڪو آخرت جو ثواب گهرندو ان کي انهيءَ مان ڏينداسين ۽ شڪر گذارن کي سگهو ڇڪو بدلو ڏينداسين (١٤٥) ۽ ڪيترن ئي نبين جهاد ڪيو ۽ گهٽا الله وارا به جهاد ۾ انهن سان گڏ هئا، پوءِ الله جي واٽ ۾ جيڪي مصيبتون انهن تي آيون تن کان نه سُست ٿيا ۽ نه ڪمزور ٿيا، الله صبر ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي (١٤٦) ۽ انهن هن دعا کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿي چيو ته اي اسان جا پالڻهار اسان جا گناهه بخش ۽ اسان پنهنجن ڪمن ۾ جيڪي زيادتيون ڪيون آهن سي معاف ڪر ۽ اسان کي ثابت قدم رک ۽ اسان کي ڪافرن جي ٽولي تي سوپ ڏي (١٤٧) پوءِ الله انهن کي دنيا جو ثواب ڏنو ۽ آخرت جو به پلو ثواب عطا ڪيو ۽ الله

پلائي ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي (١٤٨)[15] اي ايمان واروا جيڪڏهن اوهان ڪافرن جو چوڻ مڃيندو تہ اوهان کي پوين پيرن تي موٽائيندا. پوءِ اوهان نقصان وارا ٿي ويندا (١٤٩) پر الله اوهان جو مالڪ آهي ۽ اهو ڀلو مددگار آهي (١٥٠) ۽ اسان سگهو ڪافرن جي دلين ۾ انهيءَ ڪري اوهان جو رعب وجهنداسين جو انهن اهڙي شي کي الله جو شريڪ ناهيو آهي جنهن لاءِ ان کو دليل نہ لاٿو آهي ۽ انهن جي رهڻ جي جاءِ دوزخ آهي ۽ ظالمن جي لاءِ اهو بچڙو هنڌ آهي (١٥١) ۽ بيشڪ الله اوهان کي پنهنجو واعدو سچو ڪري ڏيکاريو جڏهن اوهان ان جي حڪم سان ڪافرن کي قتل ڪري رهيا هئا تان جو اوهان حڪم ۾ ڪمزوري ڏيکاري ۽ ڪم پورو ڪرڻ ۾ تڪرار ڪيو ۽ اوهان کي اوهان جي پسند جي شي ڏيکاريائين تہ ان کان پوءِ اوهان رسول جي حڪم جي نافرماني ڪئي ۽ توهان مان کو اهڙو آهي جيڪو دنيا گهرندو آهي ۽ توهان مان کو آخرت جي آرزو رکندو آهي. پوءِ الله اوهان کي انهن کان هٽايو تہ جيئن اوهان کي آزمائي ۽ بيشڪ پوءِ اوهان کي معافي ڏنائين ۽ الله مومنن تي فضل ڪرڻ وارو آهي (١٥٢) ياد ڪريو جڏهن اوهان منهن مٽي ڪري ڀڄندا ٿي ويا ۽ پٺي ڦيرائي ڪنهن کي نہ ٿي ڏنو جڏهن تہ هي جماعت ۾ رسول اوهان کي سڏي رهيو هو پوءِ الله اوهان کي ڏک جو بدلو ڏک سان ڏنو تہ جيئن جيڪو اوهان جي هٿان ٿي ويو ۽ جيڪا مصيبت اوهان تي آئي ان جو ڏک نہ ڪريو ۽ اوهان جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٥٣) وري ڏک کان پوءِ اوهان تي آرام جي ننڊ لاٿائين جيڪا اوهان جي هڪ جماعت کي گهيري رهي هئي ۽ هي ٽولي کي پنهنجي ساهہ جي پڻتي پريشان ڪيو هو ۽ الله تي بيجا جاهليت جهڙا گمان ڪري رهيا هئا. چيائون ٿي تہ اسان کي ان ڪم مان ڪهڙي شي هٿ اچڻي آهي. اي پيغمبر! کين چئو تہ سمورو ڪم الله جي وس آهي. جيڪو پنهنجي دلين ۾ لڪائيندا آهن سو توتي ظاهر نہ ڪندا آهن. چوندا آهن تہ جيڪڏهن اسان جو ڪو وس هجي هاتہ اسان هت ماريا نہ ويون ها. اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجن گهرن ۾ هجو ها تڏهن بہ جن جو مارجڻ لکجي چڪو هو سي پنهنجي ڪوس جي جاين تائين ضرور نڪري اچن ها. هي هن ڪري ٿيو تہ جيئن الله اوهان جي سينن جي

ڳالهه آزمائي ۽ جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي ان کي کولي ظاهر ڪري ۽ الله دلين جا راز ڄاڻندڙ آهي (١٥٤) بيشڪ جنهن ڏينهن ۾ئي فوجون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيون هيون تہ جيڪي اوهان مان منهن موڙي ڦري ويا هيا انهن کي سندن ڪن ڪمن سبب شيطان ئي لغزش ڏني هئي. البت الله انهن کي معاف ڪيو ڇوتہ الله بخشڻهار بردبار آهي (١٥٥)[16] اي ايمان وارو! انهن ڪافرن وانگر نہ ٿيو جن پنهنجن ڀائرن بابت جيڪي سفر تي يا جهاد تي وڃن ٿا ۽ مري يا ماريا وڃن ٿا تہ اهي چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان وٽ هجن ها تہ نہ مرن ها ۽ نہ ماريا وڃن ها. الله ان ڳالهه جو افسوس انهن جي دلين ۾ حسرت ڪري رکيو آهي ۽ الله ئي جيارينڊو ۽ مارينڊو آهي ۽ اوهان جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (١٥٦) جيڪڏهن اوهان الله جي وات ۾ مري ڀئو يا ماريا وڃو تہ جيڪي گڏ ڪندا آهيو ان کان الله جي بخشش ۽ ٻاجهه ڀلي آهي (١٥٧) ۽ ياد رکو جيڪڏهن اوهان مري وڃو يا ماريا وڃو تہ هر حال ۾ الله جي طرف گڏ ڪيا ويندو (١٥٨) پوءِ اي محبوب! الله جي باجهه آهي جو تون انهن لاءِ نرم ٿيو آهين پر جيڪڏهن تون ڪاوڙيل سخت دل هجين ها تہ اهي ضرور تو وٽان تڙي پکڙي وڃن ها. سو تون انهن کي معاف ڪر ۽ انهن لاءِ بخشش گهر ۽ ڪمن ۾ انهن سان صلاح مشورو ڪر. پوءِ جڏهن ڪنهن ڳالهه جو پڪو ارادو ڪرين تہ الله تي ڀروسو رک. بيشڪ الله ڀروسو ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي (١٥٩) مسلمانو! جيڪڏهن الله اوهان جي مدد ڪندو تہ اوهان تي ڪوبہ غالب اچي نہ سگهندو ۽ جيڪڏهن توهان کي ڇڏي ڏي تہ پوءِ ڪير آهي جيڪو ان کان پوءِ توهان جي مدد ڪندو ۽ مومنن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي (١٦٠) ۽ ڪنهن بہ نبي کي غنيمت جي مال ۾ خيانت ڪرڻ نٿي جڳائي ۽ جيڪو بہ ڪجهه لڪائي رکندو سو قيامت ڏينهن لڪايل شي کڻي ايندو. پوءِ هر شخص کي ان جي ڪمائي جو بدلو پوريءَ طرح ڏنو ويندو ۽ انهن تي ظلم نہ ٿيندو (١٦١) پوءِ جيڪو الله جي رضامندي جي وات تي هليو اهو انهيءَ جهڙو ٿيندو ڇا جنهن الله جو غضب سر تي کنيو ۽ ان جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اهو موٽڻ جو بيڻرو هنڌ آهي (١٦٢) الله وٽ ماڻهن جا جدا جدا درجا آهن ۽ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي (١٦٣) بيشڪ الله مومنن تي وڏو احسان ڪيو آهي جو انهن ۾

منجهائن ئي هڪ رسول موڪليائين جيڪو انهن کي سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي ان کان اڳ ڪليل گمراهي ۾ هئا (١٦٤) جڏهن اوهان کي اُحد ۾ تڪليف پهتي ان کان ٻيڻي تڪليف اوهان جي هٿان دشمن کي بدر ۾ پهچي چڪي آهي تہ ٻہ چئو ٿا تہ هي مصيبت ڪٿان آئي. اي پيغمبر! کين چئوتہ اها ٿوهان کي پنهنجي طرف کان آئي. بيشڪ الله سڀ شي تي وس وارو آهي (١٦٥) ۽ ٻنهي فوجن جي آمهون سامهون ٿيڻ واري ڏينهن اوهان کي جيڪا مصيبت پهتي سا الله جي حڪم سان هئي تہ جيئن مومنن جي سڃاڻپ ڪرائي (١٦٦) ۽ هن ڪري ٻہ تہ منافقن کي ٻہ پڌرو ڪري جو انهن کي چيو ويو تہ اچو الله جي واٽ ۾ وڙهو يا دشمن کي هٽايو تہ چيائون تہ جيڪڏهن اسان کي جنگ ٿيڻ جي خبر هجي ها تہ ضرور تيار ٿي اوهان جو ساٿ ڏيون ها. ان ڏينهن اهي ظاهري ايمان جي نسبت ڪفر جي وڌيڪ ويجهو هيا. پنهنجي واتن سان اهي ٻُالهيون چوندا آهن جيڪي انهن جي دلين ۾ نہ آهن ۽ جيڪي لڪائيندا آهن سو الله ڄاڻندڙ آهي (١٦٧) پاڻ تہ ويهي رهيا ۽ پنهنجن ڀائرن جي باري ۾ چون ٿا تہ جي اهي اسان جو چيو مڃين ها تہ نہ مارجن ها. اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ پاڻ کان موت ٽاريو (١٦٨) ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ماريا ويا تن کي هرگز مئل خيال نہ ڪيو بلڪ اهي جيئرا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار وٽ روزي ملين ٿي (١٦٩) الله انهن کي پنهنجي فضل سان جيڪي ڏنو آهي ان تي خوش آهن ۽ جيڪي ماڻهو سندن پٺيان دنيا ۾ آهن ۽ ساڻن ايا نہ گڏيا آهن انهن لاءِ هن ڪري خوشيون ملهائي رهيا آهن تہ انهن تي نہ ڪو ڊپ آهي ۽ نہ غمگين آهن (١٧٠) الله جي نعمت ۽ فضل تي خوش آهن ۽ هن تي ٻہ تہ الله مومنن جو اجر نہ وڃائيندو آهي (١٧١) 17 جيڪي پاڻ کي زخم پهچڻ کان پوءِ ٻہ الله ۽ رسول جي سڏ تي حاضر ٿيا انهن مان جن چڱائي ڪئي ۽ الله کان ڈنا تن لاءِ وڏو ثواب آهي (١٧٢) جن کي ماڻهن چيو تہ ڪافر ماڻهن اوهان لاءِ وڏو جٿو گڏ ڪيو آهي تنهنڪري انهن کان ڈجو تہ ويتر انهن جو ايمان وڌيو ۽ چيائون تہ الله اسان کي ڪافي آهي ۽ اهو سٺو پرجهلو آهي (١٧٣) پوءِ اهي مسلمان الله جي نعمت ۽ فضل سان سلامت موٽيا کين ڪابہ

تڪليف ڪونہ پهتي ۽ الله جي رضا تي هليا. ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (١٧٤) اهو شيطان آهي جيڪو پنهنجي ساٿين کان توهان کي ڊيڄاريندو آهي، جيڪڏهن ايمان وارا آهيو تہ انهن ڪافرن کان نہ ڊجو پر مون الله کان ڊجو (١٧٥) ۽ اي محبوب! جيڪي ڪفر ڏانهن ڊوڙن ٿا تون انهن جو ڪوبہ غم نہ ڪر، چوتہ اهي الله جو ڪجهہ بہ نہ بگاڑيندا. الله گهري ٿو تہ آخرت ۾ انهن جو ڪو حصو نہ رکي ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي (١٧٦) بيشڪ جن ايمان جي بدلي ڪفر ورتو آهي سي الله جو ڪجهہ نہ بگاڑيندا ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٧٧) ۽ ڪافر هرگز هن گمان ۾ نہ رهن تہ اسان انهن کي جيڪا مهلت ڏيندا آهيون اها ڪا انهن لاءِ بهتر آهي. اسان انهن کي هن کان سواءِ ڊر نہ ڏنيسين تہ گناهن ۾ وڌن ۽ انهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي (١٧٨) اي منافقو! الله مومنن کي ان حال تي ڇڏڻ وارو نہ آهي جنهن تي اوهان آهيو الله ضرور پليت کي پاڪ کان جدا ڪندو. الله جو اهو شان نہ آهي جو اوهان کي غيب جو علم ڏئي ڇڏي. پر الله پنهنجن رسولن مان جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي چونڊيندو آهي، تنهنڪري الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آڻيو ۽ جيڪڏهن ايمان آڻيندا ۽ پرهيزگار ٿيندا تہ اوهان لاءِ وڏو ثواب آهي (١٧٩) الله پنهنجي فضل سان جن کي رزق ڏنو آهي ۽ ان کي خرچ ڪرڻ ۾ بخل ڪن ٿا اهي ان کي هرگز سٺو نہ سمجهن. بلڪ جنهن شي جو بخل ڪيائون اها انهن لاءِ بچڙي ڳالهہ آهي. قيامت جي ڏينهن بخل واري شي جا انهن جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ هوندا. آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله جي آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٨٠)[18] بيشڪ الله انهن منافقن جو چوڻ ٻڌو جن چيو تہ الله سُڃو آهي ۽ اسين آسودا آهيون. انهن جيڪي چيو سو ۽ انهن جو نبين کي ناحق شهيد ڪرڻ بہ لکنداسين ۽ آخرت ۾ چونداسين تہ پڙڪندڙ باهہ جو عذاب چکو (١٨١) اها سزا ان ڪري آهي جيڪو توهان جي هٿن اڳتي موڪليو آهي. ۽ الله ٻانهن تي ظلم نہ ڪندو آهي (١٨٢) جيڪي يهودي چون ٿا تہ الله اسان سان انجام ڪيو آهي تہ ڪنهن رسول تي ايستائين ايمان نہ آڻيو جيستائين اهو اهڙي قرباني جو حڪم نہ آڻي جنهن کي باهہ کائي وڃي. اي پيغمبر! کين چئو تہ مون کان اڳ ڪيترن ئي رسولن پڌرا معجزا ۽ ٻيو جيڪي توهان چيو اهو اوهان وٽ آندو. پوءِ

جيڪڏهن سچا آهيو تہ ٻڌايو اوهان انهن کي جو شهيد ڪيو (۱۸۳) سو اي محبوب! جيڪڏهن انهن توکي ڪوڙو سمجهيو آهي تہ توکان اڳين رسولن کي بہ ڪوڙو سمجهيو ويو آهي جن وٽن صاف نشانيون ۽ صحيفا ۽ روشن ڪتاب آندا هئا (۱۸٤) هر ساهہ واري کي موت جو مزو چکڻو آهي، ۽ بيشڪ اوهان کي قيامت جي ڏينهن توهان جي عملن جو پورو اجر ڏنو ويندو. پوءِ جنهن کي باهہ کان بچايو ويو ۽ بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو مراد کي پهتو ۽ ياد رکو دنيا جي حياتي نٻجيءَ جي سامان کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي (۱۸۵) اوهان کي اوهان جي مالن ۽ جانين ۾ ضرور آزمايو ويندو ۽ توهان کان اڳ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي تن کان ۽ عرب مشرڪن کان ضرور گهڻيون گاريون ٻڌندو ۽ جيڪڏهن صبر ڪندو ۽ پرهيزگاري ڪندو تہ اهو وڏي همت جو ڪم آهي (۱۸٦) ياد ڪر، الله ڪتاب وارن کان پڪو واعدو ورتو هو تہ ان ڪتاب کي ضرور ماڻهن سان بيان ڪجو ۽ ان کي نہ لڪائجو پر ان انجام کي پنهنجي پٺيان اڇلائي ڇڏيائون ۽ ان جي عيوض ٿورو ملهہ ورتائون، سو جيڪو ورتائون اهو بيڙو آهي (۱۸۷) اي پيغمبر! جيڪي پنهنجي ڪئي تي خوش ٿين ٿا ۽ گهرن ٿا تہ بنا ڪم جي انهن جي تعريف ٿئي انهن کي تون هرگز عذاب کان ڇٽل نہ ڄاڻ پر انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۱۸۸) ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي ۽ الله هر شي تي وس وارو آهي (۱۸۹)[19] بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي خلقت ۾ ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦيرگير ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون آهن (۱۹۰) جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن پر ليٽي الله کي ياد ڪندا آهن ۽ آسمانن ۽ زمين جي بناوٽ ۾ غوروفڪر ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اي اسان جا پالڻهار! تو هي بيڪار نہ ٺاهيا آهن، توکي پاڪ ڄاڻون ٿا، تنهنڪري اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ (۱۹۱) اي اسان جا پالڻهار! تو جنهن کي دوزخ ۾ وڌو تہ بيشڪ ان کي تو خوار ڪيو ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نہ هوندو (۱۹۲) اي اسان جا پالڻهار! اسان سڏيندڙ (رسول ﷺ) جي سڏ کي ٻڌو جيڪو ايمان ڏانهن سڏيندو آهي تہ پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيو پوءِ اسان ايمان آندو، اي اسان جا پالڻهار! اسان کي اسان جا گناهہ بخش ۽ اسان جون مَدايون ميٽ ۽ پلارن سان گڏ اسان جو موت ڪر (۱۹۳) اي اسان جا پالڻهار! اسان کي اهو ڏي جنهن جو تو اسان

سان پنهنجن رسولن جي معرفت واعدو ڪيو آهي ۽ اسان کي قيامت جي ڏينهن خوار نه ڪج. بيشڪ تون واعدي خلافي نه ڪندو آهين (١٩٤) پوءِ انهن جي پالٽهار سندن دعا قبول ڪئي ته آءٌ اوهان مان عمل ڪندڙ مرد يا عورت جي محنت نه وڃائيندس. اوهان مان کي ڪن مان پيدا ٿيل آهن. پوءِ جن هجرت ڪئي ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍيا ويا ۽ منهنجي واٽ ۾ ستايا ويا ۽ وڙهيا ۽ ماريا ويا ته آءٌ ضرور انهن جون سڀ مَدايون ميٽيندس ۽ انهن کي اهڙن باغن (جنت) ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اهو الله جي طرفان بدلو آهي ۽ الله وٽ ئي سڻو بدلو آهي (١٩٥) اي پيغمبر! توکي ڪافرن جو شهرن ۾ عياشي سان گهمڻ ڦرڻ ڏوکي ۾ نه وجهي (١٩٦) اهو ٿورو دنياوي فائدو آهي ۽ انهن جي رهڻ جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اهو بيڙو هنڌ آهي (١٩٧) پر جيڪي پنهنجي پالٽهار کان ڈنا انهن لاءِ باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اهي انهن ۾ هميشه رهندا. اها الله جي طرفان مهماني هوندي ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو پلارن لاءِ سڀ کان پلو آهي (١٩٨) ڪتاب وارن مان کي اهي آهن جيڪي الله کي ۽ ان کي جيڪو توڏانهن (قرآن) لاٿو ويو ۽ جيڪي (توريت) انهن ڏانهن لاٿو ويو سيني کي الله لاءِ عاجزي ڪندي مڃيندا آهن ۽ الله جي آيتن کي ٿوري ملهه سان نه وڪڻندا آهن. اِهي اُهي آهن جن لاءِ سندن پالٽهار وٽ اجر آهي ۽ الله تڪڙو حساب ڪندڙ آهي (١٩٩) اي ايمان وارو! صبر ڪريو ۽ هڪٻئي کي ترغيب ڏيو ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل رهو ۽ الله کان ڈڄندا رهو ته جيئن اوهان ڪامياب ٿيو (٢٠٠)[20]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت نساء مدني آهي. هن ۾ 176 آيتون ۽ 24 رڪوع آهن.

اي انسانو! پنهنجي پالٽهار کان ڈجو جنهن توهان کي هڪ جڙ (آدم) مان پيدا ڪيو ۽ انهيءَ مان ان جي زال پيدا ڪيائين ۽ انهن بن مان گهڻائي مرد ۽ عورتون پکيڙيائين. ۽ ان الله کان ڈجو جنهن جي نالي مائٽيءَ ڪرڻ لاءِ سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن جو لحاظ رکو. بيشڪ الله هر وقت توهان تي نگهبان آهي (١) ۽ يتيمن کي سندن مال ڏيو ۽ خراب شي کي

انهن جي سڻي شي سان نہ بدلايو ۽ نہ انهن جو مال پنهنجي مال سان ملائي کائو ڇوتہ اهو وڏو گناهہ آهي (٢) ۽ جيکڏهن توهان کي خوف هجي تہ توهان يتيم ڇوڪرين سان نڪاح ڪرڻ ۾ انصاف ڪري نہ سگهندو تہ جيکي عورتون توهان کي پسند هجن سي ٻہ ٻہ ۽ ٽي ٽي ۽ چار چار پرڻجو پوءِ جيکڏهن ڏِجو تہ ٻن زالن کي انصاف سان ۽ برابر رکي نہ سگهندو تہ هڪ پرڻجو يا جن ٻانهين جا توهان شرعي مالڪ آهيو اهي رکو هي هن ڪري وڌيڪ سنو آهي جو توهان کان ظلم نہ ٿيندو (٣) ۽ زالن کي سندن مَهر خوشيءَ سان ڏيو. پوءِ جي اهي پنهنجي دلي خوشيءَ سان ان مان ڪجهہ حصو توهان کي ڇڏين تہ ان کي مزي سان ڪم آڻيو (٤) ۽ بي سمجهن کي سندن اهي مال نہ ڏيو جن کي الله توهان جي واسطي گذران جو سبب بڻايو آهي ۽ انهن کي ان مان کارايو ۽ ڏيکايو ۽ انهن کي چڱي ڳالهہ چئو (٥) ۽ يتيمن کي ايستائين آزمائيندا رهو جيستائين اهي شادي جي قابل ٿين. پوءِ جي توهان انهن کي ٺيڪ سمجهدار ڏسو تہ انهن جو مال انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ اهي مال اجايو ۽ سندن وڏي ٿيڻ جي ڊپ کان تڪڙ ۾ نہ کائو ۽ جيڪو سنياليندڙ آسودو هجي سو يتيم جو مال کائڻ کان بچندو رهي. پر جيڪو مسڪين هجي سو مناسب ضرورت آهر ۽ خدمت ڪرڻ مطابق کائي. پوءِ جڏهن توهان انهن کي سندن مال حوالي ڪيو تہ انهن تي شاهد ڪري ڇڏيو ۽ حساب ونڻ لاءِ الله ڪافي آهي (٦) ماءُ پيءُ ۽ مائٽ جيڪو مال ڇڏي ويا ان مان مردن جي واسطي حصو آهي. ۽ جيڪو ماءُ ۽ پيءُ ۽ مائٽ ڇڏي ويا ان ۾ عورتن جي واسطي ٻہ حصو آهي. ملڪيت ٿوري هجي يا گهڻي. حصو مقرر ڪيل آهي(٧) ۽ جيڪڏهن ملڪيت ورهائڻ وقت ٻيا مائٽ ۽ يتيم ۽ مسڪين اچي وڃن تہ انهيءَ مال مان انهن کي ٻہ ڪجهہ ڏيو ۽ انهن سان سڻي ڳالهہ ڪريو (٨) ۽ ترڪو ورهائيندڙ اهو خوف رکن تہ جيکڏهن پنهنجي پويان ڪمزور اولاد ڇڏين تہ انهن جو کين ڪيترو ڊپ هوندو سو انهن کي يتيمن ۽ ٻين مائٽن لاءِ ٻہ ائين ڊِجڻ گهرجي. کين گُهرجي تہ الله کان ڊِجن ۽ سڌي ڳالهہ چون (٩) بيشڪ جيکي يتيمن جو مال ناحق کائن ٿا اهي ياد رکن تہ پنهنجي پيٽن ۾ رڳو باهہ ئي پرين ٿا ۽ سگهو ڇيڀي هٽندڙ باهہ ۾ ويندا (١٠)[1] الله توهان کي توهان جي اولاد جي باري ۾ حڪم ڏئي ٿو تہ پٽ جو حصو ٻن ڏيئرن جي

حصي برابر آهي، پر جي فقط ڏيئرون ہن کان وڏيڪ هجن تہ انهن کي ميراث مان ہ ٿهايون ۽ جيڪڏهن ڏي هڪ هجي تہ ان لاءِ ملڪيت جواڏ آهي ۽ جيڪڏهن فوتي کي اولاد هجي تہ ان جي ماءُ ۽ پيءُ مان هرهڪ لاءِ ہ سندس ميراث مان ڇهون حصو آهي، پر جيڪڏهن فوتيءَ کي اولاد نہ هجي ۽ رڳو ماءُ ۽ پيءُ وارث ڇڏيائين تہ ماءُ جو ٽيون حصو ۽ باقي پي لاءِ آهي، پر جيڪڏهن فوتي جا ياءُ پيٽ ہ هجن تہ پوءِ فوتي جي ماءُ جو ڇهون حصو آهي، اها ورهاست قرض جي ادائگي ۽ فوتي جيڪا وصيت ڪري ويو هجي ان جي ادائگي کان پوءِ ٽيندي، ۽ توهان پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجن پٽن بابت نٹا ڄاڻو تہ انهن مان ڪهڙو فائدي جي ڪري توهان کي ويجهو آهي، اها ورهاست الله جي طرف کان فرض ڪيل آهي، بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١١) ۽ توهان جون زالون ملڪيت ڇڏي وڃن تہ جيڪڏهن انهن کي اولاد نہ هجي تہ ملڪيت مان توهان (مڙس) جواڏ آهي پر جيڪڏهن انهن کي اولاد هجي تہ انهن جي ٹرکي مان توهان (مڙس) جو چوٿون حصو آهي، اها سڀ ورهاست وصيت جيڪا ڪري ويون ۽ قرض جي ادائگي کان پوءِ آهي، ۽ توهان (مڙس) جي ميراث مان ہ جيڪڏهن توهان جي اولاد نہ هجي تہ توهان جي زالن جي واسطي چوٿون حصو آهي، پر جي توهان کي اولاد هجي تہ انهن (زالن) جو توهان جي ٹرکي مان اٺون حصو آهي، اهو سڀ توهان جي ڪيل وصيت ۽ قرض جي ادائگي کان پوءِ آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي مرد يا عورت جي ملڪيت ورهائجي ٿي جنهن پنهنجي پٽيان ماءُ پيءُ ۽ اولاد ڪجهہ نہ ڇڏيو هجي ۽ ان کي مائيتو هڪ ياءُ يا هڪ پيٽ آهي تہ ان لاءِ ڇهون حصو آهي، پوءِ جي اهي ياءُ پيٽ هڪ کان وڏيڪ هجن تہ سموراٽئين پاڳي ۾ شريڪ آهن، اها سڀ ورهاست ميت جي وصيت جنهن ۾ ان نقصان نہ پهچايو هجي ۽ قرض ڪيڊي ڪري آهي، اهو الله جو حڪم آهي ۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي (١٢) اهي الله جون حدون آهن ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪندو تہ الله ان کي اهڙن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، هميشهہ ان ۾ رهندا ۽ اهائي وڏي ڪاميابي آهي (١٣) پر جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪندو ۽ ان جون حدون اورانگهيندو تہ الله کيس باهہ ۾ داخل ڪندو جنهن ۾

همیشھ رھندو ۽ ان جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آھي (١٤)[2] ۽ توھان جي زالن مان جيڪي بدڪاري ڪن ٿا انھن تي خاص پنھنجن مان چار مرد شاھد آڻيو پوءِ جيڪڏھن شاھد شاھدي ڏين ٿا انھن عورتن کي ايستائين گھرن ۾ بند رکو جيستائين جو انھن کي موت ماري يا الله انھن جي واسطي ڪا ٻي واٽ پيدا ڪري (١٥) ۽ توھان مان جيڪي مرد اھڙو ڪم ڪن ٿا انھن کي مار ڏيو پوءِ جيڪڏھن اھي توبھ ڪن ۽ نيڪ ٿي وڃن ٿا انھن کي مار ڏيڻ کان مُڙو ڇوتہ الله توبھ قبول ڪندڙ مھربان آھي (١٦) اھا توبھ جنھن جو قبول ڪرڻ الله پنھنجي فضل جي ذمي لازم ڪيو آھي سا انھن جي لاءِ آھي جيڪي ناداني ۾ ڪا برائي ڪري ويھن ۽ پوءِ جلدي پشيمان ٿي توبھ ڪن ٿا الله اھڙن جي توبھ قبول ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آھي (١٧) باقي انھن جي توبھ قبول ٿيڻي نہ آھي جيڪي گناھن ۾ رڌل رھندا آھن تان جو انھن مان ڪنھن کي موت اچي پھچي ٿا چوي ھاڻي مون توبھ ڪئي ۽ انھن جي توبھ قبول نہ ٿيندي. جيڪي ڪافر ٿي مرندا انھن لاءِ اسان ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو آھي (١٨) اي ايمان وارو! توھان کي جائز نہ آھي جو عورتن کي فوتيءَ جي ميراث سمجھي انھن جا زبردستي وارث ٿي وڃو ۽ عورتن کي پڏري گناھ ڪرڻ کان سواءِ ھن نيت سان نہ روڪيو جو انھن کي جيڪي ڏنو ھجيوَ ان مان ڪجھ واپس وٺو بلڪ انھن سان چڱو سلوڪ ڪريو. پر جيڪڏھن اھي توھان کي پسند نہ اچن ٿا ڏيرج ڪريو ڇوتہ ممڪن آھي ڪا شي توھان کي پسند نہ ھجي ۽ الله ان ۾ گھڻي ڀلائي رکي ھجي(١٩) ۽ جيڪڏھن توھان ھڪڙي زال جي بدران ٻي زال آڻڻ چاھيو ۽ پھرين زال کي ڍير سارو مال ڏئي چڪا آھيو تہ ان مان ڪجھ بہ واپس نہ وٺو ڀھتان مڙھي ۽ ڪليل بَدِي لائي اھو مال ڇو ڪسيندو (٢٠) ۽ اھو مال ڪيئن واپس وٺندو جڏھن تہ توھان ھڪ ٻئي جي سامھون بي پرده ٿي چُڪا آھيو ۽ اھي زالون توھان کان مھر ڏيڻ جو پڪو انجام وٺي چڪيون آھن(٢١) ۽ ابي ڏاڏي جي زالن سان نڪاح نہ ڪيو مگر جيڪي ٿي گذريو سو ٿي ويو بيشڪ اھو بي حيائي ۽ ڏمر جو ڪم آھي ۽ نھايت بڇڙي واٽ آھي (٢٢)[3] اي مسلمانو! توھان تي توھان جون مائرون ۽ ڌيئرون ۽ ڀينرون ۽ پڦيون ۽ ماسيون ۽ ڀائٽيون ۽ ياڻيجيون ۽ توھان جون اھي مائرون جن توھان کي ڇڄ پياري ۽

ٽيج شريڪ ٻينرون ۽ توهان جي زالن جون مائرون ۽ انهن زالن جون ڏيئرون (اڳ ڄايون) جيڪي توهان جي جهولي ۾ پليون آهن اهي حرام آهن ۽ جن جي مائرن سان توهان نڪاح ڪان بعد صحبت ڪري چڪا آهيو (طلاق ڪان پوءِ) سي چوڪريون به توهان تي حرام آهن. پرجيڪڏهن توهان انهن زالن سان صحبت نه ڪئي هجي ته طلاق ڪان پوءِ انهن جي ڏيئرن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. ۽ توهان جي نسلي پٽن جون زالون ۽ هڪ وقت ۾ ٻن ٻينرن کي نڪاح ۾ گڏ رکڻ به حرام آهي. مگر جيڪي ٿي گذريو سو ٿي ويو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٣) ۽ ملڪيت ۾ آيل ٻانهين کان سواءِ مڙسن واريون (پرٽيل) عورتون به توهان لاءِ حرام آهن. هي توهان لاءِ الله جو لکيل حڪم آهي ۽ انهن کان سواءِ ٻيون عورتون توهان کي حلال آهن جو پنهنجي مال (مهر) جي عيوض انهن سان شادي ڪيو نه ڪي زنا جو ارادو ڪندڙ هجو. پوءِ جن عورتن کي نڪاح ۾ آڻڻ گهرو ته انهن کي سندن مقرر مهر ڏيو ۽ مهر طي ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن توهان جي پاڻ ۾ مهر مان ڪجهه ڇڏڻ لاءِ رضامندي ٿي وڃي ته ان ۾ ڪو گناهه نه آهي. بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٢٤) ۽ توهان مان جيڪو آزاد مومن عورت سان نڪاح ڪرڻ جي سگهه نه رکندو هجي ته اهو مومن مردن جي مومن ٻانهين سان نڪاح ڪري ته ان ۾ عار ڪونهي. ۽ الله توهان جي ايمان کي خوب ڄاڻي ٿو. توهان مان هڪڙا ٻين مان پيدا ٿيل آهن. پوءِ انهن جي مالڪن جي اجازت سان انهن سان نڪاح ڪريو ۽ دستور موجب انهن جا مهر انهن کي ڏيو. اهي نڪاح ۾ آڻل زالون هجن نه زنا ڪرڻ لاءِ ۽ نه يار بڻائيندڙ هجن. جڏهن اهي نڪاح ۾ اچي وڃن ۽ پوءِ برو ڪم ڪن ته انهن تي ان سزا جو اڌ آهي جيڪا آزاد عورتن تي آهي. هي ٻانهين سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت انهيءَ جي واسطي آهي جنهن کي توهان مان زنا ڪرڻ جو انديشو هجي. البت صبر ڪرڻ توهان جي لاءِ ڀلو آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٥)[4] الله چاهي ٿو ته پنهنجا احڪام توهان جي واسطي کولي بيان ڪري ۽ جيڪي توهان کان اڳ گذريا آهن اوهان کي انهن جو رستو ڏيکاري ۽ توهان کي معاف ڪري ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٢٦) ۽ الله توهان تي پنهنجو رحم ڪرڻ گهرندو آهي پر جيڪي پنهنجن سَڏُن جي پٺيان لڳندا آهن اهي توهان

جو سڌي واٽ کان پري ٿي وڃڻ گُهرندا آهن (۲۷) الله چاهي ٿو تہ توهان تان بار هلکو ڪري چوتہ انسان کي ڪمزور پيدا ڪيو ويو آهي(۲۸) اي ايمان وارو! پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناحق نہ کائو مگر پاڻ ۾ توهان جو هڪٻئي جي رضامندي سان سودو هجي تہ ٻلي کائو ۽ اوهان پاڻ کي هلاڪ نہ ڪريو بيشڪ الله توهان تي مهربان آهي (۲۹) ۽ جيڪو ظلم ۽ زيادتي سان ائين ڪندو تہ ان کي باهہ ۾ وجهنداسين ۽ اهو ڪم الله لاءِ سولو آهي (۳۰) جن وڏن گناهن کان توهان کي منع ڪئي وئي آهي جيڪڏهن انهن کان بچندا رهو تہ توهان جا ننڍڙا گناهہ بخشي ڇڏيندا سين ۽ توهان کي عزت واري جاءِ ۾ داخل ڪنداسين (۳۱) ۽ انهن شين جي سڌ نہ ڪيو جن سان الله توهان مان هڪڙن کي ٻين کان فضيلت ڏني آهي. مردن جيترو پاڻ ڪمايو ان مان سندن حصو آهي ۽ عورتن جيترو پاڻ ڪمايو ان مان انهن جو حصو آهي ۽ الله کان سندس فضل گهرو بيشڪ الله سڀ ڪنهن شي کي ڄاڻندڙ آهي (۳۲) ۽ ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جيڪو مال ڇڏيو ان مال جا مستحق وارث مقرر ڪياسين. ۽ جن سان توهان جو قَسم تي مائتيءَ جو عهد ڪيل آهي انهن کي سندن حصو ڏيو بيشڪ الله هر شي کان واقف آهي (۳۳)[5] مرد عورتن تي ان کري حاڪم آهن جو الله انهن مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني آهي ۽ ان کري جو مرد انهن تي پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن. نيڪ بخت عورتون ادب واريون ۽ تابعداري ڪندڙ ۽ پرپٺ حفاظت ڪندڙ آهن جيئن الله حفاظت جو حڪم ڏنو آهي. ۽ توهان کي جن عورتن جي نافرمانيءَ جو انديشو هجي تہ انهن کي زباني سمجهايو ۽ انهن کان جدا سمهو ۽ انهن کي ٽڦاٽڦي ڪيو پوءِ جي اهي توهان جي فرمان ۾ اچي وڃن تہ انهن تي زيادتي ڪرڻ لاءِ ڪو بهانو نہ ڳوليو بيشڪ الله بلند وڏائي وارو آهي (۳٤) ۽ جيڪڏهن توهان کي مڙس ۽ زال جي وچ ۾ اٽبٽت جو خوف هجي تہ هڪڙو امين مڙس وارن جي طرفان ۽ هڪڙو امين عورت وارن جي طرفان مقرر ڪيو جيڪڏهن اهي ٻئي امين صلح ڪرائڻ گهرندا تہ الله انهن ۾ موافقت ڪري ڇڏيندو بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبروار آهي (۳۵) ۽ صرف الله جي عبادت ڪريو ۽ ڪنهن کي ب ان سان شريڪ نہ ناهيو ۽ ماءُ پيءُ سان ۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ محتاجن ۽ ويجهي پاڙي وارن ۽ پري جي پاڙي وارن ۽

پاسي جي ساڻي ۽ مسافر ۽ پنهنجي ٻانهي ۽ غلام سان ٻلائي ڪريو ڇوتہ الله ڪنهن بہ ٻاڻ ٻڌائيندڙ ۽ وڏائي ڪندڙ کي دوست نٿو رکي(٣٦) جيڪي ٻاڻ ڪنجوسي ڪن ۽ ٻين کي بہ ڪنجوسي ڪرڻ لاءِ ڇون ۽ الله انهن کي جيڪي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي ان کي لڪائين. اهڙن ڪافرن جي واسطي اسان خواري وارو عذاب تيار ڪيو آهي (٣٧) ۽ انهن لاءِ بہ جيڪي پنهنجو مال ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ خرچ ڪندا آهن ۽ الله کي ۽ قيامت جي ڏينهن کي ڪونہ مڃيندا آهن. ۽ جنهن جو ساڻي شيطان ٿيو تہ اهو بيڙو ساڻي آهي (٣٨) ۽ انهن جو ڪهڙو نقصان ٿئي ها جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃين ها ۽ الله جي ڏني مان ان جي واٽ ۾ خرچ ڪن ها ۽ الله انهن جي حال کي ڄاڻندڙ آهي (٣٩) بيشڪ الله ذري برابر بہ ظلم نہ ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪا نيڪي هجي تہ اها ٻيٽي ڪندو آهي ۽ پنهنجي طرف کان وڏو ثواب ڏيندو آهي (٤٠) پوءِ ڪيئن ڪندا جڏهن اسان قيامت جي ڏينهن هر امت مان هڪڙو شاهد آڻينداسين. ۽ اي پيغمبر! توکي بہ انهن سمورن تي شاهد ڪري آڻينداسين (٤١) اهي جن ڪفر ڪيو آهي ۽ رسول جي نافرماني ڪن ٿا انهي ڏينهن تمنا ڪندا تہ ڪاش کين متي ۾ پوري زمين برابر ڪئي وڃي. ۽ الله کان ڪجهہ لڪائي نہ سگهندا (٤٢)[6] اي ايمان وارو! نشي جي حالت ۾ ايستائين نماز کي ويجها نہ وڃو جيستائين جو ايترو هوش نہ هجي جو جيڪي چئو اهو سمجهو ۽ مسافر کان سواءِ ڪوئي ڳوناڻو ناپاڪائي (تڙ) جي حالت ۾ بغير غسل ڪرڻ جي نماز نہ پڙهي. پر جيڪڏهن توهان بيمار هجو يا سفر ۾ هجو يا توهان مان ڪو قضا حاجت کان آيو هجي يا توهان زالن سان ميلاپ ڪيو هجي ۽ پاڻي نہ لهو تہ پاڪ متيءَ سان تيمم ڪريو. پوءِ پنهنجي منهن ۽ هٿن جو مڪ ڪريو. بيشڪ الله معاف ڪندڙ ۽ بخشڻهار آهي (٤٣) اي پيغمبر! ڇا تو انهن کي نہ ڏٺو آهي جن کي ڪتاب مان هڪ حصو مليو آهي پر گمراهي خريد ڪندا آهن ۽ چاهين ٿا تہ توهان بہ رستي کان ڀٽڪي وڃو (٤٤) ۽ الله توهان جي دشمنن کي خوب ڄاڻندڙ آهي ۽ الله کافي ڪارساز آهي ۽ الله کافي مددگار آهي(٤٥) انهن يهودين مان کي لفظن کي انهن جي جاءِ کان ڦيرائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان ٻڌو ۽ نہ مڃيو ۽ چون ٿا ٻڌ. شال نہ ٻڌايل هجين ۽ زبان کي موڙڻي

دين ۾ طعني هٽڻ لاءِ راعنا چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اهي ٻڌوسون ۽ مڃيوسون (سمعنا و عصينا) جي بجاءَ اسان ٻڌو ۽ فرمانبرداري ڪئيسين (سمعنا و اطعنا)۽ حضور اسان جي ڳالهه ٻڌ ۽ اسان تي نظر فرماءِ چون هاتـ انهن جي لاءِ درست ۽ چڱائي هجي ها. پر الله انهن جي ڪفر سبب انهن تي لعنت ڪئي آهي. سو ٿورن کان سواءِ ٻيا ايمان نٿا آڻين (٤٦) اي ڪتاب وارو! هن کان اڳ جو اسان ڪجهه منهن بگاڙي ڇڏيون پوءِ انهن کي انهن جي پٺيءَ جي طرف ڦيري ڇڏيون يا انهن تي لعنت ڪريون جيئن ڇنڇر وارن تي لعنت ڪئيسين جيڪو قرآن لاٿوسين ان تي ايمان آڻيو جيڪو توهان وٽ موجود ڪتاب توريت جي تصديق ڪندڙ آهي. ۽ الله جو حڪم پورو ٿي رهندو آهي (٤٧) بيشڪ الله ساڻس شرڪ ڪرڻ جو ڏوهه نه بخشيندو ۽ ان (شرڪ) کان سواءِ جيڪو گناهه آهي اهو جنهن کي چاهي تـ معاف ڪري ڇڏي ۽ جنهن الله جو شريڪ ناهيو ان وڏي گناهه جو بهتان گهڙيو (٤٨) اي پيغمبر! ڇا تو انهن کي نه ڏٺو آهي جيڪي پنهنجو پاڻ کي پاڪ صاف چوندا آهن. نه. بلڪ الله جنهن کي گهرندو آهي ان کي پاڪ صاف ڪندو آهي ۽ انهن تي تِر جيترو به ظلم نه ٿيندو (٤٩) اي پيغمبر! ڏس تـ الله تي ڪيئن ڪوڙ ٻڌي رهيا آهن ۽ اهو کافي پڌرو گناهه آهي (٥٠)[7] اي پيغمبر! تو انهن کي نه ڏٺو آهي ڇا جن کي ڪتاب جو هڪ حصو مليو پر اهي بُتن ۽ شيطان (طاغوت) کي مڃيندا آهن ۽ ڪافرن لاءِ چوندا آهن تـ اهي مسلمانن کان وڌيڪ سڌي راهه تي آهن (٥١) اِهي اُهي آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي. ۽ جنهن تي الله لعنت ڪري تـ ان جو ڪو مددگار نه لهندين (٥٢) ملڪ (بادشاهي) ۾ انهن جو ڪجهه حصو آهي ڇا؟ جي ائين هجي تـ ماڻهن کي تِر جيترو به نه ڏين (٥٣) بلڪ ماڻهن سان انهي تي حسد ڪندا آهن جيڪو الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي. پوءِ بيشڪ اسان ابراهيم جي اولاد کي ڪتاب ۽ دانائي عطا ڪئي ۽ انهن کي وڏي بادشاهي ڏنيسين (٥٤) پوءِ انهن مان ڪن ان ڪتاب کي مڃيو آهي ۽ انهن مان ڪن ان کان منهن موڙيو آهي ۽ انهن لاءِ ڄيڄي واري دوزخ ڪافي آهي (٥٥) بيشڪ جن اسان جي آيتن کي نه مڃيو آهي جلد انهن کي باهه ۾ داخل ڪنداسين. جڏهن به انهن جون ڪلون پڇي ويندیون تـ اسان سندن ٻيون ڪلون ٻَٽائينداسين تـ عذاب جو مزو وٺن. بيشڪ الله

زبردست حڪمت وارو آهي (٥٦) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ جلد انهن کي باغن (بهشت) ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، انهن ۾ هميشہ رهندا، انهن لاءِ اتي پاڪ زالون آهن ۽ انهن کي گهاڻين ڇانون ۾ داخل ڪنداسين (٥٧) بيشڪ الله توهان کي حڪم ڏئي ٿو تہ امانتون سندن مالڪن کي واپس ڪريو ۽ جڏهن ماڻهن ۾ فيصلو ڪريو تہ انصاف سان فيصلو ڪريو، بيشڪ الله توهان کي ڪهڙي نہ سٺي نصيحت ڪري ٿو، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٥٨) اي ايمان وارو! الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪيو ۽ جيڪي توهان مان صاحبِ امر (شرعي حڪم ڏيڻ جا اهل) آهن انهن جي فرمانبرداري ڪريو، پوءِ جيڪڏهن توهان ۾ ڪنهن ڳالهہ تي جهيڙو ٿي پوي تہ جيڪڏهن الله ۽ قيامت تي ايمان رکو ٿا تہ الله ۽ رسول جي حڪم ڏانهن رجوع ڪريو هي بهتر آهي ۽ ان جو انجام سڀ کان سٺو آهي (٥٩)[8] اي پيغمبر! ڇا تو انهن منافقن کي نہ ڏٺو آهي جيڪي چون ٿا تہ انهن ان تي ايمان آندو آهي جيڪو توتي لٿو آهي ۽ جيڪو توکان اڳ ۾ لٿو آهي، پر ان هوندي بہ شيطان (طاغوت) کي پنهنجو امين بڻائڻ گهرندا آهن، جڏهن تہ انهن کي حڪم هي هو تہ ان کي اصل نہ مڃين، ۽ شيطان تہ چاهي ٿو تہ انهن کي گهٽو گمراهہ ڪري (٦٠) ۽ جڏهن انهن کي چيو ويجي ٿوتہ الله جي نازل ڪيل ڪتاب ۽ رسول جي طرف اچو تہ تون ڏسندو آهين تہ منافق توکان منهن موڙي ويندا آهن (٦١) پوءِ ڪيئن ڪندا جڏهن ان جي بدلي جيڪو انهن جي هٿن اڳتي موڪليو آهي انهن تي ڪا مصيبت پهچندي، پوءِ اي محبوب! تو وٽ اچي الله جا قسم ڪٽندا تہ اسان جو تہ ڀلائي ۽ سڌاري کان سواءِ ٻيو ڪو ارادو نہ هو (٦٢) انهن جي دلين جي ڳالهہ تہ الله ڄاڻي ٿو پر تون انهن کان درگذر ڪر ۽ انهن کي نصيحت ڪندو رهہ ۽ انهن کي دل ۾ اثر ڪرڻ واري ڳالهہ چئہ (٦٣) ۽ اسان کوبہ رسول هن کان سواءِ نہ موڪليوسون تہ الله جي حڪم سان ان جي فرمانبرداري ڪئي وڃي، ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪري وجهن تہ اي محبوب! تو وٽ اچن پوءِ الله کان معافي گهرن، ۽ تون رسول بہ انهن لاءِ بخشش گهرين تہ ضرور الله کي گهٽو توبهہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا (٦٤) پوءِ اي محبوب! تنهنجي پالڻهار جو قسم آهي تہ اهي

ايستائين ايمان وارا نہ ٿيندا جيستائين پنهنجي جهيڙن ۾ توکي فيصلو ڪرڻ وارو نہ بڻائين، پوءِ تون جيڪو نبيرو ڪرين تہ پنهنجي دلين ۾ ان بابت ڪا رڪاوٽ نہ سمجهن ۽ دل سان مڃي ويهن (٦٥) ۽ جيڪڏهن اسان انهن تي فرض ڪيون ها تہ پنهنجي پاڻ کي قتل ڪريو يعني پاڻ کي جهاد ۾ قربان ڪريو يا پنهنجو گهربار ڇڏي هجرت لاءِ نڪري وڃو تہ انهن مان ٿورن کان سواءِ ٻيا ائين نہ ڪن ها. ۽ انهن کي جنهن ڳالهہ جي نصيحت ڪئي وڃي ٿي جيڪڏهن اهي ائين ڪن ها تہ ان ۾ انهن جو ڀلو هو ۽ ايمان تي خوب جمڻ واري ڳالهہ هجي ها(٦٦) ۽ ائين ٿئي ها تہ ضرور اسان انهن کي پنهنجي طرف کان وڏو ثواب ڏيون ها (٦٧) ۽ ضرور انهن کي سڌي واٽ جي هدايت ڪريون ها (٦٨) ۽ جيڪي الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪن ٿا انهن کي انهن جو ساٽ نصيب ٿيندو جن تي الله فضل ڪيو آهي يعني نبي، صديق، شهيد ۽ چڱا (صالح) ماڻهو اهي ڪهڙا تہ ڀلا ساٿي آهن (٦٩) اهو الله جي طرفان فضل آهي، ۽ الله ڪافي ڄاڻندڙ آهي (٧٠)[9] اي ايمان وارو! پنهنجي بچاء جو سامان تيار رکو پوءِ جهاد لاءِ ٽولا ٽولا ٿي نڪرو يا گڏجي نڪرو (٧١) ۽ توهان مان ڪو اهڙو آهي جيڪو ڄاڻي واڻي دير ڪندو آهي، پوءِ جيڪڏهن توهان تي ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ چوندو آهي تہ الله جو مون تي احسان ٿيو جو مان انهن سان گڏ نہ هيس (٧٢) ۽ جيڪڏهن توهان کي الله جو فضل ملي تہ ان وانگر جو جڻ تہ توهان ۾ ۽ ان ۾ ڪا دوستي نہ هجي ضرور چوندو آهي تہ مون کي ارمان آهي جيڪر مان انهن سان گڏ هجان ها تہ وڏو فائدو ماڻيان ها (٧٣) پوءِ جيڪي دنيا جي زندگي وڪڻي آخرت وٺندا آهن پلي اهي الله جي راهہ ۾ وڙهن، ۽ جيڪو الله جي واٽ ۾ لڙائي ڪري پوءِ قتل ٿئي يا سوياري ٿئي تہ اسان سگهوئي ان کي وڏو ثواب ڏينداسين (٧٤) اي مسلمانو! توهان کي ڇا ٿيو آهي جو انهن ڪمزور مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن واسطي الله جي واٽ ۾ لڙائي نٿا ڪيو جيڪي دعا گهري رهيا آهن تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي هن ڳوٺ مان ڪڍ جنهن جا ماڻهو ظالم آهن ۽ اسان کي پنهنجي طرفان حمايتي ڏي ۽ اسان کي پنهنجي طرفان مددگار عنايت ڪر (٧٥) جن ايمان آندو آهي اهي الله جي راهہ ۾ لڙندا آهن ۽ جن ڪفر ڪيو اهي شيطان (طاغوت) جي واٽ ۾ لڙندا آهن تنهنڪري شيطان

جي دوستن سان وڙهو بيشڪ شيطان جي سازش ڪمزور آهي (٧٦)[10] اي پيغمبر! چا تو انهن کي نہ ڏَنو جن کي چيو ويو تہ نماز ادا ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ ويڙهہ ڪان پنهنجا هٿ روڪيو پر نٽي مُڙيا. پوءِ وري جڏهن انهن تي جهاد فرض ڪيو ويو تہ انهن مان هڪ ٽولي وارا ماڻهن کان ائين ڊڄڻ لڳا جيئن الله کان ڊڄڻ گهرجي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ ڊڄڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ اي اسان جا پالڻهار! تو اسان تي جهاد چو فرض ڪيو اڃا ٿوري مدت تائين اسان کي ڊر چو نہ ڏنئي. اي پيغمبر! کين چئو تہ دنيا جو نفعو ٿورو آهي ۽ آخرت انهن لاءِ پلي آهي جيڪي پرهيزگاري ڪندا آهن ۽ توهان تي تِر جيترو بہ ظلم نہ ٿيندو (٧٧) توهان جتي بہ هوندا موت توهان کي اچي پهچندو توڙي مضبوط قلعن ۾ هجو جڏهن انهن کي ڪا پلائي پهچندي آهي تہ چوندا آهن تہ هي الله جي طرف کان پهتي آهي ۽ جڏهن انهن کي ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ چوندا آهن تہ هي توکان آئي آهي. کين چئو تہ ڏک سک سڀ الله جي طرف کان آهي. انهن ماڻهن کي چا ٿيو آهي جو ڪا ڳالهہ سمجهڻ جي ويجهوئي نہ آهن (٧٨) اي انسان! توکي جيڪا بہ چڱائي پهچي تي اها الله جي طرف کان آهي ۽ جيڪا تڪليف پهچي اها تنهنجي پنهنجي نفس جي اعمالن جي شامت آهي. ۽ اي محبوب! اسان توکي سمورن ماڻهن جي واسطي رسول ڪري موڪليو آهي ۽ الله شاهد ڪافي آهي (٧٩) جنهن رسول جي فرمانبرداري ڪئي بيشڪ ان الله جي فرمانبرداري ڪئي ۽ جنهن منهن ڦيريو تہ اسان توکي انهن تي نگهبان ڪري نہ موڪليو آهي (٨٠) ۽ منافق تو وٽ چوندا آهن تہ اسان فرمانبردار آهيون. پوءِ جڏهن تو وٽان هليا ويندا آهن تہ انهن مان هڪڙو ٽولو جيڪو ڪجهہ چئي ويو هو ان جي خلاف رات جو منصوبا ٺاهيندو آهي ۽ انهن جي رات جي منصوبن کي الله لکي ڇڏي ٿو اي محبوب! تون انهن کان منهن موڙ ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ الله ڪافي ڪارساز آهي (٨١) قرآن ۾ چو غوروفڪر نٿا ڪن ۽ جيڪڏهن اهو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي طرفان هجي ها تہ ضرور ان ۾ گهڻو اختلاف لهن ها (٨٢) ۽ جڏهن انهن وٽ امن يا خوف جي ڪا ڳالهہ اچي تي تہ ان کي هڪدم مشهور ڪندا آهن پر جيڪڏهن ان ڳالهہ کي رسول ۽ پنهنجي اختياري وارن ماڻهن وٽ پهچائين ها تہ جيڪي ان کي جاچيندا آهن تہ ضرور انهن کان ان ڳالهہ

جي حقيقت ڄاڻي ونن ها. ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي باجهه نه هجي ها ته ٿورن کان سواءِ ٻيا ضرور شيطان جي پٺيان لڳي پون ها (٨٣) پوءِ اي محبوب! الله جي راهه ۾ لڙائي ڪر ۽ توتي تنهنجي سِر کان سواءِ ٻيو بار نه رکيو ويو آهي ۽ مومنن کي تيار ڪر. سگهو الله ڪافرن جي سختي روکي ڇڏيندو ۽ الله جي پڪڙ به سخت آهي ۽ ان جو عذاب به ڏاڍو زور وارو آهي (٨٤) جيڪو چڱي ڳالهه جي سفارش ڪندو ان لاءِ ان مان حصو آهي ۽ جنهن بري ڳالهه جي سفارش ڪئي ان لاءِ ان مان حصو آهي ۽ الله هر شي تي نگهبان آهي (٨٥) ۽ جڏهن توهان کي سلام ڪرڻ سان کيڪاريو ويجي ته توهان ان کان بهتر لفظن سان پليڪار ڪيو يا کيڪار وارا اهي ئي لفظ چئي ڇڏيو. بيشڪ الله سڀ شي جو حساب ڪندڙ آهي (٨٦) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبه معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. ۽ اهو توهان کي قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي ضرور گڏ ڪندو. ۽ پنهنجي ڳالهه ۾ الله کان وڌيڪ ڪير سچو آهي (٨٧)[11] اي مسلمانو! توهان کي ڇا ٿيو آهي جو منافقن جي باري ۾ ٻه ٽولا ٿي پيا آهيو جڏهن ته الله کين سندن ڪرتوتن سبب انڌو ڪيو آهي. ڇا توهان انهن کي راهه ڏيکارڻ گهرو ٿا جن کي الله گمراهه ڪيو آهي. ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ته ان جي لاءِ توهان هرگز واٽ نه لهي سگهندو (٨٨) اهي ته هي گهرن ٿا ته مَن توهان به ڪافر ٿي وڃو جيئن اهي پاڻ ڪافر آهن ته پوءِ توهان سمورا هڪجهڙا ٿي وڃو سو انهن مان ڪنهن کي به ايستائين پنهنجو دوست نه بڻايو جيستائين الله جي راهه ۾ گهرٻار نه ڇڏين. پوءِ جي منهن موڙين ته انهن کي پڪڙيو ۽ جتي به ملن انهن کي اتي قتل ڪريو ۽ انهن مان ڪنهن کي به نه دوست ۽ نه مددگار ٺاهيو (٨٩) پر انهن سان نه وڙهو جيڪي اهڙي قوم سان واسطو رکندا هجن جو توهان ۽ انهن ۾ معاهدو ٿيل هجي يا توهان وٽ هن حال ۾ اچن جو انهن جي دلين ۾ توهان سان وڙهي سگهڻ يا پنهنجي قوم سان لڙائي ڪرڻ جي طاقت نه رهي هجي. الله گهري ها ته انهن کي توهان تي ضرور چانيل رکي ها ۽ اهي توهان سان ضرور وڙهن ها. پوءِ جيڪڏهن اهي توهان کان پاسو ڪن ٿا ۽ لڙائي نه ڪن ۽ صلح جو پيغام موڪلين ته الله توهان کي انهن تي ان صلح ڪرڻ کان سواءِ ڪا ٻي واٽ نه ڏني آهي (٩٠) سگهو توهان ٻيا اهڙا ماڻهو ڏسندو

جيڪي گهرن ٿا تہ توهان کان بہ امن ۾ رهن ۽ پنهنجي قوم کان بہ امان ۾ رهن. جڏهن بہ سندن قوم انهن کي فساد ڏانهن سڏيندي تہ هڪدم اکيون ٻوٽي ان ۾ ڪاهي پوندا. پوءِ جيڪڏهن اهي توهان کان پاسو نہ ڪن ۽ صلح جي آڇ نہ ڪن ۽ لڙائي کان پنهنجا هٿ نہ روکين تہ پوءِ انهن کي پڪڑيو ۽ جتي بہ انهن کي لهو قتل ڪريو ۽ اهي ئي آهن جن تي اسان توهان کي لڙائي جو کليل اختيار ڏنو آهي (۹۱)[12] ۽ ڪنهن مومن کي پل ڇڪ کان سواءِ ڪنهن بہ مومن کي مارڻ جو حق نہ آهي ۽ جيڪو ڪنهن مومن کي اڻ ڄاڻائي ۾ قتل ڪري تہ ان تي هڪ مسلمان ٻانهو آزاد ڪرڻ ۽ مقتول جي وارثن کي خون بها ڏيڻ بہ لازم آهي. ۽ جيڪڏهن وارث معاف ڪري ڇڏين تہ انهن کي اختيار آهي. ۽ جيڪڏهن مقتول اهڙي قوم مان هجي جو توهان جي دشمن آهي ۽ اهو پاڻ مسلمان آهي تہ فقط هڪ مسلمان ٻانهو آزاد ڪرڻو آهي ۽ خون بها معاف آهي ۽ جيڪڏهن اهو مقتول اهڙي قوم مان آهي جو توهان ۽ انهن جي وچ ۾ معاهدو آهي تہ ان جي وارثن کي خون بها ڏيڻو آهي ۽ هڪ مسلمان ٻانهو بہ آزاد ڪرڻو آهي. پر جيڪڏهن ڪوئي ٻانهو آزاد نہ ڪري سگهي تہ الله کان گناهہ بخشائڻ لاءِ ڪفاري طور لڳاتار ٻہ مهينا روزا رکي. ۽ الله جاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۹۲) ۽ جيڪو مسلمان کي جاڻي واڻي قتل ڪندو تہ ان جي سزا جهنم آهي جو سدائين ان ۾ رهي ۽ الله ان تي ڏمريو ۽ ان تي لعنت ڪندو ۽ ان جي لاءِ وڏو عذاب تيار ڪرايو اٿس (۹۳) اي ايمان وارو! جڏهن توهان جهاد لاءِ نڪرو تہ تحقيق ڪندا ڪريو ۽ جيڪو توهان کي سلام ڪري تہ ان کي ائين نہ چئو تہ تون مومن نہ آهين. ڇا توهان دنيا جي زندگي جو سامان چاهيو ٿا. الله وٽ تہ توهان کي ڏيڻ لاءِ گهڻا خزانا آهن. پهريائين توهان بہ ائين هئا پوءِ الله توهان تي احسان ڪيو تنهنڪري توهان تي ضروري آهي تہ تحقيق ڪريو. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو الله ان جي خبر رکندڙ آهي (۹٤) اهي مسلمان جيڪي بنا عذر جي جهاد کان گهر ۾ ويهي ٿا رهن سي انهن جي برابر نٿا ٿي سگهن جيڪي الله جي راهہ ۾ پنهنجي مالن ۽ جانين سان جهاد ڪندا آهن. الله پنهنجي مال ۽ جان سان جهاد ڪندڙن کي ويهڻن تي ڪيترا درجا وڌيڪ فضيلت ڏني آهي ۽ الله سمورن سان ڀلائي جو واعدو ڪيو آهي پر الله جهاد ڪرڻ وارن کي رهجي

ويندڙن تي وڏي ثواب سان فضيلت ڏني آهي (۹۵) پاڻ وٽان درجا ۽ بخشش ۽ ٻاجهه ڪئي اٿس ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (۹۶)[13] بيشڪ جيڪي ماڻهو پاڻ تي ظلم ڪري رهيا آهن تن جو ساهه ڪيڏ وقت ملائڪ انهن کي چوندا آهن ته توهان ڪهڙي حال ۾ هيوَ اهي چوندا ته اسين زمين ۾ ڪمزور هياسين. ملائڪ کين چوندا ته ڇا الله جي زمين کليل نه هئي جو توهان ان ۾ هجرت ڪريو ها. پوءِ اهڙن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو خراب هنڌ آهي (۹۷) مگر سواءِ انهن مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن جي جن کي نڪرڻ جو ڪوبه حيلو نظر نه آيو ۽ جيڪي دٻائي رکيا ويا ۽ نه ئي ڪا راهه لهي سگهيا (۹۸) ته سگهو الله اهڙن کي معاف ڪرڻ وارو آهي ۽ الله معاف ڪندڙ بخشڻهار آهي (۹۹) ۽ جيڪو الله جي واٽ ۾ گهربار ڇڏي نڪرندو اهو زمين ۾ رهڻ جي گهٽي جاءِ ۽ روزي جي ڪشادگي ڏسندو ۽ جيڪو الله جي واٽ ۾ پنهنجي گهران نڪتو ۽ سندس رسول جي طرف هجرت ڪيائين. پوءِ ان کي موت اچي ويو ته ان جو ثواب الله جي ذمي ٿي ويو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (۱۰۰)[14] ۽ جڏهن توهان زمين ۾ جهاد لاءِ سفر ڪيو ۽ جيڪڏهن توهان کي خوف هجي ته ڪافر توهان کي پريشان ڪندا ته توهان تي ڪو گناهه نه آهي جو ڪي نمازون قصر (گهٽائي) پڙهو. بيشڪ ڪافر توهان جا کليل دشمن آهن (۱۰۱) ۽ اي محبوب! ويڑهه مهل جڏهن تون انهن ۾ موجود هجين ۽ نماز ۾ انهن جي امامت ڪرين ته انهن مان هڪ ٽولو توسان نماز ۾ گڏ هجي ۽ پنهنجا هٿيار کنيون رهن. پوءِ جڏهن اهي سجدو ڪري وڃن ته هتي توکان پٺتي ٿي وڃن. پوءِ ٻي جماعت اچي جيڪا نماز ۾ شريڪ نه هئي هاڻي اهي تنهنجا مقتدي ٿين ۽ انهن کي گهرجي ته پنهنجي بچاء جو سامان ۽ هٿيار پاڻ سان کنيون رهن. ڪافرن جي تمنا آهي ته ڪنهن طرح توهان پنهنجي هٿيارن ۽ سامان کان بي ڌيان ٿي وجو ته اهي هڪ ئي ڀيري توهان تي حملو ڪن. ۽ جيڪڏهن برسات کان توهان کي ڪا تڪليف هجي يا توهان بيمار هجو ته پوءِ توهان تي گناهه نه آهي جو پنهنجا هٿيار کولي رکو پر پنهنجي بچاء جو سامان هوشياري سان گڏ رکو. بيشڪ الله ڪافرن جي لاءِ خواري وارو عذاب تيار ڪيو آهي (۱۰۲) پوءِ جڏهن توهان نماز ادا ڪري چڪو تڏهن به بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسي ڀر ليٽندي الله کي ياد ڪندا رهو. پوءِ جڏهن

خطرو نہ رهي ۽ مطمئن ٿي ويو تہ اصلي دستور موجب نماز پڙهو بيشڪ نماز مومنن تي مقرر ڪيل وقت تي فرض آهي (۱۰۳) ۽ ڪافرن جي پٺيان پوڻ ۾ سُستي نہ ڪريو جيڪڏهن توهان کي تڪليف پهچي ٿي تہ انهن کي بہ توهان وانگر تڪليف پهچي ٿي. پر توهان الله ۾ اها اميد رکو ٿا جيڪا اهي نٿا رکن ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۱۰٤)[15] اي محبوب! بيشڪ اسان توڏانهن سچو ڪتاب هن لاءِ نازل ڪيو آهي تہ جيئن الله توکي سيکاريو آهي تون ماڻهن ۾ ائين فيصلو ڪرين ۽ خيانت ڪندڙن جي طرفداري نہ ڪر (۱۰۵) ۽ الله کان بخشش گهر. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (۱۰٦) ۽ انهن جي طرفان جهڳڙو نہ ڪر جيڪي پنهنجي دلين ۾ ڪوٺ رکن ٿا. بيشڪ الله خيانت ڪندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي (۱۰۷) ماڻهن کان تہ لکن ٿا پر الله کان لکي نٿا سگهن. جڏهن رات جو اها صلاح ڪندا آهن جنهن صلاح کان الله راضي نہ آهي تڏهن الله انهن سان گڏ هوندو آهي ۽ جيڪي ڪالهيون ڪندا آهن ان کي الله جو علم گهيرو ڪندڙ آهي (۱۰۸) خبردار! توهان اهي ماڻهو آهيو جو دنيا جي زندگي ۾ تہ انهن جي پاران بحث ڪندا آهيو پر قيامت جي ڏينهن انهن جي طرفان الله سان ڪير جهڳڙو ڪندو يا ڪير انهن جو پرجهلو ٿيندو (۱۰۹) ۽ جيڪو ڪابہ برائي ڪري يا پاڻ تي ظلم ڪري پوءِ الله کان معافي گهري تہ الله کي بخشڻهار مهربان لهندو (۱۱۰) ۽ جيڪو گناهہ ڪري ٿوتہ ان جي گناهہ جو وبال سندس جان تي آهي ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۱۱۱) ۽ جيڪو خطا ڪري وجهي يا گناهہ ڪري پوءِ ان جي ڪنهن بي گناهہ تي تهمت هڻي تہ ضرور انهيءَ بهتان ۽ پڌرو گناهہ سر تي کنيو (۱۱۲)[16] ۽ اي محبوب! جيڪڏهن توتي الله جو فضل ۽ ٻاجهہ نہ هجي ها تہ انهن مان هڪڙي ٽولي پڪو ارادو ڪيو هو تہ توکي ڀُلائين ۽ اهي پنهنجي پاڻ کان سواءِ ڪنهن کي ڪونہ ڀُلائيندا آهن ۽ تنهنجو ڪو نقصان نہ ڪندا ڇوتہ الله توتي ڪتاب ۽ دانائي لاٿي آهي ۽ جيڪي تون نہ ڄاڻندو هئين اهو توکي سيکاريو اٿس ۽ الله جو توتي وڏو فضل آهي (۱۱۳) انهن جي گهڻن ڳُجهن مشورن ۾ ڪا ڇڪائي ڪانهي مگر جنهن خيرات ڪرڻ يا ڇڪي ڳالهہ ڪرڻ يا ماڻهن ۾ سڌارو ڪرڻ جو مشورو ڏنو تنهن جي صلاح ۾ ڇڪائي آهي ۽ جيڪو الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ

اهي ڪم ڪندو ان کي سگهو وڏو ثواب ڏيندا سين (١١٤) ۽ جنهن شخص لاءِ حق جي وات پڌري ڪئي ويو پوءِ به رسول جي مخالفت ڪندو ۽ مومنن جي وات ڇڏي ٻي وات ونندو ته اسان ان کي سندس حال تي ڇڏي ڏيندا سين ۽ ان کي دوزخ ۾ داخل ڪنداسين ۽ اها بيڇڙي جاءِ آهي (١١٥)[17] بيشڪ الله هي ڏوهه معاف نه ڪندو جو ڪنهن کي سندس شريڪ ناهيو ويو ۽ جنهن کي گُهري ان ڏوهه کان سواءِ ٻيا گناهه معاف ڪري ڇڏي، ۽ جنهن الله سان ڪنهن کي شريڪ ناهيو اهو وڏي گمراهي ۾ پيو (١١٦) اهي شرڪ ڪرڻ وارا الله کان سواءِ ڪن عورتن (ديوين) کي سڏيندا آهن پر حقيقت ۾ تڙيل شيطان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نه سڏيندا آهن (١١٧) جنهن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ ان شيطان چيو ته قسم آهي مان تنهنجي ٻانهن مان مقرر حصو پاڻ سان ضرور شامل ڪندس (١١٨) مان انهن کي ضرور گمراهه ڪندس ۽ ضرور انهن کي سڏون ڏيارينديس ۽ ضرور کين چوندس ته اهي چوپاين جا ڪن چيرينديا رهن ۽ انهن کي ضرور چوندس ته اهي الله جي جوڙيل صورت کي متائينديا رهندا، سو جنهن الله کي ڇڏي شيطان کي دوست بڻايو اهو پڌري نقصان ۾ پيو (١١٩) شيطان انهن سان واعدو ڪري ٿو ۽ سڏون ڏياري ٿو ۽ شيطان انهن سان نڪي کان سواءِ ٻيو ڪو انجام نه ڪندو آهي (١٢٠) اهڙن ماڻهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ ان مان ڇوٽ جي ڪا واهه نه لهندا (١٢١) ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته جلدي اسان انهن کي اهڙن باغن (جنت) ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽ سدائين انهن ۾ رهندا، الله جو واعدو سچو آهي، ۽ الله کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهه سچي ٿي سگهي ٿي (١٢٢) اي مسلمانو! ڇوٽڪاري جو دارومدار نه ته توهان جي خيالن تي آهي ۽ نه ڪتاب وارن جي سڏن تي آهي، جيڪو برائي ڪندو ته ان جو بدلو ڏسندو ۽ الله کان سواءِ نه ڪو حمايتي نه مددگار لهندو (١٢٣) ۽ جيڪو مرد يا عورت چڱا ڪم ڪندو ۽ مومن هوندو ته انهن کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ انهن کي تر برابر به نقصان نه ڏنو ويندو (١٢٤) دين جي اعتبار کان ان کان وڌيڪ پلو ڪير ٿي سگهي ٿو جنهن پنهنجو سِر الله جي آڏو جهڪايو ۽ اهو نيڪ عمل ڪندڙ به آهي ۽ ابراهيم هڪ طرفي جي دين تي هليو ۽ الله ابراهيم کي پنهنجو خاص دوست بڻايو (١٢٥) ۽

جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي اهو الله جوئي آهي ۽ الله هر شي
کي پنهنجي قدرت سان گهيرو ڪندڙ آهي (١٢٦)[18] اي پيغمبر! توکان
عورتن جي باري ۾ فتوا پڇن ٿا. تون چئو ته الله توهان کي ان بابت حڪم
ڪري ٿو ۽ جيڪو توهان کي هن قرآن ۾ اڳ پڙهي ٻڌايو ويو آهي سو
يتيم چوڪرين جي باري ۾ آهي جن کي توهان سندن مقرر حق (ورثو) نٿا
ڏيو ۽ مال کائڻ لاءِ انهن کي نڪاح ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو ۽
ڪمزور ٻارن جي باري ۾ به اهو حڪم آهي ۽ يتيمن جي حق ادا ڪرڻ ۾
انصاف کان ڪم وٺو ۽ توهان جيڪا ب پلائي ڪندو الله ان کي ڄاڻندڙ
آهي (١٢٧) ۽ جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي مڙس جي زيادتي يا بي
رغبتي جو انديشو ڪري ته اهي پاڻ ۾ ڪنهن به قسم جو صلح ڪري
ڇڏين ته انهن تي گناهه نه آهي، ۽ صلح ڇگي ڳالهه آهي، ۽ دليون ته لالچ
جي ڦندي ۾ آهن، ۽ جيڪڏهن توهان نيڪي ڪندو ۽ پرهيزگاري ڪندو
ته الله توهان جي ڪمن کي ڏسندڙ آهي (١٢٨) ۽ توهان ڪٽي ڪيتري به
ڪوشش ڪريو زالن کي ڪڏهن به برابر رکي نه سگهندو سوائين به نه ڇئي
جو هڪ طرف پورا جهڪي وجو ۽ ٻي کي لٽڪيل ڇڏي ڏيو ۽ جيڪڏهن
پاڻ ۾ صلح ڪيو ۽ پرهيزگاري ڪريو ته بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي
(١٢٩) ۽ جيڪڏهن اهي ٻئي نه نهن ته الله پنهنجي فضل سان هرهڪ کي
آسودو ڪندو ۽ الله ڪشادگي وارو حڪمت وارو آهي (١٣٠) ۽ جيڪي
آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي اهو الله جوئي آهي، ۽ بيشڪ انهن کي
جن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنا ويا ۽ هاڻي توهان کي به تاڪيد ڪيو
آهي ته الله کان ڊجو ۽ جيڪڏهن ڪفر ڪندو ته پوءِ سمجهو ته جيڪي
آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي اهو الله جوئي آهي ۽ الله بي پرواهه
ساراهيل آهي (١٣١) ۽ جيڪي آسمانن ۾ جيڪي زمين ۾ آهي اهو الله
جو ئي آهي ۽ الله ڪافي پرجهلو آهي (١٣٢) اي انسانو! جيڪڏهن الله
گهري ته توهان کي ختم ڪري ڇڏي ۽ ٻين کي پيدا ڪري ۽ الله ان تي وس
وارو آهي (١٣٣) جيڪو دنيا ۾ پنهنجين ڇگاين جو انعام گهرندو آهي
سو ياد رکي ته الله وٽ دنيا ۽ آخرت ٻنهي جو انعام آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ
آهي (١٣٤)[19] اي ايمان وارو! انصاف تي قائم رهو ۽ الله جي واسطي
شاهدي ڏيندا ڪريو توڙي شاهدي ڏيڻ ۾ توهان جو يا ماءُ پيءُ جو يا مائٽن

جو نقصان هجي، جنهن تي شاهدي ڏيو اهو دولتمند هجي يا مسڪين، بهرحال، الله کي ان بابت سڀ کان وڌيڪ اختيار آهي تنهنڪري انصاف ڪرڻ ۾ سَڊُن پنيان نہ لڳو ۽ جيڪڏهن توهان هيرڦير ڪندا يا شاهدي ڏيڻ کان منهن موڙيندا تہ توهان جيڪي ڪندا آهيو الله ان جي خبر رکندڙ آهي (١٣٥) اي ايمان وارو! الله تي ۽ سندس رسول تي ۽ ان ڪتاب تي جيڪو پنهنجي هن رسول تي لاٿائين ۽ ان ڪتاب تي ۽ جيڪو اڳ ۾ نازل ڪيائين پڪو يقين رکو، ۽ ياد رکو جيڪو الله ۽ سندس ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ رسولن ۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃيندو تہ ضرور اهو وڌي گمراهي ۾ پيو (١٣٦) بيشڪ جن ايمان آندو پوءِ ڪفر ڪيائون ۽ وري ايمان آندو وري ڪفر ڪيائون ۽ پوءِ ويتر ڪفر ۾ وڌي ويا تہ الله انهن کي هرگز نہ بخشيندو ۽ نہ انهن کي سڌي واٽ ڏيکاريندو (١٣٧) اي پيغمبر! منافقن کي سُڌ ڏي تہ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار آهي (١٣٨) اهي منافق جيڪي مومنن کي ڇڏي ڪافرن کي دوست بڻائن ٿا، ڇا انهن ڪافرن وٽان عزت گهرن ٿا، جڏهن تہ عزت تہ سموري الله جي واسطي آهي (١٣٩) ۽ بيشڪ الله توهان تي ڪتاب ۾ هي حڪم نازل ڪري چڪو آهي تہ جڏهن توهان ٻڌو تہ الله جي آيتن جو انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن بابت ٺٺول ڪئي وڃي ٿي تہ پوءِ انهن ماڻهن سان ايستائين گڏ نہ ويهو جيستائين اهي ڪنهن ٻي ڳالهہ ۾ مشغول نہ ٿين، نہ تہ توهان ۽ انهن جهڙا ٿيندا، بيشڪ الله منافقن ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ گڏ ڪندو (١٤٠) اهي منافق توهان جي حال کي تڪيندا رهندا آهن پوءِ جيڪڏهن الله جي طرفان توهان کي فتح ملي ٿي تہ چون ٿا تہ ڇا اسان توهان سان گڏ نہ هئاسين ۽ جيڪڏهن ڪافرن کي سوپ جو حصو ملي ٿو تہ ڪافرن کي چون ٿا تہ ڇا اسان کي توهان تي غلبو نہ هيو ۽ ڇا اسان توهان کي مسلمانن کان نہ بچايو، پوءِ الله قيامت جي ڏينهن توهان سمورن جي وچ ۾ نبيرو ڪندو ۽ الله ڪافرن کي مومنن تي غلبي جي ڪا واٽ نہ ڏيندو (١٤١)[20] منافق ماڻهو پنهنجي گمان ۾ آهن تہ الله کي فريب ڏين ٿا، پر حقيقت ۾ اهي پاڻ کي ڀُلائيندا آهن ۽ جڏهن نماز تي اٺندا آهن تہ ڍڪل دل سان رڳو ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن ۽ ٿوري گهڙي کان سواءِ الله کي ياد نہ ڪندا آهن (١٤٢) ان ڪفر ۽ ايمان جي وچ ۾ لُڏي رهيا آهن، نہ هِن طرف آهن نہ هُن طرف

آهن. ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري تہ توهان ان جي واسطي ڪا واٽ نہ لهندو (١٤٣) اي ايمان وارو! مسلمانن کي ڇڏي ڪافرن کي دوست نہ بڻايو ڇا توهان گُهرو ٿا تہ پاڻ تي الله جي پڌري حجت قائم ڪريو (١٤٤) بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺئين طبقي ۾ هوندا ۽ توهان هرگز انهن جو ڪو مددگار نہ لهندو (١٤٥) مگر اهي جن توبهہ ڪئي ۽ پاڻ سڌاريائون ۽ الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان پڪڙيائون ۽ پنهنجو دين خالص الله جي واسطي ڪيائون تہ پوءِ اهي مومنن سان گڏ هوندا ۽ سگهوئي الله مومنن کي وڏو ثواب ڏيندو (١٤٦) ۽ اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله جون نعمتون ڄاڻي شڪر ڪندو ۽ ايمان آڻيندو تہ پوءِ الله توهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪندو ۽ الله تہ قدر سڃاڻندڙ ڄاڻندڙ آهي(١٤٧) الله مظلوم کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ڪنهن کي وڏي سڌ ۽ ڪليل طرح بيڙو ڳالهائڻ پسند نہ ڪندو آهي. ۽ الله ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٤٨) جيڪڏهن توهان کا پڌري ڇڳائي ڪيو يا لڪائي ڇڳو ڪم ڪريو يا ڪنهن جي مَدائي کي معاف ڪريو تہ بيشڪ الله معاف ڪندڙ وس وارو آهي (١٤٩) بيشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسولن کي نہ مڃيندا آهن ۽ الله ۽ ان جي رسولن جي وچ۾ فرق ڪرڻ گهرندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان ڪن پيغمبرن کي مڃون ٿا ۽ ڪن کي نٿا مڃون تہ اهي ايمان ۽ ڪفر جي وچ۾ ڪا ٻي واٽ ڪڍڻ گهرندا آهن (١٥٠) اهي ئي پڪا ڪافر آهن ۽ اهڙن ڪافرن جي لاءِ اسان خوار ڪرڻ وارو عذاب تيار ڪيو آهي (١٥١) ۽ جيڪي الله ۽ ان جي رسولن کي مڃين ٿا ۽ انهن مان ڪنهن هڪ جي بہ وچ۾ فرق نٿا ڪن تہ الله سگهو انهن کي انهن جو ثواب ڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٥٢)[21] اي محبوب! ڪتاب وارا (يهودي) توکان سوال ٿا ڪن تہ تون هڪ ئي پيري سان انهن تي آسمان مان هڪڙو ڪتاب لاهي. انهن تہ موسيٰ کان بہ انهيءَ کان وڏو سوال ڪيو هيو جو چيائون تہ اسان کي الله ظاهرظهور ڏيکار. پوءِ انهن تي سندن گناهن سبب ڪنوڙ اچي ڪڙڪي. وري پاڻ وٽ چٽن دليلن (معجزن) اچڻ کان پوءِ گابي کي معبود ڪري ورتائون. پوءِ بہ اسان کين اهو گناهہ معاف ڪري ڇڏيو ۽ موسيٰ کي پڌرو غلبو ڏنوسين (١٥٣) پوءِ انهن کان پڪو انجام ونڍ لاءِ انهن مٿان طور جبل کي کڙو ڪيوسين ۽ انهن کي چيوسين تہ شهر جي

دروازي مان سجدي وانگر جُهڪندي داخل ٿيو ۽ انهن کي هي ٻ حڪم ڪيوسين تہ چنڇر جي ڏينهن مڇي نہ مارڻ واري حڪم جي حد کان نہ لنگهو ۽ انهن کان پڪو واعدو ورتوسين (١٥٤) پوءِ انهن طرفان انجام پيڻ ۽ الله جي آيتن جو انڪار ڪرڻ ۽ نبين کي ناحق شهيد ڪرڻ ۽ انهن جي هن چوڻ سبب تہ اسان جي دلين تي پردا آهن انهن تي لعنت ڪئيسين، نہ، بلڪ الله انهن جي ڪفر سبب انهن جي دلين تي مُهر لڳائي آهي، سو ٿورن کان سواءِ ٻيا ايمان نہ آڻيندا (١٥٥) ۽ انهن (يهودين) جي ڪفر ۽ مريم تي وڏو بهتان مڙهڻ سبب ٻ (١٥٦) ۽ انهن جي هن چوڻ سبب ٻ تہ اسان الله جي رسول مسيح (عيسيٰ) پٽ مريم کي شهيد ڪيو آهي، جڏهن تہ انهن نہ ان کي قتل ڪيو ۽ نہ ان کي سولي تي چاڙهيائون بلڪ انهن کي شڪ شبهو ٿيو ۽ جيڪي ان جي باري ۾ اختلاف ڪري رهيا آهن اهي ان بابت پاڻ شڪ ۾ پيل آهن، انهن کي گمان ڪرڻ کان سواءِ ان جي ڪابہ خبر نہ آهي ۽ يقينن انهن (يهودين) ان کي قتل ڪونہ ڪيو هو (١٥٧) بلڪ الله ان کي پنهنجي طرف مٿي کڻي ورتو ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي (١٥٨) ۽ ڪتاب وارن مان ڪوبہ نہ رهندو پر ان (عيسيٰ) جي موت کان اڳ سيئي ان تي ضرور ايمان آڻيندا ۽ قيامت جي ڏينهن اهو انهن تي شاهد هوندو (١٥٩) پوءِ يهودين جي ظلم سببان ۽ هن ڪري ٻ تہ انهن گهڻن ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪيو ٿي اسان کي شيون جيڪي انهن لاءِ حلال هيون انهن تي حرام ڪري ڇڏيونسين (١٦٠) ۽ هن جي ڪري ٻ تہ اهي وياج ونڊندا هئا، جڏهن تہ انهن کي انهيءَ کان روڪيو ويو هو ۽ ماڻهن جو مال ناحق کائڻ سبب انهن تي گهڻيون حلال شيون حرام ڪيون ويون ۽ انهن مان ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون (١٦١) پر اي محبوب! انهن مان جيڪي علم جا پختا آهن ۽ ايمان وارا آهن اهي ان ڪتاب کي جيڪو تنهن جي طرف نازل ٿيو آهي ۽ جيڪي توکان اڳ ۾ نازل ٿيو هو انهن کي مڃيندا آهن ۽ نماز پڙهندڙ ۽ زڪوات ڏيندڙ آهن ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندڙ آهن، انهن کي سگهوئي وڏو ثواب ڏينداسين (١٦٢)[22] اي محبوب! بيشڪ اسان تنهنجي طرف اهڙي طرح وحي موڪليو جيئن نوح ۽ ان کان پوءِ وارن نبين ڏانهن وحي ڪيو هيوسين ۽ جهڙي طرح اسان ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽

يعقوب ۽ ان جي اولاد ۽ عيسيٰ ۽ ايوب ۽ يونس ۽ هارون ۽ سليمان ڏانهن وحي ڪيوسين ۽ دائود کي زبور ڏنوسين (١٦٣) ۽ ٻيا گهڻا رسول جن جو هن کان اڳ ۾ توسان بيان ڪري چڪا آهيون ۽ ٻيا گهڻا رسول آهن جن جو اسان توسان بيان نہ ڪيو آهي ۽ الله موسيٰ سان ڳالهايو (١٦٤) رسول خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ هن لاءِ آهن جو رسولن جي اچڻ کان پوءِ ماڻهن کي الله تي ڪابہ حجت نہ رهي ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي (١٦٥) پر اي محبوب! الله تنهن جي طرف جيڪو ڪتاب لاٿو آهي ان لاءِ شاهدي ڏئي ٿوتہ اهو پنهنجي علم سان نازل ڪيو اٿس ۽ ملائڪ بہ شاهد آهن ۽ الله جي شاهدي ڪافي آهي (١٦٦) اهي جن ڪفر ڪيو ۽ ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪيائون بيشڪ اهي وڏي گمراهي ۾ آهن (١٦٧) بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ ظلم ڪندا رهيا تہ الله انهن کي هرگز نہ بخشيندو ۽ نہ انهن کي سڌي واٽ ڏيکاريندو (١٦٨) مگر جهنم جي واٽ جنهن ۾ هميشہ رهندا ۽ اهو الله لاءِ آسان آهي (١٦٩) اي انسانو! تحقيق هي رسول (محمد ﷺ) توهان جي رب جي طرفان توهان ڏي سچ وٺي آيو آهي سو مٿس ايمان آڻيو تہ توهان جو ڀلو ٿئي پر جيڪڏهن توهان انڪار ڪندو تہ توهان جو نقصان آهي، بيشڪ جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي اهو الله جو آهي ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٧٠) اي ڪتاب وارو! پنهنجي دين ۾ زيادتي نہ ڪريو ۽ الله تي سچ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ چئو مسيح (عيسيٰ) پٽ مريم جو الله جو رسول ۽ ان جو هڪ ڪلمو آهي جو مريم جي طرف موڪليائين ۽ ان جي طرف کان هڪ روح آهي، پوءِ الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آڻيو ۽ ٽي خدا نہ چئو ۽ ان چوڻ کان مُڙي ويجو تہ توهان لاءِ ڀلائي آهي، الله ئي تہ فقط اڪيلو معبود آهي، اهو هن کان پاڪ آهي جو ڪيس اولاد هجي، جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي اهو ان جو آهي ۽ الله ڪارساز ڪافي آهي (١٧١)[23] مسيح (عيسيٰ) ۽ مقرب ملائڪ الله جي ٻانهي هجڻ کان عار نٿا ڪن، جيڪو الله جي ٻانهپ کان نفرت ڪندو ۽ وڏائي ڪندو تہ الله انهن سمورن کي سگهو پنهنجي طرف گڏ ڪندو (١٧٢) پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ انهن کي سندن اجر پرپور ڏيندو، بلڪ پنهنجي فضل سان اڃا بہ انهن کي وڌيڪ ڏيندو، ۽ جن ٻانهي هجڻ کان نفرت ڪئي ۽ وڏائي

ڪئي انهن کي ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندو ۽ الله کان سواءِ نہ انهن جو ڪو حمايتي ۽ نہ مددگار هوندو (۱۷۳) اي انسانو! بيشڪ توهان وٽ توهان جي پالڻهار جي طرف کان واضح دليل آيو آهي ۽ توهان جي طرف چٽو سوجهرو (قرآن) لاٿوسين (۱۷٤) پوءِ اهي جن الله تي ايمان آندو ۽ ان جي رسي کي مضبوط پکڙيائون تہ سگهو الله انهن کي پنهنجي ٻاجهہ ۽ پنهنجي فضل ۾ داخل ڪندو ۽ انهن کي پنهنجي طرف سڌي واٽ ڏيکاريندو (۱۷۵) اي محبوب! ماڻهو توکان ڪلالہ فوتي (نپٽو آٽيو) جي ميراث جي باري ۾ پڇن ٿا يعني جنهن جو پي يا ماءُ مان ڪوبہ جيئرو نہ هجي ۽ اولاد بہ نہ هجيس. کين چئو تہ الله توهان کي اهڙي فوتي (ڪلالہ) جي ميراث بابت حڪم ڪري ٿو تہ جيڪڏهن ان کي اولاد نہ هجي پر ان جي هڪ پيٽ هجي تہ ملڪيت ۾ پيٽ جو اڌ آهي ۽ ائين جيڪڏهن فوتي عورت کي اولاد نہ هجي تہ مرد (ياءُ) پنهنجي فوتڙ پيٽ جو وارث ٿيندو. پوءِ جيڪڏهن بہ پينرون آهن تہ ملڪيت ۾ انهن جي واسطي بہ ٽهايون آهن ۽ جيڪڏهن پائر بہ ۽ پينرون بہ هجن تہ مرد (ياءُ) جو حصو بن عورتن (پيٽن) جي برابر آهي. الله توهان جي لاءِ کولي بيان فرمائي ٿو متان توهان گمراهہ ٿي وجو ۽ الله هر شي کي ڄاڻندڙ آهي (۱۷٦)[24]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت مائده مدني آهي. هن ۾ 120 آيتون 16 رڪوع آهن.

اي ايمان وارو! پنهنجا انجام پاڙيو. توهان کي جن لاءِ اڳتي ٻڌايو ويندو تن کان سواءِ ٻيا سڀ چوپايا ڏور توهان لاءِ حلال آهن. پر جڏهن توهان احرام ۾ هجو تہ شڪار ڪرڻ حلال نہ سمجهو. بيشڪ الله جيڪي گُهري حڪم ڪندو آهي (۱) اي ايمان وارو! الله جي عبادت جي نشانين ۽ عزت وارن مهينن ۽ حرم ڏانهن موڪليل قربانين ۽ الله لاءِ نذر ڪيل جانورن جن جي ڳلي ۾ نشانيون لٽڪيل آهن انهن جي بي تعظيمي نہ ڪريو ۽ نہ انهن جي مال ۽ آبرو جي بي تعظيمي ڪريو جيڪي پنهنجي پالڻهار جي مهرباني ۽ رضا ڳولڻ جي واسطي عزت واري گهر بيت الله جو ارادو ڪري اچن. ۽ جڏهن احرام لاهيو تہ پلي شڪار ڪريو ۽ توهان کي

انهن ماڻهن جي دشمني زيادتي ڪرڻ تي نہ ايياري تہ انهن توهان کي مسجدالحرام کان روڪيو هو البت نيڪي ۽ پرهيزگاري تي هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ۽ گناهہ ۽ زيادتي لاءِ هڪ ٻئي جي مدد نہ ڪريو ۽ الله کان ڊجندا رهو بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي (٢) اي مسلمانو! توهان تي مئل جانور ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جنهن جي ذبح ڪرڻ ۾ غيرالله جو نالو پڪاريو ويو هجي ۽ جيڪو ڪُهڻي ڏيڻ سان مري يا ماريو وڃي ۽ بي ڌار شي سان ڏڪ هڻي ماريل ۽ جيڪو ڪري پوڻ سبب مري ۽ جنهن کي ڪنهن جانور سڱ هڻي ماريو هجي اهي حرام آهن، پر جنهن کي ڪو ڦاڙيندڙ جانور کائي ويو ۽ توهان ان کي مرڻ کان اڳ ذبح ڪري ورتو تہ حلال آهي ۽ جيڪو جانور ڪنهن بت خاني تي ذبح ڪيو ويو تہ اهو بہ حرام آهي ۽ تيرن سان ڌارو وجهڻ گناهہ جو ڪم آهي، اڄ ڪافر توهان جي دين کان ناااميد ٿيا تنهن ڪري توهان انهن کان نہ ڊجو پر مون الله کان ڊجو، اڄ مون توهان جي لاءِ توهان جو دين مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪئي ۽ توهان جي لاءِ اسلام کي دين پسند ڪيو، پوءِ جيڪو بک ۽ اڄ جي سختي ۾ لاچار هجي پر هن طرح نہ جو گناهہ جي طرف جهڪي تہ انهن حرام ڪيل شين مان ڪجهہ سر بچائڻ لاءِ کائي تہ ان لاءِ جائز آهي، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٣) اي محبوب! توکان پڇن ٿا تہ انهن جي لاءِ ڪهڙيون شيون حلال آهن، کين چئو تہ توهان جي لاءِ سڀ سٿيون شيون حلال ڪيو ويون آهن ۽ جيڪي شڪاري جانور توهان پاليا آهن ۽ جيڪو شڪار ڪرڻ جو علم الله توهان کي ڏنو آهي ان سان انهن کي شڪار ڪرڻ سيکاريو هجي تہ پوءِ ان مان کائو جيڪو اهي ماري توهان جي واسطي کٽي اچن ۽ شڪاري جانور کي شڪار تي ڇڏڻ وقت ان تي الله جو نالو وٺو (يعني بسم الله، الله اڪبر چئو) ۽ الله کان ڊجندا رهو ڇوتہ الله جلد حساب وٺندڙ آهي (٤) اڄ توهان جي واسطي سڀ سٿيون شيون حلال ٿيون ۽ ڪتاب وارن جو کاڌو بہ توهان جي واسطي حلال آهي ۽ توهان جو کاڌو انهن جي لاءِ حلال آهي، ۽ پاڪ دامن مسلمان عورتون ۽ جن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنو ويو انهن مان پاڪ دامن عورتون جيڪڏهن توهان انهن کي سندن مَهر جي عيوض شادي

ڀر آڻيو تہ حلال آهن، باقي زنا ڪرڻ ۽ ڪُجهي دوستي رکڻ جائز نہ آهي ۽ جيڪو شريعت جا حڪم مڃڻ کان انڪار ڪندو تہ ان جا سمورا اعمال چٽ ٿي ويندا ۽ اهو آخرت ۾ نقصان وارن مان هوندو (۵)[1] اي ايمان وارو! جڏهن نماز لاءِ اٿو تہ وضو لاءِ پنهنجو منهن ۽ پنهنجن هٿن کي ٽوڻين تائين ڌوئو ۽ پنهنجي متي جو مڪ (مسح) ڪيو ۽ پنهنجي پيرن کي پيڈين تائين ڌوئو ۽ جيڪڏهن توهان تڙ سان هجو تہ اڳ ۾ وهنجي خوب پاڪائي ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار هجو يا سفر ۾ هجو يا ڪو قضا حاجت کان آيو هجي يا توهان عورتن سان صحبت ڪئي هجي ۽ غسل لاءِ پاڻي نہ ملي تہ پاڪ متيءَ سان تيمم ڪريو تہ ان سان پنهنجي منهن ۽ هٿن جو مسح ڪريو الله تہ توهان تي ڪا تنگي ڪرڻ نٿو گهري. البت چاهي ٿو تہ توهان کي خوب پاڪ ڪري ۽ توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري تہ جيئن توهان شڪر ڪريو (۶) ۽ پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو ۽ اهو واعدو به ياد ڪريو جيڪو الله توهان کان ورتو جڏهن توهان چيو تہ اسان ٻڌو ۽ مڃيو ۽ الله کان ڊجو ۽ بيشڪ الله دلين جي ڳالهہ ڄاڻندڙ آهي (۷) اي ايمان وارو! الله خاطر انصاف تي قائم رهندي شاهدي ڏيو ۽ ڪنهن قوم جي دشمني توهان کي هن ڳالهہ تي نہ اڀاري جو توهان بي انصافي ڪريو. بلڪ انصاف ڪريو اها ڳالهہ پرهيزگاري کي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ الله کان ڊجو بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو الله ان جي خبر رکندڙ آهي (۸) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تن سان الله جو واعدو آهي تہ انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي (۹) ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيائون اهي دوزخي آهن (۱۰) اي ايمان وارو! پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو جڏهن هڪڙي قوم ويڑهہ لاءِ توهان تي پنهنجا هٿ ڊگهيرڻ جو ارادو ڪيو پوءِ الله انهن جا هٿ توهان کان روڪي ڇڏيا ۽ الله کان ڊجو ۽ مومنن کي الله تي ئي پروسو ڪرڻ گهرجي (۱۱)[2] ۽ بيشڪ الله بني اسرائيل کان انجام ورتو ۽ انهن مان ٻارهن سردار مقرر ڪيائين، ۽ الله چيو تہ مان توهان سان گڏ آهيان، جيڪڏهن نماز ادا ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻيو ۽ انهن جي مدد ڪريو ۽ الله کي چڱي اوڌر (قرض حسنہ) ڏيو تہ بيشڪ مان توهان جا گناهہ

ميڙيندس ۽ ضرور توهان کي اهڙن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، پر ان کان پوءِ به جيڪو توهان مان ڪفر ڪندو ته اهو ضرور سڌي واٽ کان ڀٽڪي ويو (۱۲) پوءِ انهن جي انجام ڀڃڙ ڪري اسان انهن تي لعنت ڪئي ۽ انهن جون دليون سخت ڪري ڇڏيونسين جو توريت ۾ ڪجهه لفظن کي سندن جاين کان بدلائين ٿا ۽ انهن نصيحتن جو گهڻو حصو وساري ويٺا آهن جيڪي انهن کي ڏنيون ويون هيون، تون انهن مان ٿورن کان سواءِ هميشه انهن سيني جي هڪ نه هڪ خيانت کان واقف ٿيندو رهين ٿو، پوءِ انهن کي معاف ڪر ۽ انهن کان درگذر ڪر، بيشڪ الله چڱائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي (۱۳) ۽ جيڪي چون ٿا ته اسان نصارا آهيون انهن کان به واعدو ورتوسين، پوءِ انهن کي جيڪا نصيحت ڪئي وئي هئي ان جو ڪُڇ حصو وساري ڇڏيائون، پوءِ ان سبب انهن جي وچ۾ قيامت جي ڏينهن تائين ويرَ ۽ بغض وجهي ڇڏيوسين ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي الله سگهو انهن کي سُڌ ڏيندو (۱٤) اي ڪتاب وارو! بيشڪ توهان وٽ اسان جو هي رسول (محمد ﷺ) آيو جو توهان تي گهڻيون اهي ڳالهيون ظاهر ڪري ٻڌائي ٿو جيڪي توهان ڪتاب مان لڪائيندا هيوَ ۽ گهڻين ڳالهين کان تارو به ڪري ٿو، بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان هڪ نور ۽ پڌرو ڪتاب (قرآن) آيو آهي (۱۵) الله ان سان انهن کي هدايت ڏئي ٿو جيڪي سلامتي جي واٽ سان الله جي مرضي تي هلن ۽ الله پنهنجي حڪم سان انهن کي اونداهين مان سوجهري جي طرف ڪڍي ٿو ۽ انهن کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو (۱٦) بيشڪ جن چيو ته الله پاڻ مسيح پٽ مريم جو ئي آهي اهي ڪافر ٿيا، اي پيغمبر! کين چئو ته الله جيڪڏهن مسيح پٽ مريم ۽ ان جي ماءُ ۽ سموري زمين وارن کي هلاڪ ڪرڻ گهري ته الله کان انهن کي ڪير بچائيندو، آسمانن ۽ زمين ۽ انهن جي وچ۾ جيڪو ڪجهه آهي تنهن جي بادشاهي الله جي آهي، جيڪي چاهي پيدا ڪري ٿو ۽ الله سڀ ڪنهن شي تي وس وارو آهي (۱۷) ۽ يهودي ۽ نصارا چوندا آهن ته اسان الله جا پٽ ۽ ان جا پيارا آهيون، اي پيغمبر! کين چئو ته پوءِ توهان کي توهان جي گناهن تي ڇو عذاب ڪندو رهيو آهي، بلڪ توهان به ان جي مخلوقات

مان ماڻهو آهيو جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشي ۽ جنهن کي گهري سزا ڏئي، ۽ آسمانن ۽ زمين ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪي آهي تنهن جي بادشاهي الله جي آهي ، ۽ ان جي طرف ئي موٽڻو آهي (١٨) اي ڪتاب وارو! بيشڪ توهان وٽ اسان جو هي رسول اهڙي وقت آيو جو گهڻي مدت کان رسولن جو اچڻ بند رهيو هو توهان تي اسان جا احڪام ظاهر ڪري ٿو ته متان چئو ته اسان وٽ ڪو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ نه آيو سو هي خوشخبري ٻڌائيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ توهان وٽ اچي ويو آهي ۽ الله هر شي تي وس وارو آهي (١٩)[3] ۽ ياد ڪر جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو جو توهان ۾ پيغمبر مقرر ڪيائين ۽ توهان کي بادشاهه ڪيائين ۽ توهان کي اهي نعمتون ڏنائين جيڪي جهان وارن مان ڪنهن کي به نه ڏنائين (٢٠) اي منهنجي قوم! هن پاڪ زمين (فلسطين) ۾ داخل ٿيو جيڪا الله توهان جي واسطي لکي ڇڏي آهي ۽ پٺتي نه هٽو ورنه نقصان وارا ٿي پوندو (٢١) چيائون ته اي موسيٰ! ان ۾ ته نهايت زبردست ماڻهو آهن ۽ اسان ان ۾ ايستائين داخل نه ٿينداسين جيستائين اهي اتان نڪري نه وڃن، جيڪڏهن اهي اتان نڪري ويندا ته اسان اتي وينداسين (٢٢) جيڪي الله کان ڊجندا هئا تن مان به ڇڻا جن تي الله نعمتون عطا ڪيون هيون تن انهن کي چيو ته زبردستي دروازي مان انهن تي حملو ڪري داخل ٿيو، جيڪڏهن توهان دروازي مان داخل ٿي ويا ته توهان ئي غالب ٿيندا ۽ جيڪڏهن توهان مومن آهيو ته الله تي ئي پروسو رکو (٢٣) چيائون ته اي موسيٰ! جيستائين اهي اتي موجود آهن اسان اتي ڪڏهن به نه وينداسين، تون ۽ تنهنجو رب وڃو ۽ پوءِ وڙهو اسان هتي وينا آهيون (٢٤) موسيٰ چيو ته اي منهنجا پالڻهار! مان پنهنجي جان ۽ پنهنجي ڀاءُ کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي اختيار نٿو رکان، سو تون اسان جي ۽ انهن بي فرمانن جي وچ ۾ جدائي ڪر (٢٥) الله چيو ته بيشڪ اها پاڪ زمين انهن تي چاليهن سالن تائين حرام آهي، زمين ۾ حيران ۽ پريشان ٻڏندا رهندا، پوءِ تون انهن بي فرمان ماڻهن جو افسوس نه ڪر (٢٦)[4] ۽ اي پيغمبر! انهن کي آدم جي ٻن پٽن (هابيل ۽ قابيل) جي سچي خبر پڙهي ٻڌائي ڇڏ جڏهن ٻنهي هڪ هڪ قرباني پيش ڪئي ته

هڪڙي (هابيل) جي قبول ڪئي وئي ۽ ٻئي (قابيل) جي قبول نہ ٿي. ٻئي (قابيل) چيو تہ قسم آهي مان توکي ضرور قتل ڪندس. پهرين (هابيل) چيو تہ الله رڳو پرهيزگارن جي قرباني قبول ڪندو آهي (٢٧) جيڪڏهن تون منهنجي قتل ڪرڻ لاءِ پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌائيندين تہ مان پنهنجو هٿ توکي مارڻ لاءِ ڪونہ وڌائيندس. ڇوتہ مان جهانن جي پالڻهار الله کان ڊڄان ٿو (٢٨) مان گُهران ٿو تہ منهنجو گناهہ ۽ تون پنهنجو گناهہ. ٻئي پنهنجي سر تي کڻين تہ پوءِ تون دوزخي ٿي ويجين ۽ ظالمن جي اهائي سزا آهي (٢٩) پوءِ ان (قابيل) جي نفس ان کي ياءُ (هابيل) جي قتل ڪرڻ تي آماده ڪيو. پوءِ ان کي قتل ڪري وڌائين ۽ نقصان وارن مان ٿي ويو (٣٠) پوءِ الله هڪ ڪانوَ کي موڪليو جنهن زمين کوٽي ان کي ڏيکاريو تہ پنهنجي ياءُ جي لاش کي ڪيئن لڪائي. قابيل چوڻ لڳو تہ افسوس آهي تہ مان هن ڪانوَ جهڙو بہ نہ ٿي سگهيس جو پنهنجي ياءُ جي لاش کي لڪايان ها. پوءِ پشيمان ٿيو (٣١) انهيءَ سبب اسان بني اسرائيل تي لکي ڇڏيو تہ جنهن بہ ڪنهن جان جي عيوض يا زمين ۾ فساد ڪرڻ واري کان سواءِ ٻئي کي بي واجبي قتل ڪيو تہ جڻ انهيءَ سمورن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ جنهن هڪ ساهہ کي بچايو تہ انهيءَ جڻ سمورن ماڻهن کي بچايو ۽ بيشڪ انهن وٽ اسان جا رسول چٽن دليلن سان ايندا رهيا. پر انهن مان گهڻا پوءِ بہ زمين ۾ زيادتيون ڪندڙ آهن (٣٢) ۽ اهي جيڪي الله ۽ ان جي رسول سان لڙائي ڪن ٿا ۽ ملڪ ۾ فساد ڪندا ڦرن ٿا انهن جي سزا هيءَ آهي تہ ڳٽي چونڊي قتل ڪيا وڃن يا سوليءَ تي لٽڪايا وڃن يا سندن هڪ پاسي جا هٿ ۽ ٻئي طرف جا پير ڪپيا وڃن يا وطن کان پري تڙيا وڃن. دنيا ۾ انهن جي لاءِ اها خواري آهي ۽ آخرت ۾ انهن جي واسطي وڏو عذاب آهي (٣٣) مگر اهي جن توهان جي قابو ۾ اچڻ کان اڳ توبهہ ڪئي تہ پوءِ ڇاٽي ڇڏيو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٣٤)[5] اي ايمان وارو! الله کان ڊجو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو ۽ ان جي راهہ ۾ جهاد ڪريو تہ من اوهان ڪامياب ٿيو (٣٥) بيشڪ اهي جن ڪفر ڪيو پوءِ جيڪي زمين ۾ آهي اهو سمورو ۽ ان جيترو ٻيو بہ جيڪڏهن سندن ملڪيت هجي اهو ڏئي قيامت جي عذاب کان پنهنجي جند ڇڏائڻ گهرن تہ انهن کان قبول نہ

ڪيو ويندو ۽ انهن جي واسطي ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٣٦) دوزخ مان نڪرڻ گهرندا پر نڪري نه سگهندا ۽ انهن لاءِ دائمي عذاب آهي (٣٧) ۽ چور مرد هجي يا عورت انهن جي ڏوهه جي بدلي انهن جا هٿ ڪپيو جو اها الله جي طرف کان سزا آهي ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي (٣٨) جيڪو پنهنجي ڏوهه ڪرڻ کان پوءِ توبهه ڪندو ۽ پاڻ سڌري ويجي ته الله ان کي معاف ڪندو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٣٩) اي پيغمبر! ڇا توکي معلوم نه آهي ته آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي. جنهن کي وٽيس تنهن کي عذاب ڪري ۽ جنهن کي گُهري تنهن کي بخشي ۽ الله سڀ شي تي وس وارو آهي (٤٠) اي رسول! اهڙن ماڻهن مان انهن جو حال توکي غمگين نه ڪري جيڪي ڪفر ۾ ڪاهي پوندا آهن جو پنهنجي واتن سان ته چوندا آهن ته اسان ايمان آندو آهي پر انهن جي دلين ايمان نه آندو هوندو آهي ۽ ڪي يهودي ڏاڍا ڪوڙ ٻُڌندا آهن ۽ ٻين ماڻهن لاءِ جيڪي تو وٽ حاضر ئي نه ٿيا آهن جاسوسي ڪندا آهن. الله جي ڳالهين کي انهن جي صحيح جاين کان مٽائي ڇڏيندا آهن. ماڻهن کي چوندا آهن ته توهان کي هي حڪم ملي ته مڃجو ۽ اهو نه ملي ته بچو ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪرڻ گهري ته ان کي هدايت ڪرڻ جو الله کان توکي ڪو اختيار ڪونهي. اهي اهڙا آهن جو الله سندن دلين کي پاڪ ڪرڻ نه گهرندو آهي. انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ آخرت ۾ به انهن لاءِ وڏو عذاب آهي (٤١) اي پيغمبر! اهي ڪوڙيون ڳالهيون ٻُڌندڙ ۽ حرام جو مال کائيندڙ آهن. جيڪڏهن تو وٽ فيصلي لاءِ اچن ته انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪر يا انهن کان منهن موڙ ۽ جيڪڏهن انهن کان منهن ڦيرينديں ته تنهنجو ڪو نقصان ڪونه ڪري سگهندا ۽ جي انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪرين ته انصاف سان فيصلو ڪر. بيشڪ الله انصاف ڪرڻ وارن کي پسند ڪندو آهي (٤٢) ۽ توکان فيصلو ڪيئن ڪرائيندا جڏهن ته انهن وٽ توريت آهي جنهن ۾ الله جو حڪم موجود آهي. ان جي باوجود انهيءَ کان منهن موڙين ٿا ۽ اهي مڃڻ وارا نه آهن (٤٣)[6] بيشڪ اسان توريت نازل ڪيو جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي ۽ اسان جا فرمانبردار نبي ۽ يهودي عالم ۽ فقيهه (ربي ۽ احبار) ان جي مطابق يهودين کي حڪم ڏيندا هئا جن کي الله جي

ڪتاب جي حفاظت جو حڪم هو ۽ اهي ان تي شاهد هئا. پوءِ اسان کين سمجهايو هو تہ ماڻهن کان نہ ڊجو ۽ مون الله کان ڊجو ۽ منهنجي آيتن کي ٿوري قيمت تي نہ وڪڻو ۽ جيڪي الله جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق حڪم نہ ڪندا تہ اهي ئي ماڻهو ڪافر آهن (٤٤) ۽ اسان توريت ۾ انهن يهودين تي واجب ڪيوسين تہ ماڻهوءَ جي بدلي ماڻهو ۽ اک جي بدلي اک ۽ نڪ جي بدلي نڪ ۽ ڪن جي بدلي ڪن ۽ ڏند جي بدلي ڏند ۽ زخمن ۾ پڻ اوتروئي بدلو آهي. پوءِ جيڪو دل جي خوشيءَ سان بدلو معاف ڪري ڇڏي تہ اهو معاف ڪرڻ واري لاءِ سندس گناهن جو ڪفارو هوندو ۽ جيڪي الله جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق حڪم نہ ڪندا تہ اهي ئي ماڻهو ظالم آهن (٤٥) ۽ پوءِ انهن نبين جي پٺيان اسان انهن جي طريقي تي عيسيٰ پٽ مريم کي موڪليو جيڪو ان کان اڳ ۾ نازل ٿيل ڪتاب (توريت) جي تصديق ڪندڙ هو ۽ کيس انجيل عطا ڪيوسين جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي ۽ توريت جيڪو ان کان اڳ ۾ موجود هو ان جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ پرهيزگارن جي واسطي هدايت ۽ نصيحت آهي (٤٦) ۽ انجيل وارن (عيسائين) کي گهرجي تہ الله جيڪو ان ۾ نازل ڪيو آهي ان مطابق فيصلو ڪن ۽ جيڪي الله جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق فيصلو نہ ڪندا تہ اهي بي فرمان آهن(٤٧) اي محبوب! تنهنجي طرف سچائي سان ڪتاب نازل ڪيوسين جيڪو اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ انهن تي محافظ ۽ نگهبان آهي. سو الله جي نازل ڪيل حڪم مطابق انهن ۾ فيصلو ڪر ۽ جيڪو حق تو وٽ آيو آهي تنهن کان مُڙي انهن جي خواهش تي نہ هل. اسان توهان سمورن لاءِ شريعت ۽ سڌو رستو مقرر ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن الله گُهري ها تہ توهان سمورن کي هڪ ئي امت ڪري ها پر گهريائين تہ جيڪو توهان کي ڏنائين انهيءَ ۾ توهان کي آزمائي، تنهنڪري ڀلائين جي طرف هڪ ٻئي کان اڳرائي ڪريو. توهان سمورن جو موٽڻ الله ڏانهن آهي، جنهن ڳالهہ بابت توهان تڪرار ڪندا آهيو ان بابت اوهان کي خبر ڏيندو(٤٨) اي پيغمبر! وري بہ توکي حڪم ڪجي ٿو تہ جيڪي الله نازل ڪيو آهي ان مطابق انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪر ۽ انهن جي سَڌن تي نہ هل ۽ انهن کان بچندو رهہ تہ جيڪي الله توڙانهن لاٿو آهي

تنهن جي ڪنهن حڪم کان متان توکي ٽيڙين. پوءِ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين تہ يقين ڪر تہ الله انهن کي انهن جي ڪن گناهن جي سزا پهچائڻ گهري تہ بيشڪ گهڻا ماڻهو بي فرمان آهن (٤٩) ڇا ايجا جاهليت وارو فيصلو گهرن ٿا پر يقين ڪرڻ وارن جي لاءِ فيصلو ڪرڻ ۾ الله کان بهتر ڪير آهي (٥٠)[7] اي ايمان وارو! يهودين ۽ نصارن کي دوست نہ بڻايو. اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن ۽ توهان مان جيڪو انهن سان دوستي رکندو تہ اهو بہ انهن مان هوندو. بيشڪ الله ظالم قوم کي هدايت نہ ڏيندو آهي (١) اي پيغمبر! جن جي دلين ۾ منافقي جو آزار آهي تن کي ڏسندين تہ يهودين ۽ عيسائين جي دوستي ڏانهن ڊوڙندا ويندا. چوندا آهن تہ پاڻ تي زماني جي چڪ اچڻ کان ڊجون ٿا. پوءِ سگهوئي الله پنهنجي طرف کان فتح يا ڪو ٻيو حڪم موڪليندو. پوءِ اهي جيڪو پنهنجي دلين ۾ لڪائيندا آهن ان تي پشيمان ٿيندا (٥٢) ۽ قيامت جي ڏينهن ايمان وارا چوندا تہ ڇا هي اهي آهن جيڪي دنيا ۾ الله جا وڏا وڏا قسم کڻي چوندا هئا تہ اسان توهان سان گڏ آهيون. اڄ منافقي سبب انهن جا سمورا عمل چٽ تي ويا ۽ نقصان وارا ٿي ويا (٥٣) ايمان وارو! توهان مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو تہ عنقريب الله اهڙا ماڻهو پيدا ڪندو جن کي الله دوست رکندو ۽ اهي الله کي دوست رکندا. اهي مسلمانن تي نرم ۽ ڪافرن تي سخت هوندا. الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا ۽ ڪنهن بہ ملامت ڪندڙ جي ملامت جو فڪر نہ ڪندا. اهو الله جو فضل آهي جنهن کي گهري تنهن کي ڏيندو آهي ۽ الله گهڻو مهربان ۽ ڄاڻندڙ آهي (٥٤) اي مومنو! الله ۽ ان جي رسول ۽ ايمان وارن کان سواءِ توهان جو ڪو دوست نہ آهي. اهي جيڪي نماز ادا ڪندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ الله جي بارگاهہ ۾ جهڪندا آهن (٥٥) ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول ۽ مومنن کي پنهنجو دوست بڻائيندو سو الله جي ٽولي مان ٿيندو. بيشڪ الله جي جماعت ئي سڀني تي غالب ٿيندي (٥٦)[8] اي ايمان وارو! انهن مان جن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنو ويو جن توهان جي دين کي کل پوڳ ۽ راند سمجهيو آهي. انهن کي ۽ ڪافرن کي پنهنجو دوست نہ بڻايو ۽ جيڪڏهن ايمان رکو ٿا تہ الله کان ڊجندا رهو (٥٧) ۽ جڏهن توهان نماز جي واسطي آذان ڏيندا آهيو تہ

اهي ان کي پوڳ ۾ راند بڻائيندا آهن. اهو ان ڪري جو اهي بي سمجهه ماڻهو آهن (٥٨) اي پيغمبر! کين چئو ته اي ڪتاب وارو! ڇا توهان اسان کان هن ڪري نفرت ڪيو ٿا جو اسان الله کي ۽ ان کي جيڪو اسان ڏانهن لاٿو ويو آهي ۽ جيڪو اڳي نازل ٿيو آهي ان کي مڃيو آهي، بيشڪ توهان مان گهڻا بي فرمان آهن (٥٩) اي پيغمبر! کين چئو ته ڇا مان توهان کي الله وٽ سزا ۾ زور بچڙي عاقبت وارن بابت ٻڌايان، اِهي اُهي آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ انهن تي ڏمر ڪيو آهي ۽ انهن مان ڪن کي باندر ۽ سوئر ۽ شيطان جا پوڄاري ڪيائين، انهن جو ٺڪاڻو تمام برو آهي ۽ اهي سڌي واٽ کان گهڻو ويڪيل آهن (٦٠) ۽ جڏهن توهان وٽ ايندا آهن ته چوندا آهن ته اسان ايمان آندو آهي توڙي جو اڃڙ وقت بہ ڪافر هئا ۽ وڃڻ وقت بہ ڪافر رهيا، ۽ جيڪي دل ۾ لڪائين تا الله ان کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (٦١) ۽ اي پيغمبر! انهن مان گهڻن کي ڏسندين ته گناهه ۽ زيادتي ۽ حرام خوريءَ ڏانهن تڪڙ ڪندا آهن، بيشڪ اهي جيڪي ڪندا آهن سو گهڻو بچڙو آهي (٦٢) انهن جا عالم (پادري) ۽ درويش ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ حرام کائڻ کان انهن کي ڇو منع نٿا ڪن، بيشڪ جيڪي ڪندا آهن سو گهڻو بچڙو آهي (٦٣) ۽ يهودي چوندا آهن ته الله جو هٿ ٻڌل آهي، بلڪ انهن جا پنهنجا هٿ ٻڌل آهن ۽ انهن تي انهيءَ چوڻ جي ڪري الله لعنت ڪئي آهي ۽ الله جا هٿ ڪشادا آهن جيئن وڻيس تيئن عطا ڪندو آهي ۽ اي محبوب! تنهنجي پالڻهار جي طرفان توڏانهن جيڪو قرآن لاٿو ويو آهي ان جي ڪري گهڻا يهودي شرارت ۽ ڪفر ۾ وڌي ويندا ۽ اسان قيامت جي ڏينهن تائين انهن جي وچ۾ دشمني ۽ وير وجهي ڇڏيو آهي، جڏهن بہ لڙائي جي باهه ٻرڪائيندا آهن ته الله ان کي وسائي ڇڏيندو آهي پر اهي زمين ۾ فساد ڪرڻ جي واسطي ڊڪندا رهندا آهن ۽ الله فسادين کي دوست نہ رکندو آهي (٦٤) جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگاري ڪن ها ته اسان ضرور سندن گناهه ميٽي ڇڏيون ها ۽ ضرور انهن کي آرام وارن باغن (جنت) ۾ داخل ڪيون ها (٦٥) جيڪڏهن اهي توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي سندن پالڻهار وٽان انهن ڏانهن لاٿو ويو آهي تن جي حڪمن تي قائم رهن ها ته انهن کي مٿان آسمان کان

۽ انهن جي پيرن جي هيٺان زمين مان رزق ملي ها. انهن مان هڪ جماعت وڃٽري راهه تي آهي ۽ انهن مان گهڻا نهايت برا ڪم ڪندا آهن (٦٦)[9]
اي رسول! جيڪي تنهنجي پالڻهار جي طرفان توڏانهن نازل ٿيو آهي اهو ماڻهن تائين پهچائي ڇڏ ۽ ائين نه ڪيئي ته جڙ تو ان جو ڪو پيغام نه پهچايو ۽ الله توکي ماڻهن کان بچائيندو. بيشڪ الله ڪافرن جي قوم کي سڌي راهه نه ڏيکاريندو آهي (٦٧) اي پيغمبر! کين چئو ته اي ڪتاب وارو! توهان ايستائين ڪنهن وات تي نه آهيو جيستائين توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي توهان جي پالڻهار طرفان توهان تي لاٿو ويو آهي ان ۾ ٻڌايل حڪمن کي قائم نه ڪندو. ۽ اي محبوب! جيڪو توڏانهن تنهنجي پالڻهار وٽان نازل ٿيو آهي سو انهن مان گهڻن يهودين جي شرارت ۽ ڪفر کي اڃا وڌائيندو. پوءِ تون ڪافرن جي قوم جو ارمان نه ڪر (٦٨) بيشڪ اهي جيڪي ايمان وارا آهن ۽ يهودين ۽ ستارن جي پوڄارين (صابئي) ۽ نصرانين مان جن سچي دل سان الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته انهن کي نه ڪو ڊپ هوندو ۽ نه اهي غمگين ٿيندا (٦٩) بيشڪ بني اسرائيل کان عهد ورتوسين ۽ انهن جي طرف رسول موڪلياسين. جڏهن به انهن وٽ ڪو رسول اها ڳالهه ڪٽي آيو جيڪا انهن جي دل جي خواهش مطابق نه هئي ته اهي هڪ ٽولي کي ڪوڙو ٿي چيائون ۽ ٻئي ٽولي کي شهيد ڪندا هئا (٧٠) ۽ هن گمان ۾ هيا ته انهن کي سزا نه ملندي. پوءِ حق کان انڌا ۽ ٻوڑا ٿي ويا. پوءِ به الله متن ٻاجهه ڪئي جو توبهه قبول ڪيائين. وري انهن ماڻهن مان گهڻا حق کان انڌا ۽ ٻوڑا ٿيا ۽ جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي (٧١) جيڪي چون ٿا ته مسيح پٽ مريم جو پاڻ الله آهي بيشڪ اهي ڪافر آهن ۽ مسيح (عيسيٰ) ته چوندو هيو ته اي بني اسرائيل! الله جي عبادت ڪريو جيڪو منهنجو رب ۽ توهان جو به رب آهي. بيشڪ جنهن الله سان شرڪ ڪيو ته الله ان تي جنت حرام ڪري ڇڏي ۽ ان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي. ظالمن جو ڪوبه مددگار نه هوندو (٧٢) جيڪي چوندا آهن ته الله ٽن خدائن ۾ ٽيون آهي بيشڪ اهي ڪافر آهن جڏهن ته اڪيلي معبود (الله) کان سواءِ ڪوئي معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. ۽ جيڪڏهن پنهنجي ڳالهه چوڻ کان نه مڙيا ته جن ڪفر

ڪيو انهن کي ضرور ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو (٧٣) پوءِ الله جي طرف ڇو نٿا موٽن ۽ انهيءَ کان بخشش ڇو نٿا گهرن، ۽ الله بخشٽهار مهربان آهي (٧٤) مسيح (عيسيٰ) پٽ مريم ٻيو ڪجهہ نہ مگر هڪ رسول آهي ۽ ان کان اڳ گهڻا رسول ٿي گذريا آهن، ۽ ان جي ماءُ صديقہ (گهڻي سچار) هئي، ٻئي کائيندا پيئندا هئا. اي پيغمبر! ڏس تہ انهن جي لاءِ ڪيئن نشانيون بيان ڪيون ٿا، وري ڏس تہ اهي ڪيئن ابتو وڃن ٿا (٧٥) اي پيغمبر! کين چئو تہ الله کان سواءِ اهڙن جي پوڄا ڇو ٿا ڪريو جيڪي توهان کي نہ نقصان ۽ نہ نفعو پهچائڻ جو اختيار رکن ٿا ۽ الله ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٧٦) اي پيغمبر! کين چئو تہ اي ڪتاب وارو، پنهنجي دين ۾ ناحق زيادتي نہ ڪريو ۽ اهڙن ماڻهن جي خواهشن تي نہ هلو جيڪي پاڻ اڳيئي گمراهہ ٿي چڪا آهن ۽ ٻين گهڻن کي بہ گمراهہ ڪيو ائٽن ۽ سڌي وات کان ٻٽڪي ويا آهن (٧٧)[10] بني اسرائيل مان جن ڪفر ڪيو هو انهن تي داؤد ۽ عيسيٰ بن مريم جي زبان سان لعنت ڪئي وئي هئي، اهو هن ڪري جو نافرماني ڪيائون ۽ سرڪش ٿي ويا هيا (٧٨) جيڪي برا ڪم ڪندا هيا تن کان هڪ ٻئي کي نہ روڪيندا هئا. نهايت ئي برا ڪم ڪندا هئا (٧٩) اي پيغمبر! انهن مان گهڻن کي ڏسندين تہ مشرڪن سان دوستي رکن ٿا. پنهنجي لاءِ پاڻ جيڪو اڳتي موڪليائون سو بيڙو آهي، سو الله جو انهن تي ڏمر ٿيو ۽ اهي سدائين عذاب ۾ رهندا (٨٠) ۽ جيڪڏهن اهي الله کي ۽ پنهنجي نبيءَ کي ۽ جيڪو ان تي نازل ٿيو ان کي مڃيندڙ هجن ها تہ مشرڪن سان دوستي نہ رکن ها، مگر انهن مان گهڻا نافرمان آهن (٨١) اي پيغمبر! تون سيني کان وڌيڪ يهودين ۽ مشرڪن کي مسلمانن جو دشمن لهندين ۽ تون مسلمانن جي دوستيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ ويجهو انهن کي ڏسندين جيڪي چوندا آهن تہ اسان عيسائي (نصارا) آهيون، هي ان ڪري آهي جو انهن عيسائين ۾ ڪي عالم (پادري) ۽ ڪي درويش (راهب) آهن ۽ اهي وڏائي نہ ڪندا آهن (٨٢) ۽ جيڪو رسول ڏانهن لاٿو ويو سو جڏهن ٻڌندا آهن تہ ڏسندين تہ انهيءَ ڪري جو اهي حق کي سڃاڻي ويا سندن اکيون ڳوڙهَا وهائي رهيون هوندیون آهن، ۽ چوندا آهن تہ اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو آهي تنهنڪري اسان کي

شاهدن مان لک (٨٣) ۽ چوندا آهن تہ اسان کي چا ٿيو آهي جو الله تي ۽ ان حق (قرآن) تي جيڪو اسان وٽ آيو ايمان نہ آڻيون ۽ اسان اميد رکون ٿا تہ اسان جو رب اسان کي نيڪ ماڻهن سان گڏ بهشت ۾ داخل ڪندو (٨٤) پوءِ الله انهن جي انهيءَ عرض جي بدلي کين باغ (بهشت) ڏنا جن جي هيٺان نهرون جاري آهن سدائين ان ۾ رهندا. ۽ نيڪ ماڻهن جو اهو بدلو آهي (٨٥) ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيائون اهي دوزخي آهن (٨٦)[11] اي ايمان وارو! جيڪي سنيون شيون الله توهان جي لاءِ حلال ڪيون آهن انهن کي حرام نہ ٻڌايو ۽ حد کان نہ لنگهو. ڇوتہ الله حد کان لنگهندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي (٨٧) ۽ جيڪي الله توهان کي پاڪ حلال روزي ڏني آهي اها کائو ۽ الله کان ڊجو جنهن کي توهان مڃيندڙ آهيو (٨٨) الله توهان جي غلط فهمي وارن قَسمن تي توهان جي پڪڙ نہ ڪندو پر انهن قسمن تي پڪڙ ڪندو جيڪي توهان پڪي نيت سان کنيا. پوءِ اهڙي قَسم جو ڪفارو ڏهن مسڪينن کي کاڏو کارائڻ آهي جهڙو پنهنجي گهر وارن کي کارائيندا آهيو يا ان جي وچٿرو يا انهن کي لباس ڏيڪائڻ يا هڪ غلام آزاد ڪرڻ. جنهن کي انهن ڳالهين مان ڪابہ طاقت نہ هجي تہ تي ڏينهن روزا رکي. جڏهن قَسم کٽي پيجو تہ اهو توهان جي قَسمن جو ڪفارو آهي. پنهنجن قسمن جي حفاظت ڪريو الله اهڙي طرح توهان سان پنهنجا حڪم بيان ڪندو آهي تہ جيئن توهان شڪر ڪريو (٨٩) اي ايمان وارو! شراب ۽ جوا ۽ بت خانا ۽ ڏارا وجهڻ سيءَ پليت شيطاني ڪم آهن انهن کان بچندا رهو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿيو (٩٠) شيطان تہ اهو گهري ٿو تہ توهان ۾ شراب ۽ جوا جي ذريعي ويرَ ۽ دشمني وجهي ڇڏي ۽ توهان کي الله جي ياد ۽ نماز کان روڪي. پوءِ ڇا توهان ان جي ڇوڙ تي رڪجي ويندو (٩١) ۽ الله جي تابعداري ڪيو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪيو ۽ ڊجندا رهو جي پوءِ ڪڏهن ڦرندوَ تہ يقين ڪريو تہ اسان جي رسول جي ذمي فقط واضح طور پيغام پهچائڻ آهي (٩٢) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ جيڪي اڳ حرام کاڏائون انهن تي ان جو ڪو گناهہ نہ آهي جڏهن تہ اڳتي ڊجن ۽ ايمان رکن ۽ نيڪيون ڪن. وري خوف ڪن ۽ ايمان رکن وري ڊجن ۽ چڱائي ڪن ۽

الله ڇڳائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي (۹۳)[12] اي ايمان وارو! ضرور الله توهان کي ڪن اهڙن شڪارن جي ذريعي آزمائيندو جنهن تائين توهان جا هٿ ۽ نيزا پهچن ٿا جيئن الله انهن جي سڃاڻپ ڪرائي جيڪي کانئس اڻ ڏٺي ڊڄندا آهن. ان حڪم پهچڻ کان پوءِ به جيڪو حد کان لنگهندو ٿا ان جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۹٤) اي ايمان وارو! احرام جي حالت ۾ هجو ٿا شڪار نه ڪيو ۽ توهان مان جيڪو ان کي ارادي سان ماري ٿا ان جي بدلي ۾ چوپاين مان ان ماريل جانور جهڙو جانور ڏيڻو آهي جنهن جي لاءِ توهان مان ٻه عادل ماڻهو امانت ڪن. اها قرباني ڪعبي تائين پهچائڻي آهي يا اوتري قيمت جو مسڪينن کي کاڌو کارائي يا ان مسڪينن جي عدد جيترا روزا رکي جيئن پنهنجي ڪئي جي سزا چکي. اڳ جيڪو ٿي گذريو الله معاف ڪيو جيڪو وري به شڪار ڪندو ٿا الله ان کان بدلو ونندو ۽ الله زبردست بدلي ونڻ وارو آهي(۹۵) توهان جي لاءِ سمنڊ (درياء) جو شڪار ۽ ان جو کائڻ حلال ڪيو ويو آهي. اهو توهان جي لاءِ ۽ مسافرن جي لاءِ فائدي وارو آهي پر جيستائين توهان احرام ۾ هجو ٿا توهان تي جهنگ جو شڪار حرام آهي. ۽ الله کان ڊجو جنهن وٽ اوهان کي موٽي گڏ ٿيڻو آهي (۹٦) الله تعظيم واري گهر ڪعبي ۽ تعظيم واري مهيني ۽ حرم ڏانهن موڪليل قرباني ۽ ڳچيءَ ۾ نشاني لٽڪيل جانور کي ماڻهن لاءِ بقا جو سبب ڪيو آهي. اهو هن لاءِ ٿا جيئن توهان ڄاڻو ٿا جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي اهو الله ڄاڻندڙ آهي ۽ بيشڪ الله هر شي جو علم رکڻندڙ آهي (۹۷) يقين رکو ٿا الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان به آهي (۹۸) رسول جي ذمي پيغام پهچائن کان سواءِ پي ڳالهه نه آهي ۽ جيڪي ڪُلي ڪيو ٿا ۽ جيڪي لڪي ڪيو ٿا اهو الله ڄاڻندو آهي (۹۹) اي پيغمبر! چئو ٿا پليت ۽ پاڪ ٻئي برابر نه آهن جيتوڻيڪ خبيث جي گهڻائي کنهن کي عجب ۾ وجهي. پوءِ اي عقل وارو! الله کان ڊجو ٿا مَن توهان چوٽڪارو لهو (۱۰۰)[13] اي ايمان وارو! اهڙيون ڳالهيون نه پڇو جن جي حقيقت جيڪڏهن توهان تي ظاهر ڪجي ٿا توهان کي ڏکيو لڳي ۽ جيڪڏهن اهي سوال ان وقت پڇندو جڏهن قرآن نازل ٿي رهيو هجي ٿا توهان تي ظاهر ڪيون ويندين.

انهن سوالن کان الله اوهان کي معاف ڪيو ۽ الله بخشٽهار بردبار آهي (١٠١) توهان کان اڳ ۾ هڪڙي قوم (بني اسرائيل) اهڙا سوال پڇيا هيا پر سمجهائڻ تي وري ڦري انهن جا منڪر ٿي ويٺا (١٠٢) الله ڪن چيريل ۽ سائبہ ۽ وسيلہ ۽ حامہ جانور مقرر نہ ڪيو آهي، پر ڪافر ماڻهو الله تي ڪوڙ ٻڌندا آهن ۽ انهن مان گهڻا نٿا سمجهن (١٠٣) ۽ جڏهن انهن کي چيو ويجي ٿوتہ جيڪي الله نازل ڪيو آهي تنهن ڏانهن ۽ رسول جي طرف اچو تہ چوندا آهن تہ جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو سو اسان کي ڪافي آهي، ڇا توڙي جو سندن ابا ڏاڏا ڪجهہ نہ ڄاڻندا هيا ۽ نہ هدايت وارا هيا (١٠٤) اي ايمان واروا توهان پنهنجو فڪر ڪريو ۽ جڏهن توهان راهہ تي هوندا تہ جيڪو گمراهہ ٿيو توهان جو ڪو نقصان نہ ڪندو. توهان سمورن کي الله جي طرف موٽڻو آهي پوءِ اهو توهان کي ٻڌائيندو جيڪي توهان ڪندا آهيو (١٠٥) اي ايمان واروا جڏهن توهان مان ڪنهن تي موت ويجهو ٿئي تہ وصيت ڪرڻ مهل ۾ معتبر شخص شاهد ڪريو جيڪي توهان مان هجن، يا ڌارين مان هجن اهو تڏهن جڏهن توهان ملڪ ۾ سفر تي هجو ۽ توهان کي موت جو حادثو پهچي، جيڪڏهن توهان کي سندن شاهدي ۾ ڪو شڪ هجي تہ انهن ٻنهي کي نماز کان پوءِ روڪيو ۽ اهي الله جو قسم کڻي چون تہ توڙي جو ويجهو مائٽ هجي تہ بہ اسان قسم جي بدلي ڪو مال نہ وٺنداسين ۽ الله جي حڪم واري شاهدي بہ نہ لڪائينداسين جي لڪايون تہ اسان ضرور گناهگارن مان ٿينداسين (١٠٦) پوءِ جيڪڏهن خبر پوي تہ اهي ٻئي گناهگار (ڪوڙا) ٿيا آهن تہ انهن جي جاءِ تي انهن مان جن کي ان گناهہ يعني ڪوڙي شاهدي جي ڪري نقصان پهتو هجي ہ ٻيا شاهد بيهن، اهي الله جو قسم کڻي چون تہ اسان جي شاهدي انهن ٻنهي جي شاهدي کان زيادهہ ٺيڪ آهي ۽ اسان حد کان نہ ٽپيا آهيون جي ائين هجي تہ اسان ظالمن مان ٿينداسون (١٠٧) اهو حڪم هن ڳالهہ کي ويجهو آهي تہ اهي ماڻهو سچي ڳالهہ جي شاهدي ڏيندا يا پنهنجن قسمن کڻڻ کان پوءِ قسم جي رد ٿيڻ کان ڊڄندا ۽ الله کان ڊڄو ۽ هي حڪم دل سان ٻڌو ۽ الله بي فرمانن کي هدايت نہ ڏيندو آهي (١٠٨)[14] ۽ ياد ڪر، جنهن ڏينهن الله سيني رسولن کي گڏ ڪندو پوءِ

پڇندو تہ توهان کي کهڙو جواب مليو هو عرض ڪندا تہ اسان کي ماڻهن جي دلين جي ڪا خبر نہ آهي. بيشڪ تون ئي سمورن ڳُجهن جو ڄاڻندڙ آهين(١٠٩) جڏهن ان ڏينهن الله چوندو تہ اي عيسيٰ پٽ مريم. پاڻ تي ۽ پنهنجي ماءُ تي منهنجو احسان ياد ڪر. جڏهن پاڪ روح (روح القدس) وسيلي توکي قوت ڏنم جو تو پينگهي ۾ ۽ پڪي عمر جو ٿي ماڻهن سان ڳالهايو ٿي ۽ جڏهن توکي ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽ انجيل سيکاريم ۽ جڏهن تو منهنجي حڪم سان متيءَ مان پکي جي شڪل جهڙو ٺاهيو ٿي پوءِ ان ۾ ڦوڪ ڏنئي ٿي تہ اهو منهنجي حڪم سان اڏامڻ لڳو ٿي ۽ تو جائي جنم کان انڌي ۽ سفيد داغ (ڪوڑهہ) واري کي منهنجي حڪم سان شفا ٿي ڏني ۽ جڏهن تو مُردن کي منهنجي حڪم سان زندهہ ڪري ڪڍيو ٿي ۽ جڏهن مون بني اسرائيلن جي شر کي توکان روڪيو. جڏهن تون وٽن روشن نشانيون کڻي آئين تہ انهن مان ڪافرن چيو تہ هي پڌري جادو کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي (١١٠) ۽ جڏهن مون حوارين جي دل ۾ وڌو تہ مون تي ۽ منهنجي رسول (عيسيٰ) تي ايمان آڻيو تہ چيائون تہ اسان ايمان آندو ۽ اي الله تون شاهد رهہ تہ اسان مسلمان آهيون (١١١) ۽ ياد ڪر. جڏهن حوارين چيو تہ اي عيسيٰ پٽ مريم. ڇا تنهنجو رب ائين ڪندو جو اسان تي آسمان مان طعام جو هڪ خونچو (دسترخوان) لاهي. عيسيٰ چيو تہ جيڪڏهن ايمان رکو ٿا تہ الله کان ڊڄو (١١٢) چيائون تہ اسان گُهرون ٿا تہ اسان ان مان کائون ۽ اسان جون دليون مطمئن ٿين ۽ اسان اکين سان ڏسون تہ تو اسان کي سچ چيو آهي ۽ اسان ان تي شاهد ٿي وڃون (١١٣) تڏهن عيسيٰ پٽ مريم عرض ڪيو تہ اي الله! اي اسان جا رب. اسان تي آسمان کان طعام جو خونچو نازل فرماءِ جيئن اهو اسان جي لاءِ ۽ اسان جي اڳين پوين جي واسطي عيد ٿئي ۽ تنهنجي طرف کان نشاني ٿئي ۽ اسان کي رزق ڏي ۽ تون سمورن کان ڀلو روزي ڏيندڙ آهين (١١٤) الله چيو تہ مان اهو خونچو توهان تي نازل ڪريان ٿو. پوءِ توهان مان جيڪو بي فرماني ڪندو تہ بيشڪ مان کيس اهو عذاب ڏيندس جو سموري دنيا جي رهندڙن مان ڪنهن تي نہ ڪندس (١١٥)[15] ۽ اهو وقت ياد ڪر. جڏهن الله چوندو تہ اي عيسيٰ پٽ مريم! ڇا تو ماڻهن کي چيو هو

تہ الله کان سواءِ مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي بہ معبود ڪري مڃو عيسيٰ عرض ڪندو تہ توکي پاڪائي آهي، مون کي اهڙي ڳالهہ ڪرڻ نہ جڳائي جنهن جي چوڻ جو مون کي حق نہ آهي، جيڪڏهن مون ائين چيو هوندو تہ توکي ضرور معلوم هوندو جيڪي منهنجي دل ۾ آهي اهو تون ڄاڻين ٿو ۽ جيڪو تنهنجي علم ۾ آهي سو مان نٿو ڄاڻان، بيشڪ تون ئي سمورن ڳُجهن کي ڄاڻندڙ آهين (١١٦) جنهن جو تو مون کي حڪم ڪيو هو هنن کي ان کان سواءِ مون ٻيو ڪجهہ نہ چيو هو هي چيو هو تہ الله جي عبادت ڪريو جيڪو منهنجو پالڻهار ۽ توهان جو پالڻهار آهي ۽ جيستائين مان انهن ۾ رهيس انهن تي واقف هيس، پوءِ جڏهن تو مون کي کڻي ورتو تہ تون ئي مٿن نگهبان هئين ۽ تون ئي هر شي جي خبر رکندڙ آهين (١١٧) جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڪندين تہ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن تون کين بخشي ڇڏين تہ بيشڪ تون ئي زبردست حڪمت وارو آهين (١١٨) الله فرمائيندو تہ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ سچن کي سندن سچائي فائدو ڏيندي، انهن جي لاءِ باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، سدائين انهن ۾ رهندا، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي آهن، اها وڏي ڪاميابي آهي (١١٩) جيڪي آسمان ۽ زمين ۽ انهن جي وچ ۾ آهي سمورن جي بادشاهي الله جي آهي ۽ اهو هر شي تي وس وارو آهي (١٢٠)[16]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت اَنعام مڪي آهي، هن ۾ 165 آيتون ۽ ويهہ رڪوع آهن.

سڀ ساراهہ الله کي جڳائي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ٻڌايو ۽ اونداهيون ۽ سوجهرو پيدا ڪيائين، پوءِ بہ ڪافر ٻين کي پنهنجي پالڻهار جي برابر ڪن ٿا (١) اهو الله ئي آهي جنهن توهان کي متيءَ مان پيدا ڪيو، پوءِ موت جو وقت مقرر ڪيائين، ۽ ان وٽ وري اٽڪل جو بہ هڪ مقرر وقت آهي، پر توهان ڪافر شڪ ڪندا آهيو (٢) ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ اهوئي الله آهي، ۽ توهان جون ڳُجهيون ۽ ظاهر ڳالهيون ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي بہ ڄاڻي ٿو (٣) ۽ انهن وٽ سندن رب جي نشانين

مان اهڙي ڪابہ نشاني ڪونهي جيڪا انهن وٽ پهتي هجي ۽ انهن ان کان منهن نہ ڦيريو هجي (٤) پوءِ بيشڪ جڏهن انهن وٽ حق (قرآن) آيو تہ انهن ان کي ڪوڙو سمجهيو. پوءِ جنهن ڳالهہ تي چٽرون ڪري رهيا آهن سگهو ان ڳالهہ جي انهن کي خبر پوندي (٥) ڇا ڪافر نٿا ڏسن تہ اسان انهن کان اڳ ۾ ڪيترين قومون تباهہ ڪيون، جن کي اسان زمين ۾ اها طاقت ڏني هئي جيڪا توهان کي نہ ڏني آهي ۽ انهن تي آسمان مان زوردار وڏڦڙي جو مينهن وسايوسين ۽ انهن جي آبادين هيٺان نهرون وهايونسين، پوءِ اسان انهن کي سندن گناهن جي سبب هلاڪ ڪيو ۽ انهن کان پوءِ ٻيون قومون پيدا ڪيونسين (٦) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن اسان توتي ڪاغذ ۾ لکيل ڪتاب (قرآن) نازل ڪريون ها جو اهي انهيءَ کي پنهنجي هٿ سان ڇهن بہ ها تڏهن بہ جيڪي ڪافر آهن چون ها تہ هي تہ بس پڌرو جادو آهي (٧) ۽ چون ٿا تہ ان تي ملائڪ ڇو نٿو اچي، پر جيڪڏهن اسان ملائڪ موڪليون ها تہ ڪم پورو ٿي چڪو هجي ها ۽ انهن کي مهلت نہ ڏني وڃي ها(٨) ۽ جيڪڏهن ملائڪ کي نبي ڪريون ها تڏهن بہ کيس مرد ڪيون ها ۽ انهن تي اهوئي شڪ شبهي وارو پولو رکون ها جنهن ۾ هاڻي ڀليل آهن (٩) اي محبوب! توکان اڳي بہ رسولن تي چٽرون ڪيون ويون آهن، پوءِ انهن مان جن چٽرون ڪيون انهن کي انهيءَ عذاب تباهہ ڪيو جنهن تي چٽرون ڪندا هيا (١٠) اي پيغمبر! کين چئو تہ زمين ۾ گهموڦرو، پوءِ ڏسو تہ ڪوڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي (١١) اي پيغمبر! کانئن پڇا ڪر تہ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اهو ڪنهن جو آهي، تون چئو تہ الله جو آهي، جنهن ٻانهي تي ٻاجهہ ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪري ڇڏي آهي، بيشڪ توهان کي قيامت جي ڏينهن ضرور گڏ ڪندو جنهن ۾ ڪوشڪ ڪونهي، جن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو سي ڪڏهن بہ ايمان نہ آڻيندا (١٢) جيڪو رات ۽ ڏينهن ۾ رهندڙ آهي انهيءَ جو آهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٣) اي پيغمبر! کين چئو تہ ڇا آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪندڙ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي سنياليندڙ ڪري ونان، اهوئي ٻين کي روزي رسائي ٿو ۽ پاڻ کائڻ کان پاڪ آهي، چئو تہ مون کي حڪم آهي تہ سمورن کان اڳ ۾ مان ئي پهريون مسلمان هجان ۽ شرڪ ڪرڻ وارن مان هرگز نہ ٿيان

(١٤) چئو تہ جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي نافرماني ڪريان تہ مون کي وڏي ڏينهن (قيامت) جي عذاب جو خوف آهي (١٥) ان ڏينهن جنهن کان عذاب هٽايو ويو تہ ضرور ان تي الله جي ٻاجهہ ٿي ۽ اهائي چٽي ڪاميابي آهي (١٦) ۽ اي انسان! جيڪڏهن الله توکي ڪا تڪليف پهچائي تہ ان کان سواءِ انهيءَ تڪليف کي ٽارڻ وارو ڪوئي ڪونهي، ۽ جيڪڏهن توسان ڀلائي ڪري تہ اهو هر شي تي وس وارو آهي (١٧) اهوئي پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي ۽ اهوئي حڪمت وارو خبروار آهي (١٨) اي پيغمبر! پڇا ڪر تہ شاهدي ڏيڻ ۾ وڏو ڪير آهي، چئو تہ الله، منهنجي ۽ توهان جي وچ۾ اهوئي شاهد آهي ۽ منهنجي طرف هي قرآن هن لاءِ وحي ڪيو ويو آهي تہ جيئن مان ان سان توهان کي ۽ جنهن جنهن کي پهچي تن سيني کي ڊيڄاريان، ڇا توهان اها شاهدي ڏيو ٿا تہ الله سان گڏ ٻيا معبود بہ آهن، اي پيغمبر! چئو تہ مان اها شاهدي نٿو ڏيان، چئو تہ اهوئي تہ اڪيلو معبود آهي ۽ جن کي توهان الله جو شريڪ ٺاهيو ٿا مان انهن کان بيزار آهيان (١٩) جن کي اسان اڳ ڪتاب ڏنو آهي اهي هن نبيءَ کي ائين سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجي اولاد کي سڃاڻندا آهن، جن پاڻ کي نقصان ۾ وڏو آهي اهي ايمان نہ آڻيندا (٢٠)[2] ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو الله تي ڪوڙ گهڙي يا سندس آيتن کي ڪوڙو ڄاڻي، بيشڪ ظالم چوٽڪارو نہ لهندا (٢١) ۽ جنهن ڏينهن اسان سمورن ماڻهن کي گڏ ڪنداسين تہ پوءِ مشرڪن کي چونداسين تہ توهان جا اهي شريڪ جن کي توهان الله جو شريڪ پائيندا هئا ڪٿي آهن (٢٢) پوءِ انهن کي ٻي ڪا ڳالهہ ٺهندي نظر نہ ايندي مگر هي چوندا تہ اسان کي الله پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي تہ اسان مشرڪن مان نہ هئاسين (٢٣) اي پيغمبر! ڏس تہ پنهنجي پاڻ تي ئي ڪيئن ڪوڙ ڪُٽي ويندا ۽ اهي جيڪي ڳالهيون گهڙيندا آهن اهي انهن کان وسري ويندیون (٢٤) ۽ انهن مان کي اهڙا آهن جيڪي تنهنجي طرف قرآن ٻُڌڻ لاءِ ڪن لڳائي ٻيهندا آهن پر اسان انهن جي دلين تي پردا ۽ سندن ڪنن ۾ ٽاٽ وجهي ڇڏيا آهن، جيڪڏهن سموريون نشانيون ڏسندا تہ بہ انهن تي ايمان نہ آڻيندا، ايتري قدر جو جڏهن تو وٽ اچن ٿا تہ توسان جهڳڙو بحث ڪندا آهن سو جن ڪفر ڪيو آهي اهي چوندا آهن

تہ هي تہ اڳين جي آکاڻين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي(٢٥) ۽ اهي ٻين کي ٻہ ان قرآن جي ٻُڌڻ کان روڪيندا آهن ۽ پاڻ ٻہ ان کان پري پڃندا آهن ۽ پنهنجي پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي هلاڪ نٿا ڪن ۽ انهن کي سمجهہ ڪانهي (٢٦) ۽ اي انسان! جڏهن اهي باهہ تي ٻيهاريا ويندا تہ توکي ڏسي عجب لڳندو جو چوندا تہ ڪاش ڪنهن طرح اسان کي واپس دنيا ۾ موڪليو ويجي ۽ اسان پنهنجي رب جي آيتن کي ڪوڙو نہ ڄاڻون ۽ مسلمان ٿي ويون (٢٧) نہ بلڪ جيڪو ڪفر ۽ گناهہ ڦهريائين لڪائيندا هئا اهو انهن تي ظاهر ٿي ويو پر جيڪڏهن اهي واپس دنيا ڏانهن موٽايا ويڃن تہ وري ٻہ اهوئي ڪندا جنهن ڪم کان کين روڪيو ويو هيو ۽ بيشڪ اهي ڪوڙا آهن (٢٨) ۽ چون ٿا تہ هن دنيا جي زندگي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي ۽ اسان کي مرڻ کان پوءِ وري اٿڻو نہ آهي (٢٩) ۽ اي انسان! جڏهن انهن کي قيامت جي ڏينهن سندن رب جي بارگاهہ ۾ بيهاريو ويندو تہ توکي ڏسي عجب لڳندو. رب چوندو تہ ڇا هي وري جيئرو ٿيڻ حق نہ آهي. چوندا تہ هائو. اسان کي پنهنجي رب جو قسم تہ سچ آهي. الله چوندو تہ جيڪو ڪفر ڪندا هيوَ ان جي بدلي ۾ هاڻي عذاب چکو(٣٠)[3] بيشڪ جن پنهنجي رب سان ملڻ کي ڪوڙو سمجهيو اهي گهاٽي ۾ رهيا تان جو متن قيامت اوچتو اچي ويندي ۽ چوڻ لڳندا تہ هاءِ ان تي افسوس جو اسان ان جي ميڙ ۾ ڪوتاهي ڪئي ۽ اهي پنهنجو بار پنهنجي پنيءَ تي کڻندا. خبردار! جيڪي کڻندا سو بيڻو آهي (٣١) ۽ دنيا جي حياتي رڳو راند روند آهي ۽ جيڪي پرهيزگار آهن انهن لاءِ آخرت جو گهر پلو آهي. پوءِ ڇو نٿا سمجهو (٣٢) اي پيغمبر! اسان کي معلوم آهي تہ اهي جيڪا ڳالهہ ڪن ٿا اها توکي تڪليف ڏئي ٿي. پر اهي رڳو توکي ڪوڙو نٿا چون پر ظالم الله جي آيتن کي ڪوڙو چئي انڪار ڪن ٿا (٣٣) ۽ توکان اڳ ۾ ٻہ رسولن کي ڪوڙو چيو ويو هو تہ انهن جي ڪوڙو چوڻ ۽ تڪليف ڏيڻ تي انهن صبر ڪيو هو ايستائين جو انهن وٽ اسان جي مدد پهتي ۽ الله جي انجامن کي ڪوبہ ڦيرائڻ وارو ڪونهي ۽ تو وٽ رسولن جون ڪجهہ خبرون پهچي چڪيون آهن (٣٤) ۽ جيڪڏهن انهن جو منهن موڙڻ توکي ڏکيو لڳو آهي تہ جيڪڏهن تون زمين ۾ ڪا سرنگهہ

هٽي سگهين يا آسمان تي چڙهڻ جي لاءِ ڏاکڻ ناهي سگهين. پوءِ انهن وٽ کو معجزو آڻين تہ آٿي انهن کي ڏيکار پر الله گهري ها تہ انهن کي هدايت تي گڏ ڪري ها. سو تون اڻ ڄاڻن مان نہ ٿي (٣٥) توکي رڳو اهي مڃيندا جيڪي حق جي ٻڌڻ ٻڌندا آهن ۽ انهن مئل دل ڪافرن کي الله قيامت جي ڏينهن اٿارينڈو. پوءِ سڀ ان جي طرف موٽايا ويندا (٣٦) ۽ چون ٿا تہ ان پيغمبر تي سندس رب جي طرفان ڪا نشاني ڇو نہ لاٿي وئي آهي. اي پيغمبر! کين چئو تہ الله ڪابہ نشاني لاهڻ تي وس وارو آهي. پر انهن مان گهڻا نٿا ڄاڻن (٣٧) ۽ جيڪي بہ زمين ۾ گهمندڙ ڦرندڙ آهن ۽ جيڪي پکي پنهنجن پرن سان اڏامن ٿا سڀ ٻيو نہ پر توهان وانگر ٽوليون آهن. اسان هن ڪتاب ۾ ڪابہ شي لکڻ کان سواءِ نہ ڇڏي آهي. وري سڀ پنهنجي رب جي طرف گڏ ڪيا ويندا (٣٨) جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو اهي اونداهين ۾ ٻيل ٻوڑا ۽ گونگا آهن. الله جنهن کي چاهي گمراهہ ڪندو آهي ۽ جنهن کي وٽي سڌي واٽ سان لڳائيندو آهي (٣٩) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ ٻڌايو تہ جيڪڏهن توهان تي الله جو عذاب اچي يا قيامت قائم ٿئي تہ الله کان سواءِ ٻين کي پڪاريندو (٤٠) بلڪ ان الله کي ئي پڪاريندو. پوءِ جيڪڏهن اهو چاهي تہ جنهن مصيبت کي تارڻ جي لاءِ ان کي سڏيندو ان کي تاري ڇڏيندو ۽ جن کي الله سان شريڪ ناهيو ٿا ان مهل انهن کي وساري ڇڏيندَوَ (٤١)[4] ۽ بيشڪ اسان توکان اڳين امتن جي طرف رسول موڪليا. پوءِ انهن جي نافرماني ڪرڻ سبب اسان کين سختي ۽ تڪليف سان پڪڙ ڪئي تہ مَن اهي ڪنهن طرح عاجزي ڪن (٤٢) پوءِ جڏهن متن اسان جو عذاب آيو تہ انهن عاجزي ڇو نہ ڪئي. ڇوتہ انهن جون دليون سخت ٿي ويون هيون ۽ شيطان انهن جا ڪم سندن نظر ۾ چگا ڪري ڏيکاريا(٤٣) پوءِ انهن کي جيڪي نصيحتون ڪيون ويون هيون جڏهن انهن وساري ڇڏيون تہ اسان انهن تي هر شي جا دروازا کولي ڇڏيا ايستائين جو جيڪو کين مليو ان تي جڏهن خوش ٿيا تہ اسان اوچتو کين پڪڙ ڪئي. تڏهن اهي ناميد رهجي ويا (٤٤) پوءِ جنهن ظلم ڪيو ان قوم جي پاڙ پٽجي وئي ۽ سڀ ساراهون الله جي واسطي آهن جيڪو جهانن

جو پالٹهار آهي (٤٥) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيکڏهن الله توهان جا ڪن ۽ اکيون ڦُري وڃي ۽ توهان جي دلين تي مُهر هڻي ڇڏي تہ پوءِ ٻڌايو تہ الله کان سواءِ ڪير آهي جيڪو توهان کي اهي شيون آڻي ڏيندو. ڏس تہ اسان ڪهڙا دليل بيان ڪريون ٿا. پوءِ بہ اهي منهن ڦيرائي ٿا وڃن (٤٦) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيکڏهن توهان تي اوچتو يا کليو کلايو الله جو قهر اچي وڃي تہ پوءِ ٻڌايو تہ ظالم قوم کان سواءِ ٻيو ڪير هلاڪ ٿيندو (٤٧) ۽ اسان رسولن کي صرف خوشخبري ڏيندڑ ۽ ڊيڄاريندڑ ڪري موڪليوسين. پوءِ جن ايمان آندو ۽ سُڌريا تہ انهن کي نہ تہ کو خوف هوندو ۽ نہ غمگين ٿيندا (٤٨) ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو تہ انهن جي نافرماني جي سبب انهن کي عذاب پهچندو (٤٩) اي پيغمبر! کين چئو تہ مان توهان کي نڏو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ هي بہ نڏو چوان تہ مان پاڻ مرادو غيب ڄاڻان ٿو ۽ نہ ئي توهان کي اهو چوان ٿو تہ مان ملائڪ آهيان. مون ڏانهن جيڪو وحي ٿي ايندو آهي مان ان کان سواءِ ٻئي جي تابعداري نہ ڪندو آهيان. چئو تہ انڌو ۽ اکين وارو ٻئي هڪجهڙا آهن ڇا. پوءِ توهان غوروفڪر ڇو نٿا ڪريو(٥٠)[5] ۽ اي پيغمبر! جيکي پنهنجي رب وٽ گڏ ٿيڻ کان ڊڄندا آهن انهن کي هن قرآن سان ڊيڄار تہ الله کان سواءِ نہ انهن جو ڪو حمايتي آهي ۽ نہ ڪوئي سفارش ڪندڑ آهي تہ جيئن اهي پرهيزگار ٿين (٥١) ۽ انهن کي پري نہ ڪر جيکي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سندس رضا طلب ڪرڻ لاءِ پڪاريندا آهن. انهن جي حساب مان توتي ڪجهہ نہ آهي ۽ تنهنجي حساب مان انهن تي ڪجهہ نہ آهي. پوءِ جي تون انهن کي پري ڪندين تہ اهو ڪم بي انصافي وارو آهي (٥٢) ۽ اهڙي طرح اسان انهن مان ڪن کي ٻين سان آزمايون ٿا جو مالدار ڪافر محتاج مسلمانن کي ڏسي چون ٿا تہ ڇا هي اسان مان اهي آهن جن تي الله احسان ڪيو آهي. اي تڪبر ڪرڻ واروا! ڇا الله شڪرگذارن کي بهتر نڏو ڄاڻي (٥٣) ۽ اي پيغمبر! جيکي اسان جي آيتن کي مڃيندا آهن اهي جڏهن تو وٽ حاضر ٿين تہ تون انهن کي چئو تہ توهان تي سلامتي آهي (السلام عليڪم). توهان جي رب پاڻهہ ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪئي آهي. توهان مان جيڪو نادانيءَ ۾ ڪو گناهہ ڪري ويهي ۽

ان کان پوءِ توبھ ڪري ۽ سڌري وڃي تہ پوءِ بيشڪ الله بخشڻھار مھربان آھي (٥٤) ۽ اھڙي طرح اسان آيتون کولي بيان ڪندا آھيون تہ عمل ڪريو ۽ ھن ڪري بہ تہ گناھگارن جو رستو ظاھر ٿي وڃي (٥٥)[6] اي پيغمبر! ڪافرن کي چئو تہ الله کان سواءِ توھان جن کي سڏيو تا تن جي عبادت ڪرڻ کان مون کي منع ڪئي وئي آھي. ۽ چئو تہ مان توھان جي خواھشن جي پٺيان نہ ھلندس. ائين ٿئي تہ مان پٽڪي ويندس ۽ ھدايت وارن مان نہ رھندس (٥٦) چئو تہ مان پنھنجي رب جي طرف کان روشن دليل تي آھيان ۽ توھان ان کي ڪوڙ ٿا چئو. مون وٽ اھا شي نہ آھي جنھن جي توھان تڪڙ مچائي آھي. اھڙو حڪم الله کان سواءِ ٻئي ڪنھن جي اختيار ۾ نہ آھي. اھو سچ کي بيان ڪندو آھي ۽ اھوئي سيني کان ڀلو فيصلو ڪندڙ آھي (٥٧) چئو تہ جنھن ڳالھ جي توھان جلدي ڪري رھيا آھيو جيڪڏھن اھا منھنجي ھٿ ۾ ھجي ھا تہ مون ۾ ۽ توھان جي وچ۾ فيصلو ٿي چڪو ھجي ھا ۽ الله ظالمن کي خوب ڄاڻي ٿو (٥٨) ۽ ڳُجھہ جون ڪنجيون ان الله وٽ آھن ۽ ان کان سواءِ انھن کي ڪير نٿو ڄاڻي ۽ جيڪي خشڪي تي ۽ جيڪي سمنڊن ۾ آھي ان کي اھو ڄاڻي ٿو ۽ وڻ مان جيڪو بہ پن ڪري ٿو ۽ زمين جي اڌنڌاھين ۾ جيڪو داڻو ڦُٽي ٿو اھو الله ان کي ڄاڻي ٿو ۽ ڪا آلي ۽ سُڪي شي اھڙي ڪونھي جيڪا ھن روشن ڪتاب ۾ لکيل نہ ھجي (٥٩) اھوئي الله آھي جيڪو رات جو ننڊ ۾ ڇڏ تہ توھان جو روح قبض ڪندو آھي ۽ ڏينھن جو جيڪي پور پچايو تا اھو بہ ڄاڻي ٿو. پوءِ توھان کي ڏينھن ۾ جاڳائي ٿو تہ جيئن مقرر ڪيل مدت پوري ٿئي. پوءِ سيني کي انھيءَ جي طرف ئي موٽڻو آھي. پوءِ جيڪي عمل ڪندا آھيو ان جي توھان کي خبر ڏيندو (٦٠)[7] ۽ اھوئي پنھنجي ٻانھن تي غالب آھي ۽ توھان تي نگھبان موڪلي ٿو. نيٺ جڏھن توھان مان ڪنھن تي موت پھچي ٿو تہ اسان جا ملائڪ ان جو روح قبض ڪندا آھن ۽ اھي ڪوتاھي نہ ڪندا آھن (٦١) پوءِ سڀ پنھنجي سچي مالڪ الله جي طرف موٽايا ويندا. خبردار! انھيءَ جوئي حڪم غالب آھي ۽ اھوئي جلد حساب ونڊڻ آھي (٦٢) اي پيغمبر! چئو تہ اھو ڪير آھي جو توھان کي ميداني ۽ بحري آفتن کان نجات ڏيندو آھي جڏھن ڪيس عاجزيءَ سان

۾ آهستي پڪاريندا آهيو ۽ چوندا آهيو تہ جيڪڏهن الله اسان کي هن ڏک کان چوٽڪارو ڏئي تہ اسان ضرور شڪرگذار ٿيندا سين (٦٣) اي پيغمبر! کين چئو تہ الله ئي توهان کي ان ڏک کان ۽ هر ہي تڪليف کان چوٽڪارو ڏيندو آهي، پوءِ وري بہ توهان ان سان شريڪ ناهيندا آهيو (٦٤) اي پيغمبر! کين چئو تہ اهو الله توهان جي مٿان (آسمان کان) يا توهان جي پيرن جي هيٺان (زمين مان) عذاب موڪلڻ لاءِ وس وارو آهي يا توهان کي مختلف ٽولا ڪري ويڙهائي ڇڏي ۽ اوهان مان ڪن کي ڪن جي لڙائي جو مزو چکائي. ڏس تہ اسان ڪهڙي طرح سان دليل بيان ڪريون ٿا تہ مَن اهي سمجهن (٦٥) ۽ تنهنجي قوم ان قرآن کي ڪوڙو چيو آهي جڏهن تہ اهوئي حق آهي. اي پيغمبر! کين چئو تہ مان توهان جو ذميوار نہ آهيان (٦٦) هر ڳالهہ جو وقت مقرر آهي سگهو اوهان کي خبر پوندي (٦٧) ۽ اي مسلمانو! جڏهن توهان انهن کي ڏسو تہ اسان جي آيتن ۾ بيجا بحث ڪن ٿا تہ توهان ايستائين انهن کان منهن موڙي هليا وڃو جيستائين ڪنهن ہي ڳالهہ تي بحث ڪن ۽ جيڪڏهن ڪٽي شيطان توهان کان وسارائي تہ ياد اچڻ تي اهڙن ظالمن سان گڏ نہ ويهو (٦٨) ۽ پرهيزگارن تي انهن ظالمن جي حساب مان ڪجهہ بہ ڇڪتاڻ نہ آهي پر انهن کي نصيحت ڪرڻي آهي تہ مَن مُڙي وڃن (٦٩) ۽ اي پيغمبر! انهن کي ڇڏي ڏي جن پنهنجي دين کي راند روند سمجهيو آهي ۽ دنيا جي زندگي کين فريب ڏنو آهي ۽ قرآن سان انهن کي نصيحت ڪر متان ڪا جان پنهنجي ڪئي تي قيامت ۾ پڪڙي وڃي. الله کان سواءِ ڪو ڪونهي جو سندس مددگار ٿئي ۽ نہ ڪو سفارش ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪڏهن سڀ ڪا شي گناهن جي عيوض ڏيندو تہ بہ ان کان نہ ورتي ويندي. اِهي اُهي آهن جيڪي پنهنجي ڪئي جي ڪري ڦاسي ويا. انهيءَ ڪري جو ڪفر ڪندا آهن ان جي بدلي کين پيئڻ جي واسطي تهڪندڙ پاڻي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب ملندو (٧٠)[8] اي پيغمبر! کين چئو تہ اسان الله کان سواءِ انهن کي سڏيون ڇا جيڪي نہ تہ اسان جو ڀلو ڪري سگهن ٿا ۽ نہ نقصان ڏئي سگهن ٿا ۽ هن کان پوءِ بہ جو الله اسان کي سڌي واٽ ڏيکاري آهي ان وانگر پوئين پيرين موٽي وڃون ڇا جنهن کي شيطان زمين ۾ ڀٽڪائي

چڌيو هجي ۽ حيران پريشان پيو ڏري ۽ سندس ساڻي ڪيس راهه جي طرف سڌي رهيا هجن تہ هيڏي اڇ ۽ اهو اڇيئي نہ. اي پيغمبر! ڪين چئو تہ يقينن الله جي ڏسيل وات ئي سڌي وات آهي ۽ اسان کي حڪم آهي تہ اسان جهانن جي رب جي آڏو جهُڪون (٧١) ۽ هي بہ حڪم آهي تہ نماز ادا ڪيو ۽ انهيءَ کان ڊجو ۽ اهوئي آهي جنهن جي طرف موٽايا ويندو (٧٢) ۽ اهوئي الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي رِتّ سان خلقيو آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت لاءِ چوندو "ٿي" تہ اها ٿي پوندي. ان جي ڳالهہ سچي آهي، ۽ جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو تہ ان ڏينهن ان جي بادشاهي هوندي. اهو هر ڳُجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي ۽ اهو حڪمت وارو خبروار آهي (٧٣) ۽ ياد ڪر. جڏهن ابراهيم پنهنجي پي آزر کي چيو تہ بتن کي معبود ڇو ٿا بڻايو. بيشڪ مان توکي ۽ تنهنجي قوم کي کليل گمراهي ۾ ڏسان ٿو (٧٤) ۽ اهڙي طرح اسان ابراهيم کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ڏيکاريسين. هن لاءِ تہ اهو يقين ڪندڙن مان ٿئي (٧٥) پوءِ جڏهن ان تي رات جي اونداهي ڇانئي تہ هن تارو ڏٺو ۽ چوڻ لڳو تہ ڇا هي منهنجو رب آهي. پوءِ جڏهن اهو لهي ويو تہ چيائين لهي ويندڙ مونکي پسند نہ آهن (٧٦) وري چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺائين تہ چيائين ڇا هي منهنجو رب آهي. پوءِ جڏهن اهو لهي ويو تہ چيائين منهنجو رب جيڪڏهن مون کي هدايت نہ ڪندو تہ مان گمراهن مان ٿيندس (٧٧) پوءِ جڏهن سج کي جگ مگ ڪندو ڏٺائين تہ چيائين ڇا هي منهنجو رب آهي جو هي سمورن کان وڏو آهي. وري جڏهن اهو بہ لهي ويو تہ چيائين. اي منهنجي قوم جن کي توهان الله جو شريڪ ٺاهيو ٿا مان انهن سيني کان بيزار آهيان (٧٨) مون پنهنجو منهن ان الله جي طرف ڪيو جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي ۽ مان شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ آهيان (٧٩) ۽ ان جي قوم ساڻس تڪرار ڪيو چيائين تہ توهان مون سان الله جي باري ۾ تڪرار ڇو ڪريو ٿا جنهن مون کي هدايت ڪئي آهي. مون کي انهن جو خوف نہ آهي جن کي توهان الله جو شريڪ ٺاهيو ٿا مگر منهنجو رب جيڪي بہ چاهي اهو ٿيڻو آهي. منهنجي رب هر شي کي پنهنجي علم سان گهيري رکيو آهي. توهان نصيحت ڇو نٿا ميجو (٨٠) ۽ ۽ ان انهن کان ڇو ڊجان جن کي توهان الله جو

شريڪ ناهيو تا ۽ توهان هن ڳالهه کان چو نٿا ڊڄو جو الله جو شريڪ ان کي مقرر ڪيو تا جنهن جي واسطي توهان تي ان کو دليل نه لاٿو آهي. جيڪڏهن توهان ڄاڻو تا ته ٻڌايو ته ٻنهي ٽولن مان وڌيڪ حق ۽ امن واري واٽ تي ڪير آهي (٨١) ۽ اهي جن ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان ۾ ڪنهن ناحق جي ملاوٽ نه ڪيائون، انهن جي لاءِ امن امان آهي ۽ اهي ئي هدايت وارا آهن (٨٢)[9] ۽ هي اسان جو دليل آهي جيڪو اسان ابراهيم کي سندس قوم جي مقابلي لاءِ ڏنو هو جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي علم ۽ معرفت سان ڪيترا درجا بلند ڪندا آهيون، بيشڪ تنهنجو رب حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (٨٣) ۽ ابراهيم کي اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪياسين انهن سڀني کي هدايت ڪئيسين ۽ انهن کان اڳ ۾ اسان نوح کي هدايت ڪئي ۽ ان (ابراهيم) جي اولاد مان دائود ۽ سليمان ۽ ايوب ۽ يوسف ۽ موسيٰ ۽ هارون کي هدايت ڪئيسين ۽ اسان ڀلارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون (٨٤) ۽ زڪريا ۽ يحيٰ ۽ عيسيٰ ۽ الياس کي به هدايت ڪئيسين، جو اهي سڀ صالح ٻانهن مان هيا(٨٥) ۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ يونس ۽ لوط کي به ۽ سڀني کي جهان وارن تي فضيلت ڏنيسين (٨٦) ۽ سندن ابن ڏاڏن ۽ اولاد ۽ ڀائرن مان به ڪن کي ان راهه تي هلايوسين، ۽ اسان کين سڃورو ڪيو ۽ کين سڌي واٽ ڏيکاري هدايت ڪئيسين (٨٧) هي الله جو رستو آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري تنهن کي ان تي هلائي ٿو ۽ جيڪڏهن اهي شرڪ ڪن ها ته ضرور سندن عمل تباهه ٿي وڃن ها (٨٨) اِهي اُهي آهن جن کي اسان ڪتاب ۽ دانائي ۽ نبوت عطا ڪئيسين ۽ جيڪڏهن اهي مڪي وارا ماڻهو ان قرآن جو انڪار ڪندا ته اسان هڪ قوم کي مقرر ڪيو آهي جيڪا ان قرآن جو انڪار ڪرڻ واري نه آهي (٨٩) اِهي اُهي آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي، پوءِ تون به انهن نبين جي طريقي جي پيروي ڪر، چئو ته مان قرآن جو پيغام پهچائڻ تي توهان کان ڪا مزدوري نٿو گهران، اهو قرآن ته ٻيو ڪجهه نه آهي مگر جهان جي لاءِ نصيحت آهي (٩٠)[10] ۽ انهن يهودين الله جو سندس شان مطابق قدر نه ڄاتو جڏهن چيائون ته الله ڪنهن به انسان تي ڪجهه به نه لاٿو آهي، اي پيغمبر! کين چئو ته اهو پلا ڪتاب ڪنهن

لاڏو جيڪو موسيٰ ماڻهن لاءِ روشني ۽ هدايت طور آندو هو جنهن جا ورق توهان جداجدا ڪري ڇڏيا. ڪجهه ظاهر ڪريو ٿا ۽ گهڻو لڪائي ڇڏيو ٿا ۽ توهان کي اهو سيکاريو ويو جيڪو نه توهان کي ۽ نه توهان جي ابن ڏاڏن کي معلوم هو. چئو ته الله ڪتاب لاڏو آهي، پوءِ انهن کي سندن بيهودگيءَ ۾ کيڏندو ڇڏي ڏي (٩١) ۽ هي قرآن برڪت وارو ڪتاب آهي جيڪو ان کان اڳ آيل ڪتابن جي تصديق ڪندڙ لاڏوسين. هن لاءِ لاڏوسين ته تون مڪي وارن کي ۽ ان جي آس پاس وارن کي ڊيڄار. ۽ جيڪي آخرت تي ايمان رکن ٿا اهي هن ڪتاب کي به مڃين ٿا ۽ اهي پنهنجي نماز جي پابندي به ڪندا آهن (٩٢) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي يا چوي ته مون ڏي وحي آيو آهي جڏهن ته ان ڏي ڪجهه به وحي نه ٿيو هجي، يا چوي ته اجهو مان اهڙو ڪتاب لاهيان ٿو جيڪو الله لاڏو آهي. ۽ اي پيغمبر! جي تون ڏسين ته عجب لڳئي جنهن وقت ظالم موت جي سختين ۾ هوندا ۽ ملائڪ پنهنجا هٿ ڊگها ڪندي چوندا ته پنهنجا ساهه ٻاهر ڪيو! اڄ توهان کي ان جي بدلي خواري وارو عذاب ڏنو ويندو جو توهان الله تي ڪوڙ ٻڌندا هئا ۽ ان جي آيتن کان تڪبر (وڏائي) ڪندا هئا (٩٣) ۽ الله چوندو ته بيشڪ اسان وٽ ائين اڪيلا ٿي آيا آهيو جيئن توهان کي پهريون پيرو اڪيلو پيدا ڪيو هيوسين ۽ اسان توهان کي جيڪو مال متاع ڏنو هو اهو پنهنجي پٺيان دنيا ۾ ڇڏي آيا آهيو ۽ اسان توهان جي انهن سفارشين کي توهان سان گڏ نٿا ڏسون جن کي توهان پنهنجي گمان ۾ الله جو شريڪ پائيندا هيوَ بيشڪ توهان جو پاڻ ۾ رشتو ڪٽجي ويو ۽ جن کي توهان پائيندا هيا اهي توهان کان وسري ويا(٩٤)[11] بيشڪ الله ئي داڻي ۽ ککڙي کي چيري ڦٽائيندو آهي، زندهه کي مئل مان ڪيندڙ آهي ۽ مئل کي جيئري مان ڪيندڙ آهي، اهو ئي الله آهي پوءِ توهان ڪاڏي ٻُلايا ويجو ٿا(٩٥) اونداهي کي چيري صبح کي ظاهر ڪندو آهي ۽ ان ئي رات کي توهان جي آرام لاءِ ۽ سج ۽ چنڊ کي وقت جي حساب لاءِ پيدا ڪيو آهي، اهو زبردست علم واري جو ناهيل اندازو آهي (٩٦) ۽ اهوئي الله آهي جنهن توهان جي واسطي تارا پيدا ڪيا ته جيئن انهن جي ذريعي اونداهين ۾ خشڪي ۽ بحري رستو

معلوم ڪيو بيشڪ ڄاڻ وارن ماڻهن لاءِ نشانيون ڪولي بيان ڪيونسين (٩٧) ۽ اهوئي الله آهي جنهن توهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو پوءِ ڪٿي توهان لاءِ رهڻ جو هنڌ ۽ ڪٿي امانت (پورجڻ) جي جاءِ ڪيائين. بيشڪ سمجهدار ماڻهن جي لاءِ نشانيون ڪولي بيان ڪيونسين (٩٨) ۽ اهوئي الله آهي جنهن آسمان مان پاڻي وسايو پوءِ ان جي ذريعي زمين مان هر ڄمندڙ شي جا سلا ڪڍياسين پوءِ ان مان ساوڪ کي ڪڍيوسين جنهن مان سنگن ۾ گڏيل داڻا نڪرن ٿا ۽ کجيءَ جي چپڙن مان لڙڪيل گوشا ۽ انگورن ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون جا باغ ڪنهن صفت ۾ ملندڙ ته ڪنهن ڳالهه ۾ جدا پيدا ڪياسين. جڏهن ڦرجن ته ان جي پچڻ ۽ ڦر کي ڏسو بيشڪ ان ۾ ايمان وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (٩٩) ۽ ڪافرن جنن کي الله جو شريڪ ٺاهيو آهي جڏهن ته ان الله ئي جنن ئي خلقيو آهي ۽ جهالت مان ان لاءِ پٽ ۽ ڌيئرون گهڙيائون. پر جيڪي بيان ڪندا آهن اهو انهن ڳالهين کان پاڪ ۽ بلند آهي (١٠٠)[12] بغير ڪنهن نموني (مثل) جي آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي. ان کي ٻار ڪيئن ٿيندا جڏهن ته ان کي زال ئي ڪانهي ۽ ان ئي هر شي پيدا ڪئي آهي ۽ هر شي کي اهو ڄاڻي ٿو (١٠١) اهوئي الله توهان جو رب آهي ۽ ان کان سواءِ ڪوبه معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. اهوئي هر شي جو خالق آهي تنهنڪري انهيءَ جي ئي عبادت ڪريو. اهو هر شي کي سنياليندڙ آهي (١٠٢) اکيون ان کي ڏسي نٿيون سگهن ۽ سموريون اکيون سندس نظر ۾ آهن ۽ اهوئي باريڪ بين خبر وارو آهي (١٠٣) بيشڪ توهان جي رب جي طرفان توهان وٽ اکيون کوليندڙ دليل آيا آهن. پوءِ جنهن ڏٺو ۽ سمجهيو ته سندس پلو آهي. ۽ جيڪو انڌو ٿيو ته سندس نقصان ٿيو ۽ اي پيغمبر! کين چئو ته مان توهان تي نگهبان نه آهيان (١٠٤) ۽ اسان هن جي ڪري اهڙيءَ طرح نموني نموني جا دليل بيان ڪيون ٿا ته ڪافر چئي ويهن ته تون پڙهيو آهين ۽ هن لاءِ به ته هن دين کي سمجهه وارن ماڻهن لاءِ پڌرو ڪيون (١٠٥) اي پيغمبر! تنهنجي رب جي طرفان توڏانهن جيڪو وحي ٿئي ٿو ان جي تابعداري ڪر. ان کان سواءِ ڪوبه معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي ۽ مشرڪن کان منهن موڙ (١٠٦) ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته

اهي شرڪ نه ڪن ها ۽ اسان توکي انهن تي نگهبان نه ڪيو آهي ۽ نه تون انهن جو ذميوار آهين (١٠٧) اي مسلمانو! مشرڪ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن انهن کي گاريون نه ڏيو جو متان اهي دشمني ۾ جهالت سان الله جي شان ۾ بي ادبي ڪن، اهڙي طرح اسان هر امت جا عمل سندن نظر ۾ چڱا ڪري ڏيکاريا. پوءِ انهن کي پنهنجي رب جي طرف موٽڻو آهي، اهو انهن کي سندن عملن بابت ٻڌائيندو (١٠٨) ۽ ڪافر پنهنجي قَسم کي پڪو ڪرڻ لاءِ الله جا قسم کڻندا آهن ته جيڪڏهن وٽن کا نشاني آئي ته ضرور ان تي ايمان آڻيندا، اي پيغمبر! کين چئو ته نشانيون ته الله وٽ ئي آهن، ۽ اي مسلمانو! توهان کي ڪهڙي خبر ته اهي مڃيندا، بلڪ جڏهن نشانيون ايندیون ته به اهي ايمان نه آڻيندا (١٠٩) ۽ جيئن انهن شروع کان ئي ايمان نه آندو هو اسان انهن جي دلين ۽ اکين کي ڦيرائي ٿا ڇڏيون ۽ انهن کي ڇڏيون ٿا ته پنهنجي گمراهي ۾ ڀٽڪندا رهن (١١٠)[13] ۽ جيڪڏهن انهن تي ملائڪ لاهيون ها ۽ مُردا به ساڻن ڳالهائڻ لڳن ها ۽ اسان هر شي کي انهن جي آڏو ڪٽي رکون ها تڏهن به الله جي ڪُهر کان سواءِ اهي ايمان نه آڻين ها پر انهن مان گهڻا ناداني ڪن ٿا (١١١) ۽ اهڙي طرح اسان هر نبي جي لاءِ ماڻهن ۽ جنن مان شيطان دشمن ڪيا جيڪي پاڻ ۾ هڪٻئي کي وسوسي جون ڳالهيون سيکارينداآهن ته جيئن ماڻهن کي گمراهه ڪن، تنهنجو رب ڪُهڙي ها ته اهي ائين نه ڪن ها سو انهن کي سندن ڪوڙن ناهن تي ڇڏي ڏي (١١٢) ۽ اهي هن لاءِ وسوسو وجهندا آهن ته جيڪي آخرت تي ايمان نه آڻيندا آهن انهن جون دليون انهن جي طرف جهُڪن ۽ انهن جي ڳالهين کي پسند ڪن ۽ جيڪي پاڻ گناهه ڪندا آهن اهي به اهڙا گناهه ڪندا رهن (١١٣) اي پيغمبر! چئو ته مان الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو فيصلو ڇو طلب ڪيان جڏهن ته انهيءَ توهان ڏانهن ڪولي بيان ڪندڙ ڪتاب لاٿو آهي، ۽ جن کي اسان توريت ڪتاب ڏنو آهي اهي ڄاڻن ٿا ته اهو قرآن تنهنجي رب وٽان حق سان نازل ٿيل آهي، پوءِ توهان هرگز شڪ ڪندڙن مان نه ٿيو (١١٤) ۽ تنهنجي رب جي ڳالهه سچ ۽ انصاف سان پوري ٿيٽي آهي، ان جي ڳالهه کي ڪوبه متائڻ وارو ڪونهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١١٥) ۽ اي ٻڌندڙا جيڪڏهن زمين

وارن مان گھٽن ماٹھن (ڪافرن) جي چوٽ تي هلندين تہ توکي الله جي راهہ ڪان پٽڪائي ڇڏيندا. اهي فقط گمان جي پٺيان هلندا آهن ۽ فقط اٽڪل ۽ ڏُکن ڪان ڪم ونندا آهن (١١٦) تنهنجو رب چڱي طرح ڄاڻي ٿو تہ سندس واٽ ڪان ڪير پٽڪي ويو ۽ اهو هدايت وارن کي بہ خوب ڄاڻي ٿو (١١٧) پوءِ جيڪڏهن توهان ان الله جون آيتون مجو ڏا تہ ان مان ڪائو جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو هجي (١١٨) ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو جنهن تي الله جو نالو ورتو وڃي ٿو ان مان نڏا ڪائو جڏهن تہ توهان تي جيڪي حرام ڪيو ويو آهي سو الله اوهان کي کولي ٻڌائي چڪو آهي، مگر جڏهن توهان کي سخت لاچار هجي تہ جان بچائڻ لاءِ حرام شي ڪائڻ روا آهي ۽ گھٽا اڻ ڄاڻائي ڪري پنهنجين خواهشن سان ماٹھن کي گمراهہ ڪندا آهن، بيشڪ تنهنجو رب حد کان لنگھندڙن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (١١٩) ۽ ظاهري ۽ لڪل سڀ گناهہ ڇڏي ڏيو بيشڪ جيڪي گناهہ ڪندا آهن سگھو پنهنجي ڪئي جي سزا پوڳيندا (١٢٠) ۽ انهن شين مان نہ ڪائو جنهن تي الله جو نالو نہ ورتو ويو هجي ۽ ان مان ڪائڻ بيشڪ گناهہ آهي ۽ شيطان پنهنجن دوستن جي دلين ۾ هن لاءِ وسوسا وجهندا آهن تہ اهي توهان سان اجايو بحث ڪن ۽ جيڪڏهن توهان انهن جو چيو مڃيندو تہ توهان بہ شرڪ ڪرڻ وارن مان ٿيندو (١٢١)[14] ۽ اهو جيڪو مئل هو پوءِ ان کي جيئرو ڪيوسين ۽ ان لاءِ سوجهرو ڪيوسين جنهن سان ماٹھن ۾ گھمي ڦري ٿو ڇا اهو ان جي مثال جھڙو آهي جيڪو اونداهين ۾ آهي ۽ انهن مان نڪرڻ وارو نہ آهي، اهڙيءَ طرح ڪافرن جي نظر ۾ سندن ڪرتوت سٹا ڪيا ويا آهن (١٢٢) ۽ اهڙيءَ طرح هر ڳوٺ ۾ اتي جا وڏيرا ڏوهارين جا سردار بٹايا ويا آهن تہ ان ڳوٺ ۾ فساد وجهندا رهن پر اهي پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ فساد نہ ڪندا آهن ۽ اهي نہ ڄاڻندا آهن (١٢٣) جڏهن انهن وٽ ڪا نشاني (آيت) ايندي آهي تہ چوندا آهن تہ اسان ايستائين هرگز ايمان نہ آڻينداسين جيستائين اسان کي اهڙو معجزو نہ ملي جيڪو الله جي رسولن کي ڏنو ويو آهي، الله بهتر ڄاڻي ٿو جتي پنهنجي رسالت کي رکي، گناهگارن کي سگھو هن ڪري جو ڏوهہ ڪندا آهن الله وٽ ذلت ملندي ۽

سخت عذاب ٿيندو (١٢٤) پوءِ الله جنهن کي واٽ ڏيکارڻ گهرندو آهي تہ ان جو سينو اسلام جي لاءِ کولي ڇڏيندو آهي ۽ جنهن کي ڀُلائڻ گهرندو آهي تہ ان جو سينو سخت سوڙهو ڪري ڇڏيندو آهي جڻ زبردستيءَ سان اُپ ڪپري مٿانهين (آسمان) تي چڙهي رهيو هجي. جيڪي نہ مڃيندڙ آهن تن تي الله اهڙي طرح پليت رکندو آهي (١٢٥) ۽ تنهنجي رب جي اها سڌي واٽ آهي. بيشڪ اسان نصيحت پرائيندڙ ماڻهن لاءِ نشانيون کولي بيان ڪري ڇڏيون آهن (١٢٦) انهن جي واسطي الله وٽ سلامتيءَ جو گهر (بهشت) آهي ۽ سندن سڻن عملن جي ڪري الله سندن سنياليندڙ آهي(١٢٧) ۽ جنهن ڏينهن الله انهن سمورن کي گڏ ڪندو چوندو تہ اي جنن جي جماعت! توهان تمام گهڻا ماڻهو پنهنجي تابع ڪيا هيا ۽ ماڻهن مان انهن جا دوست عرض ڪندا تہ اي اسان جا رب! اسان مان هڪڙن ٻين کان فائدو ورتو ۽ پنهنجي انهيءَ مقرر مدت کي پهچي وياسين جيڪا تو اسان لاءِ مقرر ڪئي هئي. چيو ويندو تہ توهان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي. جيسين الله ٻيو ڪجهہ گهريو تيسين ان ۾ رهڻ وارا آهيو. بيشڪ تنهنجو رب حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (١٢٨) ۽ اهڙيءَ طرح اسان ظالمن مان هڪڙن کي ٻين تي سندن ڪرتوتن جي سبب مسلط ڪندا آهيون (١٢٩)[15] قيامت جي ڏينهن پڇنداسين تہ اي جنن ۽ انسانن جي جماعت! توهان وٽ توهان منجهان رسول نہ آيا هئا. توهان کي منهنجون آيتون پڙهي ڪونہ ٻڌايون هيون ۽ هن ڏينهن جي اڇڻ کان ڪونہ ڊيڄاريو هو. چوندا تہ اسان پنهنجي جان تي پاڻ شاهدي ڏيون ٿا. حقيقت ۾ انهن کي دنيا جي زندگي ڏوکو ڏنو هو ۽ پاڻ تي پاڻ شاهدي ڏيندا تہ برابر اهي پاڻ ڪافر هئا (١٣٠) اهو پيغمبرن جو موڪلڻ ان ڪري آهي تہ تنهنجو رب ڳوٺن کي هن حالت ۾ ظلم سان تباهہ ڪرڻ وارو نہ آهي جو ان ڳوٺ جا ماڻهو بي خبر هجن (١٣١) ۽ هر هڪ جي لاءِ سندن عملن مطابق درجا آهن ۽ تنهنجو رب انهن جي عملن کان بي خبر نہ آهي (١٣٢) توهان جو رب بي نياز ٻاجهہ وارو آهي. اي انسانو! جيڪڏهن الله گهري تہ توهان کي ختم ڪري ۽ توهان کان پوءِ جنهن کي گهري توهان جي جاءِ تي آڻي. جيئن توهان کي ٻي قوم جي نسل مان پيدا ڪيائين (١٣٣) بيشڪ توهان

سان جنهن ڀَالهه جو واعدو ڪيو ويجي ٿو اها ضرور ٽيٽي آهي ۽ توهان عاجز نٿا ڪري سگهو (١٣٤) اي پيغمبر! ڪين چئو ته اي منهنجي قوم توهان پنهنجي جاءِ تي عمل ڪندا رهو ۽ مان به پنهنجو ڪم ڪيان ٿو پوءِ سگهو اوهان کي معلوم ٿيندو ته آخرت جو گهر ڪنهن جي لاءِ آهي، بيشڪ ظالم چوٽڪارو نه لهندا (١٣٥) ۽ الله جيڪي فصل ۽ جانور پيدا ڪيا آهن ڪافر انهن ۾ الله جو هڪ حصو مقرر ڪندا آهن، ۽ پنهنجي گمان ۾ چوندا آهن ته هي الله جو حصو آهي ۽ هي بيو حصو اسان جي بتن جو آهي، پوءِ چون ٿا ته جيڪو انهن جي بتن جو حصو هوندو آهي اهو الله کي نٿو پهچي ۽ جيڪو الله جو حصو آهي اهو انهن جي بتن کي پهچي ٿو ڪهڙو نه بيڙو فيصلو ڪن ٿا (١٣٦) ۽ اهڙيءَ طرح گهٽن مشرڪن لاءِ سندن شريڪن پنهنجي اولاد کي قتل ڪرڻ ڇڳو ڪري ڏيکاريو آهي ته جيئن انهن کي هلاڪ ڪن ۽ انهن جو دين انهن لاءِ منجهيل ڪري ڇڏين ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته ائين نه ڪن ها، پوءِ تون انهن کي ۽ انهن جي ڪوڙن ٺاهن کي ڇڏي ڏي (١٣٧) ۽ چوندا آهن ته هي جانور ۽ فصل روڪيل (حرام) آهن جنهن کي اسان گهرون ان کان سواءِ ٻيو نه کائي، ڪن جانورن لاءِ چوندا آهن ته هنن تي سوار ٿيڻ حرام آهي ۽ ڪن جانورن جي ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو نه وٺندا آهن، هي سڀ الله جي مٿان ڪوڙ گهڙڻ لاءِ ڪندا آهن، سگهو اهو انهن کي انهن جي گهڙيل ڀَالهين جي سزا ڏيندو (١٣٨) ۽ چوندا آهن ته جيڪي انهن جانورن جي پيٽ ۾ آهي اهو خالص اسان جي مَردن لاءِ آهي ۽ اسان جي عورتن تي حرام آهي ۽ جي مئل ڪري ته پوءِ اهي سمورا ان ۾ پائيوار آهن، جلدي الله انهن کي سندن ڀَالهين جي سزا ڏيندو بيشڪ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (١٣٩) جيڪي پنهنجي اولاد کي بيوقوفاڻي جهالت سان قتل ڪندا آهن ۽ جيڪا الله انهن کي روزي ڏني آهي ان کي الله تي ڪوڙ ٻڌڻ لاءِ حرام ٺاهين ٿا بيشڪ اهي نقصان وارا ٿي ويا ۽ بيشڪ اهي گمراهه آهن ۽ هدايت وارا نه آهن (١٤٠)[16] ۽ اهو الله آهي جنهن زمين تي ڪي وڇايل باغ (وليون) ۽ ڪي اڻ وڇايل باغ ۽ ڪجيون ۽ پوکون پيدا ڪيا جنهن جا ڦر قسم قسم جا آهن ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون پيدا ڪيا آهن جيڪي ڪنهن ڀَالهه ۾ ملندڙ ۽

ڪنهن ۾ مختلف آهن. جڏهن ميوو ڏين ٿا انهن جو ميوو کائو ۽ ان جي ڪٽائي واري ڏينهن الله جو حق (زڪوات) ادا ڪيو ۽ بيجا خرچ نه ڪريو. چوتا الله اجايو خرچ ڪندڙن کي دوست نه رکندو آهي (١٤١) ۽ جانورن مان کي ڳرا بار کڻندڙ ۽ کي ننڍا زمين تي هلندڙ پيدا ڪيائين. الله توهان کي جيڪا روزي ڏني آهي ان مان کائو ۽ شيطان جي وِڪن تي نه هلو. بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي (١٤٢) حلال جانورن ۾ آٺ نر ماد قسم قسم جا ڏور پيدا ڪيائين. هڪ جوڙو رڍن مان ۽ هڪ جوڙو ٻڪرين مان آهي. اي پيغمبر! انهن کان پڇا ڪر ته ڇا الله ٻئي نر حرام ڪيا آهن يا ٻئي مادیون يا جنهن کي ٻنهي قسمن جون مادیون پيٽ ۾ رکن ٿيون اهو حرام آهي. جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته مون کي ڪنهن دليل سان ٻڌايو (١٤٣) ۽ هڪ جوڙو اُٺن جو ۽ هڪ جوڙو ڏيڳين (ڳئن) جو آهي. اي پيغمبر! انهن کان پڇا ڪر ته ڇا الله ٻئي نر حرام ڪيا آهن يا ٻئي مادیون يا اهو جيڪو ٻنهي قسمن جي مادين جي پيٽ ۾ آهي. ڇا جڏهن الله توهان کي اهو حڪم ڏنو هو ته توهان ان وٽ حاضر هئا. پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي ته جيئن ماڻهن کي پنهنجي جهالت سان گمراهه ڪري. بيشڪ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نه ڪندو آهي (١٤٤)[17] اي پيغمبر! چئو ته جيڪو منهنجي طرف وحي ٿيو آهي ان ۾ ڪنهن کائيندڙ جي لاءِ ڪوبه کاڌو حرام نٿو ڏسان مگر هي حرام آهن. جي مردار هجي يا رڳن مان وهندڙ رت هجي يا بدترين جانور (سوئر) جو گوشت هجي. اهو پليت آهي يا اهو جانور جنهن جي ذبح ۾ غيرالله جو نالو ورتو ويو هجي. پر جيڪڏهن کو لاچار ٿي کائي. نه هن لاءِ جو پاڻ خواهش ڪري ۽ نڪي ۽ حد نه لنگهي ته ان لاءِ کائڻ روا آهي. بيشڪ تنهنجو الله بخشڻهار مهربان آهي (١٤٥) اسان يهودين تي ننهن وارا سڀ جانور حرام ڪيا هيا ۽ ڳئون ۽ ٻڪريءَ جي انهن جي پنيءَ ۾ لڳل چربي يا آنڊن يا هڏن سان مليل چربي کان سواءِ ٻي سڀ چربي انهن تي حرام ڪئي هئيسين. اسان انهن کي اها سندن سرڪشيءَ جي سزا ڏني هئي. بيشڪ اسان سچا آهيون (١٤٦) پوءِ اي پيغمبر! جيڪڏهن توکي ڪوڙو چون ته تون چئو ته توهان جو رب گهڻي رحمت وارو آهي جو مهلت ڏئي ٿو پر

ڏوهاري ماڻهن کان ان جو عذاب نہ ٽاريو ويندو (١٤٧) سگهو مشرڪ چوندا تہ جيڪڏهن الله گُهري ها تہ نہ اسان شرڪ ڪريون ها، نہ اسان جا ابا ڏاڏا شرڪ ڪن ها ۽ نہ ئي اسان پاڻ تي ڪا شي حرام ڪيون ها. اهڙيءَ طرح انهن کان اڳين بہ سچ کي ڪوڙ پانيو هو تان جو اسان جي عذاب جو مزو چکيائون. اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن توهان وٽ ڪو دليل آهي تہ اهو اسان وٽ ظاهر ڪيو. توهان تہ فقط گمان جي پٺيان هلندا آهيو ۽ توهان تہ فقط اٽڪل (ڏُکن) کان ڪم وٺو ٿا (١٤٨) اي پيغمبر! کين چئو تہ الله جي طرفان ئي دليل مضبوط دليل آهي. جيڪڏهن اهو گهري ها تہ توهان سمورن کي هدايت ڪري ها (١٤٩) اي پيغمبر! کين چئو تہ پنهنجا شاهد آڻيو جيڪي شاهدي ڏين تہ الله انهن شين کي حرام ڪيو آهي. پوءِ جيڪڏهن اهي ڪوڙي شاهدي ڏين تہ تون انهن سان گڏ شاهدي نہ ڏجان ۽ جيڪي اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهن ۽ آخرت تي ايمان نٿا رکن ۽ پنهنجي رب سان ٻين کي شريڪ ناهين ٿا انهن جي خواهش جي پٺيان نہ هل (١٥٠)[18] اي پيغمبر! کين چئو تہ اچو تہ مان توهان کي الله جو ڪلام پڙهي ٻڌايان تہ توهان جي رب توهان تي ڇا حرام ڪيو آهي. اهو هي آهي تہ ڪنهن کي بہ ان جو شريڪ نہ ناهيو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪريو ۽ پنهنجي اولاد کي سُڃائي جي سبب قتل نہ ڪريو. اسان ئي تہ توهان کي ۽ انهن سمورن کي رزق ڏيندا آهيون ۽ بي حيائي جي ڪمن کي ويجهو نہ وڃو جيڪا پڌري هجي ۽ جيڪي لڪل هجي ۽ الله جي شرعي حڪم کان سواءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي جنهن کي مارڻ الله حرام ڪيو آهي ناحق قتل نہ ڪريو. توهان کي اهو حڪم ان ڪري ڪيو ويو آهي تہ مَن توهان سمجهو (١٥١) ۽ نهايت چڱي طريقي کان سواءِ يتيمن جي مال جي ويجهو نہ وڃو جيستائين اهي پنهنجي جواني کي پهچن. ۽ ماپ ۽ تور انصاف سان پوريءَ طرح ڪريو. اسان ڪنهن ماڻهوءَ تي ان جي طاقت کان وڌيڪ بار نٿا وجهون ۽ جڏهن ڳالهہ چئو تہ حق ۽ انصاف جي ڳالهہ چئو جيتوڻيڪ مائٽ جو معاملو هجي ۽ الله سان ڪيل واعدو پاڙيو. توهان کي اهو تاڪيد ان لاءِ ڪيائين تہ جيئن توهان نصيحت وٺو (١٥٢) ۽ الله ٻڌايو آهي تہ بيشڪ اها منهنجي سڌي واٽ آهي پوءِ توهان انهيءَ تي

هلو ۽ ٻين رستن سان نہ هلو جو اهي واٽون توهان کي حق جي واٽ کان پري ڪري ڇڏيندیون. توهان کي اهو حڪم ڪيائين تہ مَن توهان پرهيزگار ٿيو (۱۵۳) پوءَ اسان موسيٰ کي ان ماڻهوءَ تي جيڪو پلارو هجي ڪامل احسان ڪرڻ خاطر ڪتاب عطا ڪيو ۽ هر شي جي تفصيل لاءِ ۽ هدايت ۽ رحمت لاءِ ڏنوسين تہ جيئن اهي پنهنجي رب سان ملڻ تي ايمان آڻين (۱۵٤)[19] اهڙي طرح هي برڪت وارو ڪتاب قرآن نازل ڪيوسين، پوءِ توهان ان جي پيروي ڪريو ۽ پرهيزگار ٿيو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي (۱۵۵) هن لاءِ بہ لاڻوسين تہ مشرڪو متان چئو تہ ڪتاب اسان کان اڳ ۾ بن جماعتن (يهودين ۽ عيسائين) تي لٿو هو ۽ اسان کي ان جي تعليم يعني پڙهڻ پڙهائڻ جي ڪا خبر ڪانہ هئي (۱۵٦) يا چئو تہ جيڪڏهن اسان تي ڪتاب لهي ها تہ اسان انهن کان زيادهہ چڱيءَ راهہ تي هجون ها. پوءِ بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب طرفان روشن دليل ۽ هدايت ۽ رحمت اچي ويا. پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي ۽ انهن کان منهن موڙي. ياد رکو جيڪي اسان جي آيتن کان منهن ڦيرين ٿا سگهو انهن کي انهن جي منهن ڦيرڻ جي سبب وڏي عذاب جي سزا ڏينداسين (۱۵۷) اهي هن کان سواءِ انتظار ۾ نہ آهن تہ انهن وٽ ملائڪ اچن يا خود تنهنجو رب اچي يا تنهنجي رب جي ڪا نشاني اچي. پوءِ جنهن ڏينهن تنهنجي رب جي ڪا نشاني ايندي تہ جنهن اڳ ايمان نہ آندو هوندو يا پنهنجي ايمان ۾ ڪو چڱو ڪم نہ ڪيو هوندو تہ ان ماڻهوءَ کي نشاني اچڻ کان پوءِ ايمان آڻڻ فائدو نہ ڏيندو. اي پيغمبر! کين چئو تہ توهان بہ انتظار ڪريو اسان بہ انتظار ڪندڙ آهيون (۱۵۸) اهي جن پنهنجي دين ۾ جدا جدا رستا ڪڍيا ۽ ڪيترا ٽولا ٿي ويا. اي محبوب! تنهنجو انهن سان ڪو واسطو نہ آهي. انهن جو معاملو الله جي حوالي آهي. پوءِ جيڪي ڪندا آهن اهو انهن کي ٻڌائيندو (۱۵۹) جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو تہ الله وٽ ان جي واسطي ان جهڙيون ڏهہ نيڪيون آهن ۽ جيڪو بڇڙائي آڻيندو تہ ان کي ان جي برابر کان سواءِ ٻي سزا نہ ملندي ۽ انهن تي ظلم نہ ٿيندو (۱٦۰) اي پيغمبر! کين چئو تہ بيشڪ مون کي منهنجي رب سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪئي آهي جيڪا

ٽيڪ دينِ ابراهيم جي ملت ۽ باطل کان جدا واٽ آهي ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو (١٦١) اي پيغمبر! کين هي بہ چئو تہ بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجون قربانيون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ سمورو الله جي واسطي آهي جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي (١٦٢) ان جو ڪوئي شريڪ نہ آهي ۽ مون کي اهوئي حڪم ٿيو آهي ۽ مان سمورن کان پهريون مسلمان آهيان (١٦٣) اي پيغمبر! کين چئو تہ الله کان سواءِ ٻيو رب ڇو ڳوليان جڏهن تہ اهو هر شي جو رب آهي ۽ هرڪو ماڻهو جيڪو ڪجهہ ڪندو ان جو بار ان جي ذمي آهي ۽ ڪوبہ بار ڪٽندڙ ٻئي جو بار نہ ڪٽندو. پوءِ توهان کي پنهنجي رب جي طرف موٽڻو آهي ۽ جنهن ڳالهہ ۾ توهان اختلاف ڪندا آهيو اهو توهان کي ڪولي ٻڌائيندو (١٦٤) ۽ اهو الله ئي آهي جنهن زمين ۾ توهان کي نائب ڪيو ۽ توهان مان هڪڙن جا درجا ٻين کان بلند ڪيائين تہ جيئن توهان کي ان شي ۾ آزمائي جيڪا توهان کي عطا ڪيائين. بيشڪ تنهنجو رب جلد عذاب ڪندڙ آهي. ۽ بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان بہ آهي (١٦٥)[20]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت اعراف مڪي آهي. هن ۾ 206 آيتون ۽ 24 رڪوع آهن.

الٓمٓصٓ (١) اي محبوب! هي ڪتاب تنهنجي طرف نازل ڪيو ويو آهي تہ جيئن تون ان سان ماڻهن کي ڊيڄارين تنهنڪري ان بابت تنهنجي سيني ۾ ڪا تنگي ٿيڻ نہ گهرجي ۽ هي مومنن لاءِ نصيحت آهي (٢) اي انسانو! توهان جي طرف توهان جي رب وٽان جيڪو نازل ٿيو آهي ان جي پيروي ڪريو ۽ ان کي ڇڏي ٻين دوستن جي پٺيان نہ لڳو. توهان تمام ٿوري نصيحت وٺو ٿا (٣) ۽ اسان ڪيترائي ڳوٺ تباهہ ڪياسين جو انهن تي اسان جو عذاب رات جو سمهڻ مهل آيو يا جڏهن اهي منجهند جي وقت آرامي هئا (٤) پوءِ جڏهن اسان جو عذاب انهن تي آيو تہ انهن جي زبان مان هن کان سواءِ ڪجهہ بہ نڪتو تہ اسان ظالم هئاسين (٥) پوءِ قيامت جي ڏينهن جن ڏانهن رسول موڪليا ويا انهن کان بہ پڇنداسين ۽ رسولن کان بہ ضرور پڇنداسين (٦) پوءِ پنهنجي علم سان انهن کي سندن

ڪرتوت ٻڌائيندا سين ڇوتہ اسان پري نہ هئاسين (٧) ۽ ان ڏينهن عملن جي تور نيڪ ڪئي ويندي، پوءِ جن جا پڙ ڳورا ٿيا تہ اهي ئي ڪامياب هوندا (٨) ۽ جن جا پڙ هلڪا رهيا تہ سي اهي هوندا جن پاڻ کي انهيءَ سبب ڇيهو رسايو جو اسان جي آيتن کان انڪار ڪندا هئا (٩) ۽ اي انسانو! بيشڪ اسان توهان کي زمين ۾ ٺڪايوسين ۽ توهان جي واسطي ان ۾ گذران جا سبب ٻڌاياسين پر اوهان تمام ٿورو شڪر ڪريو ٿا (١٠)
۽ بيشڪ اسان ئي توهان کي پيدا ڪيو پوءِ توهان جي صورت ٺاهيسين، پوءِ ملائڪن کي چيوسين تہ آدم کي سجدو ڪيو، پوءِ شيطان کان سواءِ بين سجدو ڪيو، شيطان سجدو ڪرڻ وارن مان نہ هو (١١) الله ابليس کان پڇيو تہ توکي ڪهڙي شي سجدو ڪرڻ کان روڪيو جڏهن تہ مون توکي حڪم ڏنو هو، شيطان چيو تہ مان ان کان ڀلو آهيان، تو مون کي باهہ مان پيدا ڪيو آهي ۽ هن کي مٽي مان پيدا ڪيو اٿئي (١٢) الله چيو تہ هتان هيٺ لهي وڃ، توکي حق نٿو پهچي جو هتي رهي وڏائي ڪرين، نڪري وڃ، بيشڪ تون ذليلن مان آهين (١٣) شيطان چيو تہ مون کي ان ڏينهن تائين مُهلت ڏي جنهن ڏينهن ماڻهن کي اٿاريو ويندو (١٤) الله چيو تہ بلاشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين (١٥) شيطان چيو تہ انهيءَ سبب جو تو مون کي پُلايو، مان ضرور تنهنجي سڌي رستي تي انهن جي تاڙ ۾ ويهندس (١٦) پوءِ ضرور مان انهن جي اڳيان ۽ انهن جي پٺيان ۽ انهن جي ساڄي ۽ انهن جي کاٻي طرف کان انهن وٽ ويندس ۽ تون انهن مان گهڻن کي شڪر گذار نہ لهندين (١٧) الله چيو تہ هتايل تڙيل ٿي هتان نڪري وڃ، جيڪو انهن مان تنهنجي ڇڪي تي هلندو تہ مان توهان سمورن سان ضرور جهنم کي ڀريندس (١٨) ۽ چيوسين تہ اي آدم! تون ۽ تنهنجي زال بهشت ۾ رهو، پوءِ ان مان جتان وڻيوَ کائو پر هن وڻ جي ويجهو نہ وڃجو، ورنہ ظالمن (حد کان لنگهندڙن) مان ٿي ويندو (١٩) پوءِ شيطان انهن جي دل ۾ وسوسو وڌو تہ جيئن انهن جي اوگهڙن مان جيڪي انهن کان لڪل هيون سي ظاهر ڪري ۽ چيائين تہ توهان کي توهان جي رب هن وڻ کان هن جي ڪري منع ڪئي آهي جو متان توهان ملائڪ يا جنت ۾ هميشہ رهڻ وارن مان ٿي وڃو (٢٠) ۽ انهن سان قسم کٽي چيائين تہ مان توهان ٻنهي جو خيرخواهہ آهيان (٢١) پوءِ انهن کي ڇڪي سان لاڙي وڏائين، پوءِ جڏهن انهن

انهي وڻ مان چکيو تہ انهن تي سندن اوگهڙون ظاهر ٿي پيون ۽ پنهنجي جسم تي بهشت جي وڻ جا پن ويڙهڻ لڳا. پوءِ انهن کي سندن رب سڏيو تہ چا مون توهان کي هن وڻ کان روکيو هو ۽ توهان کي چيو نہ هو تہ شيطان توهان جو پڌرو دشمن آهي (٢٢) پنهي عرض ڪيو تہ اي اسان جا رب! اسان پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو جيڪڏهن تو اسان کي نہ بخشيو ۽ اسان تي رحم نہ ڪيو تہ اسان ضرور نقصان وارن مان ٿيندا سين (٢٣) الله چيو تہ هيٺ لهي وڃو توهان پاڻ ۾ هڪٻئي جا ويري آهيو ۽ توهان کي زمين ۾ هڪ مقرر وقت تائين رهڻو آهي ۽ اتي گذران جو سامان موجود آهي (٢٤) الله چيو تہ انهيءَ ۾ جيئندَوَ ۽ انهيءَ ۾ مرندَوَ ۽ انهيءَ مان وري اٿاريا ويندو (٢٥)[2] اي آدم جي اولاد! بيشڪ اسان توهان جي لاءِ هڪ پوشاڪ لاٿي جو توهان جي اوگهڙن کي ڍڪي ۽ هڪ اها جو توهان جو سينگار هجي. ۽ پرهيزگاريءَ جي پوشاڪ اها سڀ کان بهتر آهي. اها الله جي نشانين مان آهي تہ مَن اهي ماڻهو نصيحت پرائين (٢٦) اي آدم جي اولاد! خبردار، شيطان توهان کي اهڙي فتني ۾ نہ وجهي جيئن توهان جي ماءُ پيءَ کي ٻُلائي بهشت مان ڪيرائي ڇڏيائين ۽ انهن جي پوشاڪ هن لاءِ لهرائي ڇڏيائين تہ انهن کي هڪٻئي جون اوگهڙون ڏيکاري. بيشڪ اهو شيطان ۽ ان جو لشکر توهان کي اتان ڏسن ٿا جتان توهان انهن کي ڏسي نٿا سگهو. بيشڪ جيڪي ايمان نٿا آڻين اسان شيطانن کي انهن جو دوست بڻايون ٿا (٢٧) جڏهن ڪو بي حيائي جو ڪم ڪن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ان تي هلندو ڏٺوسين ۽ الله اسان کي ان جي ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. اي پيغمبر! کين چئو تہ بيشڪ الله بي حيائي ڪرڻ جو حڪم نہ ڏيندو آهي. الله تي اها ٻَالهہ ڇو گهڙيو ٿا جنهن جي توهان کي ڪا خبر ڪونهي (٢٨) کين چئو تہ منهنجي رب انصاف جو حڪم ڏنو آهي ۽ هي حڪم ڪيو آهي تہ هر نماز جي وقت پنهنجا منهن الله ڏانهن سڌا ڪيو ۽ خالص انهيءَ جا ٻانها ٿي ڪري ان جي عبادت ڪريو. جيئن توهان کي پهريان پيدا ڪيائين تيئن اوهان موت کان پوءِ ٻيهر موٽندَوَ (٢٩) الله هڪڙي ٽولي کي هدايت ڪئي آهي ۽ ٻئي ٽولي جي گمراهي ثابت ٿي چڪي آهي. ڇوتہ انهن الله کي ڇڏي شيطان کي ساٿي بڻايو آهي ۽ سمجهن ٿا تہ اهي سڌي راهہ تي آهن (٣٠) اي آدم جي اولاد!

جڏهن مسجد ۾ ويو تہ پنهنجي زينت جي پوشاڪ ڏيکيو ۽ کائو ۽ پيئو ۽ اجايو خرچ نہ ڪيو. بيشڪ الله اجايو خرچ ڪندڙن کي دوست نہ رکندو آهي (۳۱)[3] اي پيغمبر! چئو تہ الله جي ٻڌايل اها زينت جيڪا ان پنهنجي ٻانهن جي لاءِ پيدا ڪئي آهي ۽ رزق مان سٺيون شيون ڪنهن حرام ڪيون آهن. چئو تہ اهي دنيا ۾ ۽ قيامت ۾ خاص مومنن لاءِ آهن. اسان اهڙيءَ طرح ڄاڻ رکندڙ قوم لاءِ نشانيون (آيتون) کولي بيان ڪندا آهيون (۳۲) اي پيغمبر! چئو تہ منهنجي رب تہ بي حيائي جي ڪمن مان جيڪي ظاهر هجن يا جيڪي لڪل هجن ۽ سڀ گناهہ ۽ ناحق زيادتي ۽ الله سان شرڪ ڪرڻ جنهن جو ان ڪو دليل نہ لاٿو آهي ۽ اهو تہ الله تي اها ڳالهہ چوڻ جنهن جو علم نٿا رکو اهي سڀ ڳالهيون حرام ڪيون آهن (۳۳) ۽ هر امت جي لاءِ هڪ مدت جو وقت آهي. پوءِ جڏهن انهن جي مدت پهچندي تہ ان کي نہ هڪ گهڙي دير ڪرائيندا نہ ان کي اڳ ۾ آڻي سگهندا (۳٤) اي آدم جي اولاد! جڏهن توهان وٽ توهان منجهان رسول اچن ۽ توهان کي منهنجون آيتون پڙهي ٻڌائين تہ جيڪي پرهيزگاري ڪندا ۽ پاڻ سڌارينداتہ انهن کي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا (۳۵) ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ انهن جي قبول ڪرڻ کان وڏائي ڪيائون سي دوزخي آهن. اهي ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (۳٦) پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي يا ان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي. انهن کي سندن لکيل نصيب دنيا ۾ پهچندو رهندو. ايستائين جو جڏهن انهن وٽ اسان جا قاصد (ملائڪ) انهن جو ساهہ کڻڻ ايندا تہ انهن کي چوندا تہ جن کي توهان الله کان سواءِ سڏيندا هيوَ اهي ڪاڪي آهن. ڪافر چوندا تہ اهي اسان کان ويڳاڻجي ويا ۽ پنهنجو پاڻ تي شاهدي ڏيندا تہ اهي ڪافر هئا (۳۷) انهن کي الله چوندو تہ توهان جنن ۽ ماڻهن جي انهي ٽولي سان شامل ٿيو جيڪي توهان کان اڳ ۾ دوزخ جي باهہ ۾ پهتل آهن. جڏهن بہ ڪا ٽولي داخل ٿيندي تہ پنهنجي اڳ داخل ٿيل سنگت تي لعنت ڪندي. ايستائين جو جڏهن سمورا انهيءَ ۾ ويڄي پهچندا تہ پوئين ٽولي وارا پهرين ٽولي وارن لاءِ چوندا تہ اي اسان جا رب! هنن اسان کي گمراهہ ڪيو هو تنهنڪري هنن کي باهہ جو ٻيڻو عذاب ڏي. الله چوندو تہ سمورن کي ٻيڻو عذاب آهي پر

توهان نٽا ڇاڙو (٣٨) ۽ پهرين تولي پوين کي چوندي تہ توهان کي اسان تي
کا فضيلت ڪونہ آهي تنهنڪري پنهنجي ڪرتوتن جي بدلي ۾ عذاب
ڇکو (٣٩)[4] جن اسان جي آيتن (حڪمن) کي ڪوڙو سمجهيو ۽ وڏائي
ڪئي تن جي لاءِ آسمان (رحمت) جا دروازا نہ کوليا ويندا ۽ جيستائين اُٺ
سُئي جي پاکڙي مان نہ گذري تيستائين اهي بهشت ۾ بہ داخل نہ ٿيندا ۽
اسان ڏوهارين کي ائين سزا ڏيندا آهيون (٤٠) انهن جي لاءِ باهہ ئي پٿرٽي
۽ باهہ ئي ويڑهڻ جي چادر هوندي ۽ اسان ظالمن کي ائين سزا ڏيندا آهيون
(٤١) ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون جو اسان ڪنهن تي بہ طاقت
کان وڌيڪ بار نہ وجهندا آهيون. اهي جنتي آهن ۽ اهي انهيءَ ۾ سدائين
رهندا (٤٢) ۽ انهن جي دلين ۾ دنيا ۾ مليل ڪُڪن جو جيڪو غير هوندو اهو
ڪڍي ڇڏينداسين ۽ انهن جي ماڙين هيٺان نهرون پيون وهنديون ۽ چوندا
تہ سموريون تعريفون الله جي واسطي آهن جنهن اسان کي هن بهشت جي
راهہ ڏيکاري ۽ جيڪڏهن الله رهنمائي نہ فرمائي هاتہ اسان هدايت نہ لهون
ها. بيشڪ اسان وٽ اسان جي رب جي رسولن حق آندو هو ۽ آواز ايندو تہ
هي جنت توهان کي ورثي ۾ ملي آهي جو توهان چڱا عمل ڪندا هيا
(٤٣) ۽ بهشت وارا دوزخ وارن کي سڏي چوندا تہ اسان جي رب اسان سان
جنت جو جيڪو واعدو ڪيو هو اهو سچ لڌوسون. ڇا توهان سان بہ توهان
جي رب عذاب جو جيڪو واعدو ڪيو هو اهو سچو ٿيو چوندا تہ هائو ۽
پوءِ انهن جي وچ۾ پڑهو ڏيندڙ جو آواز ايندو تہ ظالمن تي الله جي لعنت
آهي (٤٤) اهي ظالم جيڪي ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪيندا هيا ۽
ان ۾ ڏنگائي گهرندا هيا ۽ آخرت جو انڪار ڪندا هيا (٤٥) انهن جي
وچ۾ هڪ پردو هوندو ۽ اعراف تي ڪجهہ اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي سيني
کي سندن پيشانين مان سڃاڻندا ۽ اهي بهشتين کي پڪاريندا تہ توهان
تي سلامتي هجي (السلام عليڪم) جڏهن تہ اهي ايڏا جنت ۾ داخل نہ ٿيا
هوندا پر ان جا اميدوار هوندا (٤٦) ۽ جڏهن انهن جون نظرون دوزخين تي
پونديون تہ چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان کي ظالم ٽولي سان گڏ نہ
ڪجان (٤٧)[5] ۽ اعراف وارا جن دوزخي ماڻهن کي سندن پيشانين مان
سڃاڻندا تن کي سڏيندا ۽ چوندا تہ توهان جيڪي مال گڏ ڪيو هو ۽
توهان جيڪا وڏائي ڪندا هيا ان توهان کان ڪجهہ نہ ٽاريو (٤٨) ڇا هي

اهي ماڻهو نه آهن جن بابت توهان دنيا ۾ قسم کڻندا هئا ته الله انهن تي کا
باجهه نه ڪندو. هنن کي ته ڇيو ويو آهي ته جنت ۾ داخل ٿيو ۽ نه توهان کي
ڪو خوف هوندو نه توهان غمگين ٿيندا (٤٩) ۽ دوزخي بهشت وارن کي
سڏيندا ته اسان کي ڪجهه پاڻي ڏيڻ جي مهرباني ڪريو يا انهيءَ رزق مان
ڪجهه ڏيو جيڪي الله توهان کي عطا ڪيو آهي. بهشتي چوندا ته الله اهي
بئي شيون ڪافرن تي حرام ڪيون آهن (٥٠) جن پنهنجي دين کي راند
روند ۽ تماشو سمجهيو هو ۽ انهن کي دنيا جي زندگي ڏوکو ڏنو پوءِ اڄ
انهن کي اڇين وساريوسين جيئن انهن هن ڏينهن جي ملڻ کي وساريو هو ۽
جيئن اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا (٥١) ۽ بيشڪ اسان انهن کي
هڪ ڪتاب ڏنو آهي جنهن ۾ علم ۽ حڪمت سان هدايتون کولي بيان
ڪيون آهن ۽ انهن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي جيڪي مڃيندا آهن
(٥٢) ڇا ڪافر ڪتاب جي بڌايل انجام کان سواءِ ٻيو انتظار نه ڪري
رهيا آهن. جنهن ڏينهن بڌايل انجام واقع ٿيندو ته جن ان کي اڳي وساريو
هو اهي چوندا ته بيشڪ اسان جي رب جا رسول حق سان آيا هيا. پوءِ چوندا
ته اڄ اسان لاءِ سفارش ڪرڻ وارا ڪونه آهن ڇا جو اسان جي سفارش
ڪن يا اسان کي دنيا ۾ واپس موڪليو وڃي ته جيئن اسان اڳين ڪمن
جي ابتڙ ڇڳا ڪم ڪريون. بيشڪ انهن پاڻ کي گهاٽي ۾ وڌو ۽ جيڪو
ناهه ناهيندا هيا انهن کان وسري ويو (٥٣)[6] اي انسانو! بيشڪ توهان جو
پالڻهار اهو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ ٺاهيو پوءِ
عرش ڏي متوجهه ٿيو. رات سان ڏينهن کي ڍڪي ٿو جو رات ڏينهن جي
پٺيان لڳي اچي ٿي ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا سڀ سندس حڪم جي تابع آهن.
خبردار! پيدا ڪرڻ ۽ حڪم ڏيڻ انهيءَ جي هٿ ۾ آهي. الله سمورن جهانن
جو پالڻهار وڏي برڪت وارو آهي (٥٤) پنهنجي رب کان عاجزي سان ۽
آهستي دعا گهرو. بيشڪ اهو حد کان لنگهندڙن کي دوست نه رکندو آهي
(٥٥) ۽ زمين ۾ سڌاري اچڻ کان پوءِ فساد نه ڦيلايو ۽ الله کان ڊڄندي ۽
اميد رکندي دعا گهرو. بيشڪ الله جي رحمت پلارن کي ويجهڙي آهي
(٥٦) ۽ اهو الله ئي آهي جيڪو پنهنجي رحمت واري مينهن کان اڳ
خوشخبري ٻڌائيندڙ هوائون گهلائيندو آهي. جڏهن ڳرا ڪڪر کڻي اچن
ٿيون ته انهن کي ڪنهن غير آباد وسندي جي طرف روانو ڪريون ٿا پوءِ

انهن ڪڪرن مان پاڻي وسايون ٿا. پوءِ ان سان قسمين قسمين ميوا ڄمايون ٿا. اهڙيءَ طرح اسان مئلن کي قبرن مان ڪيڏناسين ته جيئن توهان نصيحت پرايو(٥٧) ۽ جيڪا سڀني زمين آهي سندس پالڻهار جي حڪم سان ان مان سلا نڪرندا آهن ۽ جيڪا ڪلراٽي آهي ان مان مشڪل سان ٿورا ڀَ نڪرندا آهن. اسان اهڙي طرح شڪر ڪندڙ ماڻهن جي لاءِ مختلف نمونن جون نشانيون بيان ڪريون ٿا (٥٨)[7] بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليو پوءِ ان چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود ڪونهي، مان توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب اچڻ کان ڊڄان ٿو (٥٩) سندس قوم جي سردارن چيو ته بيشڪ اسان توکي کلي گمراهي ۾ ڏسون ٿا (٦٠) نوح چيو ته اي منهنجي قوم! مون کي ڪا گمراهي ڪانهي پر مان ته جهانن جي پالڻهار طرفان رسول آهيان (٦١) توهان کي پنهنجي رب جو پيغام پهچايان ٿو ۽ توهان کي نصيحت ڪريان ٿو ۽ مان الله جي طرفان اهو ڄاڻان ٿو جو توهان نٿا ڄاڻو (٦٢) ڇا توهان کي هن ڳالهه تي تعجب ٿو لڳي ته توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان توهان مان هڪ مرد جي معرفت هڪ نصيحت آئي، جيئن اهو توهان کي ڊيڄاري ۽ توهان پرهيزگار ٿيو ته مَن اوهان تي ٻاجهه ڪئي وڃي (٦٣) پر انهن ان کي ڪوڙو سمجهيو پوءِ اسان ان کي ۽ انهن کي به جيڪي ٻيڙي ۾ ساڻس گڏ هئا بچايوسين ۽ جيڪي اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهندا هيا انهن کي ٻوڙيوسين، ڇوته اها اندي قوم هئي (٦٤)[8] ۽ عاد قوم ڏانهن سندن ڀاءُ هود کي پيغمبر ڪري موڪليوسين، چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود ڪونهي، پوءِ ڇو نٿا ڊڄو (٦٥) ان جي قوم جي سردارن مان جن مڃڻ کان انڪار ڪيو تن چيو ته اسان توکي بيوقوفي ۾ پيل ڏسون ٿا ۽ اسان توکي ڪوڙن مان ڄانيون ٿا (٦٦) چيائين ته اي منهنجي قوم! مون کي تر جيتري به بيوقوفي ڪونهي مان ته جهانن جي پالڻهار جو رسول آهيان (٦٧) توهان کي پنهنجي رب جو پيغام پهچايان ٿو ۽ توهان جو پروسي جوڳو نصيحت ڪندڙ آهيان (٦٨) ۽ ڇا توهان کي هن ڳالهه تي عجب ٿو لڳي ته توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان توهان مان هڪ مرد جي معرفت هڪ نصيحت آئي ته اهو توهان

کي ڊيڄاريو ۽ ياد ڪريو جڏهن الله توهان کي نوح جي قوم جو جانشين ڪيو ۽ توهان جي جسماني طاقت ۾ وڌايائين. پوءِ الله جون نعمتون ياد ڪريو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿيو (٦٩) چوڻ لڳا تہ ڇا تون اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين تہ اسان هڪ الله جي عبادت ڪريون ۽ جن جي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄا ڪندا هئا انهن کي ڇڏي ڏيون. جيڪڏهن تون سچو آهين تہ پوءِ جنهن عذاب کان اسان کي ڊيڄارين ٿو اهو آڻ (٧٠) هود چيو تہ بيشڪ توهان تي توهان جي رب جو عذاب ۽ قهر لازم ٿي چڪو آهي. مون سان رڳو انهن نالن ۾ ڇو جهڳڙو ڪندا آهيو جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن پاڻ رکيا آهن. جنهن جي واسطي الله کو دليل نہ لاٿو آهي. پوءِ انتظار ڪريو ۽ مان ۾ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان (٧١) پوءِ اسان ان کي ۽ ان سان جيڪي گڏ هئا سيني کي پنهنجي خاص ٻاجهہ سان بچايوسين ۽ جيڪي اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهندا هئا انهن جي پاڙ پٽي ڇڏيسين ۽ اهي ايمان وارا نہ هئا (٧٢)[9] ۽ ثمود جي قوم ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي پيغمبر ڪري موڪليوسين. چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي. بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب طرفان چٽو معجزو آيو آهي. هيءَ الله جي ڏاچي توهان جي واسطي نشاني آهي تنهنڪري ان کي ڇڏيو تہ الله جي زمين ۾ چرندي رهي ۽ ان کي ڪا تڪليف نہ پهچائجو ورنہ توهان تي ڏکوئيندڙ عذاب ايندو (٧٣) ۽ ياد ڪريو. جڏهن عاد جي قوم کان پوءِ الله توهان کي انهن جي جاءِ تي جانشين ڪيو ۽ ملڪ ۾ جڳهہ ڏنائين جو ان جي ڪَٽن ۾ ماڙيون ناهيو ٿا ۽ جبلن کي ٽُڪي گهر ٻڌايو ٿا. پوءِ الله جون نعمتون ياد ڪريو ۽ زمين ۾ فساد مچائيندا نہ ڦرو (٧٤) ان قوم جي وڏائي ڪندڙ سردارن ڪمزور مسلمانن کي چيو تہ ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ صالح پنهنجي رب جي طرف کان موڪليل رسول آهي. چيائون تہ بيشڪ جنهن شريعت سان ان کي موڪليو ويو آهي اسان ان تي ايمان رکون ٿا (٧٥) انهن وڏائي ڪندڙن چيو تہ جنهن تي توهان ايمان آندو آهي اسان کي ان کان انڪار آهي (٧٦) پوءِ ڏاچيءَ جون ڪُچيون ڪپي ڇڏيائون ۽ پنهنجي رب جي حڪم کان سرڪشي ڪيائون ۽ چوڻ لڳا تہ اي صالح! جيڪڏهن تون رسول آهين تہ اسان تي اهو عذاب آڻ جنهن عذاب کان

تون ڏيڃاري رهيو آهين (٧٧) پوءِ انهن تي زلزلو آيو تہ صبح جو پنهنجي گهرن ۾ ڪروندڙا ٿي مري ويا (٧٨) پوءِ صالح انهن کان منهن ڦيريو ۽ چيائين تہ اي منهنجي قومہ! بيشڪ مون توهان کي پنهنجي رب جو پيغام پهچايو ۽ اوهان کي نصيحت ڪيم پر توهان نصيحت ڪندڙن کي دوست نہ رکندا آهيو (٧٩) ۽ لوط کي پيغمبر ڪري موڪليوسين، جڏهن ان پنهنجي قوم کي چيو تہ اهڙي بي حيائي ڇو ڪريو ٿا جيڪا جهان ۾ توهان کان اڳي ڪنهن نہ ڪئي آهي (٨٠) توهان تہ عورتن کي ڇڏي مردن وٽ شهوت جي ارادي سان ويجو ٿا، بلڪ توهان حد کان لنگهندڙ قوم آهيو(٨١) ۽ سندس قوم وارن جي ورندي هن چوڻ کان سواءِ نہ هئي تہ انهن ماڻهن کي لوط سميت پنهنجي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏيو اهي ماڻهو تہ پاڪيزگي ڇاهين ٿا (٨٢) پوءِ اسان ان (لوط) کي ۽ ان جي گهر واري کان سواءِ ان جي ڪٽنب کي بچايوسين، باقي ان جي زال پٺتي رهجي ويندڙن مان هئي (٨٣) ۽ انهن جي مٿان پٿرن جو مينهن وسايوسين، پوءِ اي محبوب! ڏس تہ ڏوهارين جي پڇاڙي ڪهڙي خراب ٿي (٨٤)[10] ۽ مدين وارن ڏانهن انهن جي ڀاءُ شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليوسين، چيائين تہ اي منهنجي قومہ! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي، بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان چٽيون نشانيون آيون آهن، پوءِ ماپ ۽ تور پوريءَ طرح ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو ۽ زمين ۾ سڌاري اچڻ کان پوءِ فساد نہ ڦيلايو، جيڪڏهن ايمان وارا آهيو تہ اهو توهان جي لاءِ ڏاڍو ڀلو آهي (٨٥) ۽ هر رستي تي واٽ ويندڙن کي ڏيڃارڻ لاءِ نہ ويهو ۽ جن الله تي ايمان آندو آهي انهن کي الله جي واٽ کان نہ روڪيو ۽ ان واٽ ۾ ڏنگائي تلاش نہ ڪريو ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان ٿورا هيوَ پوءِ ان توهان کي گهڻو ڪيو ۽ ڏسو تہ فسادين جو ڪهڙو ڀڃڙو انجام ٿيو (٨٦) ۽ جڏهن توهان مان هڪ جماعت ان پيغام تي ايمان آندو آهي جنهن سان مون کي موڪليو ويو آهي ۽ ٻي ٽولي نہ مڃيو آهي، پوءِ صبر ڪريو تان جو الله اسان جي وچ۾ فيصلو ڪري ۽ الله سمورن کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي (٨٧) ان جي قوم مان هٿيلن سردارن چيو تہ اي شعيبہ! قسم آهي تہ توکي ۽ توسان گڏ جن ايمان آندو آهي انهن کي پنهنجي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏينداسين، يا تہ توهان اسان جي دين ۾

موتي اچو شعيب چيو ته چا توڙي جو اسان بيزار هجون (۸۸) هن کان پوءِ جو الله اسان کي ان کان بچايو آهي جيڪڏهن توهان جي دين ۾ موتي اچون ته ضرور اسان الله تي ڪوڙ ٻڌو ۽ پنهنجي رب الله جي ڳهر کان سواءِ اسان مان ڪنهن کي توهان جي دين ۾ موٽڻ نه جڳائيندو آهي. اسان جي رب جي علم سيني شين کي سمايو آهي ۽ اسان جو الله تي ئي پروسو آهي. اي اسان جا رب! اسان ۽ اسان جي قوم جي وچ۾ حق جو فيصلو ڪر. تون ئي سڀ کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهين (۸۹) ۽ ان جي قوم مان جن سردارن ڪفر ڪيو هو تن ماڻهن کي چيو ته جيڪڏهن توهان شعيب جي تابعداري ڪندا ته ضرور توهان ان وقت نقصان وارا ٿيندا (۹۰) پوءِ انهن تي زلزلي جو عذاب اچي ڪڙڪيو. پوءِ صبح جو پنهنجي گهرن ۾ اوندا پيا هيا (۹۱) جن شعيب کي ڪوڙو چيو هو سي اهڙا فنا ٿي ويا جڙ ته هنن گهرن ۾ ڪڏهن رهيائي نه هئا. جن شعيب کي ڪوڙو سمجهيو هو اهي نقصان وارا هيا (۹۲) پوءِ شعيب انهن کان منهن موڙيو ۽ چيائين ته اي منهنجي قوما! مان توهان کي پنهنجي رب جو پيغام پهچائي چڪو آهيان ۽ توهان جي پلائي جي لاءِ نصيحت ڪيم. پوءِ مان ڪافرن جي قوم لاءِ ڇو ڏک ڪريان (۹۳)[11] ۽ اسان جڏهن به ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو نبي موڪليو ته اتي جي ماڻهن کي تنگي ۽ تڪليف ۾ مبتلا ڪيوسين ته جيئن اهي عاجزي ڪن (۹٤) پوءِ اسان ڏک جي جاءِ تي سُک ڏنوسين. ايستائين جو اهي آسودا ٿي ويا ۽ چيائون ته اسان جي ابن ۽ ڏاڏن کي به ائين ڏک ۽ سک پهتا هيا. پوءِ اوچتو انهن کي انهن جي بي خبري جي حالت ۾ پڪڙيوسين (۹۵) ۽ جيڪڏهن انهن ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار ٿين ها ته ضرور اسان انهن تي آسمان ۽ زمين جون برڪتون کولي ڇڏيون ها مگر انهن ته ڪوڙ سمجهيو. پوءِ اسان انهن کي انهن جي ڪرتوتن سبب پڪڙ ڪئيسين (۹٦) چا ڳوٺن وارا نٿا ڀڃن جو انهن تي اسان جو عذاب رات جو اچي جڏهن اهي ستل هجن (۹۷) يا ڳوٺن وارا نٿا ڀڃن جو انهن تي اسان جو عذاب سج چڙهڻ وقت اچي جڏهن اهي راند روند ۾ مشغول هجن (۹۸) چا الله جي رِڙ کان بي ڀيا ٿي ويا آهن. الله جي رِڙ کان خساري واري قوم کان سواءِ ٻيا بي خوف نه ٿيندا آهن (۹۹)[12] ۽ اهي جيڪي مُلڪ جي اڳين رهندڙن کان پوءِ انهيءَ زمين جا وارث ٿيا آهن انهن تي پڌرو نه ٿيو

آهي ڇا تہ جي اسان گهرون تہ انهن کي بہ انهن جي گناهن تي وٺ ڪيون ۽ اسان انهن جي دلين تي مُهر هڻون جو اهي ڪجهہ نہ ٻڌن (١٠٠) اي پيغمبر! اهي ڳوٺ هيا جن جو اسان توکي احوال ٻڌايون ٿا ۽ بيشڪ انهن وٽ انهن جا رسول چٽن معجزن سان آيا. پوءِ بہ اهي جنهن کي اڳي ڪوڙو چئي چڪا هئا ان تي ايمان آڻڻ جي قابل نہ ٿيا. الله اهڙيءَ طرح ڪافرن جي دلين تي مُهر هڻي ٿو ڇڏي(١٠١) ۽ انهن مان گهڻن ماڻهن کي اسان انجام پاڙيندڙ نہ ڏٺو ۽ بيشڪ انهن مان گهڻن کي نافرمان ئي ڏٺوسين (١٠٢) وري انهن پيغمبرن کان پوءِ اسان موسيٰ کي پنهنجين نشانين سان فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليوسين، پر انهن نشانين کي نہ مڃيو. پوءِ اي پيغمبر! ڏس تہ فسادين جو ڪهڙو انجام ٿيو (١٠٣) ۽ موسيٰ چيو تہ اي فرعون! بيشڪ مان جهانن جي رب جو رسول آهيان (١٠٤) مان ان ڳالهہ تي قائم آهيان تہ الله تي سچ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ڳالهائيندس. مان توهان سمورن وٽ توهان جي رب جي طرفان چٽي معجزي سان آيو آهيان، پوءِ بني اسرائيل کي مون سان گڏ هلڻ جي موڪل ڏي (١٠٥) فرعون چيو تہ جيڪڏهن تون سچو آهين ۽ ڪو معجزو وٺي آيو آهين تہ پيش ڪر (١٠٦) پوءِ موسيٰ پنهنجي لٺ اڇلائي تہ اها هڪ پڌري بلا ٿي وئي (١٠٧) ۽ پنهنجو هٿ بغل ۾ وجهي ڪڍيائين تہ اهو ڏسندڙن جي سامهون چمڪڻ لڳو (١٠٨)[13] فرعون جي قوم مان سردارن چيو تہ هي تہ هڪ هوشيار جادوگر آهي (١٠٩) توهان کي توهان جي ملڪ مان ڪڍڻ گهري ٿو پوءِ توهان جي ڇا صلاح آهي (١١٠) فرعون کي چيائون تہ ان کي ۽ سندس ياءُ کي ترساءِ ۽ شهرن ۾ ماڻهن کي ڪوٽ ڪندڙ موڪل (١١١) جو تو وٽ هر علم واري جادوگر کي وٺي اچن (١١٢) ۽ جادوگر فرعون وٽ آيا تہ چيائون تہ جيڪڏهن اسان غالب اچون تہ اسان کي ڪجهہ انعام ملندو (١١٣) فرعون چيو تہ هائو ۽ ان وقت توهان منهنجن ويجهن درٻارين مان ٿي ويندو (١١٤) جادوگرن چيو تہ اي موسيٰ! يا تون جادو ڪري يا اسان اڇليون (١١٥) موسيٰ چيو تہ توهان سٽيو. جڏهن انهن جادو سٽيو تہ ماڻهن جون اکيون منديءِ ڇڏيائون ۽ انهن کي ڊيڄاريائون ۽ جادو جو وڏو مظاهرو ڪيائون (١١٦) ۽ اسان موسيٰ کي وحي ڪيو تہ پنهنجي لٺ اڇلاءِ، تہ اچانڪ اها نانگ بڻجي انهن جي

بناوٽن کي ڳهي وئي (١١٧) پوءِ حق ثابت ٿيو ۽ انهن جا ڪم باطل ٿي ويا (١١٨) پوءِ فرعون وارا اتي هار کائي ويا ۽ ذليل ٿي موٽيا (١١٩) ۽ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا(١٢٠) چيائون ته اسان جهانن جي رب تي ايمان آندو (١٢١) جيڪو موسيٰ ۽ هارون جو رب آهي (١٢٢) فرعون چيو ته هن کان اڳي جو مان توهان کي اجازت ڏيان ها توهان ان تي جو ايمان آندو بيشڪ هي ته وڏي ڪَچي آهي جيڪا توهان سمورن گڏجي هن شهر ۾ ڪئي آهي ته جيئن شهر وارن کي ان مان ڪڍي ڇڏيو پوءِ اجهو توهان کي خبر پوي ٿي (١٢٣) مان توهان جا هڪڙي طرف جا هٿ ۽ ٻئي طرف جا پير ضرور ڪپيندس، پوءِ توهان سڀني کي سوليءَ تي چاڙهيندس (١٢٤) چيائون ته اسان پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ وارا آهيون (١٢٥) ۽ تون اسان کان ان جو ويرُ ٿو وٺين ته اسان وٽ اسان جي رب جون نشانيون آيون ته اسان انهن تي ايمان آندو. پڪاريائون ته اي اسان جا رب! اسان تي صبر پلٽ ۽ اسان کي مسلمان ڪري مار (١٢٦)[14] ۽ فرعون جي قوم جي سردارن چيو ته ڇا تون موسيٰ ۽ ان جي ساٿين کي ان لاءِ ڇڏين ٿو ته اهي ڌرتي ۾ فساد ڦيلائين ۽ توکي ۽ تنهنجي ٺاهيل معبودن کي ڇڏي ڏين، فرعون چيو ته هاڻي اسان اڳي وانگر انهن جي پٽن کي قتل ڪنداسين ۽ انهن جي ڏيئرن کي زندهه ڇڏيندا سين، بيشڪ اسان انهن کان زور وارا آهيون (١٢٧) موسيٰ پنهنجي ساٿين کي چيو ته الله کان مدد گهرو ۽ صبر ڪريو بيشڪ زمين الله جي آهي ۽ پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي گهرندو آهي ان جو وارث ٻڌائيندو آهي ۽ آخرت پرهيزگارن جي آهي (١٢٨) چيائون ته اسان جي نصيب ۾ ته اڳي ٻه ايذاء ۽ مصيبتون هيون ۽ تنهنجي اچڻ کان پوءِ ٻه اسان تي مصيبتون آهن، موسيٰ چيو ته سگهوئي توهان جو رب توهان جي دشمن کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو ۽ توهان کي ڌرتيءَ تي ڪم ٿا ڪريو (١٢٩)[15] بيشڪ اسان فرعون وارن کي ڏُڪار ۽ ميون جي کوٽ سان پڪڙ ڪئيسين ته جن اهي نصيحت پرائين (١٣٠) پوءِ جڏهن انهن کي سک ٿي پهتو ته چيائون ٿي ته هي اسان جو پاڻ آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي تڪليف ٿي پهتي ته موسيٰ ۽ ان جي ساٿين کي نياڳو ٿي سمجهيائون، خبردار! الله وٽ ته اهي پاڻ نياڳا هيا پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا هيا (١٣١) موسيٰ کي چيائون ته تون

ڪهڙي به نشاني وٺي ڪري اسان وٽ اچين جو اسان تي ان سان جادو ڪرين اسان پوءِ به توکي مڃڻ وارا نه آهيون (۱۳۲) پوءِ اسان انهن تي طوفان ۽ ماکڙ ۽ سُرو (جوءَ) ۽ ڏيڏر ۽ رت، جدا جدا معجزا موڪلياسين، پوءِ به انهن وڏائي ڪئي ۽ اهي ڏوهاري ماڻهو هيا (۱۳۳) ۽ جڏهن به انهن تي عذاب ايندو هو ته چوندا هيا ته اي موسيٰ! پنهنجي رب کان ان واعدي جي سبب جيڪو ان توسان ڪيو آهي اسان لاءِ دعا گهر، جيڪڏهن تون اسان کان عذاب ٽاريندين ته اسان ضرور توتي ايمان آڻينداسين ۽ بني اسرائيل کي به توسان هلڻ جي موڪل ڏينداسين (۱۳٤) پوءِ جڏهن اسان انهن کان عذاب جيڪو مقرر مدت تائين انهن کي پهچڻو هو ٽاريوسين ته اهي انجام تان ڦري ويا (۱۳۵) پوءِ اسان انهن کان پورو بدلو ورتو ۽ انهن کي درياء ۾ ٻوڙيوسين جو اهي اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهندا هئا ۽ انهن کان غافل رهندا هئا (۱۳٦) ۽ اسان انهن ماڻهن کي جن کي ڪمزور رکيو ويو هو، ان زمين جي اوپر ۽ اولهه (شام ۽ فلسطين) جو وارث بڻايوسين، جنهن ۾ اسان برڪت رکي هئي ۽ بني اسرائيل سان انهن جي صبر جي بدلي تنهنجي رب جو چڱو واعدو پورو ٿي ويو ۽ فرعون ۽ ان جي ماڻهن جيڪي اڏاوتون بلند ڪيون هيون ۽ چتيون ٺاهيون هيون اهي برباد ڪري ڇڏيونسين (۱۳۷) ۽ اسان بني اسرائيل کي درياء پار ڪرايوسين ته اهي اهڙي قوم وٽان لنگهيا جيڪا پنهنجن بتن جي پوڄا ڪندي هئي، چيائون ته اي موسيٰ! اسان لاءِ به هڪڙو اهڙو معبود ٺاهي ڏي جيئن انهن جي لاءِ ايترا معبود آهن، موسيٰ چيو ته بيشڪ توهان بي عقل ماڻهو آهيو (۱۳۸) بيشڪ اهي ماڻهو ته برباد ٿيڻ واري طريقي تي آهن ۽ جيڪي ڪري رهيا آهن سو پڪو باطل آهي (۱۳۹) موسيٰ چيو ته ڇا الله کان سواءِ توهان لاءِ ٻيو معبود تلاش ڪريان، جڏهن ته ان الله جهان وارن تي توهان کي فضيلت ڏني آهي (۱٤۰) ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان توهان کي فرعون وارن کان ڇڏايوسين جيڪي توهان کي سخت تڪليف ڏيندا هئا، توهان جا پٽ ڪُهي ڇڏيندا هئا ۽ ڏيئرون جيئريون ڇڏيندا هئا ۽ ان ۾ توهان لاءِ توهان جي رب طرفان وڏي آزمائش هئي (۱٤۱)[16] ۽ اسان موسيٰ سان ٽيهن راتين جو واعدو ڪيو ۽ ان ۾ ڏهه وڌايونسين ته ان جي رب جو واعدو چاليهن راتين جو پورو ٿيو ۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو ته منهنجي قوم تي

منهنجي پٽيان نائب ٿي رهڻ ۽ سڌارو ڪندو رهڻ ۽ فسادين جي واٽ نہ ونجان (١٤٢) ۽ جڏهن موسيٰ اسان جي انجام واري هنڌ آيو ۽ سندس رب ان سان ڳالهايو تہ عرض ڪيائين، اي منهنجا رب! مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ تہ جيئن مان توکي ڏسان، الله چيو تہ تون مون کي هرگز ڏسي نہ سگهندين، البت هن جبل ڏانهن ڏس، جيڪڏهن اهو پنهنجي جاءِ تي قائم رهيو تہ پوءِ تون مون کي ڏسي سگهندين، پوءِ جڏهن سندس رب پهاڙ تي پنهنجو نور چمڪايو تہ ان کي ذراذرا ڪري ڇڏيائين ۽ موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو، پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تہ چيائين تہ اي الله! تون پاڪ آهين، مون تنهنجي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪئي ۽ مان سڀني کان پهريون مومن آهيان (١٤٣) الله چيو، اي موسيٰ! مون توکي پنهنجي رسالت ۽ ڪلام سان ماڻهن کان پلارو ڪيو آهي، پوءِ توکي جيڪو توريت ڏنو اٿم اهو وٺ ۽ شڪر ڪرڻ وارن مان ٿي (١٤٤) ۽ اسان ان جي لاءِ تختين ۾ هر قسم جي نصيحت ۽ هر شي جو تفصيل لکي ڏنوسين ۽ چيو تہ اي موسيٰ! هن کي مضبوطي سان وٺ ۽ پنهنجي قوم کي حڪم ڏي تہ هن جون چڱيون ڳالهيون اختيار ڪن، سگهو اسان توهان کي بي فرمانن جو گهر ڏيکاريندا سين (١٤٥) ۽ جيڪي ماڻهو زمين ۾ ناحق وڏائي ڪندا رهندا آهن اسان انهن کي پنهنجي آيتن جي سمجهہ کان جهلينداسين ۽ جيڪڏهن سڀ نشانيون ڏسندا تہ بہ انهن تي ايمان نہ آڻيندا ۽ جيڪڏهن هدايت جي واٽ ڏسندا تہ ان تي هلڻ پسند نہ ڪندا ۽ جيڪڏهن گمراهي جي رستي تي نظر پوندن تہ ان کي هلڻ لاءِ واٽ بڻائيندا، اهو ان ڪري جو اهي اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهن ٿا ۽ انهن کان غافل رهن ٿا (١٤٦) ۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ۽ آخرت کي ڪوڙو پانيو انهن جا سڀ عمل چٽ تي ويا، جيڪي ڪمائيندا آهن انهن کان سواءِ ٻيو بدلو نہ ملندن (١٤٧)[17] ۽ موسيٰ کان پوءِ سندس قوم پنهنجي زيورن مان هڪ گابي جو ڳئون وانگر رنيندڙ بوتو ٺاهيو، ڇا نٿي ڏٺائون تہ اهو انهن سان نہ ڳالهائيندو هو ۽ نہ وري انهن کي رستو ٻڌائيندو هو، پوءِ بہ ان کي معبود ڪري ورتائون ۽ اهي ظالم هئا (١٤٨) ۽ جڏهن ڳالهہ هٿ مان نڪري وين (پشيمان ٿيا) ۽ سمجهيائون تہ گمراهہ ٿي ويا آهن تہ چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اسان جي رب اسان تي مِهر نہ ڪئي ۽ اسان کي معاف نہ ڪيو تہ اسان ضرور نقصان

وارن مان ٽي ويندا سين (١٤٩) ۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙيل افسوس ڪندي موٽيو تہ چيائين تہ مون ڪان پوءِ منهنجي خراب پوئواري ڪئي اٽق توهان پنهنجي رب جي حڪم کان اڳ ڇو تڪڙ ڪئي ۽ تختيون ڪٽي ڦٽي ڪيائين ۽ پنهنجي ڀاءُ جي مٿي جي وارن کي وٽي پنهنجي طرف ڇڪيائين. هارون چيو اي منهنجا امڙ ڄاوا! قوم مون کي ڪمزور سمجهيو ۽ منهنجي مارڻ لاءِ سنبريا سو دشمنن کي مون تي نہ کِلاءِ ۽ مون کي ظالم ماڻهن سان نہ ملاءِ (١٥٠) موسيٰ چيو اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي بخش ڪر ۽ اسان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪر ۽ تون ئي سمورن مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهين (١٥١)[18] بيشڪ جن گابي کي پوڄا لاءِ معبود بڻايو سگهو انهن کي رب جي طرفان ڏمر ۽ دنيا جي زندگي ۾ ذلت پهچندي ۽ اسان ناهہ ناهيندڙن کي ائين سزا ڏيندا آهيون (١٥٢) پر اي پيغمبر! جن برايون ڪيون ۽ ان کان پوءِ توبهہ ڪيائون ۽ ايمان آندائون تہ ان کان پوءِ تنهنجو رب بخشڻهار ۽ مهربان آهي (١٥٣) ۽ جڏهن موسيٰ جي ڪاوڙ ٿري تہ تختيون ڪٽي ورتائين ۽ ان جي لکت ۾ انهن لاءِ جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن هدايت ۽ رحمت هئي (١٥٤) ۽ موسيٰ اسان جي ملاقات جي انجام لاءِ پنهنجي قوم مان ستر ماڻهو چونڊيا. پوءِ جڏهن انهن کي زلزلي ورتو تہ موسيٰ عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب! تون چاهين ها تہ هنن کي ۽ مون کي اڳ ۾ ئي هلاڪ ڪري ڇڏين ها. اسان مان اسان جي بي عقلن جيڪو ڪيو ان ڪم جي ڪري اسان کي ڇو ٿو هلاڪ ڪرين. اهو تہ تنهنجي طرفان امتحان هو جنهن کي چاهين ان سان گمراهہ ڪرين ۽ جنهن کي گهرين واٽ ڏيکارين. تون اسان جو مالڪ آهين سو اسان کي بخش ۽ اسان تي مِهر ڪر ۽ تون سمورن کان بهتر بخشڻهار آهين (١٥٥) ۽ اسان جي لاءِ هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ڀلائي لک. ڇوتہ اسان تنهنجي طرف رجوع ڪيو آهي. الله چيو تہ مان پنهنجو عذاب جنهن کي وٽي تنهن کي ڪيان پر منهنجي رحمت هر شي تي چانيل آهي. پوءِ سگهو مان انهن جي لاءِ نعمتون لکندس جيڪي پرهيزگاري ڪندا ۽ زڪوات ڏيندا ۽ جيڪي منهنجي آيتن تي ايمان آڻيندا (١٥٦) جيڪي ان نبي اُمي رسول (محمد ﷺ) جي تابعداري ڪندا جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيل ڏسندا جيڪو

انهن کي ٻلائي جو حڪم ڏيندو ۽ براين کان منع ڪندو ۽ سنيون شيون انهن لاءِ حلال ڪندو ۽ پليت شيون انهن تي حرام ڪندو ۽ جيڪي انهن مٿان ٻوجھ آهن اهي انهن کان لاهيندو. پوءِ جيڪي ان تي ايمان آڻيندا ۽ سندس تعظيم ڪندا ۽ ان جي مدد ڪندا ۽ ان نور جي پيروي ڪندا جيڪو ان سان گڏ نازل ٿيل آهي تہ اهي ئي ڪامياب آهن (۱۵۷)[19] اي پيغمبر! چئو تہ اي انسانو! بيشڪ مان توهان سيني ڏانهن ان الله جو رسول ٿي آيو آهيان جنهن جي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي. ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. اهوئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو. پوءِ الله تي ايمان آڻيو ۽ ان جي موڪليل امي نبي (محمد ﷺ) تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ ان جي حڪمن تي ايمان رکي ٿو ۽ ان جي پيروي ڪريو تہ توهان هدايت لهو (۱۵۸) ۽ موسيٰ جي قوم مان هڪ جماعت اهڙي آهي جيڪا ماڻهن کي حق جي واٽ ٻڌائي ٿي ۽ ان موجب انصاف سان هلندا آهن (۱۵۹) ۽ اسان انهن بني اسرائيلن کي ٻارهن خاندانن جي ٻارهن قبيلن ۾ ورهايو ۽ جڏهن موسيٰ کان سندس قوم پاڻي گهريو تہ اسان ان کي وحي موڪليو تہ هن پٿر تي لٺ هڻ تہ پوءِ ان مان ٻارهن چشما ڦٽي نڪتا ۽ هر جماعت پنهنجو گهاٽ (گهيڙ) سڃاڻي ورتو ۽ اسان انهن تي ڪڪر جي ڇانوَ ڪئي هئي ۽ انهن تي مَن ۽ سلويٰ لاٿا هيا ۽ چيوسين تہ اسان جي ڏنل پاڪ رزق مان کائو ۽ انهن اسان جو ڪو نقصان نہ ڪيو پر پنهنجو ئي نقصان ڪيائون (۱۶۰) ۽ جڏهن انهن کي چيو ويو تہ هن ڳوٺ ۾ وڃي رهو ۽ ان مان جتان وٽيوَ کائو ۽ اسان ڏوهي اسان ڏوهي چوندا رهو ۽ دروازي مان سجدو ڪندڙ ٿي داخل ٿجو تہ اسان توهان جا گناهہ بخشي ڇڏينداسين. سگهو نيڪن ماڻهن کي زيادهہ عطا ڪنداسين (۱۶۱) پوءِ انهن بني اسرائيلن مان جيڪي ظالم هيا تن کي جيڪا ڳالهہ چئي وئي هئي انهن ان جي خلاف مٽائي ٻي ڳالهہ ڪئي. پوءِ اسان سندن ظلم جي بدلي آسمان کان انهن تي عذاب موڪليو (۱۶۲)[20] ۽ اي پيغمبر! انهن کان ان ڳوٺ جو حال پڇ جيڪو درياء (سمنڊ) جي ڪناري تي هو جڏهن اهي ڇنڇر (سبت) جي باري ۾ حڪم جي حد کان لنگهيا ٿي. جڏهن ڇنڇر جي ڏينهن انهن جون مڇيون پاڻي ۾ ترنديون انهن. جي سامهون ايندیون هيون ۽ ڇنڇر جو ڏينهن نہ هوندو هو تہ ٻاهر نہ ايندیون هيون.

اهڙيءَ طرح اسان انهن کي آزمايو جو نافرماني ڪندا هيا (١٦٣) ۽ جڏهن انهن مان هڪڙي جماعت ٻين کي چيو تہ انهن کي نصيحت ڇوٽا ڪريو جن کي الله هلاڪ ڪرڻ وارو آهي يا انهن کي سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي، چيائون تہ اسان جي نصيحت پنهنجي رب جي دربار ۾ عذر پيش ڪرڻ جي لاءِ آهي ۽ شايد اهي ڊڄن (١٦٤) پوءِ انهن کي جيڪا نصيحت ڪئي وئي جڏهن وساري ويٺا تہ اسان انهن کي بچائي ورتو جيڪي برائي کان منع ڪندا هئا ۽ باقي ظالمن کي انهن جي نافرماني جي سبب بدترين عذاب سان پڪڙ ڪئيسين (١٦٥)پوءِ جڏهن انهن کي جنهن ڪم کان منع ڪئي وئي هئي ان ۾ حد کان ٽپيا تہ اسان انهن کي چيو تہ خوار ٿيل پولڙا ٿي ويو (١٦٦) ۽ ياد ڪر، جڏهن تنهنجي رب يهودين کي اطلاع ڪيو تہ ضرور قيامت جي ڏينهن تائين انهن تي اهڙا حڪمران مقرر ڪندو رهندو جيڪي انهن کي بدترين تڪليف ڏيندا رهندا، ڇوتہ تنهنجو رب جلد سزا ڏيندڙ آهي ۽ بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان بہ آهي (١٦٧) ۽ اسان انهن بني اسرائيلن کي زمين ۾ جداجدا ڪري ٽولن ۾ پکيڙي ڇڏيوسين، انهن ۾ ڪجهہ نيڪ هيا ۽ ڪجهہ ٻي طرح جا هيا ۽ اسان انهن کي سُکن ۽ ڏکن سان آزمايو تہ مَن اهي موٽي پون (١٦٨) پوءِ انهن جي جاءِ تي اهڙا نالائق آيا جيڪي رڳو ڪتاب جا وارث ٿيا ۽ هن دنيا جو مال ونڻ ٿا ۽ چوندا آهن تہ هاڻي اسان جي بخشش ٿيندي ۽ جيڪڏهن اهڙوئي مال انهن وٽ ايندو آهي تہ پشيمان ٿيڻ جي بجاءِ وڌي ڇڏيندا آهن، ڇا انهن کان ڪتاب ۾ واعدو نہ ورتو ويو هو تہ الله جي نسبت حق کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ چون ۽ توريت ۾ جيڪو حڪم آهي ڇا انهن ان کي نہ پڙهيو آهي، ۽ بيشڪ جيڪي پرهيزگار آهن انهن جي لاءِ آخرت جو گهر ڀلو آهي، پوءِ توهان ڇو نٿا سمجهو (١٦٩) ۽ اهي جيڪي ڪتاب کي مضبوطي سان ونڻ ٿا ۽ نماز ادا ڪندا آهن تہ اسان اهڙن نيڪن جو اجر نہ وڃائيندا آهيون (١٧٠) ۽ ياد ڪر، جڏهن اسان انهن جي مٿان جبل کڻي بيهاريو جڻ اهو ڇَتِي هو ۽ سمجهيائون تہ اهو انهن مٿان ڪري پوندو، کين چيوسين تہ جيڪو اسان توهان کي ڪتاب ڏنو آهي ان کي مضبوطي سان ونو ۽ جيڪي ان ۾ آهي اهو ياد ڪريو تہ مَن توهان پرهيزگار ٿيو (١٧١)[21] ۽ اي محبوب! ماڻهن کي ياد ڏيار جڏهن تنهنجي رب آدم جي

اولاد جي پُڻين مان پيدا ٿيڻ واري انهن جي اولاد کان عهد ورتو ۽ انهن جي وجود تي خود انهن کي شاهد ڪيائين تہ ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان. سمورن چيو هائو اسان شاهدي ڏني ۽ اها شاهدي انهيءَ لاءِ ورتيسين تہ متان قيامت جي ڏينهن چون تہ اسان ان ڳالهہ کان بي خبر هئاسين (۱۷۲) يا اي انسانو! ائين چئو تہ شرڪ تہ اڳيئي اسان جي ابن ڏاڏن ڪيو هو اسان تہ انهن کان پوءِ اولاد هياسين. پوءِ تون اسان کي ان ڪم جي ڪري هلاڪ ڇو ٿو ڪرين جيڪو گمراهن ڪيو (۱۷۳) ۽ اسان اهڙيءَ طرح آيتون (نشانيون) تفصيل سان بيان ڪندا آهيون. هن لاءِ تہ مَن اهي موٽي اچن (۱۷٤) اي محبوب! انهن کي انهيءَ شخص جو حال ٻڌاءِ جنهن کي اسان پنهنجن آيتن جو علم ڏنو هو. پوءِ اهو انهن جي پابندي کان پاڻ ڇڏائي ويو. پوءِ شيطان ان جي پٺيان لڳو تہ اهو گمراهن مان ٿي ڀيو (۱۷۵) ۽ اسان گهرون ها تہ انهن آيتن سان ان کي مٿاهون ڪريون ها مگر اهو تہ زمين جي پستي ڏانهن جهڪي ويو ۽ پنهنجي خواهشن جو تابع ٿيو. پوءِ ان جو حال ڪُتي وانگر ٿيو جو جيڪڏهن تون ان تي حملو ڪرين تہ بہ زبان ٻاهر ڪڍي پونکي ۽ سهڪي ۽ ان کي ڇڏين تہ بہ زبان ٻاهر ڪڍي پونکي ۽ سهڪي. اهو انهن ماڻهن جو مثال آهي جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو. پوءِ اي پيغمبر! تون انهن کي اها نصيحت ٻڌاءِ تہ مَن اهي سوچ ڪن (۱۷٦) جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو انهن جو حال بڇڙو ٿيو ۽ انهن پنهنجي ذات سان ئي ظلم ڪيو (۱۷۷) جنهن کي الله راهہ ڏيکاري تہ اهوئي هدايت وارو آهي ۽ جن کي گمراهہ ڪري تہ پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن (۱۷۸) بيشڪ اسان جهنم جي لاءِ گهڻيئي جن ۽ انسان پيدا ڪيا آهن. انهن کي دليون آهن جن ۾ الله جي حڪم جي سمجهہ نہ آهي. انهن کي اکيون آهن جن سان حقانيت نٿا ڏسن. ۽ انهن کي ڪن بہ آهن جن سان حق نٿا ٻڌن. اهي جانورن وانگر آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ آهن ۽ اهي ئي غفلت ۾ پيل آهن (۱۷۹) ۽ الله جا سڀ نالا سهڻا آهن پوءِ ان کي انهن نالن سان پڪاريو ۽ انهن ماڻهن کي ڇڏي ڏيو جيڪي ان جي نالن کي ڦيرائين ٿا. انهن کي جلد سندن عملن جي سزا ملندي (۱۸۰) ۽ اسان جي پيدا ڪيل انسانن مان هڪڙي جماعت اهڙي آهي جيڪا حق جو رستو ٻڌائي ٿي ۽ انهيءَ پٽاندڙ انصاف ڪري ٿي

(۱۸۱)[22] ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو تن کي ڊر ڏئي سگهو اتان عذاب ڏيندا سين جتان انهن کي خبر به نه هوندي (۱۸۲) ۽ انهن کي ڊر ڏيون ٿا ڇوتہ اسان جي رِٽ پڪي آهي (۱۸۳) ڇا انهن کونہ سوچيو آهي تہ انهن جي ساٿي (محمد ﷺ) کي جنون (چريائپ) ڪونهي. اهو تہ فقط صاف ڊيڄاريندڙ آهي (۱۸٤) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ۾ ۽ جيڪا هر شي الله پيدا ڪئي آهي تنهن ۾ نہ ڏسندا آهن ڇا تہ شايد انهن جي موت جي نهرايل مدت پوري ٿيڻ تي هجي. پوءِ ان قرآن کان بعد ٻي ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا (۱۸۵) جنهن کي الله گمراهہ ڪري تہ ان کي ڪوبہ راهہ ڏيکارڻ وارو ڪونهي. ۽ الله انهن کي ڇڏي ڏئي ٿو تہ اهي پنهنجي سرڪشي ۾ ٽٽکندا رهن (۱۸٦) اي پيغمبر! ماڻهو توکان قيامت جي باري ۾ پڇن ٿا تہ اها ڪڏهن قائم ٿيڻي آهي. تون چئو تہ ان جو علم تہ منهنجي رب وٽ آهي. الله کان سواءِ قيامت کي ان جي وقت تي ٻيو ڪير بہ ظاهر نہ ڪندو. آسمانن ۽ زمين ۾ اها سمجهہ کان ڳري آهي ۽ توهان تي اوچتو ايندي. اي پيغمبر! توکان ائين پڇن ٿا جڻ تہ تون ان جي کوجنا ۾ هجين. کين چئو تہ ان جو علم تہ الله وٽ ئي آهي پر گهڻا ماڻهو نٿا سمجهن (۱۸۷) اي پيغمبر! کين چئو تہ الله جي مرضي کان سواءِ مان پاڻ کي نڪي فائدو ۽ نہ نقصان پهچائي ٿو سگهان ۽ جيڪڏهن مان غيب ڄاڻان ها تہ تمام گهڻي ڀلائي گڏ ڪري وٺان ها ۽ مون کي ڪا تڪليف نہ پهچي ها. مان تہ مڃڻ وارن لاءِ فقط انهن کي ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ٻڌائيندڙ آهيان (۱۸۸)[23] اهو الله ئي آهي جنهن توهان کي هڪ وجود مان پيدا ڪيو ۽ انهيءَ مان ان جي زال پيدا ڪيائين تہ ان سان سکون حاصل ڪري. پوءِ جڏهن مڙس ان سان ميلاپ ڪندو آهي تہ اها هلڪي بار سان ڳورهاري ٿيندي آهي ۽ ان سان گهمندي رهندي آهي. پوءِ جڏهن ٻوجهہ وڌي ويندو آهي تہ ٻئي پنهنجي رب کان دعا گهرندا آهن تہ جيڪڏهن تون اسان کي صحيح سالم ٻار ڏيندين تہ بيشڪ اسان شڪرڪندڙن مان ٿينداسين (۱۸۹) پوءِ جڏهن اهو انهن کي صحيح سالم ٻار عطا ڪندو آهي تہ ان عطا ۾ الله جا شريڪ مقرر ڪندا آهن. پر الله انهن جي شريڪن کان مٿانهون آهي (۱۹۰) انهن کي شريڪ ڇوڪن ٿا جيڪي ڪابہ شي پيدا نٿا ڪري سگهن ۽ اهي پاڻ خلقيل آهن (۱۹۱) ۽ نہ اهي انهن کي ڪا مدد

پهچائي سگهندا آهن ۽ نہ پنهنجي ذات جي مدد ڪري سگهندا آهن (۱۹۲) اي پيغمبر! جيڪڏهن انهن گمراهن کي هدايت جي طرف سڏيندَوَ تہ اهي توهان جي تابعداري نہ ڪندا چاهي انهن کي سڏيو يا چپ رهو توهان لاءِ هڪجهڙو آهي (۱۹۳) اي گمراهو! بيشڪ اهي جن کي توهان الله کان سواءِ سڏيو تا سي توهان وانگر ٻانها آهن. جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ پوءِ انهن کي سڏيو جي اهي توهان کي جواب ڏين (۱۹٤) ڇا انهن بتن کي پير آهن جن سان هلي سگهن يا انهن جا هٿ آهن جن سان پکڙي سگهن يا انهن جون اکيون آهن جن سان ڏسندا هجن يا انهن جا ڪن آهن جو انهن سان ٻڌندا هجن. اي پيغمبر! کين چئو تہ پنهنجن شريڪ بتن کي سڏيو ۽ منهنجي خلاف سازش ڪريو ۽ مونکي مُهلت نہ ڏيو (۱۹۵) بيشڪ منهنجو مالڪ تہ اهو الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو آهي ۽ اهو نيڪن کي مدد ڏيندو آهي (۱۹٦) الله کان سواءِ توهان جن کي سڏيندا آهيو اهي توهان جي ڪا مدد نٿا ڪري سگهن ۽ نہ خود پنهنجي مدد ڪري سگهندا آهن (۱۹۷) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن کي هدايت جي طرف سڏيو تہ نہ ٻڌندا ۽ تون انهن کي ڏسين ٿو تہ شايد اهي تنهنجي طرف نهارين ٿا. مگر اهي ڏسندا ئي نہ آهن (۱۹۸) اي محبوب! البت. معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ پلائي ڪرڻ جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ (۱۹۹) ۽ اي انسان! جيڪڏهن توکي شيطان کان ڪو وسوسو پوي تہ تون الله جي پناهہ گهُر. بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۲۰۰) بيشڪ جيڪي پرهيزگار آهن جڏهن انهن کي شيطان کان ڪو وسوسو پهچندو آهي تہ هوشيار ٿي الله کي ياد ڪندا آهن ۽ انهيءَ وقت سندن اکيون کلي ويندیون آهن (۲۰۱) ۽ جيڪي شيطانن جا ڀائر آهن تن کي شيطان گمراهي ۾ ڇڪيندا آهن پوءِ گهٽتائي نہ ڪندا آهن (۲۰۲) ۽ اي محبوب! جڏهن تون انهن وٽ ڪا آيت نہ آڻيندو آهين تہ چوندا آهن تہ تون پاڻ چونڊ ناهي آڻين. کين چئو تہ مان تہ ان جي پيروي ڪندو آهيان جيڪو منهن جي طرف منهنجي رب کان وحي ٿي اچي. هي قرآن توهان جي رب جي طرفان اکيون کولينڊڙ دليل آهي ۽ مومن ماڻهن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي (۲۰۳) ۽ اي مسلمانو! جڏهن قرآن پڙهيو وڃي تہ ان کي ڪن لائي ٻڌو ۽ خاموش رهو تہ جيئن اوهان تي رحم ٿئي (۲۰٤) ۽

پنهنجي رب کي صبح شام پنهنجي دل ۾ عاجزي ۽ خوف سان وڏي آواز کان ڪجهه جهڪو ياد ڪر ۽ غافلن مان نه هج (۲۰۵) بيشڪ جيڪي تنهنجي رب وٽ ويجها آهن اهي ان جي عبادت کان وڏائي نه ڪندا آهن ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ انهيءَ کي سجدو ڪندا آهن (۲۰۶)[24]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت انفال مدني آهي، هن ۾ 75 آيتون ۽ 10 رڪوع آهن

اي محبوب! توکان غنيمت جي مال بابت پڇن ٿا، کين چئو ته غنيمت جو مال الله ۽ رسول جو آهي، پوءِ الله کان ڊجو ۽ ٻاڻ ۾ سڌارو آڻيو ۽ جيڪڏهن توهان مومن آهيو ته الله ۽ ان جي رسول جي تابعداري ڪريو (۱) مومن اهي آهن جو جڏهن الله کي ياد ڪيو ويندو آهي ته انهن جون دليون ڊڄنديون آهن ۽ جڏهن انهن کي ان جون آيتون پڙهي ٻڌائبيون آهن ته اهي انهن جي ايمان کي وڌائيندیون آهن ۽ اهي پنهنجي پالڻهار تي پروسو ڪندا آهن (۲) اهي نماز ادا ڪندا آهن ۽ اسان جي ڏنل رزق مان ڪجهه اسان جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهن (۳) اهي ئي سچا مومن آهن، انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ وڏا درجا آهن ۽ بخشش آهي ۽ چڱي روزي آهي (٤) اي محبوب! غنيمت جو معاملو به ائين آهي جيئن تنهنجي رب توکي تنهنجي مديني واري گهر مان حق خاطر ٻاهر آندو هو جڏهن ته مومنن جو هڪ ٽولو ان تي راضي نه هو (۵) اهي سچي ڳالهه جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ به ان بابت توسان بحث ڪندا رهيا جڙ ته انهن کي اکين ڏٺي موت جي منهن ۾ ڏکيو پيو وڃي (٦) اي مسلمانو! ياد ڪريو جڏهن الله توهان سان واعدو ڪيو هو ته ڪافرن جي ٻن ٽولن مان هڪڙو ضرور توهان جي هٿ لڳندو ۽ توهان چاهيو ٿي ته توهان کي بنا هٿيارن وارو ٽولو هٿ چڙهي ۽ الله گهريو ٿي ته پنهنجي حڪم سان حق کي سچ ثابت ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ پٽي ڇڏي (۷) جيئن حق کي حق ثابت ڪري ۽ باطل کي ناس ڪري توڙي جو ڏوهاري ڏکيو سمجهن (۸) اهو به ياد ڪريو جڏهن توهان پنهنجي رب کي مدد لاءِ ٻاڏايو ٿي ته ان توهان جي پڪار قبول ڪئي ته مان توهان کي هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ هزار ملائڪن سان مدد ڏيڻ وارو آهيان (۹) ۽ الله ان مدد

کي توهان جي لاءِ خوشخبري ڪيو هو تہ توهان جي دلين کي سکون پهچي ۽ الله جي پار کان سواءِ ٻي کا مدد ڪونهي، بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي (١٠)[1] ياد ڪريو جڏهن الله پنهنجي طرف کان تسلي ۽ امن ڏيڻ لاءِ توهان کي اونگهه سان ڍڪيو ۽ آسمان مان توهان تي پاڻي هن لاءِ وسايائين تہ ان سان توهان کي پاڪ ڪري ۽ توهان کان شيطان جي پليتي پري ڪري ۽ توهان جي دلين کي ڳنڍي مضبوط ڪري ۽ ان سان توهان جا قدم جمائي ڇڏي (١١) اي محبوب! جڏهن تنهنجي رب ملائڪن ڏانهن وحي ڪيو تہ مان توهان سان گڏ آهيان تنهنڪري مومنن کي همٿ ڏياريو سگهو مان ڪافرن جي دلين ۾ مومنن جو رعب وجهندس، پوءِ اي مسلمانو! ڪافرن کي ڪنڌ تي ڏڪ هڻو ۽ انهن جو هڪ هڪ سنڌ پيجو (١٢) اهو ان ڪري جو انهن الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندو سو ياد رکي تہ بيشڪ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي (١٣) اي ڪافرو! اها سزا تہ چکو ۽ پڪ ڄاڻو تہ ڪافرن لاءِ باهہ جو عذاب بہ آهي (١٤) اي ايمان وارو! ڪافرن سان مقابلي لاءِ آمهون سامهون ٿيو تہ انهن کي پٺي ڏئي نہ ڦرو (١٥) جيڪو بہ ان ڏينهن لڙائي جي حڪمت عملي يا پنهنجي جماعت سان ويجي ملڻ جي اٽڪل کان سواءِ انهن کي پٺي ڏئي پڃندو تہ پوءِ بيشڪ اهو پڃندڙ الله جي قهر هيٺ آيو ۽ ان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ اها موٽڻ جي بيڙي جاءِ آهي (١٦) ياد رکو تہ توهان انهن کي قتل نہ ڪيو بلڪ الله کين قتل ڪيو ۽ اي محبوب! جيڪا مٽي تو ڪافرن ڏانهن اڇلائي سا تو نہ اڇلائي پر الله سَٽي هئي، هن لاءِ تہ الله مومنن کي نعمت ڏيڻ سان چڱي طرح آزمائي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (١٧) اهو حال آهي ۽ بيشڪ الله ڪافرن جي سازش کي ڪمزور ڪندڙ آهي (١٨) اي ڪافرو! جڏهن بدر جي لڙائي لاءِ سنبرڻ مهل سوپ جا طلبگار هيوَ تہ توهان ڏسي ورتو تہ توهان جي آڏو اسلام کي سوپ آئي ۽ جيڪڏهن مُڙي وڃو تہ اهو توهان جي واسطي پلو آهي ۽ جيڪڏهن توهان وري شرارت ڪئي تہ اسان توهان کي وري سزا ڏينداسين ۽ توهان کي توهان جو لشکر ڪو ڪم نہ ڏيندو چاهي ڪيترو بہ گهڻو هجي ۽ بيشڪ الله مومنن سان گڏ آهي (١٩)[2] اي ايمان وارو! الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪريو ۽ ان کان منهن نہ موڙيو جڏهن تہ

اوهان حق جو سڏ قرآن ٻڌو تا (٢٠) ۽ انهن ڪتاب وارن ۽ منافقن وانگر نہ ٿيو جن چيو تہ اسان ٻڌو جڏهن تہ اهي نٿا ٻڌن (٢١) بيشڪ الله وٽ سمورن ساهوارن مان بدترين اهي آهن جيڪي حق ٻڌڻ ۽ چوڙ ڪان ٻوڙا ۽ گونگا آهن جي ڪجهہ نہ سمجهندا آهن (٢٢) ۽ جيڪڏهن الله انهن ۾ ڪا ڀلائي ڄاڻي ها تہ انهن کي ضرور ٻُڌرائي ها ۽ جيڪڏهن ٻُڌرائي ها تڏهن بہ آخر ڪار منهن موڙي ڦري وڃن ها (٢٣) اي ايمان وارو! الله ۽ رسول جي سڏ تي حاضر ٿيو ڇوتہ رسول توهان کي ان شي لاءِ سڏي ٿو جيڪا توهان کي زندگي بخشيندي. ۽ ڄاڻي وٺو تہ الله جو حڪم ماڻهوءَ ۽ ان جي دلي ارادن جي وچ ۾ آڙ هوندو آهي ۽ يقينن توهان کي ان جي طرف گڏ ڪيڻو آهي (٢٤) ۽ ان فتني فساد کان ڊجندا رهو جيڪو توهان مان رڳو ظالمن کي ئي خاص طرح نہ پهچندو بلڪ عام هوندو. ڄاڻي ڇڏيو تہ الله جو عذاب سخت آهي (٢٥) ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان مڪي جي زمين ۾ ڪمزور ڪيل ۽ ٿورا هيوَ ۽ خوف ٿي ڪيوَ تہ متان ماڻهو توهان کي اغوا ڪري کڻي نہ وڃن. پوءِ الله توهان کي مديني ۾ پناهہ جي جاءِ ڏني ۽ پنهنجي مدد سان توهان کي سگهارو ڪيائين ۽ توهان کي پاڪ شين مان روزي ڏنائين تہ جيئن توهان شڪر ڪريو (٢٦) اي ايمان وارو! الله ۽ رسول سان ڪُپت نہ ڪريو ۽ نہ پنهنجن امانتن ۾ خيانت ڪريو ۽ توهان هن ڳالهہ کان اڻ واقف ڪونہ آهيو (٢٧) ۽ يقين ڪريو تہ توهان جو مال ۽ توهان جي اولاد سڀ آزمائش آهن ۽ بيشڪ الله ئي آهي جنهن وٽ وڏو ثواب آهي (٢٨)[3] اي ايمان وارو! جيڪڏهن الله کان ڊجندو تہ توهان کي حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ جي سمجهہ ڏيندو ۽ توهان جي برائين کي ميٽيندو ۽ توهان کي بخشي ڇڏيندو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٢٩) ۽ اي محبوب! ياد ڪر. جڏهن ڪافر مڪي ۾ تنهنجي خلاف سازش ڪري رهيا هئا جو يا تہ توکي سوگهو ڪن يا شهيد ڪن يا ملڪ نيڪالي ڏين ۽ انهن پنهنجي تجويز ڪئي ۽ الله بہ پنهنجي رِٽ ڪئي ۽ الله سڀني کان بهتر رٽ ڪندڙ آهي (٣٠) ۽ جڏهن انهن ڪافرن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائجن ٿيون تہ چوندا آهن تہ هائو اسان ٻڌو اسان گهرون تہ اسان بہ اهڙو ڪلام چئي ڏيڪاريون. هي تہ رڳو اڳين ماڻهن جون آکاڻيون آهن (٣١) ۽ ياد ڪر. جڏهن ڪافرن چيو تہ اي الله! جيڪڏهن اهو (قرآن) تنهنجي طرفان حق

آهي تہ اسان تي آسمان کان پٿر وساءِ يا اسان تي کو ڏکوئيندڙ عذاب آڻ (٣٢) اي محبوب! الله کي تہ ائين ڪرڻ نٿو جڳائي جو تون انهن ۾ موجود هجين ۽ اهو انهن کي عذاب ڪري ۽ نہ ئي الله انهن کي عذاب ڏيڻ وارو آهي جيستائين جو اهي بخشش گهري رهيا هجن (٣٣) ۽ هاڻي انهن کي الله ڇو سزا نہ ڏئي جڏهن تہ اهي ماڻهن کي مسجدالحرام کان روڪي رهيا آهن ۽ اهي ان جا وارث (متولي) ٿيڻ جا لائق نہ آهن ۽ پرهيزگارن کان سواءِ ٻيو ڪو ان جو متولي ٿيڻ جي لائق نہ آهي پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٣٤) ۽ ڪعبي وٽ انهن جي نماز سيٽيون وڄائڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي، پوءِ اي ڪافرو! هن ڪري جو ڪفر ڪندا آهيو سزا جو مزو چکو (٣٥) بيشڪ ڪافر پنهنجو مال هن لاءِ خرچ ڪندا آهن تہ جيئن ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪين، هاڻي تہ اهو خرچ ڪندا رهندا پر پوءِ ان تي پڇتائيندا جو اهي مغلوب ٿيندا، ۽ جن ڪفر ڪيو انهن کي جهنم ڏانهن گڏ ڪيو ويندو (٣٦) تہ جيئن الله پليت کي پاڪ کان جدا ڪري ڇڏي ۽ پليتن کي هڪ ٻئي سان گڏائي سمورن کي هڪ هنڌ جمع ڪري جهنم ۾ وجهي ڇڏي، اهي ئي نقصان وارا آهن (٣٧)[4] اي پيغمبر! ڪافرن کي چئو تہ جيڪڏهن اهي مُڙي وڃن تہ جيڪي ٿي گذريو سو انهن کي معاف ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن وري ويڑهہ ڪندا تہ اڳين جي اها عادت ۽ نتيجو بہ گذري چڪا آهن (٣٨) ۽ اي مومنو! انهن سان ايستائين لڙائي ڪريو جو ڪفر جو فتنو باقي نہ رهي ۽ سموري حڪومت الله جي ٿي وڃي، پوءِ جيڪڏهن اهي مُڙي وڃن تہ الله سندن ڪم ڏسندڙ آهي (٣٩) ۽ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين تہ يقين ڪريو تہ الله توهان جو سنياليندڙ آهي، اهو سٺو سنياليندڙ ۽ ٻلو مددگار آهي (٤٠) ۽ جيڪڏهن توهان الله تي ايمان آندو آهي ۽ ان تي جيڪو اسان پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي فيصلي جي ڏينهن نازل ڪيو جنهن ڏينهن ٻئي فوجون ٽڪرايون هيون تہ توهان کي جاڙ هجي تہ ڪافرن کان جو ڪجهہ غنيمت جو مال هٿ اچي تہ ان جو پنجون حصو خاص الله ۽ رسول ۽ پيغمبر جي ويجهڙن عزيزن مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي ۽ الله سڀ شي تي وس وارو آهي (٤١) جڏهن توهان وادي جي اورئين پر هئا ۽ ڪافر پرئين پر هيا ۽ قريشن جو قافلو توهان کان هيٺين پر هليو ويو هو ۽

جيڪڏهن توهان پاڻ ۾ انهن سان مقابلي لاءِ ڪو پروگرام طي ڪيو ها تہ بہ وقت تي اڳي پوءِ ٿي ويجو ها، پر الله کي اهو ڪم پورو ڪرڻو هيو جيڪو طي ٿيل هيو تہ جيڪو هلاڪ (گمراهہ) ٿئي تہ دليل سان هلاڪ ٿئي ۽ جيڪو زندهہ رهي (حق کي پروڙي) تہ دليل سان زندهہ رهي ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٤٢) اي محبوب! ياد ڪر، جڏهن الله توکي خواب ۾ ڪافر ٿورا ڪري ڏيکاريا پر جيڪڏهن اهي توهان کي گهٽا ڪري ڏيکاري ها تہ توهان مسلمان همت هاري ويهو ها ۽ ان معاملي ۾ هڪ ٻئي سان تڪرار ڪريو ها مگر الله توهان کي ان تڪرار کان بچائي ورتو بيشڪ الله دلين جي ڳالهہ ڄاڻندڙ آهي (٤٣) ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان هڪٻئي جي سامهون آيا تہ لڙائي جي وقت الله توهان کي ڪافر ٿورا ڪري ڏيکاريا ۽ توهان کي انهن ڪافرن جي نظرن ۾ ٿورو ڪري ڏيکاريائين تہ جيئن الله اهو ڪم پورو ڪري جيڪو ڪرڻو هو ۽ سمورا ڪم الله ڏانهن موٽايا ويندا (٤٤)[5] اي ايمان وارو! جڏهن ڪنهن ڪافر فوج سان توهان جو مقابلو ٿئي تہ ثابت قدم رهو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿيو (٤٥) ۽ الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پاڻ ۾ تڪرار نہ ڪريو ورنہ ڪمزور ٿي پوندو ۽ توهان جي ٻڌي هوا ٿي ويندي ۽ صبر ڪريو بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي (٤٦) ۽ انهن بدر وارن ڪافرن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجي گهران آڪڙجي ۽ ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نڪتا ۽ ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪڻ لڳا ۽ جيڪي ڪندا آهن سو الله جي قبضي ۾ آهي (٤٧) ۽ ياد ڪريو جڏهن شيطان (سراقہ بن مالڪ) انهن جي نظر ۾ سندن ڪم ڇڳا ڪري ڏيکاريا ۽ چيائين تہ اڄ توهان تي ڪوبہ شخص غالب اچڻ وارو نہ آهي ۽ مان توهان جو پرجهلو آهيان، پوءِ جڏهن ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا تہ اهو پوئين پيرين وٺي ڀڳو ۽ چوڻ لڳو تہ مان توهان کان بيزار آهيان، جيڪي مان ڏسان ٿو سو توهان کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي، مان الله کان ڊڄان ٿو ۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي (٤٨)[6] ياد ڪريو جڏهن منافقن ۽ اهي جن جي دلين ۾ فتور هيو تن چيو تہ هنن مسلمانن کي پنهنجي دين مغرور ڪيو آهي، پر جيڪو الله تي پروسو رکي تہ پوءِ بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي (٤٩) ۽ جيڪڏهن توهان اها حالت ڏسو جنهن مهل ملائڪ ڪافرن

جو ساهه ڪيندا آهن ۽ انهن کي منهن ۾ پنيءَ تي ڏڪ هٽندا آهن ته عجب ڪريو ۽ چوندا اٽن ته باهه جي سزا جو مزو چکو (۵۰) هي انهيءَ ڪري آهي جيڪو توهان جي هٿن اڳتي موڪليو آهي جڏهن ته الله بانهن تي ظلم نه ڪندو آهي (۵۱) انهن مڪي وارن جو حال فرعونين جهڙو ۽ انهن جهڙو آهي جيڪي انهن کان اڳ هيا. اهي الله جي آيتن جا منڪر ٿيا ته الله انهن کي سندن گناهن جي سبب پڪڑيو. بيشڪ الله سگهارو سخت سزا ڏيندڙ آهي (۵۲) اهو ان ڪري آهي ته الله ڪنهن قوم کي جيڪا نعمت ڏيندو آهي سا ايستائين نه مٽائيندو آهي جيستائين جيڪو انهن جي دلين ۾ آهي سو پاڻ نه مٽائين ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۵۳) انهن مڪي وارن جو حال فرعونين جهڙو ۽ جيڪي انهن کان اڳ هيا تن جهڙو آهي جو انهن پنهنجي رب جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ته انهن کي انهن جي گناهن سبب تباهه ڪيوسين ۽ اسان فرعون وارن کي ٻوڙي ڇڏيو ۽ اهي سمورا ظالم هئا (۵۴) بيشڪ سمورن ساهوارن مان الله وٽ بدترين اهي آهن جن ڪفر ڪيو ۽ ايمان نٿا آڻين (۵۵) اي پيغمبر! اهي جن سان تو معاهدو ڪيو آهي ۽ پوءِ اهي بار بار پنهنجو عهد ٽوڙن ٿا ۽ ڊڄن نٿا (۵۶) پوءِ جيڪڏهن تون انهن کي لڙائي ۾ ڪٽي ڏسين ته انهن کي اهڙي سزا ڏي جنهن سان انهن جا حمايتي به هنن کي ڀڄندو ڏسي پوئين پيرين ڀڄن ته شايد اهي عبرت وٺن (۵۷) ۽ جيڪڏهن توهان کي ڪنهن قوم کان دغا جو انديشو هجي ته معاهدي جي مدت پوري ٽيڙ مهل انهن ڏانهن سنئون سڏو بيزاري جو اطلاع ڪريو. بيشڪ الله دغابازن کي دوست نه رکندو آهي (۵۸)[7] ۽ ڪافر هرگز هن گهمنڊ ۾ نه رهن ته اهي هٿن مان نڪري ويا. بيشڪ اهي ٽڪائي نٿا سگهن (۵۹) ۽ اي مسلمانو! جيترو توهان کان ٿي سگهي انهن جي خلاف هٿيارن جي سگهه ۽ گهوڙن کي تياري ڪري رکو جيئن ان سان الله جي دشمنن ۽ پنهنجي دشمنن جي دلين ۾ ۽ انهن کان سواءِ ٻين جي دلين ۾ جن کي اوهان نٿا سڃاڻو ڏاڪ ڄمائي سگهو. الله انهن کي جاڻي ٿو. ۽ الله جي راهه ۾ جيڪي خرچ ڪندو توهان کي پورو پورو اجر ملندو ۽ توهان سان زيادتي نه ٿيندي (۶۰) ۽ جيڪڏهن اهي صلح جي طرف جهڪن ته توهان به راضي ٿيو ۽ الله تي ڀروسو رکو. بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۶۱) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن

اهي توکي ڏوکو ڏيڻ چاهين تہ پوءِ بيشڪ الله توکي ڪافي (مددگار) آهي، اهوئي آهي جنهن توکي پنهنجي مدد ۽ مومنن سان سگهہ ڏني آهي (٦٢) ۽ انهن مومنن جي دلين ۾ محبت پيدا ڪيائين، جيڪڏهن تون اهو سمورو جيڪو زمين ۾ آهي خرچ ڪرين ها تہ بہ انهن جون دليون نہ ملائي سگهين ها پر الله انهن جون دليون ڳنڍي ڇڏيون، بيشڪ اهوئي غالب حڪمت وارو آهي (٦٣)[8] اي نبي! توکي ۽ پٺ هي جيترا مومن تنهنجا پيروڪار آهن تن کي الله ڪافي آهي (٦٤) اي نبي! مومنن کي جهاد جي ترغيب ڏي، اي مسلمانو! جيڪڏهن توهان مان ويهہ صبر وارا هوندا تہ ٻن سون تي غالب ٿيندا ۽ جيڪڏهن توهان مان هڪ سو هوندا تہ ڪافرن جي هزار تي غالب ايندا، ڇوتہ اهي اهڙا ماڻهو آهي جيڪي نٿا سمجهن (٦٥) هاڻي الله توهان تان بار هلڪو ڪيو آهي ۽ ان کي معلوم آهي تہ توهان ۾ ڪمزوري آهي، پوءِ جيڪڏهن توهان مان هڪ سو صبر وارا هوندا تہ ٻن سون تي غالب ايندا ۽ جيڪڏهن توهان مان هزار هوندا تہ الله جي حڪمت سان ٻن هزارن تي غالب ايندا ۽ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي (٦٦) ڪنهن نبي کي اهو نٿو جڳائي جو ڪافرن کي زندهہ قيد ۾ رکي بلڪ زمين تي انهن جو خوب رت وهايو، مسلمانو! توهان ماڻهو دنيا جو مال گهرو ٿا ۽ الله آخرت جو ثواب ڏيڻ چاهي ٿو ۽ الله زبردست دانا ء آهي (٦٧) جيڪڏهن الله پهريائين کان توهان کي عذاب نہ ڪرڻ جو نہ لکي ڇڏيو هجي ها تہ اي مسلمانو! توهان ڪافرن کان جيڪو بدلي جو مال ورتو ان ۾ توهان تي وڏو عذاب اچي ها (٦٨) هاڻي جيڪو غنيمت جو مال توهان کي مليو آهي اهو حلال پاڪيزه سمجهي کائو ۽ الله کان ڊجندا رهو بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٦٩)[9] اي نبي! جيڪي قيدي توهان جي هٿن ۾ آهن انهن کي چئو تہ جيڪڏهن الله توهان جي دلين ۾ چڱائي ڏني تہ جيڪي توهان کان فديو ورتو ويو آهي توهان کي ان کان بهتر ڏيندو ۽ توهان کي معاف ڪندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧٠) اي محبوب! جيڪڏهن اهي توسان دغا ڪرڻ چاهيندا تہ ان کان اڳ ۾ الله سان بہ خيانت ڪري چڪا آهن، پوءِ انهن کي قابو ڪرايائين، الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٧١) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ الله جي واسطي گهرٻار ڇڏيائون (هجرت ڪيائون) ۽ الله جي راهہ ۾ پنهنجي مال ۽ جان سان جهاد

ڪيائون ۽ اهي انصاري جن مهاجرن کي مديني ۾ جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي هڪٻئي جا دوست آهن ۽ اهي جن ايمان آندو پر هجرت نہ ڪيائون تہ جيستائين هجرت نہ ڪن توهان کي انهن جي مدد ڪرڻ لازم ڪونهي، البت جيڪڏهن اهي دين ۾ توهان کان مدد گهرن تہ اهڙي قوم کان سواءِ جو توهان ۾ ۽ انهن ۾ معاهدو ٿيل هجي ٻين خلاف انهن جي مدد ڪرڻ توهان تي واجب آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٧٢) ۽ جيڪي ڪافر آهن اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن، جيڪڏهن توهان مسلمان پاڻ ۾ ائين دوستي نہ ڪندو تہ زمين ۾ فتنو ۽ وڏو فساد ٿيندو (٧٣) ۽ اهي جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيائون ۽ جن مهاجرن کي مديني ۾ جاءِ ڏني ۽ مدد ڪئي اهي ئي (انصار ۽ مهاجر) سچا ايمان وارا آهن، انهن جي لاءِ بخشش ۽ عزت جي روزي آهي (٧٤) ۽ جن بعد ۾ ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ توهان سان گڏ جهاد ڪيائون اهي بہ توهان مان آهن ۽ باقي الله جي حڪم موجب حقي مائٹ ئي هڪٻئي جي ميراث جا وڌيڪ حقدار آهن، بيشڪ الله سڀ ڪنهن شي کي ڄاڻندڙ آهي (٧٥)[10]

***

سورت توبہ مدني آهي، هن ۾ 129 آيتون ۽ 16 رڪوع آهن.

جن مشرڪن سان توهان معاهدو ڪيو ۽ اهي ان تي قائم نہ رهيا تن ڏانهن الله ۽ ان جي رسول جي طرف کان معاهدي جي دستبرداري جو اعلان آهي (١) پوءِ اي مشرڪو! ملڪ ۾ چار مهينا گهمي ڦري وٽو ۽ يقين رکو تہ توهان الله کي ٽڪائي نٹا سگهو ۽ ڄاڻو تہ الله ڪافرن کي خوار ڪرڻ وارو آهي (٢) الله ۽ ان جي رسول جي طرف کان سمورن ماڻهن ۾ حج اڪبر جي ڏينهن اعلان آهي تہ الله ۽ ان جو رسول مشرڪن کان بيزار آهن، پوءِ جيڪڏهن شرارتن کان توبہ ڪريو تہ توهان لاءِ ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرينداتہ پوءِ ڄاڻي ڇڏيو تہ توهان الله کي عاجز نٹا ڪري سگهو، ۽ اي پيغمبر! ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (٣) مگر اهي مشرڪ جن سان توهان جو معاهدو آهي ۽ انهن توهان سان عهد پاڻڙ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪئي آهي ۽ توهان جي خلاف ڪنهن جي مدد بہ

نہ ڪيائون تہ انهن سان ڪيل معاهدو طئي ٿيل مدت تائين پورو ڪيو بيشڪ الله پرهيزگارن کي دوست رکندڙ آهي (٤) پوءِ جن مهينن ۾ لڙائي حرام آهي جڏهن اهي مهينا گذري وڃن تہ مشرڪن کي جتي ٻہ ڏسو قتل ڪريو ۽ انهن کي پڪڙيو ۽ انهن جو گهيراء ڪريو ۽ هر جاءِ تي انهن جي تاڙ ۾ ويهو. پوءِ جيڪڏهن اهي توبهہ ڪن ۽ نماز ادا ڪن ۽ زڪوات ڏين تہ انهن جو رستو روڪڻ ڇڏي ڏيو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٥) ۽ اي محبوب! جيڪڏهن ڪو مشرڪ توهان کان پناهہ گهري تہ ان کي پناهہ ڏيو جو اهو الله جو ڪلام ٻڌي. پوءِ ان کي امن جي جاءِ تي پهچائي ڇڏيو اهو هن لاءِ تہ اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي حقيقت نٿا سمجهن (٦) جن سان توهان جو مسجدالحرام ويجهو (حديبيہ وٽ) معاهدو ٿيو انهن کان سواءِ ٻين مشرڪن جي لاءِ الله ۽ ان جي رسول وٽ ڪوبہ عهد ڪيئن ثابت ٿي سگهي ٿو پوءِ اهي معاهدي وارا جيستائين توهان سان عهد تي قائم رهن تہ توهان ٻہ انهن جي لاءِ عهد تي قائم رهو. بيشڪ الله پرهيزگارن کي دوست رکندو آهي (٧) پلا مشرڪ معاهدي تي ڪيئن قائم رهندا. جيڪڏهن اهي توهان تي غالب اچن تہ نہ مائٽي جو لحاظ ڪندا ۽ نہ عهد جو خيال ڪندا. توهان کي پنهنجي زبان سان رڳو راضي ڪندا آهن ۽ انهن جي دلين ۾ انڪار آهي ۽ انهن مان گهڻا ماڻهو بي فرمان آهن (٨) الله جي آيتن کي ٿوري ملهہ تي وڪيائون. پوءِ ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪڻ لڳا. بيشڪ اهي جيڪي ڪن ٿا اهو ٻُرو آهي (٩) ڪنهن مومن بابت نہ مائٽي جو لحاظ ۽ نہ عهد جو خيال ڪندا آهن ۽ اهي ئي حد کان لنگهندڙ آهن (١٠) پوءِ جيڪڏهن اهي ڪفر کان توبهہ ڪن ۽ نماز ادا ڪن ۽ زڪوات ڏين تہ اهي توهان جا ديني ڀائر ٿي ويا ۽ اسان ڄاڻ رکڻ وارن ماڻهن لاءِ آيتون کولي بيان ڪريون ٿا (١١) ۽ جيڪڏهن عهد ڪري پنهنجا قسم ٽوڙن ۽ توهان جي دين تي ٽوڪ ڪن تہ پوءِ ڪفر جي اڳواڻن سان لڙائي ڪيو تہ مَن اهي مڙي وڃن. ڇوتہ انهن جي قسمن جو ڪو پروسو نہ آهي (١٢) اي مسلمانو! توهان ان قوم سان لڙائي ڇو نٿا ڪريو جنهن پنهنجا قسم ٽوڙيا ۽ الله جي رسول کي شهر مان ڪڍڻ جو ارادو ڪيائون ۽ شروع کان ئي اوهان سان اڳرائي انهن کان ٿي آهي. ڇا انهن کان ڊڄو ٿا. پوءِ جيڪڏهن مومن آهيو تہ الله وڌيڪ حقدار آهي جو ان کان ڊڄو (١٣)

انهن سان لڙائي ڪريو تہ الله کين توهان جي هٿان سزا ڏيندو ۽ کين خوار ڪندو ۽ توهان کي انهن تي سوپ ڏيندو ۽ ايمان وارن جي دل کي تسڪين بخشيندو (١٤) ۽ انهن جي دلين مان ڪاوڙ ختم ڪندو ۽ الله جنهن کي وٺيس بخشي ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٥) اي مسلمانو! ڇا توهان ان گمان ۾ آهيو تہ توهان کي جهاد جي تڪليف کان ڇڏيو ويندو. حقيقت ۾ جن توهان مان جهاد ڪيو ۽ الله ۽ ان جي رسول ۽ مسلمانن کان سواءِ ڪنهن کي پنهنجو رازدار بہ نہ بڻايائون تن کي الله اڃا نہ آزمايو آهي ۽ توهان جيڪي ڪندا آهيو الله ان جي خبر رکندڙ آهي (١٦)[2] پاڻ تي ڪفر جي شاهدي ڏيندي مشرڪن کي حق نہ آهي جو الله جون مسجدون آباد ڪن ڇوتہ اِهي اُهي آهن جن جا سمورا عمل ڇٽ ٿي ويا ۽ اهي سدائين باهہ ۾ رهڻ وارا آهن (١٧) الله جي مسجدن کي تہ آباد ڪرڻ جو فقط انهن کي حق آهي جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکندا آهن ۽ نماز ادا ڪندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کان نہ ڊڄندا آهن. پوءِ اميد آهي تہ اهي ماڻهو هدايت وارن مان آهن (١٨) اي مشرڪو! توهان جو رڳو حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ مسجدالحرام جي خدمت ڪرڻ ان شخص جي عملن جي برابر آهي ڇا جنهن الله ۽ قيامت تي ايمان آندو ۽ الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيائين. اهي ٻئي الله وٽ برابر نہ آهن ۽ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نہ ڪندو آهي (١٩) جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ پنهنجي مال ۽ جان سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيائون. الله وٽ انهن جو وڏو درجو آهي ۽ اهي ئي ڪامياب آهن (٢٠) انهن جو رب انهن کي پنهنجي رحمت ۽ پنهنجي رضا جي خوشخبري ڏئي ٿو ۽ انهن باغن (بهشت) جي خوشخبري ڏئي ٿو جن ۾ انهن جي لاءِ دائمي نعمتون آهن (٢١) سدائين ان ۾ رهڻ وارا آهن. بيشڪ الله وٽ وڏو ثواب آهي (٢٢) اي ايمان وارو! پنهنجن پيئرن ۽ پنهنجن ڀائرن کي جيڪڏهن اهي ايمان جي بجاءِ ڪفر کي پسند ڪن تہ دوست نہ سمجهو ۽ توهان مان جيڪي انهن سان ويجهڙائپ رکندا تہ اهي ئي ظالم آهن (٢٣) اي پيغمبر! مسلمانن کي چئو تہ جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جو اولاد ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جو ڪٽنب ۽ توهان جو ڪمايل مال ۽ واپار جنهن جي نقصان جو توهان کي ڀئو آهي ۽ توهان جي پسند جون

جايون اهي سڀ الله ۽ ان جي رسول ۽ ان جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پيارا آهن تہ پوءِ انتظار ڪريو تان جو الله پنهنجو حڪم (عذاب) آڻي ۽ الله ڏوهارين کي هدايت نہ ڏيندو آهي (٢٤)[3] اي مسلمانو! بيشڪ الله توهان کي گهڻن موقعن تي سوڀ ڏني ۽ حنين جي ڏينهن ۾ توهان جي مدد ڪئي جڏهن تہ توهان پنهنجي گهڻائي تي آکڙ ڪئي، پوءِ اها گهڻائي توهان کان ڪجهہ ۾ ٽاري نہ سگهي ۽ زمين پنهنجي ايڏي ڪشادگي جي باوجود توهان تي سوڙهي ٿي وئي، پوءِ توهان پٺي ڏئي ڦري ويوَ (٢٥) پوءِ الله پنهنجي رسول تي ۽ مومنن تي پنهنجي پار کان سڪون لاٿو ۽ اهي لشڪر لاٿائين جيڪي توهان نہ ڏٺا ۽ ڪافرن کي سزا ڏنائين ۽ منڪرن جي اهائي سزا آهي (٢٦) وري ان کان پوءِ الله جنهن کي وٽيس بخشي ٿو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٧) اي ايمان وارو! مشرڪ تہ سخت پليت آهن سو هن سال کان پوءِ اهي مسجدالحرام جي ويجهو نہ اچن ۽ جيڪڏهن توهان کي سڃائي جو انديشو هجي تہ الله جيڪڏهن گهري تہ پنهنجي مهرباني سان سگهو توهان کي آسودو ڪري ڇڏيندو بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٢٨) اهي جن کي ڪتاب ڏنو ويو انهن مان جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان نٿا رکن ۽ الله ۽ سندس رسول جي حرام ڪيل شين کي حرام نٿا ڄاڻن ۽ سچي دين جا تابعدار نٿا ٿين انهن سان ايستائين لڙائي ڪريو جو ذليل ٿي جزيو ڏين ۽ انهن جي سرڪشي ختم ٿي وڃي (٢٩)[4] ۽ يهودي چون ٿا تہ عزير الله جو پٽ آهي ۽ عيسائي (نصارا) چون ٿا تہ مسيح (عيسيٰ) الله جو پٽ آهي، اهي پنهنجي منهن (زبان) سان اڳين ڪافرن وانگر ڳالهيون گهڙين ٿا ۽ بڪن ٿا، الله انهن کي تباهہ ڪري، ڪاڏي اونڌي منهن وڃن ٿا (٣٠) انهن پنهنجي پادرين (عالمن) ۽ جوڳين (راهبن) کي ۽ عيسيٰ بن مريم کي الله کان سواءِ معبود ٺاهي ورتو آهي جڏهن تہ انهن کي فقط هڪ الله جي عبادت ڪرڻ کان سواءِ ٻيو حڪم نہ هو جنهن کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي، اهو انهن جي شريڪن کان پاڪ آهي (٣١) اهي چاهن ٿا تہ الله جي نور (دين) کي پنهنجي ڦوڪ سان وِسائين ۽ الله تہ پنهنجي نور (دين) کي ڪامل ڪرڻ کان سواءِ نہ رهندو توڙي جو ڪافر ارها ٿين (٣٢) اهو الله ئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان هن لاءِ موڪليو تہ انهيءَ کي

سمورن دينن تي غالب ڪري. توڙي جو مشرڪن کي ڏکيو لڳي (٣٣) اي ايمان وارو! ڪتاب وارن جي عالمن (پادرين) ۽ فقيرن (راهبن) مان گھڻا ماڻھن جو مال نڳي سان کائيندا آھن ۽ ماڻھن کي الله جي راھ ڪان روڪيندا آھن ۽ جيڪي سون ۽ چاندي گڏ ڪري رکن ٿا ۽ ان کي الله جي راھ ۾ خرچ نٿا ڪن. انھن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ٻڌايو (٣٤) جنھن ڏينھن سندن اھو مال جھنم جي باھ ۾ تپايو ويندو پوءِ ان سان سندن پيشانين ۽ پاسن ۽ پٺين کي ڏنب ڏنا ويندا ۽ چيو ويندن تہ ھي اھو خزانو آھي جيڪو توھان پنھنجي لاءِ گڏ ڪري رکيو ھو. ھاڻي انھيءَ جو مزو چکو جيڪو توھان گڏ ڪري رکيو ھو (٣٥) بيشڪ جڏھن ڪان الله آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آھي مھينن جو ڳاڻاٽو الله وٽ ۽ الله جي ڪتاب ۾ ٻارھن مھينا آھي. انھن مان چار مھينا حرمت وارا آھن. ھي پکو دين آھي پوءِ انھن مھينن ۾ پاڻ تي ظلم نہ ڪجو پر سيني مشرڪن سان گڏجي لڙائي ڪريو جيئن اھي بہ توھان سان گڏ ٿي لڙندا آھن ۽ ڄاڻي ڇڏيو تہ الله پرھيزگارن سان گڏ آھي (٣٦) مشرڪن طرفان انھن مھينن کي اڳتي پنتي ڪري لُنڊو مھينو وجھڻ رڳو ڪفر ۾ واڌارو ڪرڻ آھي. ان سان ڪافر گمراھ ٿيندا آھن. ھڪ سال ان مھيني کي حلال ڳڻيندا آھن ۽ ٻئي سال ان کي حرام ڳڻيندا آھن تہ جيئن الله جي حرام ڪيل مھينن جي ڳڻپ برابر ٿي وڃي ۽ ائين الله جي حرام ڪيل کي حلال ڪري وٺن ٿا. انھن جا برا ڪم انھن جي نظرن ۾ چڱا لڳن ٿا ۽ الله ڪافر ٽولي کي ھدايت نہ ڏيندو آھي (٣٧)[5] اي ايمان وارو! توھان کي ڇا ٿيو آھي جو جڏھن توھان کي الله جي راھ ۾ جھاد ڪرڻ لاءِ نڪرڻ جو چيو وڃي ٿو تہ بار سمجھي زمين تي ويھي رھو ٿا. ڇا توھان آخرت جي عيوض دنيا جي زندگي پسند ڪري ورتي آھي ۽ ياد رکو تہ دنيا جي زندگي جو سامان تہ آخرت جي زندگي سامھون ٿورڙي ڪان سواءِ ڪجھ نہ آھي (٣٨) ۽ جيڪڏھن جھاد لاءِ نہ نڪرندو تہ الله توھان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو ۽ توھان جي جاءِ تي ٻيا ماڻھو آڻيندو ۽ توھان ان جو ڪو نقصان نٿا ڪري سگھو ۽ الله سڀ ڪنھن شي تي وس وارو آھي (٣٩) جيڪڏھن توھان ان (پيغمبر) جي مدد نہ ڪندو تہ بيشڪ الله ان جي اڳ مدد ڪئي ھئي. جڏھن ڪافرن ان کي مڪي مان ٻاھر ڪڍيو ھو تہ بن مان ھڪڙو

پاڻ هو جڏهن اهي ٻئي غار ۾ اندر هئا تڏهن پنهنجي دوست کي چيائين ته الکو نه ڪر بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي، پوءِ الله ان تي پنهنجو سڪون لاٿو ۽ ان جي اهڙي فوج سان مدد ڪيائين جيڪا اوهان نه ڏٺي ۽ ڪافرن جي ڀَالهه هيٺ ڪري ڇڏيائين ۽ الله جي ئي ڀَالهه هميشهه مٿي آهي ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي (٤٠) هلڪائي سمجهي يا دل تي بار سمجهي هرحال ۾ نڪري پئو ۽ پنهنجي مال ۽ جان سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪريو جيڪڏهن اوهان کي سمجهه هجي ته اهو جهاد توهان جي لاءِ بهتر آهي (٤١) اي پيغمبر! جيڪڏهن سامان هلڪو هجي يا سفر سولو هجي ها ته منافق ضرور تنهنجي پٺيان لڳن ها پر انهن کي تبوڪ جو پنڌ پري نظر آيو ۽ هاڻي الله جو قسم کڻندا ۽ چوندا ته اسان طاقت سمجهون ها ته ضرور توهان سان گڏ هلون ها. منافقي سبب پنهنجو پاڻ کي تباهه ڪن ٿا ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ اهي ڪوڙا آهن (٤٢)[6] اي محبوب! الله توکي معاف ڪيو جيستائين تو وٽ سچا پڌرا ٿين ها ۽ ڪوڙن کي ڄاڻين ها تو انهن کي موڪل ڇو ڏني (٤٣) ۽ جيڪي الله ۽ قيامت تي ايمان رکن ٿا سي پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪرڻ کان توکان موڪل نٿا گهرن ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي (٤٤) جيڪي الله ۽ قيامت تي ايمان نٿا رکن ۽ انهن جون دليون شڪ ۾ پيون آهن انهن کان سواءِ ٻيا توکان موڪل نٿا گهرن، پوءِ اهي پنهنجي شڪ ۾ حيران پريشان آهن (٤٥) ۽ جيڪڏهن اهي نڪرڻ گهرن ها ته ان جي لاءِ تياري ضرور ڪن ها پر الله کي انهن جو جهاد تي وڃڻ پسند نه هو سو انهن کي توفيق نه ڏنائين ۽ چيو وين ته ويهي رهندڙن سان گڏ ويهي رهو (٤٦) جيڪڏهن اهي منافق توهان سان گڏجي نڪرن ها ته اوهان ۾ شرارت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه وڌائين ها ۽ توهان ۾ فتنو وجهڻ جي لاءِ توهان جي وچ۾ ڏوندبيون ڏوڙائن ها ۽ توهان ۾ انهن جا کي جاسوس آهن ۽ الله ظالمن کي خوب ڄاڻندڙ آهي (٤٧) بيشڪ انهن ته اڳيئي اُحد ۾ فتنو سوچيو هو ۽ اي محبوب! تنهنجي خلاف بچڙيون صلاحون ڪيائون ايستائين جو الله جي مدد آئي ۽ الله جو حڪم غالب ٿيو جڏهن ته انهن کي پسند نه هو (٤٨) ۽ انهن مان ڪو چوي ٿو ته مون کي موڪل ڏي ۽ مون کي آزمائش ۾ نه وجهه. خبردار! اهي پاڻ اڳيئي فتني ۾ پيل آهن. بيشڪ جهنم ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي (٤٩) اي پيغمبر!

جيڪڏهن توکي ڪو سک ملندو آهي تہ انهن کي تڪليف ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن توکي تڪليف پهچندي آهي تہ چوندا آهن تہ اسان اڳيئي پنهنجو ڪم سنياليو ورتو ۽ خوشيون ڪندا ڦرندا آهن (۵۰) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪو الله اسان جي لاءِ لکي ڇڏيو آهي ان کان سواءِ اسان کي ڪڏهن بہ ٻيو ڪجهہ نہ پهچندو. اهوئي اسان جو مالڪ آهي ۽ مومنن کي الله تي ئي پروسو رکڻ گهرجي (۵۱) اي پيغمبر! منافقن کي چئو تہ توهان اسان لاءِ ٻن چڱاين مان صرف هڪڙي (فتح يا شهادت) جو انتظار ڪريو ٿا ۽ اسان هن انتظار ۾ آهيون تہ الله توهان کي پاڻ وٽان عذاب ڏي يا اسان جي هٿان سزا ڏئي. پوءِ اوهان انتظار ڪريو ۽ اسان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون (۵۲) اي پيغمبر! چئو تہ اي منافقو دل سان خرچ ڪريو يا بي دلي سان توهان کان هرگز قبول نہ ٿيندو. ڇوتہ توهان بي فرمان ماڻهو آهيو (۵۳) ۽ انهن جو خرچ ڪرڻ هن ڪري قبوليت کان روڪيو ويو آهي جو اهي الله ۽ سندس رسول جا منڪر آهن ۽ نماز تي ڀڳي دل کان سواءِ نہ ايندا آهن ۽ بي دلي سان خرچ ڪندا آهن (۵۴) پوءِ انهن جو مال ۽ انهن جو اولاد توکي عجب ۾ نہ وجهي. الله تہ اهو گهري ٿو تہ دنيا جي زندگي ۾ انهن شين سان انهن تي وبال وجهي ۽ ڪفر جي حالت ۾ ئي انهن جو ساهہ نڪري وڃي (۵۵) ۽ الله جا قسم کڻن ٿا تہ اهي توهان مان آهن حالانڪ اهي توهان منجهان نہ آهن. پر اهي ڊڄڻا ماڻهو آهن (۵۶) جيڪڏهن ڪا پناهہ جي جاءِ يا غار يا ڪا بي لِڪي وڃڻ جي جاءِ لهن ها تہ زور ڪري اوڏانهن ڊڪندا وڃن ها (۵۷) ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جيڪي صدقي ورهائڻ ۾ توتي اعتراض ڪن ٿا. پوءِ جيڪڏهن ان مان انهن کي ڪجهہ ملي ٿوتہ راضي ٿي وڃن ٿا ۽ جي نٿو ملي تہ پوءِ اهي ناراض ٿين ٿا (۵۸) ۽ انهن لاءِ ڪهڙو نہ چڱو هجي ها جيڪڏهن اهي ان تي راضي ٿين ها جيڪو الله ۽ سندس رسول انهن کي ڏنو هو ۽ چون ها تہ اسان کي الله ڪافي آهي ۽ الله ۽ الله جو رسول اسان کي پنهنجي فضل سان ڏيندا. اسان الله جي ئي فضل جا اميدوار آهيون (۵۹)[7] صدقا (زڪواتون) تہ فقط فقيرن ۽ مسڪينن ۽ ان جي اوڳاڙي ڪندڙن ۽ نون مسلمانن جي دلين ۾ اسلام جي محبت پيدا ڪرڻ ۽ ٻانهن جي آزاد ڪرائڻ ۽ قرضي ماڻهن ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ وارن ۽ مسافرن لاءِ آهن. اهو الله جي

طرفان حڪم ٿيل آهي ۽ الله جاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٦٠) ۽ انهن منافقن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي پيغمبر کي ستائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته اهو ته ڪنن جو ڪچو (پرٻڌڙيو) آهي. اي پيغمبر! کين چئو ته پرٻڌڙيو توهان جي لاءِ پلو آهي. الله تي ايمان رکي ٿو ۽ مومنن جي ڀالهه تي يقين ڪري ٿو ۽ جيڪي توهان مان مومن آهن انهن جي لاءِ رحمت آهي. ۽ جيڪي الله جي رسول کي تڪليف ڏين ٿا انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٦١) ۽ اي مسلمانو! منافق توهان جي سامهون الله جو قسم کڻندا آهن ته جيئن توهان کي راضي ڪري وٺن. جيڪڏهن ايمان وارا آهن ته الله ۽ رسول جو حق وڌيڪ آهي جو انهن کي راضي ڪن (٦٢) نه جاڻندا آهن ڇا ته جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندو ته ان جي لاءِ جهنم جي باهه آهي جو هميشهه ان ۾ رهندو. اهائي وڏي خواري آهي (٦٣) منافق ڊڄن ٿا ته متان انهن مسلمانن تي ڪا اهڙي سورت لهي جيڪا انهن منافقن جي دلين ۾ لکل ڀالهه ظاهر ڪري. اي پيغمبر! کين چئو ته پلي ٺٺولي ڪريو بيشڪ الله اها ڀالهه ضرور ظاهر ڪندو جنهن جو توهان کي انديشو آهي (٦٤) ۽ اي محبوب! جيڪڏهن تون انهن کان پڇين ته چوندا ته اسان ته ائين ئي کل پوڳ ٿي ڪيو کين چئو ته ڇا! الله ۽ ان جي آيتن ۽ سندس رسول سان مسخري ٿا ڪريو (٦٥) بهانا نه ٺاهيو توهان مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ڪفر اختيار ڪيو آهي. جيڪڏهن توهان مان هڪڙن کان ٻارو ڪنداسين ته ٻين کي هن ڪري سزا ڏينداسين جو اهي ڏوهي هئا (٦٦)[8] منافق مرد ۽ منافق عورتون هڪ ئي سِڪي جا ٻه پاسا آهن جيڪي برائي جو حڪم ڏيندا آهن ۽ چڱائي کان منع ڪندا آهن ۽ پنهنجا هٿ خيرات ڏيڻ کان بند رکندا آهن. انهن الله کي وساريو آهي ته الله ٻه انهن کي وساري ڇڏيو. بيشڪ منافق ئي پڪا نافرمان آهن (٦٧) الله منافق مردن ۽ منافق عورتن سان ۽ ڪافرن سان جهنم جي باهه جو انجام ڪيو آهي جنهن ۾ اهي سدائين رهڻ وارا آهن. اهوئي انهن لاءِ گهٽو آهي. ۽ الله انهن تي لعنت ڪئي آهي ۽ انهن جي لاءِ هميشهه رهڻ وارو عذاب آهي (٦٨) اي منافقو! اوهان ٻه اهڙا ٿيا آهيو جيڪي اوهان کان اڳ هيا. اهي توهان کان طاقت ۾ وڌيڪ ۽ مال ۽ اولاد ۾ توهان کان گهٽا هئا. پوءِ انهن پنهنجي پاڳي جو نفعو ورتو توهان ٻه پنهنجي پاڳي جو نفعو ماڻيو جيئن توهان کان اڳين پنهنجي

حصي جو نفعو ورتو هو ۽ توهان ۾ انهن وانگر اجاين بحثن ۾ پئجي ويا آهيو جيئن اهي اجاين بحثن ۾ پيا هئا. دنيا ۽ آخرت ۾ انهن جا عمل چٽ ٿي ويا. اهي ئي ماڻهو نقصان وارا آهن (٦٩) ڇا انهن وٽ پاڻ کان اڳين ماڻهن جي خبر نه آئي آهي جيڪي نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم ۽ ابراهيم جي قوم ۽ مدين وارا ۽ انهن ڳوٺن وارا هيا جيڪي اونڌا ڪيا ويا. انهن جا رسول وٽن پڌرن معجزن سان آيا تہ نہ مڃيائون. پوءِ الله جو شان نہ هو جو انهن تي ظلم ڪري ها. پر انهن پنهنجو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو (٧٠) ۽ مومن ۽ مومنياڻيون هڪٻئي جا ساٿي مددگار آهن. چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ برائي کان منع ڪندا آهن ۽ نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ الله ۽ سندس رسول جو حڪم مڃيندا آهن. اِهي اُهي آهن جن تي سِگهو الله ٻاجهه ڪندو. بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي (٧١) مومنن ۽ مومنياڻين سان الله باغن (بهشت) جو واعدو ڪيو آهي جن جي هيٺان نهرون جاري آهن. انهن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن ۽ هميشهه رهڻ وارن باغن ۾ رهڻ جي پاڪ جاين جو ۽ انجام اٽن. الله جو راضپو سڀ کان وڏي شي آهي. اهائي وڏي ڪاميابي آهي (٧٢)[9] اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن تي سختي ڪر جو انهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ اها بيڇڙي جاءِ آهي (٧٣) الله جو قسم کڻي منافق چون ٿا تہ انهن ڪجهه نہ چيو آهي. بيشڪ انهن ڪفر جي ڳالهه ٻڌي آهي ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ وري ڪفر ڪيائون ۽ جنهن کي پهچي نہ سگهيا ان لاءِ زور لاتائون ۽ اهي رڳو هن ڳالهه جو بدلو وٽن ٿا تہ الله پنهنجي فضل سان ۽ سندس رسول غنيمت جي مال سان انهن (مسلمانن) کي شاهوڪار ڪري ڇڏيو. پوءِ جيڪڏهن اهي توبهه ڪن تہ انهن لاءِ ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين تہ الله انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سخت عذاب سان سزا ڏيندو ۽ زمين ۾ نہ ڪو انهن جو حمايتي ۽ نہ مددگار هوندو (٧٤) انهن مان کي اهڙا آهن جن الله سان عهد ڪيو تہ جيڪڏهن اهو اسان کي پنهنجي فضل سان مال دولت ڏيندو تہ اسان ضرور خيرات ڪنداسين ۽ اسان ضرور چڱا ماڻهو ٿينداسين (٧٥) پوءِ جڏهن الله انهن کي پنهنجي فضل سان مال ڏنو تہ ان ۾ بخيلي ڪرڻ لڳا ۽ منهن موڙي ڦري ويا. حقيقت ۾ انهن جون دليون ڦريل آهن (٧٦) پوءِ الله ان ڏينهن تائين جنهن ڏينهن ان

جي اڳيان پيش ٿيندا انهن جي دلين ۾ منافقي لاڳو ڪري ڇڏي، ان سبب ڪري جو الله سان ڪوڙو واعدو ڪيائون ۽ هن ڪري به جو ڪوڙ ڳالهائيندا هئا (۷۷) ڇا انهن کي خبر ناهي ته الله انهن جي دلين جا راز ۽ انهن جي سرگوشي کي ڄاڻندو آهي ۽ الله سمورن ڳُجهن کي ڄاڻندڙ آهي (۷۸) اهي منافق اهڙا آهن جيڪي خوشي سان صدقا ڏيندڙ مومنن کي طعنا هڻندا آهن ۽ جيڪي مزدوري ڪرڻ جي محنت کان سواءِ ڪا طاقت نه رکندا آهن انهن تي ٺٺوليون ڪندا آهن، الله انهن کي سندن ٺٺولي ڪرڻ جي سزا ڏيندو ۽ انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۷۹) اي پيغمبر! تون انهن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪهرين يا نه ڪهرين هڪجهڙو آهي، جيڪڏهن تون ستر پيرا به انهن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪهرين ته به الله هرگز انهن کي نه بخشيندو، اهو ان ڪري جو اهي الله ۽ ان جي رسول جا منڪر ٿيا، ۽ الله فاسق ماڻهن کي هدايت نه ڏيندو آهي (۸۰)[10] تبوڪ کان پنٺي رهجي ويندڙ منافق ان تي خوش ٿيا ته الله جي رسول جي پٺيان جهاد تي وڃڻ کان ويهي رهيا ۽ پنهنجن مالن ۽ جان سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ پسند نه ڪيائون، ۽ پاڻ ۾ چيائون ته هن گرمي ۾ جهاد لاءِ نه نڪرو، اي پيغمبر! کين چئو ته جهنم جي باهه ته ڏاڍي گرم آهي، جيڪر سمجهن ها ته ائين نه ڪن ها (۸۱) پوءِ انهن کي گهرجي ته جيڪي عمل ڪندا آهن انهن تي ٿورو ڪلن جو انهن جي بدلي ۾ کين گهٽو روئڻو پوندو (۸۲) پوءِ اي محبوب! جيڪڏهن الله توهان کي انهن مان ڪنهن ڏانهن واپس وٺي وڃي ۽ پوءِ اهي جهاد ۾ نڪرڻ جي اجازت گهرن ته ان وقت کين چئجان ته توهان ڪڏهن به مون سان گڏ نه هلجو ۽ مون سان گڏ ڪنهن به دشمن سان هرگز نه لڙو، توهان پهرين دفعي ويهي رهڻ کي پسند ڪيو هو سو هاڻي به پنٺي رهجي ويندڙن سان گڏ ويهي رهو (۸۳) ۽ اي پيغمبر! انهن مان جيڪو مري ته ڪنهن جي به جنازي نماز نه پڙهجان ۽ نه ان جي قبر تي بيهجان، ڇوته اهي الله ۽ سندس رسول جا منڪر ٿيا ۽ نافرماني جي حالت ۾ مرندا (۸٤) ۽ توکي انهن جو مال ۽ انهن جي اولاد عجب ۾ نه وجهي، الله ته اهو ٿو گهري ته ان سان دنيا ۾ ئي انهن تي وبال وجهي ۽ ڪفر جي حالت ۾ ئي سندن دم نڪري وڃي (۸۵) ۽ اي پيغمبر! جڏهن ڪا سورت نازل ڪجي ٿي ته الله تي ايمان آڻيو ۽ سندس رسول سان گڏجي جهاد ڪريو ته

انهن مان آسودا توکان اجازت گهرڻ لڳندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان کي چڏي ڏيو تہ ويهي رهندڙن سان گڏ رهون (٨٦) اهي پنڌتي رهجي ويندڙ عورتن سان گڏ رهڻ تي راضي ٿيا ۽ انهن جي دلين تي مُهر هنئي وئي ۽ اهي ڪجهہ نٿا سمجهن (٨٧) پر رسول ۽ جن ساڻس ايمان آندو تن گڏجي پنهنجي مال ۽ جان سان جهاد ڪيو اِهي اُهي آهن جن جي لاءِ يَڪايون آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن (٨٨) الله انهن مومنن لاءِ اهڙا باغ (بهشت) تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون جاري آهن ۽ انهن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. اهائي وڏي ڪاميابي آهي (٨٩)[11] ۽ اي پيغمبر! بهانا بڻائيندڙ بدوي ٻہ آيا تہ جيئن انهن کي ٻہ گهر ۾ ويهي رهڻ جي موڪل ڏني وڃي ۽ اهي جن الله ۽ سندس رسول سان ڪوڙ ڳالهايو هو سي ويٺا رهيا. انهن مان جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي سِگهو کين ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو (٩٠) ضعيفن تي ۽ بيمارن تي ۽ انهن تي جن کي خرچ ڪرڻ جي طاقت نہ هجي پر الله ۽ ان جي رسول سان سچا هجن تہ انهن لاءِ جهاد لاءِ نہ نڪرڻ ڪري ڪو گناهہ نہ آهي. انهن يَڪارن تي ڪو ڏوراپو نہ آهي. الله بخشڻهار مهربان آهي (٩١) ۽ انهن تي ٻہ ميار نہ آهي جيڪي تو وٽ حاضر ٿيا تہ تون انهن کي سواري مهيا ڪر. توکان اهو جواب ملين تہ مون وٽ اهڙي ڪا شي نہ آهي جنهن تي اوهان کي سوار ڪريان. ان تي ائين واپس وڃڻ لڳا جو خرچ جي طاقت نہ رکڻ جي ڏک سبب سندن اکيون ڳوڙهَا وهائي رهيون هيون (٩٢) ڏوراپو تہ رڳو انهن تي آهي جيڪي دولتمند هجڻ جي باوجود توکان اجازت گهرن ٿا. انهن کي اهو وڻيو تہ اهي عورتن سان گڏ پنڌتي ويهي رهن ۽ الله انهن جي دلين تي مُهر هڻي چڏي آهي. سو اهي ڪجهہ نٿا ڄاڻن (٩٣) جڏهن توهان تبوڪ کان انهن وٽ موٽي ويندو تہ توهان وٽ بهانا پيش ڪندا. توهان چئجو تہ بهانا نہ ٺاهيو اسان توهان جي ڳالهہ تي هرگز يقين نہ ڪنداسين. الله اسان کي توهان جون خبرون ٻڌائي چڏيون آهن ۽ سِگهو الله ۽ سندس رسول توهان جا ڪم ڏسندا. پوءِ توهان کي ان جي طرف موڪليو ويندو جيڪو ظاهر ۽ ڳُجهہ سڀ کي ڄاڻي ٿو جيڪي توهان ڪندا آهيو اهو توهان کي ٻڌائيندو (٩٤) جڏهن توهان انهن وٽ موٽي ويندو تہ توهان جي اڳيان هن لاءِ الله جو قسم کڻندا تہ توهان انهن کان ٺارو ڪيو سو توهان انهن کان ٺارو ڪجو. ڇوتہ اهي تہ پليت

آهن ۽ سندن ڪرتوتن جي بدلي انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي (۹۵) توهان جي اڳيان قسم کڻندا آهن تہ توهان انهن کان راضي ٿيو. پوءِ جي توهان انهن کان راضي ٿيندو تہ بہ الله فاسق ماڻهن کان راضي نہ ٿيندو (۹۶) بدوي ماڻهو ڪفر ۽ منافقي ۾ گهڻو سخت آهن ۽ هن لائق آهن تہ انهن لاءِ سمجهيو وڃي تہ الله پنهنجي رسول تي جيڪي احڪام لاٿا آهن اهي انهن کان بي خبر آهن. ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۹۷) ۽ ڪي بدوي اهڙا آهن جو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ کي ڇٽي سمجهندا آهن ۽ توهان جي مٿان زماني جي گردش اچڻ جي انتظار ۾ آهن. پر زماني جي گردش جو بيڙو ڦيرو انهن تي اچڻو آهي. ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۹۸) ۽ بدوين مان ڪجهہ اهڙا بہ آهن جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي خرچ ڪندا آهن ان کي الله جي ويجهڑائي ۽ رسول کان دعائن وٺڻ جو وسيلو سمجهندا آهن. هائو اهو خرچ ڪرڻ انهن لاءِ قربت جو سبب آهي. الله جلد انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (۹۹)[12] مهاجر ۽ انصارن مان سڀ کان اڳ ايمان آڻڻ وارا ۽ جن سچائي سان انهن جي پيروي ڪئي الله انهن سڀني کان راضي آهي ۽ اهي الله کان راضي آهن ۽ انهن جي لاءِ باغ (بهشت) تيار ڪيا اٿس جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. انهن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. اهائي وڏي ڪاميابي آهي (۱۰۰) ۽ توهان جي آس پاس وارن بدوين مان بہ ڪي منافق آهن ۽ مديني وارن مان بہ ڪي منافقي جا عادي ٿي ويا آهن. اي پيغمبر! تون انهن کي نٿو ڄاڻين پر اسان انهن کي سڃاڻون ٿا. جلد اسان انهن کي بہ ٻيرا سزا ڏينداسين. پوءِ وڏي عذاب ڏانهن موڪليا ويندا (۱۰۱) ۽ ڪجهہ ٻيا آهن جن پنهنجن گناهن جو اقرار ڪيو آهي ۽ چڱا ڪم ۽ بيڙا ڪم گڏوگڏ ڪيا اٿن اُميد آهي تہ الله انهن جي توبهہ قبول ڪندو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (۱۰۲) اي محبوب! انهن جي مال مان زڪوات وصول ڪر جيئن ان سان انهن جو ظاهر ۽ باطن پاڪ ڪندو رهين ۽ انهن جي حق ۾ خير جي دعا ڪر. بيشڪ تنهنجي دعا انهن جي لاءِ تسڪين آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۱۰۳) ڇا انهن کي خبر نہ آهي تہ الله ئي پنهنجن ٻانهن جي توبهہ قبول ڪندو آهي ۽ صدقا (خيراتون) قبول ڪندو آهي ۽ الله ئي توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهي

(١٠٤) اي پيغمبر! کين چئو تہ توهان عمل ڪريو پوءِ الله ۽ ان جو رسول ۽ سيئي مومن توهان جا عمل ڏسندا، ۽ جلد ظاهر ۽ ڳُجهہ جي ڄاڻندڙ الله ڏانهن موٽايا ويندو، پوءِ جيڪي ڪندا آهيو ان جي توهان کي خبر ڏيندو (١٠٥) ۽ ڪجهہ ٻيا الله جي حڪم لاءِ ڏر ڏنل آهن تہ يا انهن کي عذاب ڏئي يا انهن جي توبهہ قبول ڪري، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٠٦) ۽ منافقن مان ڪي اهڙا آهن جن نقصان پهچائڻ ۽ ڪفر ڪرڻ لاءِ ۽ مسلمانن ۾ ڦوٽ وجهڻ لاءِ ۽ جن اڳ ۾ الله ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪئي انهن جي لاءِ گهَٽ ناهڻ لاءِ مسجد ناهي آهي، اهي ضرور قسم کڻندا تہ چڱائي کان سواءِ اسان جو ٻيو ڪو ارادو نہ آهي پر الله شاهدي ڏئي ٿوتہ اهي ڪوڙا آهن(١٠٧) اي پيغمبر! تون ان مسجد ۾ ڪڏهن بہ نہ بيهجان، بيشڪ اها مسجد جنهن جو بنياد پهرين ڏينهن پرهيزگاريءَ تي رکيو ويو آهي اها وڌيڪ حقدار آهي جو ان ۾ قيام ڪريو ان ۾ اهي ماڻهو ايندا آهن جيڪي پاڪ رهڻ پسند ڪندا آهن، ۽ الله پاڪ رهڻ وارن کي پسند ڪندو آهي (١٠٨) پوءِ جنهن پنهنجي اڏاوت الله جي خوف ۽ ان جي رضا تي رکي اهو ڀلو آهي يا اهو جنهن پنهنجي اڏاوت جي اوساري هڪ ڪرندڙ ڪڏ جي ڪناري تي ڪئي، پوءِ اها اڏاوت اڏيندڙ سميت جهنم جي باهہ ۾ ڪري، ۽ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نہ ڏيندو آهي (١٠٩) انهي اڏاوت جي اوساري سدائين سندن دلين ۾ ڪٽڪندي رهندي، انهن جي دلين کي وڍڻ کان سواءِ نہ ويندي ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١١٠)[13] بيشڪ الله مومنن کان سندن مال ۽ جان هن بدلي تي خريد ڪري ورتا آهن تہ انهن جي واسطي جنت آهي، اهي الله جي واٽ ۾ لڙائي ڪندا آهن ۽ قتل ڪندا ۽ قتل ٿيندا آهن، اهو انجام توريت، انجيل ۽ قرآن ۾ پڪي طرح ٿيل آهي ۽ الله کان وڌيڪ واعدو پاڙيندڙ ڪير آهي، پوءِ اي مسلمانو! جنهن سودي جو اوهان واپار ڪيو آهي ان تي خوش ٿيو ۽ اها وڏي ڪاميابي آهي (١١١) جيڪي توبهہ ڪندڙ عبادت گذار، ساراهہ ڪندڙ الله جي واٽ ۾ مسافري ڪندڙ رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ چڱائي جو حڪم ڪندڙ ۽ برائي کان روڪيندڙ ۽ الله جي حدن کي نظر ۾ رکندڙ آهن انهن مومنن کي خوشخبري ڏاءِ (١١٢) نبي ۽ مومنن کي هن ڳالهہ جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ تہ مشرڪ دوزخي آهن انهن لاءِ بخشش گهرڻ نہ جڳائي،

توڙي اهي سندن مائٽ هجن (١١٣) ۽ ابراهيم جو پنهنجي پي لاءِ بخشش گهرڻ واعدي کان سواءِ نه هو جو ان سان واعدو ڪري چڪو هو. جڏهن ابراهيم تي ظاهر ٿي ويو ته اهو الله جو دشمن آهي ته ان کان بيزار ٿي ويو بيشڪ ابراهيم نرم دل وارو بردبار هيو (١١٤) ۽ الله جو شان نه آهي جو ڪنهن قوم کي هدايت ڪرڻ کان پوءِ گمراهه ڪري جيستائين انهن لاءِ اهي ڳالهيون پڌريون نه ڪري ته ڪهڙين شين کان انهن کي بچڻو آهي. بيشڪ الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (١١٥) بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي آهي. اهو جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ اي مسلمانو! الله کان سواءِ توهان جو نه ڪو دوست آهي ۽ نه مددگار آهي (١١٦) بيشڪ الله پنهنجي نبي تي مهرباني ڪئي ۽ مهاجرن ۽ انصارن تي به مهربان ٿيو جن تڪليف جي گهڙي ۾ پيغمبر جو ساٿ ڏنو هن کان پوءِ جو انهن مان ڪن ماڻهن جون دليون لُڏي وڃڻ جي ويجهو هيون پر الله انهن تي مهربان ٿيو بيشڪ اهو انهن تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي (١١٧) ۽ پوئتي رهجي ويندڙ انهن ٽن ماڻهن تي به مهربان ٿيو ايستائين جو جڏهن زمين پنهنجي ڪشادگي جي باوجود انهن تي سوڙهي ٿي وئي هئي ۽ اهي پنهنجي جان کان تنگ ٿي ويا هيا ۽ انهن کي لڳو ٿي ته الله جي پناهه کان سواءِ بچڻ جي جاءِ نه آهي. پوءِ انهن تي ٻاجهه ڪيائين ته جيئن توبهه ڪن. بيشڪ الله ئي توبهه قبول ڪندڙ مهربان آهي (١١٨)[14] اي ايمان وارو! الله کان ڊجو ۽ سچن سان گڏ هجو (١١٩) مدينيءَ وارن ۽ اتي جي آس پاس وارن بدوين کي الله جي رسول کان جهاد ۾ پٺتي رهجي وڃڻ ۽ پاڻ کي ان جي ذات کان وڌيڪ پيارو رکڻ لائق نه هو. اهو هن ڪري جو انهن کي الله جي راهه ۾ جيڪا اڃ يا ڪابه تڪليف يا بُک لڳي ها ۽ اهڙي هنڌ وڃن ها جتي ڪافر ڪاوڙجن ها ۽ دشمن کان ڪو اهنج پهچڻ جو ڪارڻ ٿئي ها ته انهن لاءِ هر ڳالهه جي عيوض نيڪ عمل لکيو وڃي ها ڇوته الله ڇڳائي ڪندڙن جو اجر ضايع نه ڪندو آهي (١٢٠) ۽ جيڪو به ٿورو يا گهڻو خرچ ڪن ها ۽ جيڪي وادين (نالا) ٽَپن ها ته انهن لاءِ ڇڳو عمل لکيو وڃي ها. ان لاءِ ته الله سندن عمل جو ڇڳي ۾ ڇڳو بدلو ڏئي (١٢١) ۽ مومنن کان هي نه ٿو ٿي سگهي جو سڀ جا سڀ نڪرن پر انهن جي گروهه مان ڪجهه ماڻهن ائين ڇو نه ڪيو ته هڪ ٽولي اچي ها ۽ دين جي سمجهه

حاصل ڪري ها ۽ جڏهن پنهنجي قوم ۾ موتي وڃن ها تہ انهن کي هن اميد تي ڊيڄارين ها تہ مَن اهي هوشيار ٿين (١٢٢)[15] اي ايمان وارو! پنهنجي ويجهڙائي ۾ رهندڙ ڪافرن سان جهاد ڪريو ۽ گهُرجي تہ اهي توهان ۾ سختي محسوس ڪن ۽ يقين ڪريو تہ بيشڪ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي (١٢٣) ۽ جڏهن ڪا سورت لهي ٿي تہ انهن منافقن مان ڪو چوي ٿوتہ هن آيت اوهان مان ڪنهن جي ايمان ۾ واڌارو ڪيو ها، جن ايمان آندو آهي انهن مومنن جي ايمان ۾ واڌارو ڪيائين ۽ اهي خوش ٿيندا آهن (١٢٤) ۽ جن جي دلين ۾ منافقت جو آزار آهي انهن کي پليتي تي پليتي وڌايائين ۽ اهي ڪافر ٿي مئا (١٢٥) ڇا انهن کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي تہ هر سال هڪ ڀيرو يا ٻہ ڀيرا مصيبت ۾ ڦاسندا آهن، پوءِ بہ نہ توبهہ ڪندا آهن ۽ نہ نصيحت پرائيندا آهن (١٢٦) ۽ جڏهن انهن بابت ڪا سورت لهي ٿي تہ انهن مان هڪڙا ٻين ڏانهن شرمندگي مان نهارڻ لڳندا آهن تہ توهان کي ڪو ڏسي تہ نٿو پوءِ منهن ڦيري هليا ويندا آهن، الله انهن جون دليون هن ڪري ڦيرائي ڇڏيون آهن جو اهي بي سمجهہ ماڻهو آهن (١٢٧) اي انسانو! بيشڪ توهان جي جنس منجهان توهان وٽ اهو رسول آيو جنهن کي توهان جي تڪليف ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي ۽ توهان جي ڀلائي جو سختي سان چاهيندڙ ۽ مومنن تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي (١٢٨) اي پيغمبر! پوءِ بہ جي اهي ماڻهو منهن ڦيرين تہ کين چئو تہ مون کي الله ڪافي آهي، ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، مون انهيءَ تي ئي پروسو ڪيو ۽ اهو وڏي عرش جو مالڪ آهي (١٢٩)[16]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت يونس مڪي آهي، هن ۾ 109 آيتون ۽ 11 رڪوع آهن.

الٓرٰ هي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن (١) ڇا ماڻهن کي هن ڳالهہ تي عجب ٿو لڳي تہ اسان انهن منجهان هڪڙي مرد جي طرف وحي موڪليوسين تہ ماڻهن کي ڊيڄار ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ وڏو مرتبو آهي، ڪافرن چيو تہ بيشڪ هي تہ جادوگر آهي (٢) اي انسانو! بيشڪ توهان جو پالڻهار الله آهي جنهن

آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو. پوءِ عرش ڏانهن توجهه ڪيائين ۽ اهوئي ڪمن کي رڌيندو آهي. ڪوئي سفارش ڪرڻ وارو نه آهي پر ان جي اجازت کان پوءِ. سو اهوئي الله توهان جو پالڻهار آهي تنهنڪري ان جي عبادت ڪريو. پوءِ نصيحت ڇو نٿا وٺو (٣) الله جو سڀو واعدو آهي ته توهان سمورن کي انهيءَ جي ئي طرف موٽڻو آهي. بيشڪ اهوئي خلق کي پيدا ڪري ٿو. وري فنا کان پوءِ موتائي پيدا ڪندو ته جيئن انهن کي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون عدل سان بدلو ڏئي. ۽ جن ڪفر ڪيو انهن لاءِ پيئڻ جو ٿهڪندڙ پاڻي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب انهيءَ ڪري آهي جو انهن ڪفر ڪيو(٤) اهو الله ئي آهي جنهن سج کي چمڪندڙ ۽ چنڊ کي روشن ڪيو ۽ ان (چنڊ) جي لاءِ منزلون مقرر ڪيائين ته جيئن توهان سالن جي ڳڻپ ۽ حساب جو علم رکو. الله اهو حق کان سواءِ نه ٻڌايو آهي. سمجهه وارن ماڻهن لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندو آهي (٥) بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي ڦيرگير ۾ ۽ الله جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ پيدا ڪيو آهي انهن ۾ پرهيزگار ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (٦) بيشڪ جيڪي اسان سان ملڻ جي اميد نٿا رکن. اهي فقط هن دنيا جي حياتي پسند ڪري ويٺا آهن ۽ ان تي مطمئن ٿي ويا آهن ۽ اهي اسان جي آيتن کان غافل آهن(٧) اهي جيڪي ڪمائيندا آهن تنهن سبب انهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي (٨) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا انهن جو رب انهن جي ايمان سبب کين سڌو رستو ڏيکاريندو جنهن جي هيٺان نعمتن وارن باغن (بهشت) ۾ نهرون وهنديون آهن (٩) ان ۾ انهن جي هيءَ دعا هوندي ته اي الله! تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ پاڻ ۾ ملاقات وقت آڇيان جو هول سلام (السلام عليكم) هوندو ۽ انهن جي دعا جي پڇاڻي هي هوندي ته سڀ ساراهون جهانن جي پالڻهار الله جي واسطي آهن (١٠)[1] ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن تي مَدائي ائين ئي جلد موڪلي ها جيئن اهي ڀلائي جي جلدي ڪندا آهن ته انهن جي مقرر مدت پوري ٿي وڃي ها. پوءِ جيڪي اسان سان ملڻ جي اميد نه رکندا آهن تن کي ڇڏي ڏيندا آهيون ته پنهنجي سرڪشي ۾ ٺٺڪندا رهن (١١) جڏهن انسان کي تڪليف پهچندي آهي ته سُتي ۽ ويني ۽ بيني اسان کي پڪاريندو آهي. پوءِ جڏهن

ان کان تکليف ٽاري ڇڏيندا آهيون ته ويساري ۾ هليو ويندو آهي جڏ ته ڪڏهن به ڪنهن تکليف پهچڻ تي اسان کي سڏيوئي نه هئائين. اهڙيءَ طرح حد کان لنگهندڙن کي سندن ڪرتوت چڱا ڪري ڏيکاريا ويندا آهن (١٢) ۽ بيشڪ توهان کان اڳين قومن جڏهن ظلم ڪيو ته اسان انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. جڏهن ته انهن جا رسول وٽن چٽن معجزن سان آيا هيا ۽ اهي ايمان آڻڻ تي آماده نه ٿيا. اسان ڏوهاري ماڻهن کي اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون (١٣) پوءِ اسان انهن کان بعد توهان کي زمين ۾ سنيالينڊڙ ڪيوسين جو ڏسون ته توهان ڪيئن ٿا عمل ڪريو (١٤) ۽ اي پيغمبر! جڏهن انهن کي اسان جون چٽيون آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهين ته جيڪي اسان سان ملڻ جي اميد نه رکندا آهن سي چوندا آهن ته هن کان سواءِ ٻيو قرآن آڻ يا هن کي مٽاءِ. چئو ته مون کي پنهنجي طرفان ان کي مٽائڻ جو اختيار ڪونهي. جيڪو منهنجي طرف وحي ٿيندو آهي مان ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو تابعدار نه آهيان. جيڪڏهن پنهنجي رب جي نافرماني ڪريان ته مون کي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي (١٥) کين اهو به چئو ته جيڪڏهن الله گهري ها ته مان توهان کي قرآن ٻڌايان ئي نه ها ۽ نه ان ذريعي توهان کي خبردار ڪيان ها. بيشڪ مان ان کان اڳ توهان ۾ سڄي جمار گذاري آهي. پوءِ ڇو نٿا سمجهو (١٦) پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي يا ان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي. بيشڪ ڏوهارين لاءِ ڀلائي ڪونهي (١٧) ۽ اهي مشرڪ الله کان سواءِ اهڙين شين جي پوڄا ڪن ٿا جيڪي نه انهن کي نقصان ڏئي سگهن ۽ نه ئي فائدو پهچائي سگهن ۽ چون ٿا ته هي الله وٽ اسان جا سفارشي آهن. اي پيغمبر! چئو ته ڇا! توهان الله کي اهڙي ڳالهه ٻڌايو ٿا جيڪا نه آسمانن ۾ ۽ نه زمين ۾ ان جي علم ۾ آهي. اهو پاڪ آهي ۽ جن کي ان سان شريڪ ڪيو ٿا اهو انهن کان مٿانهون آهي (١٨) ۽ شروع ۾ ماڻهو هڪ ئي امت کان سواءِ ڪجهه نه هئا پوءِ اختلاف ڪيائون. جيڪڏهن تنهنجي رب جي طرف کان هڪڙو قول اڳ ٽيل نه هجي ها ته جنهن ڳالهه بابت اختلاف ڪن ٿا اتي ئي انهن جي وچ ۾ فيصلو ٿي چڪو هجي ها (١٩) ۽ چوندا آهن ته ان تي سندن رب جي طرفان ڪا نشاني

(معجزو) ڇو نہ لٽي آهي، ڇئو تہ ڳُجھ جي خبر تہ رڳو الله کي آهي، پوءِ توهان انتظار ڪريو ۽ مان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان (٢٠)[2] ۽ جڏهن اسان ماڻهن کي تڪليف پهچڻ کان پوءِ سُک جو مزو چکائيندا آهيون تہ اتي جو اتي انهن کي اسان جي آيتن ۾ بدگمانيون ٿيندیون آهن، کين چئو تہ الله رت ڪرڻ ۾ تڪڙو آهي، توهان جيڪي بچڙيون رٽون ڪندا آهيو اهي اسان جا ملائڪ لکندا آهن (٢١) اهو الله ئي آهي جيڪو توهان کي خشڪي ۽ بحري رستن ۾ گهمائيندو آهي ايستائين جو جڏهن ٻيڙين ۾ هوندا آهيو ۽ اهي پاٽڻين سميت سٽائين هوائن سان هلنديون آهن ۽ ان تي خوش ٿيندا آهيو تہ انهن تي اوچتو اٺائو واءُ ايندو آهي ۽ انهن کي هر طرف کان موجون اچي گهيريندیون آهن ۽ سيني کي لڳندو آهي تہ گهيري ۾ اچي ويا آهن، ان وقت الله جا مخلص بانها ٿي ان کي پڪارينداآهن ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن تون اسان کي هن حالت کان ڇوٽڪارو ڏيندين تہ اسان ضرور شڪر گذارن مان ٿينداسين (٢٢) پوءِ جڏهن الله انهن کي بچائيندو آهي تڏهن وري زمين ۾ ناحق سرڪشي ڪرڻ لڳندا آهن، اي انسانو! توهان جي سرڪشي توهان جي لاءِ ئي وبال آهي، دنيا جي حياتي ۾ نفعو وٺي ٻيهو پوءِ توهان کي اسان جي طرف موٽڻو آهي، پوءِ جيڪي ڪندا آهيو اهو توهان کي ٻڌائيندا سين (٢٣) دنيا جي زندگي جو مثال تہ انهي پاڻي وانگر آهي جنهن کي آسمان مان وسايوسين، پوءِ ان سان زمين مان ڄمندڙ سمورا سلا گهاٽا ٿي ڪري نڪتا جنهن مان ڪجھ ماڻهو ۽ جانور کائيندا آهن، ايستائين جو جڏهن زمين پنهنجي ساوڪ ڪيي ۽ خوب سينگارجي وئي ۽ رهڻ وارن سمجهيو تہ هاڻي اهو سمورو اسان جي وس ۾ اچي ويو آهي تہ رات ۾ يا ڏينهن ۾ ان تي اسان جو حڪم پهتو جو ان کي لٽيل فصل ڪري ڇڏيوسين جڙ تہ ڪالهہ هيوئي ڪونہ، غور ڪندڙ ماڻهن لاءِ اسان اهڙيءَ طرح نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون (٢٤) ۽ الله سلامتي جي گهر ڏانهن سڏيندو آهي ۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪندو آهي (٢٥) جن ڇڳائي ڪئي انهن جي لاءِ اهڙي ڇڳائي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ آهي ۽ انهن جي منهن کي نہ ڪاراٽ ۽ نہ خواري ويڑهيندي، اهي ئي

جنتي آهن اهي ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (٢٦) ۽ جن برا ڪم ڪيا تہ انهن لاءِ برائي جو اوتروئي بدلو هوندو ۽ انهن کي خواري چڙهندي، انهن کي الله کان بچائڻ وارو ڪوئي نہ هوندو. سندن منهن تي اهڙي ڪاراڻ هوندي جڙ تہ اونداهي رات جا ٽڪرا چاڙهيا ويا هجن. اهي دوزخي آهن، اهي ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (٢٧) ۽ جنهن ڏينهن اسان سيني ماڻهن کي اٿاري گڏ ڪنداسين پوءِ مشرڪن کي چونداسين تہ توهان ۽ توهان جا الله سان ٺاهيل شريڪ پنهنجي جاءِ تي بيهو. پوءِ انهن کي هڪبئي کان جدا ڪنداسين ۽ انهن جا ٺاهيل شريڪ انهن کي چوندا تہ توهان اسان جي پوڄا نہ ڪندا هيوَ (٢٨) پوءِ اسان ۽ توهان جي وچ۾ الله شاهد ڪافي آهي تہ اسان توهان جي پوڄا ڪان بي خبر هياسين (٢٩) اتي هر شخص کي معلوم ٿي ويندو تہ ان اڳتي ڇا موڪليو آهي ۽ پنهنجي سچي مالڪ الله ڏانهن موٽايا ويندا ۽ جيڪي ٺاهه ٺاهيندا آهن اهي انهن کان وسري ويندا (٣٠)[3] اي پيغمبر! چئو تہ توهان کي آسمان ۽ زمين مان روزي ڪير ڏيندو آهي يا ڪنن ۽ اکين جو ڪير مالڪ آهي ۽ جيئري کي مئل مان ڪير ڪڍندو آهي ۽ مئل کي جيئري مان ڪير ڪڍي ٿو ۽ سمورن ڪمن کي ڪير رٿيندو آهي، پوءِ اهي هڪدم چوندا تہ الله، پوءِ تون کين چئو تہ ڇو نٿا ڊڄو (٣١) پوءِ اهو الله توهان جو سچو رب آهي. پوءِ حق ڄاڻڻ کان بعد ان کي نہ مڃڻ گمراهي کان سواءِ ٻيو ڇا آهي، پوءِ ڪاڏي ڦيرايا ويجو ٿا (٣٢) اي پيغمبر! اهڙيءَ طرح تنهنجي رب جو حڪم انهن تي ثابت ٿي چڪو آهي جيڪي نافرماني ڪندا آهن تہ اهي ايمان نہ آڻيندا (٣٣) کين چئو تہ توهان جي شريڪ معبودن ۾ کان اهڙو آهي ڇا جيڪو خلق کي نئين سِر پيدا ڪري، وري ماري جياري، کين چئو تہ الله ئي نئين سِر پيدا ڪندو آهي ۽ ماري جيئرو ڪندو. پوءِ ڪاڏي ابتا وجو ٿا (٣٤) اي پيغمبر! چئو تہ توهان جي شريڪ معبودن ۾ کان اهڙو آهي ڇا جيڪو حق جي واٽ ڏيکارينڊو هجي. تون چئو تہ الله ئي حق جي واٽ ڏيکاري ٿو. پوءِ جيڪو حق جي واٽ ڏيکاري اهو تابعداري جو وڌيڪ حقدار آهي يا اهو جيڪو پاڻ ئي رستو ڏيکارڻ کان سواءِ واٽ نہ لهي. پوءِ توهان کي ڇا ٿيو آهي ڪهڙو فيصلو ڪريو ٿا (٣٥) ۽ انهن مان گهڻا فقط وهم ۽ گمان تي هلندا

آهن. پر گمان ڪنهن بہ طرح حق جي پورائي نہ ڪندو آهي. بيشڪ جيڪي ڪندا آهن الله ان کي ڄاڻندڙ آهي (٣٦) ۽ هي قرآن اهڙو نہ آهي جو الله کان سواءِ ڪو ٻيو پنهنجي دماغ مان ٺاهي سگهي. اهو تہ ان کان اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ بہ آهي ۽ جهانن جي رب طرفان حڪمن کي کولي بيان ڪندو آهي جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي (٣٧) ڇا اهي هي چون ٿا تہ ان (محمد ﷺ)هن کي پاڻ ٺاهيو آهي. تون چئو تہ پوءِ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ الله کي ڇڏي ڪري جيڪي بہ مددگار ملي سگهن سمورن کي سڏيو ۽ هن جهڙي ڪا هڪ سورت ٺاهي پيش ڪريو (٣٨) بلڪ ان کي ڪوڙو ڄيو اٿن جنهن کي سمجهيو ئي نہ اٿن ۽ انهن وٽ اڃا ان جي حقيقت نہ آئي آهي. اهڙيءَ طرح انهن کان اڳين بہ ڪوڙ سمجهيو هو. پوءِ ڏس تہ ظالمن جو انجام ڪيئن ٿيو (٣٩) ۽ اي پيغمبر! انهن مان کي هن قرآن تي ايمان آڻين ٿا ۽ انهن مان کي هن تي ايمان نٿا آڻين ۽ تنهن جو رب فساد ڪندڙن کي خوب ڄاڻندڙ آهي (٤٠)[4] جيڪڏهن اهي توکي ڪوڙو چون تہ کين چئو تہ منهنجي لاءِ منهنجو عمل ۽ توهان جي لاءِ توهان جو عمل آهي. جيڪي مان ڪريان ٿو ان کان توهان ڇٽل آهيو ۽ جيڪي توهان ڪريو ٿا ان سان منهنجو ڪو تعلق نہ آهي (٤١) ۽ انهن مان کي ماڻهو تنهنجي طرف ظاهري طور ڪن لڳائي ٻڌندا آهن. پوءِ تون ٻوڑن کي ٻڌائيندين ڇا جيتوڻيڪ اهي سمجهندا ئي نہ هجن (٤٢) ۽ انهن مان کي توڏانهن اکين ئي نهارندا آهن. پوءِ تون انڌن کي واٽ ڏيکاريندين ڇا جيتوڻيڪ ڏسندا ئي نہ هجن (٤٣) بيشڪ الله ماڻهن تي ظلم نہ ڪندو آهي. بلڪ ماڻهو ئي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا آهن (٤٤) ۽ جنهن ڏينهن الله انهن کي اڪاري گڏ ڪندو تنهن ڏينهن سمجهندا ڇڙ تہ دنيا ۾ ڏينهن جي هڪ گهڙي کان سواءِ رهيا ئي نہ هئا رڳو هڪٻئي سان واقفيت ڪيائون. بيشڪ جن الله سان ملڻ کي ڪوڙ سمجهيو اهي گهاٽي ۾ رهيا ۽ هدايت وارا نہ هئا (٤٥) اي پيغمبر! اسان انهن سان جيڪو انجام ڪريون ٿا جيڪڏهن توکي ان مان ڪجهہ ڏيکاريون يا توکي فوت ڪيون. هرحال ۾ انهن کي اسان ڏانهن موٽڻو آهي. پوءِ جيڪي ڪندا آهن الله ان تي شاهد آهي (٤٦) ۽ هر امت لاءِ هڪ رسول آهي. پوءِ جڏهن انهن

جو رسول وٽن آيو تہ انهن جي وچ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويو ۽ انهن تي ظلم نہ ڪيو ويو (٤٧) ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ اهو انجام ڪڏهن ايندو (٤٨) اي پيغمبر! کين چئو تہ مان الله جي مرضي کان سواءِ پنهنجي جان جي نفعي ۽ نقصان جو اختيار نٿو رکان، هر امت جي لاءِ هڪ مقرر مدت آهي جڏهن انهن جو وقت اچي ويجي ٿو تہ هڪڙي گهڙي بہ ديرنٿا ڪري سگهن ۽ نہ اڳي ويجي سگهن ٿا (٤٩) اي پيغمبر! چئو تہ پلا ٻڌايو تہ جيڪڏهن الله جو عذاب توهان تي رات جو يا ڏينهن جو پهچي تہ ڇا ڪري سگهندو ڏوهاري ان مان ڇاجي تڪڙ ڪري رهيا آهن (٥٠) پوءِ جڏهن اهو اچي ويندو تڏهن ان جو يقين ڪندو ڇا، ڇيو ويندن تہ هاڻي مجو ٿا، اڳي تہ ان لاءِ تڪڙ ڪندا هيوَ (٥١) پوءِ ظالمن کي ڇيو ويندو تہ هميشگي وارو عذاب چکو جيڪي توهان ڪمائيندا هيا ان کان سواءِ اوهان کي ٻيو بدلو نہ ڏبو (٥٢) ۽ توکان پڇن ٿا تہ ڇا اهو سچ آهي، چئو تہ هائو مون کي منهنجي رب جو قسم آهي تہ بيشڪ اهو سچ آهي ۽ توهان الله کي عاجز ڪرڻ وارا نہ آهيو (٥٣)[5] ۽ جيڪڏهن هر ظلم ڪندڙ سموري زمين جو مالڪ هجي تہ ضرور پنهنجي جان ڇڏائڻ جي لاءِ ڏيندو ۽ جڏهن عذاب ڏسندا تہ دل ئي دل ۾ پشيمان ٿيندا ۽ انهن جي وچ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ انهن تي ظلم نہ ٿيندو (٥٤) خبردار! جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي بيشڪ الله جو آهي، ٻڌي ڇڏيو تہ بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي مگر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٥٥) اهو الله ئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ ان جي طرف موٽايا ويندو (٥٦) اي انسانو! توهان وٽ توهان جي رب کان نصيحت آئي ۽ دلين جي بيماري لاءِ شفاء ۽ ايمان وارن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آئي آهي (٥٧) اي پيغمبر! چئو تہ قران الله جي فضل سان ۽ سندس رحمت سان نازل ٿيو آهي پوءِ مومنن کي ان تي خوش ٿيڻ گهرجي، جيڪو گڏ ڪندا آهن اهو قرآن ان کان ڀلو آهي (٥٨) اي پيغمبر! ڪافرن کي چئو تہ پلا ٻڌايو تہ الله توهان جي لاءِ جيڪو رزق لاٿو آهي ان ۾ توهان پنهنجي طرفان حلال ۽ حرام ڪري ورتو آهي، ڇا الله توهان کي اها اجازت ڏني آهي يا الله تي ڪوڙ گهڙيو ٿا (٥٩) ۽ جيڪي الله تي ڪوڙ گهڙين ٿا انهن جو قيامت جي ڏينهن بابت ڪهڙو خيال آهي تہ

کين عذاب نہ ٿيندو ڇا. بيشڪ الله ماڻهن تي فضل ڪندو آهي پر گهڻا ماڻهو شڪر نہ ڪندا آهن (٦٠)[6] ۽ اي پيغمبر! تون ڪنهن بہ حال ۾ هوندو آهين ۽ ان ۾ قرآن مان ڪجهہ پڙهندو آهين ۽ اي مسلمانو! توهان جيڪو بہ عمل ڪندا آهيو ۽ ان ۾ رڌل هوندا آهيو تہ اسان توهان جا ڪم ڏسندا آهيون ۽ تنهنجي رب کان زمين ۾ ۽ آسمان ۾ ذري برابر بہ ڪا شي ڳجهي نہ آهي ۽ نہ ان کان ننڍي ۽ نہ ڪاوڙي شي لکل آهي پر سپ روشن ڪتاب ۾ لکيل آهي (٦١) خبردار! بيشڪ الله جي ولين تي ڪوبہ خوف نہ هوندو ۽ نہ ئي اهي غمگين ٿيندا (٦٢) اهي جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪندا رهيا (٦٣) انهن جي لاءِ دنيا جي زندگي ۾ ۽ آخرت ۾ خوشخبري آهي. الله جا حڪم تبديل نٿا ٿي سگهن. اهائي وڏي ڪاميابي آهي (٦٤) ۽ اي پيغمبر! توکي انهن ڪافرن جو ڳالهائڻ نہ ڏکائي. بيشڪ سموري عزت الله جي لاءِ آهي. اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٦٥) خبردار! بيشڪ جيڪو بہ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي اهو الله جو آهي. جيڪي الله کان سواءِ ٻين شريڪن جي عبادت ڪندا آهن اهي حقيقت ۾ گمان کان سواءِ ٻئي جي تابعداري نہ ڪندا آهن ۽ اهي فقط اٽڪل بازي هلندا آهن (٦٦) اهو الله ئي آهي جنهن توهان جي لاءِ رات پيدا ڪئي تہ جيئن ان ۾ آرام ڪريو ۽ ڏينهن کي اکيون کولينڊڙ ڪيو. بيشڪ ٻڌڻ وارن ماڻهن لاءِ ان ۾ نشانيون آهن (٦٧) ڪافر چون ٿا تہ الله پنهنجي لاءِ اولاد ورتي آهي. اهو تہ پاڪ آهي. ۽ اهو بي نياز آهي. جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي سو ان جو آهي. توهان وٽ ان لاءِ پٽ جو ڪوبہ ثبوت نہ آهي. ڇا الله جي خلاف اها ڳالهہ ڪريو ٿا جنهن جي توهان کي ڄاڻ نہ آهي (٦٨) اي پيغمبر! چئو تہ اهي جيڪي الله تي ڪوڙ گهڙين ٿا تن جو ڀلو نہ ٿيندو (٦٩) دنيا ۾ ڪجهہ نفعو ونڊو اٽن. پوءِ انهن جو اسان ڏانهن موٽڻ آهي. پوءِ جيڪو ڪفر ڪندا آهن ان جي سبب انهن کي سخت عذاب چکائينداسين (٧٠)[7] انهن کي نوح جو قصو ٻڌاءِ جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين تہ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن منهنجو رهڻ ۽ الله جي آيتن سان منهنجي نصيحت ڪرڻ توهان کي ڏکيو لڳو آهي تہ پوءِ مان الله تي ئي ڀروسو ڪيو. پوءِ توهان سمورا پنهنجي رٿا تي پنهنجن ڪوڙن معبودن سميت گڏجي صلاح ڪيو

جيئن توهان جي رٿا مان ڪابہ ضروري ڳالهہ رهجي نہ وڃي پوءِ جيڪي ٿي سگهيوَ منهنجي لاءِ فيصلو ڪيو ۽ مون کي ڏر نہ ڏيو (٧١) پوءِ جيڪڏهن توهان منهنجي چوڻ کان منهن ڦيريو ٿا تہ مون توهان کان ڪابہ مزدوري نہ گهري آهي، منهنجو اجر تہ الله کان سواءِ ٻئي تي نہ آهي ۽ مون کي حڪم آهي تہ مان مسلمانن مان هجان (٧٢) پوءِ انهن ان کي ڪوڙو سمجهيو پوءِ اسان ان کي ۽ جيڪي ساڻس ٻيڙيِ ۾ گڏ هئا انهن کي بچايوسين ۽ انهن کي غرق ٿيل قوم جو جانشين ڪيوسين ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو هو انهن کي ٻوڙيوسين، پوءِ ڏس تہ جن کي ڈيڄاريو ويو هو انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي (٧٣) وري ان نوح کان پوءِ اسان ٻيا رسول سندن قومن ڏانهن پيدا ڪيا جيڪي انهن وٽ پڌرن معجزن سان آيا، پوءِ بہ اهي ان تي ايمان آڻڻ وارا نہ هئا جنهن کي اڳي ڪوڙو چئي چڪا هئا، اسان اهڙيءَ طرح سرڪش ماڻهن جي دلين تي مُهر هڻندا آهيون (٧٤) وري انهن کان پوءِ اسان موسيٰ ۽ هارون کي فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن پنهنجن معجزن سان موڪليو پر انهن وڏائي ڪئي ۽ اهي ڏوهاري ماڻهو هئا (٧٥) پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جي طرفان حق آيو تہ چوڻ لڳا تہ بيشڪ هي تہ کليو جادو آهي (٧٦) موسيٰ چيو تہ جڏهن توهان وٽ حق آيو آهي تہ چا ٿا چئو چا اهو جادو آهي، جڏهن تہ جادوگر ڪامياب نہ ٿيندا آهن (٧٧) چوڻ لڳا تہ توهان اسان وٽ ان جي لاءِ آيا آهيو تہ اسان کي ان رستي کان موڙي ڇڏيو جنهن تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو هو ۽ ملڪ ۾ توهان ٻنهي جي سرداري رهي، سو اسان توهان کي مڃڻ وارا نہ آهيون (٧٨) ۽ فرعون چيو تہ سڀ هوشيار جادوگر مون وٽ وڃي اچو (٧٩) پوءِ جڏهن جادوگر آيا تہ موسيٰ انهن کي چيو تہ ڦٽي ڪريو جيڪي توهان کي اچلائڻو آهي (٨٠) پوءِ جڏهن انهن اچلايو تہ موسيٰ چيو تہ هي توهان جيڪي آندو آهي سو تہ جادو آهي، سِگهو الله ان کي رد ڪندو الله فسادين جو ڪم نہ ٺاهيندو آهي (٨١) ۽ الله حق کي پنهنجي حڪم سان ثابت ڪندو آهي، ڀلي ڏوهارين کي بچان لڳي (٨٢)[8] پوءِ موسيٰ تي سندس قوم جي ڪجهہ ماڻهن کان سواءِ ٻين فرعون ۽ ان جي درٻارين کان خوف جي سبب ايمان نہ آندو تہ متان انهن کي ايذائين،

۽ بيشڪ فرعون ان ملڪ ۾ وڏو سرڪش بادشاهه هو ۽ بيشڪ اهو حد کان لنگهي ويندڙن مان هو (۸۳) ۽ موسيٰ چيو ته اي منهنجي قوم! جيڪڏهن توهان الله تي ايمان آندو آهي ۽ جيڪڏهن توهان مسلمان آهيو ته پوءِ انهيءَ تي ئي ڀروسو ڪريو (۸٤) پوءِ چيائون ته اسان الله تي ئي ڀروسو ڪيو اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ظالم ماڻهن جي لاءِ آزمائش نه بڻاءِ (۸۵) ۽ پنهنجي ٻاجهه سان اسان کي ڪافرن جي قوم کان بچاءِ (۸٦) اسان موسيٰ ۽ ان جي ڀاءُ ڏانهن وحي ڪيوسين ته مصر ۾ پنهنجي قوم لاءِ گهر ٺاهيو ۽ پنهنجا گهر قبلي رُخ تي ٺاهيو ۽ نماز پڙهو ۽ مومنن کي خوشخبري ٻڌايو (۸۷) ۽ موسيٰ دعا گهري ته اي اسان جا پالڻهار! تو فرعون ۽ ان جي سردارن کي دنيا جي زندگي ۾ سينگار جو سامان ۽ گهڻو مال ڏنو آهي، اي اسان جا پالڻهار! ڇا هن لاءِ ته جيئن ماڻهن کي تنهنجي واٽ کان روڪين، اي اسان جا پالڻهار! انهن جو مال برباد ڪر ۽ انهن جون دليون سخت ڪري ڇڏ ته جيستائين ڏکوئيندڙ عذاب نه ڏسن ايمان نه آڻين (۸۸) الله چيو ته توهان ٻنهي جي دعا قبول ٿي وئي، پوءِ ثابت قدم رهو ۽ جيڪي نه ڄاڻندا آهن انهن جي طريقي تي نه هلو (۸۹) ۽ اسان بني اسرائيل کي درياء کان پار ڪيوسين پوءِ فرعون ۽ ان جي لشکر سرڪشي ۽ ظلم ڪرڻ لاءِ انهن جو پيڇو ڪيو ايستائين جو جڏهن اهو لشکر سوڌو ٻڏڻ لڳو تڏهن چوڻ لڳو ته جنهن تي بني اسرائيل ايمان آندو آهي مون ان تي ايمان آندو ۽ سچ آهي ته ان کان سواءِ کوبه معبود نه آهي ۽ مان مسلمانن مان آهيان (۹۰) چيو ويو ته ڇا هاڻي! ۽ اڳ ۾ ته تون نافرماني ڪندو هئين ۽ فسادين مان هئين (۹۱) اڄ اسان تنهنجي لاش کي بچائينداسين ته جيئن جيڪي توکان پوءِ اڇن تن لاءِ عبرت جي نشاني هجي ۽ بيشڪ گهڻا ماڻهو اسان جي نشانين کان بي خبر آهن (۹۲)[9] ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيل کي فلسطين ۾ عزت جي جاين تي رهايو ۽ انهن کي سٺين شين مان رزق ڏنوسين، پر جڏهن به وٽن علم آيو ته دين ۾ اختلاف ڪندا رهيا، جنهن ٻالهه ۾ جهڳڙو ڪندا آهن بيشڪ تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن انهن ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندو (۹۳) پوءِ جيڪو توهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي تنهن کان جيڪڏهن شڪ ۾ هجو ته پوءِ انهن کان پڇي ڏسو

جيڪي توهان کان اڳي ڪتاب پڙهڻ وارا آهن، بيشڪ توهان جي رب طرفان توهان ڏانهن حق آيو آهي پوءِ توهان هرگز شڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿيو (٩٤) ۽ انهن ماڻهن جهڙا هرگز نہ ٿيو جن الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ نقصان وارن مان ٿي ويا (٩٥) اي پيغمبر! بيشڪ جن تي تنهنجي رب جي عذاب جو حڪم لازم ٿي چڪو آهي اهي ايمان نہ آڻيندا (٩٦) جيتوڻيڪ انهن وٽ سموريون نشانيون اچن تان جو ڏکوئيندڙ عذاب ڏسن (٩٧) پوءِ يونس جي قوم کان سواءِ ڪو اهڙو ڳوٺ ڇو ڪونہ هيو جو اتان جا ماڻهو ايمان آڻين ها تہ پوءِ انهن جو ايمان کين نفعو ڏئي ها، جڏهن يونس جي قوم ايمان آندو تہ اسان انهن کان زندگيءَ ۾ خواري جو عذاب ٽاري ڇڏيو ۽ هڪ وقت تائين انهن کي آسودو ڪيو (٩٨) اي پيغمبر! جيڪڏهن تنهنجو رب چاهي ها تہ زمين ۾ رهندڙ سڀ جا سڀ ماڻهو ايمان آڻين ها، پوءِ تون ماڻهن کي زبردستي ڪندين ڇا تہ مومن ٿي وڃن (٩٩) ڪنهن بہ شخص کي الله جي حڪم کان سواءِ ايمان آڻڻ جي طاقت نہ آهي، ۽ پليتي انهن تي رکندو آهي جيڪي نٿا سمجهن (١٠٠) اي پيغمبر! کين چئو تہ ڏسو تہ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪهڙيون قدرتون آهن پر نہ مڃيندڙ ماڻهن کي الله جون نشانيون ۽ رسول جو ڊيڄارڻ ڪوبہ فائدو نہ ڏيندا آهن (١٠١) پوءِ انهن جهڙن ڏينهن کان سواءِ انتظار نہ ڪندا آهن جهڙا ڏينهن انهن کان اڳين ماڻهن تي گذري ويا، کين چئو تہ پوءِ انتظار ڪيو مان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان (١٠٢) پوءِ اسان پنهنجن رسولن ۽ جيڪي ايمان آڻيندا آهن تن کي بچائيندا آهيون، اهڙيءَ طرح اسان تي حق آهي تہ مومنن کي بچايون (١٠٣)[10] اي پيغمبر! چئو تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان منهنجي دين بابت شڪ ۾ آهيو تہ مان انهن جي پوڄا نہ ڪندس جن جي توهان الله کان سواءِ پوڄا ڪندا آهيو بلڪ مان ان الله جي عبادت ڪندو آهيان جيڪو توهان کي ماريندو ۽ مون کي حڪم آهي تہ مان مومنن مان هجان (١٠٤) ۽ هي بہ حڪم آهي تہ هڪ طرفو ٿي ڪري پنهنجو منهن دين جي لاءِ سڌو رک ۽ هرگز شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿي (١٠٥) ۽ هي حڪم آهي تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪر جيڪو نہ تنهنجو ڀلو ڪري ۽ نہ نقصان ڏئي سگهي،

پوءِ جيڪڏهن ائين ڪندين تہ ان وقت تون ظالمن مان ٿيندين (١٠٦) ۽ جيڪڏهن الله جي حڪم سان توکي ڪا تڪليف پهچي تہ ان کان سواءِ ان کي ٽارڻ وارو ڪوبہ نہ آهي ۽ جيڪڏهن تنهنجي لاءِ ڀلائي ڪرڻ چاهي تہ ان جي فضل کي ڪو هٽائڻ وارو نہ آهي، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي وٽيس ڀلائي پهچائيندو آهي ۽ اهو بخشڻهار مهربان آهي (١٠٧) اي پيغمبر! چئو تہ اي انسانو! توهان وٽ توهان جي پالڻهار کان حق آيو آهي پوءِ جيڪو سڌي واٽ ونندو تہ پنهنجي ڀلائي جي لاءِ سڌي واٽ ونندو ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو تہ پنهنجي گمراهي جو نقصان ان تي آهي ۽ مان توهان جو ذميوار نہ آهيان (١٠٨) ۽ اي پيغمبر! جيڪو تو ڏانهن وحي ڪيو ويجي ٿو ان جي تابعداري ڪر ۽ ايستائين صبر ڪر جيستائين الله فيصلو ڪري ۽ اهو سمورن کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي (١٠٩)[11]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت هود مڪي آهي، هن ۾ 123 آيتون ۽ 10 رڪوع آهن.

الٓر هي هڪ ڪتاب آهي جنهن جون آيتون حڪمت ڀريون آهن، وري حڪمت واري داناء جي طرفان کولي بيان ڪيل آهن (١) تہ الله کان سواءِ ٻئي جي عبادت نہ ڪريو، بيشڪ مان ان جي طرف کان توهان لاءِ ڈيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ٻڌائيندڙ آهيان (٢) ۽ هي تہ پنهنجي رب کان معافي گهرو ۽ ان ڏانهن توبهہ ڪري موٽو تہ توهان کي هڪ مقرر مدت تائين زندگي جي فائدن سان نوازيندو ۽ هر ڪنهن ڀلائي ڪرڻ واري کي ان جي حصي جي ڀلائي ڏيندو ۽ جيڪڏهن توهان منهن ڦيريو تہ مون کي توهان جي متان وڏي ڏينهن جي عذاب اچڻ جو خوف آهي (٣) توهان سڀني کي الله جي طرف موٽڻو آهي ۽ اهو هر شي تي وس وارو آهي (٤) خبردار! اهي پنهنجا سينا هن لاءِ موڙين ٿا تہ الله کان پاڻ لڪائين، ياد رکو جنهن وقت اهي پنهنجي ڪپڑن سان سمورو جسم ڍڪي ڇڏيندا آهن ان وقت بہ الله انهن جو لکل ۽ ظاهر سڀ ڪجهہ ڄاڻندو آهي، بيشڪ اهو دلين جو راز ڄاڻندڙ آهي (٥) ۽ زمين تي ڪو چرندڙ پرندڙ اهڙو نہ آهي جنهن جو رزق الله جي ذمي نہ هجي، ۽ ان جي رهڻ جي جاءِ، ۽ جتي رزق

سانديل آهي الله جاڻندو آهي، سڀ ڪجهه هڪ صاف بيان ڪندڙ ڪتاب ۾ لکيل آهي (٦) ۽ اهوئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو ۽ ان جو عرش پاڻي تي هو، اهو بڏائڻ هن لاءِ آهي ته جيئن توهان کي آزمائي ته توهان ۾ ڪنهن جا عمل چڱا آهن. ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن انهن کي چوندين ته بيشڪ توهان کي مرڻ کان پوءِ اڻاريو ويندو ته ڪافر ضرور چوندا ته هي ته بس پڌرو جادو آهي (٧) ۽ جيڪڏهن اسان هڪ مقرر مدت تائين انهن کان عذاب هٽايون ته ضرور چوندا ته ڪهڙي شي ان کي روڪيو آهي، خبردار! جنهن ڏينهن انهن تي عذاب ايندو تڏهن اهو ٽاريو نه ويندو ۽ انهن کي اهوئي عذاب گهيريندو جنهن تي ٺٺول ڪندا آهن (٨)[1] ۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پنهنجي ڪنهن مهرباني جو مزو چکايون ٿا ۽ پوءِ اها ان کان کسي وٺون ٿا ته اهو مايوس ۽ ناشڪر ٿي وڃي ٿو (٩) ۽ جيڪڏهن ان کي ڏک پهچڻ کان پوءِ سک پهچايون ٿا ته چوي ٿو ته مون کان تڪليفون ٽري ويون، بيشڪ انسان خوش ٿيندڙ ۽ وڏائي ڪندڙ آهي (١٠) مگر جن صبر ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي (١١) پوءِ اي پيغمبر! جيڪي تنهنجي طرف وحي ٿئي ٿو متان ان مان ڪجهه ڇڏي ڏين ۽ متان ڪافرن جي هن چوڻ ڪري دل تنگ ڪرين ته ان تي خزانو چو نه لاٿو ويو آهي يا ان سان گڏ ڪو ملائڪ چو نه آيو آهي، تون ته فقط ڊيڄارينڊڙ آهين ۽ الله هر شي تي نگهبان آهي (١٢) بلڪ اهي ائين به چون ٿا ته ان پاڻ قرآن ٺاهيو آهي، اي پيغمبر! کين چئو ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته توهان به ان جهڙيون ڏهه سورتون ٺاهي ڪڍي اڇو ۽ الله کان سواءِ جنهن کي به سڏي سگهو سمورن کي مدد لاءِ سڏيو (١٣) جيڪڏهن اهي ٻُڌ توهان جي ان سڏ جو جواب نه ڏئي سگهن ته پوءِ يقين ڪريو ته اهو الله جي ئي علم سان لاٿو ويو آهي ۽ ان کان سواءِ ڪوبه معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، پوءِ هاڻي ته اسلام قبول ڪندو (١٤) جيڪو دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهري ٿو ته دنيا ۾ ان کي پورو پورو اجورو ڏيون ٿا ۽ ان ۾ ڪابه ڪمي نٿي ڪئي وڃي (١٥) اِهي اُهي آهن جن جي لاءِ آخرت ۾ باهه کان سواءِ ڪجهه به نه هوندو ۽ جيڪو به دنيا ۾ ڪيائون سو ضايع ٿي ويندو ۽

سندن عمل تباهہ ٿي ويندا (١٦) پوءِ جيڪو پنهنجي رب جي طرف کان پڌري دليل تي هجي ۽ ان لاءِ الله کان شاهد (قرآن) ۽ اڳي ويو هجي ۽ ان کان اڳ ۾ موسيٰ تي لٿل ڪتاب (توريت) رهبر ۽ رحمت ۽ شاهد هجي، اهي ماڻهو ان قرآن تي ايمان آڻين ٿا. ۽ جيڪو ٻين گروهن مان ان قرآن جو انڪار ڪندو تہ پوءِ باهہ ئي ان جو انجام آهي. اي ٻڌندڙ! توکي ان ۾ ڪو شڪ نہ هئڻ گهرجي. بيشڪ تنهنجي رب کان اهو حق آهي پر گهڻا ماڻهو ويساهہ نٿا رکن (١٧) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ ٻڌي. انهن کي سندن رب جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ شاهد چوندا تہ اِهي اُهي آهن جن پنهنجي رب تي ڪوڙ گهڙيا هئا. خبردار! انهن ظالمن تي الله جي لعنت آهي (١٨) جيڪي الله جي راهہ کان ماڻهن کي جهلينداآهن ۽ ان ۾ ڦيرگير چاهين ٿا ۽ اهي آخرت جو ۽ انڪار ڪندڙ آهن (١٩) اهي زمين ۾ الله کي ٽڪائي سگهندڙ نہ آهن ۽ الله کان سواءِ انهن جو ڪو حمايتي نہ آهي انهن کي ٻيڻو عذاب ڪيو ويندو. جو نہ تہ حق جي ڳالهہ ٻڌي سگهيا ۽ نہ وري ڏسي سگهيا (٢٠) اهي ئي آهن جن پاڻ کي گهاتي ۾ وڌو ۽ سندن من گهڙت ڳالهيون کانئن وسري ويون (٢١) بيشڪ اهي ماڻهو آخرت ۾ سڀني کان وڌيڪ نقصان وارا آهن (٢٢) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ پنهنجي رب ڏانهن جهُڪيا سي جنتي آهن. اهي ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (٢٣) انهن ٻن ٽولن جو مثال انڌي ۽ ٻوڑي ۽ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ وانگر آهي. ڇا اهي ٻئي ٽولا هڪجهڙا آهن. پوءِ ڏيان ڇو نٿا ڪيو (٢٤)[2] ۽ بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليو ان چيوتہ بيشڪ مان توهان جي لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٢٥) تہ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪيو بيشڪ مون کي توهان تي سخت مصيبت واري ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي (٢٦) پوءِ سندس قوم جي سردارن مان جن ڪفر ڪيو هو تن چيو تہ اسان تہ توکي پاڻ جهڙوئي انسان ڏسون ٿا ۽ اسان مان خسيس ماڻهن کان سواءِ تنهنجي پيروي ڪندي ڪنهن کي بہ نٿا ڏسون ۽ اهي بنا سوچڻ سمجهڻ جي تنهنجي ٻڌيان لڳي پيا آهن ۽ اسان پاڻ تي توهان جي ڪابہ فضيلت نٿا سمجهون. بلڪ توهان کي ڪوڙو ٿا سمجهون (٢٧)

نوح چيو تہ اي منهنجي قومر! ٻڌايو تہ جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي پڌري دليل تي هجان ۽ ان مون کي پاڻ وٽان رحمت بخشي هجي جنهن جي حقيقت توهان کان ڳجهي رکي وئي هجي تہ پوءِ ان هوندي ان کي مڃڻ لاءِ توهان کي زور ڇو ڪريون جڏهن تہ توهان بيزار هجو (۲۸) اي منهنجي قومر! مان توهان کان ان تي ڪنهن بہ قسم جو مال نٿو گهران. منهنجو اجر تہ الله کان سواءِ ٻئي تي نہ آهي ۽ ايمان آڻڻ وارن کي پاڻ کان پري تڙڻ وارو نہ آهيان. بيشڪ اهي پنهنجي رب سان ملڻ وارا آهن پر مان توهان کي تہ جاهل قوم ڏسان ٿو (۲۹) ۽ اي منهنجي قومر! جيڪڏهن مان انهن کي تڙيندس تہ مون کي الله کان ڪير بچائيندو. پوءِ ڇو توهان نٿا سمجهو (۳۰) ۽ مان توهان کي اهو نٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن. ۽ نہ هي تہ مان ڳجهہ ڄاڻندو آهيان. نہ هي چوان ٿو تہ مان ملائڪ آهيان. ۽ جن کي توهان جون اکيون حقير ٿيون سمجهن مان انهن لاءِ ائين نٿو چوان تہ الله انهن کي هرگز ڀلائي نہ ڏيندو. جيڪي انهن جي دلين ۾ آهي سو الله خوب ڄاڻندڙ آهي. ائين ڪريان تہ ضرور مان ظالمن مان ٿيندس (۳۱) چيائون تہ اي نوح! تو اسان سان بحث ڪيو. بلڪ تمام گهڻو بحث ڪيو آهي. پوءِ جي تون سچو آهين تہ اهو عذاب وٺي اڇ جنهن جو تون اسان کي انجام ڏين ٿو (۳۲) نوح چيو تہ جيڪڏهن الله چاهي تہ اهو عذاب توهان تي ضرور آڻيندو. ۽ توهان کيس عاجز ڪري نٿا سگهو (۳۳) ۽ جيڪڏهن مان توهان کي نصيحت ڪرڻ گهران پر الله توهان جي گمراهي چاهي تہ منهنجي نصيحت توهان کي ڪو فائدو نہ ڏيندي. اهو توهان جو رب آهي ۽ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندو (۳٤) بلڪ اي نوح! اهي هيئن بہ چوندا آهن تہ ان وحي جي ڳالهہ پاڻ ناهي آهي. ڇئو تہ جي مون ناهي آهي تہ منهنجو گناهہ مون تي آهي ۽ توهان جيڪي گناهہ ڪيو ٿا مان انهن کان بي تعلق آهيان (۳۵)[3] ۽ نوح کي وحي ڪيو ويو تہ جيترا تنهنجي قوم مان ايمان آڻي چڪا آهن تن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ايمان نہ آڻيندو. پوءِ اهي ڪافر جيڪي ڪن ٿا تون ان تي ڪُڙتي نہ ڪر (۳٦) ۽ اسان جي نظر هيٺ ۽ اسان جي حڪم مطابق ٻيڙو ناهہ ۽ ظالمن جي باري ۾ مون سان نہ ڳالهائجان. اهي ضرور ٻوڙيا ويندا (۳۷) ۽ نوح ٻيڙو ناهڻ لڳو ۽ جڏهن

سندس قوم جي سردارن مان ڪي وٽانئس لنگهندا هيا تہ ان تي ٽوڪون ڪرڻ ٻڌندا هيا. نوح چوندو هيو تہ جيڪڏهن توهان اسان تي ٽوڪون ڪيو ٿا تہ اسان بہ هڪ وقت توهان تي ڪلنداسين جيئن توهان ٽوڪون ڪيو ٿا (٣٨) پوءِ جلد اوهان کي خبر پوندي تہ اهو عذاب ڪنهن تي اچي ٽو جيڪو ان کي خوار ڪري ڇڏيندو ۽ ان تي هميشہ عذاب پيو لهندو (٣٩) نيٺ جڏهن اسان جو حڪم آيو ۽ تنور ابليو تہ اسان نوح کي چيو تہ هر جنس مان بہ بہ جوڙا ٻيڙي ۾ سوار ڪر. پنهنجي گهر وارن مان انهن کان سواءِ جن جي خلاف حڪم ٿي چڪو آهي ۽ باقي ٻين کي جن ايمان آندو آهي تن کي ان ۾ سوار ڪر ۽ ٿورن کان سواءِ ٻين ان تي ايمان نہ آندو هو(٤٠) ۽ نوح چيو تہ ان ۾ سوار ٿيو ان جو هلڻ ۽ ان جو بيهڻ الله جي نالي سان آهي. بيشڪ منهنجو رب بخشڻهار مهربان آهي (٤١) ۽ اهو ٻيڙو انهن کي پهاڙ جيڏين چولين ۾ کڻي هليو ۽ نوح پنهنجي پٽ کي سڏيو جيڪو ڪناري تي هو اي منهنجا پٽڙا! اسان سان سوار ٿي ۽ ڪافرن سان گڏ نہ ٿي (٤٢) نوح جي پٽ چيو تہ اجهو مان ڪنهن پهاڙ تي پناهہ ٿو ونان اهو مون کي پاڻي کان بچائي ونندو. نوح چيو تہ اڄ الله جي عذاب کان بچائڻ وارو ڪو ڪونهي مگر جنهن تي اهو پاڻ رحم ڪري ۽ ايتري ۾ انهن جي وچ۾ چولي اچي وئي پوءِ اهو ٻڏلن ۾ رهجي ويو (٤٣) ۽ حڪم ڪيو ويو تہ اي زمين پنهنجو پاڻي چُهي وڃ ۽ اي آسمان مينهن وسائڻ بند ڪر. پوءِ پاڻي سڪي ويو ۽ ڪم پورو ٿي ويو ۽ ٻيڙو جودي جبل تي وڃي بينو ۽ چيو ويو تہ ظالم ماڻهو تباهہ ٿين (٤٤) ۽ نوح پنهنجي رب کي پڪاريو تہ اي منهنجا رب! منهنجو پٽ بہ تہ منهنجي گهر وارن مان آهي ۽ بيشڪ تنهنجو انجام سچو آهي ۽ تون حاڪمن جو حاڪم آهين (٤٥) الله چيو اي نوح! اهو تنهنجي گهراڻي مان نہ آهي ڇوتہ اهو اڻ سڏريل ڪمن وارو آهي. پوءِ مون کان اهو سوال نہ ڪر جنهن جو توکي علم نہ آهي. مان توکي نصيحت ٿو ڪريان تہ متان تون نادانن مان ٿين (٤٦) نوح عرض ڪيو منهنجا رب! مان تنهنجي پناهہ ٿو گهران جو توکان اها شي گهران جنهن جو مون کي علم نہ هجي. ۽ جيڪڏهن تو مون کي معاف نہ ڪيو ۽ مون تي رحم نہ ڪيئي تہ مان نقصان وارن مان ٿي ويندس (٤٧) چيو ويو تہ اي

نوح! ٻيڙي مان لهه. اسان جي طرفان توتي ۽ توسان گڏ جيڪا جماعت آهي انهن تي سلام ۽ برڪتون هجن. ۽ ڪي ٻيا گروهه هوندا جن کي آسودو ڪنداسين. پوءِ انهن مان ڪافرن کي اسان وٽان ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو (٤٨) اي محبوب! اهي غيب جون خبرون آهن جيڪي اسان تنهنجي طرف وحي ڪريون ٿا. هن کان اڳ نه تون ۽ نه تنهنجي قوم وارا انهن ڳالهين کي ڄاڻندا هيوَ پوءِ تون دلجاءِ ڪر. بيشڪ چڱي پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي (٤٩)[4] عاد وارن ڏانهن انهن جي ڀاءُ هود کي پيغمبر ڪري موڪليوسين. چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نه آهي. بيشڪ توهان ته فقط ناهه ناهيندا آهيو (٥٠) اي منهنجي قوم! مان ان تي توهان کان ڪابه مزدوري نٿو گهران. منهنجو اجر ته انهيءَ جي ذمي آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي. پوءِ توهان ڇو نٿا سمجهو (٥١) اي منهنجي قوم! پنهنجي رب کان بخشش گهرو ۽ ان جي حضور ۾ توبهه ڪريو ته توهان تي آسمان کان وڏڙو مينهن وسائيندو ۽ توهان جي طاقت ۾ وڌائيندو. ۽ توهان ڏوهي ٿي منهن نه ڦيريو (٥٢) چوڻ لڳا ته اي هودا! تو اسان وٽ ڪابه ثابتي نه آندي آهي ۽ اسان تنهنجي چوڻ تي پنهنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا نه آهيون. نه ئي توکي مڃيندڙ آهيون (٥٣) اسان ته ائين چئون ٿا ته شايد اسان جي ڪنهن معبود جي توکي نظر لڳي آهي. هود چيو ته مان الله کي شاهد ٿو ڪريان ۽ توهان به شاهد رهو ته جن کي توهان الله سان شريڪ ناهيندا آهيو مان انهن سمورن کان بيزار آهيان (٥٤) ان الله کان سواءِ. پوءِ توهان سمورا گڏجي منهنجي خلاف دشمني ڪريو ۽ مون کي مهلت نه ڏيو (٥٥) بيشڪ مون الله تي ئي پروسو رکيو جيڪو منهنجو رب آهي ۽ توهان جو به رب آهي. ڪابه چرندڙ شي نه آهي جنهن جي قسمت ان جي قبضي قدرت ۾ نه هجي. بيشڪ منهنجو رب سڌي رستي تي مِلندو آهي (٥٦) پوءِ جيڪڏهن توهان منهن ڦيريو ته ياد رکو ته جيڪو پيغام ڏئي مون کي موڪليو ويو آهي اهو مان توهان کي پهچائي چڪو آهيان. ۽ منهنجو رب توهان جي جاءِ تي ٻي قوم کي آڻيندو ۽ توهان ان جو ڪجهه به بگاڙي نٿا سگهو بيشڪ منهنجو رب هر شي تي نگهبان آهي (٥٧) ۽ جڏهن اسان

جو عذاب پهتو تہ اسان هود ۽ ان سان گڏ جن ايمان آندو هو انهن کي پنهنجي مهرباني سان بچائي ورتو ۽ انهن کي سخت عذاب کان بچايوسين (٥٨) ۽ اهي عاد وارا هيا جن پنهنجي رب جي آيتن جو انڪار ڪيو هو ۽ ان جي رسولن جي نافرماني ڪيائون ۽ هر هٺ ڏرم سرڪش جي حڪم جي پٺيان لڳا (٥٩) ۽ انهن جي پٺيان هن دنيا ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن پڻ لعنت لاتي وئي، بيشڪ عاد وارن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو خبردار! هود جي قوم عاد وارن تي ڦٽڪار هجي (٦٠)[5] ۽ ثمود وارن ڏانهن انهن جي ڀاءُ صالح کي پيغمبر ڪري موڪليوسين، چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نہ آهي، انهيءَ توهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ انهيءَ ۾ توهان کي آباد ڪيائين، سو ان کان بخشش گهرو ۽ ان جي آڏو توبهہ ڪريو، بيشڪ منهنجو رب ويجهو ۽ دعا قبول ڪندڙ آهي (٦١) چيائون تہ اي صالح! هن کان اڳ تہ تو ۾ اسان جون گهڻيون اميدون هيون، تون اسان کي انهن معبودن جي پوڄا کان ڇو منع ڪرين ٿو جن جي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄا ڪندا هيا، بيشڪ جنهن ڳالهہ ڏانهن تون اسان کي سڏين ٿو ان بابت اسان وڏي شڪ ۾ آهيون (٦٢) صالح چيو تہ اي منهنجي قوم! ٻڌايو تہ جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي طرفان دليل تي هجان ۽ انهيءَ مون کي پنهنجي خاص رحمت (نبوت) بخشي هجي ۽ پوءِ بہ مان جيڪڏهن سندس نافرماني ڪريان تہ مون کي الله کان ڪير بچائيندو پوءِ توهان تہ مون لاءِ نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ وڌايو (٦٣) اي منهنجي قوم! هيءَ الله جي ڏاچي توهان جي لاءِ نشاني (معجزو) آهي، پوءِ ان کي ڇڏي ڏيو تہ الله جي زمين ۾ کائي پيئي ۽ ان کي تڪليف پهچائڻ جي لاءِ هٿ نہ لائجو نہ تہ اوهان کي جلدي عذاب پهچندو (٦٤) پوءِ انهن ڏاچيءَ جون ڪچون ڪپي ڇڏيون تنهن تي صالح انهن کي چيو تہ تي ڏينهن پنهنجي گهرن ۾ مزا ڪيو هي اهڙو واعدو آهي جيڪو ڪوڙو نہ ٿيندو (٦٥) پوءِ جڏهن اسان جو عذاب آيو تہ اسان صالح ۽ انهن کي جن ان سان گڏ ايمان آندو هو سيني کي پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ ان ڏينهن جي خواري کان ڇوتڪارو ڏنو بيشڪ تنهنجو رب طاقت وارو ۽ زبردست آهي (٦٦) ۽ انهن ظالمن کي وڏي رڙ اچي ورايو سو صبح

جو پنهنجي گهرن ۾ ڪروندڙا ٽي مري ويا (٦٧) جڏ ته انهن گهرن ۾ آباد رهيائي ڪونہ هئا. بيشڪ ثمود وارن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو خبردار! ثمود وارن تي لعنت پئي (٦٨)[6] ۽ بيشڪ اسان جا قاصد ابراهيم وٽ خوشخبري ڪٽي آيا. چيائون ته السلام عليڪم. ابراهيم جواب ۾ چيو وعليڪم السلام. پوءِ ٽوري ئي دير ۾ گابي جو ڀُڳل گوشت ڪٽي آيو (٦٩) پوءِ جڏهن ڏٺائين ته انهن جا هٿ ڪاڏي جي طرف نٽا وڌن ته انهن کي اوپرو سمجهيَ دل ئي دل ۾ انهن کان ڊڄڻ لڳو. چيائون ته ڊڄ نہ اسان کي لوط جي قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي (٧٠) پوءِ اسان ان کي اسحاق جي ۽ اسحاق جي پٽيان يعقوب جي خوشخبري ڏني. ابراهيم جي زال جيڪا تنبوع ۾ بيٺي هئي سا کلڻ لڳي (٧١) چوڻ لڳي هاءِ مُٽيس! مان ٻار ڄڻيندیس. جڏهن ته مان پوڙهي آهيان ۽ هي منهنجو مڙس بہ پوڙهو آهي. بيشڪ هي ته عجب جهڙي ڳالهہ آهي (٧٢) ملائڪن چيو ته الله جي قدرت تي حيرت چوٽي ڪرين. اي هن گهر وارو! توهان تي الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون هجن. بيشڪ اهو ساراهيل وڏائي وارو آهي (٧٣) پوءِ جڏهن ابراهيم جو خوف لٿو ۽ کيس خوشخبري ملي تڏهن اسان سان لوط جي قوم جي باري ۾ تڪرار ڪرڻ لڳو (٧٤) چوته ابراهيم بردبار. نرم دل ۽ الله ڏانهن رجوع ڪندڙ هو(٧٥) چيوسين. اي ابراهيم! انهي ڳالهہ کان مڙي وڃ. بيشڪ تنهنجي رب جو حڪم اچي چڪو آهي ۽ بيشڪ انهن تي عذاب اچڻ وارو آهي جيڪو ٽرٽو نہ آهي (٧٦) ۽ جڏهن لوط وٽ اسان جا قاصد آيا ته ان کي انهن جو ڏک ٿيو ۽ انهن جي ڪري سندس دل تنگ ٿي ۽ چيائين ته هي ڏاڍو ڏکيو ڏينهن آهي (٧٧) ۽ ان جي قوم وارا ان وٽ ڊوڙندا آيا ۽ انهن کي اڳيئي بڇڙاين جي عادت پيل هئي. چيائين ته اي منهنجي قوم! هي منهنجون نياڻيون آهن. هي توهان جي نڪاح لاءِ سٽيون آهن. سو الله کان ڊجو ۽ مون کي منهنجي مهمانن ۾ خوار نہ ڪريو. ڇا توهان ۾ هڪڙو بہ چڱو ماڻهو نہ آهي جو توهان کي روڪي (٧٨) چيائون ته توکي خبر آهي ته اسان کي تنهنجي ڌيئرن جي ڪا گهرج ڪونهي. ۽ اسان جيڪي چاهيون ٿا ان جي بہ توکي خبر آهي (٧٩) لوط چيو ڪاش! مون کي اوهان جي مقابلي جي طاقت هجي ها يا ڪنهن مضبوط سهاري

جي پناھ وٺان ھا (٨٠) ملائكن چيو تہ اي لوط! اسان تنھنجي رب جا موكليل آھيون. اھي توتائين كڏھن بہ پھچي نہ سگھندا. پوءِ تون پنھنجي زال كان سواءِ پنھنجي گھر وارن كي رات پيٺ ۾ وٺي نكري وڃ ۽ توھان مان كوبہ پٺتي نہ نھاري. تنھنجي زال كي بہ اھوئي عذاب پھچڻو آھي جيكو انھن كي پھچندو. بيشك انھن سان عذاب جي واعدي جو وقت صبح جو آھي. صبح ٿيڻ ۾ كا دير كونھي (٨١) پوءِ جڏھن اسان جو حكم پھتو تہ ان ڳوٺ جي مٿئين حصي كي ان جو ھيٺيون حصو كري ڇڏيوسين ۽ انھن تي لڳاتار باھ ۾ پكل پٿر وسايا سين (٨٢) اھي پٿر تنھنجي رب وٽان نشان ٿيل ھيا ۽ اھو ڳوٺ ھنن مكي جي ظالمن كان پري نہ آھي (٨٣)[7] ۽ مدين وارن ڏانھن سندن ڀاءِ شعيب كي پيغمبر كري موكليوسين. چيائين تہ اي منھنجي قوم! الله جي عبادت كريو ان كان سواءِ توھان جو كو معبود كونھي. ۽ ماپ ۽ تور ۾ كوٽ نہ كريو. بيشك مان توھان كي آسودو ڏسان ٿو ۽ بيشك مان توھان تي گھيري وٺندڙ ڏينھن جي عذاب كان ڊجان ٿو (٨٤) ۽ اي منھنجي قوم! ماپ ۽ تور انصاف سان پوري كريو ۽ ماڻھن كي انھن جون شيون گھٽائي نہ ڏيو ۽ زمين ۾ فساد ڦيلائيندا نہ ڦرو (٨٥) جيكڏھن توھان كي يقين ھجي تہ الله جي ڏنل مال مان جيكو بچي وڃي اھوئي توھان جي لاءِ بھتر آھي ۽ مان توھان تي كو نگھبان نہ آھيان (٨٦) چيائون تہ اي شعيب! تنھنجي نماز توكي اھو حكم كيو آھي ڇا تہ جن كي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا ھيا تن كي پوڄڻ يا پنھنجي مالن ۾ جيكي كرڻ گھرندا آھيون اھو ڇڏي ڏيون. ھائو سائين! تون تہ وڏو بردبار ۽ سڌي رستي وارو آھين (٨٧) شعيب چيو تہ اي منھنجي قوم! ڀلا ٻڌايو تہ جيكڏھن مان پنھنجي رب جي طرفان ھك پڌري دليل تي ھجان ۽ انھيءَ مون كي پاڻ وٽان چگي روزي ڏني ھجي تہ پوءِ مان اھو كيئن مڃيندس تہ جنھن ڳالھ كان توھان كي منع كريان ٿو تہ پاڻ وري ان جي ابتڙ كريان. جيترو ٿي سگھيو تہ مان سڌارو كرڻ كان سواءِ ٻي كوشش نہ كندس. ۽ الله جي فضل كان سواءِ مون كي كا سگھ نہ آھي. مان انھيءَ تي ئي ڀروسو كريان ٿو ۽ انھيءَ جي طرف رجوع كيان ٿو (٨٨) ۽ اي منھنجي قوم! توھان جي مون سان مخالفت ڪٽي توھان جي

لاءِ اهڙي عذاب پهچڻ جو سبب نه ٿئي جهڙو عذاب نوح جي قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم کي پهتو ۽ لوط جي قوم تہ اوهان کان ڪا پري نہ آهي (٨٩) ۽ پنهنجي رب کان بخشش گهرو ۽ ان جي حضور ۾ توبهہ ڪريو بيشڪ منهنجو رب مهربان ۽ محبت ڪرڻ وارو آهي (٩٠) چيائون تہ اي شعيب! تون جيڪي ڳالهيون ڪرين ٿو انهن مان گهڻيون تہ اسان جي سمجهہ ۾ ئي نہ ٿيون اچن ۽ اسان پاڻ ۾ توکي بلڪل ڪمزور ڏسون ٿا. ۽ جيڪڏهن تنهنجو ڪٽنب نہ هجي ها تہ اسان توکي پٿرن سان ماريون ها ۽ تون اسان تي ڪو سردار نہ آهين (٩١) شعيب چيو تہ اي منهنجي قوم! توهان تي منهنجو خاندان الله کان وڌيڪ ڏاڍو آهي ڇا جو انهيءَ الله جي حڪم کي توهان پنهنجي پٺيان اڇلائي ڇڏيو آهي. بيشڪ توهان جا سمورا عمل منهنجي رب جي وس ۾ آهن (٩٢) اي منهنجي قوم! توهان پنهنجي جاءِ تي عمل ڪيو ۽ مان بہ پنهنجو عمل ڪندڙ آهيان. سِگهو توهان کي خبر پوندي تہ ڪنهن تي خوار ڪندڙ عذاب اچي ٿو ۽ ڪير ڪوڙو آهي ۽ توهان انتظار ڪريو ۽ مان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان (٩٣) ۽ جڏهن اسان جو عذاب آيو تہ اسان شعيب کي ۽ ان سان گڏ جن ايمان آندو هو تن کي پنهنجي ٻاجهہ سان بچايوسين ۽ ظالمن کي سخت ڪڙڪي اچي ورتو. پوءِ صبح جو پنهنجي گهرن ۾ گوڏن ۾ اونڌا ٿي مري ويا (٩٤) جڻ تہ انهن گهرن ۾ رهيائي ڪونہ هيا. خبردار! مدين وارن تي ڦٽڪار هجي جيئن ثمود وارن جي تباهي ٿي (٩٥)[8] ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي پنهنجين نشانين ۽ پڌري حجت سان پيغمبر ڪري موڪليوسين (٩٦) فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن پر سپ ماڻهو فرعون جي حڪم تي هليا ۽ فرعون جو حڪم صحيح نہ هو (٩٧) قيامت جي ڏينهن فرعون پنهنجي قوم جي اڳيان هوندو پوءِ انهن کي دوزخ ۾ آڻي لاهيندو ۽ اهو لهڻ جو برو گهاٽ آهي (٩٨) ۽ هن جهان ۾ انهن جي پٺيان لعنت لڳائي وئي ۽ قيامت جي ڏينهن بہ لعنت جو طوق ملندن. جيڪو بدلو مليُن سو بيڻو آهي (٩٩) اي پيغمبر! اهي ڳوٺن جون خبرون آهن جيڪي اسان توکي ٻڌايون ٿا. انهن مان کي اڃا موجود آهن ۽ کي ناس ٿيل آهن (١٠٠) ۽ اسان انهن سان ظلم نہ ڪيو بلڪ انهن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو.

پوءِ جڏهن تنهنجي رب جو حڪم پهتو تہ سندن معبودن جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا هئا انهن کان ڪجهہ بہ نہ ٽاريو ۽ انهن تي هلاڪت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ وڌايائون (١٠١) ۽ تنهنجي رب جي پڪڙ ان مهل انهن ڳوٺن وارن کي ان حالت ۾ ٿيندي آهي جڏهن اهي ظلم ڪندڙ هوندا آهن، بيشڪ ان جي پڪڙ سخت ڏکوئيندڙ آهي (١٠٢) بيشڪ ان ۾ ان ماڻهوءَ لاءِ نشاني آهي جيڪو آخرت جي عذاب کان ڊڄي، اِهو اُهو ڏينهن آهي جنهن ۾ سمورا ماڻهو گڏ ٿيندا ۽ اهو حاضريءَ جو ڏينهن آهي (١٠٣) ۽ مقرر مدت کان سواءِ ان کي ڏر نٿا ڏيون (١٠٤) جڏهن اهو ڏينهن ايندو تہ کوبہ الله جي اجازت کان سواءِ نہ ڳالهائيندو پوءِ انهن ماڻهن مان کي بدبخت هوندا ۽ کي خوش نصيب هوندا (١٠٥) پوءِ جيڪي بدبخت ٿيا اهي تہ دوزخ ۾ ويندا ۽ ان ۾ دانهون ۽ ڪوڪون ڪندا (١٠٦) مگر جيترو وقت تنهنجي رب گهريو ان کان سواءِ آسمان ۽ زمين جي بقا هجڻ تائين ان ۾ رهندا، بيشڪ تنهنجو رب جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (١٠٧) ۽ اهي جيڪي خوش نصيب ٿيا سي بهشت ۾ گهڙندا مگر جيترو تنهنجي رب گهريو ان کان سواءِ آسمان ۽ زمين جي بقا تائين سدائين ان ۾ رهندا، اها اٽڪ بخشش آهي (١٠٨) پوءِ اي پيغمبر! اهي ڪافرجنهن جي پوڄا ڪندا آهن ان کان شڪ ۾ نہ رهہ، اهي اهڙي طرح پوڄا ڪري رهيا آهن جهڙي طرح انهن کان اڳي سندن ابا ڏاڏا ڪندا رهيا آهن، بيشڪ اسان انهن کي عذاب جو ان کٽ حصو پرپور ڏينداسين (١٠٩)[9] بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيائون، جيڪڏهن تنهنجي رب جو هڪڙو حڪم اڳيئي ٿيل نہ هجي ها تہ انهن جو فيصلو ٿي وڃي ها، بيشڪ اهي ان کان ڏوکي ۾ وجهندڙ شڪ ۾ پيل آهن (١١٠) ۽ بيشڪ جڏهن اٽاريا ويندا تہ تنهنجو رب سيني کي انهن جي عملن جو پورو پورو بدلو ڏينڈو، ان کي انهن جي سيني عملن جي خبر آهي (١١١) پوءِ توکي جيڪو حڪم ڪيو ويو آهي ان تي قائم رهہ ۽ جن توسان گڏ توبهہ ڪئي آهي اهي بہ ان تي قائم رهن ۽ حد کان نہ لنگهن، بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (١١٢) ۽ ظالمن جي طرف نہ جهڪو ورنہ توهان کي باهہ جي لهس ايندي ۽ الله کان سواءِ توهان جو ڪو حمايتي نہ آهي، پوءِ

توهان جي مدد نہ ٿيندي (۱۱۳) ڏينهن شروع ٿيڻ وقت ۽ لڙي رات جي وقت نماز ادا ڪر. بيشڪ چڱايون براين کي مٽائي ڇڏيندیون آهن. هي نصيحت مڃيندڙن جي لاءِ هڪ نصيحت آهي (۱۱٤) ۽ صبر ڪر جو الله نيڪي ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نہ ڪندو آهي (۱۱۵) پوءِ توهان کان اڳين زمانن وارن مان گهٽا سمجهہ پريا چو نہ ٿيا جو ماڻهن کي زمين ۾ فساد ڪرڻ کان روڪين ها. مگر انهن ۾ ٿورا هيا جن کي اسان بچايوسين ۽ جيڪي ظالم هيا انهيءَ جي ڪيڙ لڳا رهيا جنهن ۾ انهن کي عيش مليو ۽ اهي گناهگار هئا (۱۱٦) اي پيغمبر! تنهنجو رب اهڙو نہ آهي جو ڳوٺن وارن کي انهن جي سڌريل رهاڪن هوندي تباهہ ڪري (۱۱۷) جيڪڏهن تنهنجو رب گهري ها تہ سمورن ماڻهن کي هڪ ئي مذهب تي ڪري ها پر اهي هميشہ مختلف راهن تي هلندا رهندا (۱۱۸) مگر جن تي تنهنجي رب رحم ڪيو سي هڪ مذهب تي هوندا ۽ کين انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ تنهنجي رب جو هي ٻول پورو ٿي چڪو تہ بيشڪ جنن ۽ ماڻهن کي گڏي جهنم ضرور پري ڇڏيندس (۱۱۹) اي پيغمبر! اسان توکي رسولن جي خبرن مان ايترو ٻڌايون ٿا جنهن سان تنهنجي دل ثابت رکون ۽ انهن خبرن ۾ تو وٽ حق ۽ مومنن لاءِ نصيحت ۽ سمجهاڻي آهي (۱۲۰) اي پيغمبر! جيڪي ايمان نٿا آڻين انهن کي چئو تہ توهان پنهنجي جاءِ تي عمل ڪريو ۽ اسان بہ پنهنجي جاءِ تي عمل ڪندڙ آهيون (۱۲۱) ۽ انتظار ڪيو ۽ اسان بہ انتظار ڪندڙ آهيون (۱۲۲) ۽ آسمانن ۽ زمين جا ڳُجهہ الله جي لاءِ آهن ۽ سمورن ڪمن جو موٽڻ انهيءَ جي ئي طرف آهي، پوءِ انهيءَ جي عبادت ڪريو ۽ انهيءَ تي پروسو رکو ۽ جيڪي ڪندا آهيو ان کان توهان جو رب بي خبر نہ آهي (۱۲۳)[10]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت يوسف مڪي آهي، هن ۾ 111 آيتون ۽ 12 رڪوع آهن.

الٓرٰ هي روشن ڪتاب جون آيتون آهن (۱) اسان هن قرآن کي عربي ٻولي ۾ نازل ڪيو آهي تہ جيئن توهان سمجهو (۲) اي پيغمبر! اسان تنهنجي طرف هن قرآن کي وحي ڪري موڪلڻ سان توکي سڀ کان سنو

قصو ٻڌايون ٿا. جڏهن ته تون هن کان اڳ ان کان بي خبرن مان هئين (٣) جڏهن يوسف پنهنجي پيءُ کي چيو ته اي بابا! مون خواب ۾ يارهن ستارا ۽ سج ۽ چنڊ ڏٺا، مون انهن کي ڏٺو ته مون کي سجدو ڪن ٿا (٤) يعقوب چيو ته اي منهنجا پٽڙا! پنهنجو خواب پنهنجي ڀائرن کي نه ٻڌائجان متان اهي تنهنجي لاءِ ڪا چالبازي ڪن. بيشڪ شيطان انسان جو کليو دشمن آهي (٥) ۽ اهڙيءَ طرح توکي تنهنجو رب چونڊيندو ۽ توکي خوابن جو تعبير سيکاريندو ۽ توتي ۽ يعقوب جي اولاد تي پنهنجي نعمت پوري ڪندو جيئن اڳ ۾ تنهنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسحاق تي پوري ڪيائين. بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٦)[1] بيشڪ يوسف ۽ سندس ڀائرن جي قصي ۾ پڇندڙن لاءِ نشانيون آهن (٧) جڏهن ويڳن ڀائرن پاڻ ۾ چيو ته بيشڪ يوسف ۽ ان جو ڀاءُ (بنيامين) اسان جي پي کي اسان کان وڌيڪ پيارا آهن جيتوڻيڪ اسان گهڻا ڄڻا آهيون. بيشڪ اسان جو پي پڌري ٻل ۾ آهي (٨) يوسف کي ماري وجهو يا ملڪ ۾ ڪٿي اڇلائي اڇوس ته جيئن توهان جي پي جو توجهه فقط توهان ڏانهن ئي ٿئي ۽ ان کان پوءِ نيڪ ماڻهو ٿي وڃجو (٩) انهن مان هڪڙي چوندڙ چيو ته يوسف کي قتل نه ڪريو بلڪ جيڪڏهن توهان کي ڪجهه ڪرڻ جو ارادو آهي ته ان کي کوهه جي تري ۾ اڇلايو جيئن ڪو واٽهڙو ان کي کڌي وڃي (١٠) يعقوب کي چيائون ته اي بابا! توهان کي ڇا ٿيو آهي جو يوسف جي باري ۾ اسان تي اعتبار نٿا ڪريو حالانڪ اسان ان جا خيرخواهه آهيون (١١) سياڻي ان کي اسان سان گڏ موڪل ڏيو ته اسان سان ڪائي پيئي ۽ راند ڪري ۽ بيشڪ اسان ان جا نگهبان آهيون (١٢) يعقوب چيو ته توهان جو ان کي وڃڻ وڃڻ مون کي پريشان ڪري ٿو ۽ ڊڄان ٿو ته متان توهان ان کان بي خبر رهو ۽ ان کي بگهڙ کائي وڃي (١٣) چيائون ته جيڪڏهن اسان هيترن جي هوندي به ان کي بگهڙ کائي وڃي ته پوءِ اسان ضرور نڪما ۽ بيڪار هونداسين (١٤) پوءِ جڏهن ان کي وڻي ويا ته ان کي کوهه جي تري ۾ ڦٽي ڪرڻ تي اتفاق ڪيائون ۽ اسان يوسف کي وحي موڪليو ته هڪڙي ڏينهن جڏهن اهي توکي نه سڃاڻندا تون انهن کي اهو واقعو ٻڌائيندين (١٥) ۽ اهي رات جو پنهنجي پي وٽ روئيندا آيا (١٦)

چيائون تہ اي بابا! اسان ڊوڙ پورائڻ لاءِ اڳتي نڪري وياسين ۽ يوسف کي پنهنجي سامان وٽ ڇڏي وياسين تہ ان کي بگھڑ کائي ويو ۽ جيتوڻيڪ اسان سچا آهيون پر تون اسان جي ڳالھ تي ڪنهن بہ طرح يقين نہ ڪندين (۱۷) ۽ يوسف جي قميص تي ڪوڙو رت جو نشان ھڻي آيا. يعقوب چيو تہ ائين نہ آهي، بلڪ توهان جي نفس توهان لاءِ اها ڳالھ ٺاهي ورتي آهي، پوءِ صبر ڇڳو آهي، ۽ توهان جيڪي ٻڌائي رهيا آهيو انهن ڳالهين تي الله کان ئي مدد گهران ٿو (۱۸) ۽ ان کوھ تي ھڪ قافلو آيو پوءِ انهن پنهنجي پاڻي پريندڙ کي موڪليو جنهن پنهنجو ٻوکو کوھ ۾ وڌو. چيائين تہ واه واھ! هي تہ ھڪ ڇوڪرو آهي ۽ ان کي سرمايو سمجهي لڪائي ڇڏيائون ۽ جيڪي ڪيائون تي سو الله ڄاڻندڙ هو (۱۹) ۽ انهن يوسف کي چند درهمن جي ٿورڙي رقم ۾ وڪٽي ڇڏيو جو اهي ان ۾ دلچسپي رکندڙ نہ هيا (۲۰)[2] پوءِ مصر وارن مان جنهن شخص ان کي خريد ڪيو تنهن پنهنجي گهر واريءَ کي چيو تہ هن کي چڱي طرح سان رک، شايد ان کان اسان کي نفعو پهچي يا ان کي اسان پٽيلو ٻڌايون. ۽ اهڙيءَ طرح اسان يوسف کي انهيءَ ملڪ ۾ رهايوسين تہ جيئن ان کي خوابن جو تعبير سيکاريون. ۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (۲۱) ۽ جڏهن يوسف پنهنجي پوري جواني کي پهتو تہ اسان کيس دانائي ۽ علم ڏنوسين. ۽ اسان ڀلارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون (۲۲) ۽ اهو جنهن مائي جي گهر ۾ هو تنهن کيس بري خواهش لاءِ لالچايو ۽ سمورا دروازا بند ڪيائين ۽ چيائين تہ وبجهو اچ. يوسف چيو تہ الله جي پناھ ٿو گهران. منهنجي پرورش ڪرڻ واري عزيز مصر تہ مون کي چڱي طرح رکيو آهي. بيشڪ اهو سچ آهي تہ ظالمن جو ڀلو نہ ٿيندو آهي (۲۳) ۽ بيشڪ مائي ان ڏانهن وڌي ۽ جيڪڏهن يوسف پنهنجي رب جو دليل نہ ڏسي ها تہ اهو بہ مائي ڏانهن وڌي ها. پر اسان ائين ڪيو جو ان کان برائي ۽ بي حيائي کي ڦيري ڇڏيوسين. بيشڪ اهو اسان جي خالص ٻانهن مان هيو (۲۴) ۽ ٻئي دروازي ڏانهن ڊوڙيا ۽ مائي ان جي قميص پٺيان کان ڇڪي ڦاڙي وڌي ۽ ٻنهيءَ کي مائي جو مڙس دروازي وٽ مليو مائي چيو تہ انهيءَ جي ڪهڙي سزا آهي جنهن تنهنجي زال سان برائي جو ارادو ڪيو هجي،

بس هي ته کيس قيد ۾ رکڻ يا ڏکوئيندڙ مار کان سواءِ ٻي سزا نه ڏجيس (۲۵) يوسف چيو ته هن ته پاڻ مون کي خواهش لاءِ لالچايو مائي جي گهر وارن مان هڪ شاهد شاهدي ڏني ته جيڪڏهن يوسف جي قميص اڇيان کان ڦاٽل آهي ته مائي سچي آهي ۽ اهو ڪوڙن مان آهي (۲۶) ۽ جيڪڏهن يوسف جي قميص پٺيان کان ڦاٽل آهي ته پوءِ مائي ڪوڙي آهي ۽ اهو سچن مان آهي (۲۷) پوءِ جڏهن عزيز مصر ان جي قميص پٺيان کان ڦاٽل ڏٺي ته چيائين ته بيشڪ هي توهان رنن جو مڪر آهي. بيشڪ توهان جو مڪر گهڻو وڏو آهي (۲۸) عزيز مصر چيو اي يوسف! تون انهي ڳالهه جو خيال نه ڪر ۽ اي مائي تون به پنهنجي گناهه جي معافي گهر. بيشڪ تون خطادارن مان آهين (۲۹)[3] ۽ شهر ۾ ڪي عورتون چوڻ لڳيون ته عزيز مصر جي زال پنهنجي نوجوان غلام جي دل ۾ڇڙي ڪم لاءِ لالچائيندي آهي. بيشڪ ان جي دل ۾ محبت گهر ڪري وئي آهي. اسان ته ان مائي کي پڌري گمراهي ۾ ڏسون ٿيون (۳۰) جڏهن زليخا انهن جي اها گلا ٻڌي ته انهن عورتن کي سڏائي ورتائين ۽ انهن جي لاءِ دعوت تيار ڪيائين ۽ انهن مان هر هڪ کي ڇُري ڏنائين ۽ يوسف کي چيائين ته انهن جي سامهون نڪري اچ. جڏهن عورتن يوسف کي ڏٺو ته ان کي گهڻو سُهڻو ڄاتائون ۽ پنهنجا هٿ ڪپي ويٺيون ۽ چيائون ته الله کي پاڪائي آهي هي انسان نه آهي. بيشڪ هي ته عزت وارو ملائڪ آهي (۳۱) زليخا چيو هي ئي ته اهو آهي جنهن جا توهان مون کي طعنا ٿي ڏنا. ۽ بيشڪ مون بري ڪم لاءِ ان جي دل لالچائڻ ٿي گهري پر هن پاڻ کي بچائي ورتو ۽ ان کي جيڪو چوان ٿي جي ائين نه ڪندو ته ضرور قيد ڪيو ويندو ۽ ضرور بي مانن مان ٿي ويندو (۳۲) اهو ٻڌي يوسف دعا گهري ته اي منهنجا رب! جنهن جي طرف اهي مون کي سڏين ٿيون مون کي ان ڪم کان قيدخانو وڌيڪ پسند آهي ۽ جيڪڏهن تون مون کان انهن جي سازش نه تارينديين ته مان انهن جي طرف مائل ٿي ويندس ۽ ناسمجهن مان ٿي پوندس (۳۳) پوءِ سندس رب ان جي دعا قبول ڪئي ۽ ان کان عورتن جي سازش تاري ڇڏيائين. بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۳۴) سموريون نشانيون ڏسڻ کان پوءِ به انهن کي اها مت آئي ته ان کي ضرور هڪ مدت

تائين جيل ۾ وجهن (۳۵)[4] ۽ ان سان گڏ قيدخاني ۾ ٻه ٻيا جوان ٻه داخل ٿيا. انهن مان هڪڙي چيو ته مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته مان شراب نپوڙيان ٿو ۽ ٻئي چيو ته مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته منهنجي مٿي تي ڪجهه مانيون آهن جن مان پکي کائن ٿا. اسان کي ان جو تعبير ٻڌاءِ جو بيشڪ اسان توکي ڀلارن مان ڏسون ٿا (۳٦) يوسف چيو ته توهان کي ملندڙ کاڌو اڃا توهان وٽ پهچندوئي نه ته ان جي اڇڻ کان اڳ ۾ مان توهان کي ان جو تعبير ٻڌائي ڇڏيندس. اهو علم انهن ڳالهين مان آهي جيڪي مون کي منهنجي رب سيکاريون آهن. بيشڪ مون انهن ماڻهن جو دين نه مڃيو آهي جيڪي الله کي نٿا مڃين ۽ اهي آخرت جا به منڪر آهن (۳۷) ۽ مون پنهنجي پي ڏاڏن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جو دين اختيار ڪيو آهي. اسان لاءِ جائز نه آهي ته ڪنهن شي کي الله جو شريڪ ٺاهيون. اهو اسان تي ۽ ٻين ماڻهن تي الله جو هڪ فضل آهي پر گهڻا ماڻهو شڪر نه ڪندا آهن (۳۸) منهنجي جيل جا ٻئي دوستو! ڇا جدا جدا رب ڇڳا آهن يا اڪيلو زبردست الله بهتر آهي (۳۹) ان الله کان سواءِ توهان جن جي پوڄا ڪندا آهيو سي رڳو نالا آهن جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن گهڙيا آهن. الله انهن بابت ڪا سند نازل نه ڪئي آهي. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي حڪومت نه آهي. انهيءَ حڪم ڪيو آهي ته ان (الله) کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو. اهوئي سڌو دين آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن (٤۰) اي منهنجا قيدي ساٿيو! توهان مان هڪ ته پنهنجي مالڪ (بادشاهه) کي شراب پيارينداو. رهيو ٻيو ته اهو ڦاسي چاڙهيو ويندو پوءِ ان جي مٿي مان پکي کائيندا. ان ڳالهه جو فيصلو ٿي چڪو جنهن جي اوهان پڇا ڪيو ٿا (٤۱) يوسف انهن ۾ مان جنهن جي ڇُٽڻ جو گمان ڪيائين انهيءَ کي چيو ته پنهنجي بادشاهه وٽ منهنجي ڳالهه ڪجان. پر شيطان انهيءَ کان پنهنجي بادشاهه آڏو يوسف جو ذڪر ڪرڻ وسارايو تنهنڪري يوسف ڪيترا سال قيدخاني ۾ ئي رهيو (٤۲)[5] ۽ بادشاهه چيو ته مون خواب ۾ ست متاريون ڏڪيون ڏٺيون آهن جو انهن کي ست ڏهريون ڏڪيون کائن پيون ۽ ست سنگ ساوا ۽ ٻيا ست سڪل سنگ ڏٺا اٿم. اي سردارو! جيڪڏهن توهان خواب جي تعبير ڪندا هجو ته منهنجي خواب جو تعبير ٻڌايو

(٤٣) چيائون تہ هي پريشان ڪندڙ خواب آهي ۽ اسان اهڙن خوابن جي تعبير نہ ڄاڻندا آهيون (٤٤) ۽ جيڪو انهن ٻنهي قيدين مان ڇُٽي آيو هو ان کي هڪ مدت کان پوءِ يادگيري آئي، ان چيو تہ مان توهان کي ان جي تعبير ٻڌائيندس، پوءِ مون کي موڪليو (٤٥) قيدخاني ۾ اچي چيائين، اي يوسف! اي سچا دوست! اسان کي تعبير ٻڌاءِ ست متارين ڏِڳين جي جن کي ست ڏَهريون ڏِڳيون کائن ٿيون ۽ ست ساوا سنگ ۽ ٻيا ست سڪا سنگ جيئن مان ماڻهن ڏانهن موٽي وڃان تہ اهي تعبير کان واقف ٿين (٤٦) يوسف چيو تہ توهان ست سال لڳاتار پوک ڪندا رهو پوءِ جيڪي لڻو تہ ان مان ٿورو جيترو کائو ان کان سواءِ باقي سڀ اناج سنگن ۾ رهڻ ڏيو (٤٧) ان کان پوءِ سخت ڏُکار جا ست سال ايندا توهان انهن جي لاءِ جيڪو اناج اڳي سنگن ۾ گڏ ڪري رکيو هوندو سو ان بچائي رکيل اناج مان ٿورڙي کان سواءِ ٻيو سڀ کائيندا (٤٨) وري ان کان پوءِ هڪ سال ايندو جنهن ۾ ماڻهن جي لاءِ برسات وسندي ۽ ان ۾ عرق ۽ تيل جام ڪيندا (٤٩)[6] ۽ بادشاهہ چيو تہ انهيءَ کي مون وٽ وٺي اچو پوءِ جڏهن قاصد ان وٽ آيو تہ يوسف چيو تہ پنهنجي بادشاهہ وٽ موٽي وڃ ۽ ان کان پڇا ڪر تہ انهن عورتن جو ڪهڙو حال آهي جن پنهنجا هٿ ڪپيا هيا. بيشڪ منهنجو رب انهن جي فريب کي خوب ڄاڻندڙ آهي (٥٠) بادشاهہ عورتن کي چيو اي عورتو! توهان جو ڇا مطلب هو جڏهن توهان يوسف جي دل لالچائڻ ٿي گهري، چيائون تہ الله پاڪ آهي، اسان ان ۾ ڪابہ برائي نہ ڏٺي، عزيز مصر جي گهر واري چيو تہ هاڻي حق (اصلي ڳالهہ) ظاهر ٿيو مون ان جي دل لالچائڻ گهري ٿي ۽ بيشڪ اهو سچن مان آهي (٥١) يوسف چيو تہ اهو مون ان لاءِ ڪيو جو عزيز مصر کي معلوم ٿي وڃي تہ مون سندس پرپٺ ساڻس خيانت نہ ڪئي هئي ۽ الله خيانت ڪندڙن جي فريب کي پورو ٿيڻ نہ ڏيندو آهي (٥٢) مان پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو چوان ڇوتہ جنهن تي منهنجو پالڻهار ٻاجهہ ڪري تنهن کان سواءِ نفس تہ هميشہ برائي ڏانهن گهڙو ڇڪيندڙ آهي، بيشڪ منهنجو پالڻهار بخشڻهار مهربان آهي (٥٣) ۽ بادشاهہ چيو تہ انهيءَ کي مون وٽ وٺي اچو تہ مان کيس پاڻ وٽ مقرر ڪريان، پوءِ جڏهن ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪيائين تہ چيائين تہ اڄ

کان تون اسان وٽ معتبر ۽ پروسي وارو آهين (٥٤) يوسف چيو تہ مون کي ملڪ جي خزانن تي مقرر ڪر، بيشڪ مان حفاظت ڪندڙ ۽ گهٽي ڄاڻ وارو آهيان (٥٥) اهڙي طرح اسان يوسف کي ان ملڪ ۾ مرتبي وارو ڪيوسين تہ ان ۾ جتي وڻيس رهي، اسان کي جنهن تي وڻي پنهنجي ٻاجهہ پهچائيندا آهيون ۽ نيڪن جو اجر نہ وڃائيندا آهيون (٥٦) ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي تن لاءِ آخرت جو ثواب ڀلو آهي (٥٧)[7] ۽ يوسف جا ڀائر آيا، پوءِ ان وٽ اندر لنگهي ويا تہ يوسف انهن کي سڃاتو پر انهن کيس نہ سڃاتو (٥٨) ۽ جڏهن انهن جو سامان تيار ڪرايائين تہ چيائين تہ پنهنجي پيئيتي ڀاءُ کي مون وٽ وٺي اچجو، ڇا توهان نٿا ڏسو تہ مان پوري طرح ماڻ ڪري ڏيان ٿو ۽ مان ڀلو مهمان نواز آهيان (٥٩) پر جيڪڏهن ان کي مون وٽ وٺي نہ آيا تہ مون وٽ توهان جي لاءِ ماڻ ڏيڻ ڪونهي ۽ منهنجي ويجهو نہ اچجو (٦٠) چيائون تہ اسان ان جي پي کان ان جي گهُر ڪنداسين ۽ ائين اسان کي ضرور ڪرڻو پوندو (٦١) ۽ يوسف پنهنجن غلامن کي چيو تہ انهن جي موڙي انهن جي پورن ۾ رکي ڇڏيو، جڏهن پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽندا تہ پونجي ڏسي شايد اهي موٽي اچن (٦٢) پوءِ جڏهن اهي پنهنجي پي وٽ موٽي ويا تہ چيائون تہ اي بابا! اسان کي اناج ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي، سو اسان جي ڀاءُ (بنيامين) کي اسان سان گڏ موڪلي ڏيو جو اسان اناج وٺي اچون ۽ اسان ضرور سندس حفاظت ڪنداسين (٦٣) يعقوب کين چيو تہ ان جي باري ۾ توهان تي ائين اعتبار ڪيان جيئن اڳي ان جي ڀاءُ جي باري ۾ ڪيو هوم، پوءِ الله ئي بهتر نگهبان آهي ۽ اهوئي سڀني مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي (٦٤) ۽ جڏهن پنهنجو سامان کولياٿون تہ ڏٺائون تہ سندن موڙي کين واپس ڪئي وئي آهي، چيائون تہ بابا! اڃا ٻيو ڇا گهرجي، هيءَ آهي اسان جي موڙي جيڪا اسان کي موٽائي ڏني وئي آهي تہ موٽي وڃون ۽ پنهنجي گهر وارن لاءِ اناج آڻيون ۽ پنهنجي ڀاءُ جي حفاظت ڪنداسين ۽ هڪ اُٺ جو بار بہ وڌيڪ حاصل ڪنداسين، اهو بار سولو آهي (٦٥) يعقوب کين چيو تہ مان ان کي توهان سان ايستائين هرگز نہ موڪليندس جيستائين توهان مون کي الله جي ساک نہ ڏيو تہ توهان کنهن گهيري ۾ پوڻ کان سواءِ

هن کي واپس ضرور آڻيندو. پوءِ جڏهن انهن ان (يعقوب) کي پڪو انجام ڏنو ته ان چيو ته جيڪي اسان چئون ٿا تنهن تي الله نگهبان آهي (٦٦) ۽ چيائين ته اي منهنجا پٽئو! هڪ ئي دروازي مان داخل نه ٿجو پر جدا جدا دروازن مان وڃجو. مان توهان تان الله جي تقدير مان ڪا شي ٽاري نٿو سگهان. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو حڪم نه آهي ۽ مون انهيءَ تي پروسو ڪيو ۽ پروسو ڪرڻ وارن کي انهيءَ تي ئي پروسو ڪرڻ گهرجي (٦٧) ۽ انهن جي پي جيئن انهن کي چيو هو ائين اهي الڳ الڳ دروازي کان اندر داخل ٿيا. اهو انهن کان الله جي طرفان ڪا شي ٽاري نٿي سگهيو مگر يعقوب جي دل ۾ هڪ خواهش هئي جيڪا ان پوري ڪئي. بيشڪ اهو اسان جي سيکارڻ سان وڏي علم وارو هو مگر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن (٦٨)[8] ۽ جڏهن اهي يوسف وٽ ويا ته ان پنهنجي سڳي پاءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏني ۽ چيائينس ته يقين ڪر ته مان تنهنجو پاءُ يوسف آهيان. سو جو ڪجهه انهن ڪيو آهي تون ان تي ڏک نه ڪر (٦٩) پوءِ جڏهن انهن جو سامان تيار ڪرايائين ته پنهنجي پاءُ جي ڳوڙ ۾ پيالو رکايائين. پوءِ هڪڙي پڙهو ڏيندڙ سڏ ڪيو ته اي قافلي وارو! توهان ضرور چور آهيو (٧٠) قافلي وارن انهن ڏانهن منهن ڪري چيو ته توهان ڇا وڃايو آهي (٧١) چيائون ته اسان بادشاهه جو پيالو وڃايو آهي ۽ جيڪو ان کي ڳولي ايندو ان لاءِ هڪ اُٺ جو بار انعام آهي ۽ مان ان جو ضامن آهيان (٧٢) چيائون ته الله جو قسم! توهان کي معلوم آهي ته اسان ملڪ ۾ فساد ڪرڻ نه آيا آهيون ۽ نه اسان چور آهيون (٧٣) نوڪرن چيو ته پوءِ ان چور جي ڪهڙي سزا آهي جيڪڏهن توهان ڪوڙا هجو (٧٤) چيائون ته ان جي سزا هي آهي ته جنهن جي سامان مان اهو پيالو ملي ته اهو شخص پاڻ ان جو بدلو آهي. اسان ظالمن کي اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون (٧٥) پوءِ يوسف سڳي پاءُ جي ڳوڙ کان اڳ ۾ انهن ٻين جي ڳوٽين کان تلاشي شروع ڪئي ۽ آخر ۾ ان کي پنهنجي سڳي پاءُ جي ڳوڙ مان ڪڍيائين. اسان يوسف کي اها تدبير ٻڌائي ورنه بادشاهي قانون موجب الله جي حڪم کان سواءِ پنهنجي پاءُ کي وٺي نٿي سگهيو. اسان جنهن کي گهرندا آهيون ان جا درجا بلند ڪندا آهيون ۽ هر علم واري کان متي هڪ وڏي علم وارو آهي

(٧٦) پائرن چيو تہ جيڪڏهن هن چوري ڪئي آهي تہ بيشڪ هن کان اڳ پر ان جو پاڻ بہ چوري ڪري چڪو آهي. يوسف اها ڳالهہ پنهنجي دل پر رکي ۽ انهن تي ظاهر نہ ڪئي، پر دل پر چيائين تہ ان معاملي پر توهان ئي برا آهيو جيڪي ڳالهيون توهان ٺاهيو ٿا اهي الله خوب ڄاڻندڙ آهي (٧٧) چيائون تہ اي عزيز! هن جو پي وڏي ڄمار جو پوڙهو آهي تنهنڪري اسان مان هڪڙي کي ان جي بدران وٺ. بيشڪ اسان توکي احسان ڪندڙن مان ڏسي رهيا آهيون (٧٨) يوسف چيو تہ الله پناهہ پر رکي جو جنهن وٽ اسان جو مال مليو ان کان سواءِ اسان ڪنهن ٻئي کي ونون. تڏهن تہ اسان ظالم هونداسين (٧٩)[9] پوءِ جڏهن ان کان ناميد ٿيا تہ اڪيلا ويهي صلاحون ڪرڻ لڳا. انهن جي وڏي پاڻ چيو تہ ڇا توهان کي خبر نہ آهي تہ توهان جي پي توهان کان الله جو پڪو قسم ورتو هو ۽ ان کان اڳ پر توهان يوسف جي باري پر ڪيڏي نہ وڏي ڪوتاهي ڪئي هئي. تنهنڪري جيستائين منهنجو پي مون کي اجازت نہ ڏيندو يا الله منهنجي لاءِ ڪو حڪم فرمائي ان وقت تائين مان هتان پري نہ ٽيندس. ۽ الله سڀ کان بهتر حڪم ڏيڻ وارو آهي (٨٠) پنهنجي پي وٽ موٽي وڃو. پوءِ چئو تہ بابا! بيشڪ اوهان جي پٽ چوري ڪئي ۽ اسان جيڪي ڄاتو ان کان سواءِ ٻي ڳالهہ جي شاهدي نہ ڏنيسين ۽ اسان پرپٽ جا نگهبان نہ هياسين (٨١) ۽ ان ڳوٺ وارن کان پڇو جنهن پر اسان هياسين ۽ ان قافلي وارن کان پڇو جن سان گڏ آيا آهيون ۽ بيشڪ اسان سچا آهيون (٨٢) يعقوب چيو تہ نہ. توهان جي نفس توهان کي اهو حيلو ٺاهي ڏنو آهي. پوءِ صبر ڪرڻ بهتر آهي. اميد آهي تہ الله انهن سيني کي مون وٽ آڻيندو. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٨٣) ۽ انهن کان منهن موڙيائين ۽ چيائين هاءِ يوسف جي جدائي تي افسوس! ۽ ان جون اکيون ڏک کان روئي روئي سفيد ٿي ويون هيون ۽ اهو گهٽو ڏکارو هو (٨٤) چيائون تہ الله جو قسم! تون هميشہ يوسف کي ياد ڪندو رهندين ايستائين جو مرڻ ڪنڊي کي پهچين يا حياتي پار ڪري وڃين (٨٥) چيائين تہ مان پنهنجي پريشاني ۽ غم جي فرياد الله کي ئي ڪندو آهيان ۽ مان الله کان اهو ڪجهہ ڄاڻان تو جنهن جي توهان کي ڄاڻ نہ آهي (٨٦) اي پٽنئو! وڃو يوسف ۽ سندس پاڻ جي

ڳولا ڪيو ۽ الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو. چوتہ الله جي رحمت کان ڪافر ماڻھن کان سواءِ ٻيو ڪوئي ناميد نہ ٿيندو آھي (۸۷) پوءِ جڏھن اھي يوسف وٽ پھتا تہ چيائون، اي عزيز! اسان کي ۽ اسان جي گھر وارن کي ڏڪار جي تڪليف پھتي آھي ۽ اسان ڪجھہ معمولي موڙي ڪٽي آيا آھيون، پوءِ اسان کي پورو توري ڏي ۽ اسان کي ڪجھہ خيرات بہ ڏي، بيشڪ الله خيرات ڪرڻ وارن کي ڦلو صلو ڏيندو آھي (۸۸) يوسف کين چيو تہ ڪجھہ خبر اٿوَ تہ جڏھن توھان بي سمجھہ ھئا تڏھن توھان يوسف ۽ ان جي ڀاءُ سان ڇا ڪيو ھو (۸۹) چيائون تہ ڇا تون ئي يوسف آھين، چيائين تہ مان يوسف آھيان ۽ ھي منھنجو ڀاءُ آھي، بيشڪ الله اسان تي احسان ڪيو بيشڪ جيڪو پرھيزگاري ڪندو ۽ صبر ڪندو تہ پوءِ الله ڇڳائي ڪندڙن جو اجر نہ وڃائيندو آھي (۹۰) چيائون تہ الله جو قسم آھي تہ بيشڪ الله توکي اسان تي فضيلت ڏني آھي ۽ بيشڪ اسان خطاوار ھئاسين (۹۱) يوسف چيو تہ اڄ توھان تي ڪا ميار ڪانھي، الله توھان کي معاف ڪري ۽ اھو سمورن مھربانن کان وڌيڪ مھربان آھي (۹۲) منھنجو ھي پھريڻ ڪٽي وڃو ۽ ان کي بابي جي منھن تي گھمايو تہ ڏسندڙ ٿي ويندو ۽ پنھنجي سمورن گھر وارن کي مون وٽ وٺي اچو (۹۳)[10] جڏھن قافلو مصر مان نڪتو تہ انھن جي پي چيو تہ جيڪڏھن مون کي سودائي نہ چئو تہ بيشڪ مون کي يوسف جي خوشبو اچي ٿي (۹٤) گھر وارن چيو تہ الله جو قسم! توھان پنھنجي انھيءَ پراڻي ڀُل ۾ آھيو (۹۵) پوءِ جنھن مھل خبر ٻڌائيندڙ آيو ۽ ان اھو پھريڻ ان (يعقوب) جي منھن تي گھمايو تہ ان وقت ڏسندڙ ٿي ويو. يعقوب چيو تہ مون توھان کي چيو نہ ھو تہ مون کي الله جي طرفان اھو معلوم آھي جيڪي توھان نٿا ڄاڻو (۹۶) چيائون تہ اي اسان جا بابا! اسان لاءِ اسان جي گناھن جي بخشش گھر، بيشڪ اسان خطاوار آھيون (۹۷) يعقوب چيو تہ جلد مان پنھنجي رب کان توھان لاءِ بخشش گھرندس، بيشڪ اھوئي بخشڻھار مھربان آھي (۹۸) پوءِ جڏھن اھي سيئي يوسف وٽ پھتا تہ ان پنھنجي ماءُ ۽ پي کي پاڻ وٽ جاءِ ڏني ۽ چيائين تہ جي الله گھريو آھي تہ مصر ۾ امن سان رھو (۹۹) ۽ پنھنجي ماءُ پي کي مٿي تخت تي ويھاريائين ۽ سمورا ان ڏانھن سجدي

ڪرڻ وانگر جهڪي پيا ۽ يوسف چيو تہ اي بابا! هي آهي منهنجي اڳئين خواب جي تعبير. بيشڪ منهنجي رب ان کي سچو ڪيو ۽ بيشڪ الله مون تي تڏهن بہ احسان ڪيو جڏهن مون کي قيد مان ٻاهر ڪڍيائين ۽ منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي وچ ۾ شيطان طرفان رنجش وجهڻ کان پوءِ الله توهان سمورن کي ڳوٺ کان شهر ۾ وٺي آيو بيشڪ منهنجو رب جنهن ڳالهہ کي وٽيس آسان ڪري ٿو. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۱۰۰) يوسف دعا گهري تہ اي منهنجا رب! بيشڪ تو مون کي بادشاهي ڏني آهي ۽ مون کي خوابن جو تعبير ڪرڻ سيکاريو اٿئي. اي آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ تون ئي دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو ڪم ناهيندڙ آهين. مون کي مسلمان ڪري مار ۽ مون کي صالحن ۾ شامل ڪر (۱۰۱) اي پيغمبر! اهو قصو ڳجهين خبرن مان آهي جيڪو توڏانهن وحي ڪريون ٿا ۽ جڏهن انهن پنهنجو ڪم پڪو ڪيو هو ۽ اهي سازش ڪري رهيا هئا تہ تون انهن وٽ نہ هئين (۱۰۲) ۽ اي پيغمبر! تون ڪيتروئي چاهين تہ بہ گهٽا ماڻهو ايمان نہ آڻيندا (۱۰۳) جڏهن تہ تون ان قرآن پهچائڻ تي انهن کان ڪا مزدوري نٿو گهرين. اهو تہ جهانن لاءِ نصيحت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي (۱۰٤)[11] ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪيترين ئي نشانين آهن جو گهٽا ماڻهو انهن وٽان لنگهن بہ ٿا پر ڌيان ڏيڻ کان منهن موڙين ٿا (۱۰۵) ۽ انهن ۾ گهٽا ماڻهو اهي آهن جيڪي الله تي ايمان نٿا رکن مگر شرڪ ڪندڙ آهن (۱۰٦) اهي هن کان بي خوف ٿي ويٺا آهن ڇا جو انهن تي الله جي عذاب جي ڇپ اچي ڪري يا اوچتو انهن تي قيامت اچي وڃي ۽ انهن کي خبر ئي نہ پوي (۱۰۷) اي پيغمبر! چئو تہ هي منهنجي واٽ آهي جو مان الله جي طرف سڏيان ٿو. مان ۽ منهنجا پوئلڳ سمجهہ وارا آهيون ۽ الله پاڪ آهي ۽ مان شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ آهيان (۱۰۸) ۽ اي پيغمبر! اسان توکان اڳ ۾ ڳوٺن وارن مان مردن کان سواءِ ٻيو ڪو رسول نہ موڪليو جن ڏانهن وحي ڪندا هئاسين. پوءِ زمين ۾ گهمي ڇو نہ ڏسندا آهن تہ انهن کان اڳين جو ڪهڙو انجام ٿيو ۽ بيشڪ آخرت جو گهر انهن لاءِ ڀلو آهي جيڪي ڊڄندا آهن. پوءِ ڇو نٿا سمجهن (۱۰۹) ايستائين ڌر ڏنيسين جو رسول مدد پهچڻ کان ناميد ٿيڻ لڳا ۽ ماڻهن سمجهيو تہ رسولن انهن سان

غلط ڀَالهه ڪئي هئي، ان وقت اسان جي مدد اچي وئي، پوءِ جنهن کي اسان گهريو تنهن کي بچايو ويو ۽ ڏوهاري قوم کان اسان جو عذاب ڪڍهن به ڪونہ ٽاريو ويندو آهي (۱۱۰) بيشڪ عقل وارن ماڻهن لاءِ انهن قصن ۾ عبرت آهي، هي قرآن ڪا گهڙيل ڀَالهه نہ آهي پر پاڻ کان اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ هن ۾ هر شي جو تفصيل موجود آهي ۽ ايمان وارن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ ڀاجهه آهي (۱۱۱)[12]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ڀاجهارو مهربان آهي

سورت رعد مدني آهي، هن ۾ 43 آيتون ۽ 6 رڪوع آهن.

الٓمّٓرٰ هي ڪتاب جون آيتون آهن ۽ اي پيغمبر! تنهنجي رب وٽان توڏانهن جيڪي نازل ڪيو ويو اهو حق آهي پر گهڻا ماڻهو نٿا مڃين (۱) الله اهو آهي جنهن آسمانن کي بنا ٿنبن جي بيهاريو آهي جو توهان ان کي ڏسو ٿا، پوءِ عرش ڏي متوجهه ٿيو ۽ سج ۽ چند کي فرمانبردار ڪيائين، جو هرهڪ مقرر مدت تائين هلي ٿو، الله هر ڪم کي رٿيندو آهي ۽ نشانيون کولي ٻڌائيندو آهي تہ مَن توهان پنهنجي رب سان ملڻ جو يقين ڪريو (۲) ۽ اهو الله ئي آهي جنهن زمين کي پکيڙيو ۽ ان ۾ جبل ٺاهيا ۽ نهرون وهايائين، ۽ سيني ميون جا ٻہ ٻہ قسم جمايا اٿس ۽ رات سان ڏينهن کي ڍڪيندو آهي، بيشڪ غوروفڪر ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ ان ۾ نشانيون آهن (۳) ۽ زمين ۾ مختلف قسم جا لڳولڳ ٽڪرا آهن ۽ انگورن جا باغ آهن ۽ پوکون ۽ کجيون آهن، کي جهڳٽا تہ کي ٿڙ وارا آهن، سمورن کي هڪڙوئي پاڻي پياريو ويندو آهي ۽ ميون مان اسان هڪڙن کي ٻين کان مزي ۾ ڀلو ڪندا آهيون، بيشڪ ان ۾ عقل وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (٤) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن توکي انهن جي انڪار تي عجب ٿو لڳي تہ پوءِ انهن جي هن چوڻ تي ٻہ حيرت ڪر جو چوندا آهن تہ ڇا اسان متي ٿي وري نئين سر پيدا ٿيندا سين، اِهي اُهي آهن جيڪي پنهنجي پالڻهار جا منڪر ٿيا ۽ اِهي اُهي آهن جن جي ڳچين ۾ ڳٽ پيل هوندا ۽ اهي دوزخي آهن، اهي ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (۵) ۽ اي پيغمبر! توکان ڀلائي کان اڳ عذاب جي جلدي ڪن ٿا جڏهن تہ انهن کان اڳين ماڻهن تي عذاب ٿي

چڪا آهن ۽ بيشڪ تنهنجو رب تہ ماڻهن کي سندن ڏوهن جي باوجود معافي ڏيندو آهي ۽ تنهنجو رب سخت عذاب ڪرڻ وارو بہ آهي (٦) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي اهي چوندا آهن تہ هن پيغمبر تي سندس رب جي طرفان ڪا نشاني چو نہ لٿي آهي. اي پيغمبر! تون تہ رڳو ڊيڄارينڊڙ آهين ۽ هر قوم جي لاءِ هدايت ڪرڻ وارو هوندو آهي (٧)[1] سيڪا مادي پنهنجي پيٽ ۾ جيڪو ڇو ڪٽندي آهي ۽ ڳيرٽيون جيڪي گهٽائيندیون آهن ۽ جيڪي وڌائيندیون آهن سو الله ڄاڻندڙ آهي. ۽ الله وٽ هر شي جو اندازو مقرر آهي (٨) اهو هر ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي ۽ سڀ کان وڏو مٿانهون آهي (٩) توهان مان جيڪو آهستي ڳالهہ ڪري ۽ جيڪو ڏاڍيان ڳالهائي ۽ جيڪو رات ۾ لڪي ۽ جيڪو ڏينهن ۾ پڌرو ٿي گهمي سي سندس علم ۾ هڪجهڙا آهن (١٠) انسان جي لاءِ هڪئي پٺيان بدلي ٿيندڙ ملائڪ آهن جيڪي الله جي حڪم سان ان جي نگهباني ڪندا آهن. بيشڪ الله ڪنهن قوم جي حالت ايستائين نہ ڦيرائيندو آهي جيستائين جو اهي جيڪي سندن دلين ۾ آهي پاڻ نہ مٽائين. ۽ جڏهن الله ڪنهن قوم جي مصيبت جو ارادو ڪندو آهي تہ پوءِ اها ٽري نٽي سگهي ۽ نہ ئي الله کان سواءِ انهن جو ڪو مددگار آهي (١١) اهو الله ئي آهي جيڪو توهان کي خوف ۽ اميد لاءِ ڪِوڙ (وڇ) ڏيکارينڊو آهي ۽ ڳرا ڪڪر اٺارينڊو آهي (١٢) ۽ ڪڪرن جي گجگوڙ ۽ ملائڪ پڻ سندس خوف کان ان کي ساراهيندي ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ وڇون موڪلينڊو آهي. پوءِ اها جنهن تي گهرندو آهي ان تي ڪيرائيندو آهي. الله جي باري ۾ اهي ڪافر تڪرار ڪن ٿا حالانڪ ان جي پڪڙ سخت آهي (١٣) ان کي هر حال ۾ پڪارڻ حق آهي ۽ الله کان سواءِ جن کي ڪافر سڏين ٿا اهي انهن جو سڏ ڪونہ ورنائيندا آهن. انهن سڏيندڙن جو مثال ان ماڻهوءَ وانگر آهي جيڪو پاڻي جي سامهون ٻُڪ جهلي ٻينو هجي تہ پاڻي ان جي وات ۾ پهچي وڃي پر اهو ڪڏهن بہ نہ پهچندو ۽ ڪافرن جي دعا رڳو گمراهي ۾ هجڻ آهي (١٤) ۽ جيڪي بہ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهن ۽ انهن جا پاڇا پڻ خوشي سان چاهي مجبوري سان هر صبح ۽ شام الله کي ئي سجدو ڪندا آهن ((١٥) اي پيغمبر! انهن کان پڇا ڪر تہ آسمانن ۽ زمين جو پروردگار ڪير آهي. تون پاڻ چئو تہ الله. وري ڪائنن

پڇا ڪر ته پوءِ الله کان سواءِ ٻيا اهڙا مددگار ڇو ورتا اٿوَ جيڪي پنهنجو پاڻ کي نفعو ۽ نقصان ڏئي نٿا سگهن. کين چئو ته انڌو ۽ اکين وارو برابر آهن ڇا يا اونداهيون ۽ سوجهرو برابر آهن ڇا. الله جي لاءِ جيڪي شريڪ ٺاهيا اٿن انهن ائين خلقيو آهي ڇا جيئن الله خلقيو آهي. جو اها مخلوق انهن کي هڪجهڙي معلوم ٿيندي هجي. کين چئو ته هر شي جو خالق الله ئي آهي ۽ اهوئي اڪيلو غالب آهي (١٦) جنهن آسمان مان پاڻي وسايو ته نالا (وادیون) پنهنجي پنهنجي قدر وهي هليا پوءِ ڇر پاڻي اهڙي ايريل جهڳ (گجي) کي کنيو. جو زيور يا ٻئي سامان ٺاهڻ جي لاءِ کا شي باهه ۾ رجائيندا آهن ته ان تي به اهڙي ئي جهڳ (گجي) اٿندي آهي. الله اهڙيءَ طرح حق (کَري) ۽ باطل (کوٽي) جو مثال ڏيندو آهي. پر جهڳ (گجي) ته سُڪي ختم ٿي ويندي آهي ۽ جيڪا شي ماڻهن کي نفعو ڏيندي آهي سا زمين ۾ رهندي آهي. الله اهڙيءَ طرح مثال ڏيندو آهي (١٧) جن ماڻهن پنهنجي رب جو حڪم مڃيو انهن لاءِ ڀلائي آهي. ۽ جيڪي ان جو حڪم نٿا مڃين ته جيڪو زمين ۾ آهي اهو سمورو جيڪڏهن انهن جي ملڪيت ۾ هجي ۽ ان جيترو ٻيو به ان سان گڏ پنهنجي جان ڇڏائڻ جي لاءِ ڏين ته به انهن کان نه ورتو ويندو. انهن ماڻهن جو حساب سخت ٿيندو ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو بيڙو هنڌ آهي (١٨)[2] پوءِ جيڪي تنهنجي رب وٽان تنهنجي طرف نازل ٿيو آهي تنهن کي جيڪو ڄاڻي ٿو ته سچ آهي ته ڇا اهو ان جهڙو آهي جيڪو انڌو هجي. نصيحت ته فقط عقل وارا ونندا آهن (١٩) اهي جيڪي الله سان ڪيل انجام پاڙيندا آهن ۽ انجام نه ڀڃندا آهن (٢٠) ۽ الله جنهن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي اهي ان کي ڳنڍيندا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن ۽ حساب جي سختي جو خوف کندا آهن (٢١) ۽ اهي جن پنهنجي رب جي رضا طلب ڪرڻ لاءِ صبر ڪيو ۽ نماز ادا ڪيائون ۽ اسان انهن کي جيڪي روزي ڏنيسين ان مان اسان جي واٽ ۾ ڳجهه ۽ ظاهر ۾ ڪجهه خرچ ڪيائون ۽ برائي کي ڀلائي سان ٽاريندا آهن انهن جي لاءِ آخرت جو گهر آهي (٢٢) جتي رهائش جا باغ (بهشت) آهن ۽ اهي ۽ جيڪي سندن ابن ڏاڏن، ۽ زالن ۽ اولاد مان صالح هوندا ان ۾ داخل ٿيندا ۽ ملائڪ وٽن هر دروازي کان ايندا (٢٣) چوندا ته توهان جي صبر جي بدلي ۾ توهان تي سلامتي هجي. پوءِ

آخرت جو گھر پَلو آهي (٢٤) ۽ اهي جيڪي الله سان ڪيل انجام ان جي پڪي ٽيڙ کان پوءِ توڙيندا آهن ۽ الله جنهن جي ڳنڍيڙ جو حڪم ڪيو آهي ان کي ڇنندا آهن ۽ زمين ۾ فساد پکيڙيندا آهن انهن تي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ بڇڙو گھر آهي (٢٥) الله جنهن لاءِ گھرندو آهي تنهن لاءِ رزق ڪشادو يا گھٽ ڪندو آهي ۽ ڪافر دنيا جي زندگي تي خوش ٿيندا آهن ۽ دنيا جي زندگي آخرت جي مقابلي ۾ ٿوري موڙي کان سواءِ ڪجھ نہ آهي (٢٦)[3] ۽ ڪافر چوندا آهن تہ هن پيغمبر تي سندس رب جي طرفان ڪو معجزو (نشاني) ڇو نہ لٿو آهي، اي پيغمبر! کين چئو تہ بيشڪ الله جنهن لاءِ گھرندو آهي ان کي ٻُلائيندو آهي ۽ پنهنجي راھ ان کي ڏيکاريندو آهي جيڪو ان جي طرف رجوع ڪري (٢٧) اهي جن ايمان آندو ۽ انهن جون دليون الله جي ياد سان سُکون لهن ٿيون، بيشڪ الله جي ئي ياد سان دليون سکون ونديون آهن (٢٨) اهي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن جي لاءِ آخرت ۾ خوشي ۽ چڱي جاءِ آهي (٢٩) اهڙي طرح اسان توکي ان امت ۾ پيغمبر ڪري موڪليو جنهن کان اڳ ۾ ڪيتريون امتون گذريون آهن، تہ تون جيڪو اسان تنهنجي طرف وحي ڪري موڪليو آهي اهو انهن کي پڙهي ٻڌائين جو اهي رحمٰن جا منڪر آهن، کين چئو تہ اهو منهنجو رب آهي ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، مون انهيءَ تي ئي پروسو ڪيو آهي ۽ ان ڏانهن منهنجو موٽڻ آهي (٣٠) ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙو قرآن اچي ها جنهن سان پهاڙ هٽي وڃن ها يا زمين ڦاٽي پوي ها يا مُردا ڳالهائڻ لڳن ها تڏهن بہ اهي ڪافر نہ مڃن ها، بلڪ سمورا ڪم الله جي ئي اختيار ۾ آهن، پوءِ مومنن ايجا نہ ڄاتو آهي ڇا تہ جيڪڏهن الله چاهي ها تہ سمورن ماڻهن کي هدايت ڪري ها، ۽ ڪافرن کي سندن ڪرتوتن سبب سدائين سخت تڪليف پهچندي رهندي يا انهن جي گھرن جي ويجهو ايندي رهندي جيستائين الله جو انجام اچي، بيشڪ الله پنهنجي انجام کي نہ ڦيرائيندو آهي (٣١)[4] اي پيغمبر! بيشڪ توکان اڳين رسولن تي بہ ٺٺوليون ڪيون ويون هيون، پوءِ ڪافرن کي ڪجھ ڍر ڏنم، پوءِ انهن کي پڪڙ ڪيم، پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو (٣٢) پوءِ ڪيئن ٿا ڄاڻيو جيڪو هر شخص تي سندس عملن جي خبر رکندڙ آهي سو بي خبر بتن جهڙو آهي ڇا، ۽ هوڏانهن ڪافرن الله جا

شريڪ ناهيا آهن. کين چئو تہ انهن جا نالا تہ وٺو ڇا الله کي اهو ٻڌايو ٿا جو ڄڻ جيڪو زمين ۾ آهي يا ائين کا مٿاڇري ڳالهہ ان جي علم ۾ نہ هجي، بلڪ ڪافرن جي نظر ۾ انهن جي نڪي ڇڳي ڪري ڏيکاري وئي آهي ۽ سڌي راهہ کان روڪيا ويا آهن. جنهن کي الله گمراهہ ڪري ان کي کو هدايت ڪرڻ وارو نہ آهي (٣٣) دنيا جي زندگي ۾ انهن جي لاءِ عذاب آهي جڏهن تہ آخرت جو عذاب سڀ کان سخت آهي ۽ انهن کي الله جي عذاب کان کوبہ بچائڻ وارو نہ آهي (٣٤) جنهن بهشت جو پرهيزگارن سان واعدو ڪيو ويو آهي ان جو مثال هي آهي تہ ان جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. ان جا ميوا ۽ ان جي ڇانو دائمي آهن. اها پرهيزگارن جي پڇاڙي آهي ۽ ڪافرن جي پڇاڙي باهہ آهي (٣٥) ۽ جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي يعني يهودي ۽ عيسائي. اهي ان تي خوش ٿين ٿا جيڪو تنهنجي طرف نازل ٿيو آهي ۽ انهن ٽولن مان کي اهي آهن جو ان جي ڪجهہ حصي جا منڪر آهن. اي پيغمبر! کين چئو تہ مون کي انهيءَ کان سواءِ ٻيو حڪم نہ آهي تہ الله جي عبادت ڪريان ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪريان. مان ماڻهن کي ان جي طرف سڏيان ٿو ۽ انهيءَ ڏانهن منهنجو موٽڻ آهي (٣٦) ۽ اهڙيءَ طرح اسان قرآن کي عربي ٻولي ۾ فرمان ڪري نازل ڪيو ۽ جيڪڏهن علم اچڻ کان پوءِ بہ تون انهن جي خواهشن پٺيان هلندين تہ الله وٽ نہ تنهنجو کو حمايتي هوندو نہ بچائڻ وارو (٣٧)[5] ۽ بيشڪ اسان توکان اڳ ۾ ڪيترائي رسول موڪليا ۽ انهن کي گهرواريون ۽ ٻار ڏناسين ۽ ڪنهن رسول کي الله جي حڪم کان سواءِ کو معجزو آڻڻ جو اختيار نہ هو. هر مدت لاءِ حڪم لکيل آهي (٣٨) الله جيڪي چاهيندو آهي مٽائيندو ۽ ثابت رکندو آهي ۽ اصل لکت (ڪتاب) انهيءَ وٽ آهي (٣٩) ۽ اي پيغمبر! جيڪو انجام انهن مڪي وارن سان ڪريون ٿا ان مان جيڪڏهن توکي ڪجهہ ڏيکاريون يا توکي فوت ڪريون. هر حالت ۾ تنهنجي ذمي فقط پيغام پهچائڻ آهي ۽ حساب وٺڻ اسان جو ڪم آهي (٤٠) ڇا انهن کي نظر نٿو اچي تہ اسان زمين کي سندن چوڌاري گهٽائيندا اچون ٿا. ۽ الله فيصلو ڪندو آهي ان جي فيصلي کي ڪير بہ روڪڻ وارو نہ آهي ۽ اهو تڪڙو حساب وٺندڙ آهي (٤١) ۽ انهن کان اڳين بہ رٿون ڪيون هيون. پر سموريون رٿون الله جي وس آهن. جيڪو بہ ماڻهو کا

ڪمائي ڪندو آهي تہ الله ان کي ڇاڻندو آهي ، ۽ ڪافر سگهو ڇاڻندا تہ آخرت جو گهر ڪنهن جي لاءِ آهي (٤٢) ۽ جن ڪفر ڪيو اهي چوندا آهن تہ تون رسول نہ آهين، کين چئو تہ منهنجي ۽ توهان جي وچ۾ الله ئي شاهد ڪافي آهي ۽ اهي بہ جن وٽ ڪتاب جو علم آهي (٤٣)[6]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو مهربان ۽ڀاجهارو آهي

سورت ابراهيم مڪي آهي، هن ۾ 52 آيتون ۽ 7 رڪوع آهن.

الٓرٰ. اسان هي ڪتاب تو ڏانهن هن لاءِ نازل ڪيو آهي تہ تون ماڻهن کي انهن جي رب جي حڪم سان ان غالب ۽ ساراهيل الله جي وات طرف اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍين (١) الله اهو آهي جو آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي آهي ان جو مال آهي، ۽ ڪافرن جي لاءِ سخت عذاب سان خواري آهي (٢) اهي جيڪي دنيا جي زندگي کي آخرت جي زندگي کان پيارو رکندا آهن ۽ ماڻهن کي الله جي راهہ کان جهليندا آهن ۽ ان ۾ ڏنگائي گهرندا آهن، اهي وڏي گمراهي ۾ آهن (٣) ۽ اسان هر رسول کي سندس قوم جي زبان کان سواءِ ٻي ٻولي سان نہ موڪليو تہ جيئن اهو انهن کي صاف ٻڌائي، پوءِ الله جنهن لاءِ چاهي ٿو ان کي ٻُلائي ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو هدايت ڪري ٿو ۽ اهوئي زبردست حڪمت وارو آهي (٤) ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي پنهنجين نشانين (معجزن) سان موڪليو هو تہ پنهنجي قوم کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍي ۽ انهن کي الله جي ڏمر وارا ڏينهن ياد ڏياري، بيشڪ ان ۾ هر صبر ڪندڙ شڪر گذار لاءِ نشانيون آهن (٥) ۽ ياد ڪر! جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو جڏهن ان توهان کي فرعون وارن کان بچايو جيڪي توهان کي بدترين ايذاء ڏيندا هيا ۽ توهان جي پٽن کي کهندا هيا ۽ توهان جي ڏيئرن کي زندهہ رکندا هيا، ۽ ان ۾ توهان جي رب طرفان اوهان لاءِ وڏي آزمائش هئي (٦)[1] ۽ جڏهن توهان جي رب اوهان کي خبردار ڪيو هو تہ جيڪڏهن توهان شڪر ڪندو تہ توهان کي وڌيڪ ڏيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪيوَ تہ بيشڪ منهنجو عذاب سخت آهي (٧) ۽ موسيٰ چيو تہ جيڪڏهن توهان ۽ زمين ۾ جيترا بہ آهن سمورا ڪفر ڪيو پوءِ بہ بيشڪ

الله بي پرواهہ ساراهيل آهي (٨) ڇا توهان کي انهن جي خبر نہ ملي آهي جيڪي توهان کان اڳي نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم وارا هيا ۽ جيڪي انهن کان پوءِ آيا هيا، جن کي الله کان سواءِ ڪوئي نٽو ڄاڻي. جڏهن انهن وٽ انهن جا رسول پڌرن معجزن سان آيا تہ انهن پنهنجا هٿ پنهنجن واتن ۾ ڪيا ۽ چيائون تہ جنهن شي سان توهان کي موڪليو ويو آهي ان کان اسان کي انڪار آهي ۽ جنهن واٽ ڏانهن اسان کي سڏيو ٿا ان کان اسان شڪ شبهي ۾ آهيون (٩) انهن جي رسولن چيو تہ ڇا توهان کي الله ۾ شڪ آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي، اهو توهان کي هن لاءِ سڏي ٿو تہ توهان جا گناهہ بخشي ۽ مقرر وقت تائين توهان کي مهلت ڏئي. چيائون تہ توهان تہ اسان وانگر انسان آهيو توهان اسان کي انهن جي پوڄا کان روڪڻ گهرو ٿا جن جي اسان جا اباڏاڏا پوڄا ڪندا هيا، پوءِ ڪو پڌرو دليل وٺي اچو (١٠) انهن جي رسولن کين چيو تہ بيشڪ اسان توهان وانگر انسان آهيون پر الله پنهنجي ٻانهن مان جنهن تي گهرندو آهي چونڊيندو آهي ۽ الله جي حڪم کان سواءِ اسان کي توهان وٽ ڪو دليل وٺي اچڻ جي سگهہ ڪونهي ۽ مومنن کي الله تي ئي پروسو ڪرڻ گهرجي (١١) ۽ اسان کي ڇا ٿيو آهي جو الله تي پروسو نہ ڪريون، انهيءَ ئي تہ اسان کي اسان جا سڌا رستا ڏيکاريا آهن ۽ توهان اسان کي جيڪا تڪليف ڏيو ٿا اسان ان تي ضرور صبر ڪنداسين ۽ پروسو ڪرڻ وارن کي الله تي ئي پروسو ڪرڻ گهرجي (١٢)[2] ۽ ڪافرن پنهنجي رسولن کي چيو تہ اسان ضرور توهان کي پنهنجي ديس مان ڪڍي ڇڏينداسين يا توهان اسان جي دين تي موٽي اچو، پوءِ انهن رسولن ڏانهن سندن رب وحي موڪليو تہ اسان ظالمن کي ضرور هلاڪ ڪنداسين (١٣) ۽ انهن کان پوءِ توهان کي ملڪ ۾ آباد ڪنداسين، اهو انجام انهيءَ لاءِ آهي جيڪو منهنجي اڳيان بيهڻ کان ڊڄي ۽ منهنجي دڙڪي کان ڊڄي (١٤) ۽ پيغمبرن سوين گهريون ۽ هر سرڪش هٿيلو ناڪام ٿيو (١٥) ان جي پويان جهنم آهي جنهن ۾ ان کي پوءِ جو پاڻي پياريو ويندو (١٦) سخت مشڪل سان ڏڪ ڏڪ ڪري ان کي پيئندو ۽ ڳيت ڏئي نہ سگهندو ۽ کيس هر طرف کان موت ايندو پر مرندو ڪونہ ۽ ان جي پٺيان هڪ سخت عذاب آهي (١٧) جن پنهنجي

پالٹهار جو انڪار ڪيو انهن جي عملن جو حال انهيءَ خاڪ وانگر آهي جنهن کي طوفان جي ڏينهن ۾ هوا جو سخت جهوٽو اڏائي ڇڏي. سموري ڪمائي مان ڪين ذرو بہ هٿ نہ ايندو. اها ئي وڏي گمراهي آهي (۱۸) اي انسانو! ڇا توهان نہ ڏٺو آهي تہ الله آسمانن ۽ زمين کي رِٽ سان بڻايو آهي. جيڪڏهن گهري تہ توهان سمورن کي ختم ڪري ۽ بي نئين مخلوق آڻي (۱۹) ۽ ائين ڪرڻ الله تي بلڪل بہ ڏکيو نہ آهي (۲۰) ۽ سيئي ماڻهو الله جي اڳيان حاضر ٿيندا. پوءِ ڪمزور وڏائي ڪندڙن کي چوندا تہ اسان توهان جي پٺيان لڳا هياسين. پوءِ ڇا توهان اسان کان الله جو ڪجهہ عذاب ٽاري سگهو ٿا. وڏائي ڪندڙ چوندا تہ الله اسان کي هدايت ڪري ها تہ اسان بہ توهان کي هدايت ڪريون ها. هاڻي اسان ڪٽي بيقرار ٿيون يا صبر ڪريون هڪجهڙو آهي. اسان لاءِ ڪا واهہ نہ آهي (۲۱)[3] ۽ جڏهن فيصلو ٿي ويندو تہ شيطان چوندو تہ بيشڪ الله توهان سان واعدو ڪيو هو سچو وعدو. مون بہ توهان سان واعدو ڪيو هو پر پورو نہ ڪيم. منهنجو توهان تي توهان کي سڏڻ کان سواءِ ڪو زور نہ هو. پوءِ توهان منهنجي ڳالهہ مڃي ورتي تنهنڪري هاڻي مون تي ملامت نہ ڪيو. البت. پنهنجو پاڻ کي الزام ڏيو. نہ مان توهان جي دانهن ورنائي سگهان ٿو ۽ نہ ئي توهان منهنجي دانهن ٻڌي سگهو ٿا. توهان جيڪو اڳ مون کي الله جو شريڪ ٺاهيو هو مان ان کان سخت بيزار آهيان. بيشڪ ظالمن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۲۲) ۽ اهي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون سي باغن (بهشت) ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. پنهنجي رب جي حڪم سان سدائين ان ۾ رهندا. سندن ملڻ جي وقت پليڪار ڪرڻ جو نمونو سلام (السلام عليڪم) هوندو (۲۳) اي انسانو! ڇا توهان کي معلوم ڪونهي تہ الله ڪهڙو نہ چڱو مثال بيان ڪيو آهي. چڱي ڳالهہ پاڪ وڻ وانگر آهي جنهن جي پاڙ مضبوط ۽ ٽاريون آسمان ۾ هجن (۲۴) پنهنجي رب جي حڪم سان هر وقت پنهنجو ميوو ڏيندو هجي. ۽ الله ماڻهن جي لاءِ مثال بيان ڪندو آهي تہ جيئن نصيحت وٺن (۲۵) ۽ خراب ڳالهہ جو مثال خراب وڻ وانگر آهي جنهن جون پاڙون زمين جي مٿان هجن ۽ ان کي ڪو ٽڪاءُ نہ هجي (۲۶) جن ايمان آندو آهي الله انهن کي دنيا جي زندگي ۾ ۽

آخرت ۾ پڪي قول سان ثابت رکندو آهي ۽ الله ظالمن کي ڀُلائيندو آهي ۽ الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (۲۷)[4] اي پيغمبر! ڇا توکي انهن ماڻهن جو علم نه آهي جن الله جي نعمت کي ناشڪريءَ سان مٽايو ۽ پنهنجي قوم کي تباهي جي گهر ۾ لاٽائون (۲۸) جيڪو دوزخ آهي، اهي ان ۾ گهڙندا ۽ اهو بيڙو ڏکاڻو آهي (۲۹) ۽ الله سان شريڪ مقرر ڪيائون ته جيئن ماڻهن کي ان جي واٽ کان ڀٽڪائين. اي پيغمبر! کين چئو ته ڪجهه مزا ماڻي وٺو پوءِ توهان جو موٽڻ باهه جي طرف آهي (۳۰) اي پيغمبر! منهنجي انهن ٻانهن کي جن ايمان آندو آهي ٻڌاءِ ته نماز پڙهندا رهن ۽ ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ ۾ جنهن ڏينهن ۾ نه ڏيتي ليتي ۽ نه دوستي هلندي انهن کي جيڪي رزق ڏنو اٿئون ان مان ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ ۾ اسان جي واٽ ۾ لڪائي ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪندا رهن (۳۱) ۽ الله اهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ آسمان مان مينهن جو پاڻي وسايو پوءِ ان سان توهان جي کائڻ لاءِ هر جنس جا ميوا پيدا ڪيائين ۽ توهان کي ٻيڙا تابع ڪري ڏنائين جيڪي سندس حڪم سان سمنڊ ۾ هلن ٿا ۽ توهان لاءِ درياء تابع ڪيائين (۳۲) ۽ توهان لاءِ هلندڙ سج ۽ چنڊ تابع ڪيائين ۽ توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن کي تابع ڪيائين (۳۳) ۽ توهان کي هر شي جيڪا توهان گهري اها ڏنائين. ۽ جيڪڏهن الله جون نعمتون ڳڻيندو ته ڳڻي نه سگهندو. بيشڪ انسان بي انصاف ناشڪر آهي (۳٤)[5] ۽ ياد ڪريو جڏهن ابراهيم دعا گهري ته اي منهنجا رب! ن شهر ڪي کي امن وارو ڪر ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بتن جي پوڄا کان بچاءِ (۳۵) اي منهنجا رب! بيشڪ انهن بتن ماڻهن مان گهڻن کي ڀلايو آهي، پوءِ جيڪو منهنجي پيروي ڪندو ته اهو منهنجو آهي ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي ته پوءِ تون ئي بخشڻهار مهربان آهين (۳٦) اي اسان جا رب! مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي هڪ غير آباد ميدان (وادي) ۾ تنهنجي عزت واري گهر وٽ رهايو آهي ته اي منهنجا رب! اهي نماز قائم ڪن. پوءِ ڪجهه ماڻهن جون دليون انهن جي طرف لاڙي ڇڏ ۽ کائڻ جي لاءِ انهن کي ميون جي روزي عطا ڪر. جيئن اهي شڪر ڪن (۳۷) اي اسان جا پالڻهار! جيڪي اسان لڪايون ۽ جيڪي اسان ظاهر ڪريون تون ڄاڻين

ٿو ۽ زمين ۽ آسمان ۾ ڪابہ شي الله کان ڳُجهي نہ آهي (٣٨) سڀ ساراهہ الله کي جڳائي جنهن مون کي پوڙهاپي ۾ اسماعيل ۽ اسحاق ڏنا. بيشڪ منهنجو رب دعا ٻڌندڙ آهي (٣٩) اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي اولاد کي نماز قائم ڪندڙ ڪر. اي اسان جا رب! دعا قبول فرماءِ (٤٠) اي اسان جا رب! جنهن ڏينهن حساب ورتو ويندو ان ڏينهن مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ ۽ سمورن مومنن کي بخش (٤١)[6] ۽ اي پيغمبر! هرگز خيال نہ ڪجان تہ الله ظالمن جي ڪمن کان بي خبر آهي. الله انهن کي رڳو انهيءَ ڏينهن تائين ڍر ڏني آهي جنهن ۾ اکيون کليل رهجي ويندیون (٤٢) پنهنجو مٿو مٿيٰ ڪيون بي تاب ٻڌندا نڪرندا جو انهن جون نگاهون انهن جي طرف نہ ڦرنديون ۽ انهن جون دليون پريشان هونديون (٤٣) ۽ اي پيغمبر! ماڻهن کي ان ڏينهن کان ٻيڃار جنهن ڏينهن کين عذاب پهچندو. پوءِ ظالم چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان کي ٿوري مدت تائين مهلت ڏي جو اسان تنهنجو سڏ قبول ڪريون ۽ رسولن جي تابعداري ڪريون. چيو ويندن تہ ڇا توهان اڳي قسم ڪونہ کنيو هو تہ توهان کي ڪو زوال نہ ٿيندو (٤٤) ۽ توهان انهن جي گهرن ۾ رهندا هيا جن پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو هو ۽ توهان تي واضح ٿيو هو تہ اسان انهن جو ڪهڙو حال ڪيو هو ۽ اوهان لاءِ ڪيئي مثال بيان ڪياسون (٤٥) بيشڪ انهن پنهنجي رِڌ ڪئي هئي پر انهن جي رڌ الله جي قبضي ۾ هئي. ۽ انهن جي رڌ اهڙي ہ ڪانہ هئي جنهن سان جبل جاءِ ڇڏي وڃن ها (٤٦) پوءِ اي انسانو! الله کي پنهنجي رسولن سان واعدي خلافي ڪندڙ هرگز گمان نہ ڪيو. بيشڪ الله زبردست بدلي وٺڻ وارو آهي (٤٧) اي پيغمبر! جنهن ڏينهن هي زمين مَٽائي ٻي زمين ڪئي ويندي ۽ آسمان ہ مٽايو ويندو تہ سڀ ماڻهو هڪ الله زبردست جي سامهون نڪري بيهندا (٤٨) تہ ان ڏينهن گناهگارن کي ڏنڌاپيڙين ۾ جڪڙيل ڏسندين (٤٩) انهن جا ڪپڙا ڊانبر مان هوندا ۽ انهن جي منهن کي باهہ وکوڙيندي (٥٠) هن لاءِ تہ الله هر ماڻهوءَ کي ان جي ڪمائي جو بدلو ڏئي. بيشڪ الله جلد حساب ڪندڙ آهي (٥١) اهو حڪم (قرآن) ماڻهن تائين پهچائڻو آهي تہ جيئن اهي ان سان ٻيڃاريا وڃن ۽ ڄاڻن تہ اهوئي الله اڪيلو معبود آهي ۽ عقل وارا نصيحت پرائين (٥٢)[7]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو پاجهارو مهربان آهي

سورت الحجر مڪي آهي، هن ۾ 99 آيتون ۽ 6 رڪوع آهن.

الٓرٰ. هي ڪتاب ۽ روشن قرآن جون آيتون آهن (١) جن ماڻهن ڪفر ڪيو اهي سڏون ڪندا تہ جيڪر مسلمان هجن ها (٢) اي پيغمبر! انهن کي ڇڏي ڏي تہ کائن پيئن ۽ مزا ماڻي ونّن ۽ اميدن تي غفلت ۾ هجن، پوءِ جلدي انهن کي خبر پوندي (٣) ۽ اسان ڪنهن بہ ڳوٺ لاءِ مقرر ڪيل حڪم لکڻ کان سواءِ ان کي تباهہ نہ ڪيو (٤) ڪابہ جماعت پنهنجي مقرر مدت کان نہ اڳتي وڌي سگهندي ۽ نہ پٺتي رهي سگهندي (٥) ۽ ڪافرن چيو تہ اي اهي شخص جنهن تي قرآن لٿو آهي بيشڪ تون چريو آهين (٦) جيڪڏهن تون سچو آهين تہ اسان وٽ ملائڪ ڇو نٿو آڻين (٧) اي پيغمبر! کين چئو تہ ملائڪن کي پکي رِتّ کان سواءِ نازل نہ ڪندا آهيون ۽ ملائڪ لهندا تہ پوءِ انهن ڪافرن کي مهلت نہ ملندي (٨) بيشڪ اسان نصيحت يعني قرآن نازل ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسان پاڻ ان جا نگهبان آهيون (٩) بيشڪ اسان توکان اڳين امتن ۾ بہ رسول موڪليا هيا (١٠) ۽ انهن وٽ جيڪو بہ رسول ايندو هو تہ ان سان ٺٺوليون ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ڪندا هيا (١١) اسان ڏوهارين جي دلين ۾ اهڙيءَ طرح خيال وجهندا آهيون (١٢) اهي ان تي ايمان نہ آڻيندا ۽ اڳين جي ريت (طريقو) هلي ايندي آهي (١٣) ۽ جيڪڏهن اسان انهن جي لاءِ آسمان مان ڪو دروازو کوليون ها جو اتان چڙهڻ لڳن ها (١٤) تڏهن بہ چوندا تہ اسان جي نظربندي ڪئي وئي آهي، بلڪ اسان جادو ڪيل ماڻهو آهيون (١٥)[1] ۽ بيشڪ اسان آسمان ۾ برج ٻڌايا آهن ۽ ان کي ڏسندڙن جي لاءِ سينگاريو آهي (١٦) ۽ ان کي هر مردود شيطان کان محفوظ رکيو آهي (١٧) مگر جيڪو لڪ ڇپ ۾ ٻُڌڻ اچي تہ ان جي پٺيان ٻرندڙ اُماڙي لڳندي آهي (١٨) ۽ اسان زمين کي پکيڙيو ۽ ان ۾ جبل کوڙيا آهن ۽ ان ۾ هر شي اندازي سان ڄمائي آهي (١٩) ۽ توهان جي لاءِ ۽ انهن جي لاءِ جن کي توهان رزق نٿا رسايو ان ۾ گذر سفر جو سامان پيدا ڪيو آهي (٢٠) ۽ اهڙي ڪابہ شي ڪونهي جنهن جو اسان وٽ خزانو نہ هجي پر اسان انهن

کي مقرر اندازي کان سواءِ نہ لاهيندا آهيون (٢١) ۽ اسان ڪڪر ڪٽي ايندڙ هوائون موڪلينداآهيون، پوءِ آسمان مان پاڻي وسائيندا آهيون، پوءِ اهو پاڻي توهان کي پيارينداآهيون ۽ توهان ان جا ڪي خزانچي نہ آهيو (٢٢) ۽ بيشڪ اسان جيارينداآهيون ۽ اسان ئي مارينداآهيون ۽ اسان ئي سيني جا وارث آهيون (٢٣) ۽ اسان توهان کان اڳ وارن کي ب جاڻون ٿا ۽ توهان کان پوءِ اچڻ وارن کي ب جاڻندا آهيون (٢٤) ۽ اي پيغمبر! بيشڪ تنهنجو رب ئي قيامت ۾ انهن کي اٺارينڈو ۽ بيشڪ اهو حڪمت وارو جاڻندڙ آهي (٢٥)[2] ۽ بيشڪ اسان انسان (آدم) کي ڳوهيل چيڪي ڪاري متي مان پيدا ڪيو هو (٢٦) ۽ ان کان اڳ ۾ اسان جنن کي ڇيي واري باهہ مان پيدا ڪيو هو (٢٧) ۽ جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو هو تہ مان انسان کي ڳوهيل چيڪي ڪاري متي مان ٺاهڻ وارو آهيان (٢٨) پوءِ جڏهن مان ان کي تيار ڪري ونڻان ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان تہ ان لاءِ سجدي ۾ ڪري پئجو (٢٩) پوءِ سيئي ملائڪ سجدي ۾ ڪري پيا (٣٠) سواءِ ابليس (شيطان) جي، جو ان سجدي ڪندڙن سان گڏ هجڻ کان انڪار ڪيو (٣١) الله چيو اي ابليس! توکي ڇا ٿيو جو تو سجدي ڪندڙن جو ساٿ نہ ڏنو (٣٢) شيطان چيو، مون کي ڇڪو نہ لڳو جو بشر (انسان) کي سجدو ڪريان جنهن کي تو ڳوهيل چيڪي ڪاري متي مان پيدا ڪيو آهي (٣٣) الله چيو تون هتان نڪري وڃ، ڇوتہ تون ڌڙيل آهين (٣٤) ۽ بيشڪ توتي قيامت جي ڏينهن تائين لعنت آهي (٣٥) شيطان چيو منهنجا پالڻهار پوءِ مون کي اٺاريو وڃڻ واري ڏينهن تائين مهلت ڏي (٣٦) الله چيو نيڪ آهي، تون مهلت ڏنلن مان آهين (٣٧) مقرر وقت واري ڏينهن تائين (٣٨) شيطان چيو، منهنجا رب تو جو مون کي گمراهہ ڪيو آهي تنهنڪري مان انهن لاءِ زمين ۾ گناهہ ضرور سينگاريندس ۽ انهن سيني کي گمراهہ ڪندس (٣٩) پر انهن کان سواءِ جيڪي تنهنجا سچا ٻانها هوندا (٤٠) الله چيو هي سڌو رستو منهنجي طرف اچي ٿو (٤١) گمراهن مان جيڪي تنهنجي تابعداري ڪندا بيشڪ انهن کان سواءِ منهنجي ٻانهن تي تنهنجو ڪو زور نہ هلندو (٤٢) ۽ بيشڪ انهن سمورن گمراهن جي انجام واري جاءِ جهنم آهي (٤٣) ان جهنم کي ست دروازا آهن، ۽ هر دروازي لاءِ انهن مان هڪ ورهايل حصو هوندو (٤٤)[3] بيشڪ

پرهيزگار باغن (بهشت) ۾ چشمن ۾ هوندا (٤٥) کين چئبو ته انهن ۾ بي فکر ٿي سلامتي سان داخل ٿيو (٤٦) ۽ انهن جي دلين ۾ جيڪو ناراضپو هوندو اهو ڪڍي ڇڏينداسين ۽ هڪٻئي جا پائر ٿي پلنگن تي آمهون سامهون ويهندا (٤٧) انهن کي اتي نه ڪا تڪليف پهچندي ۽ نه اتان ڪڍيا ويندا (٤٨) اي پيغمبر! منهنجن ٻانهن کي خبر ڏي ته بيشڪ مان بخشڻهار مهربان آهيان (٤٩) ۽ بيشڪ منهنجو عذاب به ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٥٠) ۽ انهن کي ابراهيم جي مهمانن جو احوال ٻڌاءِ (٥١) جڏهن اهي وٽس آيا ته چيائون سلام (السلام عليكم). ابراهيم چيو اسان کي توهان کان ڊپ ٿئي پيو (٥٢) انهن چيو ته ڊڄ نه. اسان توکي هڪ علم واري پٽ جي خوشخبري ٻڌايون ٿا (٥٣) ابراهيم چيو ته ڇا توهان مون کي خوشخبري ڏيو ٿا جڏهن مون کي پيرسني ۾ ٻڌڻائپ پهتي آهي، پوءِ ڪهڙي خوشخبري ڏيو ٿا (٥٤) چيائون ته اسان توکي سچي پچي خوشخبري ڏيون ٿا تنهنکري اميد لاهيندڙن مان نه ٿي (٥٥) ابراهيم چيو ته گمراهن کان سواءِ ڪير آهي جيڪو پنهنجي رب جي رحمت کان نااميد ٿي سگهي (٥٦) وري چيائين ته پوءِ اي موڪليل ملائڪو! توهان جو ڪهڙو حال احوال آهي (٥٧) چيائون ته اسان کي هڪ ڏوهاري قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي (٥٨) مگر لوط جي گهر وارن کان سواءِ جو اسان انهن سمورن کي بچائينداسين (٥٩) سواءِ سندس زال جي. جنهن لاءِ فيصلو ٿيل آهي ته اها پنتي رهجي ويندڙن ۾ هوندي (٦٠)[4] پوءِ جڏهن موڪليل ملائڪ لوط جي گهر وارن ڏانهن آيا (٦١) لوط چيو ته توهان ته ڪي اوپرا ماڻهو آهيو (٦٢) چيائون ته نه. بلڪ اسان ته تو وٽ اهو ڪجهه (عذاب) آندو آهي جنهن ۾ اهي ماڻهو شڪ ڪندا آهن (٦٣) ۽ اسان تو وٽ سچو حڪم آندو آهي ۽ اسان يقينن سچا آهيون (٦٤) پوءِ تون پنهنجي گهر وارن کي رات جي پيٽ ۾ وٺي ٻاهر نڪري وڃ ۽ تون انهن جي پٺيان هل ۽ توهان مان ڪوبه پنتي مڙي نه ڏسي ۽ اتي سڌا هليا ويو جتي جو توهان کي حڪم آهي (٦٥) ۽ اسان ان (لوط) ڏانهن هي حڪم وحي ڪيوسين ته صبح ٿيندي ئي انهن ڪافرن جي پاڙ پٽي ويندي (٦٦) ۽ ڳوٺ وارا خوشيون ڪندا آيا (٦٧) لوط چيو ته هي منهنجا مهمان آهن تنهنکري مون کي خوار نه ڪيو (٦٨) ۽ الله کان ڊجو ۽ مون کي خوار نه ڪيو (٦٩) چيائون ته ڇا اسان

توکي ڏيهه جهان وارن کي پاڻ وٽ رهائڻ کان منع نه ڪئي هئي (٧٠) لوط چيو ته جيڪڏهن توهان چيو ميو ته نڪاح ڪرڻ لاءِ منهنجون نياڻيون حاضر آهن (٧١) اي محبوب! تنهنجي جان جو قسم! بيشڪ اهي پنهنجي گمراهي ۾ انڌا هيا (٧٢) پوءِ سج اپرندي ئي انهن کي ڪڙڪي جي آواز اچي ورتو (٧٣) پوءِ اسان ان ڳوٺ جو مٿيون حصو هيٺيون حصو ڪري ڇڏيو ۽ انهن تي پڪل مٽيءَ جا پٿر وسايا سين (٧٤) بيشڪ عبرت ونڊ وارن لاءِ انهيءَ ۾ نشانيون آهن (٧٥) ۽ بيشڪ اهو ڳوٺ اڃ وڃ واري عام رستي تي قائم آهي (٧٦) بيشڪ ايمان وارن جي لاءِ ان ۾ نشانيون آهن (٧٧) ۽ بيشڪ جهنگل (ايڪ) جا رهاڪو به ظالم هيا (٧٨) پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو ۽ بيشڪ اهي ٻئي ڳوٺ کليل رستي تي پون ٿا (٧٩)[5] ۽ بيشڪ حجر وارن به رسولن کي ڪوڙو پانيو (٨٠) ۽ اسان انهن کي پنهنجون نشانيون ڏنيون ته اهي انهن کان منهن موڙيندا رهيا (٨١) ۽ اهي بي فڪر ٿي پهاڙن کي ٽُڪي گهر ٺاهيندا هيا (٨٢) پوءِ صبح ٽيندي ئي انهن کي ڪڙڪي جي آواز اچي ورتو (٨٣) پوءِ انهن جي ڪمائي انهن کي ڪوبه فائدو نه ڏنو (٨٤) ۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي سورٿ کان سواءِ نه بڻايو آهي ۽ بيشڪ قيامت ضرور اچڻي آهي، پوءِ تون درگذر ڪر ۽ سهڻي نموني سان درگذر ڪر (٨٥) ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار زبردست پيدا ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي (٨٦) ۽ بيشڪ اسان توکي عظمت وارو قرآن ۽ وري وري پڙهجڻ واريون ست آيتون ڏنيون آهن (٨٧) پنهنجون نگاهون انهن شين ڏانهن نه ڪر جيڪي اسان انهن (ڪافرن) کي وقتي نفعي لاءِ ڏنيون آهن ۽ انهن تي ڏک به نه ڪر ۽ مومنن تي پنهنجون ٻانهون کول (٨٨) ۽ چئو ته بيشڪ مان پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٨٩) اي پيغمبر! اسان توتي هي ڪلام اهڙي طرح نازل ڪيو آهي جهڙي طرح انهن ماڻهن تي نازل ڪيو هو جيڪي ورهائجي ويا (٩٠) جن الله جي ڪلام کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو (٩١) پوءِ تنهنجي رب جو قسم آهي ته اسان انهن سمورن کان ضرور پڇا ڪنداسين (٩٢) ان بابت جو ڪجهه اهي ڪندا هيا (٩٣) پوءِ جنهن ڳالهه جو توکي حڪم ٿيو آهي اها کولي ٻڌاءِ ۽ مشرڪن کان منهن موڙي ڇڏ (٩٤) بيشڪ انهن ٺٽولي ۽ ڪان تولاءِ اسان ڪافي آهيون (٩٥) جيڪي الله سان گڏ ٻيا معبود

ٽاهين ٿا انهن کي جلد خبر پوندي (٩٦) بيشڪ اسان کي معلوم آهي تہ انهن جي ڳالهين جي ڪري تنهنجي دل تنگ ٿئي ٿي (٩٧) پوءِ پنهنجي رب کي ساراهيندي ان جي پاڪائي بيان ڪر ۽ سجدي ڪندڙن مان هج (٩٨) ۽ جيستائين يقين تنهنجي اڳيان اچي پنهنجي رب جي عبادت ڪندو رهہ (٩٩)[6]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت نحل مڪي آهي، هن ۾ 128 آيتون ۽ 16 رڪوع آهن.

اجهو الله جو حڪم پهتو تنهنڪري ان جي تڪڙ نہ ڪريو. اهو الله پاڪ آهي ۽ جيڪي ساڻس شريڪ ڪندا آهن ان شي کان مٿانهون آهي (١) الله پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن ڏانهن پنهنجي حڪم سان ملائڪن کي وحي سان هن لاءِ نازل ڪندو آهي تہ ماڻهن کي ڊيجاريو تہ مون الله کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، تنهنڪري مون الله کان ئي ڊڄو (٢) ان آسمانن ۽ زمين کي رِڌ سان پيدا ڪيو آهي ۽ جيڪي ساڻس شريڪ ڪندا آهن ان شي کان مٿانهون آهي (٣) انسان کي هڪ قطري مان پيدا ڪيائين پوءِ اوچتو اهو کليل جهيڙالو ٿي پيو (٤) ۽ توهان لاءِ ڍور پيدا ڪيائين انهن مان گرم پوشاڪون ۽ ٻيا نفعا آهن ۽ انهن مان کي کائيندا بہ آهيو (٥) ۽ جڏهن صبح جو چرڻ واسطي ڇوڙيو ٿا ۽ شام جو انهن کي واپس آڻيو ٿا تہ توهان جي اکين لاءِ انهن ۾ سينگار آهي (٦) ۽ اهي اهڙي شهر ڏانهن توهان جو بار کڻندا آهن جنهن تائين توهان سخت تڪليف کان سواءِ پهچي نہ سگهو. بيشڪ توهان جو پالڻهار نهايت ٻاجهارو مهربان آهي (٧) ۽ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏهہ توهان جي سواري لاءِ پيدا ڪيائين ۽ انهن ۾ رونق آهي ۽ اهو ڪجهہ پيدا ڪيائين جنهن جي توهان کي خبر نہ آهي (٨) ۽ الله ڏانهن سڌو رستو پهچندو آهي ۽ ان مان ڪا واٽ ڏنگي بہ آهي، جيڪڏهن الله گهري ها تہ توهان سڀني کي سڌي واٽ ڏيکاري ها (٩)[1] اهو الله آهي جيڪو آسمان مان توهان لاءِ پاڻي وسائي تو ان مان ڪجهہ پيئڻ جو آهي ۽ ان سان جهنگ جمن ٿا جن ۾ توهان جانور چاريندا آهيو (١٠) انهيءَ

پاڻي سان توهان لاءِ پوک ۽ زيتون ۽ کجيون ۽ ڊاک ۽ هر قسم جا ميوا جمائي ٿو. بيشڪ ان ۾ غوروفڪر ڪرڻ وارن جي لاءِ نشاني آهي (١١) ۽ ان توهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن کي ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيو آهي. ۽ تارا سندس حڪم سان ٻڌل آهن. بيشڪ ان ۾ عقل وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (١٢) ۽ توهان جي لاءِ زمين ۾ قسمين قسمين رنگن جون شيون ۽ جانور پيدا ڪيائين. بيشڪ ان ۾ ڏيان ڪندڙ ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (١٣) ۽ اهوئي الله آهي جنهن توهان جي لاءِ سمنڊ کي تابع ڪيو جو توهان ان مان تازو گوشت يعني مڇي کائو ٿا ۽ ان مان زيور يعني موتي ڪڍو ٿا جيڪي پايو ٿا ۽ ان ۾ ترندڙ ٻيڙا ڏسو ٿا ته جيئن توهان الله جو فضل تلاش ڪريو ته جيئن توهان شڪر گذار ٿيو (١٤) ۽ زمين ۾ جبل کوڙيائين جو متان توهان کي لوڙڻ لڳي ۽ نهرون ۽ رستا ناهيائين ته توهان کي سڌي وات جي خبر پوي (١٥) ۽ ٻيون نشانيون. ستارن سان به ماڻهو وات لهندا آهن (١٦) پوءِ جيڪو پيدا ڪري اهو ان وانگر آهي جا جيڪو پيدا نه ڪري. پوءِ توهان نصيحت ڇو نه ونندا آهيو (١٧) ۽ جيڪڏهن الله جون نعمتون ڳڻيو ته انهن جو ڳاڻاٽو ڪري نه سگهندو. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٨) ۽ توهان جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا اهو الله ڄاڻندڙ آهي (١٩) ۽ الله کان سواءِ ڪافر جن کي سڏيندا آهن اهي ڪابه شي پيدا ڪري نٿا سگهن ۽ اهي پاڻ خلقيل آهن (٢٠) اهي مئل آهن جيئرا نه آهن ۽ نه ئي انهن کي خبر آهي ته ماڻهو ڪڏهن اٿاريا ويندا (٢١)[2] توهان جو معبود ته هڪڙوئي معبود آهي پوءِ جيڪي آخرت تي ايمان نٿا رکن انهن جون دليون انڪاري آهن ۽ اهي مغرور آهن (٢٢) حقيقت ۾ اهي جيڪي لڪائين ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا الله ڄاڻندو آهي . بيشڪ اهو وڏائي ڪندڙن کي پسند نه ڪندو آهي (٢٣) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي چئبو آهي ته توهان جي رب ڇا نازل ڪيو آهي ته چوندا آهن ته اڳين جون آکاڻيون (٢٤) هن لاءِ جو قيامت جي ڏينهن پنهنجو پورو بار کڻندا ۽ ڪجهه بار انهن جو به کڻندا جن کي پنهنجي جهالت سان گمراهه ڪندا آهن. خبردار! اهي جيڪو به بار کڻندا اهو بچڙو آهي (٢٥)[3] بيشڪ انهن کان اڳين به تدبيرون ڪيون هيون. پوءِ الله جي حڪم سندن تدبيرن جي اڏاوتن کي بنياد کان پٽي ڇڏيو. پوءِ انهن جي مٿان ڇت اچي ڪري ۽ انهن

تي اتان عذاب آيو جتان انهن کي خبر ئي نہ هئي (٢٦) وري قيامت جي ڏينهن الله انهن کي خوار ڪندو ۽ چوندو تہ ڪٿي آهن منهنجا اهي شريڪ جن جي باري ۾ توهان جهيڑو ڪندا هيوَ جن کي علم ڏنو ويو آهي سي چوندا تہ اڄ سموري خواري ۽ بيڄڙائي ڪافرن تي آهي (٢٧) اهي جن جو ملائڪ هن حال ۾ ساهہ ڪيندا هيا جو اهي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندڙ هيا، پوءِ اهي صلح پيش ڪندا ۽ چوندا تہ اسان کا برائي نہ ڪئي هئي، ملائڪ چوندا تہ هائو توهان جيڪي ڪندا هيا سو الله ڄاڻندڙ آهي (٢٨) هاڻي جهنم جي دروازن مان داخل ٿيو جو سدائين ان ۾ رهندو، پوءِ مغرورن جي جاءِ بيڄڙي آهي (٢٩) ۽ جڏهن پرهيزگارن کي چئبو آهي تہ توهان جي رب ڇا نازل ڪيو آهي تہ چوندا آهن تہ خيروبرڪت، جن چڱائي ڪئي انهن جي لاءِ هن دنيا ۾ ڀلائي آهي ۽ آخرت جو گهر سڀ کان بهتر آهي، ۽ پرهيزگارن جو گهر سڻو آهي (٣٠) پرهيزگارن جي لاءِ هميشہ رهڻ وارا باغ (بهشت) آهن جن ۾ داخل ٿيندا انهن جي هيٺان نهرون جاري آهن، جيڪي گهرندا سو انهن لاءِ موجود هوندو، الله پرهيزگارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندو (٣١) اهي جن جو ملائڪ سڻائي ۽ صفائي ۾ هي چوندي ساهہ ڪيندا آهن تہ توهان تي سلامتي هجي (السلام عليڪم)، جيڪي ڪندا هيوَ انهن جي بدلي جنت ۾ داخل ٿيو (٣٢) ڪافر موت جي ملائڪ جو پاڻ وٽ اچڻ يا تنهنجي رب جي عذاب جي حڪم اچڻ کان سواءِ ٻيو انتظار نہ ڪندا آهن، جيڪي انهن کان اڳ هيا تن بہ ائين ئي ڪيو هو ۽ الله انهن تي ڪوبہ ظلم نہ ڪيو پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا هيا (٣٣) پوءِ انهن کي سندن ڪرتوتن جي بيڄڙائي پهتي ۽ انهن کي ان عذاب گهيري ورتو جنهن تي اهي ٺٺول ڪندا هيا (٣٤)[4] ۽ مشرڪ چوندا آهن تہ الله چاهي ها تہ ان کان سواءِ اسان ڪنهن جي بہ پوجا نہ ڪريون ها ۽ نہ اسان جا اباڏاڏا پوڄين ها ۽ نہ ان جي حڪم کان سواءِ اسان کا شي حرام ڪيون ها، انهن کان اڳين بہ اهڙيءَ طرح ڪيو هو، پوءِ رسولن جي ذمي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي (٣٥) ۽ بيشڪ هر قوم ۾ هڪ رسول موڪليوسين تہ اعلان ڪري تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ هر باطل شيطان کان بچو، پوءِ انهن مان کي اهڙا آهن جن کي الله هدايت ڪئي ۽ کي اهڙا آهن جن تي گمراهي ثابت ٿي، پوءِ

زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو تہ ڪوڙو سمجهندڙن جي پيڇاڙي ڪهڙي ٿي (٣٦) اي پيغمبر! جيڪڏهن انهن کي هدايت ڪرڻ جو حرص ڪندين تہ بہ الله جنهن کي گمراهہ ڪري تہ ان کي هدايت نہ ڪندو آهي ۽ انهن جو ڪوبہ مددگار نہ آهي (٣٧) ۽ الله جو پڪو قسم کٽي چيائون تہ جيڪو مري ٿو تنهن کي الله وري نہ جيارينڊو هائو ضرور جيارينڊو ان لاءِ سچو واعدو ٿيل آهي، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (٣٨) هن لاءِ وري جيارينڊو تہ جن ڳالهين بابت تڪرار ڪندا آهن انهن کي ڪولي ٻڌائي ۽ هن لاءِ بہ تہ ڪافر پڪ ڪن تہ اهي پاڻ ڪوڙا هيا (٣٩) اسان ڪنهن شي جو ارادو ڪيون تہ ان لاءِ اسان جو بس اهوئي چوڻ هوندو آهي جو اسان چئون "ٿي" تہ اها هڪدم ٿي پوندي آهي (٤٠)[5] جن پاڻ تي ظلم ٿيڻ کان پوءِ الله جي واٽ ۾ پنهنجو گهرٻار ڇڏيو تہ اسان انهن کي دنيا ۾ چڱي جاءِ ڏينداسين، بيشڪ آخرت جو ثواب تہ اڃا گهڻو وڏو آهي، جيڪر ماڻهو ڄاڻن ها (٤١) اهي نعمتون انهن لاءِ آهن جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي پالڻهار تي پروسو ڪن ٿا (٤٢) ۽ اي پيغمبر! توکان اڳي ڪوبہ رسول مرد کان سواءِ نہ موڪليوسين، انهن کي وحي ڪندا هئاسين، پوءِ اي انسانو! جيڪڏهن توهان نہ ڄاڻندا آهيو تہ علم وارن کان پڇي ڏسو (٤٣) انهن کي ڪتابن ۽ دليلن سان موڪليوسين، ۽ اي محبوب! تو ڏانهن بہ هي قرآن هن لاءِ نازل ڪيوسين تہ جيڪو ماڻهن لاءِ نازل ڪيو ويو آهي سو انهن کي بيان ڪري ٻڌائين تہ مَن اهي غوروفڪر ڪن (٤٤) پوءِ جيڪي ماڻهو بريون سازشون رچين ٿا اهي هن کان نٿا ڊجن ڇا تہ الله انهن کي زمين ۾ دٻائي ڇڏي يا انهن تي اتان عذاب اڇي جتان انهن کي خبر نہ هجي (٤٥) يا انهن کي گهمندي ڦرندي پڪڙي ونڊي ڇوتہ اهي عاجز ڪرڻ وارا نہ آهن (٤٦) يا انهن کي پوائتي حالت ۾ وٺ ڪري، بيشڪ توهان جو پالڻهار ٻاجهارو مهربان بہ آهي (٤٧) ۽ ڇا ماڻهو هي نٿا ڏسن تہ جيڪي شيون الله پيدا ڪيون آهن انهن جا پاڇا الله کي سجدو ڪندي ساڄي ۽ کاٻي لڙندا آهن ۽ اهي عاجزي ڪندڙ آهن (٤٨) ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ ڇُرندڙ ساهوارا آهن ۽ ملائڪ سڀ الله کي ئي سجدو ڪندا آهن ۽ اهي وڏائي نہ ڪندا آهن (٤٩) پنهنجي رب جو خوف ڪندا آهن جيڪو سندن مٿان غالب آهي ۽ اهوئي ڪندا آهن جيڪو انهن کي حڪم ڪبو آهي

(۵۰)[6] ۽ الله ڇڻي ڇڏيو آهي تہ ٻہ معبود ڪري نہ وٺو اهو تہ الله اڪيلو ئي معبود آهي، پوءِ مون کان ئي ڊڄو (۵۱) ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو انهيءَ جو آهي ۽ سندس ئي عبادت لازم آهي، پوءِ الله کان سواءِ ٻين کان ڇو ڊڄندا آهيو (۵۲) ۽ توهان وٽ جيڪي بہ نعمتون آهن سڀ الله جي طرفان آهي، پوءِ جڏهن توهان کي تڪليف پهچي ٿي تہ ان کي ٻاڏايو ٿا (۵۳) پوءِ جڏهن اهو توهان کان تڪليف ٽاري ڇڏي ٿو تہ توهان مان هڪڙو ٽولو پنهنجي رب سان شريڪ ٺاهڻ لڳي ٿو (۵۴) جيئن اسان جي ڏنل نعمتن جي ناشڪري ڪن، پوءِ پلي مزا ڪيو ۽ توهان کي جلد خبر پوندي (۵۵) اسان جي ڏنل روزي مان ڪافر انهن بتن لاءِ حصو مقرر ڪندا آهن جي نہ ڄاڻندا آهن، الله جو قسم! توهان جيڪي ڪوڙ گهڙيندا آهيو انهن جي توهان کان ضرور پڇا ٿيندي (۵۶) ۽ الله جي لاءِ ڌيئرون ۽ پنهنجي لاءِ جيڪا سندن دل گهري ٿي مقرر ڪن ٿا، پر اهو تہ پاڪ آهي (۵۷) ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڌي ڄمڻ جي خبر ڏني ويندي آهي تہ ان جو منهن ڪارائجي ويندو آهي ۽ ڏک ۾ ويريل هوندو آهي(۵۸) جيڪا ڪيس خراب خبر ڏني ويندي آهي ان جي ڪري ماڻهن کان لڪندو ڦرندو آهي، ڳڻتي ۾ سوچيندو آهي تہ ان کي خواري سان پاڻ وٽ رکي يا ان کي جيئري مٽي ۾ پوري ڇڏي، خبردار! جيڪو فيصلو ڪن ٿا اهو نهايت بيڙو آهي (۵۹) جيڪي آخرت تي ايمان نٿا آڻين انهن جو برو حال آهي ۽ الله جو شان مٿانهون آهي ۽ اهوئي زبردست حڪمت وارو آهي (۶۰)[7] ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي انهن جي ظلم تي پڪڙ ڪري ها تہ زمين تي ڪا ڇُرندڙ شي نہ ڇڏي ها، پر هڪ مقرر مُدت تائين انهن کي ڍر ڏني اٿس، پوءِ جڏهن انهن جو وقت ايندو تہ نہ هڪ گهڙي دير ڪري سگهندا ۽ نہ هڪ گهڙي اڳيرو ويندا (۶۱) ۽ الله جي لاءِ اها شي مقرر ڪندا آهن جيڪا پنهنجي لاءِ پسند نہ ڪندا آهن ۽ انهن جون زبانون ڪوڙ ڳالهائيندڙيون آهن تہ انهن جي لاءِ هر ڀلائي آهي، نہ نڙ انهن جي لاءِ باهہ آهي ۽ اهي حد کان لنگهي ويل آهن (۶۲) الله جو قسم! اسان توکان اڳي گهڻن ئي قومن ڏانهن رسول موڪليا، پوءِ شيطان کين سندن ڪرتوت چڱا ڪري ڏيکاريا، پوءِ اڄ بہ اهوئي انهن جو ساٿي آهي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۶۳) اي پيغمبر! توتي هي ڪتاب هن کان سواءِ نہ لاٿوسين تہ ماڻهو جنهن ڳالهہ

ٻ اختلاف ڪن ٿا تن لاءِ تون وضاحت ڪرين ٿو هي قرآن مومن ماڻهن لاءِ هدايت ٿو رحمت آهي (٦٤) ٿو الله آسمان کان مينهن جو پاڻي وسائي ٿو پوءِ ان سان زمين کي غير آبادي کان پوءِ آباد ڪري ٿو بيشڪ ان ٻ ڪن لائي ٻڌڻ وارن ماڻهن لاءِ نشاني آهي (٦٥)[8] ٿو بيشڪ ڏورن ٻ توهان لاءِ عبرت آهي، جيڪي سندن پيٽن ٻ آهي ان منجهان ڇيٽي ٿو رت جي وچان توهان کي خالص کير پيارينديون آهن جيڪو پيئندڙن کي وٽندڙ آهي (٦٦) ٿو ميون مان کجيون ٿو انگور آهن جو انهن مان نبيذ ٿو ڇگو ڪاڏو ٺاهيندا آهيو بيشڪ ان ٻ سمجهدار ماڻهن لاءِ نشاني آهي (٦٧) ٿو اي پيغمبر! تنهنجي رب ماکيءَ جي مک ڏانهن الهام ڪيو ته جبلن ٿو وٽن ٿو جتي ماڻهو پيها ٿا ٺاهين انهن ٻ مانارو ٺاهه (٦٨) پوءِ هر قسم جي ميون مان رس چوس ٿو پنهنجي رب جي رستي تي عاجزي سان هل، انهن جي پيٽ مان پيئڻ جي هڪ رنگ برنگي رس (ماکي) نڪري ٿي جنهن ٻ ماڻهن جي لاءِ شفاء آهي، بيشڪ سوچ ويچار ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ ان ٻ نشاني آهي (٦٩) ٿو الله توهان کي پيدا ڪيو آهي وري توهان کي ماريندو ٿو توهان مان ڪو بنهه جهور عمر ڏانهن هن لاءِ موڪايو ويندو آهي ته جيئن ڄاڻڻ کان پوءِ ڪجهه نه ڄاڻي، بيشڪ الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ وس وارو آهي (٧٠)[9] ٿو الله توهان مان هڪڙن کي ٻين کان وڌيڪ روزي ڏني آهي، پوءِ اهي وڌ ڏنل روزي وارا پنهنجي روزي مان پنهنجن غلامن ٿو ٻانهين کي نڪا ڏين جڏهن ته اهي سڀ ان ٻ برابر هجن، پوءِ الله جي نعمت کان ڇو انڪار ڪندا آهن (٧١) ٿو الله توهان جي لاءِ توهان جي جنس مان زالون پيدا ڪيون ٿو توهان جي لاءِ توهان جي زالن مان پٽ پوٽا ٿو ڏوهٽا پيدا ڪيا آهن ٿو توهان کي سڀين شين مان روزي ڏنائين، پوءِ ماڻهو ڪوڙي ڳالهه ڇو مڃيندا آهن ٿو اهي الله جي نعمت کان ڇو انڪار ڪندا آهن (٧٢) ٿو الله کان سواءِ اهڙن جي پوڄا ڪن ٿا جيڪي انهن کي آسمانن ٿو زمين مان ڪجهه ب رزق ڏيڻ جو اختيار نڪا رکن ٿو نه ئي ڪجهه ڪري سگهن ٿا (٧٣) پوءِ الله جي لاءِ بيڄڙا مثال بيان نه ڪريو، بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي ٿو توهان نڪا ڄاڻو (٧٤) الله هڪ خريد ڪيل ٻانهي جو مثال بيان ڪري ٿو جنهن جو ڪنهن شي تي وس نه هجي ٿو ٻيو اهو جنهن کي پاڻ وٽان چڱي روزي ڏني اٿس، پوءِ اهو لک ٻ ٿو ظاهر ٻ ان مان خرچ ڪندو آهي، اهي ٻئي برابر آهن ڇا،

سموريون تعريفون الله جي واسطي آهن، پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن (٧٥) ۽ الله ٻن مردن جو ٻيو مثال بيان ڪري ٿو جن مان هڪڙو گونگو هجي ڪوبه ڪم ڪري نه سگهي ۽ اهو پنهنجي آقا تي ٻوجهه هجي جاڏي به ڪيس موڪلي ته اتان ڪابه ڀلائي نه آڻي، ڇا اهو ان جي برابر آهي جيڪو انصاف جو حڪم ڪري ٿو ۽ اهو سڌي واٽ تي به هجي (٧٦)[10] ۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه الله کي معلوم آهي ۽ قيامت جو معاملو ان لاءِ بس اک ڇنڀ جي دير جيترو آهي بلڪ ان کان به وڌيڪ ويجهو بيشڪ الله سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو (٧٧) ۽ الله توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽن مان ڪڍيو جو توهان کي ڪا ڄاڻ ڪانه هئي ۽ توهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دل ٻڌايائين ته جيئن توهان شڪرانو ڪيو (٧٨) انهن آسمان جي فضا ۾ اڏامندڙ پکي نه ڏٺا آهن ڇا انهن کي الله کان سواءِ ڪوبه نٿو روڪي، بيشڪ ان ۾ يقين ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (٧٩) ۽ الله توهان جي گهرن کي توهان لاءِ آرام جو هنڌ ٻڌايو ۽ جانورن جي چمڙن مان اوهان لاءِ گهر ٻڌايائين جيڪي توهان کي سفر جي ڏينهن ۾ منزلن تي ٽڪڻ لاءِ هلڪا آهن ۽ انهن جانورن جي اُن ۽ پشم (مِلس) ۽ ڏاس مان گهر جون شيون ۽ ٻيو سامان ناهيو تا جيڪو ڪجڻ مدت تائين ڪم ڏئي ٿو (٨٠) ۽ الله پنهنجي خلقيل شين مان توهان لاءِ ڇانئون ٻڌايون آهن ۽ جبلن ۾ توهان جي لاءِ پناهه جون جايون (ڇُرون) ٻڌايائين ۽ توهان جي لاءِ لباس پيدا ڪيو آهي جيڪو توهان کي گرمي ۽ سردي کان بچائي ٿو ۽ لوهو لباس پڻ جيڪو هٿيارن جي ڏڪ کان بچائي ٿو اهڙيءَ طرح توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪندو آهي ته مَن توهان فرمانبرداري ڪريو (٨١) پوءِ به جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين ته اي محبوب! تنهنجي ذمي فقط پيغام پهچائڻ آهي (٨٢) الله جي نعمت ڄاڻندا آهن پوءِ به ان جو انڪار ڪن ٿا ۽ انهن مان گهڻا ڪافر آهن (٨٣)[11] ۽ جنهن ڏينهن اسان هر امت مان هڪڙو شاهد بيهارينداسون ته پوءِ انهن ڪافرن کي عذر جي اجازت نه هوندي ۽ نه انهن جي توبهه قبول ٿيندي (٨٤) ظالم ماڻهو جڏهن عذاب ڏسندا ته اهو نه انهن کان هلڪو ڪبو ۽ نه انهن کي مهلت ملندي (٨٥) ۽ شرڪ ڪرڻ وارا جڏهن پنهنجي بتن کي ڏسندا ته چوندا ته اي اسان جا رب! هي آهن اسان جا اهي شريڪ جن کي توکان سواءِ سڏيندا هياسين،

پوءِ اهي بت انهن کي ورندي ڏيندا تہ توهان کوڙا آهيو (٨٦) ۽ ان ڏينهن الله جي آڏو عاجزي ڪندا ۽ جيڪي ناهہ ناهيندا آهن سي انهن کان وسري ويندا (٨٧) جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي راهہ کان ماڻهن کي جهليو انهن تي عذاب مٿان عذاب وڌائيندا سين جو اهي فساد ڪندا هيا (٨٨) ۽ ان ڏينهن اسان هر ٽولي ۾ انهن مان انهن تي هڪ شاهد بيهارينداسين ۽ اي محبوب! توکي بہ انهن ڪافرن تي شاهد ڪري آڻينداسين. ۽ توتي هي ڪتاب (قرآن) هر شي جي وضاحت لاءِ ۽ مسلمانن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت ۽ خوشخبري ڏيڻ لاءِ نازل ڪيوسين (٨٩)[12] بيشڪ الله انصاف ۽ چڱائي ڪرڻ ۽ مائٽن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ بي حيائي ۽ بري ڪالهہ ۽ سرڪشي کان منع ڪري ٿو. توهان کي نصيحت ڪري ٿو تہ مَن توهان نصيحت وٺو (٩٠) ۽ جڏهن الله جي نالي تي پاڻ ۾ انجام ڪيو تہ اهو انجام پاڙيو ۽ قسم پکو ڪرڻ کان پوءِ ٽوڙي نہ ڇڏيو ڇوتہ توهان الله کي پاڻ تي نگهبان ڪري چڪا آهيو. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندو آهي (٩١) ۽ ان عورت وانگر نہ ٿيو جنهن پنهنجو سُٽ ڪتڻ کان پوءِ ذرا ذرا ڪري ٽوڙي ڇڏيو. پنهنجي قسمن کي پاڻ ۾ هن لاءِ بهانو ناهيو تا تہ جيئن هڪ ٽولو ٻئي ٽولي کان مٿانهون ٿئي. الله تہ ان سان توهان کي پرکي ٿو ۽ جنهن ڪالهہ بابت توهان تڪرار ڪندا آهيو سا قيامت جي ڏينهن توهان کي صاف ڪري ٻڌائيندو (٩٢) ۽ الله گهري ها تہ توهان کي هڪ ئي امت ڪري ها پر الله جنهن کي گهري گمراهہ ڪندو آهي ۽ جنهن کي وٺيس هدايت ڏيندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو توهان کان ان جي ضرور پڇا ٿيندي (٩٣) ۽ پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ ڦَڪي لاءِ بهانا نہ ناهيو نہ تہ انهن جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ توهان جا پير ترڪندا ۽ ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪڻ جي ڪري توهان کي سزا چکڻي پوندي ۽ توهان کي وڏو عذاب ٿيندو (٩٤) ۽ الله جي انجام کي ٽوڙي قيمت ۾ نہ وڪڻو ڇوتہ جيڪڏهن توهان کي ڄاڻ هجي تہ جيڪي الله وٽ آهي اهو توهان لاءِ بهتر آهي (٩٥) جيڪي توهان وٽ آهي سو ختم ٿي ويندو ۽ جيڪي الله وٽ آهي اهو هميشهہ رهڻ وارو آهي. جن صبر ڪيو انهن کي سندن عملن جو بلڪل چڱي طرح بدلو ڏينداسين (٩٦) جنهن چڱا عمل ڪيا پوءِ مرد هجي يا عورت ۽ اهو مومن هوندو تہ ان کي چڱي زندگي جيارينداسين ۽

جيڪي ڪندا تنهن جو ڪين ڇڳي طرح بدلو ڏيندا سين (٩٧) پوءِ اي پيغمبر! جڏهن قرآن پڙهين تہ تڙيل شيطان جي شر کان الله جي پناهہ گهر (٩٨) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ پنهنجي رب تي ئي پروسو رکندا آهن تہ شيطان جو انهن تي ڪوبہ زور نہ هلندو (٩٩) ۽ ان جو زور رڳو انهن تي هلي ٿو جيڪي ان کي دوست رکن ٿا ۽ جيڪي ان کي الله سان شريڪ مقرر ڪندا آهن (١٠٠)[13] ۽ اسان جڏهن هڪ آيت جي جاءِ تي ٻي آيت متائي آڻيندا آهيون ۽ الله جيڪي نازل ڪندو آهي سو خوب ڄاڻندو آهي تڏهن ڪافر چوندا آهن تہ تون پاڻ ناهي آڻين ٿو نہ. بلڪ انهن مان گهڻن کي ڄاڻ ئي نہ آهي (١٠١) اي پيغمبر! کين چئو تہ هن قرآن کي پاڪ روح (جبرائيل) تنهنجي رب وٽان هن لاءِ لاٿو آهي تہ جيئن ان سان ايمان آڻڻ وارن کي ثابت قدم رکي ۽ مسلمانن جي لاءِ هدايت ۽ خوشخبري هجي (١٠٢) ۽ بيشڪ اسان ڄاڻون ٿا تہ اهي چون ٿا تہ هن پيغمبر کي تہ ڪو ماڻهو سيکاري ٿو پر جنهن ماڻهو ڏانهن نسبت ڏين ٿا ان جي ٻولي تہ عجمي (غيرعربي) آهي ۽ هي قرآن تہ پڌري عربي ٻولي ۾ آهي (١٠٣) بيشڪ جيڪي الله جي آيتن کي نہ مڃيندا آهن الله انهن کي هدايت نہ ڪندو آهي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٠٤) ڪوڙو بهتان اهي ئي گهڙيندا آهن جيڪي الله جي آيتن کي نہ مڃيندا آهن ۽ اهي ئي ڪوڙا آهن (١٠٥) جنهن کي ڪفر لاءِ مجبور ڪيو ويو هجي پر ان جي دل ايمان تي ڄميل هجي تہ ان کان سواءِ باقي جيڪو ايمان آڻڻ کان پوءِ الله جو منڪر ٿئي ۽ دل کولي ڪري ڪافر ٿيو تہ اهڙن ماڻهن تي الله جو ڏمر آهي ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي (١٠٦) اهو ان ڪري جو انهن دنيا جي زندگي کي آخرت جي زندگي کان وڌيڪ پسند ڪيو آهي ۽ الله اهڙن ڪافرن کي هدايت نہ ڏيندو آهي (١٠٧) اِهي اُهي آهن جن جي دلين ۽ ڪنن ۽ اکين تي الله مُهر هنئي آهي ۽ اهي ئي غفلت ۾ پيل آهن (١٠٨) بلاشڪ اهي آخرت ۾ خساري وارا هوندا (١٠٩) پوءِ بيشڪ تنهنجو رب انهن کي بخشي ٿو جن ستائجڻ کان پوءِ پنهنجا گهر ڇڏيا، پوءِ انهن جهاد ڪيو ۽ صبر سان رهيا، بيشڪ تنهنجو رب ان کان پوءِ ضرور بخشڻهار مهربان آهي (١١٠)[14] جنهن ڏينهن سيڪو پنهنجي لاءِ جهڳڙو ڪندو ايندو تہ هر ماڻهو جيڪي عمل ڪيا هوندا تن جو ڪيس پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ انهن تي

ظلم نہ ٿيندو (١١١) ۽ الله هڪڙي ڳوٽ جو مثال بيان ڪيو آهي جيڪو امن ۽ اطمينان وارو هو، هر طرف کان ان جي روزي ججهي ايندي هئي، پوءِ ڳوٽ وارن الله جي نعمتن جي ناشڪري ڪئي، پوءِ الله انهن جي ڪرتوتن جي بدلي انهن کي بک ۽ خوف جي خطري جو مزو چکايو (١١٢) ۽ بيشڪ انهن وٽ انهن منجهان هڪ رسول آيو پوءِ انهن ان کي ڪوڙو سمجهيو تہ انهن کي عذاب پڪڙيو ۽ اهي ظالم هيا (١١٣) پوءِ الله توهان کي جيڪا حلال پاڪ روزي ڏني آهي ان مان کائو ۽ جيڪڏهن توهان ان جي عبادت ڪندا آهيو تہ الله جي نعمت جو شڪر ڪريو (١١٤) توهان تي فقط مُئل ڊور ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اهو جنهن جي ڪهڻ وقت الله کان سواءِ ٻئي جو نالو پڪاريو ويو هجي حرام ڪيا ويا آهن پر جيڪو بي فرمان نہ هجي ۽ حد کان ٽپندڙ نہ ٿئي پر لاچار ٿي حرام شي کائي تہ بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (١١٥) جن شين کي توهان جون زبانون ڪوڙ سان بيان ڪنديون آهن تن لاءِ نہ چئو تہ هي حلال آهي ۽ هي حرام آهي جو الله تي ڪوڙ گهڙيو بيشڪ جيڪي الله تي ڪوڙ گهڙيندا آهن انهن جو ڀلو نہ ٿيندو (١١٦) دنيا ۾ ٿورو نفعو آهي ۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١١٧) ۽ اسان يهودين تي جيڪي شيون حرام ڪيون هيون سي توکي اڳي ٻڌايون آهن ۽ اسان انهن تي ظلم نہ ڪيو هو پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا هيا (١١٨) پوءِ جيڪي ناداني مان برائي ڪري ويهن ۽ ان کان پوءِ توبهہ ڪري سڌري وڃن تہ بيشڪ تنهنجو رب ان کان پوءِ ضرور بخشڻهار مهربان آهي (١١٩)[15] بيشڪ ابراهيم هر باطل کان جدا الله جو فرمانبردار ۽ هڪ امام هو ۽ اهو شرڪ ڪندڙ مان نہ هو (١٢٠) الله جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هو ۽ الله ان کي سڃورو ڪيو ۽ ان کي سڌي واٽ تي هلايائين (١٢١) ۽ اسان ان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏني ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ بہ پلارن ۾ هوندو (١٢٢) اي پيغمبر! پوءِ توڏانهن وحي موڪليوسين تہ دين ابراهيم جي پيروي ڪر جيڪو هر باطل کان جدا هو ۽ اهو شرڪ ڪندڙ مان نہ هو (١٢٣) چنڇر (سبت) ڏينهن جي تعظيم رڳو انهن تي مقرر ڪئي وئي هئي جن ان ۾ اختلاف ڪيو هو ۽ بيشڪ جنهن ڳالهہ ۾ تڪرار ڪندا هيا تنهنجو رب انهن ۾ قيامت جي ڏينهن انهيءَ جو فيصلو ڪندو (١٢٤) اي پيغمبر! ماڻهن کي پنهنجي رب جي واٽ ڏانهن سُڏي

ڳالهه ۽ چگي نصيحت سان سڏ ۽ انهن سان سهڻي طريقي سان بحث ڪر. چوتو تنهنجو رب انهن کي خوب ڄاڻي ٿو جيڪي ان جي واٽ کان ڀٽڪي ويا ۽ اهو هدايت وارن کي به خوب ڄاڻي ٿو (١٢٥) جيڪڏهن ڪنهن کان بدلو وٺڻ لاءِ سزا ڏيو تہ اهڙي ئي سزا ڏيو جهڙي توهان کي تڪليف پهچائي وئي هجي. جيڪڏهن توهان صبر ڪريو تہ صبر وارن جي لاءِ اهو سڀ کان وڌيڪ چگو آهي (١٢٦) ۽ اي محبوب! تون صبر ڪر ۽ تنهنجو صبر الله جي ئي توفيق سان آهي ۽ انهن جو ڏک نہ ڪر ۽ انهن جي سازش جي سبب تنهنجي دل تنگ نہ ٿئي (١٢٧) بيشڪ الله انهن سان گڏ آهي جيڪي پرهيزگار آهن ۽ جيڪي چگائي ڪندڙ آهن (١٢٨)[16]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت بني اسرائيل مڪي آهي. هن ۾ 111 آيتون ۽ 12 رڪوع آهن.

اهو الله پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) کي راتورات مسجدالحرام کان مسجد الاقصيٰ تائين جنهن جي چوڌاري اسان برڪت رکي آهي. سير ڪرايو تہ جيئن اسان ان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريون. بيشڪ اهو (الله) ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (١) ۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب (توريت) ڏنوسين ۽ ان ڪتاب کي بني اسرائيل جي لاءِ هدايت جو ذريعو ڪيوسين ۽ چيوسين تہ مون (الله) کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ۽ جهلو نہ ونو (٢) اي ان قوم جي اولاد! جنهن کي اسان نوح سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪرايو هو. بيشڪ اهو (نوح) وڏو شڪر گذار ٻانهو هو (٣) ۽ بني اسرائيل کي ڪتاب ۾ ٻڌائي ڇڏيو هو تہ توهان زمين ۾ ضرور ٻہ ڀيرا فساد پکيڙيندو ۽ ضرور وڏي سرڪشي ڪندو (٤) پوءِ جڏهن انهن مان پهرين انجام جو وقت آيو تہ اسان توهان تي پنهنجا سخت لڙائي وارا ٻانها موڪليا جيڪي توهان جي شهرن اندر گهڙي ڀيا ۽ اهو انجام پورو ٿيڻو هو (٥) وري اوهان کي انهن تي غلبو ڏنوسين ۽ اسان توهان کي مال ۽ اولاد سان وڌايوسين ۽ توهان کي وڏي جٿي (لشڪر) وارو ڪيوسين (٦) جيڪڏهن توهان ڀلائي ڪئي تہ پنهنجو ڀلو ڪيو ۽ جيڪڏهن اوهان بُرو ڪيو تہ پنهنجي لاءِ ڪيو. پوءِ جڏهن ٻئي انجام جو وقت آيو تہ ٻيا آيا جن توهان جي چهرن تي

خواري ڦيرائي ڇڏي ۽ ديول ۾ اهڙي طرح داخل ٿيا جهڙي طرح پهرين پيري وارا داخل ٿيا هٿا ۽ جنهن به شي تي قبضو ڪيائون تہ ان کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيائون (۷) چيو ويو تہ توهان جو پالٹهار سگهو توهان تي ٻاجهہ ڪندو ۽ جيڪڏهن توهان وري به شرارت ڪندو تہ اسان به وري سزا ڏينداسين ۽ اسان ڪافرن لاءِ جهنم کي قيد خانو بڻايو آهي (۸) بيشڪ هي قرآن اها راهہ ڏيکاري ٿو جيڪا بلڪل سڌي راهہ آهي ۽ انهن مومنن کي جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن خوشخبري ڏئي ٿو تہ انهن لاءِ وڏو ثواب آهي (۹) ۽ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن اسان انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي (۱۰)[1] ۽ انسان بُرائي به ائين گهرندو آهي جيئن ڀلائي کي گهرڻ هوندو آهي ۽ انسان ڏاڍو اُڌهرو آهي (۱۱) ۽ اسان رات ۽ ڏينهن کي ٻہ نشانيون ڪيو آهي، پوءِ رات جي نشاني کي اونداهون ڪيو آهي ۽ ڏينهن جي نشاني کي هن لاءِ روشن ڪيوسين تہ جيئن پنهنجي پالٹهار جو فضل تلاش ڪريو ۽ سالن جي ڳڻپ ۽ حساب ڄاڻو ۽ اسان قرآن ۾ هر شي جو تفصيل بيان ڪري ڇڏيو آهي (۱۲) ۽ اسان هر انسان جي قسمت ان جي ڳچي ۾ لٽڪائي ڇڏي ۽ قيامت جي ڏينهن ان لاءِ هڪ ڪتاب ڪڍنداسين جنهن کي کليل ڏسندو (۱۳) چيو ويندس تہ پنهنجو عمل نامو پڙهہ، اڄ تنهنجو جسم جان ئي توتي حساب ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي (۱٤) جيڪو سڌي واٽ هليو انهيءَ پنهنجي ڀلائي لاءِ سڌي واٽ ورتي ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو تہ اهو پنهنجي لاءِ گمراهہ ٿيو ۽ ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي ڪنهن جو بار نہ کڻندو ۽ اسان ايستائين عذاب ڪندڙ نہ آهيون جيستائين ڪنهن رسول کي نہ موڪليون (۱۵) ۽ جڏهن اسان ڪنهن ڳوٺ کي هلاڪ ڪرڻ گهرندا آهيون تہ اتان جي آسودن کي احڪام موڪليندا آهيون، پوءِ اهي ان ۾ نافرماني ڪندا آهن، تنهنڪري انهن تي عذاب لازم ٿي ويندو آهي، پوءِ ان ڳوٺ کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندا آهيون (۱٦) ۽ اسان نوح کان پوءِ ڪيترائي ڄُڃ هلاڪ ڪياسين، ۽ اي پيغمبر! تنهنجو پالٹهار پنهنجن ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (۱۷) جيڪو هن دُنيا جي آسودگي گهرندو آهي تہ اسان جيڪي گهرون ۽ جنهن لاءِ گهرون جلد ڏيندا آهيون، پوءِ اُن جي لاءِ جهنم مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون، جنهن ۾ خوار ۽ تڙيل ٿي داخل ٿيندو

(١٨) ۽ جيڪو آخرت گُهري ۽ ان جي لائق ڪوشش ڪري ۽ هجي ايمان وارو تہ پوءِ انهن جي ڪوشش قبول ٿيل آهي (١٩) تنهنجي پالٹهار جي بخشش مان هُنن کي بہ ۽ هِنن کي بہ يعني سڀ کنهن کي مدد ڏيون ٿا ۽ تنهنجي پالٹهار جي بخشش تي ڪا پابندي نہ آهي (٢٠) ڏس اسان دنيا ۾ انهن مان هڪڙن کي ٻين تي ڪيئن فضيلت ڏني آهي ۽ آخرت تہ درجن ۾ سڀ کان وڏي ۽ فضيلت ۾ سڀ کان مٿي آهي (٢١) اي انسان! الله سان گڏ ٻيو ڪو معبود مقرر نہ ڪر. ورنہ خوار ۽ ذليل ٿي ويندين (٢٢)[2] ۽ تنهنجي پالٹهار حڪم ڪيو آهي تہ ان کان سواءِ کنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو. جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهاپ کي پهچي وڃن تہ انهن کي اُف بہ نہ چئجانءِ ۽ نہ انهن کي جهڪ ڏجانءِ ۽ انهن سان ادب واري ڳالهہ ڪر (٢٣) ۽ انهن لاءِ عاجزيءَ مان ٻانهون وڃاءِ ۽ دعا گهر تہ اي منهنجا پالٹهار! انهن ٻنهي تي اهڙي طرح ٻاجهہ ڪر جيئن انهن مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو هو (٢٤) جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو توهان جو پالٹهار چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي. جيڪڏهن توهان سڌريل هوندو تہ بخشيندو. ڇوتہ اهو توبهہ ڪندڙن لاءِ بخشٹهار آهي (٢٥) ۽ مائٽن کي ۽ مسڪينن کي ۽ مسافرن کي سندن حق ڏيو ۽ اجايو خرچ نہ ڪريو (٢٦) ڇوتہ اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن. ۽ شيطان پنهنجي پالٹهار جي نافرماني ڪندڙ آهي (٢٧) ۽ اي انسان! جيڪڏهن توکي رزق جي اڻ هوند ڪري انهن کان منهن ڦيرڻو پوي جنهن رزق جي ملڻ جي پنهنجي پالٹهار کان اميد رکين ٿو تہ پوءِ انهن سان نرمي سان ڳالهہ ڪر (٢٨) ۽ ڪنجوسي ڪري پنهنجو هٿ پنهنجي گردن (ڪنڌ) سان ٻڌل نہ رک ۽ نہ ئي پوريءَ طرح سان کولي ڇڏ جو پوءِ تون ملامت ڪيل ۽ پشيمان ٿي ويهي رهين (٢٩) بيشڪ تنهنجو پالٹهار جنهن لاءِ گهرندو آهي ان جو رزق ڪشادو ڪندو آهي ۽ تنگ بہ ڪري ٿو بيشڪ اهو پنهنجي ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (٣٠)[3] ۽ پنهنجي اولاد کي سُڃائي جي خوف کان قتل نہ ڪريو. اسان ئي انهن کي ۽ توهان کي بہ روزي ڏيندا آهيون. بيشڪ انهن کي قتل ڪرڻ وڏو گناهہ آهي (٣١) ۽ بدڪاري جي ويجهو نہ وڃو ڇوتہ اها بي حيائي آهي. ۽ اها بڇڙي وات آهي (٣٢) ۽ اهڙي شخص کي قتل نہ ڪريو جنهن جو الله

شرعي حق کان سواءِ قتل ڪرڻ حرام ڪيو آهي، ۽ جيڪو ناحق ماريو ويڃي تنهن جي وارث کي اسان قصاص جو اختيار ڏنو آهي، پوءِ اهو قتل جي بدلي ۾ حد نہ ٽپي، ڇوتہ اهو قصاص وٺڻ ۾ مدد ڏنل ٿيو آهي (۳۳) ۽ يتيم جي مال کي ان جي بالغ ٿيڻ تائين چڱي نيت کان سواءِ ويجهو نہ وڃو ۽ پنهنجا انجام پاڙيو. بيشڪ واعدي بابت پڇا ٿيٽي آهي (۳٤) ۽ ماپ تور ڪريو تہ پورو پورو ماپيو توريو ۽ سڌي ترازي سان توريو. اهو سنو طريقو ۽ نتيجي جي اعتبار کان چڱو ڪم آهي (۳۵) ۽ اي ٻانهاٰ! ان ڳالهہ جي پٺيان نہ پئو جنهن جي توکي ڄاڻ نہ آهي. ڇوتہ ڪنن ۽ اکين ۽ دل سيني عضون جي باري ۾ پڇا ٿيٽي آهي (۳٦) ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل ڇوتہ نہ تون زمين کي چيري سگهندين ۽ نہ پهاڙن جي اُوچائي کي پهچي سگهندين (۳۷) انهن سيني عادتن جي بڇڙائي تنهنجي پالڻهار کي ناپسند آهي (۳۸) اي پيغمبرا! اهو حڪم انهن مان آهي جيڪي تنهنجي پالڻهار تو ڏانهن حڪمت منجهان وحي ڪيا آهن. ۽ ڪين ڇئو تہ الله سان گڏ ٻيو ڪو معبود مقرر نہ ڪريو، ورنہ خوار ۽ تڙيل ٿي جهنم ۾ سٽيا ويندوَ (۳۹) اي مشرڪوا! ڇا توهان جي پالڻهار توهان کي پُٽن لاءِ چونڊيو آهي ۽ پنهنجي لاءِ ملائڪن مان ڏيئرون ورتائين. بيشڪ توهان ڏاڍي وڏي ڳالهہ ڪريو ٿا (٤۰)[4] ۽ بيشڪ اسان هن قرآن ۾ وري وري سمجهايوسين تہ جيئن اهي نصيحت وٺن. پر اهو انهن لاءِ نفرت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو وڌائي (٤۱) اي پيغمبرا! چئو تہ جيڪڏهن الله سان گڏ ٻيا معبود هجن ها جيئن اهي بَڪن ٿا تہ اهي ان ئي وقت عرش جي مالڪ ڏانهن جنگ جو ڪو رستو ڳولين ها (٤۲) اهو پاڪ ۽ مٿانهون آهي، انهن جي ڳالهين کان گهڻو مٿانهون آهي (٤۳) ست ئي آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهن سڀ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن. ۽ ڪابہ شي نہ آهي جيڪا ان کي ساراهيندي ان جي پاڪائي بيان نہ ڪندي هجي پر توهان انهن جي تسبيح نٿا سمجهو. بيشڪ اهو بردبار بخشڻهار آهي (٤٤) ۽ اي محبوب! جڏهن تون قرآن پڙهندو آهين تہ اسان تنهنجي ۽ انهن جي وچ۾ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن هڪ لڪل پردو ڪندا آهيون (٤۵) ۽ ان جي سمجهہ کان انهن جي دلين تي پردا ۽ انهن جي ڪنن ۾ ٻوڙاڻ وجهي ڇڏي آهي ۽ جڏهن تون قرآن پڙهڻ ۾ پنهنجي اڪيلي پالڻهار جو ذڪر ڪندو

آهين تہ اهي نفرت ڪندي پڻي ڦيرائي پڇندا آهن (٤٦) اي پيغمبر! جڏهن تنهنجي طرف ڪن لڳائن ٿا ۽ جنهن لاءِ اهي ٻُڌن ٿا ۽ جڏهن پاڻ ۾ ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن، جڏهن ظالم چوندا آهن تہ توهان ڪنهن ٻئي جي پٺيان نہ پر هڪ اهڙي مڙس جي پٺيان لڳا آهيو جنهن تي جادو ٿيل آهي، اهو سڀ چڱي طرح ڄاڻون ٿا (٤٧) ڏس اهي تنهنجي لاءِ ڪهڙا مثال ڏيندا آهن، پوءِ گمراهہ ٿي ويا جو سڌو رستو نٿا لهي سگهن (٤٨) ۽ چوندا آهن تہ ڇا جڏهن اسان مري هڏا ۽ ذرا ذرا ٿي وينداسين تہ وري سڀ پڇ نوان سوان ٿهي اٿاريا وينداسين (٤٩) اي پيغمبر! کين چئو تہ پلي پٿر يا لوهہ ٿي وڃو (٥٠) يا ٻي شي جيڪا توهان جي خيال ۾ گهٽي سخت هجي، پوءِ جلد چوندا تہ اسان کي وري ڪير جياريندو کين چئو تہ اهو ئي الله جنهن توهان کي پهرين پيري پيدا ڪيو اهوئي جياريندو، پوءِ تنهنجي طرف ڏنول سان مٿو لوڏي چوندا تہ اهو ڪڏهن ٿيندو، چئو تہ ممڪن آهي تہ ان جو وقت ويجهو هجي (٥١) انهيءَ ڏينهن الله توهان کي سڏيندو تہ توهان ان جي ساراهہ ڪندي هليا ايندو ۽ سمجهندو تہ توهان ٿوري دير کان سواءِ گهٽو وقت نہ رهيا آهيو (٥٢)[5] ۽ اي پيغمبر! منهنجن ٻانهن کي چئو تہ پاڻ ۾ اها ڳالهہ چون جيڪا سڀ کان چڱي هجي، ڇوتہ شيطان انهن جي وچ ۾ جهيڙو وجهندو آهي، بيشڪ شيطان ماڻهوءَ جو کليل دشمن آهي (٥٣) توهان جو پالڻهار توهان کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي، اهو گهري تہ توهان تي ٻاجهہ ڪري يا گهري تہ توهان کي عذاب ڏئي ۽ اي پيغمبر! اسان توکي انهن تي نگهبان بڻائي نہ موڪليو آهي (٥٤) ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي تنهن کي تنهنجو پالڻهار چڱي طرح ڄاڻندو آهي، ۽ بيشڪ اسان هڪڙن نبين کي ٻين تي فضيلت ڏني آهي ۽ داؤد کي زبور عطا ڪيو (٥٥) اي پيغمبر! کين چئو تہ انهن کي پڪاريو جن کي الله کان سواءِ الله جهڙو هجڻ جو گمان ڪندا آهيو، پوءِ اهي تہ توهان کان نہ تڪليف لاهڻ جو ۽ نہ ٽارڻ جو ڪو اختيار نٿا رکن (٥٦) اهي ڪافر جن کي پڪارين ٿا اُهي پاڻ پنهنجي پالڻهار جي طرف وسيلو ڳولينداآهن تہ انهن مان ڪير وڌيڪ ويجهو آهي ۽ ان جي ٻاجهہ ۾ اميد رکندا آهن ۽ ان جي عذاب کان ڊڄندا آهن، ڇوتہ تنهنجي پالڻهار جو عذاب ڊڄڻ جي شي آهي (٥٧) ۽ ڪوبہ اهڙو ڳوٺ نہ آهي جنهن جي رهاڪن کي اسان قيامت جي ڏينهن

کان اڳي تباهه نه ڪنداسين يا انهن کي سخت عذاب نه ڏينداسين، اهو حڪم ڪتاب ۾ لکيل آهي (۵۸) ۽ اسان کي معجزن موڪلڻ کان انهي ڳالهه کان سواءِ ٻي ڪنهن نه روڪيو آهي جو اڳين ماڻهن انهن کي ڪوڙو سمجهيو هو ۽ ثمود جي قوم کي اکين کولڻ لاءِ معجزي طور ڏاڇي ڏنيسين ته انهن ان سان ظلم ڪيو ۽ اسان اهڙيون نشانيون رڳو ڊيڄارڻ لاءِ موڪليندا آهيون (۵۹) اي پيغمبر! ياد ڪر، جڏهن اسان توکي چيو ته تنهنجي پالڻهار ماڻهن جو پنهنجي قدرت سان گهيرو ڪيو آهي ۽ اسان توکي جيڪو خواب ڏيکاريو سو ۽ اهو ٿوهر جو وڻ جنهن تي قرآن ۾ لعنت ڪيل آهي سو ماڻهن جي آزمائش کان سواءِ ڪجهه نه آهي ۽ اسان انهن کي جيڪو ڊيڄاريون ٿا سو کين وڏي شرارت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو وڌائي (۶۰)[6] ۽ ياد ڪر، جڏهن اسان ملائڪن کي حڪم ڏنو ته آدم کي سجدو ڪريو ته ابليس کان سواءِ ٻين سمورن سجدو ڪيو، ابليس چيو ته مان ان کي سجدو ڇو ڪريان جنهن کي تو مٽي مان ٺاهيو آهي (۶۱) وري شيطان چيو ته ڏس هي جنهن کي تو مون کان وڌيڪ عزت ڏني آهي، جيڪڏهن تون مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏيندين ته مان ٿورن کان سواءِ ان جي ٻي اولاد کي پيهي رکندس (۶۲) الله چيو ته وڃ! پوءِ انهن مان جنهن ٻه تنهنجي تابعداري ڪئي ته توهان سيني جي سزا جهنم آهي، جيڪا ڀرپور سزا آهي (۶۳) ۽ انهن مان جنهن تي ٻه تنهنجو وس هلي تنهن کي پنهنجي آواز سان ڀُلاءِ ۽ انهن تي پنهنجن سوارن ۽ پنهنجن پيادن سان حملو ڪر ۽ انهن جي مال ۽ اولاد ۾ پائيواري ڪر ۽ انهن کي واعدا ڏي، پر شيطان نڪي کان سواءِ ٻيو ڪو واعدو نه ڪندو آهي (۶۴) بيشڪ جيڪي منهنجا ٻانها آهن انهن تي تنهنجو ڪو وس نه هلندو ۽ تنهنجو پالڻهار نگهبان ڪافي آهي (۶۵) اي انسانو! توهان جو پالڻهار اهو آهي جيڪو توهان جي لاءِ سمنڊ (درياء) ۾ ٻيڑا هن لاءِ هلائيندو آهي ته توهان سندس فضل تلاش ڪريو، بيشڪ اهو توهان تي مهربان آهي (۶۶) ۽ جڏهن توهان کي سمنڊ (درياء) ۾ ڪا مصيبت پهچندي آهي ته ان وقت ان الله کان سواءِ توهان جن ٻين کي سڏيندا آهيو سي وسري ويندا اٿو پوءِ جڏهن اهو توهان کي ڇوٽڪارو ڏئي خُشڪي تي پهچائيندو آهي ته وري منهن موڙيندا آهيو ۽ انسان وڏو ناشڪرو آهي (۶۷) ڇا توهان ان کان

بي خوف ٿي ويا آهيو جو اهو سُڪي جي ڪناري تي ئي توهان کي زمين ۾ دٻي ڇڏي يا توهان تي پٿرن جو مينهن وسائي، پوءِ تہ توهان پاڻ لاءِ ڪو واهرو نہ لهندا (٦٨) يا ان کان بي خوف ٿي ويا آهيو جو توهان کي ٻئي ٻيري ان سمنڊ (درياء) جي مصيبت ۾ وجهي، پوءِ توهان تي طوفاني انڌاري موڪلي پوءِ توهان کي توهان جي ڪفر جي سبب ٻوڙي ڇڏي، پوءِ پاڻ لاءِ اسان تي ڪو پيڇو ڪرڻ وارو نہ لهندو (٦٩) ۽ بيشڪ آدم جي اولاد کي عزت ڏنيسين ۽ انهن کي خُشڪي ۽ سمنڊ (درياء) ۾ سواري تي کنيوسين ۽ انهن کي سٺين شين مان روزي ڏنيسين ۽ انهن کي پنهنجي گهڻي مخلوق کان وڌيڪ فضيلت وارو ڪيوسين (٧٠)[7] جنهن ڏينهن اسان هر جماعت کي ان جي اڳواڻ سان گڏ سڏينداسين پوءِ جن کي سندن اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو سي پنهنجو اعمال نامو پڙهندا ۽ تند برابر بہ انهن سان ظلم نہ ٿيندو (٧١) ۽ جيڪو هن حياتيءَ ۾ حق سڃاڻڻ کان انڌو ٿيو اهو آخرت ۾ بہ انڌو هوندو ۽ واٽ کان بہ پليل رهندو (٧٢) ۽ اي محبوب! اسان توڏانهن جيڪو وحي ڪيو آهي توکي ان کان برغلائڻ لاءِ وس ڪن ٿا تہ جيئن تون اسان تي ڪو ٻيو ٺاهہ ٺاهين تہ انهي مهل اهي توکي پنهنجو گهرو دوست بڻائين (٧٣) ۽ جيڪڏهن اسان توکي ثابت قدم نہ رکون ها تہ انديشو هو جو تون انهن جي طرف ٿورڙو جهڪي پوين ها (٧٤) تہ ان ئي مهل اسان توکي حياتيءَ ۾ ٻيڻو عذاب ۽ موت جو بہ ٻيڻو عذاب چکايون ها، پوءِ پاڻ بہ ٿورو وقت رهندا (٧٦) توکان اڳ ۾ اسان جيڪي پنهنجا رسول موڪليا تن جي لاءِ بہ اسان جو اهو قانون رهيو هو، اسان جي قانون ۾ ڪا ڦيرڦار نہ ڏسندين (٧٧)[8] اي پيغمبر! سج لڙڻ کان وٺي رات جي اونداهي تائين نماز پڙهہ ۽ فجر جو قرآن پڙهہ، بيشڪ فجر جو قرآن پڙهڻ مهل ملائڪ حاضر ٿيندا آهن (٧٨) ۽ رات جي ڪجهہ حصي ۾ پنهنجي لاءِ نفل طور تهجد پڙهہ جو اها تولاءِ وڌيڪ عبادت آهي، سگهو تنهنجو پالڻهار توکي ساراهيل جاءِ تي بيهارينڊو (٧٩) ۽ اي پيغمبر! چئو تہ اي منهنجا رب! مون کي جتي (مديني) پهچائين اتي سچائي سان پهچاءِ ۽ جتان (مڪي) ڪڍين اتان سچائي سان ٻاهر ڪڍ ۽ مون کي پنهنجي طرف کان

مددگار قوت عطا ڪر (٨٠) ۽ اي پيغمبر! چئو ته سچ (حق) آيو ۽ ڪوڙ (باطل) مِٽجي ويو بيشڪ ڪوڙ (باطل) کي مٽڻو ئي آهي (٨١) ۽ اسان قرآن ۾ اها شي نازل ڪئي آهي جيڪا ايمان وارن جي لاءِ شفاء ۽ ٻاجھ آهي ۽ ظالمن لاءِ نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ وڌائيندي آهي (٨٢) ۽ جڏھن اسان انسان تي ڪا نعمت نازل ڪندا آهيون ته منھن موڙيندو آهي ۽ ان کان پاسيرو ٿيندو آهي ۽ جڏھن ان کي تڪليف پھچندي آهي ته مايوس ٿي ويندو آهي (٨٣) اي پيغمبر! چئو ته هرڪو پنھنجي طريقي تي عمل ڪندو آهي، پوءِ تنھنجو پالڻھار چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته سڌي وات تي ڪير آهي (٨٤)[9] ۽ توکان روح بابت پڇن ٿا، تون چئو ته روح منھنجي پالڻھار جي امر (حڪم) مان آهي ۽ توهان کي ٿورڙي علم کان سواءِ ڪجھ نہ ڏنو ويو آهي (٨٥) ۽ هي قرآن جيڪو اسان توڏانھن وحي ڪيوسين سو جيڪڏھن اسان گھرون ته موڙائي وڻون ته تون پاڻ لاءِ اسان تي ڪو ٻرجھلو نہ لھندين (٨٦) مگر تنھنجي پالڻھار جي ٻاجھ آهي، بيشڪ توتي ان جو وڏو فضل آهي (٨٧) اي پيغمبر! چئو ته جيڪڏھن ماڻھو ۽ جن سمورا ھن قرآن جھڙو ڪتاب آڻڻ لاءِ گڏ ٿين ته ان جھڙو نہ آڻي سگھندا، توڙي جو ھڪٻئي جي مدد ڪن (٨٨) ۽ بيشڪ اسان ماڻھن جي لاءِ ھن قرآن ۾ ھر قسم جو مثال ھر نموني بيان ڪيو آهي، پر گھڻا ماڻھو بي شڪر ٿي انڪار ڪندا آهن (٨٩) ۽ چوندا آهن ته اسان توتي ايستائين هرگز ايمان نہ آڻينداسين جيستائين تون اسان جي لاءِ زمين مان ڪو چشمو وهائين (٩٠) يا تنھنجي لاءِ ڪجين ۽ انگورن جو ڪو باغ هجي، پوءِ تون ان جي اندر وهندڙ نھرون جاري ڪرين (٩١) يا جيئن چوين ٿو اسان تي آسمان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪيراءِ يا تون الله ۽ ملائڪن کي سامھون وٺي اچ (٩٢) يا تنھنجي لاءِ سونو گھر هجي يا تون آسمان تي چڙھي وڃين، پر اسان تنھنجي چڙھي وڃڻ تي ٻہ ايستائين هرگز ايمان نہ آڻينداسين جيستائين اسان تي ھڪ ڪتاب لاھين جيڪو اسان پڙھون، اي پيغمبر! کين چئو ته منھنجو پالڻھار پاڪ آهي مان انسان ۽ رسول کان سواءِ ڪجھ نہ آهيان (٩٣)[10] ۽ جڏھن ماڻھن وٽ هدايت آئي ته کين ايمان آڻڻ کان هن ڳالھ کان سواءِ ڪنھن ٻہ نہ روڪيو جو چيائون ته الله ماڻھوءَ کي ڇو رسول ٻڌائي موڪليو آهي (٩٤) اي پيغمبر! کين چئو ته

جيڪڏهن ملائڪ اوهان وانگر زمين ۾ گهمندڙ ڦرندڙ هجن ها تہ اسان انهن تي ضرور آسمان مان ملائڪ رسول ڪري موڪليون ها (٩٥) اي پيغمبر! چئو تہ منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ الله شاهد ڪافي آهي. بيشڪ اهو پنهنجي بانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (٩٦) ۽ جنهن کي الله هدايت ڪري اهو ئي سڌي واٽ تي آهي ۽ جيڪي گمراهہ ٿيا تہ پوءِ انهن لاءِ تون الله کان سواءِ ڪوبہ حمايتي نہ لهندين. ۽ اسان قيامت جي ڏينهن انهن کي سندن منهن ڀر اونڌو ۽ گونگا ۽ ٻوڙا ڪري اٿارينداسين. انهن جو ٺڪاڻو جهنم هوندو. جڏهن بہ وسامڻ لڳندو تہ اسان ان کي اڃان وڌيڪ ٻرڪائينداسين (٩٧) انهن جي اها سزا هن ڪري هوندي جو انهن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ جڏهن هڏا ۽ ذرا ذرا ٿي ويندا سين تہ ڇا سچ پچ اسان کي نئون ٻڌائي اٿاريو ويندو (٩٨) انهن نہ ڏٺو آهي ڇا تہ الله جنهن آسمانن ۽ زمين کي ٻڌايو آهي اهو سندن اهڙي بنائڻ تي وس وارو آهي ۽ انهن جي لاءِ هڪ مدت مقرر ڪيائين جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي. پوءِ ظالم ناشڪري ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نٿا مڃين (٩٩) اي پيغمبر! چئو تہ جيڪڏهن منهنجي پالڻهار جا خزانا توهان جي اختيار ۾ هجن ها تہ خرچ ٿي وڃڻ جي خوف کان انهن کي بہ بند ڪري ڇڏيو ها ۽ انسان وڏو ڪنجوس آهي (١٠٠)[11] ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي نَوَ ڇٽيون نشانيون ڏنيون. پوءِ بني اسرائيل کان پڇ تہ جڏهن اهو انهن وٽ آيو تہ ان کي فرعون چيو تہ اي موسيٰ! منهنجي گمان ۾ تہ توتي جادو ٿيل آهي (١٠١) موسيٰ چيو تہ بيشڪ تون ڄاڻين ٿو تہ اهي نشانيون دل جون اکيون کولڻ لاءِ آسمانن ۽ زمين جي مالڪ کان سواءِ ٻئي ڪنهن نازل نہ ڪيون آهن. ۽ اي فرعون! انهن جي انڪار سبب تون ضرور تباهہ ٿيڻ وارو آهين (١٠٢) پوءِ فرعون ارادو ڪيو تہ انهن کي ملڪ مان ڪڍي ڇڏي. پوءِ اسان ان (فرعون) کي ۽ ان جي سمورن ساٿين کي ٻوڙيوسين (١٠٣) ۽ ان کان پوءِ اسان بني اسرائيلن کي چيوتہ هن زمين ۾ رهو پوءِ جڏهن آخرت جو واعدو ايندو تہ اسان توهان سمورن کي گڏ ڪري آڻيندا سين (١٠٤) ۽ اسان قرآن کي حق سان نازل ڪيو آهي ۽ حق جي لاءِ ئي لٿو آهي. ۽ اسان توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄارينڊڙ کان سواءِ نہ موڪليوسين (١٠٥) ۽ اسان قرآن کي جدا جدا سورتون ۽ آيتون ڪري هن لاءِ لاٿو تہ تون اهو ماڻهن کي

آهستي آهستي ڪري پڙهي ٻڌائين ۽ اسان ان کي ٿورو ٿورو ڪري لاتوسين (١٠٦) اي پيغمبر! کين چئو ته توهان ان قرآن کي مڃو يا نه مڃو بيشڪ جن کي هن کان اڳ علم ڏنو ويو آهي تن وٽ جڏهن قرآن پڙهبو آهي ته ڪاڏين پر سجدي ۾ ڪري پوندا آهن (١٠٧) ۽ چوندا آهن ته اسان جو پالڻهار پاڪ آهي، بيشڪ اسان جي پالڻهار جو واعدو پورو ٿيڻو آهي (١٠٨) ۽ روئيندي ڪاڏين پر ڪِرندا آهن ۽ هي قرآن انهن جي دلين جي عاجزي کي وڌائيندو آهي (١٠٩) اي پيغمبر! چئو ته اي مشرڪو! الله کي الله چئي ڪري پڪاريو يا رحمٰن چئي پڪاريو جنهن نالي سان به سڏيو انهيءَ جا سڀ نالا سهڻا آهن: ۽ پنهنجي نماز ۾ نه ته ڏاڍيان آواز سان پڙهه ۽ نه بلڪل آهستي پڙهه، بلڪ انهن ٻنهي جي وچ وارو طريقو اختيار ڪر (١١٠) ۽ هن طرح چئو ته سڀ ساراهه الله جي واسطي آهي جنهن پنهنجي لاءِ ڪو اولاد نه ورتو آهي ۽ نه سندس بادشاهي ۾ ڪوئي شريڪ آهي، نه ئي ٿڪ جي ڪري کيس ڪنهن مددگار جي ضرورت آهي ۽ ان جي گهڻي وڏائي بيان ڪر (١١١)[12]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت ڪهف مڪي آهي، هن ۾ 110 آيتون ۽ 12 رڪوع آهن.

سڀ ساراهه ان الله جي لاءِ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي ڪتاب نازل ڪيو ۽ ان ۾ ڪابه ڏنگائي نه رکيائين (١) بلڪل سڌي ڳالهه جيڪا ڪافرن کي الله جي سخت عذاب کان ڊيڄاري ۽ انهن مومنن کي جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن خوشخبري ڏئي ته انهن جي لاءِ ڀلو ثواب آهي (٢) ان ۾ سدائين رهندا (٣) ۽ انهن کي ڊيڄاري جيڪي چون ٿا ته الله پنهنجي لاءِ پُٽ ورتو آهي (٤) جنهن جي انهن کي ڄاڻ ڪونهي ۽ نه انهن جي ابن ڏاڏن کي علم هو انهن جي واتن مان جيڪا ڳالهه نڪري ٿي اها وڏي گناهه واري آهي، نِسوري ڪوڙ کان سواءِ ڪجهه نٿا ڳالهائن (٥) اي پيغمبر! جيڪڏهن اهي هن قرآن واري ڳالهه تي ايمان نه آڻين ته متان ارمان مان انهن پويان پاڻ کي هلاڪ ڪرين (٦) جيڪي زمين تي آهي سو اسان زمين لاءِ سينگار بڻايو آهي ته ماڻهن کي آزمايون ته

انهن مان عملن ۾ وڌيڪ ڇڳو ڪير آهي (۷) ۽ ان زمين تي جيڪا آبادي آهي هڪ ڏينهن اسان ان کي صاف ميدان ڪري ڇڏيندا سين (۸) ڇا توکي خبر نہ آهي تہ غار ۽ جهنگ (رقيم) وارا اسان جي عجيب نشانين مان آهن (۹) جڏهن انهن جوانن غار ۾ پناهہ ورتي تہ عرض ڪيائون تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي پاڻ وٽان ٻاجهہ عطا ڪر ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان جي لاءِ آساني ڪر (۱۰) پوءِ ڪيترا سال کين غار ۾ انهن جي ڪنن تي گهاٽي ننڊ جا پردا هڻي سمهاريوسين (۱۱) وري انهن کي اٺاريوسين تہ خبر پوي تہ ٻنهي ٽولن مان ڪهڙن کي رهڻ جي مدت ياد آهي (۱۲)[1] اسان توکي انهن جي سچي خبر ٻڌايون ٿا. اهي ڪجهہ جوان هئا جن پنهنجي پالڻهار تي ايمان آندو هو ۽ اسان انهن کي وڌيڪ هدايت ڏني هئيسين (۱۳) ۽ اسان انهن جي دلين کي مضبوط ڪيوسين جو جڏهن اٺيا تہ چيائون تہ اسان جو رب اهو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار آهي. ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي معبود ڪري نہ سڏينداسين. جي ايئن ڪيون تہ بيشڪ اسان ان مهل بيهودي ڳالهہ چئيسين (۱٤) اهي اسان جي قوم جا ماڻهو آهن جنهن الله کان سواءِ ٻيا معبود ورتا آهن. انهن تي ڪو پڌرو دليل ڇو نٿا آڻين. پوءِ جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي (۱۵) ۽ جڏهن اسان انهن مشرڪن کان ۽ انهن معبودن کان جن کي اهي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن پاسو ڪيو آهي تہ هلو تہ غار ۾ پناهہ ونون. توهان جو پالڻهار توهان جي لاءِ پنهنجي رحمت پکيڙيندو ۽ توهان جي ڪم ۾ توهان لاءِ آساني پيدا ڪندو (۱٦) ۽ اي محبوب! جڏهن سج ايري تہ ڏسندين تہ اُس انهن جي غار کان ساڄي طرف لڙندي آهي ۽ جڏهن سج لهي ٿو تہ اُس انهن کان کاٻي پاسي لڙندي آهي جيتوڻيڪ اهي ان غار جي ڪليل ميدان ۾ آهن. اهو نظارو الله جي نشانين مان آهي. الله جنهن کي هدايت ڪري اهو ئي راهہ تي آهي ۽ جنهن کي ٻُلائي تہ ان لاءِ ڪو دوست راهہ ڏَسيندڙ نہ لهندين (۱۷)[2] ۽ توهان انهن غار وارن کي جاڳندڙ سمجهندو پر اهي ننڊ ۾ ستل آهن ۽ اسان کين ساڄي ۽ کاٻي پاسي تي اٿلائيندا آهيون ۽ سندن ڪتو چائنٹ تي پنهنجون اڳيون ٽنگون ڏِگهيريون ويٺو آهي. جيڪڏهن توهان انهن کي جهاتي پائي نهاريو

تہ انهن کان پُڻي ڏَئي پڇو ۽ انهن کان هيبت ۾ پرجي ويو (۱۸) ۽ ايئن ئي انهن کي هن لاءِ اٽاريوسين جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان احوال پڇن. انهن مان هڪڙي ڳالهايو تہ توهان هت گهٽي دير ٽڪيا آهيو ڪن ڇيو تہ هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهہ حصو رهيا آهيون. ٻين ڇيو تہ جيترو ٻہ رهيا آهيو اوهان جو رب وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي. هاڻي پاڻ مان هڪڙي کي پنهنجو سِکو ڏئي شهر موڪليو تہ اهو ڏسي تہ اتي ڪهڙو کاڌو وڏيڪ سٺو آهي جو ان مان توهان جي لاءِ کائڻ لاءِ آڻي ۽ کيس گهرجي تہ نرمي ۽ هوشياري ڪري ۽ ڪنهن کي ٻہ توهان جي خبر نہ ڏئي (۱۹) ڇوتہ جيڪڏهن انهن کي توهان جي خبر پئجي وئي تہ توهان کي پٿرن سان ڇُٽيندا يا توهان کي پنهنجي دين ۾ ڦيرائي وجهندا ۽ ايئن ٿيو تہ پوءِ توهان جو ڪڏهن ٻہ ڀَلو نہ ٿيندو (۲۰) اهڙيءَ طرح اسان انهن جي خبر ظاهر ڪئيسين تہ جيئن ماڻهو ڄاڻن تہ الله جو واعدو سچو آهي ۽ قيامت جي اچڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. تڏهن اتي جا ماڻهو انهن بابت پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا. پوءِ چيائون تہ انهن جي غار تي ڪا عمارت ٺاهيو انهن جو پالڻهار انهن کي خوب ڄاڻندڙ آهي. جيڪي پنهنجي ڳالهہ ۾ غالب ٿيا انهن چيو تہ اسان انهن جي غار تي مسجد ٺاهينداسين (۲۱) اجهو کي چوندا تہ اهي ٽي آهن چوٿون انهن جو ڪُتو آهي ۽ ڪي اڻ ڏٺي ڏُکي واري ڳالهہ چوندا تہ پنج آهن ڇهون انهن جو ڪُتو آهي. ۽ ڪي چوندا تہ ست آهن ۽ اٺون انهن جو ڪُتو آهي. اي پيغمبر! چئو تہ منهنجو پالڻهار انهن جي تعداد کي بهتر ڄاڻي ٿو ۽ ٿورن کان سواءِ انهن جي ڄاڻ نٿا رکن. پوءِ تون ماڻهن سان انهن جي باري ۾ بحث نہ ڪر مگر ايترو بحث ڪر جيڪو ظاهر ٿي ڇُڪو ۽ انهن جي باري ۾ انهن ڪافرن مان ڪنهن کان پڇا نہ ڪر (۲۲)[3] ۽ ڪنهن ڪم جي لاءِ هرگز نہ چئو تہ مان پڪ هي سياڻي ڪندس (۲۳) مگر هي چئو تہ جي الله گهريو (انشاء الله) تہ ٿيندو ۽ جڏهن وساري ويهو تہ پنهنجي رب کي ياد ڪريو ۽ هن طرح چئو تہ سگهو منهنجو رب مون کي هن کان وڏيڪ ويجهو سڌو رستو ڏيکاريندو (۲۴) ۽ چون ٿا تہ اهي پنهنجي غار ۾ ٽي سؤ سال رهيا ۽ ٻين نوَ ورهيہ ٻيا ٻہ وڌيڪ ڪيا (۲۵) چئو تہ الله خوب ڄاڻي ٿو تہ اهي ڪيترو وقت رهيا. آسمانن ۽ زمين جا سڀ ڳجهہ ان کي معلوم

آهن. واهه جو ڏسندڙ ۽ واهه جو ٻڌندڙ آهي. ان کان سواءِ انهن جو ڪوبه مددگار نه آهي ۽ اهو پنهنجي حڪومت ۾ ڪنهن کي به شريڪ نٿو ڪري (٢٦) ۽ اي پيغمبر! تنهنجي پالڻهار جي ڪتاب مان توڏانهن جيڪو وحي ٿيو آهي سو پڙهه. ان جي ڪلمن (حڪمن) کي ڪوبه بدلائڻ وارو نه آهي ۽ ان کان سواءِ تون ڪابه واهه نه لهندين (٢٧) ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي ياد ڪندا آهن ۽ ان جي رضا گهرندا آهن ۽ تنهنجون نظرون انهن کي ڇڏي هيڏي هوڏي نه ڦرن. ڇا تون دُنيا جي زندگي جو سينگار گُهرندين. ۽ ان جو چيو نه وٺ جنهن جي دل کي اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏيو ۽ اهو پنهنجي سَڌ جي پٺيان لڳو ۽ ان جو ڪم حد کان ٽپيل آهي (٢٨) ۽ چئو ته توهان جي رب جي طرف کان حق آيل آهي. پوءِ جيڪو گهري ته مڃي ايمان آڻي ۽ جيڪو گهري ته انڪار (ڪفر) ڪري. بيشڪ اسان ظالمن لاءِ اها باهه تيار ڪئي آهي جنهن جا پردا انهن کي ويڙهي ويندا. ۽ جيڪڏهن پاڻي جي لاءِ فرياد ڪندا ته انهن جي فرياد رسي انهيءَ پاڻيءَ سان ٽيندي جيڪو ٿهڪندڙ تيل وانگر هوندو ۽ منهن کي ڀُڄي ڇڏيندو. اهو ڏاڍو خراب پاڻي آهي ۽ دوزخ رهڻ جي بيڻڙي جاءِ آهي (٢٩) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته اسان انهن جي چڱن عملن جو اجر ضايع نه ڪنداسين (٣٠) انهن جي ٽڪڻ لاءِ باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. انهن کي ان ۾ سون جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ سنهي ريشم ۽ ٿلهي پَٽ جا ساوا ڪپڙا پائيندا ۽ اتي پلنگن تي ٽيڪ لڳائي ويهندا. اهو چڱو بدلو آهي ۽ جنت آرام جي سٿي جاءِ آهي (٣١)[4] ۽ اي پيغمبر! انهن مڪي وارن کي ٻن ماڻهن جو حال ٻُڌاءِ جو انهن مان هڪڙي کي انگورن جا ٻه باغ ڏنا هئاسون ۽ انهن جي چوڌاري کجيون پيدا ڪيون هيونسين ۽ انهن ٻنهي جي اندر پوک پيدا ڪئي هئيسين (٣٢) ٻنهي باغن پنهنجو ميوو آندو ۽ ان ۾ ڪا به گهٽتائي نه ٿي ۽ ٻنهيءَ جي وچ ۾ واهيون وهايوسين (٣٣) ۽ ان کي گهڻو ڦر مليو پوءِ ڳالهين ڪندي پنهنجي دوست کي چيائين ته مان توکان مال ۾ وڌيڪ آهيان ۽ ماڻهن جي گهٽائي ڪري عزت وارو آهيان (٣٤) پنهنجي باغن ۾ ويو ۽ پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪري

رهيو هو چيائين تہ مان نڪو پانيان تہ هي باغ ڪڏهن بہ ويران ٿيندو (٣٥) ۽ نڪي قيامت قائم ٿيڻ جو گمان ٿو ڪريان ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽيس بہ تہ ضرور هن کان بهتر جاءِ لهندس (٣٦) ان جي سنگتي ڳالهين ڪندي کيس جواب ۾ چيو تہ ان هستي جو انڪار ڇو ٿو ڪرين جنهن توکي متيءَ مان ٻڌايو پوءِ نطفي مان پيدا ڪيو پوءِ توکي نيڪ مرد ڪيائين (٣٧) پر مان تہ چوان ٿو تہ اهو الله ئي منهنجو پالڻهار آهي ۽ مان پنهنجي پالڻهار سان ڪنهن کي بہ شريڪ نڪو ڪريان (٣٨) جيڪڏهن تون مون کي پاڻ کان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ڏسندو هئين ۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ آئين تہ ائين ڇو نہ چيئي تہ جيڪي الله گهري (ماشاء الله) سو ٿيڻو آهي. الله جي مدد کان سواءِ ڪا طاقت نہ آهي (٣٩) پوءِ ٿي سگهي ٿوتہ منهنجو رب مون کي تنهنجي باغ کان بہ سنو ڏئي ڇڏي ۽ تنهنجي باغ تي آسمان کان ڪا آفت موڪلي جو اهو ويران ٿي صاف ميدان ٿي وڃي (٤٠) يا ان جو پاڻي زمين ۾ تمام هيٺ لهي وڃي جو تون ان کي هرگز ڳولي نہ سگهين (٤١) سو ان جي ميون کي چٽ ڪيو ويو جو صبح سان ان لاڳت تي جيڪا ان باغ ۾ خرچ ڪئي هئائين پنهنجا هٿ ملينڈو رهجي ويو ۽ اهو باغ پنهنجي ڇاپرن سميت ڪريل هو ۽ چوندو رهيو تہ هاءِ افسوس! جيڪر مان پنهنجي پالڻهار سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪريان ها (٤٢) ۽ ان وٽ ڪا جماعت نہ هئي جيڪا الله کان سواءِ ان جي مدد ڪري ها ۽ نہ اهو پاڻ بدلي ونڻ جي قابل هو (٤٣) اتي سچي الله جي بادشاهي آهي. ان جو ثواب ڀلو آهي ۽ آخرت جو بدلو بہ ڀلو آهي (٤٤)[5] ۽ اي پيغمبر! انهن جي اڳيان دنيا جي زندگي جو مثال بيان ڪر جيڪا ان پاڻي وانگر آهي جيڪو اسان آسمان مان وسايوسين. پوءِ ان سان زمين جي ساوڪ گهاتي ٿي نڪتي. پوءِ اوچتو سُڪل گاهہ ٿي ويو جنهن کي هوائون اڏائن ٿيون. ۽ الله هر شي تي وس وارو آهي (٤٥) مال ملڪيت ۽ اولاد هن دنيا جي زندگي جو سينگار آهن ۽ باقي رهندڙ ڇڪيون ڳالهيون آهن. تنهنجي رب وٽ انهن جو ثواب ڀلو آهي ۽ اميد لاءِ بہ ڇڪيون آهن (٤٦) ۽ جنهن ڏينهن اسان جبلن کي هلائينداسين ۽ زمين کي صاف کليل ميدان ڏسندين ۽ اسان ماڻهن کي اڪاري گڏ ڪنداسين جو انهن مان

ڪنهن هڪ کي به نہ ڇڏيندا سين (٤٧) ۽ سمورا تنهنجي رب جي بارگاهہ
۾ قطارن ۾ پيش ڪيا ويندا. چيو ويندن تہ جهڙي طرح توهان کي پهرئين
پيري پيدا ڪيو ويو هو تهڙي طرح اسان وٽ اٽي آيا آهيو بلڪ توهان جو
گمان هو تہ اسان توهان جي لاءِ ڪو انجام جو هنڌ نہ ڪنداسين (٤٨) ۽
عمل ناما رکيا ويندا. پوءِ تون ڏوهارين کي ڏسندين جو ان لکت کان ڊڄندا
۽ چوندا تہ اسان کي ارمان آهي تہ هي ڪهڙي لکت آهي جو ان ڪو ننڍو
گناهہ ۽ ڪو وڏو گناهہ ڳاٽاڻي کان سواءِ نہ ڇڏيو آهي ۽ پنهنجا سمورا عمل
پنهنجي اڳيان ڏسندا. ۽ تنهنجو پالڻهار ڪنهن تي به ظلم نہ ڪندو
(٤٩)[6] ۽ ياد ڪر. جڏهن اسان ملائڪن کي چيو هو تہ آدم کي سجدو
ڪريو تہ ابليس کان سواءِ سمورن سجدو ڪيو هو. اهو جِنن مان هو ۽
پنهنجي پالڻهار جي حڪم جي نافرماني ڪيائين. پوءِ توهان مون کي
ڇڏي ان کي ۽ ان جي اولاد کي دوست ڇو ٻڌايو ٿا جڏهن تہ اهي توهان جا
دشمن آهن. ظالمن لاءِ بيڙو بدلو آهي (٥٠) آسمانن ۽ زمين بنائڻ وقت ۽
خود انهن کي پيدا ڪرڻ وقت انهن (شيطان ۽ ان جي اولاد) کي سامهون نہ
ويهاريو هيم ۽ نہ ئي آءٌ گمراهن کي پاڻهن ٻيلي وٺندڙ آهيان (٥١) ۽ جنهن
ڏينهن الله چوندو تہ اي مشرڪو! انهن کي سڏيو جن کي منهنجا شريڪ
سمجهندا هيو. پوءِ اهي انهن کي سڏيندا تہ اهي انهن کي ورندي نہ ڏيندا۽
اسان انهن جي وچ ۾ هلاڪت جو ميدان ڪنداسين (٥٢) ۽ ڏوهاري دوزخ
کي ڏسندا تہ پوءِ سمجهي ويندا تہ انهن کي هِن ۾ ڪِرڻو آهي ۽ ان کان
ڇڄڻ جي ڪابہ واهہ نہ لهندا (٥٣)[7] ۽ بيشڪ اسان ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾
هر قسم جا مثال بيان ڪياسين پر انسان هر شي کان وڌيڪ جهڳڙالو آهي
(٥٤) ۽ ماڻهن وٽ جڏهن هدايت آئي تڏهن کين ايمان آڻڻ کان ۽
پنهنجي رب کان معافي وٺڻ کان هن ڳالهہ کان سواءِ ڪنهن نہ روڪيو تہ
اڳين جي رسم جهڙي سزا وٽن اچي يا انهن تي سامهون عذاب اچي (٥٥)
۽ اسان رسولن کي صرف خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليون
ٿا ۽ ڪافر ڪوڙ تي جهڳڙو ڪندا آهن تہ جيئن ان سان حق کي هٽائن ۽
منهنجي نشانين (آيتن) کي ۽ جنهن سان ڊيڄاريا ويا آهن تن کي مسخري
ڪري ورتو اٽن (٥٦) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن کي سندس

رب جي نشانين (آيتن) سان نصيحت ڪئي ويئي تہ اهو انهن کان منهن موڙي ۽ جيڪي سندس هٿن اڳتي موڪليو سو وساري ويهي. اسان ان (قرآن) جي سمجهڻ کان انهن جي دلين تي پردا وڌا آهن ۽ انهن جي ڪنن ۾ ٻوڑائپ وڌي آهي ۽ تون انهن کي هدايت جي طرف جيترو بہ سڏين تہ اهي ڪڏهن بہ سڌي راهہ نہ لهندا (٥٧) ۽ اي پيغمبر! تنهنجو رب بخشڻهار مهربان بہ آهي. جيڪڏهن انهن کي سندن ڪرتوتن تي پڪڑي ها تہ انهن تي تڪڙو عذاب موڪلي ها. بلڪ انهن لاءِ واعدي جو هڪ وقت مقرر آهي جنهن جي اڳيان ڪابہ پناهہ نہ لهندا (٥٨) ۽ اِهي ڳوٺ آهن جو انهن کي اسان تڏهن تباهہ ڪيوسين جڏهن انهن ظلم ڪيا ۽ انهن جي بربادي لاءِ هڪ مقرر واعدو ڪري چڏيو هو (٥٩)[8] ۽ ياد ڪر. جڏهن موسيٰ پنهنجي ساٿي کي چيو تہ مان ايستائين پيو هلندس جيستائين ٻن سمندن (دريائن) جي ملڻ جي جاءِ تي پهچان يا پنهنجي واٽ هلندو رهان (٦٠) پوءِ جڏهن اهي ٻئي ٻن سمندن (دريائن) جي گڏجڻ واري هنڌ پهتا تڏهن پنهنجي مڇي وساري ويٺا ۽ ان سمنڊ (درياء) ۾ سرنگهہ جيان پنهنجو رستو ورتو (٦١) پوءِ جڏهن اتان لنگهي ويا تہ موسيٰ پنهنجي ساٿي کي چيو تہ اسان جي منجهند جي ماني آڻ ڇوتہ اسان کي پنهنجي هن سفر ۾ وڏي تڪليف ڏسٽي پيئي آهي (٦٢) ساٿي چيو تہ ڇا توهان نہ ڏٺو تہ اسان جڏهن ٽَکر وٺ ترسيا هئاسين تہ مڇي تہ مان اتي وساري آيس ۽ مون کان توهان کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ شيطان کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ نہ وسارائي ۽ ان مڇي عجب طرح سان سمنڊ (درياء) ۾ پنهنجو رستو ورتو هو (٦٣) موسيٰ چيو تہ اهو ئي تہ هنڌ آهي جنهن کي اسان ڳوليون ٿا. پوءِ پنهنجي پيرن جا نشان ڏسندا پٺتي موٽيا (٦٤) پوءِ اتي اسان جي ٻانهن مان اهو ٻانهو ڏٺائون جنهن کي پنهنجي طرفان رحمت ڏني هئيسين ۽ ان کي پنهنجو لدني علم سيکاريو هيوسين (٦٥) ان کي موسيٰ چيو تہ جي مان توهان سان گڏ رهان تہ مون کي اها ڳالهہ سيکارينڊوَ جنهن جي توهان کي تعليم ملي آهي (٦٦) ان (خضر) چيو تہ تون مون سان رهي صبر ڪري نہ سگهندين (٦٧) ۽ تون ان ڳالهہ تي صبر ڪيئن ڪندين جنهن جي توکي خبر ئي نہ آهي (٦٨) موسيٰ چيو تہ جيڪڏهن الله گهريو

(انشاء الله) تہ توهان مون کي صبر ڪندڙ لهندوَ ۽ مان توهان جي ڪنهن بہ حڪم جي برخلافي نہ ڪندس (٦٩) ان (خضر) چيو تہ جيڪڏهن توکي مون سان رهڻو آهي تہ مون کان ڪنهن بہ ڳالهہ جي ايستائين پڇا نہ ڪجان جيستائين جو مان پاڻ ان بابت توسان بيان نہ ڪريان (٧٠)[9] پوءِ ٻئي هليا، تان جو جڏهن ٻيڙي ۾ چڙهيا تہ ان (خضر) ٻيڙيءَ کي سوراخ ڪيو موسيٰ چيو تہ ڇا توهان ان کي ان لاءِ سوراخ ڪيو تہ ٻيڙي وارن کي ٻوڙيو بيشڪ هيءَ توهان خراب ڳالهہ ڪئي (٧١) ان (خضر) چيو تہ ڇا مون نہ چيو هو تہ تون مون سان گڏ رهي صبر نہ ڪري سگهندين (٧٢) موسيٰ چيو تہ منهنجي ويساري جي سبب مون کي پڪڙ نہ ڪر ۽ منهنجي ڪم ۾ مون تي سختي نہ ڪر (٧٣) پوءِ ٻئي هليا، تان جو جڏهن هڪ ڇوڪري کي مليا تہ خضر ان کي ماري ڇڏيو موسيٰ چيو تہ هڪ بي قصور کي بغير ڪنهن ڏوهہ جي بدلي قتل ڇو ڪيوَ بيشڪ توهان ڏاڍي خراب ڳالهہ ڪئي (٧٤) ان (خضر) چيو تہ مون توکي چيو نہ هو تہ مون سان گڏ رهي صبر ڪري نہ سگهندين(٧٥) موسيٰ چيو تہ هن کان پوءِ جيڪڏهن توهان کان ڪنهن ڳالهہ بابت پڇان تہ پوءِ پلي مون کي گڏ رهڻ نہ ڇڏجو بيشڪ منهنجي طرف کان توهان تي عذر پورو ٿي ڇُڪو (٧٦) پوءِ ٻئي هليا، تان جو جڏهن هڪڙي ڳوٺ وارن وٽ آيا تہ اتان جي رهاڪن کان کاڌو گهريائون تہ انهن هنن جي مهماني ڪرڻ کان انڪار ڪيو، پوءِ انهيءَ ڳوٺ ۾ هڪ ڀت ڏٺائون جيڪا ڪِرڻ تي هئي تہ ان (خضر) اها ڀت ڏاهي ٻيهر ٺاهي سڌي ٻيهاري، موسيٰ چيو تہ جيڪڏهن توهان گهرو ها تہ ان ڪم تي ڪجهہ مزدوري وٺو ها (٧٧) ان (خضر) چيو تہ هاڻي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ جُدائي آهي، البت مان انهن ڳالهين جي توکي حقيقت ٻُڌايان ٿو جن تي تون صبر ڪري نہ سگهئين (٧٨) اها جيڪا ٻيڙي هئي سا ڪِن مسڪينن جي هئي جنهن تي اهي درياء ۾ پورهيو ڪندا آهن، پوءِ مون گهريو تہ ان کي عيبدار ڪريان جو انهن جي پٺيان هڪ بادشاهہ هو جنهن هر ثابت ٻيڙي زوري بيگر ۾ تي ورتي (٧٩) ۽ جيڪو ڇوڪرو هو تنهن جا ماءُ پيءُ مومن هئا، پر اسان کي انديشو ٿيو تہ اهو نافرماني ۽ ڪفر ڪرڻ سان ٻنهي کي عاجز ڪندو (٨٠) پوءِ اسان گهريو تہ انهن ٻنهي جو

پالٹھار کين ان جي بدلي ان کان بہ پاکيزگي ۾ وڌيڪ ٻلو ۽ ديندار جي ڪري وڌيڪ بهتر اولاد عطا ڪري (٨١) باقي اها ٻِت جيڪا ٻاهي وئي سا شهر جي ٻن يتيم ڇوڪرن جي هئي ۽ ان جي هيٺان انهن جو خزانو هو ۽ انهن جو پيءُ نيڪ ماڻهو هو. پوءِ تنهنجي رب گهريو تہ اهي ٻئي پنهنجي جواني کي پهچن ۽ تنهنجي پالٹھار جي مهرباني سان پنهنجو خزانو ڪڍن ۽ اهو سمورو ڪم مون پنهنجي خيال سان نہ ڪيو هو. اها انهن ڳالهين جي حقيقت آهي جن تي تون صبر ڪري نہ سگهئين (٨٢)[10] ۽ اي پيغمبر! ماڻهو توکان ذوالقرنين بابت پڇن ٿا. کين چئو تہ توهان کي ان جو ڪجهہ قصو بيان ڪري ٻڌايان ٿو (٨٣) بيشڪ اسان ان کي زمين ۾ مضبوط حڪومت ۽ هر شي جو سامان ڏنوسيين (٨٤) پوءِ اهو سامان جي مدد سان هليو (٨٥) ايستائين جو سج لهڻ واري طرف پهتو ۽ ان کي ڏسڻ ۾ آيو تہ سج هڪ ڪاري گپ جي چشمي ۾ گم ٿي ويو ۽ اتي هڪ قوم ڏٺائين. اسان کيس چيو تہ اي ذوالقرنين! انهن کي سزا ڏي يا انهن ۾ ڪو چڱائي جو سلوڪ ڪر (٨٦) ذوالقرنين چيو تہ جيڪو ماڻهو سرڪشي ڪندو تہ ان کي سزا ڏينداسين. پوءِ ان کي پنهنجي پالٹھار ڏانهن موٽايو ويندو تہ اهو بہ ان کي سخت عذاب جي سزا ڏينندو (٨٧) ۽ جيڪو ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو تہ ان کي ٻلو بدلو ملندو ۽ سِگهو ان کي سولائي جهڙو ڪم چونداسين (٨٨) وري سامان جي مدد سان هليو (٨٩) ايستائين جو سج ايرڻ جي طرف پهتو تہ ان کي هڪ اهڙي قوم تي ايرندي ڏٺائين جن کي اسان سج کان بچڻ لاءِ ڪا اوٽ نہ ڏني هئي (٩٠) ڳالهہ اها ئي آهي ۽ بيشڪ اسان وٽ ان جي پوري خبر آهي (٩١) وري سامان جي مدد سان هليو (٩٢) تان جو جڏهن ٻن پهاڙن جي وچ ۾ پهتو تہ ان جي هِن پاسي کي اهڙا ماڻهو ڏٺائين جيڪي هن جي ڪا ڳالهہ سمجهي نٿي سگهيا (٩٣) انهن چيو تہ اي ذوالقرنين! بيشڪ ياجوج ۽ ماجوج ملڪ ۾ فساد ڪندڙ آهن. تنهنڪري اسان توهان لاءِ ڪجهہ ڏَن مقرر ڪريون تہ توهان اسان جي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ آڙ ناهيو (٩٤) ذوالقرنين چيو تہ منهنجي پالٹھار ان لاءِ مون کي جيڪا طاقت ڏني آهي سا بهتر آهي. باقي توهان مون سان زوربار جي مدد ڪريو تہ توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ

مضبوط اوٽ (ديوار) ٺاهيان (٩٥) مون وٽ لوهہ جا ٽڪرا ڪٽي اڇو ايستائين جو جڏهن ٻنهي پهاڻن جي وچ ۾ پري برابر ڪري ڇڏيائين ته چيائين ته هاڻي ڏَوڙ ڦوڪيو تان جو جڏهن ان کي تپائي باهہ ڪري ڇڏيائين ته چيائين ته آڻيو ته مان ان تي پگهريل تامو پلٽيان (٩٦) پوءِ ياجوج ۽ ماجوج ان تي نہ چڙهي ٽپي سگهيا ۽ نہ ان ۾ سرنگهہ هڻي ٽپي سگهيا (٩٧) ذوالقرنين چيو ته هيءَ منهنجي رب جي ٻاجهہ آهي، پوءِ جڏهن منهنجي رب جي واعدي جو وقت ايندو ته ان ديوار کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيندو ۽ منهنجي رب جو واعدو سچو آهي (٩٨) ۽ ان ڏينهن اسان ڇڏيندا سين ته هڪٻئي ۾ ڳاهت ٽيندا ايندا ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو ته پوءِ انهن سمورن کي گڏ ڪيو ويندو (٩٩) ۽ اسان ان ڏينهن جهنم کي ڪافرن جي سامهون پڌرو ڪنداسين جيئن پڌرو ڪجي (١٠٠) اهي ڪافر جن جون اکيون منهنجي يادگيري کان ڍڪيل هيون ۽ حق ڳالهہ ٻڌي نہ سگهندا هئا (١٠١)[11] پوءِ ڪافرن چا سمجهيو آهي جو مون کان سواءِ منهنجن ٻانهن کي مددگار ٺاهيو اٿن. بيشڪ اسان ڪافرن جي رهڻ لاءِ جهنم تيار ڪيو آهي (١٠٢) اي پيغمبر! چئو ته چا اسان توهان کي ٻڌايون ته ڪنهن جا سڀ عمل بيڪار ٽيا (١٠٣) اهي جن پنهنجي محنت دنيا جي زندگي ۾ اجائي وڃائي ۽ اهي هن خيال ۾ آهن ته پاڻ چڱا ڪم ڪري رهيا آهن (١٠٤) اِهي اُهي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب جي آيتن ۽ ان سان ملڻ جو انڪار ڪيو ته پوءِ انهن جا سمورا عمل چٽ ٽي ويا، پوءِ اسان انهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن ڪا تور نہ ڪنداسين (١٠٥) اها دوزخ انهن جو بدلو آهي جو انهن ڪفر ڪيو ۽ منهنجي آيتن ۽ منهنجي رسولن تي ٺٺولي ڪيائون (١٠٦) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ فردوس جا باغ (جنت الفردوس) مهماني جي جاءِ آهن (١٠٧) اهي ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن ۽ اتان موڙڻ نہ گهرندا (١٠٨) اي پيغمبر! چئو ته جيڪڏهن منهنجي پالڻهار جي سخنن لکڻ لاءِ سمنڊ مس ٿئي ته منهنجي پالڻهار جي سخنن ختم نہ ٿيڻ کان اڳ سمنڊ ختم ٽي ويندو توڙي اسان ايترو ئي ٻيو سمنڊ ان جي مدد لاءِ آڻيون (١٠٩) اي پيغمبر! ماڻهن کي چئو ته مان توهان جهڙو انسان آهيان، البت منهنجي طرف وحي ايندو آهي ته توهان جو

معبود اڪيلو معبود (الله) آهي، پوءِ جنهن کي پنهنجي پالڻهار سان ملڻ جي اميد هجي تہ ان کي گهرجي تہ چڱا ڪم ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار جي بندگي ۾ ڪنهن کي ب شريڪ نہ ڪري (۱۱۰)[12]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو مهربان ۽ ڄاڻارو آهي

سورت مريم مڪي آهي، هن ۾ 98 آيتون ۽ 6 رڪوع آهن

كٓهٰيٰعٓصٓ (۱) اي پيغمبر! هي تنهنجي پالڻهار طرفان پنهنجي ٻانهي زڪريا تي ٽيل ٻاجهہ جو بيان آهي (۲) جڏهن زڪريا پنهنجي پالڻهار کي دل ۾ ٻاڏايو (۳) التجا ڪيائين تہ اي منهنجا رب! منهنجو جسم ڪمزور ٿي ويو آهي، ڪراڙپ کان متو اڇو چمڪندڙ ٿي ويو آهي، پر اي منهنجا رب! توکي سڏڻ کان ناااميد نہ آهيان (٤) پنهنجي پٺيان پنهنجن مائٽن جو خوف آهي ۽ منهنجي زال ب سَنڌ آهي پر مون کي پاڻ وٽان خاص فضل سان کو وارث عطا ڪر (۵) جيڪو منهنجو وارث ٿئي ۽ يعقوب جي اولاد جو ب وارث ٿئي ۽ اي منهنجا رب! ان کي پنهنجو پسند ڪيل ٻڌاءِ (٦) چيوسين تہ اي زڪريا! اسان توکي هڪڙي پُٽ جي خوشخبري ڏيون ٿا جنهن جو نالو يحيٰ آهي ۽ ان کان اڳي اسان ان نالي وارو پيدا نہ ڪيو آهي (۷) زڪريا چيو اي منهنجا رب! مون کي پُٽ ڪيئن ٿيندو جو منهنجي زال تہ سَنڌ آهي ۽ مان ب پوڙهاپ سبب جهور ٿي ويو آهيان (۸) جبرائيل اڇي چيو تہ ائين ئي ٿيڻو آهي، تنهنجي رب فرمايو آهي تہ اهو مون تي آسان آهي ۽ بيشڪ ان کان اڳي توکي پيدا ڪيو اٿم جڏهن تون ڪجهہ ب نہ هئين (۹) زڪريا چيو اي منهنجا رب! مون کي ڪا نشاني ڏي، چيو ويو تہ تنهنجي لاءِ نشاني هيءَ آهي تہ تون ٽي ڏينهن راتيون لڳاتار ماڻهن سان ڳالهائي نہ سگهندين (۱۰) پوءِ حجري مان پنهنجي قوم ڏانهن ٻاهر نڪري آيو، پوءِ انهن کي اشاري سان چيائين تہ صبح شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو (۱۱) اهو ڄاڻو تہ چيوسين تہ اي يحيٰ! ڪتاب کي مضبوطي سان وٺ، ۽ اسان ان کي ٻالڪپڻي ۾ ئي علم ڏنوسين (۱۲) ۽ پاڻ وٽان ڪيس شفقت ۽ پاڪبازي ڏنيسين ۽ اهو پرهيزگار هو (۱۳) ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪندو هو ۽ هٺيلو نافرمان نہ هو (۱٤)

۽ جنهن ڏينهن پيدا ٿيو ۽ جنهن ڏينهن فوت ٿيو ۽ جنهن ڏينهن جيئرو ڪري اٺاريو ويندو ان تي سلامتي (سلام) آهي (۱۵)[1] ۽ اي پيغمبر! ماٺهن کي ڪتاب ۾ آيل مريم جو قصو ٻڌاءِ جڏهن پنهنجي گهر وارن کان اوپر طرف هڪ جاءِ ۾ جدا ٿي ويئي (۱۶) پوءِ انهن کان هڪ اوٽ ورتائين، پوءِ اسان ان ڏانهن پنهنجو ملائڪ موڪليو جيڪو ان جي سامهون ماڻهوءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو (۱۷) مريم چيو ته جيڪڏهن تون الله جو خوف رکندڙ آهين ته مان توکان ٻاجهاري الله جي پناهه گهران ٿي (۱۸) ملائڪ چيو ته مان تنهنجي رب جو قاصد آهيان جو توکي هڪ پاڪ صاف پٽ ڏيان (۱۹) مريم چيو ته مون کي پٽ ڪيئن ڄمندو جو مون کي نه ڪنهن ماڻهو هٿ لڳايو آهي ۽ نه ئي مان بدڪار آهيان (۲۰) ملائڪ چيو ته ايئن ئي ٿيندو، تنهنجي رب فرمايو آهي ته اهو مون لاءِ آسان آهي ته جيئن ان کي ماڻهن لاءِ پنهنجي طرف کان نشاني ۽ ٻاجهه جو وسيلو ڪريون، ۽ اهو ڪم طئي ٿيل آهي (۲۱) پوءِ مريم ان سان پيٽ واري ٿي پوءِ ان سان هڪ پريري جاءِ تي هلي وئي (۲۲) پوءِ ويم جي سورن ڪري هڪ ڪجيءَ جي پاڙ وٽ آئي، چوڻ لڳي ته هاءِ افسوس! جيڪر مان ان کان اڳي مري وڃان ها ۽ ماڻهن کان صفا وسريل ٿي وڃان ها (۲۳) پوءِ ان کي هيٺين پاسي کان ملائڪ سڏيو ته ڏُک نه ڪر! بيشڪ تنهنجي پالڻهار تنهنجي پيٽ ۾ هڪ وڏي هستي پيدا ڪئي آهي (۲۴) ۽ کجي جي ٽڙ کي وٽي پاڻ ڏانهن ڏوٽو ڏي ته توتي تازي ڪتل ڇاٽي (۲۵) پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ اکيون ٺار، پوءِ جيڪڏهن تون ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏسين ته اشاري سان چئي ڇڏ ته مون اڄ الله ٻاجهاري لاءِ روزو باسيو آهي سو اڄ ڪنهن به ماڻهوءَ سان هرگز نه ڳالهائيندس (۲۶) پوءِ پٽ کي پنهنجي قوم وٽ کڻي آئي، چيائون ته اي مريم! بيشڪ تو تمام اوپري شي آندي آهي (۲۷) اي هارون جي ڀيڻ! نه تنهنجو پيءُ خراب ماڻهو هو ۽ نه تنهنجي ماءُ بدڪار هئي (۲۸) مريم ان ٻار ڏانهن اشارو ڪيو انهن چيو ته جيڪو ٻار هنج ۾ آهي اسان ان سان ڪيئن ڳالهايون (۲۹) ٻار چيو ته بيشڪ مان الله جو ٻانهو آهيان، ان مون کي ڪتاب ڏنو آهي ۽ مون کي پيغمبر ڪيو اٿس (۳۰) ۽ جتي به هجان ان مون کي برڪت وارو ڪيو آهي ۽ جيستائين جيئرو رهان مون کي نماز پڙهڻ ۽ زڪوات ڏيڻ جو تاڪيد ڪيو اٿس (۳۱) ۽ پنهنجي ماءُ سان چگو

سلوڪ ڪندڙ ڪيائين ۽ مون کي هنيلو بدبخت نہ ڪيو اٿس (٣٢) ۽ جنهن ڏينهن ڄائس، ۽ جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن ڏينهن وري جيئرو ٿي اٿندس ان ڏينهن مون تي سلامتي (سلام) آهي (٣٣) اهو عيسيٰ بن مريم جو قصو آهي، اها سچي ڳالهه آهي جنهن ۾ ماڻهو اختلاف ڪندا آهن (٣٤) الله جو شان نہ آهي جو ڪنهن کي پنهنجو پٽ بڻائي، اهو پاڪ آهي، جڏهن ڪو ڪم ڪندو آهي تہ ان لاءِ رڳو چوندو آهي تہ "ٿي" تہ اهو جلدي ٿي پوندو آهي (٣٥) ۽ عيسيٰ چوندو هو تہ بيشڪ الله منهنجو رب ۽ توهان جو پالڻهار آهي تنهنڪري ان جي عبادت ڪريو. اهائي سڌي واٽ آهي (٣٦) پوءِ ڪن ٽولن پاڻ ۾ اختلاف ڪيو. پوءِ جن ڪفر ڪيو تن لاءِ ان ڏينهن ويل آهي جنهن جو نظارو سخت هوندو (٣٧) جنهن ڏينهن اهي اسان وٽ حاضر ٿيندا ان ڏينهن ڏاڍو ٻڌندا ۽ گهٽو ڏسندا. مگر ظالم اڄ ڏينهن کليل گمراهي ۾ آهن (٣٨) ۽ اي پيغمبر! انهن کي ان پشيماني واري ڏينهن کان ڊيڄار جڏهن ڪم پورو ٿي ويندو ۽ اهي غفلت ۾ آهن ۽ اهي ايمان نٿا آڻين (٣٩) بيشڪ اسان زمين جا ۽ جيڪي اُن تي آهي سمورن جا وارث آهيون ۽ اسان ڏانهن موٽايا ويندا (٤٠)[2] ۽ اي پيغمبر! ڪتاب ۾ ابراهيم جو قصو ياد ڪر. بيشڪ اهو سچو نبي هو (٤١) جڏهن پنهنجي پي کي چيائين تہ اي بابا! اهڙي جي پوڄا ڇو ڪندو آهين جيڪو نہ ٻُڌي ٿو نہ ڏسي ٿو ۽ نہ توکان ڪنهن شي کي تاري سگهي ٿو (٤٢) اي بابا! بيشڪ الله طرفان مون کي اهو علم مليو آهي جيڪو توکي نہ مليو آهي، پوءِ منهنجي پٺيان لڳ تہ توکي سڌي واٽ ڏيکاريان (٤٣) اي بابا! شيطان جي پوڄا نہ ڪر. ڇوتہ شيطان الله ٻاجهاري جو نافرمان آهي (٤٤) اي بابا! مان توتي الله ٻاجهاري جي عذاب پهچڻ کان ڊڄان ٿو. متان شيطان جو ساٿي ٿي وڃين (٤٥) چيائين تہ اي ابراهيم! منهنجي معبودن کان ڇو مُنهن موڙين ٿو. جيڪڏهن نہ مڙندين تہ مان توکي پٿرن سان ماريندس ۽ ڪو وقت مون کان ٿري وڃ (٤٦) ابراهيم چيو تہ بس توتي سلام آهي، مان تنهنجي لاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس، ڇوتہ اهو مون تي مهربان آهي (٤٧) ۽ جن کي الله کان سواءِ سڏيو ٿا انهن سمورن کان ۽ توهان کان پاسو ڪريان ٿو ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪندس، اميد آهي تہ پنهنجي رب جي عبادت ڪرڻ کان بي نصيب نہ ٿيندس (٤٨) پوءِ جڏهن انهن کان

۽ جن کي اهي الله کان سواءِ پوڄيندا هيا تن کان پاسو ڪيائين تہ اسان ان کي اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسين ۽ هرهڪ کي نبي ڪيوسين (٤٩) ۽ اسان انهن کي پنهنجي ياجهہ مان گهٹو ڏنوسين ۽ انهن جي نيڪ نامي بلند ڪئيسين (٥٠)[3] ۽ اي پيغمبر! ڪتاب ۾ موسيٰ جو قصو ياد ڪر، بيشڪ اهو چونڊيل هو ۽ رسول ۽ نبي هو (٥١) ۽ ان کي طور جبل جي ساڄي طرف کان سڏيوسين ۽ ان کي پنهنجي راز ٻُڌائڻ لاءِ ويجهو ڪيوسين (٥٢) ۽ پنهنجي مهرباني سان کيس سندس ڀاءُ هارون نبي ڪري عطا ڪيوسين (٥٣) ۽ اي پيغمبر! ڪتاب ۾ اسماعيل جو قصو ياد ڪر، بيشڪ اهو قول جو سچو ۽ رسول ۽ نبي هو (٥٤) ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڪندو هو ۽ پنهنجي پالٹهار وٽ پسند ڪيل هو (٥٥) ۽ اي پيغمبر! ڪتاب ۾ ادريس جو قصو ياد ڪر، بيشڪ اهو سچار نبي هو (٥٦) ۽ اسان ان کي مٹانهين مرتبي ڏانهن بلند ڪيوسين (٥٧) اِهي آهي آهن جن تي الله احسان ڪيو آدم جي اولاد مان پيغمبرن مان آهن ۽ انهن مان آهن جن کي اسان نوح سان گڏ ٻيڑيءَ ۾ سوار ڪيو هو ۽ ابراهيم ۽ يعقوب جي اولاد مان آهن ۽ انهن منجهان آهن جن کي اسان سڌي واٽ ڏيکاري ۽ چونڊيو چڏيو. جڏهن انهن کي الله ياجهاري جون آيتون پڙهي ٻڌائيبيون هيون تہ سجدو ڪندي ۽ روئندي ڪري پوندا هيا (٥٨) پوءِ انهن جي پٹيان ڪيترائي نالائق گاديءَ تي وينا جن نماز چڏي ڏني ۽ خواهشن جي پٹيان لڳا، پوءِ جلد اهي دوزخ جي تري ۾ پوندا (٥٩) مگر جن توبهہ ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ اهي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا ۽ انهن تي ڪابہ زيادتي نہ ڪئي ويندي (٦٠) رهڻ جا باغ (بهشت) هوندن جن جو الله ياجهاري پنهنجي ٻانهن سان پرپٹ واعدو ڪيو آهي، بيشڪ ان جو واعدو اڇٹو آهي (٦١) اهي ان ۾ سلام کان سواءِ ٻي ڪابہ بيڪار ٻالهہ نہ ٻُڌندا ۽ انهن کي اتي صبح ۽ شام سندن رزق ملندو (٦٢) هي اهو باغ (بهشت) آهي جنهن جو اسان پنهنجن ٻانهن مان انهن کي وارث ڪنداسين جيڪي پرهيزگار آهن (٦٣) ۽ ملائڪن چيو تہ اسان تنهنجي پالٹهار جي حڪم کان سواءِ نہ لهندا آهيون، جيڪي اسان جي اڳيان آهي ۽ جيڪي اسان جي پٹيان آهي ۽ جيڪي ان جي وچ ۾ آهي تنهن جي ان (الله) کي سڀ خبر آهي ۽ تنهنجو رب وسارڻ وارو نہ آهي (٦٤) اهو

آسمانن جو ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي سمورن جو پالڻهار آهي، پوءِ اي پيغمبر! تون انهيءَ جي عبادت ڪر ۽ انهيءَ جي بندگي تي ثابت رهه. ڇا ان جي نالي وارو ڪو ٻيو ڄاڻين ٿو (٦٥)[4] ۽ انسان چوندو آهي ته جڏهن مان مري ويندس ته ڇا جيئرو ڪري اٿاريو ويندس (٦٦) ڇا انسان کي ياد نه آهي ته اسان کيس اڳ پيدا ڪيوسين توڙي جو اهو ڪجهه به نه هو (٦٧) پوءِ اي پيغمبر! تنهنجي رب جو قسم! اسان انهن کي ۽ سمورن شيطانن کي گڏ ڪنداسين، پوءِ انهن کي دوزخ جي ڀرسان گوڏن ڀر ڪريل حاضر ڪنداسين (٦٨) پوءِ اسان هر ٽولي مان اهڙن ماڻهن کي جدا ڪنداسين جيڪي الله ٻاجهاري جا سخت نافرمان هوندا (٦٩) پوءِ جيڪي ان باهه ۾ گهڙڻ جا وڌيڪ حقدار آهن تن کي اسان ڇڳيءَ طرح ڄاڻندڙ آهيون (٧٠) ۽ اي ڪافرو! توهان مان ڪوبه اهڙو نه آهي جنهن جو گذر اتان نه ٿئي، تنهنجي رب جو اهو پڪو فيصلو ٿيل آهي (٧١) پوءِ جيڪي پرهيزگاري ڪن ٿا انهن کي بچائينداسين ۽ ظالمن کي ان ۾ گوڏن ڀر ڪريل ڇڏي ڏينداسين (٧٢) ۽ جڏهن اسان جون ڇٽيون آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن ته ڪافر مومنن کي چوندا آهن ته ٻنهي ٽولن مان ڪهڙي ٽولي مرتبي جي ڪري بهتر ۽ مجلس (ڪچهري) ڪري معتبر آهي (٧٣) ۽ اسان انهن کان اڳي ڪيترائي ڄُڳ تباهه ڪياسين جيڪي سازسامان ۾ ۽ ڏيک ويک ۾ انهن کان وڌيڪ چڱا هيا (٧٤) اي پيغمبر! چئو ته جيڪي گمراهي ۾ آهن تن کي الله (رحمان) ڍر ڏينو آهي ايستائين جو اهي عذاب يا قيامت جو ڏينهن ڏسن جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو ويو آهي، پوءِ سمجهي ويندا ته بچڙي مانَ وارو ۽ لشکر جي ڪري وڌيڪ هيٺو ڪير آهي (٧٥) ۽ جن هدايت لڌي الله انهن کي ايمان به وڌيڪ هدايت ڏيندو آهي، ۽ باقي رهندڙ نيڪيون تنهنجي پالڻهار وٽ ثواب ڪري ڏيلين ۽ انجام ڪري سڀ کان ڇڳيون آهن (٧٦) پوءِ اي پيغمبر! ڇا تو ان کي نه ڏٺو جنهن اسان جي آيتن کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته مون کي مال ۽ اولاد ضرور ملندا (٧٧) ڇا اهو ڳجهه کي ڄاڻندو آهي يا الله (رحمان) وٽان ڪو واعدو ورتو اٿس (٧٨) ائين نه آهي، اهو جيڪي چوي ٿو اسان اهو لکون ٿا ۽ ان لاءِ ڏگهو عذاب وڌائينداسين (٧٩) ۽ جيڪي چوي ٿو ان جا مالڪ اسان آهيون ۽ اسان وٽ اڪليو ايندو (٨٠) ۽ الله

كان سواءِ ٻيا معبود ناهيا اٿن تہ اهي انهن جا مددگار ٿين (٨١) ائين ناهي، جلدي اهي بُت انهن جي پوڄا جو انكار كندا ۽ انهن جا مخالف ٿيندا (٨٢)[5] اي پيغمبر! ڇا تو نہ ڏٺو آهي تہ اسان كافرن تي شيطان موكليا آهن جيكي انهن كي گناهن تي اڀارينداآهن (٨٣) پوءِ تون انهن تي عذاب جي تكڙ نہ كر، اسان تہ انهن جي مقرر وقت جي ڳڻپ كريون ٿا (٨٤) جنهن ڏينهن اسان پرهيزگارن كي الله (رحمٰن) وٽ مهمان طور گڏ كنداسين (٨٥) ۽ ڏوهارين كي اُجو جهنم جي طرف هكلينداسين (٨٦) جنهن الله كان اجازت گهري ان كان سواءِ ٻيو كير بہ شفاعت كري نہ سگهندو (٨٧) ۽ عيسائي چوندا آهن تہ رحمان پٽ ورتو آهي (٨٨) ڇئين تہ بيشك توهان بيڍڙي ڳالهہ پيش كئي آهي (٨٩) ان ڳالهہ كري سگهو آسمان ڦاٽي پوندا ۽ زمين چيرجي ويندي ۽ جبل ذراذرا ٿي كري پوندا (٩٠) جو چون ٿا تہ رحمان لاءِ پٽ آهي (٩١) ۽ رحمان كي پٽ ركڻ نٿو سونهين (٩٢) آسمانن ۽ زمين ۾ جيكي بہ آهن سمورا الله وٽ ٻانها ٿي كري حاضر ٿيندا (٩٣) تحقيق الله انهن كي گهيري ڇڏيو آهي ۽ هك هك كري انهن كي ڳڻي ڇڏيو اٿس (٩٤) ۽ انهن مان هرهك قيامت جي ڏينهن سندس بارگاهہ ۾ اكيلو حاضر ٿيندو (٩٥) بيشك جن ايمان آندو ۽ چڱا كم كيائون تہ سگهو الله انهن لاءِ محبت پيدا كندو (٩٦) پوءِ اسان هن قرآن كي تنهنجي زبان تي هن لاءِ آسان كيوسين تہ تون ان سان پرهيزگارن كي خوشخبري ڏين ۽ ان سان جهڳڑالو ماڻهن كي ڊيڄارين (٩٧) ۽ اسان انهن قريشين كان اڳ ۾ كيترا جُڳ تباهہ كياسين، ڇا تون انهن مان كنهن هك كي ڏسين ٿو يا ان جي ڙڪ بہ ٻڌين ٿو (٩٨)[6]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيكو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت طٰهٰ مكي آهي، هن ۾ 135 آيتون ۽ 8 ركوع آهن

طٰهٰ (١) اي محبوب! اسان توتي هي قرآن هن لاءِ نہ لاٿوسين جو تون تكليف ۾ پوين (٢) پر جيكو ڊڄندو هجي ان لاءِ نصيحت كري لاٿوسين (٣) ان جي طرفان نازل كيل آهي جنهن زمين ۽ بلند آسمانن كي پيدا كيو آهي (٤) اهو ٻاجهارو عرش تي قائم آهي (٥) جيكي

آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي هن آلي متي جي هيئان آهي اهو سڀ ان جو آهي (٦) ۽ جيڪڏهن تون ڏاڍيان ڳالهائين تہ بيشڪ اهو هوريان يا بلڪل آهستڙي چيل ڳالهہ بہ ڄاڻندڙ آهي (٧) الله ئي آهي جنهن کان سواءِ ڪوئي معبود نہ آهي انهيءَ جا سهڻا نالا آهن (٨) ۽ اي پيغمبر! تو وٽ موسيٰ جي خبر نہ پهتي آهي ڇا (٩) جڏهن باهہ ڏٺائين تہ پنهنجي گهر وارن کي چيائين تہ ترسو مون باهہ ڏٺي آهي، شايد ان مان توهان وٽ ڪو ٽانبو ڪٽي اچان يا باهہ تي ڪو رستو پڌائڻ وارو لهان (١٠) پوءِ جڏهن باهہ وٽ آيو تہ سڏ ٿيس تہ اي موسيٰ! (١١) بيشڪ مان تنهنجو رب آهيان سو تون پنهنجي جتي لاهہ ڇوتہ تون طويٰ جي پاڪ وادي ۾ آهين (١٢) ۽ مون توکي چونڊيو آهي، هاڻي جيڪي توکي وحي ڪجي ٿو سو ڪن لائي ٻُڌ (١٣) بيشڪ مان ئي الله آهيان، مون کان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي، سو منهنجي عبادت ڪر ۽ منهنجي ياد ڪرڻ لاءِ نماز قائم ڪر (١٤) بيشڪ قيامت اچڻي آهي، ان جي اچڻ کي هن ڪري لڪايان پيو تہ جيئن هر ماڻهوءَ کي پنهنجي محنت جو بدلو ڏنو وڃي (١٥) پوءِ جيڪو ان کي نہ مڃي ۽ پنهنجي سَڌ جي پٺيان لڳي سو متان توکي ان جي مڃڻ کان روڪي ورنہ پوءِ هلاڪ ٿيندين (١٦) ۽ اي موسيٰ! اها تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي (١٧) موسيٰ عرض ڪيو تہ هيءَ منهنجي لٺ آهي، ان تي ٽيڪ ڏيندو آهيان ۽ ان سان پنهنجي ٻڪرين لاءِ پن ڇاڻيندو آهيان ۽ مون لاءِ ان ۾ ٻيا فائدا بہ آهن (١٨) الله چيو اي موسيٰ! ان کي ڦٽي ڪر (١٩) پوءِ موسيٰ ڦٽي ڪئي تہ اها ڊڪندڙ نانگ ٿي وئي (٢٠) الله چيو ان کي ڪٽي وٺ ۽ خوف نہ ڪر، هينئر ئي اسان ان کي ان جي پهرين شڪل ۾ ڪري ڇڏينداسين (٢١) ۽ پنهنجو هٿ پنهنجي بغل سان ملاءِ تہ اهو بي عيب روشن ٿي نڪرندو اها بي نشاني آهي (٢٢) جيئن توکي پنهنجين وڏين نشانين مان ڏيکاريون (٢٣) فرعون ڏانهن وڃ جو اهو سرڪش ٿي ويو آهي (٢٤)[1]
موسيٰ عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب! مون لاءِ منهنجو سينو کول (٢٥) ۽ منهنجي لاءِ منهنجو ڪم آسان ڪر (٢٦) ۽ منهنجي زبان جي هڪ لاهہ (٢٧) جيئن اهي ماڻهو منهنجي ڳالهہ سمجهن (٢٨) ۽ منهنجي گهر وارن

مان مون لاءِ هڪڙو وزير مقرر ڪر (٢٩) يعني منهنجي ڀاءُ هارون کي (٣٠) ان سان منهنجي طاقت مضبوط ڪر (٣١) ۽ ان کي منهنجي ڪم ۾ شريڪ ڪر (٣٢) جيئن تنهنجي گهڻي پاڪائي بيان ڪريون (٣٣) ۽ توکي گهڻو ياد ڪريون (٣٤) بيشڪ تون اسان جو حال ڏسندڙ آهين (٣٥) الله چيو اي موسيٰ! تو لاءِ تنهنجو سوال قبول ڪيو ويو (٣٦) ۽ بيشڪ اسان توتي هڪڙو پيرو ٻيو به احسان ڪري چڪا آهيون (٣٧) جڏهن تنهنجي ماءُ ڏانهن الهام ڪيوسين جيڪو الهام ڪرڻو هو (٣٨) ته هن ٻار کي پيٽي ۾ رکي درياء ۾ لوڙهي ڇڏ، پوءِ درياءُ ان کي ڪناري تي ڌِڪي ڇڏيندو ته ان کي منهنجو دشمن ۽ سندس دشمن کڻندو ۽ موسيٰ توتي پنهنجي فضل سان محبت جي ڇانو ڪئي هئي ته تون منهنجي نگاهه سامهون پاليو ويجين (٣٩) جڏهن تنهنجي ڀيڻ پڻيان لڳي آئي، پوءِ چيائين ته مان توهان کي ان عورت جو ڏس ڏيان جيڪا هن ٻار کي پالي، پوءِ اسان توکي تنهنجي ماءُ ڏانهن موٽايوسين جيئن ان جا نيٽ ٺرن ۽ غمگين نه ٿئي، پوءِ تو هڪ ماڻهوءَ کي ماري وڌو، پوءِ اسان توکي غم کان ڇڏايوسين ۽ توکي خوب آزمايوسين، پوءِ تون ڪيترا سال مدين وارن ۾ رهئين، اي موسيٰ ائين تون تقدير الاهي مطابق آئين (٤٠) ۽ اي موسيٰ! مون توکي خاص پنهنجي لاءِ ٻڌايو آهي (٤١) تون ۽ تنهنجو ڀاءُ ٻئي منهنجون نشانيون کڻي وڃو ۽ منهنجي ياد ڪرڻ ۾ سُستي نه ڪجو (٤٢) ٻئي فرعون ڏانهن وڃو جو اهو سرڪش ٿي ويو آهي (٤٣) پوءِ ان سان نرمي سان ڳالهائجو ته مَن نصيحت ونئي يا ڊڄي ويجي (٤٤) ٻنهيءَ عرض ڪيو ته اي اسان جا پالڻهار! اسان ڊڄون ٿا ته متان اهو اسان تي زيادتي ڪري يا ڏاڍ سان پيش اچي (٤٥) الله چيو ته ڊڄو نہ، مان توهان سان گڏ آهيان، ٻُڌان ٿو ۽ ڏسان ٿو (٤٦) پوءِ ان وٽ وڃو ۽ ان کي چئو ته اسان تنهنجي پالڻهار جا موڪليل آهيون سو بني اسرائيل کي اسان سان گڏ هلڻ جي موڪل ڏي ۽ انهن کي تڪليف نه ڏي، بيشڪ اسان تو وٽ تنهنجي رب جي طرف کان نشاني کڻي آيا آهيون ۽ جيڪو سڌي رستي تي هلي ته ان تي سلامتي (سلام) آهي (٤٧) بيشڪ اسان ڏانهن وحي موڪليو ويو آهي ته جيڪو الله جي حڪمن کي ڪوڙو چوي ۽ منهن ڦيري ته ان لاءِ عذاب مقرر آهي

(٤٨) فرعون چيو تہ اي موسيٰ! پوءِ توهان ٻنهيءَ جو رب ڪير آهي (٤٩) موسيٰ چيو تہ اسان جو رب اهو آهي جنهن هر شي کي ان جي صورت ڏني، پوءِ هدايت ڪيائين (٥٠) فرعون چيو تہ اڳين قومن جو ڪهڙو حال آهي (٥١) موسيٰ چيو تہ ان جو علم منهنجي رب وٽ هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي، منهنجو رب نہ تہ پُلجندو آهي ۽ نہ وساري ٿو (٥٢) اهو رب جنهن توهان جي لاءِ زمين کي فرش بڻايو ۽ ان ۾ توهان جي لاءِ رستا جاري ڪيائين ۽ آسمان مان پاڻي وسايائين، پوءِ ان سان قِسمين قِسمين ساوڪ جا جوڙا پيدا ڪيائين (٥٣) پاڻ کائو تا ۽ پنهنجي جانورن کي بہ چاريو تا، بيشڪ ان ۾ عقل وارن جي لاءِ نشانيون آهن (٥٤)[2] اوهان کي ان زمين مان ئي پيدا ڪيائين ۽ انهيءَ ۾ ئي توهان کي موٽائيندو ۽ انهيءَ مان توهان ٻيهر اٽاريا ويندو (٥٥) ۽ بيشڪ فرعون کي پنهنجون سموريون نشانيون ڏيکاريونسين، پوءِ ان کوڙو سمجهيو ۽ انڪار ڪيائين (٥٦) فرعون چيو تہ اي موسيٰ! ڇا تون اسان وٽ ان ڪري آيو آهين جو اسان کي پنهنجي جادو سان اسان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏين (٥٧) پوءِ اسان بہ تنهنجي لاءِ اهڙو ئي جادو ضرور آڻينداسين سو اسان جي ۽ پنهنجي وچ۾ ڪليل ميدان ۾ هڪ وقت مقرر ڪر جنهن کان نہ اسان ڦِرون نہ تون ڦرين (٥٨) موسيٰ چيو تہ توهان لاءِ ميلي واري ڏينهن جو انجام آهي ۽ ماڻهو ڏينهن چڙهئي (منجهند) گڏ ٿين (٥٩) پوءِ فرعون گهر موٽيو ۽ پنهنجا ڦند گڏ ڪري وري آيو (٦٠) موسيٰ انهن کي چيو تہ توهان تي ويل هجي الله تي ڪوڙ نہ ٻڌو ورنہ اهو عذاب سان توهان جي پاڙ پٽي ڇڏيندو ۽ جنهن ڪوڙ ٻڌو بيشڪ نامراد ٿيو (٦١) پوءِ ماڻهو پنهنجي ڪم بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳا ۽ ڳجهيون صلاحون ڪيائون (٦٢) چيائون تہ هي ٻئي ضرور جادوگر آهن پنهنجي جادو جي زور سان توهان کي توهان جي ملڪ مان لوڏڻ ۽ توهان جي نرالي طريقي کي وڃائڻ گهرن ٿا (٦٣) سو پنهنجي جادو جا سامان گڏ ڪريو پوءِ قطار ڪري اچو ۽ اڄ اهو ڪامياب ٿيندو جيڪو غالب رهيو (٦٤) جادوگرن چيو تہ اي موسيٰ! ڇا تون ڦٽي ڪندين يا اسان پهريائين جادو ڦِٽي ڪريون (٦٥) موسيٰ چيو تہ پلي توهان ڦٽي ڪريو پوءِ موسيٰ جي خيال ۾ آيو تہ انهن جون رسيون ۽ لٺيون سندن جادو جي زور سان

نانگن وانگر ڊُڪن ٿيون (٦٦) پوءِ موسيٰ پنهنجي دل ۾ خوف محسوس ڪيو (٦٧) چيوسين تہ ڊج نہ، بيشڪ تون ئي غالب آهين (٦٨) ۽ تنهنجي ساڄي هٿ ۾ جيڪا لٺ آهي اها ڦٽي ڪر تہ اها انهن جي بناوٽن کي ڳهي ويندي، انهن جيڪي ڪيو آهي سو جادوگر جي فريب کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي ۽ جادوگر جتي بہ هجي ڪامياب نہ ٿيندو (٦٩) پوءِ سڀ جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پيا، چيائون تہ اسان هارون ۽ موسيٰ جي رب تي ايمان آندو (٧٠) فرعون چيو تہ توهان منهنجي اجازت ڏيڻ کان اڳي ان تي ايمان ڇو آندو، بيشڪ اهو توهان جو وڏو يعني اوستاد آهي جنهن توهان سيني کي جادو سيکاريو آهي، پوءِ ضرور مان توهان جا هڪ طرف جا هٿ ۽ ٻئي طرف جا پير ڪپيندس ۽ توهان کي ڪجي جي ٽڙن تي ڦاهي چاڙهيندس ۽ توهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اسان مان ڪنهن جو عذاب سخت ۽ ديرپا آهي (٧١) چيائون تہ انهن ڇڪن دليلن تي جيڪي اسان وٽ آيا ۽ پنهنجي پيدا ڪندڙ تي اسان توکي هرگز ترجيح نہ ڏينداسين، توکي جيڪي ڪرڻو آهي سو ڪر، تون رڳو هن دُنيا جي حياتي ۾ ئي تہ ڪندين (٧٢) بيشڪ اسان پنهنجي رب تي ايمان آندو آهي تہ اهو اسان جون خطائون ۽ جنهن جادو ڪرڻ تي تو اسان کي مجبور ڪيو هو سو اسان کي بخشي ۽ الله سڀ کان ڀلو ۽ سدائين رهڻ وارو آهي (٧٣) بيشڪ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي بارگاهہ ۾ ڏوهي ٿي ايندو تہ ضرور ان جي لاءِ جهنم آهي، جنهن ۾ نہ مرندو نہ جي سگهندو (٧٤) ۽ جيڪي ان جي بارگاهہ ۾ ايمان سان ڇڪا ڪم ڪري ايندا تہ پوءِ اهي ئي آهن جن لاءِ وڏا مرتبا هوندا (٧٥) رهڻ جا باغ (بهشت) هوندن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون سدائين ان ۾ رهندا، ۽ جيڪو پاڪ ٿيو تنهن جو اهو انعام آهي (٧٦)[3] ۽ اسان موسيٰ ڏانهن وحي موڪليوسين تہ راتو رات منهنجي ٻانهن کي وٺي نڪر ۽ انهن جي لاءِ درياء ۾ سڪل رستو ڪڍ ۽ پڪڙجڻ جو خوف نہ ڪريو ۽ نہ ٻُڏڻ کان ڊجو (٧٧) پوءِ فرعون پنهنجا لشڪر وٺي انهن جي پٺيان لڳو، پوءِ انهن کي درياء ڍڪي ورتو جنهن انهن کي ٻوڙي ڇڏيو (٧٨) ۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهہ ڪيو ۽ سڌي واٽ نہ ڏيکاريائين (٧٩) اي بني اسرائيل! اسان توهان کي توهان جي دُشمن کان بچايوسين ۽

توهان سان طور جبل جي ساڃي طرف جو واعدو ڪيوسين ۽ توهان تي مَن ۽ سَلويٰ لاٿوسين (٨٠) چيوسين تہ اسان توهان کي جيڪي پاڪ شيون روزي ۾ ڏنيون آهن سي کائو ۽ ان ۾ نافرماني نہ ڪريو ورنہ توهان تي منهنجو غضب ايندو ۽ جنهن تي منهنجو ڏمر لٿو تہ پوءِ اهو برباد ٿيو (٨١) ۽ مان ان کي بخشيندڙ بہ آهيان جنهن توبهہ ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائين ۽ پوءِ هدايت تي رهيو (٨٢) ۽ اي موسيٰ! توکي پنهنجي قوم کان اڳ اچڻ جي ڪنهن تڪڙ ڪرائي (٨٣) موسيٰ عرض ڪيو تہ اهي منهنجي نقش قدم تي آهن ۽ اي منهنجا رب! تنهنجي طرف جلدي هن ڪري حاضر ٿيس جيئن تون راضي ٿئين (٨٤) الله چيو تہ اسان تنهنجي پٺيان تنهنجي قوم کي آزمايو ۽ کين سامريءَ گمراهہ ڪيو آهي (٨٥) پوءِ موسيٰ افسوس ڪندي پنهنجي قوم ڏانهن سخت ڪاوڙ ۾ موٽيو چيائين تہ اي منهنجي قوم! توهان جي رب توهان سان ڀلائي جو واعدو نہ ڪيو هو ڇا. توهان تي مدت ڊگهي ٿي پئي هئي ڇا يا توهان پاڻ تي پنهنجي پالڻهار جو قهر نازل ٿيڻ گهريو جو توهان مون سان واعدي خلافي ڪئي (٨٦) چيائون تہ اسان پنهنجي وس کان توسان واعدي خلافي نہ ڪئي آهي پر اسان کي هن قوم جي زيورن جو ڪجهہ بار کڻايو ويو. پوءِ اسان انهن (زيورن) کي اڇلايو پوءِ اهڙيءَ طرح سامري باهہ ۾ وڌا (٨٧) پوءِ انهن لاءِ هڪ رنيندڙ گابي جو بوتو ناهي ڪڍيائين. پوءِ چيائين تہ هي توهان جو معبود آهي ۽ موسيٰ جو بہ معبود آهي ۽ موسيٰ وساري وينو آهي (٨٨) پر ڇا انهن نٿي ڏٺو تہ اهو گابو انهن کي ڪنهن ڳالهہ جو جواب نہ ٿو ڏئي ۽ نہ ئي انهن جي نفعي نقصان جو اختيار رکي ٿو (٨٩)[4] ۽ بيشڪ هارون انهن کي اڳيئي چيو هو تہ اي منهنجي قوم! توهان کي گابي سان پرکيو ويو آهي. ۽ بيشڪ توهان جو پالڻهار رحمان آهي. تنهنڪري منهنجي پيروي ڪريو ۽ منهنجو چيو مڃو (٩٠) چيائون تہ اسان ايستائين هن تي مجاور ٿي ويهنداسين جيستائين موسيٰ اسان وٽ موٽي اچي (٩١) موسيٰ اچي چيو تہ اي هارون! جڏهن هنن کي گمراهہ ٿيندي ڏٺئي تہ توکي ڪهڙي ڳالهہ منع ڪرڻ کان روڪيو (٩٢) منهنجي پٺيان چو نہ آئين. منهنجي حڪم جي نافرماني چو ڪيئي (٩٣) هارون چيو تہ اي منهنجا ماءُ جاوا! منهنجي

ڏاڙهي نہ پکڑ ۽ منهنجي مٿي جا وار نہ پَٽ. مون کي پؤ ٽيو تہ متان تون چوين تہ تو بني اسرائيل ۾ ڏڦيڙ وڌو ۽ منهنجي حڪم جو انتظار نہ ڪيئي (٩٤) موسيٰ چيو تہ اي سامري! تنهنجو ڇا معاملو آهي (٩٥) چيائين تہ مون اهو ڏٺو جنهن کي ٻين نہ ڏٺو. پوءِ قاصد ملائڪ جي پيرن جي نشان وٽان مٿي جي هڪ مُٺ ڀري ورتم. پوءِ ان کي گابي جي بوتي تي وڌم ۽ اهڙي طرح منهنجي نفس مون کي اهو ٺاهي ڏنو (٩٦) موسيٰ چيو تہ وڃ! توکي دُنيا جي زندگي ۾ هيءَ سزا آهي جو تون چوندو رهندين تہ مون کي هٿ نہ لايو ۽ بيشڪ تنهنجي لاءِ هڪڙو ٻيو انجام بہ آهي جيڪو توکان نہ ٽرندو ۽ پنهنجي ان معبود کي ڏِس جنهن جي آڏو تون مجاور ٿي وينو هئين. قسم آهي تہ اسان ان کي ضرور ساڙيندا سين پوءِ ان جي خاڪ کي درياء ۾ لوڙهيندا سين (٩٧) توهان جو معبود تہ اهو الله ئي آهي جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. هر شي ان جي علم ۾ سمايل آهي (٩٨) اي پيغمبر! اهڙي طرح اسان توکي گذريل واقعن جون خبرون ٻڌايون ٿا ۽ پاڻ وٽان توکي هڪ نصيحت (قرآن) ڏنيسين (٩٩) جيڪو ان کان مُنهن موڙيندو سو بيشڪ قيامت جي ڏينهن گناهن جو بار کڻندو (١٠٠) سدائين ان هيٺ رهندا ۽ قيامت جي ڏينهن اهو بار کڻڻ انهن جي لاءِ بيڃڙو آهي (١٠١) جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو ۽ اسان انهيءَ ڏينهن ڏوهارين کي شيريُن اکين وارو ڪري اٿارينداسين (١٠٢) پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا تہ دنيا ۾ رهڻ ڏهہ ڏينهن ٽڪيا آهيو (١٠٣) جيڪي چوندا سو اسان چڱي طرح ڄاڻندڙ آهيون. ان مهل انهن مان صحيح طريقي وارو چوندو تہ توهان هڪڙي ڏينهن کان سواءِ نہ رهيا آهيو (١٠٤)[5] ۽ اي پيغمبر! توکان جبلن بابت پڇن ٿا. کين چئو تہ منهنجو پالڻهار انهن کي ذرا ذرا ڪري اڏائيندو (١٠٥) پوءِ ان هنڌ کي صاف ميدان ڪري ڇڏيندو (١٠٦) جو ان ۾ ڪابہ هيٺاهين ۽ مٿاهين نہ ڏسندين (١٠٧) ان ڏينهن ماڻهو سڏيندڙ جي پٺيان هلندا جنهن کان ڪسڪي نہ سگهندا ۽ سڀ آواز الله ٻاجهاري لاءِ هيٺا ٿيندا پوءِ تون پٽڪ کان سواءِ ڪجهہ نہ ٻڌندين (١٠٨) انهيءَ ڏينهن جنهن کي الله اجازت ڏئي ۽ ان جي ڳالهائڻ تي راضي ٿئي ان کان سواءِ ڪنهن جي بہ شفاعت نفعو نہ ڏيندي (١٠٩) جيڪي انهن جي اڳيان آهي

۽ جيڪي انهن جي پنيان گذري چڪو آهي سو الله جاڻندڙ آهي پر انسان جو علم ان کي پروڙي نٿو سگهي (۱۱۰) ۽ سمورا منهن ان زنده قائم رهندڙ جي حضور جُهڪي ويندا ۽ بيشڪ جنهن ظلم جو بار کنيو اهو نامراد ٿيندو (۱۱۱) ۽ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ مومن به هوندو تہ اهو نہ ظلم کان ۽ نہ نقصان کان ڊجندو (۱۱۲) اهڙيءَ طرح اهو عربي قرآن لاٿوسين ۽ ان ۾ قِسمين قِسمين عذاب جا ڏڙڪا بيان ڪياسين تہ مَن اهي ڊجن يا اهو انهن لاءِ ڪا نصيحت پيدا ڪري (۱۱۳) پوءِ الله سچو بادشاهہ مٽانهون آهي ۽ قرآن جي پڙهڻ ۾ ان کان اڳ جو توڙانهن ان جو لهڻ پورو ٿئي تڪڙ نہ ڪر ۽ چئو تہ اي منهنجا پالڻهارا منهنجو علم وڌاءِ (۱۱٤) ائين ئي اسان آدم کي اڳ ۾ تاڪيد ڪيو هوسين پوءِ اهو وساريائين ۽ اسان ان ڪم لاءِ ان جي پڪي نيت نہ ڏنيسين (۱۱۵)[6] ۽ ياد ڪر، جڏهن ملائڪن کي چيوسين تہ آدم کي سجدو ڪريو تہ پوءِ ابليس کان سواءِ سيني سجدو ڪيو ابليس انڪار ڪيو (۱۱٦) پوءِ اسان آدم کي چيوسين تہ بيشڪ هي تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو دُشمن آهي پوءِ ايئن نہ ٿئي جو اهو توهان ٻنهي کي برغلائي بهشت مان ڪيرائي جو پوءِ ڏکيا ٿيو (۱۱۷) بيشڪ توهان لاءِ جنت ۾ هي آهي جو ان ۾ نہ توهان کي بک لڳندي ۽ نہ توهان اگهاڙا ٿيندو (۱۱۸) ۽ پڪ هن ۾ نہ توهان کي اڄ ۽ نہ اُس لڳندي (۱۱۹) پوءِ شيطان ان کي وسوسو وِڌو ۽ چيائين تہ اي آدمر! ڇا مان توکي سدائين زنده رهڻ جي وڻ جو ۽ اها بادشاهي جيڪا پراڻي نہ ٿئي انهن جو ڏَس ڏيان (۱۲۰) پوءِ انهن ٻنهي ان وڻ جو ميوو کاڌو پوءِ انهن تي سندن اوگهڙون ظاهر ٿي پيون ۽ پاڻ کي جنت جي وڻ جا پن ويڑهڻ لڳا ۽ آدم پنهنجي پالڻهار جو چيو نہ ورتو تنهنڪري گُهربل مقصد کان ٽڙي ويو (۱۲۱) وري سندس پالڻهار کيس چونديو ۽ پوءِ ان تي پنهنجي ٻاجهہ ڪيائين ۽ ان کي سڌي راهہ ڏيکاريائين (۱۲۲) الله چيو تہ توهان ٻئي گڏجي جنت مان لهي وڃو توهان مان هڪڙا ٻين جا دُشمن ٿيندا، پوءِ جڏهن توهان وٽ منهنجي هدايت جو پيغام اچي تڏهن جنهن منهنجي هدايت جي پيروي ڪئي تہ اهو گمراهہ نہ ٿيندو ۽ نہ ڏکيو ٿيندو (۱۲۳) ۽ جيڪو منهنجي ياد کان مُنهن ڦيرينڊو تہ پوءِ بيشڪ ان جي لاءِ حياتي اهنجي ٿيندي ۽ ان کي

قيامت جي ڏينهن انڌو ڪري اٿارينداسين (١٢٤) چوندو تہ اي منهنجا رب! تو مون کي انڌو ڪري چو اٿاريو آهي، مان تہ اکين وارو هيس (١٢٥) الله چوندو تہ ائين ئي تو وٽ اسان جون آيتون آيون هيون تہ تو انهن کي وساري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح اڄ اسان توکي وساريوسين (١٢٦) اهڙي طرح اسان ان کي سزا ڏينداسين جيڪو حد کان لنگهيو ۽ پنهنجي پالڻهار جي آيتن کي نہ مڃيائين، بيشڪ آخرت جو عذاب ڏاڍو سخت ۽ سدائين رهندڙ آهي (١٢٧) ڇا پوءِ انهن کي هن ڳالهہ کان هدايت نہ ٿي ملي جو اسان انهن کان اڳي ڪيترائي ڄُڃ تباهہ ڪياسين جن جي جاين ۾ اهي گهمندا آهن، بيشڪ ان ۾ عقل وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (١٢٨)[7] ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جي هڪ ڳالهہ اڳ ٿيل نہ هجي ها ۽ مُدت مقرر نہ هجي ها تہ ضرور انهن تي عذاب لازم ٿئي ها (١٢٩) پوءِ جيڪي ڪجهہ چوندا آهن ان تي صبر ڪر ۽ سج اپرڻ کان اڳي ۽ ان جي لهڻ کان اڳي پنهنجي رب کي ساراهيندي سندس پاڪائي بيان ڪر ۽ رات جي گهڙين ۾ ۽ ڏينهن جي وقتن ۾ بہ ان جي پاڪائي بيان ڪر تہ يقينن تون راضي ٿيندين (١٣٠) ۽ اي پيغمبر! پنهنجون اکيون ان شي ڏانهن کٽي نہ نهار جنهن سان انهن ڪافرن جي تولين کي دُنيا جي زندگي جي سينگار سان هن لاءِ آسودو ڪيوسين تہ ان سان کين پرکيون ۽ تنهنجي پالڻهار جو رزق سڀ کان ڀلو ۽ سدائين رهڻ وارو آهي (١٣١) ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز جو حڪم ڏي ۽ پاڻ ان تي ثابت رهہ، اسان توکان ڪا روزي نٿا گهرون، اسان پاڻ توکي روزي ڏيندا آهيون، ۽ پرهيزگارن جي لاءِ چڱي پڇاڙي آهي (١٣٢) ۽ ڪافر چون ٿا تہ هي پنهنجي رب وٽان اسان لاءِ ڪا نشاني چو نٿو آڻي، جيڪو اڳين صحيفن ۾ آهي سي نشانيون وٽن نہ آيون آهن ڇا (١٣٣) ۽ جيڪڏهن اسان انهن کي هن ڪتاب (قرآن) کان اڳ ڪنهن عذاب سان هلاڪ ڪريون ها تہ ضرور چون ها تہ اي اسان جا رب! اسان ڏانهن ڪو رسول چو نہ موڪليئي جو پنهنجي ذليل ٿيڻ ۽ خوار ٿيڻ کان اڳ تنهنجي آيتن جي تابعداري ڪريون ها (١٣٤) اي پيغمبر! چئو تہ سمورا انتظار ڪري رهيا آهن پوءِ توهان بہ انتظار ڪريو

سگھوئي توهان کي معلوم ٿيندو تہ سڌي واٽ وارا ڪير آهن ۽ هدايت تي ڪير آهن (۱۳۵)[8]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت انبياء مڪي آهي، هن ۾ 112 آيتون ۽ 7 رڪوع آهن

ماڻهن لاءِ سندن حساب جو وقت ويجهو آهي ۽ اهي غفلت ۾ رهي ان کان منهن موڙيندڙ آهن (۱) انهن جي پالڻهار وٽان کا نئين نصيحت ايندي آهي تہ ان کي دل سان نہ ٻُڌندا آهن مگر ٺٹول ڪندي راند ڪندا آهن (۲) انهن جون دليون غفلت ۾ آهن ۽ ظالم ڳالهائيون صلاحون ڪندا آهن تہ هي پيغمبر ٻيو ڪجهہ نہ مگر توهان جهڙو انسان آهي، پوءِ ڇو توهان ڏسي وائسي جادو کي ويجهو ويجو ٿا (۳) پيغمبر چيو تہ منهنجو رب آسمانن ۽ زمين جي هر ڳالهہ کي ڄاڻندڙ آهي ۽ اهو ئي ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٤) وري مشرڪن چيو تہ اهو قرآن اجايا خيال آهن، بلڪ ڪوڙ گهڙيو اٿس، بلڪ اهو شاعر آهي، پوءِ ڀلي اسان وٽ کا نشاني آڻي جيئن اڳين پيغمبرن کي موڪليو ويو هو (۵) انهن کان اڳ ۾ اسان جن کي هلاڪ ڪيو هو انهن ڳوٺن جي رهاڪن مان ڪنهن بہ ايمان نہ آندو هو، ڇا پوءِ اهي ايمان آڻيندا (٦) ۽ اي پيغمبر! اسان توکان اڳ ۾ رڳو مرد پيغمبر موڪليا هيا جن کي وحي ڪندا هئاسين، ڇئو تہ جيڪڏهن توهان نہ ڄاڻندا آهيو تہ ڪتاب وارن کان پڇا ڪريو (۷) ۽ اسان انهن پيغمبرن جو اهڙو جسم نہ ٻڌايو هو جو کاڌو نہ کائن، ۽ اهي دُنيا ۾ سدائين رهڻ وارا بہ نہ هيا (۸) پوءِ اسان انهن سان پنهنجو واعدو سچو ڪري ڏيکاريو پوءِ انهن کي ۽ جنهن لاءِ گهريوسين تنهن کي بچايوسين ۽ حد کان لنگهندڙن کي تباهہ ڪيوسين (۹) بيشڪ توهان ڏانهن هڪ ڪتاب لاٿوسين جنهن ۾ توهان لاءِ نصيحت آهي، پوءِ ڇو نٿا سمجهو (۱۰)[1] ۽ ڪيترائي ڳوٺ تباهہ ڪياسين جو اُهي ظالم هئا ۽ انهن کان پوءِ ٻيون قومون پيدا ڪيونسين (۱۱) پوءِ جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون تڏهن اُهي ان کان ڀڄڻ لڳا (۱۲) چيوسين تہ ڀجو نہ ۽ اوڏانهن موٽي اچو جن نعمتن ۾ توهان سکيا هيا ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽو تہ جيئن توهان کان پڇيو وڃي (۱۳) ڇوڙ

لڳا تہ اسان جي لاءِ تباهي آهي، بيشڪ اسان ظالم هئاسين (١٤) پوءِ اهي ايئن ڪو پڪاريندا رهيا، ايستائين جو انهن کي لابارو ٽيل ۽ سڙيل گاهہ وانگر ڪري ڇڏيوسين (١٥) ۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي سو بيڪار پيدا نہ ڪيو آهي (١٦) جيڪڏهن اسان کي وندر جو ارادو هجي ها ۽ اسان کي ائين ڪرڻو هجي ها تہ ضرور ان کي پاڻ وٽان ٻڌايون ها (١٧) بلڪ اسان سچ کي ڪوڙ تي هڻندا آهيون، پوءِ اهو سچ ان ڪوڙ جو مٿو پيچندو آهي جو تڏهن اهو ڪوڙ گم ٿي ويندو آهي، ۽ الله لاءِ جيڪي وصفون بيان ڪيو ٿا انهن سبب توهان جي لاءِ ويل آهي (١٨) ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو آهي ۽ جيڪي ان وٽ حاضر آهن سي سندس عبادت کان وڏائي نہ ڪندا آهن ۽ نہ ٽڪبا آهن (١٩) اهي رات جو ۽ ڏينهن جو سندس پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ سُست نہ ٿيندا آهن (٢٠) انهن زمين مان کي اهڙا معبود ورتا آهن جا جو اهي مرڻ کان پوءِ انهن کي وري پيدا ڪندا (٢١) جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ کي ٻيا معبود هجن ها تہ ضرور اهي ٻئي تباهہ ٿي وڃن ها، پوءِ ڪافر جيڪي ڳالهيون ڪندا آهن الله عرش جو مالڪ انهن ڳالهين کان پاڪ آهي (٢٢) الله جيڪي بہ ڪري ان کان ڪير بہ پڇا نہ ڪندو البت ٻين سمورن کان پڇا ٿيندي (٢٣) الله کان سواءِ ٻيا معبود ڇو ورتا اٿن، اي پيغمبر! کين چئو تہ توريت ۽ انجيل مان پنهنجو دليل پيش ڪريو هي قرآن منهنجي ساڻين جي نصيحت آهي ۽ مون کان اڳين جو تذڪرو آهي، بلڪ انهن مان گهڻا حق کي نہ ڄاڻندا آهن، ان ڪري اهي مُنهن موڙيندڙ آهن (٢٤) ۽ اي پيغمبر! توکان اڳ ۾ جيڪو بہ رسول موڪليوسين ان ڏانهن هي وحي ڪيوسين تہ مون کان سواءِ ڪوئي معبود نہ آهي سو منهنجي ئي عبادت ڪريو (٢٥) ۽ چون ٿا تہ الله (رحمان) پنهنجي لاءِ ملائڪ پٽ ورتو آهي، اهو پاڪ آهي، بلڪ ملائڪ الله جا عزت وارا ٻانها آهن (٢٦) ڳالهائڻ ۾ ان کان اڳرائي نہ ڪندا آهن ۽ سندس حڪم موجب ڪم ڪندا آهن (٢٧) جيڪي انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن جي پٺيان آهي سو الله ڄاڻندڙ آهي ۽ الله جنهن کان راضي ٿئي ان کان سواءِ ٻئي لاءِ سفارش نہ ڪندا آهن ۽ اهي ان جي خوف کان ڏڄندڙ آهن (٢٨) ۽ انهن مان جيڪو چوندو تہ مان الله کان سواءِ معبود

آهيان تہ اسان ان کي جهنم جي سزا ڏيندا سين. اسان ظالمن کي ايئن ئي سزا ڏيندا آهيون (٢٩)[2] ڇا ڪافرن هي خيال نہ ڪيو آهي تہ آسمان ۽ زمين بند ٿيل هئا پوءِ انهن کي جدا ڪيو سين ۽ هر ساهہ واري شي کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو سين. پوءِ اهي ايمان ڇو نٿا آڻين (٣٠) ۽ زمين ۾ اسان ڳرا وزن (جبل) رکيا جيئن ساهوارن کي کٽي ڏُڌڻ نہ لڳي ۽ ان ۾ ويڪرا رستا ٻڌايا سين تہ جيئن اهي واٽ لهن (٣١) ۽ آسمان کي محفوظ ڇت ٻڌايو سين پر اهي ماڻهو ان جي نشانين کان مُنهن موڙيندڙ آهن (٣٢) ۽ اهو الله ئي آهي جنهن رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ کي پيدا ڪيو آهي. هرهڪ پنهنجي مدار ۾ ڦري ٿو (٣٣) ۽ اي پيغمبر! اسان توکان اڳ ۾ ڪنهن بہ انسان کي دُنيا ۾ سدائين رهڻ وارو نہ ڪيو سين. پوءِ جيڪڏهن تون انتقال ڪرين تہ اهي سدائين رهندا ڇا (٣٤) هر ساهہ واري کي موت جو مزو چکڻو آهي. ۽ اسان توهان کي پرکڻ لاءِ برائي ۽ ڀلائي سان امتحان وٺندا آهيون. ۽ اسان ڏانهن ئي موٽايا ويندَوَ (٣٥) ۽ اي پيغمبر! جڏهن ڪافر توکي ڏسندا آهن تہ توسان رڳو ٺٺوليون ڪندا آهن. چوندا آهن تہ هي آهي اهو جيڪو توهان جي معبودن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو آهي؛ ۽ اهي پاڻ رحمان (الله) کي ياد ڪرڻ کان انڪار ڪندا آهن (٣٦) انسان کي اُڀهرو ٻڌايو ويو آهي. اي ڪافرو! توهان کي سگهو پنهنجون نشانيون ڏيکاريندا سين سو عذاب جي تڪڙ نہ ڪريو (٣٧) چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ اهو واعدو ڪڏهن ايندو (٣٨) ڪنهن طرح ڪافر ان وقت کي ڄاڻن ها جڏهن باهہ کي پنهنجي سامهون کان ۽ پنهنجي پٺين کان روڪي نہ سگهندا ۽ نہ انهن جي مدد ڪئي ويندي (٣٩) بلڪ اها گهڙي انهن تي اوچتو ايندي. پوءِ انهن کي واڙو ڪري ڇڏيندي. پوءِ اهي ان کي ٽاري نہ سگهندا ۽ نہ انهن کي مهلت ملندي (٤٠) ۽ اي پيغمبر! بيشڪ توکان اڳين رسولن سان بہ ٺٺوليون ڪيون ويون. پوءِ ٺٺوليون ڪندڙن تي اهو عذاب ڪڙڪيو جنهن بابت ٺٺوليون ڪندا هيا (٤١)[3] اي پيغمبر! کين چئو تہ رات جو ۽ ڏينهن جو ڀاجهاري الله (رحمان) جي عذاب کان توهان جي نگهباني ڪير ڪندو آهي. بلڪ اهي تہ پنهنجي رب جي ياد کان منهن موڙيندڙ آهن (٤٢) اسان کان سواءِ انهن جا ڪي ٻيا معبود آهن ڇا جيڪي انهن کي اسان کان بچائين. اهي نہ پنهنجي مدد ڪري سگهندا

آهن ۽ نہ اسان جي عذاب کان بچندا (٤٣) بلڪ اسان انهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي فائدو ڏنو آهي جو انهن جي ڄمار ڊگهي ٿي، پوءِ نٿا ڏسن ڇا تہ مسلمانن جي غالب ٿيڻ سان اسان زمين کي چئني طرفن کان هنن لاءِ تنگ ڪندا ٿا اچون، پوءِ اهي ڏاڍا ٿيندا ڇا (٤٤) اي پيغمبر! کين چئو تہ مان توهان کي فقط وحي موجب ڊيڄاريان ٿو ۽ جيڪي ٻوڑا آهن تن کي ڪيترو بہ خبردار ڪيو وڃي تہ بہ ٻڌڻ وارا نہ آهن (٤٥) ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جي عذاب جي انهن کي رڳو لهس پهچندي تہ ضرور چوندا تہ هاءِ افسوس، بيشڪ اسان ظالم هئاسين (٤٦) ۽ اسان قيامت جي ڏينهن عدل جي تارازي رکنداسين، پوءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ تي ذرو بہ بي انصافي نہ ٿيندي، ۽ جيڪڏهن ڪا شي (عمل) سَرِنهن (آهر) جي داڻي جي برابر هوندي تہ اسان اها بہ آڻيندا سين ۽ اسان حساب لاءِ ڪافي آهيون (٤٧) بيشڪ اسان موسيٰ ۽ هارون کي سچ ۽ ڪوڙ ۾ فيصلو ڪندڙ ڪتاب ۽ انهن پرهيزگارن لاءِ روشني ۽ نصيحت ڏنيسين (٤٨) جيڪي اڻ ڏٺي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ اهي قيامت جي ڏينهن کان بہ ڊڄندا آهن (٤٩) ۽ هي قرآن برڪت وارو ذڪر آهي جنهن کي اسان نازل ڪيوسين، پوءِ توهان ان جا منڪر ڇو آهيو (٥٠)[4] ۽ بيشڪ اسان ابراهيم کي اڳي ئي سندس چڱي هدايت ڏنيسين ۽ اسان ان کي ڄاڻندڙ هياسين (٥١) جڏهن ان پنهنجي پيءِ ۽ پنهنجي قوم کي چيو تہ هي ڪهڙيون مُورتيون آهن جن جي اڳيان توهان جُهڪيا وينا آهيو (٥٢) چيائون تہ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي انهن جي پوڄا ڪندي ڏٺو (٥٣) ابراهيم چيو تہ بيشڪ توهان ۽ توهان جا ابا ڏاڏا ڪليل گمراهي ۾ آهيو (٥٤) چيائون تہ ڇا تو اسان وٽ حق آندو آهي يا تون ايئن ئي کيڏ کيڏندڙن مان آهين (٥٥) ابراهيم چيو تہ آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار جنهن انهن کي پيدا ڪيو آهي سوئي توهان جو رب آهي ۽ مان ان ڳالهہ تي شاهدي ڏيندڙن مان آهيان (٥٦) ۽ الله جو قسم آهي تہ توهان جي پٺي ڏيڻ کان پوءِ مان توهان جي بُتن سان ضرور ڪا ڪار ڪندس (٥٧) پوءِ انهن مان وڏي بُت کان سواءِ سمورن کي ٽڪراٽڪرا ڪري ڇڏيائين تہ مَن موٽي اچي ان کان پُڇن (٥٨) چوڻ لڳا تہ اسان جي معبودن سان هيءَ حرڪت ڪنهن ڪئي آهي، بيشڪ اهو ظالمن مان آهي (٥٩) انهن مان ڪن چيو تہ اسان هڪ

نوجوان کي انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي ٻڌو هو ان کي ابراهيم سڏيندا آهن (٦٠) چيائون تہ پوءِ ان کي ماڻهن جي اڳيان آڻيو تہ جيئن اهي شاهدي ڏين (٦١) چيائون تہ اي ابراهيم! ڇا اسان جي معبودن سان هي حرڪت تو ڪئي آهي (٦٢) ابراهيم چيو تہ اها ڪار انهن جي هن وڏي ڪئي آهي، پوءِ جيڪڏهن ڳالهائيندا هجن تہ انهن کان پڇو (٦٣) پوءِ پنهنجي دل ۾ ڦڪا ٿي موٽيا ۽ چيائون تہ بيشڪ توهان پاڻ ئي ظالم آهيو (٦٤) پوءِ شرم ۾ پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائون ۽ چيائون تہ توکي تہ معلوم آهي تہ اهي ڳالهائي نٿا سگهن (٦٥) ابراهيم چيو تہ پوءِ الله کان سواءِ اهڙن جي پوڄا ڇو ٿا ڪيو جيڪي نہ توهان کي نفعو ڏئي سگهن ۽ نہ نقصان پهچائي سگهن (٦٦) توهان کي حيف هجي، ۽ الله کان سواءِ توهان جن بُتن کي پوڄيندا آهيو مان انهن کان بيزار آهيان، پوءِ توهان ڇو نٿا سمجهو (٦٧) چيائون تہ جيڪڏهن توهان کي ڪجهہ ڪرڻو آهي تہ ان کي ساڙيو ۽ پنهنجي معبودن جي مدد ڪريو (٦٨) اسان حڪم ڪيو تہ اي باهہ ابراهيم تي ٺڊي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ (٦٩) ۽ انهن ان (ابراهيم) کي ايذائڻ گهريو پر اسان انهن کي ناڪام ڪيو (٧٠) ۽ اسان ان کي ۽ لوط کي ان زمين ڏانهن بچائي آندو جنهن ۾ اسان جهان وارن لاءِ برڪت رکي هئي (٧١) ۽ اسان ان کي انعام طور اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪياسين ۽ اسان سيني کي پلارو ڪيوسين (٧٢) ۽ انهن کي امام ڪيوسين جو اسان جي حڪم سان سڌي واٽ ڏيکاريندا هيا ۽ اسان انهن ڏانهن ڇڱا ڪم ڪرڻ، نماز ادا ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ بابت وحي ڪيوسين ۽ اهي اسان جي عبادت ڪندڙ هئا (٧٣) ۽ لوط کي اسان حڪومت ۽ علم عطا ڪيوسين ۽ ڪيس اهڙي ڳوٺ وارن کان بچايوسين جيڪي گندا ڪم ڪندا هئا، بيشڪ اهي بُرا ۽ بي فرمان ماڻهو هئا (٧٤) ۽ ان کي اسان پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيوسين، بيشڪ اهو پلارن ۾ مان هو (٧٥)[5] ۽ اي پيغمبر! نوح جي قصي کي ياد ڪر، جڏهن انهن پيغمبرن کان اڳي هو ۽ اسان کي پُڪاريائين تہ اسان سندس دُعا قبول ڪئي، پوءِ ڪيس ۽ سندس گهر وارن کي وڏي مصيبت کان بچايوسين (٧٦) ۽ اسان ڪيس انهن ماڻهن تي مدد ڏنيسين جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو هو بيشڪ اهي بُرا ماڻهو هيا، تنهنڪري انهن سمورن کي ٻوڙيوسين (٧٧) ۽

دائود ۽ سليمان جي قصي کي ياد ڪر. جڏهن پوک بابت فيصلو ڪيائون جو ان ۾ رات جو ڪن ماڻهن جي ڍڳ ڇيل ڪئي هئي ۽ اسان انهن جا فيصلا ڪرڻ ڏسندا هئاسين (۷۸) اسان اهو معاملو سليمان کي سمجهايوسين ۽ ٻنهي کي حڪومت ۽ علم عطا ڪيوسين. ۽ دائود کي جبل ۽ پکي تابع ڪري ڏناسين جو ان سان گڏ تسبيح پڙهندا هئا ۽ اسان ئي ائين ڪرڻ وارا هياسين (۷۹) ۽ دائود کي توهان لاءِ زرهہ جي پوشاڪ ٺاهڻ هن لاءِ سيکاريوسين جو توهان کي لڙائي جي نقصان کان بچائي، پوءِ توهان شُڪر ڪندڙ آهيو (۸۰) ۽ سليمان جي لاءِ تيز هوا تابع ڪئيسين جو سندس حڪم سان ان زمين ڏانهن هلندي هئي جنهن ۾ اسان برڪت رکي هئي ۽ اسان هر شي کي ڄاڻندڙ آهيون (۸۱) ۽ ديون مان ڪي اهڙا تابع ڪري ڏناسين جيڪي ان لاءِ ٿُبي هٽندا هئا ۽ ان کان سواءِ ٻيا ڪم ٻہ ڪندا هئا ۽ اسان انهن جا نگهبان هئاسين (۸۲) ۽ ايوب جي قصي کي ياد ڪر. جڏهن پنهنجي پالڻهار کي پڪاريائين تہ مون کي تڪليف پهتي آهي ۽ تون سيني ٻاجهارن کان وڌيڪ ٻاجهارو آهين (۸۳) پوءِ ان جي دعا قبول ڪئيسين، پوءِ سندس اها تڪليف لاٿيسين ۽ سندس گهر وارا ۽ ان سان گڏ ايترائي ٻيا ٻہ پنهنجي ٻاجهہ سان ان کي ڏناسين ۽ عبادت ڪندڙن لاءِ نصيحت ڏنيسين (۸٤) ۽ اسماعيل ۽ ادريس ۽ ذوالڪفل کي ياد ڪر. اهي سڀ صبر ڪرڻ وارن مان هئا (۸۵) ۽ اسان انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيوسين. بيشڪ اهي پلارا ٻانها هيا (۸٦) ۽ مڇي واري ذوالنون جي قصي کي ياد ڪر. جڏهن پنهنجي قوم تي ڪاوڙجي ويو. پوءِ گمان ڪيائين تہ اسان ان تي ڪڏهن ٻہ تنگي نہ ڪنداسين. پوءِ اونداهين ۾ پڪاريائين تہ توکان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي تون پاڪ آهين بيشڪ مان گناهگارن مان آهيان (۸۷) پوءِ ان جي پڪار ٻُڌيسين ۽ ان کي غم کان چوٽڪارو ڏنوسين ۽ مومنن کي ايئن بچائيندا آهيون (۸۸) ۽ زڪريا جو قصو ياد ڪر. جڏهن پنهنجي پالڻهار کي پڪاريائين تہ اي منهنجا رب! مون کي اڪليو نہ ڇڏ ۽ تون سڀ کان ڀلو وارث آهين (۸۹) پوءِ اسان ان جي دعا قبول ڪئيسين ۽ ان کي يحيٰ عطا ڪيوسين ۽ ان جي لاءِ ان ٻي زال کي چگو ڪيو ڪيوسين. بيشڪ اهي چگن ڪمن ۾ تڪڙ ڪندا هئا ۽ اميد ۽ خوف وچان اسان کي پکاريندا

هئا ۽ اسان کان ڌِجندڙ هيا (۹۰) ۽ ان مائي جي قصي کي ياد ڪر، جنهن پنهنجي ڪنوارپ محفوظ رکي، پوءِ اسان ان ۾ پنهنجي روح مان ڦوڪيوسين ۽ ان کي ۽ ان جي پٽ کي سموري جهان جي لاءِ نشاني ڪيوسين (۹۱) انهن کي تعليم ڏني ته بيشڪ اها توهان جي جماعت هڪ ئي جماعت آهي ۽ مان توهان جو پالڻهار آهيان تنهنڪري منهنجي عبادت ڪريو (۹۲) ۽ پنهنجي دين جي ڪمن کي پاڻ ۾ اختلاف ڪري ٽڪرا ٽڪرا ڪيائون، سيني کي اسان جي طرف موٽڻو آهي (۹۳)[6] ۽ جيڪو به چڱا ڪم ڪَندو ۽ اهو مومن به هوندو ته پوءِ ان جي ڪوشش جي بيقدري نه ڪَيندي ۽ اسان ئي ان جا لکندڙ آهيون (۹٤) ۽ اسان جنهن ڳوٺ کي تباهه ڪيو تنهن لاءِ موتي اچڻ ممڪن ڪونهي، اهي دنيا ڏانهن وري نه موٽندا (۹۵) ايستائين جو جڏهن ياجوج ۽ ماجوج کي کولبو ۽ اهي هر لاهونديءَ تان ڊوڙندا ايندا (۹٦) سچي واعدي جو وقت ويجهو ايندو ته پوءِ ڪافرن جون اکيون کليل رهجي ويندیون جو چوندا ته هاءِ افسوس! بيشڪ اسان ان حال کان غفلت ۾ هياسين، بلڪ اسان ظالم هياسين (۹۷) بيشڪ توهان ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيو ٿا سمورا جهنم جو ٻارڻ آهيو، توهان کي ان ۾ وڃڻو آهي (۹۸) جيڪڏهن اهي بت معبود هجن ها ته ان جهنم ۾ نه پون ها ۽ اهي سڀ سدائين جهنم ۾ رهڻ وارا آهن (۹۹) اهي ان ۾ رڙيون ڪندا رهندا ۽ ان ۾ ڪجهه به نه ٻڌندا (۱۰۰) بيشڪ اهي جن لاءِ اڳيئي اسان وٽ ڀلائي لکيل آهي سي انهي جهنم کان پري رکيا ويندا (۱۰۱) اهي ان جي ٽڪ به نه ٻڌندا ۽ اهي هميشه پنهنجي دل پسند نعمتن ۾ رهندا (۱۰۲) انهن کي وڏي گهبراهٽ به ملول نه ڪندي ۽ انهن سان ملائڪ ملندا، چوندن ته هي اهو ڏينهن آهي جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو (۱۰۳) انهيءَ ڏينهن آسمان کي ڪاغذ جي ويڙهي وانگر ويڙهينداسين، جيئن ان کي اڳي پيدا ڪيو هوسين ان کي وري اهڙوئي ڪري ڇڏيندا سين، اهو انجام اسان تي لازم آهي جيڪو اسان کي پورو ڪرڻو آهي (۱۰٤) ۽ بيشڪ اسان توريت کان پوءِ زبور ۾ لکيو هو ته منهنجا نيڪ ٻانها هن زمين جا وارث ٿيندا (۱۰۵) بيشڪ هن قصي ۾ عبادت ڪندڙ ماڻهن لاءِ مطلب جي پرچار آهي (۱۰٦) اي پيغمبر! اسان توکي جهانن جي لاءِ رڳو رحمت ڪري موڪليو آهي (۱۰۷) اي پيغمبر!

چئو تہ مون کي فقط اهو وحي ٿيو آهي تہ توهان جو معبود اڪيلو معبود آهي، پوءِ ڇا توهان حڪم تسليم ڪيو ٿا (١٠٨) پوءِ جيڪڏهن اهي مُنهن ڦيرين تہ چئو تہ مون توهان سڀني کي هڪجهڙي ڳالهہ ٻڌائي ۽ مان نٿو ڄاڻان تہ توهان سان ڪيل واعدي جو انجام ويجهو آهي يا پري آهي (١٠٩) بيشڪ الله ظاهر ڪيل ڳالهہ بہ ڄاڻندڙ آهي ۽ جيڪي توهان لڪايو ٿا سو بہ ڄاڻندو آهي (١١٠) ۽ مان نٿو ڄاڻان تہ شايد اها دير توهان جي پرک هجي يا ڪجهہ وقت تائين نفعو هجي (١١١) پيغمبر دعا گهري تہ اي منهنجا پالڻهار! حق جو فيصلو ڪر، ۽ اسان جو پالڻهار ٻاجهارو آهي ۽ توهان ڪافر جيڪي ڳالهيون ڪندا آهيو تن خلاف ان کان ئي مدد گهري ويندي آهي (١١٢)[7]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت حج مدني آهي، هن ۾ 78 آيتون ۽ 10 رڪوع آهن

اي انسانو! پنهنجي پالڻهار کان ڊجو، ڇوتہ قيامت وارو زلزلو وڏي سخت شي آهي (١) جنهن ڏينهن توهان ان کي ڏسندو تہ هر ٻچ پيارينڙ جنهن کي کير پيارينڙي هوندي تنهن کي وساري ويهندي ۽ هر پيٽ واري عورت پنهنجو ٻار ڪيرائي وجهندي ۽ ماڻهن کي بيهوش ڏسندين جڏهن تہ اهي بيهوش نہ هوندا، پر الله جو عذاب سخت آهي (٢) ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو بغير علم جي الله جي باري ۾ تڪرار ڪندو آهي ۽ هر سرڪش شيطان جي پٺيان لڳي پوندو آهي (٣) ان شيطان لاءِ لکجي ويو آهي تہ جيڪو ان سان دوستي ڪندو تہ اهو ان کي ضرور گمراهہ ڪندو ۽ ان کي دوزخ جي عذاب ڏانهن وٺي ويندو (٤) اي انسانو! جيڪڏهن توهان قيامت جي ڏينهن وري جيئرو ٿيڻ کان شڪ ۾ آهيو تہ هي غور ڪريو تہ اسان توهان کي متيءَ مان ٻڌايو پوءِ نطفي مان، پوءِ رت جي ڍڳ مان، پوءِ گوشت جي ٻُوٽي مان پورو ٻڌيل ۽ اڌوگابرو ٻڌيل جيئن اسان توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريون، اسان جنهن کي گهرندا آهيون هڪ مقرر وقت تائين مائرن جي پيٽ ۾ رهائيندا آهيون، پوءِ توهان کي ٻار ڪري ڪڍندا آهيون جيئن پوءِ توهان پنهنجي جواني کي پهچو ۽ توهان مان

ڪو اڳي مري ويندو آهي ۽ ڪو جهور عمر تائين پهچايو ويندو آهي ته جيئن سمجهه کان پوءِ ڪجهه نه ڄاڻي. ۽ زمين کي غيرآباد ڏسو ٿا پوءِ جڏهن اسان ان تي پاڻي وسائيندا آهيون ته اها ترو تازه ٿي ويندي آهي ۽ ايري ايندي آهي ۽ سڀ ڪنهن جنس مان وٽندڙ سلا ڄمائيندي آهي (٥) اهو بيان هن لاءِ آهي ته الله جو هجڻ حق آهي ۽ اهو مُئل کي جيارينڊو آهي ۽ هر شي تي وس وارو آهي (٦) بيشڪ قيامت اچڻي آهي جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي ۽ بيشڪ الله قبرن ۾ پيلن کي اٿارينڊو (٧) ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو الله جي باري ۾ بنا علم ۽ بنا هدايت جي ۽ بنا ڪنهن پڌري ڪتاب جي تڪرار ڪندو آهي (٨) حق کان پنهنجو گردن موڙيندڙ ٿي جيئن ماڻهن کي الله جي واٽ کان گمراهه ڪري. ان جي لاءِ دُنيا ۾ خواري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ان کي باهه جي سزا چکائينداسين (٩) ڇئبس ته هي انهن ڪمن جي سزا آهي جيڪي تنهنجي هٿن اڳتي موڪليا آهن ۽ بيشڪ الله بانهن تي ظلم نه ڪندو آهي (١٠)[1] ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو الله جي عبادت دل لڳائي نه ڪندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ان کي ڪو نفعو پهچندو آهي ته ان سان مطمئن ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ڏک پهچندو اٽس ته پنهنجو منهن ڦيري دُنيا ۽ آخرت وڃائيندو آهي. اهوئي پڌرو نقصان آهي (١١) الله کان سواءِ اهڙي کي سڏيندو آهي جيڪو نه ته ان کي ڪو نقصان پهچائي سگهندو آهي ۽ نه نفعو ڏئي سگهندو آهي. اهائي وڏي گمراهي آهي (١٢) اهڙي جي پوجا ڪندو آهي جنهن جو نقصان سندس نفعي کان وڌيڪ ويجهو آهي. بيشڪ اهو بيڻرو دوست ۽ بيڻرو ساٿي آهي (١٣) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا الله انهن کي اهڙن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن. بيشڪ الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي (١٤) جيڪو هي گمان ڪندو آهي ته الله دنيا ۽ آخرت ۾ سندس مدد نه ڪندو ته پوءِ ان کي گُهرجي ته رسو ٻڌي آسمان ڏانهن چڙهي. پوءِ ان کي ڇني ڏسي ته ان جي ان حيلي ان ڳالهه کي ختم ڪيو جنهن ان کي ڪاوڙايو ٿي (١٥) ۽ اهڙي طرح اسان هن قرآن کي ڇٽيون آيتون ڪري نازل ڪيوسين ۽ الله جنهن کي چاهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي (١٦) جن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ۽ ستارن جا پوجاري (صابئي) ۽ عيسائي

(نصارا) ۽ باهه جا پوڄاري (مجوسي) آهن ۽ جن شرڪ ڪيو آهي بيشڪ الله قيامت جي ڏينهن انهن سمورن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو بيشڪ الله هر شي تي شاهد آهي (۱۷) اي انسانو! ڇا توهان نه ڏٺو آهي ته جيڪي به آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا ۽ جبل ۽ وڻ ۽ چوپايا ۽ انسانن مان اڪثر الله کي سجدو ڪندا آهن، ۽ گهڻا اهي آهن جن تي عذاب مقرر ٿي چُڪو آهي، ۽ جنهن کي الله ذليل ڪري ته ان کي ڪوبه عزت ڏيڻ وارو ڪونهي، بيشڪ الله جيڪي چاهي سو ڪندو آهي (۱۸) اهي ٻه ٽولا پاڻ ۾ دشمن آهن جيڪي پنهنجي رب جي باري ۾ جهڳڙو ڪندا آهن، پوءِ جن ڪفر ڪيو انهن جي لاءِ باهه مان ڪپڑا ٺاهيا ويندا ۽ انهن جي مٿن تي ٽهڪندڙ پاڻي هاريو ويندو (۱۹) جنهن سان جيڪي انهن جي پيٽن ۾ هوندو ۽ سندن ڪلون ٻه ڳري ويندیون (۲۰) ۽ انهن لاءِ لوهه جا گرز آهن (۲۱) جڏهن گُهٽ جي ڪري ان مان نڪرڻ گهرندا ته وري ان ۾ موٽايا ويندا ۽ چيو ويندن ته باهه جو عذاب چکو (۲۲)[2] بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون الله انهن کي اهڙن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هينان نهرون جاري آهن، ان ۾ انهن کي سون جا ڪنگڻ ۽ موتين جا هار پارايا ويندا ۽ اتي انهن جي پوشاڪ پَٽ جي هوندي (۲۳) جو دنيا ۾ انهن کي چڱي ڳالهه ڏانهن هدايت ملي هئي ۽ الله ساراهيل جي واٽ ڏانهن دڳ لاتا ويا هيا (۲٤) بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ ماڻهن کي الله جي راهه کان ۽ تعظيم واري مسجد (مسجدالحرام) کان روڪيندا آهن جنهن کي اسان سمورن ماڻهن، رهاڪن ۽ باهرين لاءِ هڪجهڙو بڻايو آهي، ۽ جيڪو ان ۾ ظلم ۽ زيادتي جو ارادو ڪندو ته اسان ان کي ڏکوئيندڙ عذاب چکائينداسين (۲۵)[3] ۽ ياد ڪر، جڏهن ابراهيم لاءِ هن گهر (بيت الله) جو هنڌ مقرر ڪيوسين ۽ حڪم ڏنو ته مون سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪر ۽ منهنجي گهر کي طواف ڪرڻ وارن ۽ قيام ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ۽ سجدي ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڪ رک (۲٦) ۽ ماڻهن ۾ حج جو عام اعلان ڪر ته اهي تو وٽ ايندا، پري پري کان پيادا ۽ هر سواري تي ايندا ۽ پنڌ کان ٽڪل هوندا (۲۷) جيئن پنهنجي فائدي جي هنڌ تي پهچن ۽ ڏورن مان جيڪا انهن کي روزي ڏني وئي آهي تن جي قرباني ڪري ڇاڏايل ڏينهن ۾ الله جو نالو وٺن، پوءِ انهن مان پاڻ به کائن ۽ مسڪينن محتاجن کي

بہ کارائين (۲۸) پوءِ پنھنجي جسم جي مَر لاھين ۽ پنھنجون باسون پوريون ڪن ۽ قديم گھر (ڪعبي) جو طواف ڪن (۲۹) اھو حڪم آھي، جيڪو الله جي عزت ڏنل شين جي تعظيم ڪندو تہ اھو ان لاءِ سندس پالڻھار وٽ ڀلو آھي ۽ جن شين لاءِ حرام ھجڻ جو توھان کي پڙھي ٻڌايو ويو آھي انھن کان سواءِ ٻيا ڏور توھان لاءِ حلال ڪيا ويا آھن، پوءِ بُتن جي گندگي کان پري رھو ۽ ڪوڙي ڳالھ کان بہ پاسو ڪريو (۳۰) الله جا ٿي ڪري الڳ رھو جو ڪنھن کي بہ ان جو شريڪ نہ ٺاھيو ۽ جيڪو الله سان شريڪ مقرر ڪندو اھو ائين آھي جڙ ڪو آسمان کان ڪِريو جو ان کي پکي جھٽي ويجن ٿا يا ھوا ان کي اڏائي ڪنھن پرانھين جاءِ تي ڦٽي ڪري ڇڏي (۳۱) اھو حڪم آھي، ۽ جيڪو الله جي عبادت جي نشانين جي تعظيم ڪندو تہ پوءِ بيشڪ اھا ڳالھ دلين جي پرھيزگاري مان آھي (۳۲) توھان لاءِ انھن جانورن ۾ ھڪ مقر وقت تائين فائدا آھن، پوءِ انھن کي الله جي گھر ڪعبي تائين پھچائي قربان ڪرڻ آھي (۳۳)[4] ۽ ھر اُمت لاءِ اسان قرباني مقرر ڪئيسين تہ چوپاين جانورن مان الله جيڪا روزي ڏني اٿن ان تي ڪھڻ وقت الله جو نالو وٺن، پوءِ توھان جو معبود اڪيلو معبود (الله) آھي، پوءِ ان جي اڻيان ئي ڪنڌ جھڪايو ۽ اي محبوب! انھن عاجزي ڪندڙن کي خوشخبري ٻُڌاءِ (۳٤) جڏھن الله جو ذڪر ڪبو آھي تہ انھن جون دليون ڊڄڻ لڳنديون آھن ۽ جيڪا تڪليف پھچي ان تي صبر ڪندڙ آھن ۽ نماز قائم ڪندڙ آھن ۽ اسان جي ڏني مان خرچ ڪندا آھن (۳۵) ۽ اسان توھان لاءِ قرباني جا جانور الله جون نشانيون ڪيونسين ان ۾ توھان جي ڀلائي آھي، پوءِ قرباني مھل قطار ٻڌائي انھن تي الله جو نالو وٺو پوءِ جڏھن پاسي پر ڪري پون تہ انھن جي گوشت مان کائو ۽ گھُري وٺندڙ کي ۽ سوال نہ ڪندڙ کي بہ کارايو اھڙي طرح اسان انھن جانورن کي توھان جي وس ۾ ڪيوسين تہ جيئن توھان شڪر ڪيو (۳٦) الله وٽ انھن جو گوشت ۽ انھن جو رت ھرگز نہ پھچندو آھي پر توھان جي پرھيزگاري ان وٽ پھچندي آھي، اھڙي طرح انھن جانورن کي توھان جي تابع ڪيائين تہ الله جي وڏائي بيان ڪريو جو توھان کي ھدايت ڪيائين، ۽ اي محبوب! نيڪي ڪرڻ وارن کي خوشخبري ٻڌاءِ (۳۷) بيشڪ جن ايمان آندو آھي الله تن کان دشمن ٽاري ٿو ڇوتہ الله خيانت ڪندڙن ۽ بي

شڪرن کي دوست نہ رکندو آهي (٣٨)[5] جن تي ظلم زيادتي ٿي رهي آهي انهن کي لڙائي جي ان ڪري اجازت ڏجي ٿي جو انهن سان ظلم ٿيو ۽ بيشڪ الله انهن مومنن جي مدد ڪرڻ تي قادر آهي (٣٩) اهي جن کي پنهنجن شهرن مان ناحق رڳو هن ڪري ڪڍيو ويو جو انهن چيو تہ اسان جو پالڻهار الله آهي، ۽ جيڪڏهن الله هڪڙن ماڻهن کي ٻين سان نہ ٽاري ها تہ خانقاهون ۽ مڙهيون ۽ گرجائون ۽ مسجدون جن ۾ الله جو نالو گهڻو ورتو وڃي تہ ضرور ڊاڻيون وڃن ها. ۽ الله انهن جي ضرور مدد ڪندو جيڪي ان جي دين جي مدد ڪندا آهن. بيشڪ الله زبردست طاقت وارو آهي (٤٠) اهي ماڻهو اهڙا آهن جو جيڪڏهن انهن کي زمين ۾ طاقت ڏيون تہ نماز قائم ڪندا ۽ زڪوات ڏيندا ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا ۽ برائي کان روڪيندا. ۽ سمورن ڪمن جي پڇاڙي الله جي لاءِ آهي (٤١) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن اهي توکي ڪوڙو چون ٿا تہ بيشڪ انهن کان اڳين نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم وارن بہ پيغمبرن کي ڪوڙو سمجهيو هو (٤٢) ۽ ابراهيم جي قوم ۽ لوط جي قوم بہ (٤٣) ۽ مدين وارن بہ پيغمبرن کي ڪوڙو سمجهيو هو ۽ موسيٰ کي بہ ڪوڙو ڄيو ويو هو. پوءِ اسان ڪافرن کي ڍر ڏني آخر انهن کي پڪڙيوسين. پوءِ اسان جو عذاب ڪيئن هو (٤٤) ۽ ڪيترائي ڳوٺ آهن جن کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو جو اُهي ظالم هُئا. پوءِ اهي پنهنجي ڇتين سميت ڊٺل آهن ۽ ڪيترائي کوهہ ڦٽل آهن ۽ ڪيترين ئي مضبوط ماڙيون ويران پيون آهن (٤٥) پوءِ اهي زمين ۾ گهميا ڦريا نہ آهن ڇا جو عبرت وٺن. ڪين اهڙيون دليون هجن جن سان سمجهن يا اهڙا ڪن هجن جن سان ٻُڌن. پوءِ بيشڪ انهن جون اکيون انڌيون نہ آهن بلڪ جيڪي سينن ۾ دليون اٿن اهي انڌيون آهن (٤٦) ۽ اي پيغمبر! توکان عذاب تڪڙو گهرندا آهن پر الله پنهنجو واعدو هرگز نہ ڦيرائيندو. بيشڪ تنهنجي پالڻهار وٽ هڪ ڏينهن توهان جي ڳڻپ جي هزار سال برابر آهي (٤٧) ۽ ڪيترائي ڳوٺ آهن جيڪي ظالم هيا ۽ انهن کي ڍر ڏني وئي پوءِ انهن کي پڪڙ ڪئيسين ۽ سڀني کي اسان جي طرف موٽڻو آهي (٤٨)[6] اي پيغمبر! چئو تہ اي انسانو! مان توهان جي لاءِ رڳو چٽو ڊيڄاريندڙ آهيان (٤٩) پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تن لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي (٥٠) ۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ عاجز ڪرڻ جي ارادي سان

ڪوشش ڪندا آهن اهي جهنمي آهن (٥١) ۽ اي پيغمبر! اسان توکان اڳ ۾ جيڪو به نبي يا رسول موڪليو تہ جڏهن اهو پڙهڻ جي آرزو ڪندو هيو تہ شيطان ان جي پڙهڻ ۾ گڙٻڙ ڪندو هو. پوءِ شيطان جيڪا به گڙٻڙ ڪئي تي الله ان کي مِٽائيندو هو. پوءِ الله پنهنجن آيتن کي مضبوط (محڪم) ڪري ڇڏيو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٥٢) شيطان جيڪا گڙٻڙ ڪري ٿو اها انهن ماڻهن لاءِ آزمائش آهي جن جي دلين ۾ بيماري آهي ۽ جن جون دليون سخت آهن. ۽ بيشڪ ظالم وڏي ڦيٽي ۾ آهن (٥٣) ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي اهي ڄاڻي وڻن تہ اهو تنهنجي پالڻهار وٽان حق آهي، پوءِ ان تي ايمان آڻين ۽ انهن جون دليون ان جي لاءِ جُهڪي وڃن. ۽ بيشڪ جن ايمان آندو الله انهن کي سڌي وات ڏيکاريندڙ آهي (٥٤) ۽ ڪافر ان قرآن کان هميشهہ شڪ ۾ رهندا ايستائين جو انهن تي اوچتو قيامت اچي ويندي يا انهن تي نياڻي ڏينهن جو عذاب اچي پهچندو (٥٥) ان ڏينهن الله جي ئي بادشاهي هوندي. انهن سيني جي وچ ۾ فيصلو ڪندو. پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا اُهي نعمتن وارن باغن (بهشت) ۾ هوندا (٥٦) ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو انهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب هوندو (٥٧)[7] ۽ اهي جن الله جي وات ۾ پنهنجو گهر بار ڇڏيو پوءِ قتل ٿي ويا يا مري ويا تہ الله انهن کي آخرت ۾ ضرور چڱي روزي ڏيندو ۽ بيشڪ الله ڀلو روزي ڏيندڙ آهي (٥٨) انهن کي ضرور اهڙي جاءِ ۾ داخل ڪندو جنهن کي اهي پسند ڪندا. بيشڪ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي (٥٩) اهو حڪم آهي تہ جيڪو بدلو وٺي تہ اوتروئي جيترو ڪيس ايذايو ويو هجي. وري به ان تي زيادتي ڪئي وڃي تہ الله ان جي ضرور مدد ڪندو. بيشڪ الله معاف ڪندڙ بخشڻهار آهي (٦٠) اها مدد هن لاءِ آهي تہ الله رات کي ڏينهن جي حصي ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات جي حصي ۾ آڻي ٿو ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٦١) اهو هن لاءِ تہ الله ئي حق آهي ۽ ان کان سواءِ جن کي سڏين ٿا اهي باطل آهن ۽ الله ئي مٿانهون وڏو آهي (٦٢) ڇا توهان نہ ڏٺو آهي تہ الله آسمان مان مينهن جو پاڻي وسائي ٿو. پوءِ ان سان زمين ساوڪ واري ٿيندي آهي. بيشڪ الله مهرباني ڪندڙ خبر رکندڙ آهي (٦٣) جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو انهيءَ جو آهي. بيشڪ الله ئي بي پرواهہ

ساراهيل آهي (٦٤)[8] اي پيغمبر! چا تو نہ ڏٺو آهي تہ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله توهان جي تابع ڪيو آهي، ۽ ٻيڙا درياء (سمنڊ) ۾ ان جي حڪم سان ترندا آهن ۽ ان ئي آسمان کي زمين تي ڪرڻ کان روڪيو آهي پر جيڪڏهن ڪيرائيس تہ سندس اختيار آهي، بيشڪ الله ماڻهن تي نرمي ڪندڙ مهربان آهي (٦٥) ۽ اهو ئي آهي جنهن توهان کي زندگي ڏني پوءِ توهان کي ماري ٿو، وري توهان کي جياريندو، بيشڪ انسان ناشڪر آهي (٦٦) اي پيغمبر! هر امت لاءِ اسان عبادت جا طريقا مقرر ڪري ڇڏيا آهن جن تي اهي عمل ڪن ٿا، پوءِ توسان ان معاملي ۾ هرگز جهڳڙو نہ ڪن ۽ تون ماڻهن کي پنهنجي پالڻهار ڏانهن سڏيندو رهہ، بيشڪ تون ئي سڌي واٽ تي آهين (٦٧) ۽ جيڪڏهن اهي توسان جهڳڙو ڪن تہ کين چئو تہ توهان جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي الله خوب ڄاڻندڙ آهي (٦٨) جن ڳالهين ۾ توهان اختلاف ڪندا آهيو الله قيامت جي ڏينهن توهان ۾ فيصلو ڪندو (٦٩) اي پيغمبر! چا توکي معلوم نہ آهي تہ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله ڄاڻندو آهي، بيشڪ اهو سڀ ڪجهہ ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ لکيل آهي، بيشڪ اهو الله تي آسان آهي (٧٠) ۽ ڪافر الله کان سواءِ اهڙن جي پوڄا ڪندا آهن جنهن جي لاءِ ان ڪوبہ دليل نہ لاٿو آهي ۽ اهڙن کي سڏيندا آهن جنهن جي کين ڪا ڄاڻ نہ آهي، ۽ ظالمن جو ڪوبہ مددگار نہ آهي (٧١) ۽ جڏهن انهن کي اسان جون چٽيون آيتون پڙهي ٻڌائيبيون آهن تہ انهن ڪافرن جي منهن تي سونڌ پوڻ جا نشان ڏسندو آهين، جيڪي انهن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائيندا آهن تن تي حملو ڪرڻ لاءِ ويجها ٿيندا آهن، اي پيغمبر! کين چئو تہ چا مان توهان کي ان کان وڌيڪ بيڇڙي ڳالهہ جي سُڌ ڏيان، اها باهہ آهي، جنهن جو الله ڪافرن سان واعدو ڪيو آهي، ۽ اها موٽڻ جي بيڇڙي جاءِ آهي (٧٢)[9] اي انسانو! هڪ مثال بيان ڪيو وڃي ٿو پوءِ ان کي ڪن لائي ٻُڌو، بيشڪ اهي جن جي الله کان سواءِ توهان پوڄا ڪندا آهيو هڪ مڪ بہ پيدا ڪري نہ سگهندا آهن توڙي سڀ ان لاءِ گڏ ٿي وڃن، ۽ جيڪڏهن مڪ انهن کان ڪا شي کسي تہ ان کان ڇڏائي نہ سگهندا، ڪُهڙ وارا ۽ جنهن کان گهرن ٿا (پوڄاري ۽ بُت) ڪيترو تہ ڪمزو آهن (٧٣) الله جو قدر ان جي قدر مطابق نہ ڪيائون، بيشڪ الله زبردست سگهارو آهي (٧٤) الله ملائڪن ۽ انسانن

مان پيغام پهچائيندڙ چونڊيندو آهي، بيشڪ الله ٻُڌندڙ ڏسندڙ آهي (۷۵) جيڪي انهن جي اڳيان اڇٽو آهي ۽ جيڪي انهن جي پٺيان ٿي گذريو آهي سڀ الله ڏاڍندڙ آهي ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن موٽايا ويندا (۷۶) اي ايمان وارو! رڪوع ڪريو ۽ سجدو ڪيو ۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪريو ۽ چڱا ڪم ڪيو تہ جيئن توهان جو ڇوٽڪارو ٿئي (۷۷) ۽ الله جي واٽ ۾ ائين جهاد ڪيو جيئن جهاد ڪرڻ جو حق آهي، انهيءَ توهان کي پسند ڪيو آهي ۽ توهان تي دين ۾ ڪابہ تنگي نہ ڪيائين، اهو توهان جي پيءُ ابراهيم جو دين آهي، الله اڳين ڪتابن ۾ ۽ هن قرآن ۾ توهان جو نالو مسلمان رکيو آهي تہ جيئن رسول (محمد ﷺ) توهان تي شاهد هجي ۽ توهان ٻين ماڻهن تي شاهد هجو، پوءِ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله جي سهاري کي مضبوطيءَ سان جهليو، اهو توهان جو مالڪ آهي، پوءِ اهو ڀلو مالڪ ۽ سنو مددگار آهي (۷۸)[10]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت مومنون مڪي آهي، هن ۾ 118 آيتون ۽ 6 رڪوع آهن

بيشڪ ايمان وارا مُراد کي پهچندا (۱) جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ڪندڙ آهن (۲) ۽ جيڪي بيهودي ڳالهہ کان منهن موڙيندڙ آهن (۳) ۽ جيڪي زڪوات ادا ڪندڙ آهن (٤) ۽ جيڪي پنهنجي اوگهڙن جي زنا کان حفاظت ڪندا آهن (۵) رڳو پنهنجين زالن يا شرعي ٻانهين سان ميلاپ ڪندا آهن، سو اهي ملامت کيل نہ آهن (٦) پوءِ جيڪي انهن ٻن (زالن ۽ ٻانهين) کان سواءِ ٻي صورت گهرندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن (۷) ۽ جيڪي پنهنجي امانتن جي ۽ پنهنجي واعدي جي نگهباني ڪندڙ آهن (۸) ۽ جيڪي پنهنجن نمازن جي حفاظت ڪندا آهن (۹) اِهي ئي اُهي وارث آهن (۱۰) جيڪي فردوس (جنت) جا وارث ٿيندا، اهي ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (۱۱) ۽ بيشڪ اسان انسان کي مٽيءَ جي جوهر مان ٻڌايوسين (۱۲) پوءِ ان کي نطفو ڪري هڪ مقرر جاءِ ۾ رکيوسين (۱۳) پوءِ ان نطفي کي رت جو دڳ ٻڌايوسين، پوءِ ان رت جي دڳ کي گوشت جي ٻوٽي ٻڌايوسين، پوءِ ان ٻوٽي کي هڏا ٻڌايوسين، پوءِ

انهن هڏين تي گوشت چڙهايوسين ۽ پوءِ ان کي ٻي صورت ٻڌايوسين. سو الله وڏي برڪت وارو سڀني کان وڌيڪ سهڻو خلقيندڙ آهي (١٤) وري ان کان پوءِ توهان ضرور مرندو (١٥) پوءِ توهان سمورا قيامت جي ڏينهن اٿاريا ويندو (١٦) بيشڪ اسان توهان جي مٿان ست آسمان ٻڌاياسين ۽ اسان ٻڌائڻ کان بي خبر نہ آهيون (١٧) ۽ اسان آسمان مان ضرورت موجب پاڻي وسايسين. پوءِ ان کي زمين ۾ رهايوسين. ۽ بيشڪ اسان ان جي ورائي نيڻ تي بہ قادر آهيون (١٨) پوءِ اسان ان سان توهان لاءِ کجين ۽ انگورن جا باغ جمايايون ٿا. توهان جي لاءِ انهن ۾ گهڻا ميوا پيدا ٿيندا آهن ۽ انهن منجهان اوهان کائيندا آهيو (١٩) ۽ اهو زيتون جو وڻ پيدا ڪيوسين جيڪو طورسينا مان نڪرندو آهي جو ان مان تيل نڪري ٿو ۽ کائڻ وارن لاءِ ٻوڙ تيار ٿئي ٿو (٢٠) ۽ بيشڪ توهان لاءِ ڏورن ۾ بہ عبرت آهي. جيڪو سندن پيٽ (اوهان) ۾ آهي ان منجهان اسان توهان کي کير پيارينداً آهيون ۽ توهان لاءِ انهن ۾ ٻيا بہ گهڻا فائدا آهن ۽ انهن مان توهان کن جو گوشت بہ کائيندا آهيو (٢١) ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي اوهان سواري ڪيو ٿا (٢٢)[1] ۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسين. پوءِ چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان کان سواءِ توهان جو ڪوبہ معبود نہ آهي. پوءِ چو نٿا ڈجو (٢٣) پوءِ ان جي قوم جي جن سردارن ڪفر ڪيو هو تن چيو تہ هي رڳو توهان جهڙو ماڻهو آهي. توهان جي مٿان پنهنجي مٿيرائپ ڏيکارڻ گهري ٿو ۽ الله گهري ها تہ ملائڪ کي موڪلي ها. اسان تہ پنهنجن اڳين ابن ڏاڏن کان اها ڳالهہ نہ ٻڌي (٢٤) اهو تہ رڳو چريو مڙس آهي. تنهنڪري هڪ وقت تائين ان لاءِ انتظار ڪريو (٢٥) نوح دعا گهري تہ اي منهنجا پالڻهار! منهنجي مدد ڪر جو انهن مون کي ڪوڙو سمجهيو آهي (٢٦) پوءِ ان کي وحي موڪليوسين تہ اسان جي نظر هيٺ ۽ اسان جي وحي موجب ٻيڙو ٺاهہ. پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ۽ تنور ايامي تڏهن سڀ ڪنهن جنس مان بہ بہ جوڙا سوار ڪر ۽ پنهنجي گهر وارن مان جن لاءِ عذاب جو فيصلو ٿي چڪو آهي. انهن کان سواءِ ٻين پاتين کي ان ۾ سوار ڪر ۽ ظالمن جي معاملي ۾ اسان سان نہ ڳالهائجانءِ اهي ضرور ٻوڙيا ويندا (٢٧) پوءِ جڏهن تون ۽ تنهنجا ساٿي ٻيڙي ۾ چڱي طرح سان ويهي رهو تہ پوءِ چئو تہ سڀ ساراهہ ان الله کي جڳائي جنهن اسان کي انهن ظالم

ماڻهن کان بچايو (۲۸) ۽ چئو تہ اي منهنجا پالڻهارا مون کي برڪت واري جاءِ تي لاهہ ۽ تون سڀ کان بهتر منزل تي پهچائيندڙ آهين (۲۹) ۽ بيشڪ هن قصي ۾ نشانيون آهن ۽ بيشڪ اسان پرکڻ وارا هئاسين (۳۰) وري انهن کان پوءِ اسان ٻيو جُڳ پيدا ڪيو (۳۱) پوءِ اسان انهن ۾ انهن منجهان ئي هڪڙو رسول موڪليوسين تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان سواءِ توهان جو ڪوبہ معبود نہ آهي، پوءِ ڇو نٿا ڈجو (۳۲)[2] ۽ ان قوم مان جن سردارن ڪفر ڪيو ۽ جن آخرت جي حاضري کي ڪوڙو سمجهيو هو ۽ اسان کين دُنيا جي زندگي ۾ آسودو ڪيو هو تن چيو تہ هي تہ بس توهان جهڙو انسان آهي جيڪي توهان کائيندا آهيو اهوئي کائيندو آهي ۽ جيڪي پيئندا آهيو هي بہ اهوئي پيئندو آهي (۳۳) ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ جهڙي ماڻهوءَ جي فرمانبرداري ڪندو تہ ضرور گهاٽي ۾ ٽيندو (۳۴) ڇا توهان کي هي واعدو ڏئي ٿو تہ جڏهن توهان مري ويندو ۽ متي ۽ هڏا ٿي ويندو تہ ان کان پوءِ وري جيئرا ڪيڏيا ويندو (۳۵) جنهن جو توهان کي واعدو ڏنو ويجي ٿو اهو پري آهي بلڪل پري آهي (۳۶) اسان جي رڳو هن دنيا جي زندگي آهي مرون ٿا ۽ جيئون ٿا ۽ وري جيئرو ٿي اٿڻو نہ آهي (۳۷) اهو رڳو هڪ ماڻهو آهي جنهن الله تي ڪوڙ گهڙيو آهي ۽ اسان ان کي مڃڻ وارا نہ آهيون (۳۸) پيغمبر دعا گهري تہ اي منهنجا پالڻهارا! منهنجي مدد ڪر جو انهن مون کي ڪوڙو سمجهيو آهي (۳۹) الله چيو تہ ٿوري وقت کان پوءِ اهي ضرور پشيمان ٿيندا (۴۰) پوءِ انهن کي حق جي هڪل اچي پکڙيو، پوءِ اسان انهن کي لتاڙيل گاهہ ڪري ڇڏيوسين، سو ظالم ماڻهن تي لعنت هجي (۴۱) وري انهن کان پوءِ اسان ٻيا جُڳ پيدا ڪياسين (۴۲) ڪابہ قوم پنهنجي وقت کان نہ اڳتي وڌي سگهي ٿي نہ ئي پٺتي رهي سگهي ٿي (۴۳) پوءِ هڪ ٻئي پٺيان پنهنجن رسولن کي موڪليوسين، جڏهن بہ ڪنهن ٽولي وٽ سندن رسول آيو تہ ان کي ڪوڙو چيائون، پوءِ اسان انهن ماڻهن کي هڪٻئي پٺيان ناس ڪندا رهياسين ۽ انهن کي ٻين لاءِ آکاڻيون ڪيوسين، سو جيڪي ايمان نٿا آڻين انهن تي هلاڪت هجي (۴۴) پوءِ اسان موسيٰ ۽ ان جي ياءُ هارون کي پنهنجي نشانين ۽ پڌري دليل سان موڪليوسين (۴۵) فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن، پر انهن وڏائي ڪئي جو اهي هٺيلا ماڻهو هئا (۴۶) پوءِ چيائون تہ

چا اسان پاڻ جهڙن ۾ ماڻهن تي ايمان آڻيون ۽ انهن جي قوم تہ اسان جي ٻانهپ ڪندڙ آهي (٤٧) پوءِ انهن ٻنهي کي ڪوڙو چيائون تہ اهي پاڻ هلاڪ ٿي ويا (٤٨) ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو تہ جيئن اهي هدايت وٺن (٤٩) ۽ اسان مريم ۽ ان جي پُٽ کي نشاني ڪيوسين ۽ انهن کي سنئين ۽ وهندڙ چشمن واري مٿانهين زمين تي رهايوسين (٥٠)[3] چيوسين تہ اي پيغمبرو! سُنين شين مان کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو توهان جيڪو ڪريو ٿا بيشڪ مان ان کي ڄاڻندڙ آهيان (٥١) ۽ بيشڪ توهان جو هي دين هڪڙو ئي دين آهي ۽ مان توهان جو پالڻهار آهيان تنهنڪري مون کان ڊجو (٥٢) پوءِ انهن قومن پنهنجي ڪم کي پاڻ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هر ٽولي وٽ جيڪي آهي اها ان تي خوش آهي (٥٣) اي پيغمبر! پوءِ تون انهن کي هڪڙي وقت تائين سندن جهالت ۾ ڇڏي ڏي (٥٤) انهن کي جيڪي مال ۽ پُٽ ڏيندا رهون ٿا انهن کي چا ٿا سمجهن (٥٥) تہ انهن کي ڀلايون ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪريون ٿا، ائين ناهي، بلڪ اهي نٿا سمجهن (٥٦) بيشڪ اهي جيڪي پنهنجي پالڻهار جي خوف کان ڊڄندڙ آهن (٥٧) ۽ اهي جيڪي پنهنجي رب جي آيتن تي ايمان رکن ٿا (٥٨) ۽ اهي جيڪي پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪندا آهن (٥٩) ۽ اهي جيڪو ڏيندا آهن سو سندس واٽ ۾ دل سان ڏيندا آهن ۽ انهن جون دليون ڪنبندڙ آهن تہ انهن کي پنهنجي رب ڏانهن موٽڻو آهي (٦٠) اُهي ماڻهو چڱاين ۾ جلدي ڪندا آهن ۽ اهي ان لاءِ اڳرائي ڪندڙ آهن (٦١) اسان ڪنهن بہ ساهہ تي ان جي طاقت کان سواءِ وزن نہ رکندا آهيون ۽ اسان وٽ هڪڙو ڪتاب آهي جيڪو حق ٻڌائي ٿو ۽ انهن تي ظلم نہ ٿيندو (٦٢) بلڪ انهن ڪافرن جون دليون انهن ڳالهين کان غفلت ۾ آهن ۽ ان کان سواءِ انهن جا ٻيا بہ ڪرتوت آهن جيڪي اهي ڪندا آهن (٦٣) نيٺ جڏهن اسان انهن جي آسودن کي عذاب ۾ پڪڙينداسين تڏهن اهي دانهون ڪندا رهندا (٦٤) چيو ويندن تہ اڄ دانهون نہ ڪريو اسان جي طرفان توهان جي مدد نہ ٿيندي (٦٥) بيشڪ توهان کي منهنجون آيتون پڙهي ٻڌائيبيون هيون تڏهن توهان پنهنجين ڪڑين ۾ پوئين پيرين موٽندا هيَوَ (٦٦) ان قرآن کان وڏائي ڪندڙ ٿي اتي بيهوديون ڳالهيون ڪندا هيَوَ (٦٧) چا انهن قرآن کي نہ سمجهيو آهي يا انهن وٽ اهڙي شي آئي آهي

جيڪا انهن جي اڳين ابن ڏاڏن وٽ نہ آئي هئي (٦٨) يا انهن پنهنجي رسول کي نہ سڃاتو آهي جو ان جا منکر ٿيا آهن (٦٩) يا چوندا آهن تہ ان کي جنون آهي. نہ. بلڪ اهو تہ انهن وٽ حق وٺي آيو آهي ۽ انهن مان گهڻا حق کان انڪار ڪندڙ آهن (٧٠) ۽ جيڪڏهن الله انهن جي خواهشن تي هلي ها تہ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهي ضرور تباهہ ٿي ويڃن ها. بلڪ اسان تہ انهن لاءِ انهن جي نصيحت واري ڳالهہ کين ڏني آهي. پر اهي پنهنجي نصيحت (قرآن) کان منهن موڙيندڙ آهن (٧١) تون انهن کان ڪا مزدوري گهرين ٿو چا. تہ پوءِ تنهنجي پالڻهار جي اجرت تہ سڀ کان ڀلي آهي ۽ اهو ئي ڀلو رزق ڏيندڙ آهي (٧٢) ۽ بيشڪ تون انهن کي سڌي واٽ ڏانهن سڏيندو آهين (٧٣) ۽ بيشڪ جيڪي آخرت کي نٿا مڃين اهي سڌي واٽ کان گمراهہ ٿي ويا (٧٤) ۽ جيڪڏهن اسان انهن تي رحم ڪريون ۽ انهن کي پهتل مصيبت ٽاري ڇڏيون تہ بہ سدائين پنهنجي گمراهي ۾ ڀٽڪندا رهندا (٧٥) ۽ بيشڪ اسان انهن کي عذاب سان پڪڙيوسين پوءِ بہ پنهنجي پالڻهار جي حضور ۾ نہ جُهڪيا ۽ نہ ئي عاجزي ڪيائون (٧٦) آخرڪار جڏهن اسان انهن تي سخت عذاب جو دروازو کوليون تہ اهي ان ۾ نااميد ٿي پريشان ٿي ويندا (٧٧)[4] ۽ اهو الله ئي آهي جنهن توهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ٻڌايا پر توهان تمام ٿورو شڪر ڪندڙ آهيو (٧٨) ۽ اهو الله ئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ انهيءَ ڏانهن توهان کي گڏ اٺڻو آهي (٧٩) ۽ اهو الله ئي آهي جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ رات ۽ ڏينهن جي گهٽ وڌائي ڪري انهيءَ جو ڪم آهي. پوءِ توهان نٿا سمجهو چا (٨٠) بلڪ اهي ائين چوندا آهن جيئن اڳين ڪافرن چيو هو (٨١) چون ٿا تہ جڏهن اسان مرنداسين ۽ متي ۽ هڏا ٿي ويندا سين تہ وري جيئرا ٿي اٿاريا ويندا سين چا (٨٢) بيشڪ اسان کي ۽ ان کان اڳ ۾ اسان جي ابن ڏاڏن کي بہ اهو واعدو ڏنو ويو آهي. اهي رڳو اڳين ماڻهن جا قصا آهن (٨٣) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا تہ زمين ۽ جيڪي ان ۾ آهي سو ڪنهن جو آهي (٨٤) سگهو چوندا تہ الله جو آهي. کين چئو تہ پوءِ نصيحت ڇو نٿا وٺو (٨٥) اي پيغمبر! کين چئو تہ ستن آسمانن جو رب ۽ وڏي عرش جو مالڪ ڪير آهي (٨٦) هڪدم چوندا تہ الله. کين چئو تہ پوءِ ڇو نٿا ڊجو (٨٧)

کين چئو تہ جيڪڏهن توهان ڇاڪو ڻا تہ ٻڌايو تہ هر شي جو اختيار ڪنهن جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو سيني کي پناهہ ڏيندڙ آهي ۽ ان جي عذاب کان ڪوبہ پناهہ ڏيئي نہ ٿو سگهي (٨٨) هڪدم چوندا تہ اهو الله جو شان آهي، پوءِ کين چئو تہ ڪهڙي جادو جي نگي ۾ پيا آهيو (٨٩) بلڪ اسان انهن وٽ حق آندو آهي ۽ اهي ڪوڙا آهن (٩٠) الله نہ ڪا اولاد اختيار ڪئي آهي ۽ نہ ان سان گڏ ڪو ٻيو معبود آهي، ايئن هجي ها تہ هر معبود پنهنجي مخلوق ونڊي وڃي ها ۽ هڪٻئي تي چڙهت ڪن ها، ڪافر جيڪي ڳالهيون ڪندا آهن تنهن کان الله پاڪ آهي (٩١) الله هر ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي، جنهن کي ان سان شريڪ ٺاهن تنهن کان اهو مٿانهون آهي (٩٢)[5] اي پيغمبر! چئو تہ اي منهنجا پالڻهار! جيڪو انهن سان انجام ڪرين ٿو سو جيڪر مون کي ڏيکارين (٩٣) اي منهنجا رب! مون کي ظالم ماڻهن سان گڏ نہ ڪجانءِ (٩٤) اي پيغمبر! بيشڪ اسان توکي انهن سان ڪيل واعدو ڏيکارڻ تي وس وارا آهيون (٩٥) اي پيغمبر! بُرائي کي بهتر طريقي سان ٽار ڪافر جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا سي اسان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون (٩٦) ۽ اي پيغمبر! چئو تہ اي منهنجا رب! مان شيطان جي وسوسن کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو (٩٧) ۽ اي منهنجا رب! انهن وسوسن جو پاڻ وٽ ويجهو ٿيڻ کان بہ تنهنجي پناهہ گهران ٿو (٩٨) نيٺ جڏهن انهن مان ڪنهن کي موت ايندو تہ اهو چوندو تہ اي منهنجا رب! مون کي دنيا ۾ واپس موڪل (٩٩) تہ جيڪي اتي ڇڏي آيس ان ۾ چگا عمل ڪريان، خبردار! ائين نہ ٿيندو، بيشڪ اها ڳالهہ آهي جنهن جي چوڻ جا اهي عادي آهن، ۽ انهن جي اڳيان قبر ۾ اُن ڏينهن تائين جنهن ۾ اٺاريا ويندا هڪ پردو رهندو (١٠٠) پوءِ جڏهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو تہ ان ڏينهن انهن جي وچ۾ نہ مائٽيون رهنديون ۽ نہ هڪ ٻئي کان حال پُڇندا (١٠١) پوءِ جنهن جي عملن جو پلڙو ڳرو ٿيو اهي ئي مراد کي پُهتا (١٠٢) ۽ جن جي عملن جا پلڙا هلڪا ٿيا تہ اهي ئي آهن جن پنهنجو نقصان ڪيو ۽ سدائين جهنم ۾ رهندا (١٠٣) انهن جي مُنهن کي باهہ ساڙيندي ۽ اهي ان ۾ شڪل بگڙيل هوندا (١٠٤) چيو ويندن تہ ڇا توهان کي منهنجون آيتون نہ پڙهي ٻڌائيبيون هيون، پوءِ توهان انهن کي ڪوڙو چوندا هيوَ (١٠٥) چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان تي اسان جي بدبختي غالب

آئي ۽ اسان گمراهه ماڻهو هئاسين (١٠٦) چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان کي هتان ٻاهر ڪڍ، پوءِ جي اسان وري ايئن ڪريون تہ بيشڪ ظالم هونداسين (١٠٧) الله چوندو تہ انهيءَ ۾ خوار پيا رهو ۽ مون سان نہ ڳالهايو (١٠٨) بيشڪ منهنجي ٻانهن جي هڪ جماعت هئي جيڪا چوندي هئي تہ اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو تون اسان کي بخش ۽ اسان تي رحم ڪر ۽ تون ئي ڀلو رحم ڪندڙ آهين (١٠٩) پر توهان انهن کي ٺٺولي جو نشانو بڻايو هو ايستائين جو انهيءَ ٺٺولي توهان کان منهنجي يادگيري ۽ سارائي ڇڏي ۽ توهان انهن تي کلندا هئا (١١٠) بيشڪ اڄ اسان انهن کي سندن صبر جو بدلو هي ڏنو آهي جو اهي ڪامياب آهن (١١١) الله چوندو تہ توهان زمين ۾ ڪيترو عرصو رهيا هيَوَ (١١٢) چوندا تہ اسان هڪڙو ڏينهن يا ڏينهن جو ڪو حصو رهياسين، پوءِ ڳڻيندڙن کان پڇا ڪر (١١٣) الله چوندو تہ جيڪڏهن توهان ڄاڻو ها تہ ٿوري دير کان سواءِ نہ رهيا هيَوَ (١١٤) اي انسانو! ڇا توهان اهو سمجهو ٿا تہ اسان توهان کي اجايو پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان ڏانهن موٽڻو ڪونهي (١١٥) پوءِ الله سچو بادشاهه مٿانهون آهي، ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي، اهو عزت واري عرش جو مالڪ آهي (١١٦) جيڪو الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي معبود ڪري سڏيندو جنهن جو ان وٽ ڪو دليل نہ آهي تہ ان جو حساب ان جي رب وٽ آهي، بيشڪ ڪافرن جو چوٽڪارو نہ آهي (١١٧) اي پيغمبر! چئو تہ اي منهنجا رب بخش ۽ رحم ڪر ۽ تون ئي سڀني کان ڀلو رحم ڪرڻ وارو آهين (١١٨)[6]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت نور مدني آهي، هن ۾ 64 آيتون ۽ 9 رڪوع آهن

هيءَ هڪ سورت آهي جيڪا نازل ڪئيسين ۽ ان جي احڪامن کي فرض ڪيوسين ۽ ان ۾ چٽيون آيتون نازل ڪيونسين تہ جيئن توهان نصيحت وٺو (١) زاني عورت ۽ زاني مرد ٻنهي مان هرهڪ کي سَوَ دُرا هڻو ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو تہ توهان کي الله جي دين جي معاملي ۾ انهن تي نرمي نہ ڪرڻ جڳائي، ۽ انهن جي سزا

جي وقت مومنن جي هڪ جماعت کي حاضر هجڻ گهرجي (٢) زاني مرد زاني عورت يا مُشرڪ عورت کان سواءِ ٻي سان شادي نه ڪندو ۽ زاني عورت، ان کي زنا ڪندڙ مرد يا مشرڪ مرد کان سواءِ ٻيو نڪاح نه ڪندو ۽ مومنن تي اهو بدڪاري وارو ڪم حرام ڪيو ويو آهي (٣) ۽ جيڪي پرهيزگار عورتن تي تهمت مڙهين ۽ پوءِ اهي چار شاهد نه آڻين تہ انهن کي اسي دُرا هڻو ۽ ڪڏهن ب انهن جي شاهدي قبول نه ڪيو ۽ اهي ئي فاسق آهن (٤) مگر جن ان کان پوءِ توبهہ ڪئي ۽ پاڻ سڌارين تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (٥) ۽ جيڪي پنهنجي زالن تي تهمت لڳائين ۽ انهن وٽ پنهنجي بيان کان سواءِ شاهد نه هجن تہ پوءِ اهڙي شخص جي شاهدي جو طريقو هي آهي جو چار ڀيرا شاهدي لاءِ چوي تہ الله جو قسم آهي تہ اهو سچ چوندڙن مان آهي (٦) ۽ پنجون ڀيرو هي چوي تہ جيڪڏهن اهو ڪوڙو هجي تہ ان تي الله جي لعنت هجي (٧) ۽ زال کان ب الزام جي سزا سنڊس هي شاهدي ٽاريندي جو اها الله جو نالو ونڊي چار ڀيرا چوي تہ مڙس ڪوڙو آهي (٨) ۽ پنجو ڀيرو هي چوي تہ جيڪڏهن مڙس سچو هجي تہ ان عورت تي الله جو قهر هجي (٩) ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي ڀاجهہ نہ هجي ها تہ عذاب ٽئيوَ ها ۽ بيشڪ الله توبهہ قبول ڪندڙ حڪمت وارو آهي (١٠)[1] بيشڪ جن هي وڏو بهتان گهڙيو سي توهان منجهان ئي هڪڙي ٽولي آهي، اوهان ان واقعي کي پنهنجي لاءِ خراب نہ سمجهو، بلڪ ان ۾ توهان جي لاءِ چڱائي آهي، انهن مان هر شخص لاءِ اهو گناهہ آهي جيترو ان حصو ورتو ۽ انهن مان جنهن بهتان ۾ سڀني کان وڏو حصو ورتو ان جي لاءِ وڏو عذاب آهي (١١) ۽ جڏهن توهان اُهو ٻُڌو هو تہ مومنن ۽ مومنياڻين پنهنجن دلين ۾ چڱو گمان چو نہ ڪيو ۽ چون ها تہ هي پڌرو بهتان آهي (١٢) ان تي چار شاهد چو نہ آندائون، پوءِ جڏهن شاهد نہ آندائون تہ الله وٽ اهي ئي ڪوڙا آهن (١٣) ۽ جيڪڏهن توهان تي دُنيا ۽ آخرت ۾ الله جو فضل ۽ ان جي ڀاجهہ نہ هجي ها تہ ضرور توهان کي انهيءَ حرڪت جي ڪري جيڪا توهان ڪئي هئي وڏو عذاب پهچي ها (١٤) جڏهن توهان اهڙي ڳالهہ هڪ ٻئي کان ٻُڌي ٻاڦيندا رهيوَ ۽ پنهنجي وات سان اها ڳالهہ چوندا رهيوَ جنهن جي توهان کي ڪا خبر نہ هئي ۽ توهان

ان کي معمولي ٿي سمجهيو جڏهن تہ اها الله وٽ وڏي گناهہ واري ڳالهہ آهي (١٥) ۽ جڏهن توهان اهو ٻُڌو هو تہ چو نہ چيو تہ اسان کي اهڙي ڳالهہ ڪرڻ نٿي جڳائي. اي الله تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا. هي وڏو بهتان آهي (١٦) الله توهان کي نصيحت ڪري ٿو تہ جيڪڏهن مومن آهيو تہ وري اهڙو ڪم نہ ڪجو (١٧) ۽ الله توهان جي لاءِ آيتون کولي بيان ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٨) جيڪي ماڻهو مومنن جي نسبت ۾ بُري ڳالهہ جو چرچو پکڙجڻ کي پسند ڪن ٿا انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت جو ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ توهان نٿا ڄاڻو (١٩) ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي ٻاجهہ نہ هجي ها تہ ضرور خراب ٿيو ها ۽ بيشڪ الله نرمي ڪندڙ مهربان آهي (٢٠)[2] اي ايمان وارو! شيطان جي وِڪن تي نہ هلو ۽ جيڪو شيطان جي چوڻ تي هلندو تہ اهو تہ بي حيائي ۽ بري ڳالهہ ڏسيندو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ ان جي ٻاجهہ نہ هجي ها تہ توهان مان ڪوبہ ڪڏهن بہ نہ سڌري ها. پر الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي پاڪ ڪندو آهي ۽ الله ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢١) ۽ توهان مان جيڪي مرتبي وارا ۽ آسودا آهن سي اهو قسم نہ کڻن تہ فلاڻن مائٽن ۽ مسڪينن ۽ الله جي راهہ ۾ هجرت ڪرڻ وارن کي ڪجهہ بہ نہ ڏيندا. انهن کي گهرجي تہ معاف ڪن ۽ درگذر ڪن. ڇا توهان نٿا گهرو تہ الله توهان جي بخشش ڪري. ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٢) بيشڪ جيڪي ماڻهو پاڪدامن اڻ ڄاڻ ايمان وارين عورتن تي بهتان مڙهيندا آهن انهن تي دُنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي (٢٣) جيڪي ڪندا آهن ان ڏينهن انهن تي سندن زبانون ۽ سندن هٿ ۽ سندن پير شاهدي ڏيندا (٢٤) ان ڏينهن الله انهن کي پوري طرح سزا ڏيندو ۽ ڄاڻندا تہ بيشڪ الله ئي سچو کولي ٻڌائيندڙ آهي (٢٥) گنديون عورتون گندن مردن لاءِ ۽ بچڙا مرد بچڙين عورتن لاءِ ۽ نيڪ زالون نيڪ مردن لاءِ ۽ نيڪ مرد نيڪ عورتن لاءِ آهن انهن لاءِ ماڻهو جيڪي چوندا آهن انهن ڳالهين کان اهي پاڪ آهن. انهن لاءِ بخشش ۽ عزت جي روزي آهي (٢٦)[3] اي ايمان وارو! پنهنجن گهرن کان سواءِ ٻين گهرن ۾ جيستائين اجازت نہ وٺو ۽ انهن ۾ رهندڙن تي سلام نہ ڪريو ايستائين اندر نہ وڃو. اهو

توهان جي لاءِ بهتر آهي ته جيئن توهان نصيحت وٺو (۲۷) پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ ڪنهن کي نه ڏسو ته انهن ۾ ايستائين داخل نه ٿيو جيستائين توهان کي اجازت نه ملي ۽ جيڪڏهن توهان کي چيو وڃي ته موٽي وڃو ته پوءِ موٽي وڃو. اهو توهان لاءِ سٺو آهي ۽ اوهان جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي (۲۸) پر اهڙن گهرن ۾ بنا اجازت جي داخل ٿيڻ ۾ توهان تي ڪو گناهه نه آهي جتي ڪو موجود نه هجي ۽ اتي توهان جو سامان رکيل هجي ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهيو ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي (۲۹) اي پيغمبر! مومن مردن کي حڪم ڏي ته پنهنجون نگاهون غيرعورتن کان جهڪائي رکن ۽ پنهنجي اوگهڙن جي حفاظت ڪن. اهو انهن لاءِ گهڻو سٺو آهي. جيڪي ڪندا آهن تنهن جي بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي (۳۰) ۽ مومنياڻين کي حڪم ڏي ته پنهنجون نظرون ڌارين مردن آڏو هيٺ رکن ۽ پنهنجي پاڪدامني جي حفاظت ڪن ۽ بدن جي لازمي ظاهر ٿيڻ واري حصي کان سواءِ پنهنجي زينت ظاهر نه ڪن ۽ جڳائي ته پنهنجي چوڌاري چادر ويڙهي رکن ۽ پنهنجي زينت کي پنهنجن مڙسن يا پنهنجن ابن يا مڙسن جي ابن (سهرن) يا پنهنجن پُٽن يا پنهنجي مڙس جي پُٽن (اڳ جاون) يا پنهنجي ڀائرن يا پنهنجي ڀائٽين يا پنهنجي ڀاڻيجن يا پنهنجي دين جي عورتن يا پنهنجي ٻانهين جيڪي سندن ملڪيت هجن يا نوڪر جيڪي شهوت وارا مرد نه هجن يا اهي ٻار جن کي عورتن جي شرمگاهن جهڙين شين جي خبر نه آهي کان سواءِ ٻين تي ظاهر نه ڪن ۽ زمين تي پنهنجا پير زور سان نه رکن جو انهن جو لڪل زيور معلوم ٿي وڃي. ۽ اي ايمان وارو! توهان سڀ الله جي طرف توبهه ڪريو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو (۳۱) ۽ پنهنجي قوم جي ڪنوارين ۽ بيوهه زالن جي ۽ پنهنجن نيڪ ٻانهن ۽ ٻانهين جي شادي ڪرايو جيڪڏهن اهي مسڪين هوندا ته الله انهن کي پنهنجي فضل سان آسودو ڪندو. ۽ الله ڪشادگي وارو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (۳۲) ۽ جيڪي غربت ڪري شادي نٿا ڪري سگهن اهي پاڻ کي بچائي رکن جيستائين الله انهن کي پنهنجي فضل سان آسودو ڪري. ۽ توهان جي ٻانهن (غلامن) مان جيڪي ڪجهه مال ڪمائي ڏيڻ جي شرط تي پنهنجي آزادي لکرائڻ گهرن ته

جيڪڏهن انهن ۾ ڪا چڱائي سمجهو تہ انهن کي انجام لکي ڏيو ۽ الله توهان کي جيڪو مال ڏنو آهي تنهن مان انهن جي مدد ڪريو ۽ توهان جون ٻانهيون جيڪڏهن پاڪدامن رهڻ گهرن تہ انهن کي دنيا جي حياتي جي ڪمائي لاءِ بدڪاري تي مجبور نہ ڪريو ۽ جيڪو کين بدڪاري تي مجبور ڪندو تہ الله انهن ٻانهين کي مجبور هجڻ ڪري بخشڻهار مهربان آهي (٣٣) ۽ بيشڪ اسان توهان ڏانهن چٽيون نشانيون (حڪم) موڪليون آهن ۽ جيڪي توهان کان اڳي گذري ويا تن جا مثال بيان ڪيا ۽ پرهيزگارن جي واسطي نصيحت نازل ڪئي آهي (٣٤)[4] الله آسمانن ۽ زمين جو نور آهي، ان جي نور جو مثال انهي جاري وانگر آهي جنهن ۾ ڏيئو رکيل هجي، اهو ڏيئو هڪ فانوس ۾ هجي، ۽ اهو فانوس جڙ چمڪندڙ هڪ ستارو آهي جيڪو برڪت واري وڻ زيتون جي تيل مان ٻارجي جيڪو نہ اوير جو نہ اولهہ جو آهي، توڙي جو ان کي باهہ نہ ڇُهي تہ بہ ٻري روشني ڪري، نور تي نور آهي، الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي پنهنجي نور سان سڌي راهہ ڏيکاريندو آهي ۽ الله ماڻهن جي لاءِ مثال بيان ڪندو آهي، ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (٣٥) ان نور جو هنڌ انهن گهرن ۾ آهي جن لاءِ الله حڪم ڪيو آهي تہ انهن جي تعظيم ڪجي ۽ انهن ۾ سندس نالو ياد ڪيو وڃي، ۽ انهن ۾ صبح ۽ شام ماڻهو الله جي پاڪائي بيان ڪن ٿا (٣٦) اهي ماڻهو جن کي ڪو واپار ۽ ڪا خريدوفروخت الله جي ياد کان غافل نٿا ڪن ۽ نماز ادا ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا ۽ ان ڏينهن کان ڊجن ٿا جنهن ڏينهن دليون ۽ اکيون قِري ويندیون (٣٧) الله انهن کي سندن چڱن عملن جو بدلو ڏيندو ۽ پنهنجي فضل سان انهن کي وڌيڪ بہ ڏيندو، ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي بي حساب روزي ڏيندو آهي (٣٨) ۽ جن ڪفر ڪيو انهن جا عمل رڻ پٽ ۾ رُڄ وانگر آهن جو اڃايل ان لاءِ پاڻي جو گمان ڪري، ۽ جڏهن ان وٽ پهچي تہ ان کي ڪا شي نہ لهي ۽ الله جي قضا کي پنهنجي ويجهو سمجهي، الله کيس عملن جو حساب پورو پورو ڏئي ٿو ۽ الله جلد حساب ونڊڻ آهي (٣٩) يا ڪافر جي عملن جو مثال ڪنهن اونهي درياء ۾ اونداهين وانگر آهي جتي لهر مٿان لهر هجي ۽ ان جي مٿان جهُڙ هجي، اهي هڪ ٻئي جي مٿان

اونداهيون هجن، جڏهن پنهنجو هٿ باهر ڪڍي تہ ان کي ڏسي نہ سگهي، ۽ جنهن کي الله سوجهرو نہ ڏئي تہ ان جي لاءِ ڪو سوجهرو ڪونهي (٤٠)[5] اي پيغمبر! چا تو نہ ڏٺو آهي تہ اهو الله ئي آهي جو جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ پکي پر پکيڙيندي ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن، سمورن کي ان جي عبادت ڪرڻ ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪرڻ جو طريقو معلوم آهي ۽ اهي جيڪي ڪندا آهن سو الله ڄاڻندڙ آهي (٤١) ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي آهي ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي (٤٢) اي انسانو! چا توهان نہ ڏٺو آهي تہ الله ڪڪرن کي هلائيندو آهي، وري انهن کي پاڻ ۾ ملائيندو آهي، پوءِ انهن کي هڪٻئي مٿان تهہ ڪندو آهي، پوءِ ڏسندا آهيو تہ انهيءَ جي وچان مينهن نڪرندو آهي ۽ آسمان کان اتي جي برف وارن پهاڙن مان ڳڙا وسائيندو آهي، پوءِ جنهن تي چاهي ان تي سَٽي ٿو ۽ جنهن کان گهرندو آهي ان کان ٽاريندو آهي، ان ڪڪر جي وِڃ جو چمڪاٽ اکيون کيريون ڪندڙ آهي (٤٣) الله رات ۽ ڏينهن جي متا ستا ڪري ٿو، بيشڪ ان ۾ اکين وارن لاءِ عبرت آهي (٤٤) الله هر جاندار کي پاڻي مان ٻڌايو آهي، پوءِ انهن مان ڪو پيٽ ۾ هلندو آهي ۽ انهن مان ڪو ٻن پيرن تي هلندو آهي ۽ انهن مان ڪي چئن پيرن تي هلندا آهن، الله جيڪي گهرندو آهي سو پيدا ڪندو آهي ۽ بيشڪ الله سڀ شي تي وس وارو آهي (٤٥) بيشڪ اسان پڌريون آيتون نازل ڪيون آهن ۽ الله جنهن کي گهري سڌي واٽ ڏيکارينڊو آهي (٤٦) ۽ منافق چوندا آهن تہ اسان الله ۽ رسول تي ايمان آندو ۽ حڪم مڃيوسين پر ان کان پوءِ انهن مان هڪ ٽولي ڦري وڃي ٿي ۽ اهي ايمان وارا نہ آهن (٤٧) ۽ جڏهن انهن کي الله ۽ ان جي رسول ڏانهن سڏيو ويندو آهي تہ اهو (پيغمبر) انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري تڏهن انهن مان هڪڙو ٽولو مُنهن موڙيندو آهي (٤٨) ۽ جيڪڏهن فيصلي سان انهن جو فائدو هوندو آهي تہ ان (پيغمبر) ڏانهن ڪنڌ جهُڪائي ايندا آهن (٤٩) چا انهن جي دلين ۾ بيماري آهي يا شڪ ۾ پيل آهن يا اهي ڊڄندا آهن تہ الله ۽ ان جو رسول انهن تي ظلم ڪندا، نہ، بلڪ اهي پاڻ ئي ظالم آهن (٥٠)[6] جڏهن مومنن کي الله ۽ ان جي رسول ڏانهن سڏبو آهي تہ رسول انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري تہ اهي رڳو هي چوندا آهن

تہ اسان ٻُڌو ۽ حڪم مڃيو ۽ اهي ئي مراد کي پهتل ماڻهو آهن (۵۱) ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جو چيو مڃيندو آهي ۽ الله کان ڊڄندو آهي ۽ ان جي نافرماني کان بچندو آهي تہ اهي ئي ماڻهو مراد ماڻيندڙ آهن (۵۲) ۽ منافق پڪي طرح سان الله جو قسم کڻندا آهن تہ جيڪڏهن انهن کي جهاد جو حڪم ڏيندين تہ اهي ضرور نڪري پوندا. اي پيغمبر! کين چئو تہ خالي قسم نہ کڻو بلڪ شريعت مطابق فرمانبرداري ڪريو بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو ان جي الله خبر رکندڙ آهي (۵۳) اي پيغمبر! چئو تہ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو پوءِ جيڪڏهن توهان منهن ڦيرينداو تہ منهنجو صرف اهو ذمو آهي جيڪو مون کي ڪٽايو ويو ۽ توهان تي اهو ذمو آهي جيڪو اوهان کي ڪٽايو ويو ۽ جيڪڏهن منهنجو حڪم مڃيندو تہ هدايت وارا ٿيندو ۽ رسول جي ذمي تہ رڳو صاف پيغام پهچائڻ هوندو آهي (۵۴) توهان مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ الله انهن سان واعدو ڪيو آهي تہ ضرور انهن کي ملڪ ۾ خلافت ڏيندو جيئن انهن کي خلافت ڏنائين جيڪي انهن کان اڳ هيا ۽ ان دين کي انهن لاءِ پختو ڪندو جيڪو انهن لاءِ پسند ڪيو اٿس ۽ انهن کي خوف کان پوءِ ضرور امن بدلائي ڏيندو. اهي منهنجي عبادت ڪندا ۽ مون سان ڪنهن کي به شريڪ نہ ڪندا. ۽ جيڪي ان کان پوءِ انڪار ڪندا تہ اهي ئي فاسق (بي فرمان) آهن (۵۵) ۽ اي مسلمانو! نماز ادا ڪيو ۽ زڪوات ڏيو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو تہ جيئن توهان تي رحم ڪيو وڃي (۵۶) هرگز اهو گمان نہ ڪريو تہ ڪافر اسان کي زمين ۾ عاجز ڪندڙ آهن. پر انهن جي جاءِ تہ دوزخ آهي. ۽ اها موٽڻ جي بيڄڙي جاءِ آهي (۵۷)[7] اي ايمان وارو! توهان جي شرعي ٻانهن ۽ توهان جي ٻارن مان اهي جيڪي جواني کي اڃا نہ پهتا آهن اهي به ٽي وقت توهان کان پهريان اجازت وٺي پوءِ گهر اندر اچن. هڪ صبح (فجر) جي نماز کان اڳي ۽ ٻيو ٻن پهرن جو جڏهن توهان پنهنجا ڪپڑا لاهي آرام ڪيو ٿا ۽ ٽيون سومهٽي (عشاء) جي نماز کان پوءِ. اهي ٽيئي وقت توهان جي اگهاڙو ٿيڻ جا وقت آهن. انهن ٽن وقتن کان پوءِ هڪٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ ۾ انهن تي ۽ توهان تي ڪو گناهہ نہ آهي. الله ايئن توهان جي واسطي نشانيون (حڪم) بيان

ڪري ٿو ۽ الله جاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۵۸) ۽ جڏهن توهان جا چوڪرا جوانيءَ کي پهچن ته اهي به ائين اجازت گهرن جيئن انهن کان اڳيان وڏا اجازت گهرندا آيا آهن. الله ايئن توهان جي واسطي پنهنجا حڪم بيان ڪري ٿو ۽ الله جاڻندڙ حڪمت وارو آهي (۵۹) ۽ عورتن مان پوڙهيون جن کي شادي ڪرڻ جي خواهش نه رهي هجي ته انهن تي ڪو گناهه نه آهي جو پنهنجي زينت کي ظاهر ڪرڻ کان سواءِ چادرون نه ڍڪين، پر ان کان به بچن ته انهن جي واسطي ايجا وڌيڪ بهتر آهي، ۽ الله ٻُڌندڙ جاڻندڙ آهي (۶۰) انڌي تي حرج نه آهي ۽ نه منڊي تي حرج آهي ۽ نه بيمار تي حرج آهي ۽ نه توهان تي حرج آهي جو پنهنجي گهرن مان يا پنهنجي پيئرن جي گهرن مان يا پنهنجي مائرن جي گهرن مان يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن مان يا پنهنجي پينرن جي گهرن مان يا پنهنجي چاچن جي گهرن مان يا پنهنجي ڦُڦين جي گهرن مان يا پنهنجن مامن جي گهرن مان يا پنهنجين ماسين جي گهرن مان يا جن گهرن جون ڪنجيون توهان جي قبضي ۾ هجن يا پنهنجي دوستن وٽان ڪائو توهان تي ڪو حرج نه آهي جو گڏجي ڪائو يا جدا جدا ڪائو. پر جڏهن ڪنهن گهر ۾ وڃو ته پنهنجن ماڻهن تي الله وٽان برڪت واري ۽ پلي دعا طور سلام (السلام عليڪم) ڪيو. الله ايئن توهان جي لاءِ حڪم بيان ڪندو آهي ته جيئن توهان سمجهو (۶۱)[8] ايمان وارا رڳو اهي آهن جن الله ۽ ان جي رسول تي يقين ڪيو آهي ۽ جڏهن ڪنهن گڏيل ڪم تي رسول سان حاضر هوندا آهن ته ايتري تائين ڪاڏي به نه ويندا آهن جو ان کان اجازت نه وٺن. اي پيغمبر! بيشڪ جيڪي توکان اجازت گهرندا آهن اهي ئي آهن جيڪي الله ۽ الله جي رسول تي ايمان رکن ٿا. پوءِ اهي جڏهن پنهنجي ڪنهن ڪم واسطي توکان اجازت گهرن ته انهن مان جنهن لاءِ تون گهرين ان کي اجازت ڏي ۽ انهن جي واسطي الله کان بخشش گُهر. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (۶۲) پاڻ ۾ رسول کي سڏڻ ايئن نه پاڻيو جيئن توهان جو پاڻ ۾ هڪٻئي کي سڏڻ آهي. بيشڪ الله انهن کي جاڻندو آهي جيڪي توهان مان ٻئي جي آڙ ۾ ڪسڪي ويندا آهن. پوءِ جيڪي رسول جي حڪم جي مخالفت ڪندڙ آهن انهن کي ڊڄڻ گهرجي ته متان انهن کي ڪا مصيبت

پهچي يا انهن کي ڏکوئيندڙ عذاب پهچي (٦٣) خبردار! بيشڪ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اهو الله جو ئي آهي. بيشڪ اهو ڄاڻي ٿو جنهن حال تي توهان آهيو ۽ ان ڏينهن جنهن ڏينهن ان ڏانهن موٽايا ويندو تہ اهو انهن کي ٻڌائيندو جيڪي انهن ڪيو ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (٦٤)[9]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت الفرقان مڪي آهي، هن ۾ 77 آيتون ۽ 6 رڪوع آهن.

اهو الله وڏي برڪت وارو آهي جنهن پنهنجي ٻانهي تي حق ۽ باطل جو فرق ڪندڙ قرآن نازل ڪيو تہ جيئن جهان وارن لاءِ ڈيڄاريندڙ هجي (١) اهو جنهن جي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ نہ اولاد ورتائين ۽ نہ سندس بادشاهي ۾ ڪو شريڪ آهي، ۽ هر شي پيدا ڪري ان جو پورو اندازو رکيائين (٢) ۽ ڪافرن الله کان سواءِ ٻيا معبود ورتا آهن جيڪي ڪابہ شي ٻڌائي نٿا سگهن ۽ پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽ پاڻ لاءِ ڏک ۽ سک جو بہ اختيار نہ اٿن ۽ نہ مرڻ جو ۽ نہ جيئڻ جو ۽ نہ ئي وري اٿڻ جو اختيار اٿن (٣) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي اهي چوندا آهن تہ هي قران رڳو ڪوڙو قصو آهي جيڪو پاڻ گهڙيو اٿس ۽ ان جي ناهڻ تي ٻين ماڻهن بہ ان جي مدد ڪئي آهي. بيشڪ اهي ظلم ۽ ڪوڙ تي لهي آيا آهن (٤) ۽ چون ٿا تہ اهي اڳين جون ڪهاڻيون آهن جيڪي لکايون اٿس. ۽ اهي ان کي صبح ۽ شام پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون (٥) اي پيغمبر! کين چئو تہ هن قرآن کي انهيءَ الله نازل ڪيو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جا ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي (٦) ۽ ڪافر چون ٿا تہ هن رسول کي ڇا ٿيو آهي جو ماني کائيندو آهي ۽ بازارن ۾ گهمندو آهي. ان ڏانهن ڪو ملائڪ ڇو نہ لاٿو ويو آهي جيڪو ان سان گڏ ماڻهن کي ڈيڄاري (٧) يا ان ڏانهن ڪو خزانو اڇليو وڃي ها يا ان جو ڪو باغ هجي ها جنهن مان کائي ها. ۽ ظالم چوندا آهن تہ توهان تہ رڳو جادو ڪيل ماڻهوءَ جي پيروي ڪريو ٿا (٨) اي محبوب! ڏس تہ تنهنجي لاءِ ڪهڙا مثال بيان ڪن ٿا. پوءِ اهي گمراهہ ٿيا آهن سو هاڻي ڪابہ راهہ نٿا لهي سگهن (٩)[1] اهو الله وڏي برڪت وارو آهي، جيڪڏهن گهري تہ تنهنجي لاءِ ان کان گهڻو بهتر

ڪري ڇڏي يعني باغ (بهشت) جن جي هيٺان نهرون وهن ۽ توکي بلند ماڙيون بہ ڏئي (١٠) بلڪ قيامت کي ڪوڙو سمجهيو اٿن. ۽ جنهن قيامت کي ڪوڙو سمجهيو اسان ان لاءِ باهہ تيار ڪئي آهي (١١) جڏهن اها (جهنم) انهن کي پري کان ڏسندي تہ اهي ان جا ڦوڪارا ۽ گجگوڙ ٻڌاندا (١٢) ۽ جڏهن زنجيرن ۾ جڪڙيل ان جي ڪنهن سوڙهي جاءِ ۾ سٽيا ويندا تہ اتي موت گهرندا (١٣) چيو ويندن تہ اڄ هڪڙو موت نہ گهرو پر گهڻين هلاڪتن کي پڪاريو (١٤) اي پيغمبر! کين چئو تہ اهو دوزخ ڀلو آهي يا هميشہ رهڻ وارو اهو باغ (بهشت) جنهن جو پرهيزگارن سان واعدو ڪيو ويو آهي. انهن جو اهو بدلو ۽ موٽڻ جو هنڌ آهي (١٥) جيڪي گهرندا انهن جي لاءِ اهو اتي سدائين موجود هوندو. تنهنجي رب جو اهو پڪو واعدو آهي. (١٦) ۽ ان ڏينهن انهن کي ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن سيني کي گڏ ڪندو. پوءِ الله انهن بتن کي چوندو تہ ڇا منهنجي هنن ٻانهن کي توهان گمراهہ ڪيو هو يا اهي پاڻ وات کان گمراهہ ٿيا هيا (١٧) اهي بُت چوندا تہ تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا اسان کي لائق نہ هو جو توکان سواءِ ڪنهن ٻئي کي دوست بڻايون ها. پر تو انهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي آسودو ڪيو تان جو نصيحت کي وساريائون ۽ اهي هلاڪ ٿيل ماڻهو هيا (١٨) پوءِ چونداسين تہ اي ڪافرو! هنن توهان کي توهان جي ڳالهين ۾ ڪوڙو ڪيو پوءِ نہ توهان عذاب ٽاري سگهو ٿا ۽ نہ پنهنجي لاءِ مدد ونڊي سگهو ٿا. ۽ توهان مان جيڪو ظالم آهي اسان ان کي وڏو عذاب چکائينداسين (١٩) ۽ اي پيغمبر! اسان توکان اڳ ۾ جيترا بہ رسول موڪليا هيا اهي تو وانگر کاڌو کائيندا هئا ۽ بازارن ۾ گهمندا هئا. ۽ اسان توهان انسانن کي هڪٻئي جي لاءِ آزمائش ڪيو آهي. ڏسون تہ صبر ڪيو ٿا يا نہ. ۽ اي محبوب! تنهنجو رب ڏسندڙ آهي (٢٠)[2] ۽ جيڪي قيامت ڏينهن اسان جي آڏو حاضر ٿيڻ جو يقين نہ رکندا آهن سي چوندا آهن تہ اسان ڏي ملائڪ ڇو نہ موڪليا ويا آهن يا پنهنجي رب کي ڏسون ها. بيشڪ انهن پنهنجين دلين ۾ وڏائي ڪئي آهي ۽ وڏو هٺ ڪيائون (٢١) جنهن ڏينهن ملائڪن کي ڏسندا تنهن ڏينهن گناهگارن لاءِ ڪا سُڻي خبر نہ هوندي ۽ چوندا تہ الله ڪري تہ اوهان عذاب وارا

ملائڪ گھٽو پري هجو (٢٢) ۽ جيڪو به عمل ڪيائون ان ڏانهن اسان رخ ڪنداسين، پوءِ ان کي اڏاميل ڏوڙ ڪري ڇڏينداسين (٢٣) جنت وارا ان ڏينهن رهڻ جي بهترين جاءِ ۽ آرام ڪرڻ جي بهترين جاءِ حاصل ڪندا (٢٤) ۽ جنهن ڏينهن آسمان ڪڪرن سان ڦاٽي پوندو ۽ ملائڪ لڳاتار هيٺ لاٿا ويندا (٢٥) ان ڏينهن سچي بادشاهي ٻاجهاري الله جي هوندي، ۽ اهو ڏينهن ڪافرن تي سخت ٿيندو (٢٦) ۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا هٿ وري وري چٻيندو ۽ چوندو ته هاءِ جيڪر مان رسول (محمد ﷺ) سان گڏ واٽ ونڻان ها (٢٧) هاءِ افسوس! جيڪر فلاڻي کي دوست ڪري نه ونڻان ها (٢٨) بيشڪ جڏهن مون وٽ نصيحت آئي تنهن کان پوءِ ان (شيطان) مون کي گمراهه ڪيو ۽ شيطان ماڻهن سان دغا ڪندڙ آهي (٢٩) ۽ رسول چوندو ته اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ منهنجي قوم هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو (٣٠) ۽ اهڙي طرح اسان هر نبي لاءِ ڏوهاري ماڻهن مان دُشمن بڻايا سين، پر اي پيغمبر! تنهنجو رب هدايت ڪرڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي (٣١) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي سي اهو چون ٿا ته هن پيغمبر تي قرآن هڪ ئي پيري سمورو چو نه لاٿو ويو اسان ائين ئي ٿورو ٿورو ڪري لاٿوسين ته جيئن ان سان تنهنجي دل کي مضبوط ڪريون ۽ اهو آهستي آهستي پڙهي ٻڌايوسين (٣٢) ۽ اهي ڪافر تو وٽ اهڙو ڪو مثال نٿا آڻين جنهن جو اسان سچو جواب ۽ وڌيڪ بهتر بيان نه آڻيون (٣٣) جيڪي ماڻهو پنهنجي مُنهن پر جهنم جي طرف هڪليا ويندا اهي بيڙي جاءِ وارا ۽ غلط رستي وارا آهن (٣٤)[3] ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو ۽ ان جي ياءُ هارون کي ان سان گڏ وزير ڪيو هو (٣٥) پوءِ چيوسين ته توهان ٻئي ان قوم ڏانهن وڃو جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو آهي، پوءِ انهن کي اهڙو تباهه ڪري ڇڏيوسين جيئن تباهه ڪرڻ هجي (٣٦) ۽ نوح جي قوم جڏهن رسولن کي ڪوڙو چيو ته اسان انهن کي پڻ ٻوڙي ڇڏيو ۽ انهن کي ماڻهن جي لاءِ عبرت جي نشاني بڻايوسين، ۽ اسان ظالمن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي (٣٧) ۽ عاد ۽ ثمود ۽ کوهه (رس) وارن ۽ انهن جي وچ وارن عرصن جي گھٽن ئي جُڳن کي پڻ تباهه ڪيوسين (٣٨) ۽ اسان سيني کي واقعا بڌايا سين ۽ انڪار سبب سيني کي تباهه

ڪيوسين، جيئن تباهه ڪجي (٣٩) ۽ اِهي ڪافر انهيءَ ڳوٺ کان بہ ٿي آيا آهن جنهن تي عذاب جو پٽرن وارو مينهن وسايو ويو هو ڇا پوءِ ان کي نہ ڏٺو اٿن، بلڪ اهي وري جيئرو ٿي اٿڻ تي يقين نہ رکندا آهن (٤٠) ۽ اي پيغمبر! جڏهن اهي ماڻهو توکي ڏسن ٿا تہ توکي رڳو ٺوليون جو نشانو بڻائن ٿا، چون ٿا تہ ڇا هي اهو شخص آهي جنهن کي الله رسول بڻائي موڪليو آهي (٤١) ۽ چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان پنهنجن معبودن جي پوڄا تي قائم نہ رهون ها تہ اهو اسان کي انهن جي پوڄا کان پٽڪائي ڇڏي ها، ۽ جڏهن عذاب ڏسندا تہ انهن کي پتو پوندو تہ وات کان ڪير ڀليل آهي (٤٢) اي پيغمبر! ڇا تو ان کي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو معبود بڻائي ورتو آهي، ڇا پوءِ تون ان جو نگهبان ٿيندين (٤٣) يا سمجهين ٿو تہ انهن مان گهڻا ٻڌڻ ٻالهيون يا سمجهن ٿا، اُهي تہ رڳو ڍورن وانگر آهن، بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ آهن (٤٤)[4] اي محبوب! پنهنجي پالڻهار جي قدرت ڏانهن نہ ڏٺو اٿئي ڇا تہ پاڇي کي ڪيئن ڊگهو ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن گهري ها تہ ان کي هڪڙي جاءِ تي بيهاري ڇڏي ها، وري سج کي ان تي پنهنجي قدرت جو دليل ڪيوسين (٤٥) پوءِ اسان ان پاڇي کي آهستي آهستي پنهنجي طرف سُڪيڙي اچون ٿا، جيئن سوڙهو ڪرڻ گهرجي (٤٦) ۽ اهو الله آهي جنهن رات کي توهان جي لاءِ پردو ۽ ننڊ کي آرام ڪيو ۽ ڏينهن کي اٿڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ جو وقت ڪيائين (٤٧) ۽ اهو الله آهي جيڪو پنهنجي رحمت (مينهن) کان اڳ هوائن کي خوشخبري ٻُڌائيندڙ ڪري موڪلي ٿو ۽ اسان آسمان مان پاڪ پاڻي وسايون ٿا (٤٨) جيئن ان سان غير آباد زمين کي آباد ڪريون ۽ اهو پنهنجي پيدا ڪيل ڍورن ۽ گهڻن ماڻهن کي پياريون (٤٩) ۽ بيشڪ اسان ان مينهن کي سندن وچ ۾ هن ڪري ورهائيندا آهيون تہ نصيحت وٺن، پر گهڻا ماڻهو بي شڪري ڪرڻ کان سواءِ نٿا رهن (٥٠) ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ هر ڳوٺ ۾ هڪڙو ڊيڄاريندڙ موڪليون ها (٥١) پوءِ اي محبوب! تون ڪافرن جو چيو نہ مڃ ۽ انهن سان جهاد ڪر، هن قرآن جي حڪم موجب وڏو جهاد (٥٢) ۽ اهو الله آهي جنهن ٻن سمنڊن (دريائن) کي پاڻ ۾ ملايو جو هڪڙو مٺو اُڃ لاهيندڙ آهي ۽ ٻيو کارو نهايت ڪوڙو آهي ۽ الله انهن جي وچ ۾

پردو ۽ مضبوط آڙ رکيا آهن (۵۳) ۽ اهو الله آهي جنهن پاڻي منجهان انسان کي پيدا ڪيو پوءِ ان کي پيڙهي ۽ ساهراڻن جي مائٽي وارو ڪيائين. ۽ تنهنجو پالڻهار وس وارو آهي (۵٤) ۽ ماڻهو الله کان سواءِ اهڙن جي پوڄا ڪندا آهن جيڪي انهن کي نه نفعو ڏين ۽ نه نقصان پهچائي سگهن. ۽ ڪافر پنهنجي رب کي پُٺي ڏيڻ وارو آهي (۵۵) ۽ اي پيغمبر! اسان توکي رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي (۵٦) کين چئو ته مان توهان کان ان قرآن پهچائڻ تي ڪا مزدوري نٿو گهران. پر جيڪو چاهي ته پنهنجي رب جي طرف رستو اختيار ڪري (۵۷) ۽ ان ڪم ۾ ان زندهه تي ڀروسو ڪر جيڪو ڪڏهن به نه مرندو ۽ ان کي ساراهيندي سندس پاڪائي بيان ڪر. ۽ اهو الله پنهنجي ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ ڪافي آهي (۵۸) جنهن آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو پوءِ عرش تي قائم رهيو. اهو وڏو ٻاجهارو آهي. پوءِ ان جي تعريف ڪنهن خبرواري کان پُڇ (۵۹) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي چئبو آهي ته رحمان کي سجدو ڪيو ته چوندا آهن ته رحمان ڪير آهي. ڇا ان کي سجدو ڪريون جنهن جي لاءِ تون چوين ٿو. ۽ ان ڳالهه مورڳو انهن جي نفرت وڌائي (٦۰)[5] اهو الله وڏي برڪت وارو آهي جنهن آسمان ۾ برج ٻڌايا ۽ انهن ۾ ڏيئو (سج) ۽ چمڪندڙ چنڊ رکيائين (٦۱) ۽ اهو الله آهي جيڪو ان ماڻهوءَ لاءِ رات ۽ ڏينهن کي هڪٻئي پٺيان آڻيندو رهي ٿو جيڪو نصيحت وٺي يا شڪر ادا ڪرڻ گهري (٦۲) ۽ ٻاجهاري الله جا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي نوڙت سان هلندا آهن ۽ جڏهن بي عقل ماڻهو انهن سان ڳالهائيندا آهن ته چوندا آهن ته سلامت هجو (٦۳) ۽ اهي جيڪي پنهنجي رب جي لاءِ سجدي ۽ قيام ۾ رات گذارينداآهن (٦٤) ۽ اُهي جيڪي عرض ڪندا آهن ته اي اسان جا رب! اسان کان جهنم جو عذاب ٽار. بيشڪ ان جو عذاب وڏي چَٽي آهي (٦۵) بيشڪ اهو آرام ڪرڻ ۽ رهڻ جي لاءِ بيڻو هنڌ آهي (٦٦) ۽ اهي جڏهن خرچ ڪندا آهن ته نه اجايو خرچ ڪندا آهن ۽ نه ڪنجوسي ڪندا آهن. بلڪ انهن جي وچ ۾ وچٿرو رهندا آهن (٦۷) ۽ اهي جيڪي الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي معبود ڪري نه پوجيندا آهن ۽ جنهن جي لاءِ الله منع

ڪئي آهي ان ماڻهوءَ کي ناحق قتل نہ ڪندا آهن ۽ نہ بدڪاري ڪندا آهن. ۽ جيڪو اهي ڪم ڪندو اهو سخت عذاب لهندو (٦٨) ان تي قيامت جي ڏينهن عذاب وڌايو ويندو ۽ ان ۾ سدائين خوار رهندو (٦٩) پر جنهن توبهہ ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائين تہ پوءِ اهڙن ماڻهن جي براين کي الله چڱاين سان بدلائي ڇڏيندو. ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧٠) ۽ جيڪو توبهہ ڪري ۽ چڱا ڪم ڪري سو بيشڪ الله جي طرف موٽيو (٧١) ۽ اهي جيڪي ڪوڙي شاهدي نہ ڏيندا آهن ۽ جڏهن بيهودگي وٽان لنگهندا آهن تہ پنهنجي عزت سنياليو لنگهي ويندا آهن (٧٢) ۽ اهي جڏهن انهن کي سندن رب جي آيتن سان نصيحت ڪبي آهي تہ ان جي ٻُڌڻ سان ٻوڑا ۽ انڌا ٿي نہ ڪرندا آهن (٧٣) ۽ اهي جيڪي چوندا آهن تہ اي اسان جا رب! اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اسان کي اکين جي ٺاڻ بخش ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ ڪر (٧٤) اِهي اُهي آهن جن کي سندن صبر جي بدلي وڏيون ماڙيون ملنديون ۽ ان ۾ سندن استقبال ڪيڪار ۽ سلام سان ٿيندو (٧٥) سدائين ان ۾ رهڻ وارا آهن. اها آرام ڪرڻ ۽ رهڻ جي ڀلي جاءِ آهي (٧٦) اي پيغمبر! ڪافرن کي چئو تہ جيڪڏهن توهان ان (الله) کي نٿا پڪاريو تہ منهنجي رب کي بہ توهان جي پرواهہ ڪونهي. بيشڪ توهان پيغام کي ڪوڙو سمجهيو سو سگهو توهان عذاب پوڳيندو (٧٧)[6]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت الشعراء مڪي آهي. هن ۾ 227 آيتون ۽ 11 رڪوع آهن.

طٰسٓمٓ (١) هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن (٢) اي پيغمبر! متان تون پريشان ٿي پاڻ کي هلاڪ ڪرين تہ مڪي جا ماڻهو ايمان نٿا آڻين (٣) جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ آسمان کان انهن تي ڪا اهڙي نشاني لاهيون ها جو انهن جا اُوچا ڳاٽ انهن معجزن جي آڏو جهڪي وڃن ها (٤) ۽ ٻاجهاري الله کان انهن وٽ جيڪا بہ نصيحت ايندي آهي تہ اهي ان کان منهن نہ ڦيرائيندا آهن (٥) بيشڪ انهن ڪوڙو چيو ۽ سگهو وٽن اهي خبرون ايندیون جن تي اهي ٺٽوليون ڪندا آهن (٦) ڇا انهن زمين ڏانهن

نہ ڏَنو آهي تہ اسان ان ۾ هر قسم جون ڀَليون شيون پيدا ڪيون آهن (۷) بيشڪ ان ۾ نشاني آهي، پر انهن مان گهڻا ايمان آڻڻ وارا نہ آهن (۸) ۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار زبردست مهربان آهي (۹)[1] ۽ ياد ڪر، جڏهن تنهنجي رب موسيٰ کي سڏيو تہ ظالمن جي قوم ڏانهن وڃ (۱۰) يعني فرعون جي قوم، جو اهي نہ ڊڄندا آهن (۱۱) موسيٰ عرض ڪيو تہ اي منهنجا پالڻهارا! مان ڊڄان ٿو تہ اُهي مون کي ڪوڙو سمجهندا (۱۲) ۽ منهنجي دل تنگ ٿيندي ۽ منهنجي زبان بہ پوري نہ ٿي اُٽلي سو هارون ڏانهن بہ پيغمبري جو حڪم موڪل (۱۳) ۽ انهن جو مون تي هڪڙو ڏوهہ بہ آهي سو مان ڊڄان ٿو تہ متان مون کي قتل ڪن (۱٤) الله چيو تہ ايئن ٿيڻو نہ آهي، توهان ٻئي اسان جي نشانين (آيتن) سان وڃو بيشڪ اسان توهان سان گڏ ٻُڌندڙ آهيون (۱۵) سو فرعون وٽ وڃو ۽ ان کي چئو تہ اسان جهانن جي پالڻهار جا موڪليل (رسول) آهيون (۱٦) بني اسرائيل کي ڇڏ تہ اسان سان گڏ هلن (۱۷) فرعون چيو تہ ڇا اسان توکي پاڻ وٽ ننڍپڻ ۾ پاليو نہ هو ۽ تون اسان وٽ پنهنجي عمر جا ڪيئي سال نہ گذاريا آهن (۱۸) ۽ تو پنهنجو اهو ڪم ڪيو جيڪو تون ڪري چُڪين ۽ تون ناشڪرن مان آهين (۱۹) موسيٰ چيو تہ مون اهو ڪم تڏهن ڪيو هو جڏهن مان بي خبر هيس (۲۰) پوءِ جڏهن توهان کان ڊپ ٿيو تہ مان توهان وٽان ڀڄي ويس، پوءِ منهنجي رب مون کي ڏاهپ ڏني ۽ مون کي پيغمبرن (رسولن) مان ڪيائين (۲۱) ۽ هيءُ بہ ڪو احسان آهي ڇا جنهن جو تون مون تي ٿورو ڪرين ٿو جو تو بني اسرائيل کي غلام بنائي رکيو آهي (۲۲) فرعون چيو تہ جهانن جو رب ڪير آهي (۲۳) موسيٰ چيو تہ جيڪڏهن توهان کي يقين هجي تہ آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي انهن جو پالڻهار (۲٤) فرعون پنهنجي ڪچهري وارن کي چيو تہ ڇا توهان نٿا ٻُڌو (۲۵) موسيٰ چيو تہ يعني توهان جو پالڻهار ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو پالڻهار (۲٦) فرعون چيو تہ توهان جو هي رسول جيڪو توهان ڏانهن موڪليو ويو آهي ضرور چريو آهي (۲۷) موسيٰ چيو تہ جيڪڏهن توهان کي عقل هجي تہ اوپر جو ۽ اولهہ جو ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي انهن جو بہ پالڻهار آهي (۲۸) فرعون چيو تہ جيڪڏهن تو مون کان سواءِ

ڪنهن ٻئي کي معبود ڪري ورتو تہ مان توکي قيدين ۾ رکندس (۲۹) موسيٰ چيو تہ ڇا توڙي جو مان تو وٽ ڪا پڌري شي آڻيان (۳۰) فرعون چيو تہ پوءِ جيڪڏهن تون سچن مان آهين تہ اها آڻ (۳۱) پوءِ موسيٰ پنهنجي لٺ ڦٽي ڪئي تہ اها چتو نانگ ٿي پئي (۳۲) ۽ پنهنجي بغل ۾ هٿ وجهي ڪيڀائين تہ اهو ڏسندڙن لاءِ چمڪندڙ ٿي ٻيو (۳۳)[2] فرعون پنهنجي ڪچهري جي سردارن کي چيو تہ بيشڪ هي ڄاڻو جادوگر آهي (۳٤) جيڪو پنهنجي جادوءَ سان توهان کي توهان جي ملڪ مان ڪڍڻ گهري ٿو پوءِ توهان جي ڪهڙي صلاح آهي (۳۵) انهن چيو تہ هِن کي ۽ سندس ڀاءُ کي ترساءِ ۽ شهرن ۾ ماڻهو گڏ ڪندڙن کي موڪل (۳٦) جو اوهي هر وڏي ڄاڻو جادوگر کي تو وٽ وٺي اچن (۳۷) پوءِ مقرر موقعي واري ڏينهن تي جادوگر گڏ ڪيا ويا (۳۸) ۽ ماڻهن کي چيو ويو تہ ڇا توهان سڀ گڏ ٿي ويا آهيو (۳۹) جيڪڏهن اُهي جادوگر غالب اچن تہ اسان انهن جادوگرن جي پيروي ڪنداسين (٤۰) پوءِ جڏهن جادوگر آيا تہ فرعون کي چيائون تہ جيڪڏهن اسان غالب اچون تہ ڇا اسان لاءِ ڪو انعام آهي (٤۱) فرعون چيو تہ هائو ان وقت توهان منهنجن ويجهن مان ٿي ويندو (٤۲) موسيٰ انهن کي چيو تہ ڦٽي ڪريو جيڪي توهان کي سٽڻو آهي (٤۳) پوءِ انهن پنهنجون رسيون ۽ لٺيون ڦٽي ڪيون ۽ چيائون تہ فرعون جي عزت جو قسم آهي تہ بيشڪ اسان ئي غالب ٿيندا سين (٤٤) پوءِ موسيٰ پنهنجي لٺ ڦٽي ڪئي تہ اوچتو اها انهن جي بناوٽن کي ڳهي وئي (٤۵) پوءِ جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پيا (٤٦) جادوگر چوڻ لڳا تہ اسان جهانن جي پالڻهار تي ايمان آندو (٤۷) جيڪو موسيٰ ۽ هارون جو رب آهي (٤۸) فرعون چيو تہ هن کان اڳ جو مان توهان کي اجازت ڏيان ها توهان ان تي ايمان ڇو آندو بيشڪ اهو توهان جو وڏو آهي جنهن توهان کي جادو سيکاريو آهي، سگهو توهان کي خبر پوندي، مان توهان جا هڪ پاسي جا هٿ ۽ ٻئي پاسي جا پير ضرور ڪپيندس ۽ توهان سمورن کي ڦاسي تي لٽڪائيندس (٤۹) انهن چيو تہ ڪو حرج نہ آهي، بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهيون (۵۰) اسان کي اميد آهي تہ اسان جو رب اسان جون خطائون بخشي ڇڏيندو جو اسان سڀني کان

پهريائين ايمان آڻيندڙ آهيون (٥١)[3] اسان موسيٰ کي وحي ڪيو تہ رات پيٺ ۾ منهنجي ٻانهن کي وٺي نڪر ۽ اهي توهان جو پيڇو ڪندا (٥٢) پوءِ فرعون شهرن ۾ ماڻهو گڏ ڪرڻ وارن کي موڪليو (٥٣) چيائين تہ بيشڪ هي ٿورن ماڻهن جو ٽولو آهي (٥٤) ۽ بيشڪ انهن اسان کي ڪاوڙايو آهي (٥٥) ۽ بيشڪ اسان سمورا هٿيارن وارا آهيون (٥٦) پوءِ اسان انهن کي باغن ۽ چشمن مان ٻاهر ڪڍيوسين (٥٧) ۽ خزانن ۽ پَلين جاين مان ٻہ (٥٨) ايئن ئي ڪيوسين ۽ بني اسرائيل کي انهن شين جو وارث ٻڌايوسين (٥٩) پوءِ فرعون وارا سج اُپرئي سان انهن جي پٺيان لڳا (٦٠) پوءِ جڏهن ٻنهي ٽولن هڪ ٻئي کي ڏٺو تہ موسيٰ جي ساٿين چيو تہ اسان کي تہ اهي اچي پُهتا آهن (٦١) موسيٰ چيو تہ ايئن نہ آهي، بيشڪ منهنجو رب مون سان گڏ آهي، سگهو مون کي دڳ لائيندو (٦٢) پوءِ اسان موسيٰ کي وحي ڪيوسين تہ درياء تي پنهنجي لٺ هڻ، تڏهن درياءُ چيرجي پيو ۽ هر حصو جهڙو وڏو پهاڙ ٿي ويو (٦٣) ۽ اسان ٻين کي اتي ويجهو آندوسين (٦٤) ۽ اسان موسيٰ کي ۽ جيڪي ان سان گڏ هيا انهن کي بچايوسين (٦٥) پوءِ ٻين کي ٻوڙي ڇڏيوسين (٦٦) بيشڪ ان قصي ۾ نشاني آهي، پر انهن مان گهڻا مڃڻ وارا نہ آهن (٦٧) ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست مهربان آهي (٦٨)[4] ۽ اي پيغمبر! انهن کي ابراهيم جو قصو ٻُڌاءِ (٦٩) جڏهن ان پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي قوم کان پڇيو تہ توهان ڪنهن کي پوڄيو ٿا (٧٠) چيائون تہ اسان بُتن جي پوڄا ڪريون ٿا ۽ انهن جا سدائين کان مجاور آهيون (٧١) ابراهيم چيو تہ جڏهن توهان هنن کي سڏيو ٿا تہ ڇا اهي توهان جو سڏ ٻُڌن ٿا (٧٢) يا توهان کي ڪو نفعو يا نقصان ڏيندا آهن (٧٣) چيائون تہ نہ، بلڪ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ايئن ئي ڪندي ڏٺو آهي (٧٤) ابراهيم چيو تہ ڇا پوءِ انهن کي ڏٺو اٿوَ جن جي توهان پوڄا ڪندا رهيا آهيو (٧٥) توهان ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن (٧٦) بيشڪ جهانن جي پالڻهار کان سواءِ اهي منهنجا دشمن آهن (٧٧) جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي اهوئي مون کي سڌي واٽ ڏيکاريندو آهي (٧٨) ۽ اهوئي آهي جيڪو مون کي کارائيندو ۽ پياريندو آهي (٧٩) ۽ جڏهن مان بيمار ٿيندو آهيان تہ مون کي شفا ڏيندو آهي (٨٠) ۽ اهوئي

مون کي مارينڊو ۽ وري مون کي جيارينڊو (٨١) ۽ اهو ئي آهي جنهن ۾ اميد رکان ٿو تہ قيامت جي ڏينهن منهنجون خطائون بخشينڊو (٨٢) اي منهنجا رب! مون کي دانائي عطا ڪر ۽ مون کي صالحن ۾ شمار ڪر (٨٣) ۽ پوين ۾ منهنجي چڱي يادگيري قائم رک (٨٤) ۽ مون کي نعمت واري بهشت جي وارثن مان ڪر (٨٥) ۽ منهنجي پيءُ کي بہ بخش، بيشڪ اهو گمراهن مان آهي (٨٦) ۽ جنهن ڏينهن ماڻهو وري جيئرا ٿي اٿاريا ويندا ان ڏينهن مون کي خوار نہ ڪجان (٨٧) جنهن ڏينهن مال ملڪيت ۽ اولاد ڪم نہ ايندا (٨٨) مگر اهو جيڪو الله جي حضور سالم دل آڻيندو (٨٩) ۽ پرهيزگارن لاءِ جنت ويجهي ڪئي ويندي (٩٠) ۽ گمراهن لاءِ دوزخ کي ظاهر ڪيو ويندو (٩١) ۽ انهن گمراهن کي چيو ويندو تہ اهي ڪٿي آهن جن جي توهان پوڄا ڪندا هُيوَ (٩٢) الله کانسواءِ، ڇا اهي توهان جي مدد ڪندا يا بدلو وٺندا (٩٣) پوءِ اُهي بُت ۽ سمورا گمراهہ جهنم ۾ اونڌا سٽيا ويندا (٩٣) ۽ ابليس جا سمورا لشڪر پڻ (٩٥) ۽ اهي اتي هڪٻئي سان جهيڙو ڪندي چوندا (٩٦) تہ الله جو قسم! بيشڪ اسان کلي گمراهي ۾ هئاسين (٩٧) جڏهن اسان توهان کي رب العالمين جي برابر پائيندا هئاسين (٩٨) ۽ اسان کي هنن ڏوهارين کان سواءِ ٻئي ڪنهن گمراهہ نہ ڪيو (٩٩) پوءِ هاڻي اسان جو نہ ڪو سفارش ڪندڙ آهي (١٠٠) ۽ نہ ئي ڪو هڏڏوکي دوست آهي (١٠١) پوءِ ڪنهن طرح اسان جو دنيا ڏي موٽڻ ٿئي تہ اسان ايمان وارن مان ٿيون (١٠٢) بيشڪ ان ۾ نشاني آهي، پر انهن مان گهڻا مڃڻ وارا نہ آهن (١٠٣) ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست مهربان آهي (١٠٤)[5] نوح جي قوم پيغمبرن کي ڪوڙو پانيو (١٠٥) جڏهن انهن جي ڀاءُ نوح انهن کي چيو تہ توهان الله کان ڇو نٿا ڊڄو (١٠٦) بيشڪ مان توهان جي لاءِ الله جو امانت وارو رسول آهيان (١٠٧) پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٠٨) ۽ ان ڪم تي مان توهان کان ڪا مزدوري نٿو گهران، منهنجو اجورو تہ رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٠٩) پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (١١٠) چيائون تہ توتي ايمان ڇو آڻيون جو تنهنجي پٺيان تہ خسيس ماڻهو آهن (١١١) نوح چيو تہ مون کي اندر جي کهڙي خبر تہ اهي ڇا ڪندا رهندا آهن (١١٢) جيڪڏهن

توهان سمجهہ رکو تہ انهن جو حساب منهنجي رب کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي نہ آهي (١١٣) ۽ مان مومنن کي تڙڻ وارو نہ آهيان (١١٤) مان تہ رڳو ڊڏرو ڊيڄاريندڙ آهيان (١١٥) چيائون تہ اي نوح! جيڪڏهن تون نہ مڙندين تہ ضرور پٿرن سان چُٽيو ويندين (١١٦) نوح عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب! منهنجي قوم مون کي ڪوڙو پانيو (١١٧) تنهنڪري منهنجي ۽ انهن جي وچ۾ پورو فيصلو ڪر ۽ مون کي ۽ جيڪي مومن مون سان گڏ آهن انهن کي نجات ڏي (١١٨) پوءِ اسان ان کي ۽ جيڪي ان سان گڏ هيا ڀريل ٻيڙي ۾ بچايوسين (١١٩) پوءِ باقي رهندڙن کي ٻوڙي ڇڏيوسين (١٢٠) بيشڪ ان ۾ نشاني آهي، پر انهن مان گهڻا مڃڻ وارا نہ آهن (١٢١) ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي زبردست مهربان آهي (١٢٢)[6] عاد وارن رسولن کي ڪوڙو پانيو (١٢٣) جڏهن انهن کي سندن ڀاءُ هود چيو تہ توهان الله کان ڇو نٿا ڊڄو (١٢٤) بيشڪ مان توهان لاءِ امانت وارو رسول آهيان (١٢٥) پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٢٦) ۽ مان توهان کان ان ڪم تي ڪا مزدوري نہ ٿو گهران. منهنجو اجورو تہ رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٢٧) هر مٿاهين تي اجايا نشان ڇو ٺاهيندا آهيو (١٢٨) ۽ ڇو مضبوط محل ٺاهيو ٿا جڻ تہ توهان هميشہ رهندو (١٢٩) ۽ اوهان جڏهن ڪنهن سان دست اندازي ڪندا آهيو تہ سرڪش ٿي ڪندا آهيو (١٣٠) سو الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٣١) ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن توهان کي انهن نعمتن سان مدد ڪئي آهي جيڪي توهان کي معلوم آهن (١٣٢) توهان کي چوپائي مال ۽ پٽن سان مدد ڏني اٽس (١٣٣) ۽ باغن ۽ چشمن سان بہ (١٣٤) بيشڪ مان توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب پهچڻ کان ڊڄان ٿو (١٣٥) چيائون تہ تون اسان کي نصيحت ڪرين يا نصيحت نہ ڪرين اسان لاءِ هڪجهڙو آهي (١٣٦) بس اها ساڳي اڳين جي ريت آهي (١٣٧) ۽ اسان کي ڪڏهن عذاب ٽيٽو نہ آهي (١٣٨) پوءِ انهن ان کي ڪوڙو پانيو تہ اسان انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو بيشڪ ان قصي ۾ نشاني آهي پر انهن مان گهڻا مڃڻ وارا نہ آهن (١٣٩) ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي زبردست مهربان آهي (١٤٠)[7] ثمود وارن رسولن کي ڪوڙو پانيو (١٤١) جڏهن کين سندن ڀاءُ صالح چيو تہ الله کان ڇو نٿا

ڊجو (١٤٢) بيشڪ مان توهان لاءِ امانت وارو رسول آهيان (١٤٣) پوءِ الله کان ڊجو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٤٤) ۽ مان توهان کان ان تي ڪابہ مزدوري نٿو گهران، منهنجو اجورو تہ رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٤٥) ڇا سمجهو ٿا تہ توهان کي هتي جي نعمتن ۾ آرام سان ڇڏي ڏنو ويندو (١٤٦) باغن ۽ چشمن ۾ (١٤٧) ۽ پوکن ۽ کجين ۾ جن جا ڇڳا ڪونئرا آهن (١٤٨) ۽ وڏي مهارت سان جبلن ۾ گهر گهڙيو ٿا (١٤٩) پوءِ الله کان ڊجو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٥٠) ۽ حد کان لنگهندڙن جي چوڻ تي نہ هلو (١٥١) جيڪي زمين ۾ فساد پکيڙيندا آهن ۽ سڌارو نہ ڪندا آهن (١٥٢) چيائون تہ تون تہ جادو ٿيلن مان آهين (١٥٣) تون تہ بس اسان جهڙو ماڻهو آهين، پوءِ جيڪڏهن تون سچن مان آهين تہ ڪا نشاني آڻ (١٥٤) صالح چيو تہ هيءَ ڏاڇي نشاني آهي، ان جي پاڻي پيئن ۽ توهان جي پاڻي پيئڻ جي لاءِ واري جو ڏينهن مقرر ٿيل آهي (١٥٥) ۽ ان کي ايذاءُ نہ پهچائجو ورنہ توهان کي وڏي ڏينهن جو عذاب وٺ ڪندو (١٥٦) پوءِ ان جون ڪُڇون ڪپيائون، پوءِ پشيمان ٿيا (١٥٧) پوءِ انهن کي عذاب اچي ورتو بيشڪ ان ۾ نشاني آهي پر انهن مان گهڻا مڃڻ وارا نہ آهن (١٥٨) ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست مهربان آهي (١٥٩)[8] لوط جي قوم رسولن کي ڪوڙو پانيو (١٦٠) جڏهن انهن کي سندن ڀاءُ لوط چيو تہ توهان الله کان ڇو نٿا ڊجو (١٦١) بيشڪ مان توهان لاءِ امانت وارو رسول آهيان (١٦٢) پوءِ الله کان ڊجو ۽ منهنجو چيو مڃو (١٦٣) ۽ مان ان تي توهان کان ڪا مزدوري نہ ٿو گهران، منهنجو اجورو تہ بس جهانن جي پالڻهار تي آهي (١٦٤) دنيا جهان جي نَرن سان بدفعلي ڇو ڪندا آهيو (١٦٥) ۽ جيڪي توهان جي پالڻهار توهان جي واسطي زالون پيدا ڪيون آهن انهن کي ڇو ڇڏيو ٿا، بلڪ توهان حد کان لنگهندڙ ماڻهو آهيو (١٦٦) چيائون تہ اي لوطا جيڪڏهن تون ائين چوڻ کان نہ مڙندين تہ ضرور لوڏيو ويندين (١٦٧) لوط چيو تہ بيشڪ مان توهان جي ان ڪم کان رنج آهيان (١٦٨) لوط پڪاريو تہ اي منهنجا ربا! مون کي ۽ منهنجي گهر وارن کي انهن جي عملن کان بچاءِ (١٦٩) پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي سمورن گهر وارن کي بچايوسين (١٧٠) سواءِ هڪ پوڙهي زال جي جيڪا پٺتي رهجي ويندڙن

ٻ هئي (۱۷۱) پوءِ اسان ٻين کي هلاڪ ڪري ڇڏيو (۱۷۲) ۽ اسان انهن تي پٽرن جو مينهن وسايو پوءِ ڏيڃاريلن جو مينهن بيڃڙو آهي (۱۷۳) بيشڪ ان ٻ نشاني آهي، پر انهن مان گهٽا مڃڻ وارا نه آهن (۱۷٤) ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست مهربان آهي (۱۷۵)[9] هُڙي ـ جهنگ (ايڪ) وارن رسولن کي ڪوڙو پانيو (۱۷٦) جڏهن انهن کي شعيب چيو ته توهان الله کان ڇو نٿا ڊڃو (۱۷۷) بيشڪ مان توهان لاءِ امانت وارو رسول آهيان (۱۷۸) پوءِ الله کان ڊڃو ۽ منهنجو چيو مڃو (۱۷۹) ۽ مان ان تي توهان کان ڪا مزدوري نه ٿو گهران منهنجو اجورو ته بس جهانن جي پالڻهار تي آهي (۱۸۰) ماپ تور پوري طرح ڪريو ۽ گهٽائي ڏيندڙن مان نه ٿيو (۱۸۱) ۽ سڌي تارازي سان توريو (۱۸۲) ۽ ماڻهن کي شيون گهٽ ڪري نه ڏيو ۽ ملڪ ٻ فساد پکڙيندڙ نه ٿيو (۱۸۳) ۽ ان کان ڊڃو جنهن توهان کي ۽ اڳين خلق کي پيدا ڪيو (۱۸٤) چيائون ته پڪ تون جادو ٿيلن مان آهين (۱۸۵) ۽ تون ته بس اسان جهڙو ماڻهو آهين ۽ بيشڪ اسان توکي ڪوڙن مان سمجهون ٿا (۱۸٦) پوءِ جيڪڏهن تون سچن مان آهين ته اسان تي آسمان مان ڪا چپ ڪيراءِ (۱۸۷) شعيب چيو ته توهان جيڪي ڪندا آهيو سو منهنجو پالڻهار چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (۱۸۸) پر ان کي ڪوڙو سمجهيائون، تنهنڪري انهن کي ڇانوري واري ڏينهن جي عذاب اچي وڻ ڪيو بيشڪ اهو وڏي سخت ڏينهن وارو عذاب هو (۱۸۹) بيشڪ ان ٻ نشاني آهي پر انهن مان گهٽا مڃڻ وارا نه آهن (۱۹۰) ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست مهربان آهي (۱۹۱)[10] ۽ بيشڪ هي قرآن رب العالمين جو نازل ڪيل آهي (۱۹۲) هن کي روح الامين (جبرائيل) وٽي اچي لاٿو (۱۹۳) اي پيغمبر! تنهنجي دل تي نازل ٿيو ته جيئن تون ڊيڃاريندڙن مان ٿين (۱۹٤) چٽي عربي ٻولي ٻ آهي (۱۹۵) ۽ بيشڪ ان جي خبر اڳين ڪتابن (صحيفن) ٻ آهي (۱۹٦) ۽ انهن ڪافرن لاءِ اها نشاني نه آهي ڇا ته بني اسرائيل جا عالم ان جي حقيقت کي ڄاڻن ٿا (۱۹۷) ۽ جيڪڏهن اسان ان کي ڪنهن عجمي (غيرعرب) شخص تي لاهيون ها (۱۹۸) پوءِ اهو انهن کي پڙهي ٻُڌائي ها ته ان کي مڃڻ وارا نه ٿين ها (۱۹۹) اهڙي طرح اسان اها تعليم گناهگارن جي دلين ٻ به

وڌيسين (٢٠٠) پر اهي ان تي ايستائين ايمان نہ آڻيندا جيستائين ڏکوئيندڙ عذاب نہ ڏسندا (٢٠١) پوءِ اهو عذاب اوچتو انهن تي اچي ويندو ۽ انهن کي خبر بہ نہ پوندي (٢٠٢) پوءِ چوندا تہ ڇا اسان کي کجھ مُهلت ملندي (٢٠٣) پوءِ اسان جو عذاب ڇو تڪڙو گھرندا آهن (٢٠٤) ڀلا ٻُڌايو تہ جيڪڏھن کي سال اسان انهن کي نفعو ونڊ ڏيون (٢٠٥) پوءِ انهن تي اهو عذاب اچي جنهن جو انهن کي واعدو ڏنو ويو آهي (٢٠٦) تہ سندن آسودو ھجڻ کين کھڙو نفعو ڏيندو (٢٠٧) ۽ اسان اھڙي ڪنهن ڳوٺ کي تباھ نہ ڪيو جنهن جي لاءِ ڊيڄاريندڙ نہ هيا (٢٠٨) يعني نصيحت ڪرڻ جي لاءِ ۽ اسان ظلم نہ ڪندا آهيون (٢٠٩) ۽ هن قرآن کي شيطانن نہ لاٿو آهي (٢١٠) ۽ نہ انهن جي اھڙي حيثيت آهي ۽ نہ ئي اهي ايئن ڪري سگھندا (٢١١) اهي تہ ملائڪن جي ٻُڌڻ جي جاءِ کان روڪيا ويا آهن (٢١٢) سو اي پيغمبر! تون الله کان سواءِ ٻئي معبود کي سڏ نہ ڪجان، ورنہ تون عذاب وارن مان ٿيندين (٢١٣) ۽ اي محبوب! پنهنجن ويجھن مائٽن کي خبردار ڪر (٢١٤) ۽ مومنن مان جيڪو تنهنجي پيروي ڪري تنهن لاءِ پنهنجي رحمت جون ٻانهون وڇاءِ (٢١٥) پر جيڪڏھن انهن مان کي تنهنجو حڪم نہ مڃين تہ پوءِ چئو تہ مان توهان جي ڪمن کان بيزار آهيان (٢١٦) ۽ ان زبردست مهربان الله تي ڀروسو ڪر (٢١٧) جيڪو تهجد وقت تنهنجي اٺڻ کي ڏسي ٿو (٢١٨) ۽ نمازين ۾ تنهنجي اٺڻ ويھڻ کي بہ ڏسي ٿو (٢١٩) بيشڪ اهو ئي ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٢٠) ڇا مان توهان کي ٻُڌايان تہ شيطان ڪنهن تي لهندا آهن (٢٢١) هر وڏي ٻتاکي گنهگار تي لهندا آهن (٢٢٢) شيطان ٻُڌل ڳالهيون انهن جي ڪنن ۾ وجهندا آهن ۽ انهن مان گھڻا ڪوڙا آهن (٢٢٣) ۽ گمراھ ماڻھو ئي شاعرن جي ڪڍ لڳندا آهن (٢٢٤) ڇا تو نہ ڏٺو آهي تہ اهي شاعر هر ميدان ۾ ٻڌڪندا ڦرندا آهن (٢٢٥) ۽ اهي اهو ڪجھ چوندا آهن جيڪو پاڻ نہ ڪندا آهن (٢٢٦) مگر اهي شاعر جن ايمان آندو ۽ ڇڳا ڪم ڪيائون ۽ الله کي گھڻو ياد ڪيائون ۽ پاڻ تي ظلم ٿيڻ کان پوءِ بدلو ورتائون اهي گمراھ نہ آهن، البت جن ظلم ڪيو سگھو ڄاڻندا تہ ڪھڙي موٽڻ جي جاءِ ڏانهن موٽندا (٢٢٧)[11]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت نمل مڪي آهي، هن ۾ 93 آيتون ۽ 7 رڪوع آهن

طٰسٓ، هي قرآن ۽ پڌري ڪتاب جون آيتون آهن (١) انهن مومنن جي لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي (٢) جيڪي نماز ادا ڪندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت تي ب يقين رکندا آهن (٣) باقي جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن اسان انهن جا ڪُڌا ڪم انهن جي نظر ۾ چڱا ڪري ڏيکاريا آهن، پوءِ اهي گمراهي ۾ ٽپڪي رهيا آهن (٤) هي اُهي آهن جن جي لاءِ بيڇڙو عذاب آهي ۽ اهي ئي آخرت ۾ سڀني کان وڌيڪ نقصان وارا آهن (٥) ۽ اي پيغمبر! بيشڪ توکي حڪمت واري ڄاڻندڙ الله جي طرف کان قرآن ڏنو ويو آهي (٦) ياد ڪر، جڏهن موسيٰ پنهنجي گهر وارن کي چيو ته مون ٻاهر ڏٺي آهي، اجهو اتان کا خبر آڻيان ٿو يا ان مان کو ٻرندڙ ٽاندو آڻيندس ته جيئن توهان پاڻ سيکيو (٧) پوءِ جڏهن ٻاهر وٽ آيو ته کيس غيبي سڏ ٿيو ته جيڪو ان روشني ۾ آهي (يعني الله) سو برڪت وارو آهي ۽ جيڪو ان جي پرسان آهي (يعني موسيٰ) سو ب برڪت وارو آهي ۽ جهانن جو پالڻهار الله پاڪ آهي (٨) چيو ويو ته اي موسيٰ! بيشڪ مان ئي زبردست حڪمت وارو الله آهيان (٩) ۽ پنهنجي لٺ اڇلاءِ، پوءِ جڏهن موسيٰ ان کي ڇُرندي ڏٺو جڙ ته نانگ هجي ته ڦُٽي ڦيري پڳو ۽ پوئتي نه ڏٺائين، چيوسين ته اي موسيٰ! ڊپ نه ڪر، بيشڪ مون وٽ رسول کونه ڊڃندا آهن (١٠) پر جنهن زيادتي ڪئي وري بُرائي کان پوءِ چڱائي ڪيائين ته بيشڪ مان بخشڻهار مهربان آهيان (١١) ۽ پنهنجو هٿ گريبان ۾ وجهه ته چمڪدار بي عيب ٿي نڪري، انهن ۾ معجزن سان جيڪي نون نشانين (معجزن) ۾ شامل آهن فرعون ۽ ان جي قوم ڏانهن ڪٽي وڃ، بيشڪ اهي نافرمان ماڻهو آهن (١٢) پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جون چٽيون نشانيون پهتيون ته چيائون ته هي ته پڌرو جادو آهي (١٣) ۽ ظلم ۽ وڏائي سبب انهن نشانين (معجزن) جو انڪار ڪيائون، جڏهن ته سندن دلين ۾ انهن بابت يقين هو ته اهي الله جي طرف کان ئي آهن، پوءِ ڏس ته فسادين جو ڪهڙو انجام ٿيو (١٤) ۽ بيشڪ اسان داؤد ۽

سليمان کي علم ڏنو هو ۽ ٻنهي ڇيو ته سڀ ساراهه انهي الله جي واسطي آهي جنهن اسان کي پنهنجي گهڻن ئي مومن ٻانهن تي فضيلت بخشي (١٥) ۽ سليمان دائود جو جانشين ٿيو ۽ چيائين ته اي انسانو! اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري ويئي آهي ۽ اسان کي سيڪا نعمت ڏني وئي آهي. بيشڪ اها پڌري پَلائي آهي (١٦) ۽ سليمان جي لاءِ جنن ۽ انسانن ۽ پکين منجهان سندس لشکر گڏ ڪيا ويا. پوءِ اهي لڳو لڳ صفون ٻڌائي ٻيهاريا ويندا هئا (١٧) ايتري تائين جو جڏهن ڪِولين جي وادي وٽ آيا ته هڪڙي ڪِول چيو ته اي ڪِوليون پنهنجي ٻرن ۾ داخل ٿي وڃو سليمان ۽ سندس لشکر بي خبري ۾ توهان کي لتاڙي نه وجهن (١٨) پوءِ سليمان ان جي ڳالهائڻ تي مرڪي کليو ۽ عرض ڪيائين ته اي منهنجا پالڻهارا! جيڪي تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي نعمتون ڪيون مون کي توفيق ڏي ته مان تنهنجي انهن نعمتن جو شڪر ڪريان. ۽ مان اهڙا چڱا ڪم ڪريان جن کان تون راضي ٿين ۽ مون کي پنهنجي ٻاجهه سان پنهنجي صالح ٻانهن ۾ شامل ڪر (١٩) ۽ پکين جي جاچا ڪيائين ته چيائين ته ڪهڙي ڳالهه آهي جو مان هُدهُد کي نٿو ڏسان يا اهو واقعي غيرحاضر آهي (٢٠) مان ان کي ضرور سخت سزا ڏينندس يا ان کي ذبح ڪندس يا مون وٽ ڪو پڌرو دليل آڻي (٢١) گهڻي دير ئي نه گذري جو هُدهُد اچي عرض ڪيو ته مون اهڙي خبر آندي آهي جنهن جي توکي ڄاڻ نه هئي ۽ مون سبا شهر کان تو وٽ هڪ پڪي خبر آندي آهي (٢٢) بيشڪ مون هڪ مائي کي ڏٺو جيڪا انهن تي بادشاهي ڪري ٿي ۽ ان کي سيڪا نعمت ڏني وئي آهي ۽ ان جو تخت وڏو شاندار آهي (٢٣) مون ان کي ۽ ان جي قوم کي ڏٺو جو الله کي ڇڏي سج کي سجدو ڪندا آهن ۽ شيطان انهن جا عمل انهن جي نظر ۾ سينگاريا آهن ۽ انهن کي سڌي راهه کان روڪي رکيو اٿس سو اهي وات نٿا لهن (٢٤) ان الله کي سجدو ڇو نٿا ڪن جيڪو آسمانن ۽ زمين جون لِڪل شيون ظاهر ڪندو آهي ۽ جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن سو به ڄاڻندڙ آهي (٢٥) الله ئي آهي جو ان کان سواءِ ڪوبه معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي اهو وڏي عرش جو مالڪ آهي (٢٦) سليمان ڇيو ته ڏسنداسين ته تو سچ

ڳالهايو آهي يا تون ڪوڙن منجهان آهين (۲۷) منهنجو هي خط کڻي وڃ، پوءِ اهو انهن ڏانهن اڇلاءِ، پوءِ انهن کان هٽي ڪري ڏس ته اهي ڪهڙو جواب ڏين ٿا (۲۸) ان مائي (بلقيس) چيو ته اي سردارو! بيشڪ منهنجي طرف هڪ مانائتو خط اڇلايو ويو آهي (۲۹) بيشڪ اهو سليمان جي طرف کان آهي ۽ بيشڪ اهو الله مهربان ۽اجهاري جي نالي سان شروع آهي (۳۰) ته منهنجي آڏو سرڪشي نه ڪريو ۽ مون وٽ مسلمان ٿي اچو (۳۱)[2] چيائين ته اي سردارو! منهنجي هن ڪم ۾ مون کي صلاح ڏيو جيسين توهان راءِ نه ڏيو مان ڪنهن به ڪم جو قطعي فيصلو نه ڪندي آهيان (۳۲) انهن چيو ته اسان طاقتور ۽ وڏا جنگي جوان آهيون ۽ معاملو تنهنجي حوالي آهي، پوءِ ڏَس ته ڪهڙو حڪم ٿي ڪرين (۳۳) چيائين ته بيشڪ بادشاهه جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيندا آهن ته ان کي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان جي رهاڪن جي عزت کي ذليل ڪندا آهن ۽ بلڪل ايئن ئي ڪندا آهن (۳٤) ۽ مان انهن ڏانهن سوڪڙي موڪليان ٿي، پوءِ ڏسان ٿي ته قاصد ڪهڙو جواب وٺي موٽن ٿا (۳۵) پوءِ جڏهن قاصد سليمان وٽ آيا ته انهن کي چيائين ته ڇا توهان مون کي دنياوي مال ڏيڻ گهرو ٿا، ۽ مون کي الله جيڪي ڏنو آهي اهو انهيءَ کان وڌيڪ ڀلو آهي جيڪو توهان کي ڏنو اٿس، بلڪ توهان ئي پنهنجي سوغاتن تي خوش ٿيو ٿا (۳٦) انهن ڏانهن موٽي وڃ، پوءِ اسان انهن تي اهڙا لشڪر چاڙهينداسين جن جي سامهون ٿيڻ جي انهن کي مجال نه هوندي ۽ اسان انهن کي ان شهر مان ذليل ڪري ڪيڍاسين ۽ اهي عاجز رهجي ويندا (۳۷) سليمان چيو ته اي سردارو! توهان ۾ ڪير آهي جيڪو هن کان اڳ جو اهي منهنجي دربار ۾ مسلمان ٿي اچن انهن جو تخت مون وٽ کڻي اچي (۳۸) جنن مان هڪڙي وڏي جن چيو ته هن کان اڳ جو تون پنهنجي جاءِ کان اٿين مان اهو تخت تو وٽ آڻيندس، ۽ مان بيشڪ ان تي طاقت رکندڙ امانت وارو آهيان (۳۹) ٻيو شخص جنهن وٽ ڪتاب مان علم هو ان چيو ته مان ان کي اک ڇنپ کان به اڳ تو وٽ آڻيندس، پوءِ جڏهن سليمان تخت کي پاڻ وٽ رکيل ڏٺو ته چيائين ته هي منهنجي رب جي مهرباني آهي جيئن مون کي آزمائي ته مان شڪر ڪريان ٿو يا ناشڪري ٿو

ڪريان ۽ جيڪو شڪر ڪندو تہ اهو پنهنجي فائدي لاءِ ئي شڪر ڪندو ۽ جيڪو ناشڪري ڪندو تہ منهنجو رب بي پرواهہ سخي آهي (٤٠) سليمان چيو تہ ان جي تخت جي شڪل مٽايو تہ اسان ڏسون تہ اها ان کي سجاڻي ٿي يا ناواقفن منجهان ٿئي ٿي (٤١) پوءِ جڏهن بلقيس آئي تہ ان کي چيو ويو تہ ڇا تنهنجو تخت بہ اهڙو ئي آهي، چيائين تہ جڻ تہ هي اهوئي آهي ۽ اسان کي هن واقعي کان اڳيئي خبر ملي وئي آهي، ۽ اسان مسلمان ٿيا آهيون (٤٢) ۽ اها الله کان سواءِ جنهن کي پوڄيندي هئي سليمان ان کان کيس روڪيو، بيشڪ اها ڪافر ماڻهن مان هئي (٤٣) ان کي چيو ويو تہ محلات ۾ هل، پوءِ جڏهن ان جي فرش کي ڏٺائين تہ ان کي پاڻي جو تلاءُ پانيائين ۽ پنهنجين پنڊين کان ڪپڙو مٿي ڪرڻ لڳي، سليمان چيو تہ هي محلات شيشن سان جڙيل آهي، چيائين تہ اي منهنجا رب! مون پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ هاڻي سليمان سان گڏ جهانن جي پالڻهار الله جي فرمانبردار ٿي آهيان (٤٤)[3] ۽ بيشڪ ثمود وارن ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي موڪليوسين تہ الله جي عبادت ڪريو، پوءِ اهي ان مهل بہ ٻہ ٽولا ٿي جهڳڙو ڪندا رهيا (٤٥) صالح چيو تہ اي منهنجي قوم! توهان ڇگهائي کان اڳي برائي جي ڇو تڪڙ ڪندا آهيو، الله کان بخشش ڇو نٿا گهرو تہ مَن توهان تي رحم ٿئي (٤٦) چيائون تہ اسان توکان ۽ تنهنجي سنگت کان خراب سوڻ ورتو آهي، صالح چيو تہ توهان جو نياڳ الله وٽ آهي، بلڪ توهان آزمايل ماڻهو آهيو (٤٧) ۽ شهر ۾ نَو ماڻهو هئا جيڪي ملڪ ۾ فساد ڪندا هئا ۽ سڌارو نہ گهرندا هيا (٤٨) پاڻ ۾ الله جو قسم کڻي چيائون تہ اسان صالح کي ۽ ان جي گهر وارن کي راتاهو هڻي ماريون، پوءِ ان جي وارثن کي چونداسين تہ ان گهر وارن جي قتل جي وقت اسان حاضر نہ هئاسين ۽ بيشڪ اسان سچا آهيون (٤٩) ۽ انهن پنهنجي طريقي جي رِٽ ڪئي ۽ اسان بہ پنهنجي رِٽ ڪئي ۽ انهن کي پتو ئي نہ پيو (٥٠) اي پيغمبر! پوءِ ڏس تہ انهن جي رٽ جو ڪهڙو انجام ٿيو، اسان انهن کي ۽ انهن جي سموري قوم کي هلاڪ ڪري ڇڏيو (٥١) پوءِ ان ڪري جو ظلم ڪيائون سندن گهر اجڙيل آهن، بيشڪ ان ۾ ڄاڻ وارن ماڻهن جي لاءِ نشاني آهي (٥٢) ۽ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي انهن کي

بچايوسين (٥٣) ۽ لوط کي موڪليوسين، جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته اوهان بي حيائي جو ڪم ڇو ڪندا آهيو ۽ توهان سمجهو به ٿا (٥٤) توهان عورتن کي ڇڏي نر ماڻهن ڏانهن شهوت جي نيت سان ڇو ويو ٿا، بلڪ توهان جاهل ماڻهو آهيو (٥٥) پوءِ ان جي قوم جو ٻيو ڪو جواب نه هو مگر هي چيائون ته لوط جي گهراڻي کي پنهنجي ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏيو هي ماڻهو ته پاڪ رهڻ گهرن ٿا (٥٦) پوءِ اسان ان جي زال کان سواءِ ان کي ۽ ان جي ٻين گهر وارن کي بچايوسين، ان جي زال کي پٺتي رهجي ويندڙن ۾ رکيوسين (٥٧) ۽ انهن تي پٿرن جو مينهن وسايوسين، پوءِ ڏيجاريلن جي لاءِ بچڙو مينهن هو (٥٨)[4] اي پيغمبر! چئو ته سڀ ساراهه الله کي جڳائي ۽ سندس ٻانهن تي سلام آهي جن کي پيغمبري لاءِ چونڊيائين، اي انسانو! ڇا الله ڀلو آهي يا جن کي الله جو شريڪ ٺاهيو وڃي ٿو (٥٩) ڇون ٿا ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي. ۽ توهان لاءِ آسمان مان پاڻي ڪير وسائي ٿو، پوءِ ان سان رونق وارا باغ ڄمايون ٿا ۽ انهن باغن جي وڻن کي ڄمائڻ جي توهان کي ڪا طاقت نه آهي، ڇا الله سان گڏ ڪيو ٻيو معبود آهي، نه، بلڪ اهي مشرڪ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي سڌي وات کان پاسو ڪن ٿا (٦٠) ڇون ٿا ته زمين کي ٽڪاءُ وارو ڪنهن ڪيو ۽ ان جي وچ ۾ نهرون ڪنهن ڪڍيون ۽ ان تي وزن (جبل) ڪنهن رکيا آهن ۽ ٻن سمنڊن (دريائن) جي وچ ۾ سَنڈو ڪنهن ڪيو آهي، ڇا الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود آهي ، نه، بلڪ انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن (٦١) ڇون ٿا ته ڀلا پريشان حال جڏهن سڏيندو آهي ته ان جو سڏ ڪير قبول ڪندو آهي ۽ تڪليف ڪير ٽاريندو آهي ۽ ڪنهن توهان کي زمين ۾ اڳين جو وارث ڪيو آهي، ڇا الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود آهي، توهان گهٽ نصيحت ونندا آهيو (٦٢) ڇون ٿا ته برن ۽ بحرن جي اونداهين ۾ توهان کي راهه ڪير ڏيکاريندو آهي ۽ پنهنجي ٻاجهه جي مينهن کان اڳ خوشخبري ٻڌائيندڙ هوائون ڪير گهلائيندو آهي، ڇا الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود آهي، ڪافر جيڪي شريڪ مقرر ڪندا آهن الله انهن کان گهڻو مٿانهون آهي (٦٣) نئين سر مخلوق ڪنهن شروع ڪئي، ۽ پوءِ به ان کي خلقيندو رهي ٿو ۽ توهان کي آسمانن ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي، ڇا الله سان گڏ ڪو

ٻيو معبود آهي. اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ پنهنجو دليل پيش ڪريو (٦٤) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ ڳُجهہ آهن سي الله کان سواءِ ڪير بہ نہ ڄاڻندو آهي. ۽ نہ انهن کي خبر آهي تہ ڪڏهن اٿاريا ويندا (٦٥) آخرت جي باري ۾ انهن جو علم عاجز آهي. بلڪ اهي ان بابت شڪ ۾ آهن. بلڪ اهي ان کان اڻ ڄاڻ آهن (٦٦)[5] ۽ جن ڪفر ڪيو آهي سي چوندا آهن تہ جڏهن اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا متي ٿي ويندا سين تہ ڇا اسان کي وري قبرن مان ڪڍيو ويندو (٦٧) بيشڪ اسان کي ۽ اسان کان اڳي اسان جي ابن ڏاڏن کي ان ڳالهہ جو ڌڪو ڏنو ويو آهي مگر اهي تہ اڳين جون ڪهاڻيون آهن (٦٨) اي پيغمبر! کين چئو تہ زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو تہ گناهگارن جو انجام ڪيئن ٿيو (٦٩) ۽ اي پيغمبر! تون انهن تي ڏک نہ ڪر ۽ انهن جي فريب کان تنگ دل نہ ٿي (٧٠) ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ اهو واعدو ڪڏهن ايندو (٧١) کين چئو تہ جنهن جي تڪڙ ڪريو ٿا تنهن مان متان ڪجهہ توهان جي پٺيان ويجهو هجي (٧٢) ۽ بيشڪ تنهنجو رب ماڻهن تي مهربان آهي پر گهڻا ماڻهو شڪر نٿا ڪن (٧٣) ۽ بيشڪ جيڪي انهن جا سينا لڪائين ٿا ۽ جيڪي اهي ظاهر ڪن ٿا سو تنهنجو رب ڄاڻندڙ آهي (٧٤) ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪابہ شي ڳُجهي نہ آهي جيڪا پڌري ڪتاب ۾ لکيل نہ هجي (٧٥) بيشڪ هي قرآن بني اسرائيل کي گهڻيون اهي ڳالهيون ٻڌائي ٿو جن ۾ اهي اختلاف ڪندا آهن (٧٦) ۽ بيشڪ اهو قرآن مومنن لاءِ هدايت ۽ ٻاجهہ آهي (٧٧) بيشڪ تنهنجو رب پنهنجي حڪم سان انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو ۽ اهو ئي زبردست ڄاڻندڙ آهي (٧٨) پوءِ اي پيغمبر! تون الله تي ڀروسو ڪر. بيشڪ تون پڌري حق تي آهين (٧٩) بيشڪ تون مُئلن کي نہ ٻُڌائي سگهندين ۽ جڏهن ڪُني ڏُئي ڦرن تہ ٻوڙن کي بہ سڏ ڪري نہ سگهندين (٨٠) ۽ انڌن کي انهن جي ڳُلجڻ تي تون رستو ڏيکارڻ وارو نہ آهين. تون رڳو انهن کي ٻُڌائي سگهندين جيڪو اسان جي آيتن کي مڃيندو پوءِ اهي مسلمان آهن (٨١) ۽ جڏهن انهن تي عذاب جو انجام اچي پهچندو تہ اسان زمين مان انهن لاءِ هڪڙو جانور ڪڍنداسين جيڪو انهن سان ڳالهائيندو جو ماڻهو

اسان جي آيتن تي يقين نہ رکندا هئا (۸۲)[6] ۽ جنهن ڏينهن اسان هر امت مان اهڙي ٽولي کي گڏ ڪنداسين جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ٿي تہ پوءِ انهن کي ٻين جي پهچڻ تائين بيهاريو ويندو (۸۳) تان جو جڏهن سمورا حاضر ٿي ويندا تہ الله چوندو تہ توهان منهنجي آيتن کي ڇو ڪوڙو ڄاتو هو يا اوهان انهن کي سمجهيو نہ هو يا اوهان ڪهڙو ڪم ڪندا هئا (۸٤) ۽ انهي ڪري جو ظلم ڪيائون انهن تي ڄاڻايل عذاب لازم ٿيندو پوءِ اهي ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهندا (۸۵) انهن نہ ڏٺو آهي ڇا تہ اسان رات کي پيدا ڪيو تہ جيئن ان ۾ آرام ڪن ۽ ڏينهن کي ڏِسڻ لاءِ روشن بڻايوسين. بيشڪ ڇڻ وارن ماڻهن لاءِ ان ۾ نشانيون آهن (۸٦) ۽ ياد ڪر جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو تہ پوءِ جنهن کي الله گهري انهن کان سواءِ جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سڀ گهبرائيندا. ۽ سمورا عاجزي ڪندي ان جي حضور ايندا (۸۷) ۽ توهان جبلن کي ڏسو ٿا ۽ خيال ڪريو ٿا تہ اهي ڄميل آهن پر اهي ائين هلندا جيئن ڳڪر هلن. اها ان الله جي جوڙ آهي جنهن هر شي کي حڪمت سان ٺاهيو آهي. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي اهو خبر رکندڙ آهي (۸۸) جيڪو نيڪي آڻيندو ان جي لاءِ ان کي بهتر انعام ملندو ۽ اهي ان ڏينهن جي گهبراهٽ کان امن ۾ هوندا (۸۹) ۽ جيڪو بُرائي آڻيندو تہ ان کي منهن ۾ باهہ ۾ اونڌو وڌو ويندو. ڇيو ويندن تہ جيڪي ڪندا هيوَ ان کان سواءِ توهان کي ٻيو بدلو نٿو ڏجي (۹۰) اي پيغمبر! کين چئو تہ مون کي تہ اهو ئي حڪم ٿيل آهي تہ مان هن شهر (مڪي) جي پالڻهار جي عبادت ڪريان جنهن ان کي تعظيم وارو ڪيو ۽ سڀ ڪا شي انهيءَ جي آهي ۽ مون کي حڪم ٿيل آهي تہ مان فرمانبردار ٻانهن مان هجان (۹۱) ۽ هي تہ قرآن پڙهي ٻڌايان. پوءِ جنهن هدايت اختيار ڪئي انهيءَ پنهنجي فائدي جي واٽ ورتي ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو تہ چئو تہ مان تہ فقط ڊيڄاريندڙ آهيان (۹۲) ۽ چئو تہ سڀ ساراهہ الله کي جڳائي. اهو سگهو توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو. پوءِ توهان انهن کي سڃاڻي ونڊندو ۽ جيڪي ڪندا آهيو ان کان اوهان جو پالڻهار بي خبر نہ آهي (۹۳)[7]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو مهربان ۽ ڄاڻهارو آهي

سورت قصص مڪي آهي، هن ۾ 88 آيتون ۽ 9 رڪوع آهن

طٰسٓمٓ (١) هي روشن ڪتاب جون آيتون آهن (٢) اي پيغمبر! اسان مومنن کي هڏائڻ جي لاءِ توکي سچي طرح سان موسيٰ ۽ فرعون جي خبر ٻڌايون ٿا (٣) بيشڪ فرعون ملڪ ۾ وڏائي ڪئي هئي ۽ اتي جي ماڻهن کي تولا تولا ڪيو هئائين ۽ انهن مان هڪڙي ٽولي کي ڪمزور ڪيو هئائين جو انهن جي پٽن کي ڪهندو هو ۽ انهن جي ڌيئرن کي زندهه ڇڏيندو هو. بيشڪ اهو فسادين مان هو (٤) اسان گهريو پئي ته جن کي ملڪ ۾ ڪمزور ڪيو ويو هو انهن تي احسان ڪريون ۽ انهن کي ماڻهن جو اڳواڻ ڪيون ۽ انهن کي جانشين ٻڌايون (٥) ۽ انهن کي ملڪ ۾ زور ونڊايون، ۽ فرعون ۽ هامان ۽ انهن جي لشڪرن کي انهن ڪمزورن کان اهوئي ڏيکاريون جنهن کان اهي ڊڄي رهيا آهن (٦) ۽ اسان موسيٰ جي ماءُ کي الهام ڪيو ته ان کي ٻچ پيار جڏهن توکي ان بابت ڊپ ٿئي ته پوءِ ان کي درياء ۾ لوڙهي ڇڏجانءِ ۽ نه خوف ڪجانءِ ۽ نه ئي ڏک ڪجانءِ، بيشڪ اسان ان کي توڏانهن موٽائي آڻيندا سين ۽ ان کي رسولن مان ڪندا سين (٧) پوءِ ان کي فرعون جي ماڻهن کڻي ورتو جو اهو انهن جو دشمن ۽ انهن جي ڏُک جو ڪارڻ ٿئي. بيشڪ فرعون ۽ هامان ۽ انهن جا لشڪر خطا ڪندڙ هئا (٨) ۽ فرعون جي زال چيو ته هي ٻار منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اکين جو نور آهي، هن کي قتل نه ڪيو شايد هي اسان کي نفعو ڏئي يا اسان ان کي پٽ ڪري پاليون، ۽ اهي ان جي حقيقت کان بي خبر هئا (٩) ۽ صبح جو موسيٰ جي ماءُ جي دل بيقرار ٿي، جيڪڏهن اسان ان جي دل کي مضبوط نه ڪريون ها ته اها ان راز کي ظاهر ڪري وجهي ها، اسان اهو هن لاءِ ڪيو ته جيئن اها يقين ڪندڙن مان ٿئي (١٠) ۽ موسيٰ جي پيٽ کي چيائين ته ان جي پٺيان لڳي وڃ، پوءِ اها ان کي پري کان ڏسندي رهي ۽ انهن ماڻهن کي معاملي جي کا خبر کانه هئي (١١) ۽ اسان اڳيئي سمورين داين جي ٻچ ان تي حرام (بند) ڪئيسين، پوءِ ان جي پيٽ چيو ته ڇا مان توهان کي اهڙي گهر وارن جو ڏس ڏيان جيڪي توهان

جي پاران هن ٻار جي سنيال ڪن ۽ اهي ان جا خيرخواهه ٻه هجن (١٢) پوءِ اسان ان (موسيٰ) کي سندس ماءُ ڏانهن موٽايو ته جيئن ان (ماءُ) جون اکيون ٺرن ۽ غمگين نه ٿئي ۽ يقين ڪري ته الله جو واعدو سچو آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن (١٣)[1] ۽ جڏهن اهو (موسيٰ) پنهنجي جواني کي پهتو ۽ پختو ٿيو ته اسان ان کي دانائي ۽ علم عطا ڪيو ۽ ڀلارن کي اسان اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون (١٤) ۽ موسيٰ شهر ۾ ان وقت داخل ٿيو جڏهن شهر وارا ننڊ ۾ غافل هئا، پوءِ اتي ٻه ماڻهو وڙهندي ڏٺائين جن مان هڪڙو موسيٰ جي جماعت مان هو ۽ ٻيو ان جي دشمنن جي ٽولي مان هو پوءِ جيڪو سندس جماعت مان هو ان موسيٰ کان ان جي خلاف مدد گهري جيڪو ان جي دشمنن مان هو، پوءِ موسيٰ ان کي مُڪ هنئي ۽ ان کي ماري وڌائين پوءِ چيائين ته هي ته شيطان جي ڪم مان ٿي ٻيو بيشڪ اهو پڌرو گمراهه ڪندڙ دشمن آهي (١٥) موسيٰ عرض ڪيو ته اي منهنجا رب! بيشڪ مون پاڻ تي ظلم ڪيو آهي مون کي بخش ڪر ته پالڻهار ان کي بخشي ڇڏيو بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي (١٦) موسيٰ عرض ڪيو ته اي منهنجا رب! جيئن تو مون تي مهرباني ڪئي آهي هاڻي مان ڪڏهن ٻه ڏوهارين جو مددگار نه ٿيندس (١٧) پوءِ ان شهر ۾ ڊڄندي انتظار ۾ صبح ڪيائين ته اوچتو جنهن ڪالهه ان کان مدد گهري هئي وري ڪيس مدد لاءِ پڪاري رهيو هو موسيٰ ان کي چيو ته بيشڪ تون صفا ڦليل آهين (١٨) پوءِ جڏهن موسيٰ اُن کي پڪڙڻ گهريو جو انهن ٻنهي جو دُشمن هيو ته انهيءَ چيو ته اي موسيٰ! ڇا تون مون کي ٻه ايئن ئي مارڻ گهرين ٿو جيئن تو ڪالهه هڪ شخص کي ماريو هو شايد تون اهوئي گهرين ٿو ته زمين ۾ سرڪش ٻڌجين ۽ سڌارو ڪرڻ وارن مان ٿيڻ نٿو گهرين (١٩) ۽ شهر جي ٻئي پاسي کان هڪ شخص ڊوڙندو آيو ۽ چيائين ته اي موسيٰ! بيشڪ درٻار وارا تنهنجي قتل جو مشورو ڪري رهيا آهن، تنهنڪري نڪري وڃ، مان تنهنجي خيرخواهن مان آهيان (٢٠) پوءِ موسيٰ ڊڄندو بچندو ان شهر مان نڪتو ۽ عرض ڪيائين ته اي منهنجا رب! مون کي ظالمن جي قوم کان بچاءِ (٢١)[2] ۽ جڏهن مدين شهر جي طرف رُخ ڪيائين ته چيائين ته اميد آهي ته منهنجو رب مون کي سڌي واٽ ڏيکاريندو (٢٢) ۽ جڏهن مدين جي پاڻي (کوهه) تي پهتو ته اتي ماڻهن جي هڪ ٽولي کي ڏٺائين

جيڪي پنهنجي مال کي پاڻي پياري رهيا هيا ۽ انهن کان پريرو ۽ عورتون ڏنائين جيڪي پنهنجي مال کي روڪي بيٺيون هيون، موسيٰ چيو تہ توهان ٻنهي جو ڪهڙو حال آهي، انهن چيو تہ جيتر سمورا ڏنار مال کي پاڻي پياري موڪلائي نہ وڃن ايتري تائين اسان پاڻي نہ پيارينديون آهيون ۽ اسان جو پيءُ نهايت پوڙهو آهي (٢٣) موسيٰ انهن جي مال کي پاڻي پياريو، پوءِ ڇانوَ طرف آيو ۽ عرض ڪيائين تہ اي منهنجا ربا! جيڪا نعمت تون منهنجي طرف لاهين مان ان لاءِ محتاج آهيان (٢٤) پوءِ انهن مان هڪڙي حياداري سان هلندي ان وٽ آئي ۽ چيائين تہ منهنجو پيءُ توکي سڏي ٿو تہ جيئن توکي اسان جي مال کي پاڻي پيارڻ جو بدلو ڏئي، جڏهن موسيٰ ان وٽ آيو ۽ ان کي پورو واقعو بيان ڪري ٻڌايائين تہ ان (شعيب) چيو تہ ڊج نہ، تون ظالمن جي قوم کان بچي آيو آهين (٢٥) انهن مان هڪڙيءَ چيو تہ اي بابا! هن کي ملازم ڪري رک، بيشڪ ڀلو ملازم اهو آهي جيڪو طاقتور ۽ امانت دار هجي (٢٦) ٻيڙي (شعيب) چيو تہ مان چاهيان ٿو تہ پنهنجي هنن ڌن نياڻين مان هڪڙي توکي هن شرط تي پرڻايان تہ اٺ سال منهنجو ڪم ڪار ڪرين پر جيڪڏهن ڏهہ سال پورا ڪرين تہ اها تنهنجي طرف کان مهرباني ٿيندي ۽ مان توکي تڪليف ۾ وجهڻ نٿو چاهيان، جيڪڏهن الله گهريو تہ تون مون کي ڀلن ماڻهن مان ڏسندين (٢٧) موسيٰ چيو تہ منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ اهو طئي ٿي ڇُڪو مان انهن ٻنهي مدتن مان جيڪا بہ مدت پوري ڪريان تہ پوءِ مون تي وڌيڪ کو زوربار نہ هوندو ۽ جيڪي چئون تا ان تي الله شاهد آهي (٢٨)[3] پوءِ جڏهن موسيٰ پنهنجو مدو پورو ڪيو ۽ پنهنجن گهر وارن کي وٺي هليو تہ طور جبل جي طرف کان باهہ ڏنائين، پنهنجي گهر وارن کي چيائين تہ توهان ترسو مون باهہ ڏٺي آهي، شايد توهان وٽ اتان کا خبر آڻيان يا باهہ جو ڪو ٽانڊو آڻيان جو توهان پاڻ سيکيو (٢٩) جڏهن باهہ وٽ پهتو تہ ميدان جي ساڄي پاسي کان برڪت واري هنڌان وڻ مان کيس آواز آيو تہ اي موسيٰ! بيشڪ مان جهانن جو پالڻهار الله آهيان (٣٠) ۽ تون پنهنجي لٺ ڦٽي ڪر، پوءِ جڏهن موسيٰ ان کي ڇُرندي ڏٺو جڙ تہ نانگ آهي تہ پٺي ڦيري هليو ۽ مڙي نہ ڏنائين، سڏ ٿيو تہ اي موسيٰ! آڳتي اچ ۽ ڊج نہ بيشڪ تون امن وارن مان آهين (٣١) پنهنجو هٿ گريبان ۾ وجهہ تہ سفيد چمڪدار بی عيب ٿي

نڪرندو ۽ خوف پري ڪرڻ لاءِ پنهنجون ٻانهون پنهنجي سيني تي رک. پوءِ اهي ٻئي نشانيون (معجزا) تنهنجي رب طرفان فرعون ۽ ان جي سردارن لاءِ دليل آهن. بيشڪ اهي نافرمان ماڻهو آهن (٣٢) عرض ڪيائين ته اي منهنجا رب! مون انهن جو هڪڙو ماڻهو ماريو آهي سو مان ڊجان ٿو ته متان مون کي قتل ڪن (٣٣) ۽ منهنجو ڀاءُ هارون مون کان وڌيڪ صاف ڳالهائيندڙ آهي. پوءِ ان کي مون سان گڏ مدد لاءِ مقرر ڪر ته منهنجي تصديق ڪري. ڇوتہ مان ڊجان ٿو ته اهي مون کي ڪوڙو چوندا (٣٤) الله چيو ته جلد اسان تنهنجي طاقت کي تنهنجي ڀاءُ سان مضبوط ڪنداسين ۽ توهان ٻنهي کي غلبو ڏينداسين. پوءِ اهي اسان جي نشانين سبب توهان تائين پهچي نہ سگهندا. ۽ اسان جي پڌرن معجزن سبب توهان ٻئي ۽ جيڪي ٻہ توهان جي پيروي ڪندا سي غالب رهندا (٣٥) پوءِ جڏهن موسيٰ اسان جون پڌريون نشانيون ڪٽي انهن وٽ آيو ته چيائون ته هي ته فقط هٿ ٺوڪيل جادو آهي ۽ اسان پنهنجن اڳين ابن ڏاڏن کان اهڙي ڳالهہ ڪڏهن نہ ٻڌي (٣٦) ۽ موسيٰ چيو ته منهنجو پالڻهار انهيءَ کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جنهن وٽانئس هدايت آندي آهي ۽ جنهن لاءِ آخرت جو موڇارو گهر هوندو. بيشڪ ظالم مراد کي نہ پهچندا (٣٧) ۽ فرعون چيو ته اي سردارو! مان توهان جي لاءِ پاڻ کان سواءِ ڪو ٻيو معبود نٿو ڄاڻان. پوءِ اي هامان! منهنجي لاءِ سرن جو ڪورو پچاءِ. پوءِ منهنجي لاءِ هڪ محل ٺاهہ ته جيئن مٿي چڙهي موسيٰ جي معبود کي ڏسان ۽ بيشڪ مان ان کي ڪوڙن مان ڄانيان ٿو (٣٨) ۽ ان (فرعون) ۽ سندس لشڪر ملڪ ۾ ناحق وڏائي ڪئي ۽ سمجهيائون ته کين اسان جي طرف موٽڻو ڪونهي (٣٩) پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي لشڪر کي پڪڙيوسين. پوءِ انهن کي درياء ۾ اڇليوسين. پوءِ ڏس ته ظالمن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي (٤٠) ۽ اسان انهن کي اهڙو اڳواڻ ٻڌايوسين جو اهي ماڻهن کي دوزخ جي باهہ ڏانهن سڏيندا هيا ۽ قيامت جي ڏينهن انهن جي مدد نہ ٿيندي (٤١) ۽ اسان هن دُنيا ۾ انهن جي پنڇان لعنت لڳائي ڇڏي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي بيڇڙن مان هوندا (٤٢)[4] ۽ اڳين قومن کي هلاڪ ڪرڻ کان پوءِ اسان موسيٰ کي ماڻهن لاءِ چٽو دليل ۽ هدايت ۽ رحمت جو ڪتاب ڏنوسين ته جيئن اهي نصيحت پرائين (٤٣) ۽ اي پيغمبر! جڏهن اسان موسيٰ کي رسالت جو حڪم ڏنو تڏهن

تون طور جبل جي اولهه طرف موجود نه هئين ۽ نه تو اهو واقعو پنهنجي اکين سان ڏٺو (٤٤) اسان موسيٰ کان پوءِ کيترائي جُڳ پيدا ڪياسين. پوءِ انهن تي ڊگهو زمانو گذريو ۽ نه تون مدين وارن ۾ رهندڙ هُئين جو انهن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائين ها، پر اسان رسول موڪلينداً رهيا آهيون (٤٥) ۽ نه ئي تون ان وقت طور جبل جي پاسي ۾ هئين جڏهن اسان موسيٰ کي سڏيو هو پر توتي تنهنجي رب جي رحمت ٿي آهي جو تون اهڙي قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نه آيو هو ته جيئن اهي نصيحت وٺن (٤٦) ۽ جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته سندن هٿن جيڪي اڳتي موڪليو آهي ان سبب انهن تي ڪا مصيبت پهچي ها ته چون ها ته اسان جا رب! تو اسان ڏي ڪو رسول چو نه موڪليو جو اسان تنهنجي آيتن جي پيروي ڪريون ها ۽ ايمان وارن مان ٿيون ها (٤٧) پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جي طرفان حق آيو آهي ته چوڻ لڳا آهن ته هن پيغمبر کي اهڙا معجزا چو نه ڏنا ويا آهن جهڙا معجزا موسيٰ کي ڏنا ويا هيا، ڇا جيڪو اڳي موسيٰ کي ڏنو ويو هو انهن ان جو انڪار نه ڪيو آهي جو چون ٿا ته اهي ٻئي (توريت ۽ قرآن) هڪجهڙا جادو آهن ۽ چون ٿا ته اسان انهن ٻنهي جا مُنڪر آهيون (٤٨) اي پيغمبر! کين چئو ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته پوءِ الله وٽان کو ڪتاب وٺي اچو جيڪو انهن ٻنهي ڪتابن کان وڌيڪ سڏو رستو ڏيکاريندڙ هجي ته مان ان جي پيروي ڪريان (٤٩) پوءِ جيڪڏهن اهي تنهنجي ڳالهه قبول نه ڪن ته پوءِ يقين ڪر ته اهي فقط پنهنجي خواهشن جي پٺيان هلندا آهن، ۽ جيڪو الله جي هدايت ڇڏي پنهنجي خواهشن جي پيروي ڪري ته ان کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي، بيشڪ الله ظالمن جي قوم کي هدايت نه ڪندو آهي (٥٠)[5] ۽ بيشڪ اسان هن قرآن کي انهن تائين پهچايو آهي ته جيئن اهي نصيحت وٺن (٥١) جن کي اسان هن کان اڳي ڪتاب ڏنو آهي سي هن قرآن کي مڃيندا آهن (٥٢) ۽ جڏهن انهن کي هي آيتون پڙهي ٻڌائبيون آهن ته چوندا آهن ته اسان ان تي ايمان آندو بيشڪ اهو اسان جي رب جي طرف کان آيل حق آهي، اسان هن کان اڳيئي مسلمان هئاسين (٥٣) اِهي اُهي آهن جن کي سندن اجر ٻيڻو ڪري ڏنو ويندو، انهيءَ ڪري جو صبر ڪيائون ۽ برائي کي چڱائي سان ٽاريندا آهن ۽ اسان جي ڏني مان اسان

جي راهہ ۾ خرچ ڪندا آهن (٥٤) ۽ اهي مومن جڏهن ڪا بيهودي ڳالهہ ٻڌندا آهن تہ ان کان منهن موڙي هليا ويندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان جي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ توهان جي لاءِ توهان جا عمل آهن. بس توهان تي سلام. اسان جاهلن جي سنگت نٿا گهرون (٥٥) اي پيغمبر! بيشڪ تون جنهن کي پسند ڪرين ان کي هدايت نٿو ڪري سگهين. پر الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي ۽ اهوئي هدايت تي اچڻ وارن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (٥٦) ۽ ڪي چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان توسان گڏ هدايت جي پيروي ڪنداسين تہ ماڻهو اسان کي اسان جي ملڪ مان اغوا ڪري ويندا. ڇا اسان انهن کي امن واري حرم (مڪي) ۾ نہ ٺڪايو آهي جو اسان جي طرف کان انهن جي روزي لاءِ هر قسم جا ميوا ان شهر ڏانهن ڇڪجي اچن ٿا. پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٥٧) ۽ اسان ڪيترا شهر تباهہ ڪري ڇڏيا جن جا رهاڪو پنهنجي عيش ۾ حد کان لنگهي ويا هئا. پوءِ اهي انهن جون جايون آهن جو انهن کان پوءِ ٿورن کان سواءِ اتي ڪير رهيوئي نہ آهي ۽ اسان ئي وارث آهيون (٥٨) ۽ اي پيغمبر! تنهنجو رب ڳوٺن کي ايتري تائين برباد نہ ڪندو آهي جيستائين انهن جي اصل مرڪز ۾ رسول نہ موڪلي جو انهن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي. ۽ اسان ڳوٺن کي ان وقت تائين برباد نہ ڪندا آهيون جيستائين ان جا رهاڪو ظالم نہ هجن (٥٩) ۽ اي انسانو! توهان کي جيڪي بہ شيون ڏنيون ويون آهن سي فقط دنياوي زندگيءَ جو سامان ۽ ان جو سينگار آهن ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو گهڻو ڀلو ۽ سدائين رهڻ وارو آهي. پوءِ توهان ڇو نٿا سمجهو (٦٠)[6] پوءِ اهو جنهن سان اسان سٺو واعدو ڪيو آهي جيڪو ان کي ملڻ وارو بہ آهي سو ان جهڙو آهي ڇا جنهن کي اسان دنياوي زندگيءَ جي سامان سان آسودو ڪيوسين ۽ پوءِ اهو قيامت جي ڏينهن عذاب ۾ گرفتار ڪيلن مان هجي (٦١) ۽ جنهن ڏينهن الله انهن نافرمانن کي سڏيندو ۽ پڇندو تہ منهنجا اهي شريڪ ڪٿي آهن جن کي توهان مون جهڙو سمجهندا هيوَ (٦٢) اهي جن تي عذاب جو حڪم لازم ٿي ڇڪو هوندو سي ٻين لاءِ چوندا تہ اي اسان جا رب! هي آهن اُهي ماڻهو جن کي اسان گمراهہ ڪيو هو اسان انهن کي ائين گمراهہ ڪيو هو جيئن پاڻ گمراهہ هياسين. هاڻي اسان ڪائنڪ بيزار ٿي توڏانهن آيا آهيون اهي اسان

جي پوڄا نہ ڪندا هئا (٦٣) ۽ انهن مشرڪن کي چيو ويندو تہ پنهنجن شريڪن کي سڏيو ۽ پوءِ اهي انهن بتن کي سڏيندا تہ اهي انهن کي ورندي نہ ڏيندا ۽ اکين آڏو عذاب ڏسندا تہ چوندا تہ جيڪر سڌي واٽ تي هلون ها (٦٤) ۽ ان ڏينهن انهن کي سڏيو ويندو پوءِ الله چوندو تہ توهان رسولن کي ڪهڙو جواب ڏنو هو (٦٥) پوءِ انهيءَ ڏينهن انهن کان سڀ ڳالهيون وسري ويندیون، پوءِ اهي هڪٻئي کان بہ ڪجهہ پڇي ڳڇي نہ سگهندا (٦٦) پوءِ اهو جنهن دنيا ۾ توبهہ ڪئي ۽ ايمان آندائين ۽ چڱا ڪم ڪيائين تہ اميد آهي تہ اهو ڪامياب ماڻهن مان هوندو (٦٧) ۽ اي پيغمبر! تنهنجو رب جيڪي گهرندو آهي ۽ پسند ڪندو آهي اهو پيدا ڪندو آهي، باقي انهن ماڻهن کي کو اختيار ڪونهي، الله کي پاڪائي آهي ۽ جنهن کي ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان گهڻو مٿانهون آهي (٦٨) ۽ جيڪي انهن جي سينن ۾ لڪل آهي ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن سو تنهنجو رب ڄاڻندڙ آهي (٦٩) ۽ اهو الله آهي ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، دُنيا ۽ آخرت ۾ انهيءَ جي ئي ساراهہ آهي ۽ انهيءَ جو ئي حڪم هلندڙ آهي ۽ اوهان سڀ انهي ڏانهن موٽايا ويندو (٧٠) اي پيغمبر! کين چئو تہ پلا ڏِسو تہ سهي جيڪڏهن الله توهان تي قيامت جي ڏينهن تائين هميشهہ لاءِ رات قائم ڪري تہ پوءِ الله کان سواءِ ٻيو ڪهڙو حاڪم آهي جيڪو توهان کي سوجهرو آڻي ڏئي، پوءِ ڇا توهان ٻڌو نٿا (٧١) کين چئو تہ پلا ڏِسو تہ جيڪڏهن الله توهان تي قيامت جي ڏينهن تائين سانڍهہ ڏينهن قائم ڪري ڇڏي تہ پوءِ الله کان سواءِ ڪهڙو حاڪم آهي جيڪو توهان وٽ رات آڻيندو جنهن ۾ آرام ڪريو پوءِ ڇا توهان ڏسو نٿا (٧٢) ۽ ان پنهنجي مهرباني سان توهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن ٻڌايا آهن جو رات ۾ آرام ڪريو ۽ ڏينهن ۾ ان جو فضل تلاش ڪريو تہ جيئن توهان شڪر ڪريو (٧٣) ۽ جنهن ڏينهن الله انهن کي سڏيندو ۽ پڇندو تہ ڪٿي آهن منهنجا شريڪ جن کي توهان مون جهڙو سمجهندا هيا (٧٤) ۽ هر امت مان اسان هڪ شاهد (پيغمبر) ڪيڍاسين، پوءِ منڪرن (ڪافرن) کي چونداسين تہ پنهنجو دليل پيش ڪريو پوءِ يقين ڪندا تہ بيشڪ حق الله جي ياسي آهي ۽ جيڪي ڪاهہ ڪاهيندا آهن اهي انهن کان وسري ويندا (٧٥)[7] بيشڪ قارون موسيٰ جي قوم مان هو پر ان (قارون) انهن ماڻهن تي

ظلم زيادتي ڪئي ۽ اسان ڪيس خزانن مان ايترو ڏَنو هيوسين جن جون ڪنجيون هڪ طاقتور جماعت جي ڪٽڙ کان بہ ڳريون هيون. ان کي سندس قوم وارن چيو تہ آکڙ نہ ڪر. بيشڪ الله آکڙ ڪندڙن کي پسند نہ ڪندو آهي (٧٦) ۽ الله توکي جيڪو مال ڏَنو آهي ان سان سخاوت ڪري آخرت جو گهر طلب ڪر ۽ دُنيا ۾ نيڪ عمل ڪرڻ جو پنهنجو حصو نہ وسار ۽ جيئن الله توتي احسان ڪيو آهي ائين تون بہ ماڻهن تي احسان ڪر ۽ زمين ۾ فساد وجهڻ نہ گهر. ڇوتہ الله فساد ڪرڻ وارن کي پسند نہ ڪندو آهي (٧٧) قارون چيو تہ مون کي هي مال ملڪيت جيڪو مون وٽ هنر آهي ان جي ذريعي مليو آهي. ڇا ان کي اهو معلوم نہ هو تہ الله کانئس اڳ ڪيترا جُڳ هلاڪ ڪري ڇڏيا هيا جيڪي طاقت ۾ بہ هن کان وڌيڪ سگها هيا ۽ مال ملڪيت ۾ بہ هن کان گهڻو وڌيڪ هيا. ۽ ڏوهارين کان انهن جي گناهن بابت عذر جي پڇا نہ ڪئي ويندي (٧٨) پوءِ اهو پنهنجي قوم سامهون پنهنجي ٺٺ ٺانگر سان نڪتو. دنيا جي زندگي چاهڻ وارن چيو تہ جيڪر اسان وٽ بہ اهو هجي ها جيڪو قارون کي ڏَنو ويو آهي. بيشڪ اهو وڏي نصيب وارو آهي (٧٩) ۽ جن کي علم ڏَنو ويو هو انهن چيو تہ توهان جي لاءِ خرابي هجي. جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائين تہ ان لاءِ الله جو ثواب بهتر آهي ۽ اها ڳالهہ صبر وارن کان سواءِ ٻئي جي دل ۾ نہ ويهندي آهي (٨٠) پوءِ اسان ان کي ۽ ان جي گهر کي زمين ۾ غرق ڪري ڇڏيوسين. پوءِ ان وٽ الله کان سواءِ کا جماعت نہ هئي جيڪا ان جي مدد ڪري ها ۽ نہ وري اهو پاڻ کي بچائي سگهڻ جهڙو هو (٨١) ۽ ڪالهہ جن سندس مرتبي جي سَڌ ٿي ڪئي صبح جو چوڻ لڳا تہ عجيب ڳالهہ آهي تہ الله پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ تنگ بہ ڪندو آهي. جيڪڏهن الله اسان تي مهرباني نہ ڪري ها تہ اسان کي بہ زمين ۾ ڳهائي ڇڏي ها. نہ ڄاتو اٿن چا تہ ڪافرن جو چوٽڪارو نہ آهي (٨٢)[9] اهو آخرت جو گهر (جنت) اسان انهن لاءِ مقرر ڪيو آهي جيڪي زمين ۾ نہ وڌائي ڪندا آهن ۽ نہ فساد ڪرڻ چاهيندا آهن ۽ پرهيزگارن لاءِ چڱي پڇاڙي آهي (٨٣) جيڪو نيڪي آڻيندو انهيءَ لاءِ ان کان ڀلو بدلو آهي ۽ جيڪو گناهہ آڻيندو تہ پوءِ گناهگارن کي رڳو اها سزا ملندي جيترا ڏوهہ ڪيائون (٨٤)

بيشڪ جنهن الله توتي قرآن جا حڪم فرض ڪيا آهن اهو توکي ماڳ تي موڪائيندو. اي پيغمبر! ڪين چئو ته جنهن هدايت آندي آهي تنهن کي ۽ جيڪو کُلي گمراهي ۾ آهي ان کي منهنجو رب چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (٨٥) ۽ اي پيغمبر! تون اميد ڪونہ رکندو هئين ته توتي ڪتاب موڪليو ويندو پر تنهنجي رب جي ٻاجھ سان لاڏو ويو. پوءِ تون ڪافرن جو هرگز مددگار نہ ٿجان (٨٦) ۽ اي پيغمبر! جڏهن توڏانهن آيتون نازل ٿين ته اهي ڪافر توکي الله جي حڪمن کي پهچائڻ کان هرگز نہ روڪين ۽ ماڻهن کي پنهنجي رب ڏانهن سڏيندو رهہ ۽ شرڪ ڪرڻ وارن مان هرگز نہ ٿجانءِ (٨٧) ۽ الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي معبود سمجهي سڏ نہ ڪجانءِ. ان کان سواءِ ڪوئي معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. ان جي ذات کان سواءِ هر شي فاني آهي. انهيءَ جو ئي حڪم هلندڙ آهي ۽ سڀني کي انهيءَ ڏانهن موٽڻو آهي (٨٨)[9]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مهربان آهي

سورت عنڪبوت مڪي آهي. هن ۾ 69 آيتون ۽ 7 رڪوع آهن

الٓمّٓ (١) ڇا ماڻهن اهو سمجهيو آهي ته رڳو ايتري چوڻ تي ته "اسان ايمان آندو آهي" ڇُٽي ويندا ۽ ڪين آزمايو نہ ويندو (٢) ۽ جيڪي انهن کان اڳي هيا بيشڪ انهن کي ب اسان آزمايو هو. پوءِ الله انهن کي ضرور ڄاڻندو ته ڪير سچا آهن ۽ ڪوڙن کي ب ڄاڻي وٺندو (٣) جيڪي بُرا ڪم ڪن ٿا انهن ڇا سمجهيو آهي ته اهي اسان کان نڪري ويندا. ڪهڙو نہ بُرو فيصلو ڪن ٿا (٤) جيڪو الله سان ملڻ جي اميد رکندو آهي سو سمجهي ٿو ته بيشڪ الله جي نهرايل مُدت ضرور اچڻي آهي. ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٥) ۽ جيڪو الله جي راهہ ۾ جهاد ڪري ٿو ته اهو پنهنجي ئي فائدي لاءِ جهاد ڪري ٿو. بيشڪ الله جهان وارن کان بي پرواهہ آهي (٦) ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته اسان انهن جون مَدايون ضرور ميٽي ڇڏينداسين ۽ جيڪي عمل ڪندا آهن تنهن جو ڀلو بدلو ڏينداسين (٧) ۽ اسان انسان کي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان چڱائي ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. ۽ اي انسان! جيڪڏهن اهي توکي مون سان ڪنهن

کي شريڪ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن جنهن جو توکي علم نہ آهي تہ پوءِ انهن جو چيو نہ وڻ، توهان سيني کي منهنجي ئي طرف موٽڻو آهي، پوءِ توهان جيڪي ڪندا آهيو ان جي توهان کي خبر ڏينداس (٨) ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون اسان انهن کي پَلن ماڻهن ۾ ضرور شامل ڪنداسين (٩) ۽ ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي چوندا آهن تہ اسان الله تي ايمان آندو آهي، پوءِ جڏهن الله جي واٽ ۾ ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ ماڻهن جي ايذائڻ کي الله جي عذاب وانگر سمجهن ٿا، ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار وٽان ڪا مدد ايندي آهي تہ چوندا آهن تہ بيشڪ اسان توهان سان گڏ هئاسين، جيڪو جهان وارن جي دلين ۾ آهي اهو الله نہ ڄاڻندو آهي ڇا (١٠) ۽ جن ايمان آندو آهي تن کي الله ڄاڻندو آهي ۽ منافقن کي بہ ڄاڻندو آهي (١١) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي سي ايمان وارن کي چون ٿا تہ اسان جي واٽ تي هلو ۽ اسان توهان جي گناهن جو بار کڻنداسين، حالانڪ اهي سندن گناهن مان ڪجهہ بہ کڻڻ وارا نہ آهن، بيشڪ اهي ڪوڙا آهن (١٢) ۽ بيشڪ پنهنجي گناهن جا بار ۽ پنهنجن بارن سان گڏ ٻيا بوجهہ بہ ضرور کڻندا، ۽ جيڪي ناهہ ناهيندا آهن تنهن بابت قيامت جي ڏينهن ضرور پڇيا ويندا (١٣)[1] ۽ بيشڪ اسان نوح کي ان جي قوم ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليو، پوءِ اهو پنجاهہ سال گهٽ هڪ هزار ورهيہ انهن ۾ رهيو، پوءِ انهن کي طوفان اچي وڪوڙيو ۽ اهي ظالم هئا (١٤) پوءِ اسان ان کي ۽ ٻيڙي وارن کي بچايوسين ۽ ان ٻيڙي کي جهان وارن جي لاءِ نشاني ڪيوسين (١٥) ۽ ابراهيم کي پيغمبر ڪري موڪليوسين، ان پنهنجي قوم کي چيو تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان ڊڄو جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا تہ اهو توهان جي لاءِ ڀلو آهي (١٦) توهان تہ الله کي ڇڏي بتن جي پوڄا ڪندا آهيو ۽ ڪوڙا ناهہ ناهيندا آهيو، بيشڪ جن جي توهان الله کانسواءِ پوڄا ڪندا آهيو اهي توهان جي رزق جا مالڪ نہ آهن سو الله وٽان رزق طلب ڪريو ۽ ان جي عبادت ڪريو ۽ انهيءَ جو شڪر ڪريو ان ڏانهن ئي موٽايا ويندو (١٧) ۽ جيڪڏهن توهان ڪوڙو سمجهو ٿا تہ توهان کان اڳي بہ ڪيترين امتن ڪوڙو سمجهيو هو ۽ رسول جي ذمي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي (١٨) ڇا انهن نہ ڏٺو آهي تہ الله ڪهڙي طرح خلق کي نئين سِر پيدا

ڪيو وري ب الله اهڙي طرح خلقيندو رهي ٿو بيشڪ اهو ڪم الله تي آسان آهي (١٩) ڪين چئو ت زمين ۾ گهمو ڦرو پوءِ ڏسو ت الله خلق کي پهريان ڪيئن پيدا ڪيو وري اهڙي طرح الله خلقيندو رهي ٿو بيشڪ الله هر شي تي وس وارو آهي (٢٠) جنهن کي چاهي ان کي عذاب ڏئي ٿو ۽ جنهن کي گهري ان تي رحم ڪري ٿو ۽ توهان کي ان ڏانهن موٽڻو آهي (٢١) ۽ توهان نہ زمين ۾ ۽ نہ آسمان ۾ عاجز ڪرڻ وارا آهيو ۽ الله کان سواءِ توهان جو نہ ڪوئي حمايتي ۽ نہ مددگار آهي (٢٢)[2] ۽ جن الله جي آيتن ۽ حڪمن جو انڪار ڪيو ۽ ان جي سامهون حاضر ٿيڻ جا منڪر آهن اهي منهنجي رحمت کان ناميد هوندا ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب هوندو (٢٣) پوءِ ان (ابراهيم) جي قوم کان ٻيو ت ڪو جواب نہ ڏيو مگر هي چيائون ت هن کي قتل ڪري ڇڏيو يا ساڙي ڇڏيو پر الله ان کي باهہ کان بچايو بيشڪ ان احوال ۾ ايمان وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (٢٤) ۽ ابراهيم چيو ت توهان دنيا جي زندگي ۾ رڳو پاڻ ۾ دوستي جي ڪري الله کان سواءِ بتن کي اختيار ڪيو آهي، پوءِ قيامت جي ڏينهن توهان هڪ ٻئي کان بيزاري ڪندا ۽ توهان مان هڪڙا ٻين تي لعنت ڪندا ۽ توهان جو ٺڪاڻو جهنم هوندو ۽ توهان جو ڪو ب مددگار نہ هوندو (٢٥) پوءِ لوط ان تي ايمان آندو ۽ چيائين ت مان پنهنجي رب جي خاطر هجرت ڪرڻ وارو آهيان، بيشڪ اهو ئي زبردست حڪمت وارو آهي (٢٦) ۽ اسان ان (ابراهيم) کي اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيا ۽ اسان ان جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب جو سلسلو مقرر ڪيوسين ۽ اسان ان کي دنيا ۾ ان جو اجر ڏنو ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ ب صالحن مان آهي (٢٧) ۽ لوط کي پيغمبر ڪري موڪليوسين، جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ت توهان اهو بي حيائي جو ڪم ڪريو ٿا جيڪو توهان کان اڳ ۾ جهان وارن مان ڪنهن ب نہ ڪيو آهي (٢٨) ڇا توهان مردن سان بي حيائي جو ڪم ڪندا آهيو ۽ رستي تي ڦرلٽ ڪندا آهيو ۽ پنهنجي مجلس ۾ بُريون ڳالهيون ڪندا آهيو پوءِ ان جي قوم جو ٻيو ڪو جواب نہ هو مگر هي چيائون ت جيڪڏهن تون سچن مان آهين ت اسان تي الله جو عذاب آڻ (٢٩) لوط دعا گهري ت اي منهنجا رب! انهن فسادي ماڻهن تي منهنجي مدد ڪر (٣٠)[3] ۽ جڏهن اسان جا قاصد (ملائڪ) ابراهيم وٽ خبر کڻي آيا ۽ چيائون ت اسان هر

شهر وارن کي هلاڪ ڪنداسين، ڇوتہ ان جا رهاڪو ظالم ٿيا آهن (٣١) ابراهيم چيو تہ ان ۾ لوط بہ آهي. ملائڪن چيو تہ اتي جيڪي بہ آهن انهن جي اسان کي خبر آهي ۽ اسان ان کي ۽ ان جي زال کان سواءِ ان جي ٻين گهر وارن کي ضرور بچائينداسين، سندس زال پوئتي رهجي ويندڙن مان آهي (٣٢) ۽ جڏهن اسان جا قاصد (ملائڪ) لوط وٽ آيا تہ انهن جي ڳڻتي ٿيس ۽ انهن جي ڪري دل ۾ تنگ ٿيو. پر انهن کيس چيو تہ ڊڄ نہ ۽ نہ ئي غمگين ٿي، بيشڪ اسان توکي ۽ تنهنجي زال کان سواءِ تنهنجي باقي گهر وارن کي بچائينداسين، اها پنتي رهجي ويندڙن مان آهي (٣٣) بيشڪ اسان هن ڳوٺ وارن تي آسمان کان عذاب لاهڻ وارا آهيون جو اهي بدڪاري ڪندا آهن (٣٤) ۽ بيشڪ عقل وارن جي لاءِ ان ڳوٺ کي پڌري نشاني ڪري ڇڏيوسين (٣٥) مَدين وارن ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليوسين، ان چيو تہ اي منهنجي قومر! الله جي عبادت ڪيو ۽ آخرت جي ڏينهن کان ڊڄو ۽ ملڪ ۾ فساد پکيڙيندڙ ٿي نہ ڦرو (٣٦) پوءِ ان کي ڪوڙو ڄانياٿون تہ انهن تي زلزلو اچي ڪڙڪيو، پوءِ صبح جو پنهنجي گهرن ۾ اوندا ٿي مري ويا (٣٧) ۽ عاد ۽ ثمود وارن کي هلاڪ ڪيوسين ۽ سندن گهرن مان کي توهان تي ظاهر ٿي ڇُڪا آهن ۽ شيطان سندن ڪُڌا ڪم سندن نظر ۾ ڇڪا ڪري ڏيکاريا هيا ۽ انهن کي سڌي وات کان روڪيائين ۽ انهن ڏَنو وائنو ٿي (٣٨) ۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي بہ هلاڪ ڪيوسين، بيشڪ موسيٰ انهن وٽ پڌريون نشانيون (معجزا) کڻي آيو هو پر انهن ملڪ ۾ وڏائي ڪئي ۽ اهي اسان کان بچي وڃڻ وارا نہ هئا (٣٩) پوءِ اسان سيني کي سندن گناهن جي ڪري پڪڙيو پوءِ انهن مان ڪن تي پٿرن جو مينهن وسايوسين ۽ انهن مان ڪن کي گرجدار آواز اچي پڪڙيو ۽ انهن مان ڪن کي زمين ۾ ڇهايوسين ۽ انهن مان ڪن کي ٻوڙيوسين ۽ الله جو شان نہ هو جو انهن تي ظلم ڪري ها پر اهي پاڻ تي پاڻ ئي ظلم ڪري رهيا هئا (٤٠) جن الله کان سواءِ ٻيا مددگار ورتا آهن انهن جو مثال ڪوريئڑي وانگر آهي جنهن ڇاري جو گهر ٺاهيو ۽ بيشڪ سيني گهرن ۾ ڪمزور گهر ڪوريئڑي جو گهر آهي، جيڪر اهي سمجهن ها (٤١) بيشڪ اهي الله کان سواءِ جنهن بہ شي کي پوڄين ٿا ان کي اهو (الله) ڄاڻندڙ آهي ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي (٤٢) ۽ اهي

مثال آهن جن کي اسان ماڻهن جي لاءِ بيان ڪندا آهيون ۽ انهن کي علم وارن کان سواءِ ٻيو نہ سمجهندو آهي (٤٣) الله آسمانن ۽ زمين کي ڇڳي رِٽ سان ٻڌايو آهي، بيشڪ ان ۾ مومنن لاءِ نشاني آهي (٤٤)[4] اي محبوب! ڪتاب مان پڙهه جيڪو توڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ۽ نماز ادا ڪر، بيشڪ نماز بي حيائي ۽ برن ڪمن کان روڪيندي آهي، ۽ بيشڪ الله جو ذڪر سڀ کان وڏو آهي ۽ توهان جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي (٤٥) ۽ مسلمانو! ڪتاب وارن مان جن بي انصافي ڪئي انهن کان سواءِ ٻين سان بهتر طريقي کان سواءِ بحث نہ ڪريو ۽ چئو تہ اسان ان تي ايمان آندو آهي جيڪو اسان ڏانهن نازل ٿيو آهي ۽ جيڪي توهان ڏانهن نازل ٿيل آهن ۽ اسان جو معبود ۽ توهان جو معبود هڪڙوئي آهي ۽ اسان انهيءَ جا فرمانبردار آهيون (٤٦) ۽ اي محبوب! اسان تنهنجي طرف اهڙيءَ طرح ڪتاب لاٿو جهڙي طرح اڳيان ڪتاب نازل ڪياسين، پوءِ اهي جن کي اسان اڳ ڪتاب ڏنو آهي هن قرآن کي ب مجيندا آهن ۽ هنن عرب مشرڪن مان ب ڪي ان تي ايمان رکن ٿا، ۽ اسان جي آيتن جو ڪافرن کان سواءِ ٻيو ڪو انڪار نہ ڪندو آهي (٤٧) ۽ هن قرآن کان اڳي تون نہ ڪو ڪتاب پڙهندو هئين ۽ نہ وري پنهنجي ساڄي هٿ سان لکندو هئين، ايئن هجي ها تہ باطل وارا ڪوڙا ضرور شڪ آڻين ها (٤٨) بلڪ اهو قرآن پڌريون آيتون آهن، جن کي علم ڏنو ويو آهي انهن جي دلين کي روشن ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ۽ اسان جي آيتن جو ظالمن کان سواءِ ٻيو انڪار نہ ڪندو آهي (٤٩) ۽ ڪافر چون ٿا تہ ان پيغمبر تي سندس پالڻهار جي طرف کان ڪي نشانيون (معجزا) ڇو نہ لٿيون آهن، کين چئو تہ معجزا تہ رڳو الله وٽ آهن، ۽ مان تہ فقط پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٥٠) ۽ انهن ماڻهن لاءِ اهو ڪافي نہ آهي ڇا تہ اسان توتي ڪتاب (قرآن) لاٿو آهي جيڪو انهن کي پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو بيشڪ ان ۾ مڃڻ وارن ماڻهن لاءِ رحمت ۽ نصيحت آهي (٥١)[5] اي پيغمبر! کين چئو تہ منهنجي ۽ توهان جي وچ۾ الله ئي ڪافي شاهد آهي، جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي سو اهو ڄاڻندو آهي، ۽ اهي ماڻهو جن باطل تي يقين ڪيو ۽ الله جا منڪر ٿيا سي ئي گهاٽي ۾ آهن (٥٢) ۽ اهي ڪافر توکان عذاب جي تڪڙ ڪندا آهن، ۽ جيڪڏهن مدت مقرر ٿيل نہ

هجي ها تہ ضرور انهن تي عذاب اچي ويجي ها. ۽ اهو ضرور انهن تي اوچتو ايندو جڏهن اهي بي خبر هوندا (٥٣) توکان عذاب جي جلدي ڪن ٿا. ۽ بيشڪ جهنم ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي (٥٤) جنهن ڏينهن انهن کي عذاب انهن جي مٿان کان ۽ انهن جي پيرن جي هيٺان کان ويڙهيندو ۽ کين چيو ويندو تہ جيڪي ڪندا هيوَ ان جو مزو چکو (٥٥) اي منهنجا مومن بانهو! بيشڪ منهنجي زمين ڪشادي آهي پوءِ منهنجي ئي عبادت ڪريو (٥٦) هر ساهہ کي موت جو مزو چکڻو آهي. پوءِ اسان ڏانهن موٽايا ويندو (٥٧) ۽ بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تن کي ضرور اسان بهشت جي ماڙين ۾ رهائينداسين. جن جي هيٺان نهرون وهن ٽيون ۽ سدائين ان ۾ رهڻ وارا آهن. چڱا عمل ڪرڻ وارن جو اهو اجر آهي (٥٨) اهي ايمان وارا جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي پالڻهار تي ئي پروسو ڪندا آهن (٥٩) ۽ زمين تي ڪيترائي جيتامڙا گهمندڙ آهن جيڪي پنهنجي روزي پاڻ سان نٿا رکن. الله ئي انهن کي ۽ توهان کي روزي ڏيندو آهي ۽ اهو ئي ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٦٠) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي ڪنهن تابع ڪيو آهي تہ ضرور چوندا تہ الله. پوءِ اهي ڪاڏي ڦيرايا وڃن ٿا (٦١) الله پنهنجي بانهن مان جنهن جي لاءِ گُهري تنهن جو رزق ڪشادو ڪندو آهي ۽ تنگي بہ ڪندو آهي. بيشڪ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (٦٢) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ آسمان کان پاڻي ڪير وسائي ٿو. پوءِ زمين کي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ ان کي ڪير آباد ڪري ٿو تہ ضرور چوندا تہ الله. کين چئو تہ سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي. پر انهن مان گهڻا نٿا سمجهن (٦٣)[6] ۽ هيءَ دنيا جي زندگي تہ کيل تماشي کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي ۽ بيشڪ آخرت جو گهر ئي سچي زندگي آهي. جيڪڏهن ماڻهو سمجهن ها (٦٤) پوءِ جڏهن ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندا آهن تہ سچو عقيدو رکندڙ ٿي الله کي پُڪارينداآهن. پوءِ جڏهن اهو انهن کي خُشڪي جي طرف بچائي آڻيندو آهي تڏهن شرڪ ڪرڻ لڳندا آهن (٦٥) تہ جيڪي کين ڏنوسين تنهن جي ناشُڪري ڪن ۽ عيش عشرت ۾ گم ٿي وڃن. پر جلد کين خبر پوندي (٦٦) ڇا انهن نہ ڏٺو آهي تہ اسان مڪي جي حرم کي امن واري جاءِ ڪيو آهي جڏهن تہ ان جي آس پاس وارا ماڻهو اوچتو کنيجي

ويندا آهن. پوءِ ڇو باطل تي يقين ركن ٿا ۽ الله جي ڏنل نعمت جو انكار كن ٿا (٦٧) ۽ ان كان وڌيڪ ظالم كير آهي جيكو الله تي كوڙو ناهه ناهي يا جڏهن وٽس حق اچي ته ان كي كوڙو سمجهي. ڇا كافرن جو ٺكاڻو جهنم ۾ نه آهي (٦٨) ۽ جن اسان جي راهه تي هلڻ جي كوشش كئي ته اسان ضرور انهن كي پنهنجي راهه هلائيندا سين ۽ بيشك الله چڱائي كرڻ وارن سان گڏ آهي (٦٩)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيكو باجهارو مهربان آهي

سورت روم مكي آهي. هن ۾ 60 آيتون ۽ 6 ركوع آهن

الٓمّٓ (١) رومين شكست كاڌي (٢) پر واري ملك ۾ پر اهي شكست كائڻ كان پوءِ سگهو غالب ٿيندا (٣) چند سالن ۾ اڳي ۽ پوءِ الله جو ئي حكم هلندڙ آهي ۽ ان ڏينهن مومن خوش ٿيندا (٤) الله جي مدد سان. الله جنهن كي چاهي تنهن كي سوپ ڏيندو آهي. ۽ اهوئي زبردست مهربان آهي (٥) اهو الله جو واعدو آهي. الله پنهنجي واعدي جي خلاف نه كندو آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن (٦) ماڻهو رڳو دنياوي حياتي جون ظاهري ڳالهيون ڄاڻندا آهن ۽ اهي آخرت كان بي خبر آهن (٧) ڇا پنهنجين دلين ۾ نٿا سوچين ته الله آسمانن ۽ زمين كي ۽ جيكي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن كي بنا رِتّ ۽ بنامقصد جي پيدا نه كيو آهي پر مقرر مدي لاءِ پيدا كيو اٿس. ۽ بيشك گهڻا ماڻهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب سامهون پيش ٿيڻ جو يقين نه كندا آهن (٨) ۽ اهي زمين ۾ كونه گهميا ڦريا آهن ڇا جو ڏسن ته انهن كان اڳين جو كهڙو انجام ٿيو جڏهن ته اهي انهن كان وڌيڪ سگهه وارا هئا ۽ انهن جي آبادي كان وڌيڪ زمين كيڙيائون ۽ آباد كيائون ٿي ۽ سندن رسول انهن وٽ چٽن معجزن سان آيا هيا. پوءِ الله جو شان نه هو جو انهن تي ظلم كري ها. پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم كندا هئا (٩) پوءِ جن بُرائي كئي تن جو انجام تمام بيڙو ٿيو جو الله جي آيتن كي كوڙو يانيائون ۽ انهن تي ٺٺولي كندا هيا (١٠) الله خلق كي نئين سِر پيدا كري ٿو ۽ پوءِ پيدا كندو رهي ٿو مرڻ بعد وري ان ڏانهن موٽائي آندو ويندو (١١) ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي ته

گناهگار ناميد ٿي ويندا (١٢) ۽ انهن جي الله سان ناهيل شريڪن مان ڪوبه سندن سفارشي نه ٿيندو ۽ اهي پنهنجن شريڪ ڪندڙن کان انڪاري ٿيندا (١٣) ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي تہ ماڻهن کي عملن موجب ڏاڙڙار ڪيو ويندو (١٤) پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تن جي باغن (بهشت) ۾ خاطرداري ٿيندي (١٥) ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن ۽ آخرت جي حاضري کي ڪوڙو چيائون سي عذاب ۾ پڪڙيل هوندا (١٦) پوءِ اي مومنو! جڏهن شام ڪيو ۽ جڏهن صبح ڪيو تنهن مهل الله جي پاڪائي بيان ڪريو (١٧) ۽ ٽيهري جو ۽ ٻيهري ٿيڻ وقت آسمانن ۽ زمين ۾ ان جي ساراهہ هوندي آهي (١٨) اهو زندهہ کي مئل مان ڪيندو آهي ۽ مئل کي جيئري مان ڪيندو آهي ۽ زمين کي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح توهان کي قبرن مان ڪڍيو ويندو (١٩)[2] ۽ سندس نشانين مان هي آهي تہ توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين، پوءِ تڏهن توهان دنيا ۾ انسان ٿي گهمو ڦرو ٿا (٢٠) ۽ ان جي نشانين مان هي بہ آهي جو توهان جي لاءِ توهان جي ئي جنس مان زالون پيدا ڪيائين جيئن انهن سان آرام وٺو ۽ توهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجهہ پيدا ڪيائين، بيشڪ ان ۾ غوروفڪر ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (٢١) ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ ۽ توهان جي ٻولين ۽ رنگن جو مختلف هجڻ ان جي نشانين مان آهي، بيشڪ ان ۾ جهان وارن جي لاءِ نشانيون آهن (٢٢) ۽ توهان جو رات ۽ ڏينهن ۾ سمهڻ ۽ ان جي فضل مان روزي تلاش ڪرڻ ان جي نشانين مان آهي، ۽ بيشڪ ڪن لائي ٻڌندڙن جي لاءِ ان ۾ نشانيون آهن (٢٣) ۽ ان جي نشانين مان هي بہ آهي جو توهان کي خوف ۽ اميد ڏيارڻ لاءِ ڪنوڻ ڏيکاريندو آهي ۽ آسمان مان پاڻي وسائيندو آهي، پوءِ ان سان زمين کي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪندو آهي، بيشڪ سمجهہ وارن ماڻهن لاءِ ان ۾ نشانيون آهن (٢٤) ۽ ان جي نشانين مان هي بہ آهي تہ آسمان ۽ زمين سندس حڪم سان قائم آهن، پوءِ جڏهن توهان کي زمين مان نڪرڻ لاءِ هڪڙو سڏ ٿيندو تہ ان وقت توهان هڪدم نڪري ايندو (٢٥) ۽ جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو آهي ۽ سيئي ان جي حڪم هيٺ آهن (٢٦) ۽ اهو ئي آهي جيڪو خلق کي نئين

سِر پيدا ڪري ٿو ۽ پوءِ بہ پيدا ڪندو رهي ٿو ۽ ان لاءِ گهڻو اهو آسان آهي.
۽ آسمانن ۽ زمين ۾ انهيءَ جو شان اعليٰ آهي. ۽ اهو زبردست حڪمت
وارو آهي (۲۷)[3] الله توهان لاءِ اوهان جي حال جو هڪ مثال بيان ڪيو
آهي تہ اسان توهان کي جيڪو مال رزق ڏنو آهي ان ۾ توهان پنهنجي
ٻانهن کي بہ ڪڏهن شريڪ ڪريو ٿا جو اهي ۽ توهان ان مال ۾ برابر
حصيدار هجو يا توهان انهن جي پائيواري ڪان اهڙي طرح ڊڄندا آهيو
جيئن پاڻ جهڙن پائيوارن کان ڊڄندا آهيو. هرگز نہ. جيڪي ماڻهو سمجهہ
رکن ٿا انهن لاءِ اسان اهڙيءَ طرح تفصيل سان نشانيون بيان ڪندا آهيون
(۲۸) پر ظالم ناسمجهہ پنهنجين خواهشن جي پٺيان هلن ٿا. پوءِ جنهن
کي الله گمراهہ ڪيو تہ ان کي ڪير هدايت ڪندو ۽ انهن لاءِ ڪوئي
مددگار ڪونهي (۲۹) اي پيغمبر! پوءِ هڪ طرفو ٿي پنهنجو منهن دين لاءِ
سڌو رک. الله جي دين جي پيروي ڪر جنهن تي انسانن کي پيدا ڪيائين.
الله جي خلقڻ ۾ ڪا تبديلي ڪونهي. اهو ئي سڌو دين آهي پر گهڻا ماڻهو
نہ ڄاڻندا آهن (۳۰) ان جي طرف رجوع ڪيو ۽ ان کان ڊڄو ۽ نماز ادا
ڪريو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو (۳۱) يعني انهن مان نہ ٿيو جن پنهنجي دين
کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ۽ ٽولا ٽولا ٿي ويا. هر ٽولو ان تي خوش آهي
جيڪي وٽن آهي (۳۲) ۽ جڏهن ماڻهن کي ڪا تڪليف پهچندي آهي
تہ پنهنجي رب ڏانهن رجوع ٿي ان کي پُڪارينداآهن. پوءِ جڏهن اهو انهن
کي پاڻ وٽان رحمت جو مزو چکائيندو آهي تہ انهن مان هڪڙو ٽولو
پنهنجي رب سان شريڪ ٺاهڻ لڳندو آهي (۳۳) تہ اسان جيڪي ڪين
ڏنوسين تنهن جي ناشُڪري ڪن. پوءِ مزا ماڻي وٺو. سگهو توهان کي
حقيقت معلوم ٿيندي (۳٤) اسان انهن تي ڪو دليل لاٿو آهي جا جو اهو
انهن کي ٻڌائي ٿو جنهن تي اسان جا شريڪ مقرر ڪندا آهن (۳۵) ۽
جڏهن اسان ماڻهن کي رحمت جو مزو چکائيندا آهيون تہ ان تي خوش
ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن بدعملن جي ڪري جيڪي سندن هٿن ڪيا
هوندا آهن انهن کي ڪا تڪليف پهچندي آهي تڏهن اهي مايوس ٿيندا
آهن (۳٦) جا انهن نہ ڏنو آهي تہ الله جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جو رزق
ڪشادو ڪندو آهي ۽ تنگي بہ ڪري ٿو. بيشڪ ايمان وارن ماڻهن لاءِ ان

۾ نشانيون آهن (۳۷) پوءِ مائٽن کي ۽ مسڪينن کي ۽ مسافرن کي سندن حق ڏيو جيڪي الله جي رضا گهرن تا انهن لاءِ اهو ڀلو آهي ۽ اهي ئي ڪامياب آهن (۳۸) ۽ جيڪو مال ڏيو تا ته جيئن وياج سان ماڻهن جي ملڪيت مان دولت هٿ ڪري وڌايو سو الله وٽ نه وڌندو. پر الله جي رضا گهرندي جيڪا خيرات (زڪوات) ڏيو تا پوءِ انهيءَ جا ٻيڻا آهن (۳۹) الله اهو آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو آهي، پوءِ توهان کي روزي ڏنائين، پوءِ توهان کي ماريندو وري توهان کي جياريندو. ڇا توهان جي شريڪ ناهيلن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو انهن ڪمن مان ڪجهه ڪري سگهي. الله پاڪ آهي ۽ جن کي ساڻس شريڪ ناهيندا آهن انهن کان تمام مٿانهون آهي (۴۰) جيڪي ماڻهن جي هٿن بدعمل ڪيا ان جي ڪري بر ۽ بحر ۾ تباهي ٿي وئي آهي جيئن انهن کي سندن ڪُڌن ڪمن جو مزو چکائجي ته من اهي مُڙي وڃن (۴۱) اي پيغمبر! چئو ته زمين ۾ گهمو ڦرو، پوءِ ڏسو ته جيڪي اڳ هئا انهن جو ڪهڙو انجام ٿيو انهن مان گهڻا مُشرڪ هئا (۴۲) پوءِ اي پيغمبر! تون ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳي جيڪو الله جي طرف کان ٽرڙ وارو ڪونهي پنهنجو مُنهن سچي دين لاءِ سڌو رک. ان ڏينهن ماڻهو عملن موجب جُدا جُدا ٿي ويندا (۴۳) جيڪي ڪفر ڪن تا سي پنهنجي ڪفر جو وبال ڏسندا ۽ جيڪي چڱا ڪم ڪن تا اهي پنهنجي لاءِ ئي سڌارو ڪن تا (۴۴) جيئن جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته الله انهن کي پنهنجي فضل سان انعام ڏئي. بيشڪ اهو ڪافرن کي پسند نٿو ڪري (۴۵) ۽ الله جي نشانين مان هڪڙي هي آهي ته خوشخبري ڏيندڙ هَوائون گهلائيندو آهي. هن لاءِ ته توهان کي پنهنجي رحمت مان مزو چکائي، ۽ ٻيڙيون سندس حڪم سان هلن ته جيئن توهان سندس فضل مان روزي تلاش ڪريو ته مَن توهان شُڪر گذار ٿيو (۴۶) ۽ بيشڪ توکان اڳ ۾ ڪيئي رسول انهن جي قومن ڏانهن موڪلياسين، پوءِ اُهي انهن وٽ ڪُليل نشانيون (معجزا) کڻي آيا. پوءِ جن نافرماني ڪئي تن کان بدلو ورتوسين ۽ اسان تي حق هو ته مومنن جي مدد ڪيون (۴۷) الله اهو آهي جيڪو هوائن کي موڪليندو آهي، پوءِ اهي ڪڪر اُپاريندين آهن، پوءِ جيئن الله گهرندو آهي انهن کي آسمان ۾ پکيڙيندو آهي ۽ ان کي تهه مٿان

تھ ڪندو آھي، پوءِ توھان ڏَسندا آھيو تہ ان جي وچان ڦڙيون نڪرنديون آھن، پوءِ جڏھن پنھنجي ھانھن مان جنھن تي گھرندو آھي ان کي پھچائيندو آھي تہ ان وقت اھي خوش ٿيندا آھن (٤٨) جيتوٽيڪ ان جي وسڻ کان اڳ ۾ اھي اميد لاھيون ويٺا ھئا (٤٩) پوءِ الله جي رحمت جي نشانين ڏانھن ڏَس تہ ڪيئن زمين کي ان جي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪري ٿو، بيشڪ اھوئي مئلن کي جياريڻ وارو آھي ۽ اھو سڀ ڪنھن شي تي وس وارو آھي (٥٠) ۽ جيڪڏھن اسان کا لُڪ واري ھوا موڪليون جنھن سان اھي فصلن کي سوڪ ٿيندو ڏسن تہ ضرور ان کان پوءِ ناشُڪري ڪرڻ لڳندا (٥١) اي پيغمبر! تون نہ مُئلن کي سڏ ٻُڌائي سگھندين، ۽ نہ ئي ٻوڑن کي ٻُڌائي سگھندين جڏھن اھي ڦِري ڏيئي ڦرن ٿا (٥٢) ۽ نہ ئي تون انڌن کي انھن جي گمراھي کان پوءِ سڌو رستو ڏيکاري سگھندين، تون رڳو انھن کي ٻُڌائي سگھندين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا، پوءِ اھي مسلمان آھن (٥٣)[5] الله اھو آھي جنھن پھريان توھان کي ڪمزور حالت ۾ پيدا ڪيو، پوءِ توھان کي ڪمزوري مان طاقت بخشيائين وري طاقت کان پوءِ ڪمزوري ۽ پوڙھاپ ڏنائين، جيڪي گھرندو آھي سو پيدا ڪندو آھي ۽ اھوئي ڄاڻندڙ وس وارو آھي (٥٤) ۽ جنھن ڏينھن قيامت قائم ٿيندي تہ گناھگار قسم کڻندا تہ اسان دنيا ۾ ھڪ گھڙي کان وڌيڪ نہ رھيا آھيون، اھي دنيا ۾ بہ ايئن ئي ٻُليل ۽ گمراھ ھئا (٥٥) ۽ جن کي علم ۽ ايمان ڏنو ويو آھي سي کين چوندا تہ بيشڪ توھان الله جي لکيل موجب جيئرو ٿي اٿڻ واري ڏينھن (قيامت) تائين رھيا آھيو سو جيئرو ٿي اٿڻ وارو ڏينھن ھي آھي پر توھان نٿي ڄاتو (٥٦) پوءِ ان ڏينھن ظالمن کي سندن عذر بھانا ڪم نہ ڏيندا ۽ نہ ئي انھن کان توبھ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويندو (٥٧) ۽ بيشڪ اسان ماڻھن لاءِ ھن قرآن ۾ ھر قسم جا مثال بيان ڪيا آھن، ۽ جيڪڏھن تون انھن وٽ ڪا نشاني آڻيندين تہ ڪافر ضرور چوندا تہ توھان مسلمان رڳو ڪوڙ ھٽندڙ آھيو (٥٨) اھڙيءَ طرح جيڪي نہ ڄاڻندا آھن الله انھن جي دلين تي مُھر ھَٽندو آھي (٥٩) اي پيغمبر! پوءِ صبر ڪر، بيشڪ الله جو واعدو سچو آھي ۽ جيڪي يقين نٿا رکن اھي ماڻھو توکي مايوس نہ ڪن (٦٠)[6]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت لقمان مڪي آهي، هن ۾ 34 آيتون ۽ 4 رڪوع آهن

الٓمٓ (١) هي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن (٢) ڀلارن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهن (٣) جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت تي بہ يقين رکندا آهن (٤) اهي پنهنجي رب طرفان هدايت تي آهن ۽ اهي ئي ڪاميابي وارا آهن (٥) ۽ ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي بيهوديون ڳالهيون اپنائين ٿا تہ جيئن ماڻهن کي اڻ ڄاڻائي ۾ الله جي واٽ کان گمراهہ ڪن ۽ ان جي واٽ کي ٺٺولي ٻڌائين ٿا، انهن لاءِ خواري وارو عذاب آهي (٦) ۽ جڏهن انهن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائبيون آهن تہ وڏائي ڪندي منهن ڦيرائيندا آهن جڙ تہ انهن اهي آيتون ٻُڌيون ئي ڪونہ آهن، جڙ تہ سندن ڪنن ۾ ٻوڑاڻ هجي، سو انهن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (٧) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ انهن جي لاءِ نعمت وارا باغ (بهشت) آهن (٨) هميشہ ان ۾ رهندا، اهو الله جو پڪو واعدو آهي ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي (٩) الله آسمانن کي بنا ٿنڀن جي ناهيو جو توهان ڏسو ٿا ۽ زمين ۾ لنگر (جبل) وڌائين تہ متان توهان کي ڏوڏي ۽ ان ۾ هر قسم جا جانور پکيڙيائين، ۽ اسان آسمان مان پاڻي وسايون ٿا، پوءِ ان سان زمين ۾ هر قسم جون ڀليون جنسون ڄمايون ٿا (١٠) اهو سڀ الله جو خلقيل آهي، پوءِ مون کي اهو ڏيکاريو جيڪو ان کان سواءِ ٻين ناهيو هجي، بلڪ ظالم ڪليل گمراهي ۾ آهن (١١)[1] ۽ بيشڪ اسان لقمان کي حڪمت ڏني هئي تہ الله جو شڪر ڪر، ۽ جيڪو شڪر ڪندو تہ اهو پنهنجي ڀلائي لاءِ شڪر ڪندو ۽ جيڪو انڪار ڪندو تہ بيشڪ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي (١٢) ۽ ياد ڪر، جڏهن لقمان پنهنجي پُٽ کي چيو ۽ اهو ان کي سمجهائي رهيو هو تہ اي منهنجا پُٽڙا! الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجانءِ، بيشڪ شِرڪ وڏو ظلم آهي (١٣) ۽ اسان انسان کي سندس ماءُ پيءُ جي باري ۾ تاڪيد ڪيو تہ منهنجو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو شڪر ڪر جو سندس ماءُ تڪليف متان تڪليف سهي ڪيس پيٽ ۾ ڪنيو ۽ بن سالن تائين ان کي ٿڃ

پيارينديِ رهي ، آخر توکي مون ڏانهن موٽڻو آهي (١٤) ۽ جيڪڏهن اهي ٻئي توسان هن لاءِ جهيڙو ڪن تہ اهڙي شي کي مون سان شريڪ ڪر جنهن جي توکي ڄاڻ نہ آهي تہ پوءِ انهن جو چيو نہ مڃ، پر دنيا ۾ انهن سان چڱيءَ طرح هلندو رهہ ۽ ان جي واٽ هل جنهن مون ڏانهن مهاڙ ڪئي هجي، ڇوتہ توهان کي منهنجي ئي طرف موٽي اچڻو آهي، پوءِ جيڪي ڪندا آهيو توهان کي ان جي سُڌ ڏيندس (١٥) لقمان چيو اي منهنجا پُٽا! جيڪڏهن سَرِنهن (آهر) جي داڻي برابر بہ ڪا شي هوندي، پوءِ اها پٿر جي گهرائي ۾ هجي يا آسمانن ۾ يا زمين ۾ لڪل هجي تہ الله ان کي حاضر ڪندو، بيشڪ الله باريڪ بين خبر رکندڙ آهي (١٦) اي منهنجا پُٽا! نماز ادا ڪر ۽ چڱي ڳالهہ جو حڪم ڏي ۽ بُري ڳالهہ کان منع ڪر ۽ توکي جيڪا تڪليف پهچي ان تي صبر ڪر، بيشڪ اها ڳالهہ همت وارن ڪمن مان آهي (١٧) ۽ ماڻهن کان پنهنجو منهن پاسيرو نہ ڪر ۽ زمين ۾ آڪڙجي نہ هل، بيشڪ الله ڪنهن بہ وڏائي ڪندڙ کي دوست نہ رکندو آهي (١٨) ۽ پنهنجي چال ۾ وچٿرو ٿي هل ۽ پنهنجي آواز ۾ جَهڪائي ڪر، بيشڪ آوازن مان بُرو آواز گڏهہ جي هينگ آهي (١٩)[2] ڇا توهان نہ ڏٺو آهي تہ الله جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو توهان جي لاءِ تابع ڪيو آهي ۽ توهان تي پنهنجون ظاهري ۽ باطني نعمتون پوريون ڪيائين، ۽ ماڻهن مان کي اهڙا آهن جيڪي الله جي باري ۾ بغير ڄاڻ ۽ هدايت جي ۽ چٽي دليل کان سواءِ جهڳڙو ڪندا آهن (٢٠) جڏهن انهن کي چئبو آهي تہ جيڪي الله نازل ڪيو آهي ان جي پيروي ڪريو تہ چوندا آهن تہ نڪو اسان تہ ان جي پيروي ڪنداسين جنهن تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو ڇا توڙي جو شيطان انهن کي دوزخ جي عذاب ڏانهن سڏيندو هجي (٢١) ۽ جنهن پنهنجو مُنهن الله ڏانهن جُهڪايو ۽ اهو چڱائي ڪندڙ هجي تہ بيشڪ ان مضبوط سهاري کي پڪڙيو ۽ هر ڪم جي پڇاڙي الله ڏانهن آهي (٢٢) ۽ اي پيغمبر! جيڪو ڪفر ڪري تہ سندس ڪفر توکي غمگين نہ ڪري، انهن سيني کي اسان ڏانهن موٽڻو آهي، پوءِ جيڪي ڪيائون تنهن جي کين خبر ڏيندا سين، بيشڪ الله دلين جا ڳجهہ بہ ڄاڻندڙ آهي (٢٣) اسان انهن کي دنيا ۾ ٿورو

نفعو ڏيون ٿا. پوءِ انهن کي سخت عذاب ڏانهن ڇڪي آڻيندا سين (٢٤) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ آسمان ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي تہ ضرور چوندا تہ الله. چئو تہ سڀ ساراهہ الله کي جڳائي. پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٢٥) جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جو ئي آهي. بيشڪ اهو الله بي پرواهہ ساراهيل آهي (٢٦) ۽ جيڪڏهن زمين جا سمورا وڻ قلم ٿي وڃن ۽ سمنڊ ان جي مس ٿئي ۽ ان کان علاوه ست سمنڊ ٻيا هجن پوءِ بہ الله جي قدرت جون ڳالهيون نہ کٽنديون. بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آهي (٢٧) توهان سمورن کي پيدا ڪرڻ ۽ قيامت ۾ جيئرو ڪري اٺارڻ ايئن آهي جيئن هڪڙي ساهواري کي پيدا ڪرڻ. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (٢٨) ڇا توهان نہ ڏٺو آهي تہ الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪندو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي حڪم جو تابع ڪيائين. هرهڪ مقرر مدت تائين هلندو رهندو ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (٢٩) ۽ اهو سڀ هن لاءِ آهي تہ الله ئي برحق آهي ۽ ماڻهو ان کان سواءِ جن کي بہ سڏين ٿا سو ڪوڙ آهي ۽ بيشڪ الله ئي مٿانهون بزرگي وارو آهي (٣٠)[3] ڇا توهان نہ ڏٺو آهي تہ ٻيڙيون الله جي فضل سان سمنڊ (درياء) ۾ ترنديون آهن جيئن الله توهان کي پنهنجين نشانين مان ڏيکاري. بيشڪ ان ۾ هر صبر ڪندڙ شڪر گذار جي لاءِ نشانيون آهن (٣١) جڏهن انهن کي سمنڊ (درياء) جي جبل جيڏي ڪا لهر وکوڙيندي آهي تہ خاص الله کي انهيءَ ڏانهن مهاڙ ڪري خلوص سان پڪاريندا آهن. پوءِ جڏهن انهن کي خشڪي ڏانهن بچائي پهچائيندو آهي تہ پوءِ انهن مان کي نيڪي ۽ برائي ۾ وچڑا هلندا آهن. ۽ هر غدار ناشڪر کان سواءِ اسان جي آيتن جو ٻيو ڪوبہ انڪار نہ ڪندو آهي (٣٢) اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊجو ۽ ان ڏينهن جو خوف ڪريو جنهن ۾ ڪوبہ پيءُ پنهنجي پُٽ جي ڪم نہ ايندو ۽ نہ ئي ڪو پُٽ پنهنجي پيءُ کي ڪو نفعو ڏيندو. بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي. پوءِ توهان کي دنيا جي حياتي ڏوکو نہ ڏئي ۽ نہ توهان کي الله جي باري ۾ ڏوکو ڏيندڙ شيطان ڏڳي (٣٣) بيشڪ قيامت جي خبر الله وٽ آهي ۽ اهوئي مينهن وسائيندو آهي ۽ جيڪي مائرن جي پيٽ ۾

آهي سوبہ ڄاڻندڙ آهي ۽ ڪنهن بہ شخص کي علم نہ آهي تہ سياڻي اهو ڇا ڪندو ۽ نہ ئي ڪنهن شخص کي اها ڄاڻ آهي تہ اهو ڪهڙي ملڪ ۾ مرندو بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي (٣٤)[4]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت سجده مڪي آهي، هن ۾ 30 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن

الٓمّٓ (١) هي ڪتاب جهانن جي پالڻهار طرفان نازل ٿيو آهي جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي (٢) ڇا ماڻهو چون ٿا تہ اُن کي هن پاڻ ناهيو آهي، جڏهن تہ اهو تنهنجي رب جي طرفان حق آهي جو تون انهن ماڻهن کي ڈيڄارين جن وٽ توکان اڳي ڪو ڈيڄاريندڙ نہ آيو آهي تہ من اهي هدايت جي واٽ لَهن (٣) الله اهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ خلقيو، پوءِ عرش تي قائم رهيو ان کان سواءِ توهان جو نہ ڪو حمايتي آهي ۽ نہ پارت ڪندڙ آهي، پوءِ نصيحت ڇو نٿا وٺو (٤) آسمان کان زمين تائين هر ڪم جي رِڍ الله ڪندو آهي پوءِ سڀ معاملا ان ڏينهن سندس حضور ۾ پيش ٿيندا جنهن ڏينهن جو اندازو توهان جي ڳڻپ جي هزار سال جو هوندو (٥) اهو هر ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ زبردست مهربان آهي (٦) اهو جنهن جيڪا شي پيدا ڪرڻ گهري سا چڱي طرح بڻايائين ۽ انسان جي شروعاتي پيدائش متيءَ مان ڪيائين (٧) پوءِ ان جي نسل کي هڪ حقير پاڻي جي جوهر مان جاري ڪيائين (٨) پوءِ ان کي سنئين لڳين ڪيائين ۽ ان ۾ پنهنجي روح مان ڦوڪيائين ۽ توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ناهيائين، اوهان ٿورو شڪر ٿا ڪريو (٩) ۽ چون ٿا تہ جڏهن اسان مِٽيءَ ۾ ملي ويندا سين تہ ڇا پوءِ وري نئين سِر پيدا ٿيندا سين، بلڪ اهي پنهنجي رب جي سامهون پيش ٿيڻ جو يقين نٿا ڪن (١٠) اي پيغمبر! کين چئو تہ جيڪو موت جو ملائڪ توهان تي مقرر ڪيل آهي اهو توهان جو روح قبض ڪندو، پوءِ پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندو (١١)[1] ۽ جيڪڏهن تون ڏسين جڏهن گناهگار پنهنجي رب جي اڳيان پنهنجا ڪنڌ جهڪائيندا، چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان ڏسي ورتو ۽ ٻُڌو، هاڻي اسان کي دنيا ۾ موٽاءِ تہ چڱا ڪم ڪريون، بيشڪ اسان

کي يقين اچي ويو (١٢) ۽ جيڪڏهن اسان گهرون ها تہ هر شخص کي سڌي واٽ جي هدايت ڏيون ها مگر منهنجي ڳالهہ پکي ٿي چڪي آهي تہ جهنم کي ضرور انهن جنن ۽ ماڻهن مان گڏي پريندس (١٣) چيو ويندن تہ هاڻي مزو چکو جو توهان پنهنجي هن ڏينهن جي حاضري کي وساريو هو اسان بہ توهان کي وساريو. هاڻي پنهنجي خراب عملن جي بدلي هميشہ جو عذاب چکو (١٤) اسان جي آيتن تي رڳو اهي ايمان آڻيندا آهن جن کي جڏهن انهن آيتن سان نصيحت ڏبي آهي تہ سجدي ۾ ڪري پوندا آهن ۽ ساراهہ ڪندي پنهنجي رب جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اهي وڏائي نہ ڪندا آهن (١٥) انهن جا پاسا سمهڻ جي جاين کان الڳ ٿي پنهنجي رب کي ڊڄندي ۽ اميد ڪندي پُڪاريندا آهن. ۽ جيڪا کين روزي ڏنيسين ان مان خيرات ڪندا آهن (١٦) ڪنهن بہ شخص کي معلوم نہ آهي تہ اسان نيڪ ماڻهن لاءِ ڪهڙيون اکيون ٺار نعمتون لڪائي رکيون آهن جيڪو انهن جي نيڪ عملن جو بدلو آهي (١٧) پوءِ جيڪو ايمان وارو آهي سو گناهگار جي برابر آهي ڇا. اهي ٻئي برابر نہ ٿيندا (١٨) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تن لاءِ رهائش جا باغ (بهشت) آهن. جيڪي چڱا عمل ڪندا رهيا تن جي بدلي کين اها مهماني نصيب ٿيندي (١٩) پر اهي جن گناهہ ڪيا تن جو ٺڪاڻو باهہ آهي. جڏهن بہ ان مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ وري ان ۾ موٽايا ويندا ۽ انهن کي چيو ويندو تہ ان باهہ جو عذاب چکو جنهن کي توهان ڪوڙو چوندا هيا (٢٠) ۽ انهن کي وڏي عذاب کان اڳ دنيا ۾ ننڍو عذاب بہ ضرور چکائيندا سين تہ مَن سڌي راهہ ڏانهن موٽن (٢١) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن کي سندس رب جي آيتن سان نصيحت ڪئي ويڃي تہ انهيءَ کان مُنهن موڙي. بيشڪ اسان ڏوهارين کان بدلو ونڊڻ آهيون (٢٢)[2] ۽ تحقيق اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنوسين. پوءِ اي پيغمبر! تون هن قرآن جي ملڻ کان شڪ ۾ نہ ٿجانءِ ۽ اسان ان ڪتاب کي بني اسرائيل جي لاءِ سڌي واٽ جي هدايت ڪيو هو (٢٣) ۽ اسان انهن مان کي اڳواڻ ڪيا هئا جيڪي اسان جي حڪم سان سڌو رستو ڏيکاريندا هيا. جيستائين اهي ڏکن تي صبر ڪندا رهيا ۽ اهي اسان جي آيتن تي يقين ڪندا هئا (٢٤) جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪندا آهن بيشڪ تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن انهن ۾ فيصلو ڪندو (٢٥) ڇا انهن

کي ان ڳالهه تي هدايت نه ٿي جو اسان انهن کان اڳ کيترا جُڳ ناس ڪري ڇڏيا جن جي گهرن ۾ اڄ اهي گهمن ڦرن ٿا. بيشڪ ان ڳالهه ۾ نشانيون آهن. ڇا پوءِ اهي ٻُڌن نٿا (٢٦) ۽ ڇا انهن نه ڏٺو آهي ته اسان سُڪي زمين جي طرف پاڻي وهائيندا آهيون. پوءِ ان مان پوک ڄمائيندا آهيون جنهن مان سندن ڍور ۽ اهي پاڻ به کائيندا آهن. ڇا پوءِ انهن کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي (٢٧) ۽ چون ٿا ته جيڪڏهن توهان مسلمان سچا آهيو ته اهو فيصلو ڪڏهن ٿيندو (٢٨) اي پيغمبر! کين چئو ته فيصلي جي ڏينهن ڪافرن کي سندن ايمان آڻڻ فائدو نه ڏيندو ۽ نه ئي کين مهلت ملندي (٢٩) سو تون انهن کان منهن موڙ ۽ انتظار ڪر. بيشڪ اهي به انتظار ڪندڙ آهن (٣٠)[3]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت احزاب مدني آهي، هن ۾ 73 آيتون ۽ 9 رڪوع آهن

اي نبي! فقط الله کان ڈج ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نه مڃ. بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١) ۽ جيڪو تنهنجي پالڻهار وٽان توڏانهن وحي ٿئي ٿو ان جي پيروي ڪر. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو الله ان جي خبر رکندڙ آهي (٢) ۽ اي محبوب! الله تي ئي ڀروسو ڪر ۽ الله ڪافي ڪارساز آهي (٣) الله ڪنهن به ماڻهوءَ جي اندر ۾ به دليون نه رکيون آهن ۽ نه توهان جي انهن زالن کي توهان جون حقيقي مائرون ڪيائين جن کي توهان ماءُ جهڙو چئي ويهو ۽ نه ئي انهن کي توهان جو حقيقي پُٽ ڪيائين جن کي توهان پُٽ ڪري پاليو ٿا. اهو فقط توهان جي پنهنجن واتن جو پنهنجو چوڻ آهي ۽ الله حق چوندو آهي ۽ اهوئي سڌي واٽ ڏيکاريندو آهي (٤) انهن کي سندن حقي پيءَ جي نسبت سان ئي سڏيو جو اهو الله وٽ پورو انصاف آهي، پوءِ جيڪڏهن توهان کي انهن جا پيءُ معلوم نه هجن ته پوءِ اهي توهان جا ديني ڀائر آهن ۽ توهان جا دوست آهن. ۽ توهان جيڪو اڻ ڄاڻائي ۾ چيو ان ۾ توهان تي ڪو گناهه نه آهي پر جيڪو توهان جي دلين ڄاڻي واڻي چيو ان ۾ گناهه آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان به آهي (٥) نبي مومنن تي سندن جانين کان وڌيڪ حق رکندو آهي ۽ سندس زالون

انهن جون مائرون آهن. ۽ ورثي ۾ الله جي ڪتاب موجب حقي مائٽي وارا ئي پاڻ ۾ هڪٻئي جا ٻين مومنن ۽ مهاجرن کان وڌيڪ ويجها آهن مگر پنهنجي دوستن تي به احسان ڪيو. اهو حڪم به ڪتاب ۾ لکيل آهي (٦) ۽ اي محبوب! ياد ڪر. جڏهن اسان نبين کان سندن عهد ورتو هو ۽ توکان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ بن مريم کان به عهد ورتوسين ۽ اسان انهن کان پڪو واعدو ورتو هو (٧) ته جيئن الله قيامت ڏينهن سچن کان سندن سچائي بابت پڇي ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس (٨)[1] اي ايمان وارو! ياد ڪريو جڏهن توهان تي ڪافرن جا لشڪر ڪاهي آيا ته اسان انهن تي طوفان موڪليو ۽ توهان جي مدد لاءِ اهڙا لشڪر به موڪلياسين جيڪي توهان کي ڏسڻ ۾ نٿي آيا. ۽ جيڪي ڪريو تا سو الله ڏسندڙ آهي (٩) جڏهن ڪافر توهان تي توهان جي مٿاهين کان ۽ توهان جي هيٺين طرف کان آيا ۽ توهان جون اکيون وائڙيون ٿي ويون ۽ دليون نڙگهٽ کي اچي پهتيون ۽ توهان الله تي مختلف گمان ڪرڻ لڳا (١٠) اتي مومنن کي پرکيو ويو ۽ کين تمام سختي سان لوڏيو ويو (١١) ۽ جڏهن منافق ۽ جن جي دلين ۾ مرض هو چوڻ لڳا ته اسان سان الله ۽ رسول ڏنگي ڪوڙا ڏيو ٿا. (١٢) ۽ جڏهن انهن مان هڪڙي ٽولي چيو ته اي يثرب (مديني) وارو! توهان مقابلي لاءِ هتي بيهي نه ڪوٺ سگهندو تنهنڪري پوئتي موٽو ۽ انهن مان هڪ ٽولي نبيءَ کان هي چئي موٽڻ جي اجازت گهري ته اسان جا گهر هيڪلا آهن. حالانڪ اهي هيڪلا نه هئا انهن جو ته رڳو ڀڄڻ جو ارادو هو (١٣) ۽ جيڪڏهن مديني جي آس پاس کان ڪافرن جي ڪا فوج اچي ڪڙڪي ها ۽ کين فساد لاءِ چوي ها ته ضرور مسلمانن خلاف انهن جي گهر پوري ڪن ها ۽ ان بغاوت ۾ ٿيڻ پوڻ لاءِ گهڙي ڪن کان سواءِ وڌيڪ دير نه ڪن ها (١٤) ۽ ان کان اڳي انهن الله سان واعدو ڪيو هو ته اهي پُٺي ڏئي نه ڦرندا ۽ الله سان ڪيل واعدي جي انهن کان ضرور پڇا ڪئي ويندي (١٥) اي پيغمبر! کين چئو ته جيڪڏهن مرڻ يا مارجڻ کان ڀڄندو ته توهان کي ڀڄڻ فائدو نه ڏيندو ۽ ان مهل دُنيا ۾ توهان بلڪل ٿورو وقت سلامت رهندو (١٦) ۽ اي پيغمبر! کين چئو ته جيڪڏهن الله توهان کي سزا ڏيڻ گهري يا توهان تي مِهر ڪرڻ گهري ته اهو ڪير آهي جيڪو ان کي روڪيندو. ۽

اهي الله کان سواءِ پاڻ لاءِ ڪوبہ حمايتي ۽ مددگار نہ لهندا (١٧) بيشڪ الله انهن کي ڇاڻي ٿو جيڪي توهان منجهان ٻين کي جهاد کان روڪيندا آهن ۽ پنهنجي ٻائرن کي چوندا آهن تہ اسان ڏي هليا اچو ۽ ٿوري وقت کان سواءِ لڙائي ۾ شريڪ نٿا ٿين (١٨) توهان جي مدد ۾ بخيلي ڪندا آهن. وري جڏهن خوف جو وقت اچي تہ انهن کي ڏسندين تہ پنهنجون اکيون ڦيري تنهنجي طرف ايئن نهارينداآهن جيئن ڪنهن تي موت چانيل هجي، پوءِ جڏهن جنگ جو خوف گذري ويندو آهي تہ غنيمت جي مال جي لالچ ۾ توکي تيز زبانن سان طعنا ڏيڻ لڳندا آهن. انهن ماڻهن ايمان ئي ڪونہ آندو آهي تنهنڪري الله سندن عمل چٽ ڪري ڇڏيا ۽ اهو ڪم الله تي آسان آهي (١٩) اهي سمجهن ٿا تہ ڪافرن جا لشڪر اڃان نہ ويا آهن ۽ جيڪڏهن لشڪر اچي وڃن تہ انهن جي خواهش هوندي تہ ڪنهن طرح ٻهراڙي ۾ نڪري وڃن ۽ توهان جون خبرون پڇندا رهن ۽ جيڪڏهن اُهي توهان ۾ هوندا تہ بہ رڳو ٿوري لڙائي ڪندا (٢٠)[2] بيشڪ توهان جي لاءِ الله جي رسول جي طريقي ۾ بهتر پيروي ان لاءِ آهي جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن جي اميد رکندو هجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪري (٢١) ۽ جڏهن مومنن ڪافرن جا لشڪر ڏٺا تہ چيائون تہ هي اهو واقعو آهي جنهن جو الله ۽ ان جي رسول اسان سان واعدو ڪيو هو ۽ الله ۽ ان جي رسول سچ فرمايو هو ۽ ان ڳالهہ انهن کي ايمان ۽ فرمانبرداري ۾ ويتر وڌايو (٢٢) مومنن مان ڪي اهڙا مڙس آهن جن الله سان ڪيل واعدو سچو ڪري ڏيکاريو. پوءِ انهن مان ڪن پنهنجو ذمو پورو ڪيو ۽ ڪو انتظار پيو ڪري ۽ قول ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڪيائون (٢٣) جيئن الله سچن کي سندن سچائي جو انعام ڏئي ۽ جيڪڏهن گهري تہ منافقن کي عذاب ڪري يا انهن کي توبهہ جي توفيق ڏئي معاف ڪري. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان بہ آهي (٢٤) ۽ الله ڪافرن کي سندن دل جي ساڙ سان موٽايو جو ڪابہ پلائي حاصل نہ ڪيائون ۽ الله مومنن کي لڙائي جي خونريزي کان بچايو ۽ الله سگهارو زبردست آهي (٢٥) ۽ ڪتاب وارن مان جن انهن مشرڪن جي مدد ڪئي هئي انهن کي سندن قلعن مان هيٺ لاٿائين ۽ انهن جي دلين ۾ رعب وڌائين جو توهان هڪڙن کي قتل ڪيو ۽ ٻين کي قيد ڪيو (٢٦) ۽ الله توهان مسلمانن کي انهن جي زمين ۽ انهن جي گهرن ۽ سندن مال ملڪيت

۽ ان زمين جو به مالڪ بڻايائين جنهن ۾ توهان اڃان قدم ئي نه رکيو هو ۽ الله هر شي تي وس وارو آهي (۲۷)[3] ي نبي! پنهنجي زالن کي چئو ته جيڪڏهن توهان دنيا جي زندگي ۽ ان جو سينگار چاهيو ٿيون ته پوءِ اچو ته مان توهان کي مال ڏيان ۽ چڱي طرح ڇڏي ڏيان (۲۸) ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ ان جي رسول کي ۽ آخرت جو گهر چاهيو ٿيون ته پوءِ بيشڪ الله توهان مان نيڪ بختن جي لاءِ وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي (۲۹) اي نبي جون زالون! توهان مان جيڪا حياءُ جي خلاف کا جرئت ڪندي ته ان کي ٻيٽي سزا ڏني ويندي ۽ اهو الله تي آسان آهي (۳۰) ۽ توهان مان جيڪا الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪندي ۽ چڱا ڪم ڪندي ته اسان ان کي ٻيڻو ثواب ڏينداسين ۽ ان لاءِ عزت واري روزي تيار ڪنداسين (۳۱) اي نبيءَ جون زالون توهان ٻين عورتن وانگر نه آهيو جيڪڏهن الله کان ڊجندیون آهيو ته ڳالهائڻ ۾ اهڙي نرمي نه ڪريو جو جنهن جي دل ۾ بيماري هجي ته متان اهو کا لالچ ڪري ۽ چڱي ڳالهه چئو (۳۲) ۽ پنهنجي گهرن ۾ رهو ۽ اڳوٽي جاهليت جي بي پردگي وانگر ٻاهر نه نڪرو ۽ نماز ادا ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪريو اي نبيءَ جا گهر وارو! الله ته اهو چاهي ٿو ته توهان کان پليتي دور ڪري ۽ توهان کي چڱيءَ طرح پاڪ ڪري ڇڏي (۳۳) ۽ الله جي آيتن ۽ حڪمت مان جيڪو توهان کي گهرن ۾ پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو اهو ياد ڪريو بيشڪ الله لطف ڪندڙ خبر رکندڙ آهي (۳٤)[4] بيشڪ جيڪي مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون ۽ مومن ۽ مومنياڻيون ۽ فرمانبردار ۽ فرمانبردارڻيون ۽ سچا مرد ۽ سچيون عورتون ۽ صبر وارا ۽ صبر واريون ۽ عاجزي ڪرڻ وارا ۽ عاجزي ڪرڻ واريون ۽ خيرات ڪرڻ وارا ۽ خيرات ڪرڻ واريون ۽ روزو رکڻ وارا ۽ روزو رکڻ واريون ۽ پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪرڻ وارا ۽ پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪرڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ واريون آهن انهن سيني لاءِ الله بخشش ۽ وڏو ثواب تيار ڪيو آهي (۳۵) جڏهن الله ۽ ان جو رسول ڪنهن ڪم جو حڪم ڪن ته پوءِ ڪنهن به مومن ۽ مومنياڻي کي پنهنجي معاملي ۾ ڪو اختيار نه آهي، ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪندو سو بيشڪ پڌري گمراهي ۾ پٽڪي ويو (۳٦) ۽ اي محبوب! ياد

ڪر. جڏهن تو ان شخص کي چيو ٿي جنهن کي الله نعمت ڏني هئي ۽ تو به ان تي احسان ڪيو هو تہ پنهنجي زال کي پاڻ وٽ رهڻ ڏي ۽ الله کان ڊج پر تو پنهنجي دل ۾ هڪ ڳالهہ کي لڪايو پئي جنهن کي الله ظاهر ڪندڙ آهي ۽ تون ماڻهن جي چوپول کان ڊني ٿي پر الله وڌيڪ حقدار آهي جو تون ان کان ڊجين. پوءِ جڏهن زيد ان کان آسرو پليو ۽ طلاق ڏني تہ اسان اها تنهنجي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏي. جوتہ جڏهن انهن مان انهن جون ضرورتون ختم ٿي ويون تہ مومنن تي پٽيلن جي زالن پرٽجڻ ۾ ڪا تنگي نہ رهي ۽ الله جو حڪم پورو ٿيڻو آهي (٣٧) الله جيڪي پيغمبر لاءِ حلال ڪيو آهي ان ڳالهہ ۾ ان تي ڪو حرج نہ آهي. جيڪي اڳي ماڻهو گذري ڇُڪا انهن ۾ به الله جو اهو دستور هو ۽ الله جو حڪم انداز آهر مناسب مقرر ٿيل آهي (٣٨) پيغمبر الله جو پيغام پهچائيندا آهن ۽ ان کان ڊجندا آهن ۽ اڪيلي الله کان سواءِ ڪنهن کان به نہ ڊجندا آهن ۽ الله حساب ڪندڙ ڪافي آهي (٣٩) محمد (ﷺ) توهان جي مردن مان ڪنهن جو به پيءُ نہ آهي پر الله جو رسول آهي ۽ سمورن نبين ۾ آخري (پويون) آهي ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (٤٠) اي ايمان وارو! الله کي گهڻي ذڪر سان ياد ڪريو (٤١) ۽ صبح شام سندس پاڪائي بيان ڪريو (٤٢) الله اهو آهي جو اهو ۽ ان جا ملائڪ توهان تي رحمت موڪلين ٿا جيئن توهان کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍي. ۽ اهو مومنن تي مهربان آهي (٤٣) جنهن ڏينهن مومن ان (الله) سان ملندا انهن جي ڪيڪار سلام (السلام عليڪم) هوندو ۽ انهن لاءِ پلو ثواب تيار ڪيو اٿس (٤٤) اي نبي! بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي (٤٥) ۽ الله جي حڪم سان ان ڏانهن سڏيندڙ ۽ روشن ڏيئو ڪري موڪليو آهي (٤٦) ۽ مومنن کي خوشخبري ڏي تہ بيشڪ انهن جي لاءِ الله جي طرفان وڏو فضل آهي (٤٧) ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نہ مڃ ۽ انهن جي طرفان ڏڪائڻ کي درگذر ڪر ۽ الله تي پروسو ڪر ۽ الله ڪافي ڪارساز آهي (٤٨) اي ايمان وارو! جڏهن توهان مومنياڻين سان نڪاح ڪريو ۽ پوءِ انهن کي هٿ لائڻ کان اڳ طلاق ڏيو تہ انهن تي توهان لاءِ ڪابہ عدت نہ آهي جا پوري ڪرايو. پوءِ انهن کي ڪجهہ مال سان فائدو ڏيو ۽ چڱي طرح سان ڇڏي ڏيو (٤٩) اي نبي! اسان تنهنجي لاءِ تنهنجون اهي زالون حلال

ڪيون جن کي تو مهر ڏنو آهي ۽ اهي ٻانهيون ٻ جيڪي الله توکي غنيمت طور ملڪيت ۾ ڏنيون ۽ تنهنجون سوٽيون ۽ تنهنجون ڦاٽيون ۽ تنهنجون ماروٽيون ۽ تنهنجون ماساتيون جن توسان گڏ هجرت ڪئي سي ٻ حلال ڪيونسين، ۽ اها ايمان واري عورت ٻ جيڪا بنا مهر پنهنجي جان نبي کي بخشي ۽ نبي ٻ ان سان شادي ڪرڻ گُهري، اها رعايت خاص تنهنجي لاءِ آهي نہ ڪي ٻين مومنن لاءِ، اسان کي معلوم آهي جيڪي اسان انهن مومنن تي انهن جي زالن ۽ سندن ملڪيت ۾ آيل ٻانهين بابت حڪم ڪيو آهي، تنهنجي لاءِ خصوصيت هن لاءِ آهي تہ جيئن توتي کا تنگي نہ ٿئي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٥٠) انهن مان جنهن کي گُهرين ڇڏي ڏي ۽ جنهن کي گُهرين پاڻ وٽ رهاءِ، ۽ جن کي تو پاسي ڪري ڇڏيو هو انهن مان جنهن کي گهرائين تہ ان ۾ ٻ توتي کو گناهہ نہ آهي، اها ڳالهہ ان کي وڌيڪ ويجهي آهي تہ انهن جون اکيون ٺرن ۽ غمگين نہ ٿين ۽ تون انهن کي جيڪي ڏين ان تي اهي سڀ راضي ٿي وڃن، ۽ جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو الله ڄاڻندڙ آهي، ۽ الله ڄاڻندڙ بردبار آهي (٥١) اي پيغمبر! هن کان پوءِ تنهنجي ملڪيت ۾ آيل ٻانهين کان سواءِ ٻيون عورتون توتي حلال نہ آهن، ۽ نہ انهن جي بدران ٻين سان نڪاح ڪري سگهندين توڙي جو توکي انهن جو حُسن وڻي، ۽ الله هر شي تي نگهبان آهي (٥٢)[6] اي ايمان وارو! نبي جي گهرن ۾ بنا اجازت نہ وڃو، پر جي توهان کي کاڌو کائڻ لاءِ سڏيو وڃي تہ اهڙي وقت وڃو جو کاڌي پچڻ جو انتظار نہ ڪندا رهو، بلڪ جڏهن سڏ ڪيو وڃي تڏهن اندر وڃو ۽ جڏهن ماني کائي چُڪو تہ هليا وڃو ۽ ويهي ڳالهين سان دل نہ وندرايو، بيشڪ اهو رويو نبي کي تڪليف ڏئي ٿو، پوءِ اهو توهان جو لحاظ ڪري ٿو ۽ الله حق چوڻ ۾ نٿو شرمائي، ۽ جڏهن توهان نبي جي زالن کان کا شي گهرو تہ انهن کان پردي جي ٻاهران گهرو، اهو طريقو توهان جي دلين ۽ انهن جي دلين جي لاءِ وڌيڪ سُٿو آهي، ۽ توهان کي حق نٿو رسي جو الله جي رسول کي تڪليف پهچايو ۽ ان جي وفات کان پوءِ ڪڏهن ٻ سندس زالن سان نڪاح نہ ڪجو، ڇوتہ اها ڳالهہ الله وٽ وڏو گناهہ آهي (٥٣) جيڪڏهن توهان کا ڳالهہ ظاهر ڪريو يا ان کي لڪايو تہ بيشڪ الله هر شي کي ڄاڻندڙ آهي (٥٤) انهن عورتن تي پنهنجن ابن ۽ پنهنجن پٽن ۽ پنهنجن ڀائرن ۽

پنهنجن پائٽين ۽ پنهنجن پاٽيجن ۽ پنهنجي ساڻي عورتن ۽ پنهنجي ملڪيت ۾ آيل ٻانهن کان پردو نه ڪرڻ ۾ گناهه نه آهي، ۽ اي عورتو! الله کان ڊجندیون رهو، بيشڪ الله هر شي تي نظر رکندڙ آهي (٥٥) بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ هن نبي تي درود موڪليندا آهن، اي ايمان وارو! توهان به ان تي درود پڙهو ۽ خوب سلام موڪليو (٥٦) بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول کي تڪليف ڏين ٿا الله انهن تي دُنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي آهي ۽ الله انهن جي واسطي خواري واروعذاب تيار ڪري رکيو آهي (٥٧) ۽ جيڪي ماڻهو مومن ۽ مومنياڻين کي اهڙي ڪم جي تهمت سان ايذائيندا آهن جيڪو انهن نه ڪيو هجي، تہ بيشڪ انهن پنهنجي مٿي تي وڏو بهتان ۽ کليو گناهه کنيو (٥٨)[7] اي نبي! پنهنجي زالن ۽ نياڻين ۽ مومنن جي عورتن کي چئو تہ پنهنجي پاڻ تي چادرون ويڑهين، ائين ڪندیون تہ کين آساني سان سڃاتو ويندو ۽ کين تڪليف نہ ڏني ويندي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٥٩) ايا به جيڪڏهن منافق ۽ جن جي دلين ۾ کوٽ آهي ۽ شهر ۾ ڪوڙ پکيڙڻ وارا نہ مُڙيا تہ اسان توکي انهن تي چڙهت ڏيندا سين، پوءِ ٿوري وقت کان سواءِ اهي ان شهر ۾ تنهنجا پاڙيسري نہ رهندا (٦٠) انهن تي ڦٽڪار پيل هوندي جتي به لبندا تہ پکڙيا ويندا ۽ قتل ڪري ماريا ويندا (٦١) جيڪي ماڻهو اڳي گذري ويا انهن ماڻهن ۾ به الله جو اهو دستور هو ۽ الله جي دستور ۾ ڪڏهن به ڦيرڦار نہ ڏسندَوَ (٦٢) اي پيغمبر! ماڻهو توکان قيامت بابت پڇن ٿا، کين چئو تہ ان جي خبر رڳو الله کي آهي، ۽ توکي ڪهڙي خبر ٿي سگهي ٿو اها گهڙي ويجهي ئي هجي (٦٣) بيشڪ الله ڪافرن تي لعنت ڪئي آهي ۽ انهن جي لاءِ ڀيي هٽندڙ باهه تيار ڪئي اٿس (٦٤) ان ۾ هميشہ رهندا ۽ نہ کو بچائڻ وارو ۽ نہ کو مددگار لهندا (٦٥) ان ڏينهن انهن جا منهن باهه ۾ اونڌا ڪيا ويندا تہ چوندا تہ هاءِ! جيڪر اسان الله جي تابعداري ڪريون ها ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪيون ها (٦٦) ۽ چوندا تہ اي اسانجا پالڻهار! اسان پنهنجن سردارن ۽ پنهنجن وڏن جي چئي تي هلياسين، پوءِ انهن اسان کي سڌي واٽ کان پٽڪائي ڇڏيو (٦٧) اي اسان جا پالڻهار! انهن کي ٻيڻو عذاب ڏي ۽ انهن تي وڏي لعنت ڪر (٦٨)[8] اي ايمان وارو! انهن يهودين وانگر نہ ٿجو جن موسيٰ کي ستايو، پوءِ جيڪي چيائون تہ الله ان (موسيٰ) کي ان کان

پاڪ ثابت ڪيو ۽ موسيٰ الله وٽ عزت وارو هو (٦٩) اي ايمان وارو! الله کان ڊجو ۽ ڳالهايو ته سڌي ڳالهه چئو (٧٠) ته الله توهان جي لاءِ توهان جا عمل سنواريندو ۽ توهان کي توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪندو ان بيشڪ وڏي ڪاميابي ماڻي (٧١) بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن کي امانت ڪڍ لاءِ چيو پر ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيائون ۽ ان کان ڊجي ويا ۽ انسان انهيءَ کي کنيو بيشڪ اهو جان کي جوکي ۽ وڃهڻ وارو وڏو نادان آهي (٧٢) اها آڇ هن لاءِ هئي ته جيئن الله منافقن ۽ منافقياڻين ۽ مشرکن ۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري ۽ الله مومنن ۽ مومنياڻين تي ٻاجهه ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧٣)[9]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت سبا مڪي آهي، هن ۾ 54 آيتون ۽ 6 رڪوع آهن.

سڀ ساراهه ان الله جي لاءِ آهي جو جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو ان جو آهي ۽ آخرت ۾ به ان جي ئي ساراهه آهي ۽ اهو ئي حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي (١) جيڪي زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪي زمين مان نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان نازل ٿئي ٿو ۽ جيڪي ان ڏانهن مٿي چڙهي وڃي ٿو سو سڀ اهو ڄاڻندو آهي، اهوئي ٻاجهارو بخشڻهار آهي (٢) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي سي چوندا آهن ته اسان تي قيامت نه ايندي، اي پيغمبر! کين چئو ته هائو غيب ڄاڻڻ واري منهنجي رب جو قسم! جنهن کان آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ذري برابر به ڪا شي ڳجهي نه آهي اها توهان تي ضرور ايندي، ۽ نه ان کان ننڍي ۽ نه ان کان وڏي ڪا شي آهي جيڪا پڌري ڪتاب ۾ لکيل نه هجي (٣) ته جيئن جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته انهن کي سٺو بدلو ڏئي، اهي ئي آهن جن جي لاءِ بخشش ۽ عزت جي روزي آهي (٤) ۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا آهي (٥) ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي سي ڄاڻن ٿا ته جيڪو قرآن تنهنجي پالڻهار وٽان توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي سو حق آهي ۽ زبردست ساراهيل

الله ڏانهن وات ڏيکارينڊو آهي (٦) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي سي هڪٻئي ڪي چوندا آهن تہ ڇا توهان کي اهڙي ماڻهوءَ جو ڏَس ڏيون جيڪو توهان کي ٻڌائي تہ جڏهن توهان ڳري صفا ذرا ذرا ٿي ويندو تہ پوءِ توهان کي وري نئين سر پيدا ڪيو ويندو (٧) چون ٿا تہ ان الله تي ڪوڙ ٻڌو آهي يا ان کي ڪا چريائپ آهي. نہ. بلڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن اهي وڏي گمراهي ۾ آهن ۽ عذاب ۾ هوندا (٨) جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پٺيان آسمان ۽ زمين مان ٻڌايو ويو آهي اهو نٿا ڏسن ڇا. اسان گهرون تہ انهن کي زمين ۾ ڳهائي ڇڏيون يا انهن تي آسمان کان ڇپ ڪيرايون. بيشڪ الله ڏانهن رجوع ڪندڙ ٻانهن لاءِ ان ۾ نشاني آهي (٩) ۽ بيشڪ اسان داؤد کي پنهنجي فضل سان نوازيو ۽ حڪم ڪيوسين تہ اي جبلو ۽ پکيو! ان سان گڏ الله جي تسبيح پڙهو ۽ ان لاءِ لوهہ کي نرم ڪيوسين (١٠) حڪم ڪيوسين تہ ويڪريون زرهون ٺاهہ ۽ ڳڙين ۾ ماپ جو خيال رک ۽ توهان سيئي ڇڳا ڪم ڪريو ڇوتہ توهان جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي ڏسندڙ آهيان (١١) ۽ واءُ (هوا) کي سليمان جي وس ۾ ڪيوسين. ان جي صبح جي منزل هڪ مهيني جو پنڌ ۽ شام جي منزل بہ هڪ مهيني جو پنڌ هئي. ۽ اسان ان جي لاءِ پگهريل تامي جو چشمو وهايوسين ۽ سندس رب جي حڪم سان جنن مان کي ان جي آڏو ڪم ڪندا هئا. ۽ جيڪو بہ انهن مان اسان جي حڪم کان منهن موڙيندو هو تہ اسان ان کي ڄيئي هٽندڙ باهہ جو عذاب چکايو (١٢) اهي ان جي لاءِ اُوچا محل ماڙيون ۽ مورتيون ۽ وڏن حوضن جيڏا پيالا ۽ اٽ ڇُرندڙ وڏين ديڳين مان جيڪو گهرندو هيو سي ٺاهيندا هئا. اي داؤد جي اولاد! شڪر ڪريو پر منهنجي ٻانهن مان ٿورا شڪر ڪندڙ آهن (١٣) پوءِ اسان جڏهن ان (سليمان) تي موت جو حڪم موڪليو تہ زمين جي جيت اڏوهي کان سواءِ جيڪا ان جي لٺ کي کائي رهي هئي انهن مان ڪنهن بہ جن کي سندس موت جي خبر نہ لڳي. پوءِ جڏهن سليمان اتي ڪري پيو تڏهن جنن تي حقيقت کُلي وئي تہ جيڪڏهن غيب ڄاڻندا هجن ها تہ ان خواري واري عذاب ۾ نہ رهن ها (١٤) بيشڪ سبا وارن جي لاءِ سندن رهڻ جي هنڌ ۾ نشاني هئي يعني بہ باغ ساڄي ۽ کاٻي پاسي. چيو وين تہ پنهنجي رب جي رزق مان کائو ۽ ان جو شڪر ادا ڪريو اوهان جي لاءِ هي شهر سٺو آهي ۽

رب بخشٹهار آهي (١٥) پوءِ انهن مُنهن موڙيو تہ اسان بند پيچي انهن ڏي عرم جي وڏي ٻوڏ موڪلي ۽ انهن ٻن باغن جي عيوض کين ٻيا ٻہ باغ ڏناسين جن ۾ ڪسارو ميوو ۽ لَئو ۽ ٿوريون ٻيريون هيون (١٦) اسان انهن کي اهو سندن ناشُڪري جو بدلو ڏنوسين ۽ اسان بي شڪري ڪرڻ وارن کان سواءِ ڪنهن کي سزا نہ ڏيندا آهيون (١٧) ۽ اسان انهن جي وچ۾ ۽ انهن ڳوٺن جي وچ۾ جن ۾ اسان برڪت رکي هئي ٻيا پڌرا ڳوٺ رکياسين ۽ انهن جي وچ۾ اڇ وچ جي منزل جو پورو بندوبست رکيوسين، چيو وين تہ پلي انهن ۾ راتين ۽ ڏينهن جو بي فڪر ٿي مسافري ڪيو (١٨) پوءِ انهن چيو تہ اسان جا رب! اسان جي سفر جون منزلون ڊگهيون ڪر ۽ انهن پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪيو پوءِ اسان انهن کي ٻين لاءِ آکاڻيون ڪري ڇڏيوسين ۽ انهن کي پوري طرح ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيوسين، بيشڪ ان ۾ صبر ڪندڙ شڪرگذارن لاءِ نشانيون آهن (١٩) پوءِ ابليس انهن کي پنهنجي اٽڪل سچي ڪري ڏيکاري جو مومنن جي هڪ جماعت کان سواءِ ٻين سيني ان جي تابعداري ڪئي (٢٠) ۽ شيطان جو انهن تي ڪو غلبو نہ هو مگر اسان پرکيو تہ ڪير آخرت تي ايمان آڻي ٿو ۽ ڪير ان کان شڪ ۾ آهي، ۽ اي پيغمبر! تنهنجو رب هر شي تي نگهبان آهي (٢١)[2] اي پيغمبر! کين چئو تہ الله کان سواءِ جن کي معبود سمجهو ٿا انهن کي سڏيو، اهي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ذري برابر جا ٻہ مالڪ نہ آهن ۽ نہ انهن جي هنن ٻنهي ۾ ڪا پائيواري آهي ۽ نہ انهن مان ڪو الله جو مددگار آهي (٢٢) ۽ ان الله وٽ سواءِ ان جي جنهن کي اجازت ڏئي ٻئي جي سفارش فائدو ڪونہ ڏيندي، تان جو جڏهن انهن ماڻهن جي دلين تان گهبراهٽ لهي ويندي تہ هڪ ٻئي کي چوندا تہ توهان جي رب ڪهڙو فيصلو ڪيو اُهي چوندا تہ حق فرمايائين ۽ اهو ئي مٿانهون وڏائي وارو آهي (٢٣) اي پيغمبر! کين چئو تہ توهان کي آسمانن ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي، پاڻ ئي چئوتہ الله، ۽ بيشڪ يا اسان سڏي وات تي آهيون يا توهان، يا اسان گمراهہ آهيون يا توهان کليل گمراهي ۾ آهيو (٢٤) کين چئو تہ توهان کان اسان جي گناهن جي پڇا ڪونہ ٿيندي، نہ ئي توهان جي ڪرتوتن جو اسان کان سوال ٿيندو (٢٥) کين چئو تہ اسان جو رب اسان سمورن کي هڪڙي هنڌ گڏ ڪندو پوءِ اسان ۽ توهان جي وچ۾ حق جو فيصلو ڪندو اهو ئي

فيصلو ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي (٢٦) ڪين چئو تہ مون کي اهي تہ ڏيکاريو جن کي ان الله سان شريڪ بڻائي ملايو اتوَ چئو تہ ائين نہ ٿيندو، بلڪ اهو ئي الله زبردست حڪمت وارو آهي (٢٧) ۽ اي محبوب! اسان توکي سيني ماڻهن لاءِ فقط خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (٢٨) ۽ ڪافر چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان مسلمان سچا آهيو تہ قيامت جو انجام ڪڏهن ايندو (٢٩) ڪين چئو تہ توهان جي لاءِ هڪ اهڙي ڏينهن جو واعدو آهي جنهن کي توهان هڪ گهڙي نہ پوئتي ڪري سگهندو ۽ نہ هڪڙي گهڙي اڳ آڻي سگهندو (٣٠)[3] ۽ جن ڪفر اختيار ڪيو آهي سي چون ٿا تہ اسان هن قرآن تي هرگز ايمان نہ آڻينداسين ۽ نہ انهن ڪتابن تي جيڪي هن کان اڳي هئا، ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون هنن ظالمن کي ان وقت ڏسين جڏهن پنهنجي رب سامهون بيهاريا ويندا، انهن ۾ هڪڙا ٻين تي ڏوهہ ٽڪيندا ۽ جيڪي ڪمزور آهن سي هنيلن کي چوندا تہ جيڪڏهن توهان نہ هجو ها تہ اسان ايمان آڻيون ها (٣١) وڏائي ڪندڙ هنيلا ڪمزورن کي چوندا تہ هن کان پوءِ جو توهان وٽ هدايت اچي وئي تہ اسان توهان کي هدايت کان روڪي ڇڏيو هو ڇا، نہ، بلڪ توهان پاڻ ڏوهاري هئا (٣٢) ۽ هيٺا هنيلن کي وري چوندا تہ ائين نہ آهي، بلڪ توهان جي رات ۽ ڏينهن جي فريب ڪرڻ اسان کي جهليو هو، جڏهن توهان اسان کي حڪم ڏيندا هئا تہ الله جو انڪار ڪيون ۽ ان جا شريڪ ٺاهيون، ۽ جڏهن عذاب کي ڏسندا تہ دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳندا، ۽ جن ڪفر ڪيو اسان انهن جي ڳچي ۾ ڳٽ وجهنداسين، جيڪي ڪندا آهن ان کان سواءِ انهن کي ٻيو بدلو نہ ڏنو ويندو (٣٣) ۽ اسان جڏهن بہ ڪنهن شهر ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ (رسول) موڪليو تہ اتي جي آسودن فقط اهو ئي چيو تہ توهان کي جو ڪجهہ ڏئي موڪليو ويو آهي اسان ان جو انڪارڻا ڪريون (٣٤) چياڻون تہ اسان مال ۽ اولاد ۾ گهڻائي وارا آهيون ۽ اسان تي عذاب ٽيڙو نہ آهي (٣٥) اي پيغمبر! ڪين چئو تہ بيشڪ منهنجو پالڻهار جنهن لاءِ گهرندو آهي ان جو رزق ڪشادو ڪندو آهي ۽ جنهن لاءِ گهري تنگي ڪندو آهي، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن (٣٦)[4] ۽ توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد هن لائق نہ آهن تہ توهان کي مرتبي جي ڪري اسان وٽ ويجهو ڪن، مگر ويجها اهي آهن جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم

ڪيائون، پوءِ انهن لاءِ سندن عملن جي ڪري ٻيٽو بدلو آهي، ۽ اهي ماڻين ۾ امن سان رهندا (٣٧) ۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن انهن کي عذاب ۾ سٽيو ويندو (٣٨) اي پيغمبر! کين چئو ته بيشڪ منهنجو پالڻهار پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جو رزق ڪشادو ڪندو آهي ۽ جنهن لاءِ گهري تنگ ڪندو آهي ۽ توهان جيڪا به شي الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا ته اهو ان جو بدلو ڏيندو، اهو سڀ کان چڱو رزق ڏيندڙ آهي (٣٩) ۽ جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي گڏ ڪندو ته پوءِ ملائڪن کي چوندو ته اهي توهان جي پوڄا ڪندا هئا ڇا (٤٠) اُهي چوندا ته تون پاڪ ذات آهين تون ئي اسان جو مالڪ آهين، اهي اسان کي نه بلڪ جنن کي پوڄيندا هئا، انهن مان گهڻا انهن کي مڃيندڙ هئا (٤١) پوءِ ان ڏينهن انهن مان ڪوبه هڪڙو ٻئي کي ڏڪ ۽ سُک پهچائڻ جي اختيار وارو نه هوندو ۽ ظالمن کي چونداسين ته ان باهه جو مزو چکو جنهن کي توهان ڪوڙ سمجهندا هئا (٤٢) ۽ جڏهن انهن کي اسان جون روشن آيتون پڙهي ٻڌائبيون آهن ته هڪٻئي کي چوندا آهن ته هي ته رڳو هڪ ماڻهو آهي جيڪو توهان کي ان کان روڪڻ گهري ٿو جنهن جي توهان جا ابا ڏاڏا پوڄا ڪندا هيا ۽ چوندا آهن ته هي قرآن ته رڳو ڪوڙو ناهه آهي، ۽ جڏهن انهن وٽ حق اچي ٿو ته ڪافر حق جي لاءِ چون ٿا ته هي ته رڳو کليل جادو آهي (٤٣) ۽ اسان انهن مشرڪن کي ڪو ڪتاب نه ڏنو هو جنهن کي پڙهندا هجن ۽ نه وري توکان اڳ ۾ انهن وٽ ڪو ڊيڄارينڊڙ موڪليو هيوسين (٤٤) ۽ انهن کان اڳين قومن به ڪوڙو چيو هو ۽ جيڪي انهن کي ڏن دولت ڏنو هيوسين اِهي مشرڪ ان جي ڏهين پتي کي به نه پهتا آهن، پوءِ انهن جڏهن منهنجي رسولن کي ڪوڙو چيو ته پوءِ انڪار ڪرڻ وارن جو انجام ڪيئن ٿيو (٤٥)[5] اي پيغمبر! کين چئو ته مان توهان کي رڳو هڪ ڳالهه جي نصيحت ڪريان ٿو ته الله جي ڪم لاءِ به، يا اڪيلا اڪيلا ٿي اٺو پوءِ سوچ ويچار ڪريو ته توهان جي هن سنگتي (محمد ﷺ) کي چريائپ نه آهي، اهو ته فقط توهان کي هڪ سخت عذاب جي پهچڻ کان اڳ ڊيڄارينڊڙ آهي (٤٦) کين چئو ته مون توهان کان ان تي ڪو اجر گهريو هجي ته اهو توهان کي نيبهه هجي، منهنجو اجورو ته الله کان، سواءِ ڪنهن ٻئي تي نه آهي ۽ اهو هر شي تي

شاهد آهي (٤٧) کين چئو تہ بيشڪ منهنجو رب منهنجي دل ۾ حق جو القاء ڪندو آهي، جيڪو مڙني ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهي (٤٨) کين چئو تہ حق آيو ۽ باطل نہ نئين سِر پيدا ڪري ٿو ۽ نہ وري مرڻ کان پوءِ موٽائيندو (٤٩) کين چئو تہ جيڪڏهن مان ڀُليس تہ پنهنجي ئي نقصان لاءِ ڀُلبس ۽ جيڪڏهن هدايت وارو ٿيس تہ ان ڪري جو منهنجو رب مون ڏانهن وحي موڪلينڊو آهي، بيشڪ اهو ٻُڌڻ وارو ويجهڙو آهي (٥٠) ۽ اي پيغمبر! جي ڪنهن طرح تون ڏسين جڏهن اهي ڪافر گهبرائجي ويندا، پوءِ عذاب کان ڀڄي بچي نہ سگهندا ۽ هڪ ويجهي جاءِ کان پڪڑيا ويندا (٥١) ۽ چوندا تہ اسان ان قرآن تي ايمان آندو ۽ ان وقت اهي دنيا کان ايترو پري واريءَ جاءِ کان ايمان کي ڪيئن هٿ ڪندا (٥٢) جو پهريان تہ قرآن جو انڪار ڪندا هيا ۽ پرانهين جاءِ کان ۽ اڻ ڏٺي ٽُڪا هٽندا هيا (٥٣) انهن جي ۽ انهن جي خواهشن جي وچ ۾ آڙ وڌي ويندي جيئن انهن جي طريقي وارن سان اڳ ۾ ڪيو ويو هو، بيشڪ اهي بہ ڏوڪي ۾ وجهندڙ شڪ ۾ پيل هٿا (٥٤)[6]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت فاطر مڪي آهي، هن ۾ 45 آيتون ۽ 5 رڪوع آهن.

سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو ٻڌائيندڙ آهي ۽ ملائڪن کي قاصد ٻڌايو جن جا ٻہ ٻہ تي ٽي ۽ چار چار پر آهن، پيدائش ۾ جيڪي گهري سو وڌائي ٿو بيشڪ الله هر شي تي وس وارو آهي (١) الله ماڻهن لاءِ جيڪا رحمت کولي ان کي ڪوبہ بند ڪرڻ وارو نہ آهي، ۽ جيڪي روڪي تہ ان جي روڪ کان پوءِ ان کي ڪير بہ کولڻ وارو نہ آهي ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي (٢) اي انسانو! پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو الله کان سواءِ ٻيو بہ ڪو خالق آهي ڇا جيڪو آسمان ۽ زمين مان توهان کي روزي ڏيندو هجي، ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي پوءِ توهان ڪاڏي ڦيريا ويو ٿا (٣) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن اهي توکي ڪوڙو چون ٿا تہ بيشڪ توکان اڳي ڪيترن ئي رسولن کي ڪوڙو چيو ويو هو ۽ سمورا ڪم الله جي طرف ئي موٽايا ويڻ ٿا (٤) اي انسانو!

بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي، پوءِ توهان کي دُنيا جي زندگي ڏوکو نہ ڏئي ۽ نہ الله بابت توهان کي ڏوکو ڏيندڙ شيطان ڏوکي ۾ وجهي (۵) بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي پوءِ توهان بہ ان کي دشمن سمجهو اهو تہ پنهنجي ٽولي کي رڳو هن لاءِ سڏيندو آهي تہ دوزخين مان ٿين (٦) جن ڪفر ڪيو انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي، ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي (۷)[1] جنهن جي نگاهہ ۾ سندس برو عمل سينگاريو ويو پوءِ ان انهيءَ کي چڱو سمجهيو تہ اهو چڱي ڪم ڪندڙ جهڙو هوندو ڇا، بيشڪ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي گمراهہ ڪندو آهي ۽ جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي، پوءِ اي محبوب! انهن تي ارمان ڪندي تنهنجو ساهہ نہ سُڪي، بيشڪ اهي جيڪي ڪندا آهن سو الله ڄاڻندڙ آهي (۸) ۽ الله اهو آهي جيڪو هوائن کي موڪلي ٿو پوءِ اهي هوائون ڪڪرن کي اپارين ٿيون، پوءِ انهن ڪڪرن کي ويران ڀُوٽ ڏانهن هلايون ٿا، پوءِ ان جي پاڻي سان ڌرتي کي ان جي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪيون ٿا، اهڙيءَ طرح قبرن مان مئلن جو اٿڻ آهي (۹) جيڪو عزت گُهري سو ياد رکي تہ سموري عزت الله جي هٿ آهي، چڱو سُخن انهيءَ جي طرف چڙهندو آهي ۽ نيڪ عمل ان سخن کي مٿي چاڙهيندو آهي، ۽ جيڪي بُراين جي رِٽ ڪندا آهن انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي، ۽ انهن جي اها بري رِٽ تباهہ ٿيندي (۱۰) ۽ اي انسانو! الله توهان کي متيءَ مان پيدا ڪيو، پوءِ نطفي مان پيدا ڪندو رهي ٿو، پوءِ توهان کي جوڙا جوڙا ڪيائين ۽ ڪنهن بہ مادِي کي ان جي علم کان سواءِ نہ پيٽ ٿو ٽئي ۽ نہ اها ڦر ڇٽيندي آهي، ۽ نہ ڪنهن کي مقرر عمر کان وڌيڪ عمر ڏني ويندي آهي ۽ نہ ڪنهن جي عمر مان گهٽائبو آهي، بس اهو سڀ ڪتاب ۾ لکيل آهي، بيشڪ اهو ڪم الله تي آسان آهي (۱۱) ۽ بہ درياءِ (سمنڊ) هڪجهڙا نہ آهن هڪڙو مٺو آهي ان جو پاڻي وٽندڙ آهي ۽ پيو کارو کوڙو آهي ۽ هرهڪ مان توهان تازو گوشت (مڇي) کائيندا آهيو ۽ پائڻ جو هڪ زيور يعني موتي ڪڍو ٿا ۽ ٻيڙيون ڏسندا آهيو جيڪي پاڻي کي چيري هلنديون آهن جيئن توهان ان جي فضل مان روزي تلاش ڪريو ۽ من ڪنهن طرح شڪر ادا ڪريو (۱۲) الله رات کي ڏينهن جي

حصي ۾ داخل ڪندو آهي ۽ ڏينهن کي رات جي حصي ۾ آڻيندو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيائين هرهڪ مقر مدت تائين هلندو رهندو. اهو الله توهان جو پالڻهار آهي. انهيءَ جي بادشاهي آهي. ۽ ان کان سواءِ توهان جن کي سڏيندا آهيو سي ڪتل جي ککڑي جي کل جا به مالڪ نه آهن (۱۳) توهان انهن کي سڏيندو تہ اهي توهان جو سڏ نہ ٻڌندا ۽ جيڪڏهن ٻڌن به تہ توهان کي ورندي نہ ڏيندا. ۽ قيامت جي ڏينهن اهي توهان جي شرڪ جو انڪار ڪندا. ۽ اي انسان! توکي خبر رکندڙ وانگر ٻيو ڪير به خبر نہ ڏيندو (۱٤)[2] اي انسانو! توهان سڀ الله جا محتاج آهيو ۽ الله ئي بي پرواهہ ساراهيل آهي (۱۵) جيڪڏهن اهو گُهري تہ توهان کي ختم ڪري ۽ نئين مخلوق آڻي (۱٦) ۽ الله لاءِ اهو ڪم ڏکيو نہ آهي (۱۷) ۽ ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو. ۽ جيڪڏهن ڪو بار وارو پنهنجي گناهن جي بار کڻڻ لاءِ ڪنهن کي سڏيندو تہ ان جي بار مان ڪوبہ ڪجهہ نہ کڻندو. تو ڏي جو اهو ويجهو مائٽ ڇو نہ هجي. اي محبوب! تون تہ فقط انهن کي ڊيڄاري سگهندين جيڪي اڻ ڏٺي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ نماز ادا ڪندا آهن. ۽ جيڪو پاڪائي رکي ٿو تہ اهو پنهنجي ڀلائي جي لاءِ ئي پاڪائي رکي ٿو ۽ سيني کي الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي (۱۸) ۽ انڌو ۽ سڄو برابر نہ آهن (۱۹) ۽ نہ وري اونداهي ۽ سوجهرو برابر آهن (۲۰) ۽ نہ ڇانوَ ۽ نہ تِکي اُس (۲۱) ۽ نہ ئي جيئرا ۽ مُئل برابر آهن. بيشڪ الله جنهن کي گهري ان کي ٻُڌڻ جهڙو ڪري ٿو ۽ جيڪي قبرن ۾ مئلن جهڙا آهن تون انهن کي ٻُڌڻ جهڙو نٿو ڪري سگهين (۲۲) تون تہ فقط ڊيڄارينڊڙ آهين (۲۳) اي محبوب! بيشڪ اسان توکي حق سان خوشخبري ڏينڊڙ ۽ ڊيڄارينڊڙ ڪري موڪليو آهي. ۽ ڪابہ امت اهڙي نہ گذري آهي جنهن ۾ هڪڙو ڊيڄارينڊڙ نہ گذري چُڪو هجي (۲٤) ۽ جيڪڏهن اهي توکي ڪوڙو چون ٿا تہ انهن جا اڳيان به جڏهن انهن ڏ سندن رسول چٽن معجزن ۽ صحيفن ۽ پڌرن ڪتابن سان آيا تہ انهن کي ڪوڙو چئي چڪا آهن (۲۵) پوءِ جن ڪفر ڪيو انهن کي مون پڪڙيو تہ پوءِ انڪار ڪندڙ جو انجام ڪيئن ٿيو (۲٦)[3] اي انسانو! ڇا توهان نہ ڏٺو آهي تہ الله آسمان مان پاڻي وسائي ٿو پوءِ ان سان قسم قسم جا ميوا پيدا ڪيون ٿا. ۽

جبلن مان ڪي سفيد ۽ ڳاڙهَا مختلف رنگن وارا پَٽا آهن ۽ ڪي نيور ڪارا آهن (۲۷) ۽ ائين ماڻهن ۽ ساهوارن ۽ جانورن مان ۽ اهڙي طرح مختلف رنگن وارا آهن. الله کان سندس ٻانهن مان علم ۽ سمجهه وارا ئي ڊڄندا آهن. بيشڪ الله زبردست بخشڻهار آهي (۲۸) بيشڪ اهي جيڪي الله جو ڪتاب پڙهندا آهن ۽ نماز ادا ڪندا آهن ۽ اسان جي ڏني مان ڪجهه اسان جي واٽ ۾ ڳجهو ۽ ظاهر خرچ ڪندا آهن اهي اهڙي واپار جا اميدوار آهن جنهن ۾ ٽوٽ هرگز نه آهي (۲۹) ڇوتہ الله انهن کي سندن پورو پورو اجر ڏيندو ۽ پنهنجي فضل سان ايجان ۽ وڌيڪ ڏيندو. بيشڪ اهو بخشڻهار قدر ڪرڻ وارو آهي (۳۰) ۽ اي پيغمبر! اسان ڪتاب مان جيڪي توڏانهن وحي ڪيو آهي سو حق آهي، پاڻ کان اڳين ڪتابن جي ۽ تصديق ڪندڙ آهي. بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (۳۱) پوءِ اسان ڪتاب جو انهن کي وارث ڪيو آهي جن کي پنهنجي ٻانهن (عربن) مان چونڊيو آهي، پر انهن مان ڪي پنهنجي جان تي ظلم ڪري رهيا آهن ۽ انهن مان ڪي وچ واري چال تي آهن ۽ انهن مان ڪي الله جي حڪم سان نيڪيون ۾ اڳرا آهن. اهو ئي وڏو فضل آهي (۳۲) اهي رهائش جي باغن (بهشت) ۾ داخل ٿيندا جتي انهن کي سونا ڪنگڻ ۽ موتين جا هار پارايا ويندا ۽ اتي انهن جي پوشاڪ پَٽَ جي هوندي (۳۳) ۽ چوندا تہ سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي جنهن اسان کان غم ٽاريو بيشڪ اسان جو رب بخشڻهار قدر ڪرڻ وارو آهي (۳٤) جنهن اسان کي پنهنجي فضل سان آرام جي جاءِ تي آندو آهي جتي اسان کي نہ تہ ڪا تڪليف پهچندي ۽ نہ ئي ڪا ٿڪاوٽ ٿيندي (۳۵) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي انهن جي لاءِ جهنم جي باهہ آهي، نہ انهن تي مرڻ جو حڪم ڪبو ۽ نہ انهن تي اتان جي عذاب مان ڪجهہ هلڪو ٿيندو. اسان هر بي شڪر (منڪر) کي ائين ئي سزا ڏيندا آهيون (۳٦) ۽ اهي دوزخي ان ۾ رڙيون ڪندا تہ اي اسان جا رب! اسان کي هتان ڪڍ تہ اسان جيڪي اڳي ڪندا هئاسين ان جي خلاف ڇڳا ڪم ڪريون. ڇيو ويندن تہ اسان اوهان کي ايتري ڄمار نہ ڏني هئي ڇا تہ جيڪو سمجهڻ گهري ها تہ سمجهي نصيحت وٺي ها ۽ توهان وٽ ڊيڄاريندڙ بہ آيو هو. پوءِ هاڻي

ڪمائي جو مزو چکو چوتہ ظالمن جو ڪوبہ مددگار نہ آهي (۳۷)[4] بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين جا ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي، بيشڪ اهوئي دلين جي راز کي بہ ڄاڻندڙ آهي (۳۸) اهو ئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ اڳين جو جانشين ڪيو آهي، پوءِ جيڪو ڪفر ڪندو تہ ان جي ڪفر جو وبال انهيءَ تي آهي ۽ ڪافرن لاءِ انهن جو ڪفر سندن رب وٽ ڏمر کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ وڌائيندو ۽ ڪافرن لاءِ سندن ڪفر نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ وڌائيندو (۳۹) اي پيغمبر! کين چئو تہ الله کان سواءِ جن شريڪن کي سڏيندا آهيو تہ انهن کي ڏيکاريو تہ انهن زمين ۾ ڇا خلقيو آهي يا آسمانن ۾ انهن جي ڪا پائيواري آهي يا اسان انهن کي ڪو ڪتاب ڏنو آهي جا جو ان مان پنهنجي شرڪ جو ڇڪو دليل ڏئي سگهن، نہ، بلڪ ظالم پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي فقط ڏوڪي ۽ فريب کان سواءِ ڪو ٻيو واعدو نہ ڏئي رهيا آهن (۴۰) بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين کي لُڏڻ کان روڪي رکيو آهي، جيڪڏهن اهي هَٽي وڃن تہ الله کان سواءِ انهن کي ڪير بہ روڪي نہ سگهندو، بيشڪ اهو بردبار بخشڻهار آهي (۴۱) ۽ انهن مڪي وارن پنهنجي قسمن ۾ الله جو پڪو قسم کنيو تہ جيڪڏهن انهن وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ آيو تہ ٻين امتن کان وڌيڪ هدايت وارا ٿيندا، پوءِ جڏهن اهو انهن وٽ آيو آهي تہ انهن لاءِ نفرت کان سواءِ ٻيو ڪو اضافو نہ ٿيو آهي (۴۲) زمين ۾ وڏائي ڪرڻ ۽ بچڙي رِٽ رِتڻ سبب نفرت ڪيائون، ۽ بچڙي رِٽ پنهنجي رٿيندڙ کان سواءِ ٻئي کي وٽ نہ ڪندي آهي، تنهنڪري اهي اڳين جي عذاب جي دستور جا منتظر آهن، پوءِ تون الله جي طريقيڪار ۾ هرگز تبديلي نہ ڏسندين ۽ الله جي دستور ۾ ڪا ڦيرگير هرگز نہ ڏسندين (۴۳) اهي زمين ۾ گهميا ڦريا نہ آهن جا جو ڏسن تہ انهن کان اڳين جو ڪهڙو انجام ٿيو جڏهن تہ اهي هنن کان طاقت ۾ بہ گهڻو وڌيڪ هئا، ۽ الله اهڙو نہ آهي جنهن کي آسمانن منجهان ۽ زمين منجهان ڪا شي عاجز ڪري سگهي، بيشڪ اهو ڄاڻندڙ وس وارو آهي (۴۴) ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي انهن جي ڪرتوتن تي پڪڙ ڪري ها تہ زمين جي مٿاڇري تي ڪابہ چرڻ واري شي نہ ڇڏي ها، پر هڪ مقرر مدت تائين انهن کي ڏر

ڏئي ٿو پوءِ جڏهن انهن جو وقت ايندو تہ پوءِ بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ آهي (۴۵)[5]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت يٰس مڪي آهي، هن ۾ 83 آيتون ۽ 5 رڪوع آهن

يٰس (۱) هن حڪمت واري قرآن جو قسم آهي (۲) بيشڪ تون رسولن مان آهين (۳) سڌي واٽ تي آهين (٤) هي قرآن زبردست مهربان وٽان نازل ٿيل آهي (۵) جيئن تون ان قوم کي ڊيڄارين جن جي ابن ڏاڏن کي نہ ڊيڄاريو ويو آهي تنهنڪري اهي بي خبر آهن (٦) بيشڪ انهن مان گهڻن تي عذاب جو قول ثابت ٿي چُڪو آهي جو اهي ايمان نہ آڻيندا (۷) اسان انهن جي ڳچين ۾ ٻڪ وجهي ڇڏيا آهن جيڪي کاڌين تائين ٽيل اٿن تنهنڪري اهي ڳاتي ٽنگيل آهن (۸) ۽ انهن جي اڳيان ۽ اوٽ ڪئي آهي ۽ انهن جي پٺيان ۽ اوٽ ڪئي آهي ۽ کين ڊيڪي ڇڏيو آهي سو اهي ڪجهہ ۽ نٽا ڏسي سگهن (۹) ۽ تون انهن کي ڊيڄارين يا نہ ڊيڄارين انهن لاءِ هڪجهڙو آهي، اهي ايمان نہ آڻيندا (۱۰) تون رڳو انهن کي ڊيڄاري سگهندين جيڪي نصيحت تي هلڻ وارا آهن ۽ ٻاجهاري الله کان اڻ ڏٺي ڊڄڻ وارا آهن، پوءِ انهن کي بخشش ۽ ڪرم واري ثواب جي خوشخبري ڏي (۱۱) بيشڪ اسان مُئلن کي جيارينداسين ۽ جيڪو اڳتي موڪلين تا ۽ جيڪي اثر پنٽي ڇڏين تا سي سڀ اسان لکون تا، ۽ اسان لوح محفوظ ۾ هر شي کي ڳڻي رکيو آهي (۱۲)[1] اي پيغمبر! انهن سان هڪڙي ڳوٺ (انطاڪيہ) وارن جو قصو بيان ڪر جڏهن انهن وٽ رسول آيا (۱۳) جڏهن انهن ڏانهن ٻہ رسول موڪليا سين تہ انهن کي ڪوڙو ڄياڻون، پوءِ اسان انهن جي تئين سان ٽنيرائي ڪرائي، پوءِ انهن سڀني گڏجي چيو تہ اسان توهان ڏانهن رسول ٿي آيا آهيون (۱٤) ڄياڻون تہ توهان تہ فقط اسان جهڙا ماڻهو آهيو ۽ ٻاجهاري الله ڪجهہ ٻہ نازل نہ ڪيو آهي، توهان صفا ڪوڙا آهيو (۱۵) پيغمبرن چيو تہ اسان جو رب ڄاڻي ٿو تہ بيشڪ اسان توهان ڏانهن رسول ٿي آيا آهيون (۱٦) ۽ اسان جي ذمي پڌري پيغام پهچائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي (۱۷) ڄياڻون تہ اسان توهان جي اچڻ کي منحوس ۽

نياڳ سمجهون ٿا. جيڪڏهن توهان نہ مڃندا تہ اسان توهان کي پٺر هٽنداسين ۽ اسان جي هتان توهان کي گهٽي ايذائيندڙ تڪليف پهچندي (١٨) پيغمبرن چيو تہ توهان جو نياڳ توهان سان گڏ آهي، ڇا توهان کي ان لاءِ نصيحت ڪجي ٿي، بلڪ توهان حد کان لنگهندڙ ماڻهو آهيو (١٩) ۽ شهر جي ٻئي ڇيڙي کان هڪ شخص ڊوڙندو آيو ۽ چيائين تہ اي منهنجي قوم! هنن رسولن جي فرمابرداري ڪريو (٢٠) اهڙن جي فرمانبرداري ڪريو جيڪي توهان کان ڪا مزدوري نٿا گهرن ۽ اهي سڌي وات وارا ٻہ آهن (٢١) ۽ مون کي ڇا ٿيو آهي جو اُن الله جي بندگي نہ ڪريان جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي ۽ توهان ٻہ ان ڏانهن موٽايا ويندو (٢٢) ڇا ان الله کان سواءِ ٻيا معبود ونان جو جيڪڏهن ٻاجهارو الله مون کي نقصان پهچائڻ گهري تہ انهن جي سفارش مون کان ڪجهہ ٻہ ٽاري نہ سگهي ۽ نہ ئي مون کي بچائي سگهن (٢٣) ائين ڪيان تہ بيشڪ تڏهن مان ڪليل گمراهيءَ ۾ هوندس (٢٤) بيشڪ مون توهان جي رب تي ايمان آندو آهي، پوءِ منهنجي ڳالهہ ٻڌو (٢٥) ان کي شهيد ڪيائون ۽ چيائونس تہ جنت ۾ داخل ٿي، چوندو رهيو تہ ڪاش منهنجي قوم ڄاڻي ها (٢٦) تہ منهنجي رب مون کي ڇاجي ڪري بخش ڪيو ۽ مون کي عزت وارن مان ڪيائين (٢٧) ۽ اسان پوءِ ان جي قوم تي آسمان کان ڪو لشڪر نہ لاٿو ۽ نہ ئي اسان کي ڪو لشڪر لاهڻو هو (٢٨) سزا تہ رڳو هڪ ڪڙڪيدار آواز هو، بس ان ئي مهل اهي نپوڙجي ويا (٢٩) ٻانهن تي افسوس! جو انهن وٽ اهڙو ڪو رسول نہ آيو جنهن تي انهن ٺٺوليون نہ ڪيون هجن (٣٠) ڇا انهن نہ ڏٺو آهي تہ اسان انهن کان اڳي ڪيترين قومون تباهہ ڪري ڇڏيون جو هاڻي اهي هنن ڏانهن موٽڻ وارا ئي نہ آهن (٣١) ۽ جيترا ٻہ آهن سمورا اسان جي سامهون حاضر ڪيا ويندا (٣٢)[2] ۽ انهن جي لاءِ غير آباد (مُئل) زمين هڪ نشاني آهي جنهن کي پاڻي سان جياريون ٿا، پوءِ ان مان اناج پيدا ڪيون ٿا جو انهيءَ مان اهي کائيندا آهن (٣٣) ۽ ان ۾ ڪجين ۽ انگورن جا باغ پيدا ڪيون ٿا ۽ انهن ۾ ڪجهہ چشما وهايون ٿا (٣٤) جيئن ان جي ميون مان کائن ۽ انهن کي سندن هٿن نہ ٺاهيو آهي، پوءِ شڪر ڇونٿا ڪن (٣٥) پاڪ آهي اها ذات جنهن زمين جي ڄمائيل شين مان ۽ خود انهن ماڻهن مان ۽ انهن شين مان پڻ جن جي انهن کي خبر نہ

آهي. جوڙا ٻڌايا آهن (٣٦) ۽ انهن لاءِ رات بہ هڪ نشاني آهي جو ان مان ڏينهن کي ڇڪي ڪيندا آهيون تڏهن اهي اونداهيءَ ۾ هوندا آهن (٣٧) ۽ سج پنهنجي هڪ منزل تي هلي رهيو آهي. اها زبردست علم رکندڙ جي جوڙجڪ آهي(٣٨) ۽ اسان چنڊ جي لاءِ منزلون مقرر ڪيون آهن ايستائين جو ڪجيءَ جي پراڻي ڏنگي (وريل) ڇڙهي وانگر ٿي ويندو آهي (٣٩) سج کي چنڊ جي ويجهو ٿيڻ جي مجال نہ آهي ۽ نہ رات سج لهڻ کان اڳ ڏينهن تي اڳرائي ڪندڙ آهي. ۽ هرهڪ پنهنجي دائري ۾ هلي رهيو آهي (٤٠) ۽ انهن جي لاءِ هڪ نشاني هي بہ آهي تہ اسان انهن جي نسل کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ ڪنيو (٤١) ۽ انهن لاءِ اهڙيون ٻيون سواريون بہ ٺاهي ڇڏيونسين جن تي سواري ڪندا آهن (٤٢) ۽ اسان گهرون تہ انهن کي ٻوڙي ڇڏيون. پوءِ نہ ڪو انهن جي دانهن ورنائڻ وارو هجي ۽ نہ اهي بچايا وڃن (٤٣) مگر پاڻ وٽان ٻاجهہ ڪئيسين ۽ هڪ وقت تائين نفعو وٺڻ لاءِ ڇڏيوسين (٤٤) ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ ان عذاب کان ڈجو جيڪو توهان جي اڳيان آهي ۽ جيڪو توهان جي پٺيان اچڻ وارو آهي تہ من توهان تي رحم ٿئي (٤٥) ۽ انهن وٽ سندن رب جي نشانين مان ڪابہ نشاني اهڙي نہ ايندي آهي جنهن کان اهي منهن نٿا موڙين (٤٦) ۽ جڏهن انهن کي چئبو آهي تہ الله توهان کي جيڪو رزق ڏنو آهي ان مان سندس واٽ ۾ خرچ ڪريو تہ جن ڪفر ڪيو آهي اهي مومنن کي چوندا آهن تہ اسان انهن کي چو کارايون جن کي الله گهري ها تہ پاڻ کارائي ها. توهان تہ بس کلي گمراهي ۾ آهيو (٤٧) ۽ چوندا آهن تہ جيڪڏهن توهان مسلمان سچا آهيو تہ اهو واعدو ڪڏهن ايندو (٤٨) اهي صرف هڪڙي خوفناڪ هڪل جو انتظار ڪري رهيا آهن جيڪا انهن کي ان وقت پهچندي جڏهن اهي پاڻ ۾ جهڳڙو ڪندا هوندا (٤٩) پوءِ اهي نہ وصيت ڪري سگهندا ۽ نہ پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽي سگهندا (٥٠)[3] ۽ صُور ۾ ڦوڪيو ويندو تڏهن اهي قبرن مان نڪري پنهنجي رب ڏانهن ڊوڙندا (٥١) چوندا تہ هاءِ اسان لاءِ ويل آهي اسان کي اسان جي سمهڻ وارين جاين مان ڪنهن جاڳايو لڳي ٿو تہ هي اهو ڏينهن آهي جنهن جو ٻاجهاري الله واعدو ڪيو هو ۽ رسولن سچ چيو هو (٥٢) ٻيو ڪجهہ نہ هوندو مگر هڪڙي خوفناڪ هڪل ٿيندي. تڏهن هڪدم اُهي سموري جا سمورا

اسان وٽ حاضر ٿي ويندا (٥٣) پوءِ ان ڏينهن ڪنهن تي ڪوبہ ظلم نہ ٿيندو ۽ چيو ويندن تہ توهان جيڪي ڪندا هيوَ رڳو ان جو ئي بدلو ڏبو (٥٤) بيشڪ جنت وارا ان ڏينهن مزن ماڻڻ ۾ مشغول هوندا (٥٥) اهي ۽ سندن زالون ڇانوَن ۾ شاهي تختن تي ٽيڪ لڳائي وينا هوندا (٥٦) انهن لاءِ اتي ميوا هوندا ۽ جيڪي گهرندا انهن لاءِ موجود هوندو (٥٧) مهربان رب جي طرفان چيو ويندن تہ توهان تي سلام هجي (٥٨) ۽ چيو ويندو تہ اي گناهگارو! اڄ نيڪن کان جدا ٿي وڃو (٥٩) اي آدم جي اولاد! ڇا مون توهان کان واعدو نہ ورتو هو تہ شيطان جي پوڄا نہ ڪجو بيشڪ اهو توهان جو کليو دشمن آهي (٦٠) ۽ منهنجي عبادت ڪجو جو اها سڌي وات آهي (٦١) ۽ بيشڪ ان توهان مان گهڻن کي گمراهہ ڪيو ڇا پوءِ توهان نٿي ڄاتو (٦٢) هي اهو جهنم آهي جنهن جي توهان کي ڊمڪي ڏني وئي هئي (٦٣) اڄ ان ۾ داخل ٿيو جو توهان ڪفر ڪندا هيا (٦٤) ان ڏينهن اسان انهن جي وات تي مهر هڻنداسين ۽ انهن جا هٿ اسان سان ڳالهائيندا ۽ جيڪي ڪم ڪندا آهن انهن جا پير انهن جي ڪمن جي شاهدي ڏيندا (٦٥) ۽ جيڪڏهن اسان گهرون تہ انهن جون اکيون ناس ڪري ڇڏيون تہ پوءِ رستي ڏانهن ڊڄن تہ پوءِ ڪيئن ڏسندا (٦٦) ۽ جيڪڏهن اسان گهرون تہ جتي بہ هجن انهن جون شڪليون بدلائي ڇڏيون تہ پوءِ نہ اڳتي وڌي سگهن نہ پٺتي موٽي سگهن (٦٧)[4] ۽ جنهن کي اسان وڌي عمر ڏيندا آهيون تہ ان کي طاقت ۾ اُلٽو گهٽ ڪندا آهيون. پوءِ ڇا نٿا سمجهن (٦٨) ۽ اسان ان پيغمبر (محمد ﷺ) کي شعر چوڻ نہ سيکاريو آهي ۽ نہ شعر چوڻ ان جي شان لائق آهي. هي تہ رڳو نصيحت ۽ پڌرو قرآن آهي (٦٩) تہ جيئن ان کي ڊيڄاري جيڪو دل جو سڄو هجي ۽ ڪافرن تي حجت ثابت ٿئي (٧٠) ۽ ڇا انهن نہ ڏٺو آهي تہ اسان پنهنجي قدرت سان انهن لاءِ جانور پيدا ڪيا آهن پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن (٧١) ۽ انهن ڏورن کي انهن جي تابع ڪيو آهي. پوءِ ڪنهن تي سواري ڪندا آهن ۽ ڪن مان گوشت کائيندا آهن (٧٢) ۽ انهن جانورن ۾ انهن لاءِ ڪيترائي فائدا ۽ پيئڻ جون شيون آهن. پوءِ اهي شڪر ڇو نہ ڪندا آهن (٧٣) ۽ الله کان سواءِ ٻيا معبود ٺاهي ورتا اٿن تہ شايد انهن جي مدد ٿيندي (٧٤) اهي معبود انهن جي مدد نہ ڪري سگهندا ۽ اهي بت انهن

جي خلاف لشکر ٿي گڏ ڪيا ويندا (۷۵) پوءِ اي پيغمبر! توکي انهن جي ڳالهه نه ڏکوئي. بيشڪ جيڪي اُهي لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا سو اسان ڄاڻون ٿا (۷٦) ۽ ڇا انسان نه ڏٺو آهي ته اسان ان کي نطفي مان پيدا ڪيو آهي. تڏهن به اهو کليل جهڳڙالو ٿيو آهي (۷۷) ۽ اسان جي لاءِ مثال بيان ڪندو آهي ۽ پنهنجي پيدائش وساري وينو آهي. چوي ٿو ته هنن هڏن کي جڏهن اهي بلڪل ڳري ويندا ته ڪير جيئرو ڪندو (۷۸) اي پيغمبر! کين چئو ته جنهن پهرين پيري انهن کي ناهيو هو انهن کي اهوئي وري جياريندو ۽ اهو خلقٽ ۾ وڏو ماهر آهي (۷۹) جنهن سائي وڻ مان توهان جي لاءِ باهه پيدا ڪئي. تڏهن توهان ان مان باهه ٻاريندا آهيو (۸۰) ۽ جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو اهو هن تي وس وارو نه آهي ڇا ته انهن جهڙا ٻيا پيدا ڪري. ڇو نه. اهو ئي پيدا ڪرڻ وارو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (۸۱) جڏهن ڪا شي بنائڻ گهرندو آهي ته بس ان جو حڪم هوندو آهي. رڳو چوندو آهي "ٿي" ته اها ٿي پوندي آهي (۸۲) پوءِ پاڪ آهي اها ذات جنهن جي هٿ ۾ هر شي جي حڪومت آهي ۽ سڀ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندو (۸۳)[5]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت صٰٓفّٰت مڪي آهي. هن ۾ 182 آيتون ۽ 5 رڪوع آهن.

قطار ڪري صف ٻڌڻ وارن ملائڪن جو قسم آهي (۱) پوءِ جهٽڪ ڏئي شيطان کي ڏمڪائڻ وارن ملائڪن جو قسم آهي (۲) پوءِ قرآن پڙهڻ واري جماعت جو قسم آهي (۳) بيشڪ توهان جو معبود هڪڙوئي آهي (٤) جيڪو آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي انهن جو پالڻهار آهي ۽ اهو مشرقن (اُپرڻ وارن طرفن) جو به رب آهي (۵) بيشڪ اسان دنيا واري آسمان کي تارن جي سونهن سان سينگاريو آهي (٦) ۽ ان کي هر سرڪش شيطان کان حفاظت ۾ رکيو آهي (۷) جيئن شيطان عالم بالا ڏانهن ڪن ڏئي ڳالهيون نه ٻڌن ۽ انهن تي هرطرف کان اماڙيون اڇليون ويندیون آهن (۸) انهن کي تڙڻ لاءِ. ۽ انهن لاءِ دائمي عذاب آهي (۹) مگر جيڪو چوري ڪن ڏئي ٻڌي ٿو ته ٻرندڙ اماڙي ان جي

پٹيان لڳي ٿي (١٠) پوءِ انهن کان پڇا ڪر ته ڇا پيدا ڪرڻ ۾ اهي ڏکيا آهن يا اهي ٻيون شيون جن کي اسان پيدا ڪيو آهي. بيشڪ اسان انهن کي چيڪي متيءَ مان بڻايو آهي (١١) بلڪ توکي ڪافرن جي حال تي عجب لڳي ٿو جو اهي ٺٺوليون ڪندا آهن (١٢) جڏهن سمجهائبو اٿن ته نه سمجهندا آهن (١٣) ۽ جڏهن ڪا نشاني (معجزو) ڏسندا آهن ته مسخري ڪرڻ لڳندا آهن (١٤) ۽ چوندا آهن ته هي قرآن ته رڳو پڌرو جادو آهي (١٥) هاڻي جڏهن اسان مري متي ۽ هڏا ٿي ويناسين ته اسان کي وري جيئرو ڪري اٿاريو ويندو ڇا (١٦) ڇا اسان جا اڳيان ابا ڏاڏا به اٿاريا ويندا (١٧) اي پيغمبر! چئو ته هائو ۽ توهان خوار هوندو (١٨) سو اها هڪڙي هڪل ٽيندي تڏهن اهي هڪدم ڏسڻ لڳندا (١٩) ۽ چوندا ته هاءِ اسان جي لاءِ ويل آهي. هي حساب جو ڏينهن آهي (٢٠) چيو ويندن ته هي اهو فيصلي جو ڏينهن آهي جنهن کي توهان ڪوڙو سمجهندا هئا (٢١)[1] ملائڪن کي چيو ويندو ته ظالمن کي ۽ سندن ساٿين کي ۽ جن کي پوجندا هئا انهن سمورن کي گڏ ڪيو (٢٢) جن کي الله کان سواءِ پوجيندا هيا. پوءِ انهن کي جهنم جو دڳ ونايو (٢٣) ۽ کين بيهارجو ته انهن کان پڇا ٽيندي (٢٤) چيو ويندن ته توهان کي ڇا ٽيو آهي جو هڪ ٻئي جي مدد نٿا ڪريو (٢٥) بلڪ اهي ان ڏينهن پاڻ قبول ڪندا (٢٦) ۽ سامهون ٿي هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳندا (٢٧) پنهنجن سردارن کي چوندا ته توهان ئي اسان جي ساڃي پاسي کان پٽڪائڻ لاءِ ايندا هيا (٢٨) سردار جواب ڏينداته نه. توهان پاڻ ئي ايمان نٿي رکيو (٢٩) ۽ اسان جو توهان تي ڪو اختيار نه هو. بلڪ توهان پاڻ ئي حد کان لنگهندڙ ماڻهو هيا (٣٠) پوءِ اسان تي اسان جي رب جي ڳالهه ثابت ٿي وئي ته اسان کي ضرور عذاب چکڻو آهي (٣١) اسان توهان کي گمراهه ڪيو جو اسان پاڻ به گمراهه هئاسين (٣٢) پوءِ ان ڏينهن اهي عذاب ۾ هڪٻئي سان شريڪ هوندا (٣٣) بيشڪ اسان ڏوهارين سان ائين ئي ڪنداسين (٣٤) بيشڪ اهي اهڙا هيا جو جڏهن انهن کي چئبو هو ته الله کان سواءِ ڪوئي معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي ته وڏائي ڪندا هئا (٣٥) ۽ چوندا هئا ته اسان هڪڙي جنوني شاعر جي ڪري پنهنجن معبودن کي ڇڏي ڏيون ڇا (٣٦) بلڪ ان (محمد ﷺ)

تہ حق آندو ھو ۽ اڳين رسولن جي تصديق ڪيائين (٣٧) بيشڪ توھان ڏکوئيندڙ عذاب جو مزو چکڻ وارا آھيو (٣٨) ڇيو ويندن تہ توھان کي رڳو جيڪي ڪندا ھيوَ انھن عملن جي سزا ڏني ويندي (٣٩) پر الله جي سچن ٻانھن کان سواءِ (٤٠) اھي ئي آھن جن لاءِ خاص روزي ھوندي (٤١) ميوا. ۽ اھي عزت وارا ھوندا (٤٢) نعمت وارن باغن ۾ ھوندا (٤٣) پلنگن تي ھڪٻئي جي آمھون سامھون ويٺل ھوندا (٤٤) انھن تي وھندڙ شربت جو پيالو پيو ڦيرايو ويندو (٤٥) سفيد رنگ وارو ۽ پيئندڙن جي لاءِ لذت وارو ھوندو (٤٦) نہ ان ۾ خمار ھوندو ۽ نہ اھي ان سان مدھوش ٿيندا (٤٧) انھن وٽ نگاھہ جھڪائيندڙ وڏين اکين واريون حورون ھونديون (٤٨) جڙ اھي ڍڪيل آنا (بيدا) ھجن (٤٩) پوءِ ھڪ ٻئي ڏانھن مُنھن ڪري پڇڻ لڳندا (٥٠) انھن مان ڪو ڳالھائيندڙ چوندو تہ دنيا ۾ منھنجو ھڪڙو دوست ھو (٥١) چوندو ھو تہ تون بہ قيامت کي مڃيندڙن مان آھين ڇا (٥٢) جڏھن اسان مري متي ۽ ھڏا ٿي ويناسين تہ پوءِ اسان کي جزا ۽ سزا ڏني ويندي ڇا (٥٣) آواز ايندو تہ ڇا توھان ان دوزخي کي ڏسندو (٥٤) پوءِ پاڻ جھاتي پائي ڏسندو تہ ان دوست کي پڙڪندڙ باھہ جي وچ ۾ ڏسندو (٥٥) ان کي چوندو تہ الله جو قسم تو تہ مون کي بہ کڏ ۾ ڪيريو ٿي (٥٦) ۽ جيڪڏھن منھنجي رب جي مھرباني نہ ٿئي ھا تہ مان بہ عذاب ۾ ورتلن مان ھجان ھا (٥٧) پوءِ ھاڻي اسان کي مرڻو نہ آھي (٥٨) رڳو اسان جو پھريون موت ھو ۽ نڪي اسان عذاب ڪيل آھيون (٥٩) بيشڪ اھائي وڏي ڪاميابي آھي (٦٠) اھڙي نعمت لاءِ عمل ڪندڙن کي عمل ڪرڻ ڄڳائي (٦١) ڇا اھا ڀلي مھماني آھي يا ٿوھر جو وڻ (٦٢) بيشڪ اسان ان وڻ کي ظالمن جي لاءِ عذاب ڪيو آھي (٦٣) بيشڪ اھو ھڪ وڻ آھي جيڪو دوزخ جي تري ۾ پيدا ٿيندو آھي (٦٤) ان جون ٽاريون جھڙو شيطانن جون منڊيون آھن (٦٥) پوءِ دوزخي ان مان کائيندا ۽ انھيءَ مان پيٽ پريندا (٦٦) پوءِ وري انھن جي پيئڻ لاءِ ٿھڪندڙ پاڻي ھوندو (٦٧) پوءِ يقينن سندن موٽڻ پڙڪندڙ باھہ ڏانھن ھوندو (٦٨) بيشڪ انھن پنھنجن ابن ڏاڏن کي گمراھہ ڏٺو (٦٩) تنھنڪري اھي بہ انھن جي نشانن تي ڊوڙندا رھيا (٧٠) ۽ بيشڪ انھن کان اڳ آيل گھڻائي گمراھہ ٿيا ھيا (٧١) ۽

بيشڪ اسان انهن ۾ ڊيڄاريندڙ موڪليا هياسين (٧٢) پوءِ ڏس تہ ڊيڄاريلن جو ڪهڙو انجام ٿيو (٧٣) پر الله جي مخلص ٻانهن کان سواءِ (٧٤)[2] ۽ بيشڪ نوح اسان کي پڪاريو پوءِ اسان ڪهڙا تہ سُٹا دعا قبول ڪندڙ آهيون (٧٥) ۽ اسان ان کي ۽ ان جي ساڻين کي وڏي تڪليف کان بچايو (٧٦) ۽ اسان ان جي نسل کي باقي رکيو (٧٧) ۽ پوين ۾ ان جي چگي يادگيري باقي رکيسين (٧٨) ٻنهي جهانن ۾ نوح تي سلام هجي (٧٩) بيشڪ اسان چگائي ڪرڻ وارن کي اهڙو بدلو ڏيندا آهيون (٨٠) بيشڪ اهو اسان جي مومن ٻانهن مان هو (٨١) پوءِ اسان ٻين کي ٻوڙي ڇڏيو (٨٢) ۽ بيشڪ ابراهيم ان جي پيروي ڪندڙن مان هو (٨٣) ياد ڪر، جڏهن اهو پنهنجي رب ڏانهن سالم دل سان آيو (٨٤) جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجيءَ قوم کي چيائين تہ توهان ڇا کي پوڄيندا آهيو (٨٥) چيائين تہ الله کان سواءِ هٿ سان ٺاهيل معبودن کي چاهيو ٿا ڇا (٨٦) پوءِ ٻنهي جهانن جي پالڻهار (رب العالمين) بابت توهان جو ڪهڙو گمان آهي (٨٧) تارن ڏي هڪ پيرو چتائي ڏٺائين (٨٨) پوءِ چيائين تہ مان بيمار آهيان (٨٩) پوءِ اهي ماڻهو ان کان پُٺي ڏئي موٽي ويا (٩٠) پوءِ انهن جي معبودن ڏانهن ويو ۽ چيائين تہ توهان کائو ڇو نٿا (٩١) توهان کي ڇا ٿيو آهي جو ڳالهايو نٿا (٩٢) پوءِ انهن تي زور سان ڊڪ هڻڻ لڳو (٩٣) پوءِ قوم وارا ڊڪندا ان ڏانهن آيا (٩٤) چيائين تہ جن کي توهان هٿ سان گهڙيو ٿا انهن کي ڇو ٿا پوڄيو (٩٥) ۽ توهان کي ۽ جن کي توهان ٺاهبو ٿا الله پيدا ڪيو آهي (٩٦) هڪيئي کي چيائون تہ ان جي لاءِ ڪو ڪوٺ اڏيو پوءِ ان کي باهہ جي آڙاهہ ۾ اڇليو (٩٧) پوءِ ان جي لاءِ سازش جو ارادو ڪيائون پر اسان انهن کي ناڪام ڪيو (٩٨) ۽ ابراهيم چيو تہ بيشڪ مان پنهنجي رب ڏانهن ويڙهڻ وارو آهيان، اهو سگهو مون کي واٽ ڏيکاريندو (٩٩) دعا گهريائين تہ اي منهنجا رب! مون کي صالح اولاد عطا ڪر (١٠٠) پوءِ اسان ان کي هڪ بردبار پُٽ جي خوشخبري ڏني (١٠١) پوءِ جڏهن اهو ان سان گڏ ڪم ڪار ڪرڻ جي قابل ٿيو تہ ان کي چيائين تہ اي منهنجا پُٽ! مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ مان توکي ڪُهان ٿو هاڻي تون سوچ تہ تنهنجي ڪهڑي راءِ آهي، چيائين تہ اي بابا! جنهن ڳالهہ جو توکي

حڪم ٿئي تو سا ڪر. الله گهريو ته (انشاءَ الله) سگهو مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين (١٠٢) پوءِ جڏهن ٻنهي حڪم مڃيو ته پيءُ پٽ کي پيشاني ڀر ليٽايو (١٠٣) اسان ان کي سڏ ڪيو ته اي ابراهيم! (١٠٤) بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو. بيشڪ اسان ڇڳائي ڪرڻ وارن کي ايئن بدلو ڏيندا آهيون (١٠٥) بيشڪ اهو پڌرو امتحان هو (١٠٦) ۽ اسان ان کي وڏي قرباني سان بدلايوسين (١٠٧) ۽ اسان پوين ۾ ان جي تعريف باقي رکي (١٠٨) ابراهيم تي سلام هجي (١٠٩) اسان ڇڳائي ڪرڻ وارن کي ايئن بدلو ڏيندا آهيون (١١٠) بيشڪ اهو اسان جي مومن ٻانهن مان هو (١١١) ۽ اسان ان کي صالحن مان هڪڙي نبي اسحاق جي خوشخبري ڏني (١١٢) ۽ ان تي ۽ اسحاق تي برڪت نازل ڪئيسين. ۽ انهن جي اولاد مان ڪو ڇڳائي ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪو پنهنجي پاڻ تي پڌرو ظلم ڪرڻ وارو آهي (١١٣)[3] ۽ بيشڪ اسان موسيٰ ۽ هارون تي احسان ڪيو (١١٤) ۽ انهن کي ۽ انهن جي قوم کي وڏي مصيبت مان بچايوسين (١١٥) ۽ اسان انهن جي مدد ڪئي پوءِ اهي ئي غالب ٿيا (١١٦) ۽ اسان انهن کي پڌرو ڪتاب ڏنو (١١٧) ۽ انهن کي سڌي وات ڏيکاريسين (١١٨) ۽ پوين ۾ انهن جي تعريف باقي رکيسين (١١٩) موسيٰ ۽ هارون تي سلام هجي (١٢٠) بيشڪ اسان ڇڳائي ڪرڻ وارن کي ائين بدلو ڏيندا آهيون (١٢١) بيشڪ اهي ٻئي اسان جي مومن ٻانهن مان هيا (١٢٢) ۽ بيشڪ الياس رسولن مان هو (١٢٣) جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته توهان الله کان ڇونه ڊڄندا آهيو (١٢٤) ڇو بَعَل بت جي پوڄا ڪندا آهيو ۽ سڀ کان پلي خلقيندڙ الله کي جڏيو ٿا (١٢٥) الله توهان جو رب آهي ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو به رب آهي (١٢٦) پوءِ ان کي ڪوڙو سمجهيائون. تنهنڪري اهي پڪڙيل ٿيا (١٢٧) پر الله جي مخلص ٻانهن کان سواءِ (١٢٨) ۽ اسان پوين ۾ ان جي تعريف باقي رکي (١٢٩) الياسين تي سلام هجي (١٣٠) بيشڪ اسان ڇڳائي ڪرڻ وارن کي ايئن بدلو ڏيندا آهيون (١٣١) بيشڪ اهو اسان جي مومن ٻانهن مان هو (١٣٢) ۽ بيشڪ لوط رسولن مان هو (١٣٣) ياد ڪر. جڏهن اسان ان کي ۽ ان جي سمورن گهر وارن کي بچايوسين (١٣٤) پوڙهي زال کان سواءِ

جيڪا رهجي ويندڙن مان ٿي (١٣٥) پوءِ اسان ٻين کي هلاڪ ڪري ڇڏيو (١٣٦) ۽ بيشڪ توهان انهن جي ڳوٺن وٽان ڏينهن جي وقت لنگهندا آهيو(١٣٧) ۽ رات جي وقت بہ. پوءِ ڇو نہ سمجهندا آهيو(١٣٨)[4] ۽ بيشڪ يونس رسولن مان هو (١٣٩) جڏهن پريل ٻيڙيءَ ڏانهن پڇندو آيو (١٤٠) پوءِ ڪُٽو وڌائون تہ ڪُٽو پيلن مان ٿيو (١٤١) پوءِ ان کي مڇي ڳهي وئي ۽ اهو ملامت وارو هو (١٤٢) پوءِ اهو جيڪڏهن تسبيح پڙهندڙن مان نہ هجي ها (١٤٣) تہ ماڻهن جي اٿارڻ واري ڏينهن (قيامت) تائين ان جي پيٽ ۾ رهي ها (١٤٤) پر اسان ان کي کليل ميدان تي بيمار حالت ۾ اڇلائي ڇڏيو (١٤٥) ۽ ان جي مٿان ڪدوءَ جو وڻ ڄمايوسين (١٤٦) ۽ اسان ان کي هڪ لک يا وڌيڪ ماڻهن ڏانهن موڪليو (١٤٧) انهن ايمان آندو پوءِ اسان انهن کي هڪڙي وقت تائين آسودو ڪيوسين (١٤٨) اي پيغمبر! پوءِ انهن مڪي وارن کان پڇ تہ ڇا تنهنجي رب لاءِ ڌيئرون آهن ۽ انهن لاءِ پُٽ آهن (١٤٩) يا اسان ملائڪن کي مادين ڪري پيدا ڪيو آهي ۽ انهن ڏٺو آهي ڇا (١٥٠) خبردار! اهي پنهنجي طرف کان بهتان مڙهين ٿا (١٥١) تہ الله کي اولاد آهي ۽ بيشڪ اُهي ڪوڙا آهن (١٥٢) ڇا ان پٽن کي ڇڏي ڌيئرون پسند ڪيون (١٥٣) توهان کي ڇا ٿيو آهي، ڪيئن ٿا فيصلو ڪيو (١٥٤) ڌيان ڇو نٿا ڪريو (١٥٥) يا توهان وٽ ڪو چٽو دليل آهي (١٥٦) جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ پنهنجو ڪتاب آڻيو (١٥٧) ۽ ڪافرن ان الله ۽ جنن جي وچ ۾ مائٽي مقرر ڪئي آهي، جيتوڻيڪ جنن کي معلوم آهي تہ اهي خود حساب لاءِ حاضر ڪيا ويندا (١٥٨) ڪافر جيڪي ڳالهيون بيان ڪن ٿا الله جي ذات ان کان پاڪ آهي (١٥٩) مگر الله جا خاص ٻانها سچا آهن (١٦٠) پوءِ اي ڪافرو! بيشڪ توهان ۽ جن بتن کي پوڄيندا آهيو (١٦١) ڪنهن کي بہ انهن جي عبادت لاءِ پٽڪائڻ وارا نہ آهيو (١٦٢) مگر ان کي جيڪو پاڻ پڙڪندڙ باهہ ۾ وڃڻ وارو آهي (١٦٣) ۽ ملائڪ چوندا آهن تہ اسان مان اهڙو آهي ئي ڪونہ جنهن لاءِ عبادت جي هڪ مقرر جاءِ نہ هجي (١٦٤) ۽ بيشڪ اسان صف ٻڌڻ وارا آهيون (١٦٥) ۽ بيشڪ اسان تسبيح پڙهندڙ آهيون (١٦٦) ۽ بيشڪ اهي مڪي وارا چوندا هئا (١٦٧) تہ جيڪڏهن

اسان وٽ اڳين جي کا معلومات هجي ها (١٦٨) ته اسان الله جا مخلص ٻانها ٿيون ها (١٦٩) پوءِ به ان قرآن جو انکار ڪن ٿا، پوءِ سگهوئي خبر پوندن (١٧٠) ۽ بيشڪ اسان جو پنهنجن موڪليل ٻانهن (پيغمبرن) سان واعدو ٿي چُڪو آهي (١٧١) ته بيشڪ انهن رسولن جي مدد ٿيندي (١٧٢) ۽ بيشڪ اسان جو ئي لشکر انهن لاءِ غالب ايندو (١٧٣) پوءِ اي پيغمبر! تون ڪجهه وقت تائين انهن کان مُنهن ڦيري ڇڏ (١٧٤) ۽ انهن کي ڏسندو رهه ۽ اهي به سگهو ڏسندا (١٧٥) پوءِ ڪافر اسان جي عذاب جي جلدي ڇو ڪن ٿا (١٧٦) پوءِ جڏهن انهن جي اڱڻ تي عذاب لهندو تڏهن ڊيڄاريلن جو صبح ڀڄڻو ٿيندو (١٧٧) سو اي پيغمبر! تون ڪجهه وقت تائين انهن کان مُنهن ڦيري ڇڏ (١٧٨) ۽ انتظار ڪر اهي به جلد ڏسي ونندا (١٧٩) اهي ڪافر جيڪي چون ٿا تنهنجو رب ان کان پاڪ آهي ۽ عزت وارو آهي (١٨٠) ۽ رسولن تي سلام هجي (١٨١) ۽ سڀ ساراهه جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي (١٨٢)[5]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت ص مڪي آهي، هن ۾ 88 آيتون ۽ 5 رڪوع آهن

ص ۽ هن قرآن جو قسم جنهن ۾ نصيحت آهي (١) پر اهي جن ڪفر ڪيو سي وڏائي ۽ هٺ ۾ پيل آهن (٢) اسان انهن کان اڳ ڪيترائي ڄُڳ تباهه ڪياسين، پوءِ دانهون ڪرڻ لڳا ۽ اهو ڇوٽڪاري جو وقت نه هو (٣) ۽ مڪي وارن وٽ انهن مان ئي هڪڙو ڊيڄاريندڙ آيو آهي ته عجب ڪرڻ لڳا آهن ۽ ڪافر چون ٿا ته هي ڪوڙو جادوگر آهي (٤) ۽ چون ٿا ته ڀلا ڏِسو ته ايترن معبودن جي عيوض هڪ معبود ڪيائين، بيشڪ هيءَ ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي (٥) ۽ انهن مان سردار اهو چوندي اٿي هليا ته هلو ۽ پنهنجن معبودن جي پوڄا تي مضبوطي سان قائم رهو بيشڪ ان نئين دين ۾ ان جو ڪو مطلب رکيل آهي (٦) اها ڳالهه ته اسان پوئين دين (نصرانيت) ۾ به ڪڏهن نه ٻڌي، هي ته بس هٺ ٺوکيل ڳالهه آهي (٧) ڇا اسان سمورن منجهان انهيءَ تي وحي نازل ٿيو آهي، بلڪ اهي ڪافر منهنجي نصيحت کان شڪ ۾ پيل آهن، نه، بلڪ اڃان منهنجو

عذاب نہ چکيو اٿن (٨) تنهنجي رب زبردست عطا ڪندڙ جي رحمت جا خزانا انهن وٽ آهن ڇا (٩) آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي ان جي بادشاهي انهن جي آهي ڇا. پوءِ جڳائي ته رسين وسيلي مٿي چڙهي ويجن (١٠) شڪست ڪاڏل لشڪرن وانگر اهي ڪافر به هڪ لشڪر آهي (١١) انهن کان اڳ ۾ نوح جي قوم ۽ عاد وارن ۽ ميخن واري فرعون جي قوم نبين کي ڪوڙو سمجهيو (١٢) ۽ ثمود وارن ۽ لوط جي قوم ۽ هُڙيءَ (ايڪا) وارن به. اِهي آهن اُهي ٽولا (١٣) جن سيني رسولن کي ڪوڙو سمجهيو. پوءِ منهنجو عذاب مٽن لازم ٿيو (١٤)[1] ۽ اي پيغمبر! اهي ڪافر به رڳو هڪڙي خوفناڪ آواز جو انتظار ٿا ڪن جنهن کي ڪابه ساهي نہ هوندي (١٥) ۽ چوندا آهن ته اي اسان جا رب! حساب جي ڏينهن کان اڳ اسان جي عذاب جو حصو اسان کي جلد ڏئي ڇڏ (١٦) اي پيغمبر! جيڪي چوندا آهن تنهن تي صبر ڪر ۽ اسان جي طاقتور ٻانهي دائود جو قصو ياد ڪر. بيشڪ اهو رجوع ڪرڻ وارو هو (١٧) بيشڪ اسان جبلن کي سندس تابع ڪيو جو شام جو ۽ صبح جو ان سان گڏ تسبيح پڙهندا هيا (١٨) ۽ پکي گڏ ڪيل. اهي سڀ ان جا فرمانبردار هئا (١٩) ۽ اسان ان جي بادشاهي کي مضبوط ڪيو ۽ ان کي دانائي ۽ فيصلو ڪندڙ قوت عطا ڪئيسين (٢٠) ۽ اي پيغمبر! تو وٽ ٻن پاڙ ۾ وڙهندڙن جي خبر نہ آئي آهي ڇا. جڏهن اهي عبادت گاهہ جي ٽپ ٽپي آيا (٢١) جڏهن اهي اندر دائود وٽ آيا ته اهو انهن کان گهبرائجي ويو. انهن چيو ته ڊڄ نہ. اسان پاڙ ۾ ٻه جهگڙو ڪندڙ آهيون جو هڪڙي ٻئي تي زيادتي ڪئي آهي. پوءِ تون اسان ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ حق جي ابتڙ نہ ڪجانءِ ۽ اسان کي سڌي وات ٻُڌاءِ (٢٢) بيشڪ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي. ان وٽ نوانوي رڍون آهن ۽ مون وٽ هڪڙي رڍ آهي. هاڻ چوي ٿو ته اها به مون کي ڏي ۽ مون تي ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو زور ڀريو اٿس (٢٣) دائود چيو ته بيشڪ اها توسان زيادتي ڪري ٿو جو پنهنجي رڍن هوندي تنهنجي رڍ گهري ٿو ۽ بيشڪ ڪيترائي ڀائيوار سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون. هڪ ٻئي تي زيادتي ڪندا آهن ۽ ظلم زيادتي نہ ڪندڙ تمام ٿورا آهن. ۽ دائود سمجهي ويو ته اهو ته اسان ان جو امتحان ورتو هو. پوءِ پنهنجي رب

کان معافي گهريائين ۽ سجدي ۾ ڪِري پيو ۽ الله ڏانهن رجوع ڪيائين (٢٤) پوءِ اسان ان کي اها غلطي معاف ڪئي ۽ ان جي لاءِ اسان وٽ مرتبو آهي ۽ چڱي جاءِ آهي (٢٥) چيوسين تہ اي دائود! بيشڪ اسان توکي زمين ۾ خليفو ڪيو آهي، پوءِ ماڻهن ۾ انصاف سان فيصلو ڪندو ڪر ۽ نفس (خواهش) جي پٺيان نہ هلجانءِ جو اهو توکي الله جي راهہ کان پٽڪائي ڇڏيندو. بيشڪ جيڪي الله جي راهہ کان پٽڪي ويا انهن لاءِ سخت عذاب آهي جو حساب جي ڏينهن کي وساريائون (٢٦)[2] ۽ آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي سو اسان بيڪار نہ ٻڌايو آهي، اهو انهن جو خيال آهي جن ڪفر ڪيو. پوءِ جن ڪفر ڪيو انهن لاءِ باهہ جي عذاب جي تباهي آهي (٢٧) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ اسان انهن کي انهن جي برابر ڪنداسين ڇا جيڪي زمين ۾ فساد ڪندڙ آهن يا اسان پرهيزگارن کي سخت بي فرمانن جي برابر ڪنداسين ڇا (٢٨) هي قرآن برڪت وارو ڪتاب آهي جيڪو اسان تو ڏانهن نازل ڪيو تہ جيئن ماڻهو هن جي آيتن ۾ سوچ ويچار ڪن ۽ عقلمند نصيحت پرائين (٢٩) ۽ دائود کي سليمان عطا ڪيوسين، اهو پلو ٻانهو هو. بيشڪ اهو الله ڏانهن رجوع ڪرڻ وارو هو (٣٠) ياد ڪر، جڏهن ان جي اڳيان ٽيپهريءَ جو پلا گهوڙا پيش ڪيا ويا (٣١) پوءِ سليمان چيو تہ بيشڪ مون پنهنجي رب جي يادگيري کان پُلجي پنهنجي هنن گهوڙن سان محبت ڪئي، تان جو ڳالهين ڪندي ئي خبري ۾ سج نگاهہ کان غائب ٿي ويو (٣٢) پوءِ حڪم ڏنائين تہ انهن گهوڙن کي مون وٽ واپس آڻيو. پوءِ انهن جي ڄنگهن تي ۽ ڳچين تي هٿ ڦيرائڻ لڳو (٣٣) ۽ تحقيق اسان سليمان کي پرکيوسين ۽ ان جي تخت تي هڪ بي ساهہ جسم ڦٽي ڪيوسين، پوءِ الله ڏانهن موٽيو (٣٤) عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! مون کي بخش ۽ مون کي اهڙي بادشاهي عطا ڪر جو مون کان پوءِ ڪنهن کي بہ نہ ملي، بيشڪ تون ئي عطا ڪرڻ وارو آهين (٣٥) پوءِ اسان هوا کي ان جي تابع ڪيوسين جو جتي پهچڻ گهرندو هو اتي ان جي حڪم سان آرام سان هلندي هئي (٣٦) ۽ ديوَ ان جي تابع ڪياسين جو هر هڪ عمارت جو ڪاريگر ۽ درياء ٻُندڙ هو (٣٧) ۽ ٻيا ديوَ زنجيرن ۾ جڪڙيل تابع ڪياسين (٣٨)

چيوسين تہ هيءَ اسان جي عطا آهي پوءِ تون گهرين تہ ڪنهن تي احسان ڪر يا پاڻ وٽ رک، توتي ڪو حساب نہ آهي (٣٩) ۽ بيشڪ ان لاءِ اسان وٽ وڏو مرتبو ۽ چڱي جاءِ آهي (٤٠)[3] ۽ اسان جي ٻانهي ايوب جو قصو ياد ڪر، جڏهن پنهنجي رب کي ٻاڏايائين تہ مون کي شيطان ڏک ۽ ايذاءُ پهچايو آهي (٤١) چيوسين تہ زمين تي پنهنجي لت هڻ جو هي ٺڏو چشمو وهنجڻ جو هنڊ ۽ پيئڻ لاءِ منو آهي (٤٢) ۽ اسان ان کي سندس گهر وارا ۽ اوترا ٻيا ٻہ عطا ڪياسين، اها اسان جي طرفان ٻاجهہ ۽ عقلمندن لاءِ نصيحت آهي (٤٣) ۽ چيوسين تہ تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻهارو ڪڙ پوءِ ان سان پنهنجي زال کي ڏڪ هڻ ۽ قسم نہ ٽوڙ، بيشڪ اسان ان کي صبر وارو لڌو، اهو ڀلو ٻانهو هو، بيشڪ اهو الله ڏانهن رجوع ڪرڻ وارو هو (٤٤) ۽ اسان جي ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جو قصو ياد ڪر، جيڪي طاقت ۽ عقل وارا هيا (٤٥) بيشڪ اسان انهن کي هڪ خاص وصف سان نرالو ڪيو، جيڪا آخرت جي يادگيري آهي (٤٦) بيشڪ اهي اسان وٽ چونڊيل ۽ ڀلارن مان آهن (٤٧) ۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ ذوالڪفل جا قصا ياد ڪر، ۽ سيئي ڀلارن مان هيا (٤٧) هي قرآن نصيحت آهي، ۽ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ چڱي جاءِ آهي (٤٩) هميشہ رهڻ جا باغ (بهشت) آهن جن جا دروازا انهن لاءِ کليل آهن (٥٠) انهن ۾ تيڪ لڳايون وينل هوندا ۽ گهڻا ميوا ۽ پيئڻ جون شيون پيا گهرائيندا (٥١) ۽ انهن وٽ عمر ۾ هڪجيڏيون نظر هيٺ رکندڙ زالون هونديون (٥٢) چيو ويندن تہ هي اهو آهي جنهن جو توهان سان حساب جي ڏينهن لاءِ واعدو ڪيو ويو هو (٥٣) بيشڪ اهو اسان جو رزق آهي جنهن کي ڪا کوٽ نہ هوندي (٥٤) اهو بدلو ڀلارن لاءِ آهي، ۽ بيشڪ بي فرمانن لاءِ بُرو ٺڪاڻو آهي (٥٥) يعني جهنم، جنهن ۾ ويندا، پوءِ اهو کهڙو نہ بُرو هنڊ آهي (٥٦) اهو عذاب آهي پوءِ ان کي چکن، اتي ٿهکندڙ پاڻي ۽ رت پوءِ هوندي (٥٧) انهيءَ جهڙا ٻيا بہ عذاب (٥٨) ۽ ڏوهارين کي چيو ويندو تہ هي ڪافر توهان سان گڏ هڪ ٻيو ٽولو آهي انهن لاءِ ڪا ڀلائي ڪونهي، بيشڪ انهن کي جهنم ۾ داخل ٿيڻو آهي (٥٩) پوئلڳ چوندا تہ نہ، بلڪ توهان لاءِ ڀلائي ڪونهي، اها مصيبت توهان ئي اسان لاءِ اڳيان آندي، پوءِ اها کهڙي تہ بيڙي جاءِ

آهي (٦٠) اهي چوندا تہ اي اسان جا رب! جن اسان لاءِ اها مصيبت اڳيان آندي انهن لاءِ باهہ ۾ ٻيٽي سزا وڌاءِ (٦١) ۽ دوزخي چوندا تہ اسان کي ڇا ٿيو آهي جو اسان انهن ماڻهن (مسلمانن) کي نٿا ڏسون جن کي اسان حقير سمجهندا هئاسين (٦٢) اسان ناحق انهن تي ٺٺوليون ڪندا هياسين يا انهن کان اسان جون اکيون ڦري ويون آهن (٦٣) بيشڪ دوزخين جو پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ سچي ٻالهہ آهي (٦٤)[4] اي پيغمبر! کين چئو تہ مان فقط ڊيڄارڻ وارو آهيان ۽ اڪيلي زبردست الله کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي (٦٥) آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي انهن جو پالڻهار آهي، زبردست بخشڻهار آهي (٦٦) اي پيغمبر! کين چئو تہ اهو قرآن عظيم پيغام آهي (٦٧) توهان ان کان منهن موڙيندڙ آهيو (٦٨) مون کي عالم بالا وارن ملائڪن جي ڪا خبر نہ آهي تہ اهي پاڻ ۾ ڪهڙا بحث ڪندا آهن (٦٩) مون ڏانهن رڳو هي وحي ٿئي ٿو تہ مان پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٧٠) اي پيغمبر! ياد ڪر، جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي چيو تہ مان متيءَ مان ماڻهو ٺاهڻ وارو آهيان (٧١) پوءِ جڏهن مان انهيءَ کي ٺاهي وٺان ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان تہ پوءِ ان لاءِ سجدو ڪندڙ ٿي ڪِري پئجو (٧٢) پوءِ سمورن ملائڪن گڏجي سجدو ڪيو (٧٣) سواءِ ابليس جي، ان وڏائي ڪئي ۽ انڪار ڪندڙن مان ٿيو (٧٤) الله چيو اي ابليس! جنهن کي مون پنهنجي هٿن سان ٺاهيو ان کي سجدي ڪرڻ کان توکي ڪهڙي شي روڪيو ڇا تو غرور ڪيو يا تون وڏي مرتبي وارن مان آهين (٧٥) شيطان چيو تہ مان ان کان ڀلو آهيان، تو مون کي باهہ مان پيدا ڪيو آهي ۽ هن کي متيءَ مان پيدا ڪيو آهي (٧٦) الله چيو پوءِ هتان نڪري وڃ جو بيشڪ تون ڌِڪيل آهين (٧٧) ۽ بيشڪ قيامت جي ڏينهن تائين توتي منهنجي لعنت رهندي (٧٨) شيطان چيو تہ منهنجا رب! پوءِ مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ۾ سڀ اٿندا (٧٩) الله چيو چڱو بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين (٨٠) ان مقرر وقت جي ڏينهن تائين (٨١) شيطان چيو تہ تنهنجي عزت جو قسم آهي تہ مان انهن سمورن کي ضرور گمراهہ ڪندس (٨٢) سواءِ تنهنجي انهن ٻانهن جي جيڪي مخلصن مان هوندا (٨٣) الله چيو اها ٻالهہ حق آهي ۽ مان سچ چوان ٿو

(٨٤) تہ بيشڪ مان توسان ۽ انهن سمورن سان جيڪي تنهنجي پيروي ڪندا ضرور جهنم پرينداس (٨٥) اي پيغمبر! ڪين چئو تہ مان هن قرآن پهچائڻ تي توهان کان ڪا مزدوري نٿو گهران ۽ نہ مان ڪوڙ ٺاهڻ وارن مان آهيان (٨٦) هي قرآن جهان وارن لاءِ رڳو نصيحت آهي (٨٧) ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ توهان ان جي حقيقت ضرور ڄاڻندو (٨٨)[5]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت زمر مڪي آهي، هن ۾ 75 آيتون ۽ 8 رڪوع آهن

هي ڪتاب الله زبردست حڪمت واري طرفان نازل ٿيل آهي (١) اي پيغمبر! بيشڪ اسان توڏانهن هي ڪتاب حق سان نازل ڪيو آهي تہ الله جو خالص بانهو ٿي ڪري ان جي عبادت ڪر (٢) خبردار! الله جي لاءِ ئي خالص عبادت آهي، ۽ جن ان کان سواءِ ٻيا مددگار ٺاهيا آهن سي چوندا آهن تہ اسان تہ انهن جي فقط ان جي لاءِ پوڄا ڪندا آهيون تہ جيئن اهي اسان کي الله ڏانهن مرتبي ۾ ويجهو ڪن، بيشڪ الله انهن جي وچ۾ ان ڳالهہ جو فيصلو ڪندو جنهن ۾ اختلاف ڪندا آهن، بيشڪ الله انهن کي هدايت نہ ڪندو جيڪي ڪوڙا ۽ ناشڪر هجن (٣) جيڪڏهن الله پنهنجي لاءِ اولاد وٺڻ گهري ها تہ پنهنجي مخلوق مان جنهن کي گهري ها سو چونڊي ها پر اهو پاڪ آهي، اهو الله اڪيلو ۽ ڏاڍو آهي (٤) آسمانن ۽ زمين کي رڃ سان پيدا ڪيائين، رات کي ڏينهن تي لپيٽي ٿو ۽ ڏينهن کي رات تي ليپٽي ٿو ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪري ڇڏيو آهي، هرهڪ مقرر مدت تائين هلندو رهي ٿو خبردار! اهوئي زبردست بخشڻهار آهي (٥) توهان کي هڪڙي جيءَ مان پيدا ڪيائين، پوءِ انهيءَ مان سندس زال پيدا ڪيائين ۽ توهان لاءِ ڏورن مان اٺ قسم جا جوڙا (نر ماد) لاٿائين، توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽ ۾ هڪ نموني کان پوءِ ٻئي نموني جي ٽن اوندهين ۾ ناهيندو آهي، اهو اٿوَ الله جيڪو توهان جو رب آهي ۽ انهيءَ جي ئي بادشاهي آهي، ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، پوءِ ڪاڏي ڦيرايا ويجو ٿا (٦) ياد رکو جيڪڏهن توهان منڪر ٿيندو تہ پوءِ بيشڪ الله توهان کان بي پرواهہ آهي، ۽ پنهنجن بانهن لاءِ

ڪفر کي پسند نہ ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن شڪر ڪندو تہ ان کي توهان لاءِ پسند ڪندو. ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو. پوءِ توهان کي پنهنجي رب ڏانهن موٽڻو آهي. پوءِ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي توهان کي سُڌ ڏيندو. بيشڪ اهو دلين جي راز کي ڄاڻندڙ آهي (۷) جڏهن انسان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ پنهنجي رب ڏانهن رجوع ٿي ان کي پُڪاريندو آهي. پوءِ جڏهن الله ان کي پاڻ وٽان ڪا نعمت ڏيندو آهي تہ جنهن ڳالهہ لاءِ اڳي پڪاريو هيائين ان کي وساريندو آهي ۽ الله جي لاءِ شريڪ مقرر ڪندو آهي تہ جيئن ماڻهن کي ان جي واٽ کان گمراهہ ڪري. اي پيغمبر! چئو تہ اي ڪافرو پنهنجي ڪفر کان ٿورو فائدو وٺو بيشڪ توهان دوزخين مان آهيو (۸) يا جيڪو رات جون گهڙيون سجدا ڪندي ۽ عبادت ڪندي گذاري ٿو ۽ قيام ڪندي آخرت جي عذاب کان ڊڄندو آهي ۽ پنهنجي رب جي رحمت ۾ اميد رکندو آهي سو پلو آهي يا اهو نافرمان مشرڪ. اي پيغمبر! چئو تہ سمجهہ وارا ۽ بي سمجهہ پاڻ ۾ برابر ٿيندا ڇا. فقط عقل وارا ئي نصيحت وٺندا آهن (۹)[1] منهنجي بانهن کي چئو تہ پنهنجي رب کان ڊڄو. جن هن دنيا ۾ چڱائي ڪئي انهن لاءِ ڀلائي آهي ۽ الله جي زمين ڪشادي آهي. رڳو صبر ڪرڻ وارن کي سندن اڻ ڳڻيو ثواب ڏنو ويندو (۱۰) اي پيغمبر! کين چئو تہ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ الله جو خالص بانهو ٿي ڪري ان جي عبادت ڪريان (۱۱) ۽ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ مان سمورن کان اڳ ۾ حڪم مجيندڙ هجان (۱۲) چئو تہ جيڪڏهن پنهنجي رب جي نافرماني ڪريان تہ مون کي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي (۱۳) چئو تہ الله جي لاءِ ئي پنهنجي بانهپ خالص ڪندي ان جي عبادت ڪريان ٿو (۱٤) پوءِ اي ڪافرو! توهان ان کان سواءِ جنهن جي وڻيو پوڄا ڪريو. کين چئو تہ نامراد اهي آهن جن گمراهہ ٿيڻ سبب پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي قيامت جي ڏينهن گهاٽي ۾ وڌو. خبردار! اهو ئي کليل گهاٽو آهي (۱۵) انهن جي مٿان بہ ۽ انهن جي هيٺان بہ باهہ جا تهہ هوندا. اهو عذاب آهي جنهن کان الله پنهنجي بانهن کي ڊيڄاري ٿو تہ اي منهنجا بانهو. مون کان ڊڄو (۱٦) ۽ اهي جن بُتن جي پوڄا کان پاسو ڪيو ۽ الله جي طرف رجوع ڪيائون تہ

انهن لاءِ خوشخبري آهي. پوءِ اي پيغمبر! منهنجن انهن بانهن کي مبارڪ ڏي (١٧) جيڪي ڪن لائي ڳالهه ٻڌندا آهن پوءِ اُن مان چڱي ڳالهه تي هلندا آهن. اهي ئي آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي ۽ اهي ئي عقل وارا آهن (١٨) پوءِ جنهن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿيو سو بچي سگهندو ڇا. پلا تون باهه ۾ پيل کي ڇڏائي سگهندين ڇا (١٩) پر جيڪي پنهنجي رب کان ڊجن ٿا انهن جي لاءِ جنت جون ماڙيون مٿان ٻيون ماڙيون ٺهيل آهن انهن جي هيٺان نهرون جاري آهن. اهو الله جو واعدو آهي. الله واعدي جي خلاف نه ڪندو آهي (٢٠) ڇا تو نه ڏٺو آهي ته الله آسمان مان پاڻي وسائي ٿو. پوءِ ان کي زمين ۾ چشما ڪري وهائي ٿو. پوءِ ان سان مختلف قسمن جي پوک ڄمائي ٿو. پوءِ اها سُڪي ويندي آهي ته تون ان کي سڪي ڦڪي ٿي ويل ڏسندو آهين. پوءِ ان کي ذرا ذرا ڪندو آهي. بيشڪ ان ۾ عقل وارن لاءِ نصيحت آهي (٢١)[2] پوءِ اهو جنهن جو سينو الله اسلام جي لاءِ کوليو آهي ته اهو پنهنجي رب جي طرف کان سوجهري تي آهي. باقي جن جون دليون الله جي ذڪر کان سخت آهن انهن لاءِ ويل آهي. اهي کليل گمراهي ۾ آهن (٢٢) الله سڀ کان سهڻو ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو آهي جنهن ۾ هڪجهڙا مضمون دهرايل آهن جو جيڪي پنهنجي رب کان ڊجندا آهن ۽ ان جي ٻڌڻ سان انهن جا وار ڪانڊارجي ويندا آهن. پوءِ انهن جون ڪلون ۽ سندن دليون الله جي ذڪر ڏانهن نرم ٿيندیون آهن. اها الله جي هدايت آهي جنهن کي گهري ان کي ان سان وات ڏيڪاري ٿو ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ته پوءِ ان لاءِ ڪوبه هدايت ڪرڻ وارو نه آهي (٢٣) ڇا پوءِ ڪوئي قيامت جي ڏينهن پنهنجي منهن کي بُري عذاب کان بچائي سگهندو ۽ ظالمن کي چيو ويندو ته جيڪي ڪندا هيوَ ان جي سزا چکو (٢٤) انهن کان اڳين به ڪوڙ سمجهيو هو پوءِ انهن تي اتان عذاب آيو جتان انهن کي خبر ئي نه پئي (٢٥) پوءِ الله انهن کي دُنيا جي زندگي ۾ خواري جو مزو چکايو ۽ آخرت جو عذاب ته سڀ کان وڏو آهي. جيڪر اهي ڄاڻن ها (٢٦) ۽ بيشڪ اسان ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مثال بيان ڪيا آهن ته مَن اهي نصيحت وٺن (٢٧) قرآن عربي ٻولي ۾ آهي جنهن ۾ ڪو مونجهارو ڪونهي ته من اهي ڊجن (٢٨) الله مثال بيان ڪري ٿو ته هڪ

ٻانهو آهي جنهن ۾ ڪيترائي بدمزاج مالڪ پائيوار آهن ۽ ٻيو خلاصو هڪ مالڪ جو غلام آهي، اهي ٻئي حالت ۾ هڪجهڙا آهن چا، سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي، پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن (٢٩) اي پيغمبر! بيشڪ توکي مرڻو آهي ۽ انهن کي به مرڻو آهي (٣٠) پوءِ بيشڪ توهان قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب وٽ جهڳڙا پيش ڪندا (٣١)[3] پوءِ ان شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن الله تي ڪوڙ هنيو ۽ جڏهن ان وٽ سچو دين آيو ته ان کي ڪوڙو سمجهيائين، چا ڪافرن جو ٺڪاڻو جهنم ۾ نه آهي (٣٢) ۽ جنهن سچو دين آندو ۽ جنهن ان کي سچو ڄاتو اهي ئي پرهيزگار آهن (٣٣) اهي جيڪي گهرندا سو انهن لاءِ انهن جي رب وٽ موجود آهي، ڇڪائي ڪرڻ وارن جو اهو ئي بدلو آهي (٣٤) جيئن الله انهن کان جيڪي بڇڙا ڪم ڪيائون سي ميٽي ۽ جيڪي ڇڪا ڪم ڪندا هيا انهن جو کين اجورو ڏئي (٣٥) الله پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) لاءِ ڪافي نه آهي چا، ۽ اي پيغمبر! اهي توکي ان الله کان سواءِ ٻين کان ڊيڄارين ٿا، ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ته ان کي ڪوبه هدايت ڪرڻ وارو نه آهي (٣٦) ۽ جنهن کي الله هدايت ڪري ته ان کي ڪوبه ٽنڪائڻ وارو نه آهي، چا الله زبردست بدلي ونڻ وارو نه آهي (٣٧) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن کان پڇين ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي ته ضرور چوندا ته الله، کين چئو ته پوءِ ٻُڌايو ته اهي جن کي توهان الله کان سواءِ پڪاريو ٿا جيڪڏهن الله مون کي ڪا تڪليف پهچائڻ گهري ته چا اهي ان جي موڪليل تڪليف کي ٽارينداٰ يا اهو مون تي مهرباني ڪرڻ گهري ته چا اهي ان جي مِهر کي روڪي سگهندا، کين چئو ته الله مون کي ڪافي آهي، پروسي ڪرڻ وارا ان تي ئي پروسو ڪندا آهن (٣٨) اي پيغمبر! کين چئو ته اي منهنجي قوم، توهان پنهنجي جاءِ تي عمل ڪريو مان به پنهنجي جاءِ تي عمل ڪندڙ آهيان، پوءِ توهان کي سگهو خبر پوندي (٣٩) ته ڪنهن تي خوار ڪرڻ وارو عذاب اچي ٿو ۽ ڪنهن تي همیشه رهڻ وارو عذاب لهي ٿو (٤٠) اي پيغمبر! بيشڪ اسان توتي هيءُ ڪتاب ماڻهن جي هدايت لاءِ حق سان نازل ڪيو پوءِ جنهن سڌي راهه ورتي ته پنهنجي ڀلي لاءِ ورتي ۽ جيڪو ٽنڪيو ته اهو پنهنجي

نقصان لاءِ پٽڪيو ۽ تون انهن تي ڪو ذميوار نہ آهين (٤١)[4] الله ماڻهن جا روح سندن مرڻ مهل ڪيندو آهي ۽ جيڪي نہ مئا آهن انهن جا روح ننڊ جي حالت ۾ ڪيڙي ٿو، پوءِ جنهن تي موت جو حڪم ڪري ٿو ان جي روح کي روڪي رکي ٿو ۽ ٻئي جي روح کي هڪ مقرر مدت تائين واپس موڪلي ڇڏي ٿو، بيشڪ ان ۾ غوروفڪر ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن (٤٢) انهن ڪافرن الله کان سواءِ ڪي ٻيا شفاعت ڪرڻ وارا ورتا آهن چا، کين چئو ته چا توڙي جو اهي ڪو اختيار نہ رکندا هجن ۽ نہ ڪجهہ سمجهندا هجن ته ٻ شفاعت ڪندا چا (٤٣) کين چئو ته سڀ شفاعت الله جي وس آهي، آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي آهي، پوءِ توهان ٻ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندو (٤٤) ۽ جڏهن اڪيلي الله جو نالو ورتو (ذڪر ڪيو) ويندو آهي ته جن جو آخرت تي ايمان نہ آهي انهن جون دليون سُڪڙجي ويندڙيون آهن ۽ جڏهن الله کان سواءِ ٻين جو نالو ورتو ويندو آهي تڏهن اهي خوش ٿيندا آهن (٤٥) اي پيغمبر! چئو ته اي الله! آسمانن ۽ زمين جا خالق! ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارا، تون ئي پنهنجن ٻانهن جي وچ۾ فيصلو ڪندين جن ڳالهين ۾ اهي اختلاف ڪن ٿا (٤٦) ۽ جيڪي زمين ۾ مال آهي ۽ ان سان گڏ اوترو ٻيو ٻ جيڪڏهن ظالمن وٽ هجي ۽ قيامت جي ڏينهن جي وڏي عذاب کان بچڻ جي عيوض ۾ ڏين ته ٻ عذاب نہ ٽرندو، ۽ الله جي طرف کان انهن لاءِ اها ڳالهہ ظاهر ٿيندي جنهن جو گمان ٻ نہ هوندن (٤٧) ۽ جيڪي بڇڙايون ڪمايائون سي انهن تي ظاهر ٿيندڙيون ۽ انهن تي اهو عذاب اچي پوندو جنهن تي ٺٺوليون ڪيائون (٤٨) ڏسو جڏهن انسان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي ته اسان کي سڏيندو آهي، وري جڏهن اسان ان کي پنهنجي طرف کان ڪا نعمت ڏيندا آهيون ته چوندو آهي ته اها مون کي پنهنجي سمجهہ جي ڪري ملي آهي، جڏهن ته اها نعمت آزمائش آهي پر انهن مان گهڻا نہ سمجهندا آهن (٤٩) بيشڪ جيڪي انهن کان اڳ هيا انهن ٻ ايئن چيو ٿي، پوءِ جيڪي ڪمايائون تنهن انهن کان ڪجهہ ٻ نہ ٽاريو (٥٠) پوءِ انهن تي سندن ڪمائي جون مصيبتون پهتيون، ۽ انهن مان جيڪي ظالم آهن سگهو انهن تي ٻ سندن ڪرتوتن جون سزائون پهچنديون ۽ اهي عاجز ڪرڻ وارا

نہ آهن (٥١) انهن کي معلوم نہ آهي ڇا تہ الله جنهن جي لاءِ گهرندو آهي ان جي روزي کشادي کندو آهي ۽ جنهن جي لاءِ گهرندو آهي گهٽ کندو آهي. بيشڪ ان ۾ ايمان وارن ماڻهن جي لاءِ نشانيون آهن (٥٢)[5] اي پيغمبر! منهنجي پاران انهن کي چئو تہ اي منهنجا اهي ٻانهو جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي آهي الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو. بيشڪ الله سمورا گناهہ بخشيندو آهي. بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي (٥٣) پر هن کان اڳي جو توهان تي عذاب اچي پنهنجي رب جي طرف رجوع ڪريو ۽ ان جا فرمانبردار ٿيو. ورنہ توهان جي مدد نہ ٿيندي (٥٤) ۽ هن کان اڳي جو توهان تي اوچتو عذاب اچي ويجي ۽ توهان کي خبر ئي نہ پوي توهان ڏانهن توهان جي رب جي طرفان جيڪا سڀ شي نازل ٿي آهي ان جي پيروي ڪريو (٥٥) پوءِ متان ڪو چوي تہ هاءِ انهن ڪوتاهين تي افسوس جيڪي مون الله جي باري ۾ ڪيون ۽ بيشڪ مان مسخري ڪندڙن مان هيس (٥٦) يا ڪو چوي تہ جيڪڏهن الله مون کي هدايت ڪري ها تہ مان پرهيزگارن مان ٿيان ها (٥٧) يا جنهن وقت ڪو عذاب ڏسي تہ چوي تہ جيڪر منهنجو دنيا ڏي موٽي وڃڻ ٿئي تہ مان نيڪوڪارن مان ٿي پوان (٥٨) چئبس تہ نہ. بيشڪ تو وٽ منهنجون نشانيون (آيتون) آيون تہ تو انهن کي ڪوڙو چيو هو ۽ وڏائي ڪئي ۽ تون ڪافرن مان هئين (٥٩) ۽ اي پيغمبر! تون قيامت جي ڏينهن ڏسندين تہ جن ماڻهن الله تي ڪوڙ ٻڌو انهن جا مُنهن ڪارا ٿيل هوندا. ڇا وڏائي ڪندڙن جو ٺڪاڻو جهنم ۾ نہ آهي (٦٠) ۽ الله پرهيزگارن کي سندن مراد موجب ڇوٽڪارو ڏيندو. نہ انهن کي تڪليف پهچندي ۽ نہ اهي ڏکارا ٿيندا (٦١) الله هر شي جو خالق آهي ۽ اهو ئي هر شي جو نگهبان آهي (٦٢) آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون انهيءَ وٽ آهن. ۽ جن ماڻهن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو اهي ئي نقصان وارا آهن (٦٣)[6] کين چئو تہ اي جاهلو! مون کي اهو چئو ٿا تہ الله کان سواءِ ٻئي جي عبادت ڪريان (٦٤) ۽ اي پيغمبر! بيشڪ توڏانهن ۽ جيڪي توکان اڳ هيا انهن ڏانهن وحي موڪليو ويو جيڪڏهن تو الله سان شريڪ مقرر ڪيو تہ ضرور تنهنجا سمورا عمل ڇٽ ٿي ويندا ۽ ضرور تون گهاٽي وارن مان ٿيندين (٦٥) بس. الله جي ئي عبادت ڪر ۽

شُڪر ڪرڻ وارن مان هج (٦٦) ۽ انهن ماڻهن الله جو ان جي حق موجب قدر نہ ڪيو ۽ قيامت جي ڏينهن سموري زمين ان جي مُٺ ۾ هوندي ۽ آسمان ان جي ساڄي پاسي ويڙهيل هوندا. اهو پاڪ آهي ۽ جن کي ان سان شريڪ ڪن ٿا انهن کان مٿانهون آهي (٦٧) ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو تہ جن کي الله گهري انهن کان سواءِ جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ هوندا سڀ مري ويندا. وري ٻيهر صور ۾ ڦوڪيو ويندو تہ هڪدم اُٿي ڪڙا ٿي ڏسندا پيا (٦٨) ۽ زمين پنهنجي رب جي نُور سان روشن ٿي پوندي ۽ عملن جو دفتر رکيو ويندو ۽ نبين ۽ شهيدن کي آندو ويندو ۽ ماڻهن جي وچ۾ حق سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ انهن تي ظلم نہ ٿيندو (٦٩) ۽ هر شخص کي جيڪي عمل ڪيائين ان جو پورپور بدلو ڏنو ويندو ۽ ماڻهو جيڪي ڪندا آهن ان کي الله ڄاڻندڙ آهي(٧٠)[7] جن ڪفر ڪيو انهن کي ٽولا ٽولا ڪري جهنم ڏانهن هڪليو ويندو. نيٺ جڏهن اتي پهچندا تہ ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ ان جا داروغا انهن کي چوندا تہ ڇا توهان وٽ توهان منجهان اهي رسول ڪونہ آيا هيا جيڪي توهان کي توهان جي رب جون آيتون پڙهي ٻڌائين ها ۽ توهان کي هن ڏينهن جي پيش اچڻ کان ڊيڄارين ها. چوندا تہ هائو پر ڪافرن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿيو(٧١) ڪافرن کي چيو ويندو تہ ان ۾ سدائين رهڻ لاءِ جهنم جي دروازن مان اندر وڃو. سو وڏائي ڪندڙن جي جاءِ بيڙي آهي(٧٢) ۽ جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄندا هئا انهن کي ٽولا ٽولا ڪري جنت ڏانهن موڪليو ويندو. ايستائين جو جڏهن اتي پهچندا ۽ ان جا دروازا کوليا ويندا تہ ان جا داروغا انهن کي چوندا تہ توهان تي سلام هجي. توهان خوش رهو ۽ هميشہ رهڻ لاءِ ان ۾ داخل ٿيو(٧٣) ۽ اهي جنتي چوندا تہ سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي جنهن اسان سان پنهنجو واعدو سچو ڪيو ۽ اسان کي هن زمين جو وارث ڪيائين جو اسان جنت ۾ جتي گهرون رهنداسين. پوءِ چڱا عمل ڪرڻ وارن جو ڪهڙو نہ چڱو ثواب آهي(٧٤) ۽ اي پيغمبر! تون ملائڪن کي عرش جي چوڌاري هلڪو ناهي ٻيڻل ڏسندين. پنهنجي رب جي ساراهہ سان ان جي پاڪائي بيان ڪندا رهندا ۽ ماڻهن جي وچ۾ حق سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ چيو ويندو تہ سڀ ساراهہ جهانن جي پالڻهار الله جي لاءِ آهي (٧٥)[8]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت المومن مڪي آهي، هن ۾ 85 آيتون ۽ 9 رڪوع آهن

حٰمٓ (۱) هي ڪتاب الله زبردست علم واري وٽان نازل ڪيل آهي (۲) جيڪو گناهه بخشيندڙ ۽ توبهه قبول ڪندڙ سخت سزا ڪندڙ ۽ وڏي سگهه وارو آهي، ان کان سواءِ ڪوبه معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي (۳) جن ڪفر ڪيو انهن کان سواءِ ڪير به الله جي آيتن ۾ تڪرار نه ڪندو آهي سو انهن جو شهرن ۾ گهمڻ ڦرڻ توکي ڏوکي ۾ نه وجهي (٤) انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽ انهن کان پوءِ ٻين ڪيترن ٽولن ڪوڙ پاڻيو ۽ هرامت پنهنجي رسول لاءِ ارادو ڪيو ته ان کي پڪڑين ۽ اجاين ڳالهين سان جهڳڑو ڪندا رهيا ته جيئن ان سان حق کي ٽيڑين، مون انهن جي پڪڙ ڪئي ته پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو (۵) ۽ جن ڪفر ڪيو هو انهن تي اهڙيءَ طرح تنهنجي رب جو حڪم ثابت ٿيو ته اهي دوزخي آهن (٦) جيڪي ملائڪ عرش کڻندا آهن ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن سي پنهنجي رب جي ساراهه سان ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ ان تي يقين رکندا آهن ۽ ايمان وارن لاءِ بخشش گهرندا آهن ته اي اسان جا رب! تو هر شي کي پنهنجي رحمت ۽ علم سان ماپايو آهي، پوءِ جن توبهه ڪئي ۽ تنهنجي راهه تي هليا انهن کي بخش ۽ انهن کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ (۷) اي اسان جا رب! انهن کي ۽ جيڪي انهن جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي زالن ۽ انهن جي اولاد مان سڌريا انهن کي رهائش وارن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪر جن جو تو انهن سان واعدو ڪيو آهي، بيشڪ تون زبردست حڪمت وارو آهين (۸) ۽ انهن کي گناهن جي شامت کان بچاءِ ۽ جنهن کي تو ان ڏينهن گناهن جي شامت کان بچايو ته پوءِ بيشڪ تو ان تي رحم ڪيو ۽ اهائي وڏي ڪاميابي آهي (۹)[1] بيشڪ جن ڪفر ڪيو انهن کي سڏي ٻڌائبو ته الله جو توهان تي ڏمرجڻ اڄ اوهان جي پاڻ تي پاڻ ڏمرجڻ کان تمام وڏو آهي، جڏهن توهان کي دنيا ۾ ايمان ڏانهن سڏبو هو ته توهان انڪار ڪندا هيا (۱۰) ڏوهاري چوندا ته اي اسان جا رب! تو اسان کي ٻه ڀيرا ماريو ۽ ٻه ڀيرا جياريو سو اڄ اسان پنهنجن

گناهن جو اقرار ڪيون ٿا. پوءِ باهه مان نڪرڻ جي ڪا واهه آهي (١١) چيو ويندن ته اهو عذاب انهي ڪري اٽوَ جو جڏهن اڪيلي الله کي پڪاربو هو ته توهان انڪار ڪندا هيا ۽ جيڪڏهن ان سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو ويندو هو ته توهان مڃيندا هيا. پوءِ هاڻي الله بلند ۽ برتر جو ئي حڪم آهي (١٢) اي انسانو! الله اهو آهي جيڪو توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکارينڊو آهي ۽ توهان جي لاءِ آسمان مان روزي نازل ڪندو آهي. ۽ الله ڏي رجوع ٿيڻ واري کان سواءِ ٻيو ڪوئي نصيحت نه پرائيندو (١٣) پوءِ الله لاءِ پنهنجي بندگي خالص ڪري ان کي پڪاريو. توڙي ڪافر پسند نه ڪن (١٤) اهو عرش جو مالڪ بلند درجا ڏيڻ وارو آهي. پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي ان ڏانهن پنهنجي حڪم سان وحي موڪليندو آهي جيئن اهو الله جي ملاقات جي ڏينهن کان ماڻهن کي ڊيڄاري (١٥) جنهن ڏينهن اهي قبرن مان ٻاهر نڪرندا ۽ الله تي انهن جي ڪابه ڳالهه مخفي نه رهندي. چيو ويندو ته اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي. هر ڪو چوندو ته اڪيلي غالب الله جي آهي (١٦) ان ڏينهن هر شخص کي جيڪو ڪمايائين ان جو بدلو ملندو. ان ڏينهن ڪابه بي انصافي ڪونه ٿيندي. بيشڪ الله جلد حساب ونڊ وارو آهي (١٧) ۽ اي پيغمبر! انهن کي ان ڏينهن جي ان مهل کان ڊيڄار جڏهن دليون نڙگهه وٽ اچي ويندیون. اهي ڏک ۾ ويريل هوندا ۽ ظالمن جو نه ته ڪو دوست هوندو ۽ نه ڪو سفارشي هوندو جنهن جي ڳالهه مڃي وڃي (١٨) الله اکين جي خيانت واري نگاهه کي ۽ جيڪي سينن ۾ لڪل آهي سو ڄاڻندڙ آهي (١٩) ۽ الله حق جو فيصلو ڪندو آهي ۽ ان کان سواءِ ڪافر جن کي پڪارين ٿا اهي ڪنهن به شي جو فيصلو نه ڪندا آهن. بيشڪ الله ئي ٻُڌندڙ ڏسندڙ آهي (٢٠)[2] پوءِ ملڪ ۾ ڪونه گهميا ڦريا آهن ڇا جو ڏسن ته جيڪي انهن کان اڳي هيا انهن جو ڪهڙو انجام ٿيو اهي زمين ۾ انهن کان طاقت ۽ مال ملڪيت ۾ وڌيڪ هيا. پوءِ الله انهن کي سندن گناهن جي ڪري پڪڙيو. ۽ الله جي عذاب کان انهن کي بچائڻ وارو ڪوبه نه هو (٢١) اها سزا ان ڪري هين جو انهن وٽ انهن جا رسول پڌرن معجزن سان آيا پر نه مڃيائون ته الله انهن کي پڪڙيو. بيشڪ الله زبردست سخت سزا ڏيڻ وارو آهي (٢٢) بيشڪ اسان موسيٰ کي پنهنجن نشانين ۽ پڌري معجزي سان پيغمبر

ڪري موڪليو (٢٣) فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن، پر انهن چيو تہ ڪوڙو جادوگر آهي (٢٤) پوءِ جڏهن اهو انهن وٽ اسان جي طرف کان حق کڻي آيو تہ چيائون تہ جن ان سان گڏ ايمان آندو آهي انهن جي پُٽن کي ڪهو ۽ انهن جي ڏيئرن کي جيئرو ڇڏيو ۽ ڪافرن جي سازش نہ هئي مگر گمراهي (٢٥) ۽ فرعون چيو تہ مون کي ڇڏيو تہ مان موسيٰ کي قتل ڪريان ۽ پلي تہ اهو پنهنجي رب کي سڏي. مان ڊڄان ٿو تہ متان اهو توهان جي مذهب کي بگاڙي يا زمين ۾ فساد پيدا ڪري (٢٦) ۽ موسيٰ چيو تہ هر هنيلي کان جيڪو حساب جي ڏينهن تي يقين نٿو رکي مان پنهنجي رب ۽ توهان جي رب جي پناهہ ٿو گهران (٢٧)[3] ۽ فرعون جي ماڻهن مان هڪڙي مومن مرد جنهن پنهنجي ايمان کي لڪايو هو چيو تہ ڇا اهڙي شخص کي قتل ڪندو جو اهو چوي ٿو تہ منهنجو پالڻهار الله آهي ۽ بيشڪ اهو توهان وٽ توهان جي رب طرفان روشن نشانيون کڻي آيو آهي. ۽ جيڪڏهن اهو ڪوڙو هوندو تہ ان جي ڪوڙ جو وبال انهيءَ تي پوندو ۽ جيڪڏهن اهو سچو هوندو تہ توهان کي جنهن ڀَالهہ جي ڊمڪي ڏئي ٿو انهيءَ جو ڪجهہ حصو توهان کي ضرور پهچندو. ڇوتہ جيڪو حد کان لنگهندڙ ڪوڙو هوندو آهي تنهن کي الله هدايت نہ ڪندو آهي (٢٨) اي منهنجي قوم! اڄ توهان جي بادشاهي آهي، ملڪ ۾ غالب آهيو. پر جي الله جو عذاب اچي تہ ان جي پڪڙ کان اسان کي ڪير بچائيندو. فرعون چيو تہ جيڪا چڱي مصلحت ڏسان ٿو ان کان سواءِ توهان کي ٻي نٿو ڏيکاريان. توهان کي پلائي جي رستي کان سواءِ ٻيو رستو نٿو ڏيکاريان (٢٩) ۽ جنهن ايمان آندو هو ان چيو تہ اي منهنجي قوم! بيشڪ مان توهان تي اڳين ٽولن جي ڏينهن جهڙي عذاب اچڻ کان ڊڄان ٿو (٣٠) يعني نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود وارن ۽ جيڪي انهن کان بعد هيا انهن جي حال جهڙو. ۽ الله ٻانهن تي ظلم ڪرڻ نہ گهرندو آهي (٣١) ۽ اي منهنجي قوم! مان توهان تي رڙ ٽيڙ واري ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو (٣٢) جنهن ڏينهن توهان پٺي ڏئي پڇندو ۽ الله کان توهان کي ڪو بچائڻ وارو نہ هوندو ۽ جنهن کي الله گمراهہ ڪري تہ ان کي ڪوبہ راهہ ڏيکارڻ وارو ڪونهي (٣٣) بيشڪ هن کان اڳ توهان وٽ يوسف معجزن سان آيو هو. پوءِ توهان وٽ جيڪو آندائين توهان مسلسل ان کان شڪ ۾ رهيا. ايستائين جو جڏهن وفات

ڪيائين تہ توهان چيو تہ هاڻي الله ان کان بعد هرگز ڪو رسول نہ موڪليندو الله اهڙي طرح ان کي ٻُلائيندو آهي جيڪو حد کان لنگهندڙ شڪ ڪندڙ هجي (٣٤) اهي جيڪي الله جي آيتن ۾ بغير ڪنهن ثابتي جي جا وٽن آئي هجي جهڳڙو ڪندا آهن. اها الله وٽ ۽ ايمان وارن وٽ وڏي ڪاوڙ جي ڳالهہ آهي. الله ايئن هر وڏائي ڪندڙ هٺيلي جي دل تي مُهر هڻندو آهي (٣٥) ۽ فرعون چيو تہ اي هامان! منهنجي لاءِ اُوچو محل ٺاهہ شايد مان انهن رستن تائين پهچي ويجان (٣٦) يعني آسمان جا رستا. پوءِ موسيٰ جي معبود کي جهاتي پائي ڏسان پر مان تہ هن کي ڪوڙو ڄاڻيان ٿو ۽ ايئن فرعون جي نظر ۾ سندس بيڄڻا عمل چڱا نظر پئي آيا ۽ سڌي رستي کان روڪجي ويو ۽ فرعون جي رِٽ رهِڻ تباهي ۾ هئي (٣٧)[4] ۽ جنهن ايمان آندو هو ان چيو تہ اي منهنجي قوم! منهنجي پٺيان هلو تہ مان توهان کي سڌي رستي لايان (٣٨) اي منهنجي قوم! هيءَ دنيا جي زندگي تہ وقتي فائدو آهي ۽ بيشڪ آخرت ئي سدائين رهڻ جو هنڌ آهي (٣٩) ۽ جنهن ٻُجڻا ڪم ڪيا تہ پوءِ ان کي اهڙوئي بدلو ڏنو ويندو ۽ جنهن چڱا ڪم ڪيا مرد هجي يا عورت پر هجي مومن تہ پوءِ اهي ئي جنت ۾ داخل ٿيندا. اتي بي حساب روزي ملندن (٤٠) ۽ اي منهنجي قوم! مون کي عجب ٿو لڳي جو مان توهان کي ڇوٽڪاري جي طرف سڏيان ٿو ۽ توهان مون کي دوزخ جي طرف سڏيو ٿا (٤١) مون کي سڏيو ٿا تہ الله جو انڪار ڪريان ۽ اهڙي شي کي ان جو شريڪ ڪريان جنهن جي حقيقت جي مون کي ڪا خبر نہ آهي ۽ مان توهان کي زبردست بخشڻهار ڏانهن سڏيان ٿو (٤٢) بلاشڪ توهان مون کي انهن ڏانهن سڏيو ٿا جن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو حق ڪونهي ۽ بيشڪ اسان کي الله ڏانهن موٽڻو آهي ۽ بيشڪ حد کان لنگهڻ وارا ئي جهنمي آهن (٤٣) پوءِ جيڪي مان اوهان کي چوان ٿو سگهو ان کي ياد ڪندو ۽ مان پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو بيشڪ الله بانهن جي حال کي ڏسندڙ آهي (٤٤) پوءِ جيڪي سازشون ڪيائون تن جي بيڄڻائي کان الله اُن کي بچائي ورتو ۽ فرعون وارن کي ٻُڇڙي عذاب اچي گهيريو (٤٥) اها باهہ آهي جنهن تي انهن کي صبح شام حاضر ڪيو ويندو آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي تہ حڪم ڪبو تہ فرعون وارن کي سخت ترين عذاب ۾ داخل ڪيو (٤٦) ۽ جڏهن اهي

باھہ ۾ ھڪ ٻئي سان جھڳڑو ڪندا ۽ جيڪي ڪمزور ھُئا اھي ھنيلن کي چوندا ۽ اسان توھان جي تابع ھئاسين پوءِ ڇا توھان اسان کان باھہ جو ڪو حصو ٽاريندو (٤٧) جيڪي ھنيلا ھيا اھي چوندا ۽ اسان پاڻ سڀ ان باھہ ۾ آھيون. بيشڪ الله ٻانھن جي وچ۾ فيصلو ڪري چُڪو آھي (٤٨) ۽ جيڪي باھہ ۾ ھوندا سي جھنم جي داروغن کي چوندا ۽ پنھنجي رب کي عرض ڪريو ۽ اسان کان ھڪڙو ڏينھن عذاب مان ڪجھہ ھلڪائي ڪري (٤٩) اھي جواب ۾ چوندا ۽ توھان وٽ توھان جا رسول معجزا کٽي نہ آيا ھئا ڇا. دوزخي چوندا ۽ ھائو داروغا چوندن ۽ پوءِ توھان پاڻ الله کي پڪاريو ۽ ڪافرن جو پڪارڻ فقط بيڪار ھوندو (٥٠)[5] بيشڪ اسان پنھنجي رسول جي ۽ ايمان وارن جي دنيا جي زندگيءَ ۾ ضرور مدد ڪنداسين ۽ جنھن ڏينھن شاھد بيھندا ۽ ٻہ مدد ڪنداسين (٥١) ان ڏينھن ظالمن کي سندن بھانا ڪوبہ فائدو نہ ڏيندا ۽ انھن تي لعنت وسندي ۽ انھن لاءِ بُڇري جاءِ ھوندي (٥٢) ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي ھدايت ڏنيسين ۽ بني اسرائيل کي ڪتاب جو وارث ڪيوسين (٥٣) اھو ڪتاب عقلمندن لاءِ ھدايت ۽ نصيحت آھي (٥٤) پوءِ اي محبوب! تون صبر ڪر. بيشڪ الله جو واعدو سچو آھي: ۽ پنھنجي بشري ڪمزورين تي الله جي پناھہ گھر ۽ صبح شام ساراھہ سان پنھنجي رب جي پاڪائي بيان ڪر (٥٥) بيشڪ جيڪي الله جي آيتن ۾ بغير ڪنھن سَنَد جي جو وتن آئي ھجي جھڳڑو ڪندا آھن انھن جي دلين ۾ ۽ وڏائي کان سواءِ ٻيو ڪجھہ نہ آھي جنھن کي پھچي نہ سگھندا. پوءِ تون الله جي پناھہ گھر. بيشڪ اھو ٻُڌندڙ ڏسندڙ آھي (٥٦) بيشڪ آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ماڻھن جي پيدا ڪرڻ کان تمام وڏي ڳالھہ آھي پر گھڻا ماڻھو نٿا سمجھن (٥٧) ۽ انڌو ۽ سڄو ھڪجھڙا نہ آھن ۽ نڪي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي انھن جھڙا آھن جيڪي بدڪار آھن. توھان ٿوري نصيحت ونڊندا آھيو (٥٨) بيشڪ قيامت ضرور اچڻي آھي جنھن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آھي. پر گھڻا ماڻھو نٿا مڃين (٥٩) ۽ توھان جو رب فرمائي ٿو تہ مون کان دعا گھرو تہ توھان جي دعا قبول ڪريان. بيشڪ جيڪي منھنجي عبادت کان وڏائي ڪن ٿا جلد ذليل ٿي جھنم ۾ داخل ٿيندا (٦٠)[6] الله اھو آھي جنھن توھان جي لاءِ رات پيدا ڪئي جو ان ۾ آرام ڪريو ۽ ڏينھن

کي اوهان جي هڪٻئي کي ڏسڻ ۽ ڪم ڪار لاءِ پيدا ڪيائين. بيشڪ الله ماڻهن تي مهربان آهي پر گهڻا ماڻهو شڪر نٿا ڪن (٦١) اهوئي الله توهان جو پالڻهار آهي جيڪو هر شي جو پيدا ڪندڙ آهي. ان کان سواءِ ڪوئي معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ٿا ويجو (٦٢) جيڪي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا آهن اهي اهڙيءَ طرح پلائبا آهن (٦٣) الله اهو آهي جنهن توهان جي لاءِ زمين کي آرام جو هنڌ ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ توهان جو خاڪو ناهيائين. پوءِ توهان جي صورتن کي سهڻو ڪيائين ۽ توهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين. اهوئي الله توهان جو پالڻهار آهي سو جهانن جو پالڻهار الله وڏي برڪت وارو آهي (٦٤) اهو سدائين زندهه آهي ان کان سواءِ ڪوبه معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي پوءِ ان جي بندگي لاءِ مخلص ٻانها ٿي ان کي پڪاريو سڀ ساراهه جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي (٦٥) اي پيغمبر! کين چئو ته جڏهن مون وٽ منهن جي رب جي طرف کان چٽيون نشانيون آيون آهن تڏهن مون کي انهن جي پوڄا ڪرڻ کان منع ڪئي ويئي آهي جن کي توهان الله کان سواءِ سڏيندا آهيو ۽ مون کي حڪم ٿيل آهي ته جهانن جي پالڻهار (رب العالمين) جي تابعداري ڪريان (٦٦) اهو ئي آهي جنهن توهان کي متيءَ مان بڻايو پوءِ نطفي مان. پوءِ رت جي ڍڳ مان. پوءِ توهان کي ٻار ڪري ڪڍي ٿو ته جيئن پنهنجي جواني کي پهچو. پوءِ پوڙها ٿيو ۽ توهان مان کي ان کان اڳ مرن ٿا کي بچن ٿا ته جيئن مقرر مدت واري ڄمار تائين پهچن ته مَن توهان سمجهو (٦٧) اهو ئي آهي جيڪو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي. پوءِ جڏهن ڪنهن ڪم جو حڪم ڪندو آهي ته رڳو ان لاءِ چوندو آهي ته ٿي. ته اهو ٿي پوندو آهي (٦٨)[7] اي پيغمبر! انهن کي نه ڏٺو اٿئي ڇا جيڪي الله جي آيتن ۾ جهڳڙو ڪندا آهن. کاڏي ڦيرايا ويجن ٿا (٦٩) اهي جن هن ڪتاب کي ۽ جنهن سان اسان پنهنجي اڳين رسولن کي موڪليو هو تنهن کي ڪوڙو سمجهيو سو جلد انهن کي معلوم ٿيندو (٧٠) جڏهن انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ ۽ زنجير پوندا. اهي ڇهليا ويندا (٧١) تهڪندڙ پاڻيءَ ۾. پوءِ باهه ۾ ٽڇڪايا ويندا (٧٢) پوءِ انهن کي چيو ويندو ته اهي ڪٿي آهن جن کي توهان شريڪ بڻائيندا هيوَ (٧٣) الله جي مقابلي ۾ ٻيا. چوندا ته اهي اسان کان وڃائجي ويا آهن بلڪ اسان ته اڳي

جن کي پوجيندا هياسين اهي ڪجهہ نہ هيا. الله ايئن ڪافرن کي ڀُلائيندو آهي (٧٤) چيو ويندن تہ هي ان جو بدلو اٿوَ جو توهان زمين ۾ ناحق خوش ٿي ڦوندِ ڪندا هيا ۽ جنهن سان توهان آڪڙ ڪندا هيا (٧٥) جهنم جي دروازن منجهان اندر ويو سدائين رهڻ لاءِ ان ۾ ويو مغرورن جو ڪهڙو نہ بُرو ٺڪاڻو آهي (٧٦) پوءِ اي پيغمبر! تون صبر ڪر. بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي. پوءِ جيڪڏهن اسان توکي ان شي مان ڪجهہ ڏيکاريون جنهن جي انهن کي ڌمڪي ڏني وڃي ٿي يا توکي ان جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ فوت ڪيون. تہ بہ. نيٺ انهن کي اسان جي طرف موٽڻو آهي (٧٧) ۽ بيشڪ اسان توکان اڳي ڪيترائي رسول موڪليا هيا جن مان ڪنهن جو احوال توسان بيان ڪيو آهي ۽ ڪنهن جو احوال توسان بيان نہ ڪيو آهي. ۽ ڪنهن بہ رسول کي الله جي حڪم کان سواءِ ڪا نشاني آڻڻ جو اختيار ڪونہ هو. پوءِ جڏهن الله جو حڪم آيو تہ انصاف سان فيصلو ڪيو ويو ۽ باطل وارا اتي جو اتي تباهہ ٿي ويا (٧٨)[8] الله اهو آهي جنهن توهان لاءِ ڌور پيدا ڪيا تہ جيئن ڪنهن تي سوار ٿيو ۽ انهن مان ڪن جو گوشت کائيندا آهيو (٧٩) ۽ توهان لاءِ انهن ۾ ڪيترائي فائدا آهن. جيئن انهن تي چڙهي انهي مطلب کي پورو ڪيو جيڪو توهان جي دلين ۾ آهي ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي سوار ٿيندا آهيو (٨٠) ۽ الله توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو آهي. پوءِ الله جي ڪهڙين ڪهڙين نشانين کان انڪار ڪندو (٨١) ماڻهو زمين ۾ ڪونہ گهميا ڦريا آهن جا جو ڏسن ها تہ جيکي انهن کان اڳ هيا تن جو ڪهڙو انجام ٿيو اهي انهن کان گهڻا طاقتور هئا ۽ ملڪ ۾ مال ملڪيت ۾ بہ انهن کان وڌيڪ هيا. پوءِ انهن جي ڪرتوتن انهن کان ڪجهہ بہ نہ تاريو (٨٢) پوءِ جڏهن انهن وٽ انهن جا رسول چٽا دليل ڪٽي آيا تڏهن انهن وٽ جيڪو علم ۽ هنر هيو ان تي فخر ڪرڻ لڳا. سو جنهن عذاب تي اهي ٺٺوليون ڪندا هئا ان ئي عذاب انهن کي وکوڙيو (٨٣) پوءِ جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون تہ چوڻ لڳا تہ اسان اڪيلي الله تي ايمان آندو ۽ جن کي ان سان شريڪ ڪندا هئاسين انهن جو انڪار ڪريون ٿا (٨٤) پر جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون تہ انهن جي ايمان آڻڻ انهن کي ڪو فائدو نہ ڏنو. الله جو اهو دستور آهي جيڪو سندس بانهن ۾ هلندو پئي آيو آهي ۽ اتي ڪافر تباهہ ٿي ويا (٨٥)[9]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت حٰم السجده مڪي آهي، هن ۾ 54 آيتون ۽ 6 رڪوع آهن

حٰمٓ (١) هي ڪتاب الله ٻاجهاري مهربان وٽان نازل ڪيل آهي (٢) هي اهڙو ڪتاب آهي جنهن جون آيتون ڪولي بيان ڪيون ويون آهن، اهو عقل وارن ماڻهن لاءِ عربي ٻولي ۾ قرآن آهي (٣) خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي، پر انهن مان گهڻن ماڻهن منهن موڙيو جو اهي ٻُڌن ئي نٿا (٤) ۽ چوندا آهن ته جنهن ڳالهه ڏانهن اسان کي سڏين تو ان کان اسان جون دليون پردي ۾ آهن ۽ اسان جي ڪنن ۾ ٽاٽ آهن ۽ اسان جي ۽ تنهن جي وچ۾ اوٽ آهي، پوءِ تون پنهنجو ڪم ڪر اسان ٻه پنهنجو ڪم ڪندا رهنداسين (٥) اي پيغمبر! کين چئو ته مان ٻه توهان جهڙو ماڻهو آهيان، مگر مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي ته توهان جو معبود هڪڙو ئي معبود آهي تنهنڪري ان ڏانهن سڌا متوجهه ٿي رهو ۽ ان کان معافي گهرو ۽ شرڪ ڪرڻ وارن لاءِ هلاڪت آهي (٦) جيڪي زڪوات نٿا ڏين ۽ اهي آخرت جو ٻه انڪار ڪندڙ آهن (٧) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن لاءِ اڻ کٽ ثواب آهي (٨)[1] اي پيغمبر! کين چئو ته ڇا توهان انهيءَ الله جو انڪار ڪيو ٿا جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ ٺاهيو ۽ ان سان ٻين کي ٻه شريڪ ڪريو ٿا، ياد رکو اهوئي جهانن جو پالڻهار آهي (٩) ۽ انهيءَ ان (زمين) جي مٿان ڳرا جبل رکيا ۽ ان ۾ برڪت رکيائين ۽ چئن ڏينهن ۾ ان ۾ ان جي رهندڙن جو روزي مقرر ڪيائين، گهرندڙن لاءِ پورت موجب (١٠) وري آسمان ڏانهن توجهه ڪيائين ۽ اهو ان وقت دونهون هو پوءِ ان کي ۽ زمين کي حڪم ڪيائين ته خوشيءَ سان يا مجبوريءَ سان ٻئي وجود ۾ اچو ٻنهي عرض ڪيو ته خوشي سان تابعدار ٿي آياسين (١١) پوءِ ٻن ڏينهن ۾ انهن کي پورا ست آسمان ڪيائين ۽ هر آسمان ۾ ان جي ڪم جا احڪام موڪليائين ۽ دنيا واري آسمان کي ڏيئن (تارن) سان سينگاريوسين ۽ شيطان کان ان جي حفاظت ڪئيسين، اها زبردست خبر رکندڙ جي جوڙجڪ آهي (١٢) پوءِ جيڪڏهن اُهي منهن موڙين ته کين چئو ته مان توهان کي اهڙي عذاب کان ڊيڄاريان ٿو جهڙو عاد

ع ثمود وارن جو عذاب هو (١٣) رسول جڏهن انهن جي اڳيان ع پٺيان آيا ع چيائون ته الله کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪيو ته ورندي ڏنائون ته اسان جو رب گهري هاتہ ملائڪ موڪلي ها سو جنهن سان توهان کي موڪليو ويو آهي اسان ان جو انڪار ڪندڙ آهيون (١٤) پوءِ عاد وارن زمين ۾ ناحق وڏائي ڪئي ع چيائون ته اسان کان طاقت ۾ ڪير وڌيڪ آهي، ڇا نہ ڏنائون ته الله جنهن انهن کي خلقيو اهو انهن کان طاقت ۾ وڌيڪ آهي ع اهي اسان جي نشانين جو انڪار ڪندا رهيا (١٥) پوءِ اسان نياڳن ڏينهن ۾ انهن تي هڪ طوفان موڪليو ته جيئن انهن کي دنيا جي زندگيءَ ۾ خواري وارو عذاب چکايون ع آخرت جو عذاب ته ايڏو وڌيڪ خواري وارو آهي ع انهن جي مدد نہ ٿيندي (١٦) ع ثمود وارا، انهن کي اسان سڌي وات ڏيکاري پر انهن هدايت تي انڌائپ کي پسند ڪيو پوءِ انهن جي ڪڏن ڪمن جي ڪري انهن کي خوار ڪندڙ ڪڙڪي واري عذاب اچي پڪڙيو (١٧) ع اسان انهن کي بچائي ورتو جن ايمان آندو هو ع ڏجندا هئا (١٨)[2] ع جنهن ڏينهن الله جا دشمن باهہ جي طرف گڏ ڪيا ويندا ته کين قطارن ۾ ڪاهيو ويندو (١٩) نيٺ جڏهن سڀ اچي ويندا ته انهن جا ڪن ع انهن جون اکيون ع انهن جون ڪلون مٿن شاهدي ڏينداته هنن ڪهڙا ڪهڙا بدعمل ڪيا هيا (٢٠) ع اهي پنهنجي ڪلن کي چوندا ته اسان تي ڇو شاهدي ڏنوَ اهي چونديون ته ان الله اسان کان ڳالهرايو جنهن هر شي کي ڳالهائڻ جي صلاحيت بخشي ع انهيءَ توهان کي پهرين ڀيري پيدا ڪيو ع انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويا آهيو (٢١) ع توهان ته پنهنجن ڪنن ع پنهنجين اکين ع پنهنجن ڪلن جي پاڻ تي شاهدي ڏيڻ کان نہ لڪندا هيوَ پر توهان ته اهو سمجهي وينا هئا ته الله توهان جي گهڻن ڪمن کان واقف ئي ڪونہ آهي (٢٢) ع توهان جو اهو گمان هو جيڪو توهان پهنجي رب بابت ڪيو هو انهيءَ توهان کي هلاڪ ڪيو پوءِ توهان اڄ گهاٽي وارن مان ٿي ويا (٢٣) پوءِ جيڪڏهن اهي صبر ڪن ته باهہ سندن ٺڪاڻو آهي، ع جيڪڏهن اهي معافي گهرندا ته به انهن کي معافي نہ ملندي (٢٤) ع انهن لاءِ ڪجهہ شيطان ساٿي مقرر ڪيا هيا جن پوءِ انهن لاءِ جيڪي سندن اڳيان هو ع جيڪي سندن پٺيان هو اهو سهڻو ڪري پٺي ڏيکاريو ع جيڪو قول انهن جنن ع انسانن کي ڏنو ويو هو جيڪي انهن کان اڳ ٿي

گذريا هيا سو هنن جي حق ۾ بہ سچو نڪتو بيشڪ اهي سڀ نقصان وارا هئا (٢٥)[3] ۽ ڪافر هڪٻئي کي چون ٿا تہ هي قرآن نہ ٻُڌو ۽ ان جي پڙهجڻ ۾ لُڙ مچايو جيئن توهان زور ٿي ويو (٢٦) پوءِ جن ڪفر ڪيو انهن کي ضرور سخت عذاب جو مزو چکائينداسين ۽ جيڪي ڪندا آهن انهن کي ان جو پورو پورو بدلو ڏينداسين (٢٧) الله جي دُشمنن جو بدلو اها باهہ آهي ان ۾ انهن کي سدائين رهڻو آهي، ان ڪالهہ جو بدلو جو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هُئا (٢٨) ۽ ڪافر چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان کي جنن ۽ انسانن مان اهي ڏيکار جن اسان کي گمراهہ ڪيو هو تہ اسان انهن کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيون تہ جيئن اهي گهٽا هيٺاهان هجن (٢٩) بيشڪ اهي جن چيو تہ الله اسان جو رب آهي پوءِ ان تي قائم رهيا تہ انهن تي جڏهن موت جا ملائڪ لهندا آهن تہ چوندا اڻن تہ نہ ڊڄو ۽ نہ غمگين ٿيو ۽ ان جنت جي خبر سان خوش ٿيو جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو (٣٠) اسان ملائڪ دنيا جي زندگيءَ ۾ توهان جا دوست هياسين ۽ آخرت ۾ بہ دوست آهيون ۽ توهان جون دليون جنهن جي خواهش ڪنديون سو توهان لاءِ ان ۾ موجود آهي، توهان جيڪي گهرندو اهو توهان لاءِ ان ۾ آهي (٣١) الله بخشٽهار مهربان جي طرفان اها مهماني آهي (٣٢)[4] ۽ جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ چڱا ڪم ڪيائين ۽ چوي تہ مان مسلمان آهيان تہ ڀالهائڻ ۾ ان کان ڪير وڌيڪ ڀلو آهي (٣٣) ۽ ياد رکو نيڪي ۽ بدي ٻاڻ ۾ برابر نہ آهن، اي پيغمبر! بهترين طريقي سان برائي کي ٽار، پوءِ اهو ماڻهو جو تنهنجي ۽ ان جي وچ۾ دُشمني هوندي ائين ٿي ويندو جڙ تہ گهرو دوست هجي (٣٤) اها نعمت صبر وارن کان سواءِ ٻئي کي حاصل نہ ٿيندي آهي ۽ وڏي نصيب واري کان سواءِ ٻئي کنهن کي نہ ڏني ويندي آهي (٣٥) ۽ اي انسان! جيڪڏهن توکي شيطان کان ڪو دل ۾ وسوسو پهچي تہ پوءِ الله جي پناهہ گهر، بيشڪ اهو ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٣٦) اي پيغمبر! کين چئو تہ رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ ان الله جي نشانين مان آهن، جيڪڏهن توهان ان جا ٻانها آهيو تہ نہ سج کي ۽ نہ چنڊ کي سجدو ڪيو پر الله کي ئي سجدو ڪيو جنهن انهن کي پيدا ڪيو آهي (٣٧) پوءِ جيڪڏهن اُهي وڏائي ڪن تہ اهي (ملائڪ) جيڪي تنهن جي رب وٽ آهن سي رات ڏينهن ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اهي

ٽڪبا نہ آهن (٣٨) ۽ ان الله جي نشانين مان هي بہ آهي جو تون زمين کي ويران ڏسندو آهين، پوءِ جڏهن اسان ان تي پاڻي وسايون ٿا تہ اها ترو تازه ٿي وڃي ٿي ۽ ڦُٽي پئي ٿي، بيشڪ جنهن الله ان کي آباد ڪيو اهوئي مئلن کي جياريندو بيشڪ اهو هر شي تي وس وارو آهي (٣٩) بيشڪ جيڪي اسان جي آيتن ۾ ڪُنگائي ڪندا آهن اهي اسان کان لِڪل نہ آهن، پلا جيڪو باهہ ۾ وڌو ويندو اهو پلو آهي يا جيڪو قيامت ۾ امن وارو ٿي ايندو، اي ڪافرو! جيڪي وٽيوَ سو ڪريو بيشڪ جيڪي ڪريو ٿا سو الله ڏسندڙ آهي (٤٠) اهي جن جڏهن وٽن قرآن آيو تہ ان جو انڪار ڪيائون سي بہ ڪجهہ نہ آهن ۽ بيشڪ اهو مانوارو ڪتاب آهي (٤١) ڪوڙ ان جي اڳيان ۽ ان جي پويان نڪو اچي سگهي، حڪمت واري ساراهيل جي طرفان نازل ڪيل آهي (٤٢) اي پيغمبر! توکي رڳو اهو چيو ويو ٿو جيڪو توکان اڳين رسولن کي چيو ويو هو، بيشڪ تنهنجو رب بخشڻ وارو ۽ ڏکوئيندڙ عذاب ڏيڻ وارو بہ آهي (٤٣) ۽ جيڪڏهن اسان ان قرآن کي عجمي (غيرعربي) زبان ۾ لاهيون ها تہ ڪافر ضرور چون ها تہ ان جون آيتون چو صاف نہ ٻڌايون ويون آهن، ڇا قرآن غيرعربي (عجمي) هوندي ۽ پاڻ عربي هوندي وارا، اي پيغمبر! کين چئو تہ اهو ايمان وارن لاءِ هدايت ۽ شفاء آهي، ۽ جيڪي ايمان نٿا آڻين انهن جي ڪنن ۾ ٻوڙاڻ آهي ۽ اهو قرآن انهن تي انڌائپ آهي، اهي اهڙا آهن جڙ انهن کي ڏورانهين جاءِ کان سڏيو وڃي ٿو (٤٤)[5] ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو پر ان ۾ اختلاف ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب جي طرف کان هڪڙي ڳالهہ اڳ ۾ ٽيل نہ هجي ها تہ ڪڏهوڪو انهن ۾ فيصلو ٿي وڃي ها، بيشڪ اهي يهودي ان (تورات ۽ قرآن) کان وڏي شڪ ۾ پيل آهن (٤٥) جنهن چڱا ڪم ڪيا تہ انهيءَ پنهنجي پلائي لاءِ ڪيا ۽ جنهن برائي ڪئي تہ پوءِ اها ان تي آهي، ۽ تنهنجو رب بانهن تي ظلم نہ ڪندو آهي (٤٦) قيامت جي خبر ان (الله) جي حوالي آهي ۽ سندس علم کان سواءِ ميوا پنهنجين مُکڙين مان نہ نڪرندا آهن ۽ نہ ڪا مادي ڌُڪي ٽيندي آهي ۽ نہ وري ڌر ڇٽيندي آهي ۽ جنهن ڏينهن الله انهن کي سڏيندو تہ جيڪي منهنجا شريڪ مقرر ڪندا هيوَ اهي ڪٿي آهن تہ چوندا تہ اسان توکي ٻڌايون ٿا تہ اسان مان ڪوبہ اقراري شاهد نہ آهي (٤٧) ۽ جن جي

اڳي دنيا ۾ پوڄا ڪندا هئا اهي انهن کان وسري ويندا ۽ سمجهندا ته انهن لاءِ ڪا پڄاڙ جي واهه نه آهي (٤٨) ماڻهو پَلائي جي دعا گهرڻ کان ٽڪبو نه آهي پر جيڪڏهن ان کي تڪليف پهچندي آهي ته نااميد ٿي آسرو لاهي ڇڏيندو آهي (٤٩) ۽ جيڪڏهن اسان ان کي پهتل تڪليف کان پوءِ پنهنجي رحمت جو ڪو مزو چکائيندا آهيون ته چوندو آهي ته هي منهنجو ڪارنامو آهي ۽ منهنجي گمان ۾ ڪونهي ته قيامت قائم ٿيندي ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي رب ڏانهن موٽايو به ويس ته ضرور منهنجي لاءِ ان وٽ به پلائي هوندي. پوءِ جن ڪفر ڪيو اسان انهن کي ضرور ڪئي جي خبر ڏيندا سين ۽ ضرور انهن کي سخت عذاب چکائينداسين (٥٠) ۽ جڏهن اسان انسان تي احسان ڪندا آهيون ته اهو مُنهن ڦيرائيندو آهي ۽ پنهنجو پاسو موڙيندو آهي ۽ جڏهن ان کي تڪليف پهچندي آهي ته پوءِ ڊگهيون دعائون گهرندو آهي (٥١) اي پيغمبر! کين چئو ته پلا ٻُڌايو ته جيڪڏهن هي قرآن الله وٽان آيل هجي پوءِ توهان ان جو انڪار ڪيو ته ان کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي جيڪو وڏي ضد ۾ پيل هجي (٥٢) سگهو اسان انهن کي سڄي دُنيا ۾ ۽ خود سندن جان ۾ پنهنجون نشانيون ڏيکاريندا سين. ايتري تائين جو انهن تي ظاهر ٿي ويندو ته بيشڪ اهو حق آهي. اي پيغمبر! ڇا تنهنجي رب جو هر شي تي شاهد هجڻ ڪافي نه آهي (٥٣) خبردار! اهي ماڻهو پنهنجي رب جي آڏو پيش ٿيڻ کان شڪ ۾ پيل آهن. خبردار! اهو هر شي کي گهيري ۾ رکندڙ آهي (٥٤)[6]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت شوريٰ مڪي آهي. هن ۾ 53 آيتون ۽ 5 رڪوع آهن

حٰمٓ (١) عٓسٓقٓ (٢) زبردست حڪمت وارو الله توڏانهن وحي موڪلي ٿو ۽ اهڙي طرح انهن ڏانهن به وحي موڪليندو هو جيڪي توڪان اڳ هيا (٣) جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو سڀ ان جو آهي. ۽ اهو ئي مٿانهون عظيم آهي (٤) سگهو آسمان مٿان کان ڦاٽڻ تي آهي ۽ ملائڪ پنهنجي رب جي ساراهه سان پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ جيڪي زمين تي آهن انهن لاءِ بخشش گهرندا آهن. خبردار! بيشڪ الله ئي

بخشٽهار مهربان آهي (٥) ۽ جن الله کان سواءِ ٻيا دوست ورتا آهن تن تي الله نظر رکندڙ آهي ۽ اي پيغمبر! تون انهن تي ذميوار نه آهين (٦) ۽ اهڙيءَ طرح اسان تو ڏانهن عربي ٻولي ۾ قرآن وحي ڪيو آهي ته جيئن تون شهرن جي ماءُ (مڪي) وارن کي ۽ ان جي آس پاس وارن کي ڊيڄارين ۽ گڏ ٿيڻ واري ڏينهن کان پڻ ڊيڄارين جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي. هڪڙو ٽولو جنت ۾ هوندو ۽ ٻيو ٽولو جهنم ۾ هوندو (٧) ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته سڀني ماڻهن کي هڪ امت ڪري ها پر الله جنهن کي گهري پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو آهي. ۽ جيڪي ظالم آهن انهن لاءِ نه ڪو دوست ۽ نه ئي ڪو مددگار آهي (٨) الله کان سواءِ ٻيا دوست ڇو ورتا اٿن. الله ئي ته مالڪ آهي جيڪو مئلن کي جيارينڊو ۽ اهو هر شي تي وس وارو آهي (٩)[1] ۽ توهان جنهن ٻالهه ۾ اختلاف ڪيو ٿا سو ڪجهه به هجي ان جو فيصلو الله جي حوالي آهي. منهنجو پالڻهار اهو الله آهي اُن تي ئي ڀروسو اٿم ۽ مان ان ڏانهن رجوع ٿيان ٿو (١٠) آسمانن ۽ زمين جو خالق آهي. توهان لاءِ توهان جي جنس منجهان زالون ۽ جانورن مان جوڙا پيدا ڪيائين. ائين توهان جو نسل پکيڙي ٿو ڪابه شي ان جي مثال جهڙي نه آهي ۽ اهوئي ڏسندڙ ٻُڌندڙ آهي (١١) آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون انهيءَ وٽ آهن جنهن جي لاءِ گهري ٿو ان لاءِ روزي ڪشادي ڪري ٿو ۽ تنگ به ڪندو آهي. بيشڪ اهو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (١٢) توهان لاءِ اهو دين مقرر ڪيائين جنهن جو نوح کي حڪم ڪيو هئائين ۽ جيڪو توڏانهن به وحي ڪيوسين ۽ جنهن جو اسان ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي حڪم ڏنو هو ته دين کي قائم رکو ۽ ان ۾ ڦوٽ نه وجهو. مشرڪن تي اهو ڏاڍو ڏکيو آهي جو تون انهن کي ان طرف سڏيندو آهين. الله جنهن کي گهري تنهن کي پاڻ ڏانهن چونڊيندو آهي ۽ جيڪو ان ڏانهن رجوع ڪندو آهي ان کي پاڻ ڏانهن راهه ڏيکاريندو آهي (١٣) ۽ ماڻهو ائين جدا نه ٿيا مگر جڏهن انهن وٽ علم آيو ته ان ڪاڻ پوءِ پاڻ ۾ هڪٻئي سان ساڙ ڪري ڏار ٿيا ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب جي طرفان هڪ مقرر وقت تائين هڪ ٻالهه طئي ٿيل نه هجي ها ته ڪڏهوڪو انهن ۾ فيصلو ٿي وڃي ها. ۽ اهي (يهودي ۽ عيسائي) جن کي انهن نبين کان پوءِ ڪتاب جو وارث ڪيوسين اهي به ان دين کان پريشان ڪندڙ شڪ ۾ ڦاٽل آهن (١٤) پر اي پيغمبر! تون کين هن دين لاءِ سڏ ۽

جيئن توکي حڪم ٿيو آهي تيئن ثابت قدم رهه ۽ انهن جي خواهش تي نه هل ۽ کين چئو ته جيڪو الله ڪتاب لاٿو آهي مون ان تي ايمان آندو ۽ مون کي حڪم ٿيل آهي ته مان توهان ۾ انصاف ڪريان. الله اسان جو پالڻهار آهي ۽ توهان جو به پالڻهار آهي. اسان جي لاءِ اسان جا عمل ۽ توهان جي لاءِ توهان جا عمل آهن. اسان جي ۽ توهان جي وچ۾ ڪو تڪرار نه آهي. الله اسان سڀني کي قيامت ڏينهن گڏ ڪندو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽڻو آهي (١٥) ۽ اُهي جيڪي دين جي مقبول ٿيڻ کان پوءِ الله جي باري ۾ جهڳڙو ڪندا آهن انهن جو دليل سندن رب وٽ ڪوڙو آهي ۽ انهن تي ڏمر آهي ۽ انهن لاءِ سخت عذاب آهي (١٦) الله اهو آهي جنهن حق سان ڪتاب لاٿو ۽ عدل جي تارازي لاٿي ۽ اي انسان! توکي ڪهڙي خبر شايد قيامت ويجهي هجي (١٧) جيڪي قيامت کي نٿا مڃين اهي ان کي تڪڙو گهرن ٿا ۽ جن جو اُن تي ايمان آهي اهي ان کان ڊڄندا آهن ۽ ڄاڻن ٿا ته بيشڪ اها اچڻي آهي. خبردار! بيشڪ جيڪي ماڻهو قيامت ۾ شڪ ڪندا آهن اُهي وڏي گمراهي ۾ آهن (١٨) الله پنهنجن ٻانهن تي مهربان آهي جنهن کي گهري تنهن کي روزي ڏيندو آهي ۽ اهوئي زبردست سگهارو آهي (١٩)[2] جيڪو آخرت جي پوک گهرندو آهي ته اسان ان لاءِ سندس پوک ۾ واڌارو ڪندا آهيون ۽ جيڪو دُنيا جي پوک چاهيندو آهي ته اسان ان کي ان مان ڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪوبه حصو نه آهي (٢٠) انهن ڪافرن جا ڪي اهڙا شريڪ آهن جا جن انهن لاءِ دين مان اهڙو طريقو ڪڍيو آهي جنهن جو الله حڪم نه ڏنو آهي. ۽ جيڪڏهن فيصلي جو وقت مقرر ٿيل نه هجي ها ته هاڻي ئي انهن ۾ فيصلو ڪري ڇڏجي ها. ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٢١) اي پيغمبر! تون ظالمن کي سندن ڪرتوتن جي عذاب کان ڊڄندڙ ڏسندين ۽ اهو عذاب انهن تي پهچڻ وارو آهي. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون اهي جنت جي باغن ۾ هوندا. جيڪي گهرندا سو سندن رب وٽ انهن لاءِ موجود آهي. اهوئي وڏو فضل آهي (٢٢) اِهو اُهو ثواب آهي جنهن جي الله پنهنجن انهن ٻانهن کي خوشخبري ڏئي ٿو جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون. اي پيغمبر! کين چئو ته مان توهان کان پيغام پهچائڻ تي ڪوبه اجورو نٿو گهران مگر پنهنجن ويجهڙن مائڻن جي محبت. ۽ جيڪو نيڪي ڪمائيندو ته اسان

ان لاءِ ان ۾ چڱائي وڌائينداسين. بيشڪ الله بخشٹهار قدردان آهي (٢٣) اهي ڪافر اهو چون ٿا تہ ان (پيغمبر) الله تي ڪوڙ گهڙيو آهي. پوءِ جيڪڏهن الله گهري تہ تنهنجي دل تي مُهر هڻي ڇڏي. الله باطل کي متائيندو آهي ۽ پنهنجن ڪلمن (ڪالهين) سان حق کي ثابت ڪندو آهي. بيشڪ اهو دلين جا راز ڄاڻندڙ آهي (٢٤) ۽ اهو ئي پنهنجن ٻانهن جي توبهہ قبول ڪندو آهي ۽ گناهن کان تارو ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو ڄاڻندڙ آهي (٢٥) ۽ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪندا آهن تن جي دعا قبول ڪندو آهي ۽ انهن کي پنهنجي فضل سان وڌيڪ بہ ڏيندو آهي. ۽ جيڪي ڪفر ڪن ٿا انهن لاءِ سخت عذاب آهي (٢٦) ۽ جيڪڏهن الله پنهنجي سمورن ٻانهن جو رزق وسيع ڪري ڇڏي ها تہ ضرور زمين ۾ فساد پکيڙين ها پر جيترو گهرندو آهي اوترو نازل ڪندو آهي. بيشڪ اهو پنهنجي ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي (٢٧) ۽ اهوئي آهي جيڪو ٻانهن جي ناااميد ٿيڻ کان پوءِ برسات وسائيندو آهي ۽ پنهنجي رحمت پکيڙيندو آهي. ۽ اهوئي ڪم ساهيندڙ ساراهيل آهي (٢٨) ۽ آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ جيڪي انهن ۾ ڇُرندڙ ڦرندڙ پکيڙيائين تن جو ٻڌائڻ ان جي نشانين مان آهي. ۽ اُهو جڏهن گهرندو انهن جي گڏ ڪرڻ تي وس وارو آهي (٢٩)[3] ۽ توهان کي جيڪا بہ مصيبت پهچندي آهي سا توهان جي هٿن جي ڪمائي سببان هوندي آهي ۽ الله تہ گهڻو معاف ڪندو آهي (٣٠) ۽ توهان زمين ۾ ڪجي عاجز ڪرڻ وارا نہ آهيو ۽ الله کان سواءِ توهان جو نہ ڪو دوست آهي ۽ نہ مددگار آهي (٣١) ۽ درياء (سمنڊ) ۾ جبلن جيڏا هلندڙ ٻيڙا اُن جي نشانين مان آهن (٣٢) جيڪڏهن الله گُهري تہ هوا کي روڪي ڇڏي پوءِ ٻيڙا ان درياء (سمنڊ) جي مٿاڇري تي هلڻ کان بيٺل رهجي وڃن. بيشڪ ان ۾ هر صبر ڪندڙ شڪر گذار لاءِ نشانيون آهن (٣٣) يا گهري تہ ماڻهن جي گناهن جي سبب انهن جي ٻيڙن کي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ گهڻن ماڻهن جي گناهن کان درگذر بہ ڪري ٿو (٣٤) ۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ جهڳڙو ڪندا آهن اهي ڄاڻي وٺن تہ انهن لاءِ ڪوبہ ڇوٽڪارو نہ آهي (٣٥) پوءِ توهان کي جيڪي بہ ڏنو ويو آهي سو دُنيا جي زندگيءَ جو ٿورو سامان آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي اهو انهن لاءِ گهڻو بهتر ۽ باقي رهندڙ آهي جن ايمان آندو ۽ پنهنجي رب

تي پروسو رکن ٿا (٣٦) ۽ انهن لاءِ به جيڪي وڏن گناهن کان ۽ بي حيائين کان پاسو ڪندا آهن ۽ جڏهن ڪاوڙبا آهن ته معاف ڪري ڇڏيندا آهن (٣٧) ۽ اهي جيڪي پنهنجي رب جو حڪم مڃين ٿا ۽ نماز ادا ڪن ٿا ۽ انهن جو ڪم پاڻ ۾ صلاح مشوري سان هوندو آهي ۽ اسان جي ڏني مان اسان جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن (٣٨) ۽ اهي اهڙا آهن جو جڏهن انهن تي ڏاڍ ٿئي ٿو ته اُهي مناسب بدلو وٺندا آهن (٣٩) ۽ ايذاء ۽ تڪليف جو بَدلو اوترو ايذاء ۽ تڪليف آهي، پر جيڪو معاف ڪري ۽ صلح ڪري ته پوءِ ان جو اجر الله تي آهي، بيشڪ اهو ظالمن کي دوست نه رکندو آهي (٤٠) پر جن پنهنجي ايذائجڻ کان پوءِ مظلومي جو بدلو ورتو ته انهن تي ڪو ڏوراپو نه آهي (٤١) ڏوراپو صرف انهن لاءِ آهي جيڪي ماڻهن کي ايذائيندا آهن ۽ ملڪ ۾ ناحق فساد ڪندا آهن، انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٤٢) البت، جنهن صبر ڪيو ۽ معاف ڪيائين ته بيشڪ اهو گُڻ همت جي ڪمن مان آهي (٤٣)[4] ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ته ان کان پوءِ ان جو ڪوبه پرجهلو نه آهي، اي پيغمبر! تون ظالمن کي ڏسندين جڏهن عذاب اکين اڳيان ايندن ته چوندا ته چا واپس موٽڻ جي ڪا واهه آهي (٤٤) ۽ تون انهن کي ڏسندين ته باهه تي پيش ڪيا ويندا ته خواري کان اکيون جهڪايل هوندن ۽ چور نظرن سان پيا ڏسندا، ۽ مومن چوندا ته بيشڪ اهي گهاٽي ۾ آهن جن پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجن ماڻهن کي قيامت جي ڏينهن نقصان ۾ وڌو، خبردار! بيشڪ ظالم دائمي عذاب ۾ هوندا (٤٥) ۽ الله کان سواءِ انهن جا ڪي به حمايتي نه هوندا جو انهن جي مدد ڪن، ۽ جنهن کي الله گُمراهه ڪري ته اُن لاءِ چٽڻ جو ڪوبه چارو نه آهي (٤٦) اي انسانو! ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳي جيڪو الله جي پار کان ٽرٽو نه آهي پنهنجي رب جو حڪم مڃو ان ڏينهن توهان جي لاءِ نه ته ڪا پناهه جي جاءِ هوندي ۽ نه ئي توهان انڪار ڪري سگهندو (٤٧) اي پيغمبر! ايجان به جيڪڏهن اُهي مُنهن موڙين ته اسان توکي انهن تي نگهبان ڪري نه موڪليو آهي، توتي رڳو پيغام پهچائڻ جي ذميواري آهي، ۽ جڏهن اسان انسان کي پاڻ وٽان ڪنهن مهرباني جو مزو چکائيندا آهيون ته ان تي خوش ٿيندو آهي، ۽ جيڪي انهن جي هٿن جي اڳ ڪئي سبب کين ڪا تڪليف پهچندي آهي ته پوءِ بيشڪ ماڻهو بي شڪر ٿيندو آهي (٤٨)

آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي لاءِ آهي. جيڪي گهري سو پيدا ڪندو آهي. جنهن کي گهري ڏيئرون ڏيندو آهي ۽ جنهن کي وٽيس پُٽ ڏيندو آهي (٤٩) يا پُٽ ۽ ڏيئرون ٻئي ڏيندو آهي ۽ جنهن عورت کي چاهي سنڌ ڪندو آهي. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ وس وارو آهي (٥٠) ۽ ڪنهن انسان لاءِ ائين ناهي ٿيٽو جو الله ان سان اشاري يا پردي جي پٺيان کان سواءِ ڳالهائي يا گهري تہ ڪو قاصد موڪلي. پوءِ جيڪو الله گهري پنهنجي حڪم سان وحي موڪلي ٿو. بيشڪ اهو مٿانهون حڪمت وارو آهي (٥١) ۽ اي پيغمبر! ايئن اسان توڏانهن پنهنجي ڪلام مان قرآن وحي ذريعي موڪليو آهي. تون نہ ڄاڻندو هئين تہ ڪتاب ڇا آهي ۽ ايمان ڇا آهي پر اسان ان قرآن کي نور ڪيو آهي. ان سان پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرون سڌي واٽ ڏيکاريندا آهيون. ۽ بيشڪ تون سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪرين ٿو (٥٢) يعني الله جي واٽ جنهن جو اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪو آسمانن ۾ ۽ جيڪو زمين ۾ آهي. خبردار! سمورا معاملا الله ڏانهن موٽندا آهن (٥٣)[5]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت زخرف مڪي آهي. هن ۾ 89 آيتون ۽ 7 رڪوع آهن

حٰمٓ (١) پڌري ڪتاب جو قسم آهي (٢) اسان ان کي عربي ٻولي ۾ قرآن ڪري لاٿو تہ جيئن توهان سمجهو (٣) ۽ بيشڪ اهو اصل ڪتاب اسان وٽ لوح محفوظ ۾ موجود آهي. وڏي مرتبي وارو حڪمت وارو ڪتاب آهي (٤) اسان نصيحت کي توهان کان هن ڪري روڪي ڇڏيندا سين ڇا تہ توهان حد کان لنگهندڙ ماڻهو آهيو (٥) ۽ اسان اڳين قومن ۾ بہ ڪيترائي نبي موڪليا هيا (٦) ۽ انهن وٽ جيڪو بہ نبي ايندو هو تہ اهي ان تي ٺٺوليون ڪندا هئا (٧) اسان تہ انهن قريشين کان بہ وڌيڪ سگهہ وارن ماڻهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ اڳين جي احوال جو بيان گذري چُڪو آهي (٨) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن کان پڇندين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي تہ ضرور چوندا تہ انهن کي زبردست علم واري پيدا ڪيو آهي (٩) اهو الله جنهن اوهان جي

لاءِ زمين کي قرار جي جاءِ بڌايو ۽ توهان جي لاءِ ان ۾ رستا بڌايا ۽ جيئن توهان وات لهو (۱۰) ۽ اهو الله جنهن آسمان کان هڪ اندازي مطابق پاڻي وسايو پوءِ اسان ان سان هڪ غير آباد علاقي کي آباد ڪيو. اهڙيءَ طرح توهان کي قبرن مان ڪڍيو ويندو (۱۱) ۽ جنهن هر قسم جا جوڙا پيدا ڪيا ۽ توهان لاءِ ٻيڙا ۽ ڏور پيدا ڪيا آهن جن تي سواري ڪيو ٿا (۱۲) جيئن انهن جي پٺين تي ٿهي ويهو ۽ پوءِ جڏهن انهن تي ٺيڪ طرح ويهي وڃو ۽ پنهنجي رب جي نعمت ياد ڪريو ۽ چئو ۽ پاڪ آهي اها ذات جنهن اسان لاءِ هن سواري کي اسان جي قابو ۾ رکيو ۽ اسان ۽ انهن تي سگهه رکندڙ نه هئاسين (۱۳) ۽ بيشڪ اسان کي پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻو آهي (۱٤) ۽ هي ماڻهو ان (الله) جي لاءِ سندس ٻانهن مان ڪن کي ان جو جزو يا حصو مقرر ڪن ٿا. بيشڪ انسان پڌرو ناشڪر آهي (۱۵) ڇا ان پنهنجي مخلوق مان ڌيئرون ورتيون آهن ۽ توهان کي پٽن سان نوازيائين (۱٦) ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي ان (ڏي جمڻ) جي خبر ڏجي ٿي جيڪا پاڻ ٻاجهاري الله جي لاءِ مثال بيان ڪئي اٿس ۽ ان جو منهن ڪارائجي ويندو آهي ۽ ڏک ۾ پرجي ويندو آهي (۱۷) ڇا اهڙو ٻار جيڪو زيورن ۾ پلجي، وڏو ٿئي ۽ لڙائي لاءِ اڳيان اچي نه سگهي (۱۸) ۽ ملائڪن کي جيڪي رحمٰن جا ٻانها آهن عورتون قرار ڏنو اٿن. انهن جي پيدا ڪرڻ وقت اهي حاضر هئا ڇا. انهن جي اها ڳالهه لکي ويندي ۽ قيامت ۾ انهن کان پڇا ٿيندي (۱۹) ۽ ڪافر چوندا آهن ۽ جيڪڏهن رحمٰن چاهي ها ۽ اسان انهن بتن کي نه پوڄيون ها. انهن کي ان جي ڪابه حقيقت معلوم نه آهي اهي رڳو اٽڪلون هلائيندا آهن (۲۰) يا ان کان اڳي اسان انهن کي ڪو ڪتاب ڏنو آهي ڇا جنهن کي انهن چنبڙي ورتو آهي (۲۱) نه. بلڪ چوندا آهن ۽ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو ۽ اسان انهن جي نشانن تي هلي رهيا آهيون (۲۲) ۽ اهڙي طرح اسان توکان اڳ جڏهن ب ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ موڪليو ۽ اتي جي شاهوڪارن چيو ۽ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو ۽ اسان انهن جي نشانن تي هلي رهيا آهيون (۲۳) انهن جي پيغمبر کين چيو ۽ ڇا توڙي جو جنهن دين تي توهان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو مان توهان وٽ ان کان وڌيڪ سڌي وات ڏيکاريندڙ وارو دين کڻي آيو آهيان. چيائون ۽ توهان کي جنهن شي سان

موڪليو ويو آهي اسان ان کي نٿا مڃون (٢٤) پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو پوءِ ڏس ته ڪوڙو چوندڙن جو ڇا حشر ٿيو (٢٥)[2] ۽ ياد ڪر ابراهيم پنهنجي پي کي ۽ پنهنجي قوم کي چيو هو ته جن کي توهان پوڄيندا آهيو مان انهن کان بيزار آهيان (٢٦) پر جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي سو بيشڪ مون کي سگهوئي دڳ لائيندو (٢٧) ۽ پنهنجي پونئرن ۾ اها نصيحت ڇڏي ويو آهي ته مَن اُهي (عرب ۽ بني اسرائيل) الله ڏي رجوع ڪن (٢٨) بلڪ مان انهن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي آسودو ڪندو رهيو آهيان تان جو انهن وٽ سچو دين ۽ صاف ٻُڌائيندڙ رسول (محمد ﷺ) اچي ويو آهي (٢٩) ۽ جڏهن انهن وٽ اهو سچو دين آيو آهي ته چون ٿا ته هي جادو آهي ۽ اسان ان کان انڪار ڪيون ٿا (٣٠) ۽ چون ٿا ته انهن ٻن شهرن (مڪي ۽ طائف) مان ڪنهن سردار تي هي قرآن ڇو نه لاٿو ويو (٣١) اي پيغمبر! اهي تنهنجي رب جي رحمت ورهائيندڙ آهن ڇا، اسان ئي دنيا جي زندگيءَ ۾ سندن وچ۾ سندن روزي ورهائي آهي ۽ انهن مان هڪڙن کي ٻين کان وڏي مرتبي وارو ڪيو آهي ته جيئن هڪڙا ٻين کي خدمتگار ڪري وٺن، ۽ اي پيغمبر! جيڪو دنيا جو مال اهي ڪافر گڏ ڪن ٿا ان کان تنهنجي رب جي رحمت بهتر آهي (٣٢) ۽ جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته متان سمورا ماڻهو هڪڙو ڪفر جو ٽولو ٿي وڃن ته جيڪي رحمٰن جو انڪار ڪندا آهن انهن لاءِ سندن گهرن جون ڇتيون ۽ ڏاڪڻيون چاندي جون ڪيون ها جن تي چڙهن ها (٣٣) ۽ انهن جي گهرن جا دروازا ۽ پلنگ به جن تي ٽيڪ لڳائي ويهندا آهن (٣٤) ۽ سون جا، ۽ اهو سڀ ڪجهه ٻيو نه آهي مگر دُنيا جي زندگي جو سامان، ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن جي لاءِ آهي (٣٥)[3] جيڪو الله جي ياد کان غافل رهندو آهي ته ان لاءِ هڪڙو شيطان مقرر ڪندا آهيون، پوءِ اهو ان جو ساٿي هوندو آهي (٣٦) ۽ بيشڪ اهي شيطان انهن کي سڌي راهه کان روڪيندا آهن جڏهن ته اهي پاڻ سمجهندا آهن ته سڌي واٽ تي آهن (٣٧) نيٺ جڏهن ڪافر اسان وٽ ايندو ته پنهنجي شيطان دوست کي چوندو ته هاءِ! جيڪر منهنجي ۽ تنهنجي وچ۾ اوير اولهه جو فاصلو هجي ها، سو اهو بيڙو ساٿي آهي (٣٨) ۽ چونداسين ته جيئن ته توهان ظلم ڪيو هو سو اڄ توهان جو پلو نه ٽيندو، بيشڪ توهان عذاب ۾ شريڪ آهيو (٣٩) اي

پيغمبر! چا پوءِ تون ٻوڙن کي ٻڌائي سگھندين يا انڌن کي واٽ ڏيکاري سگھندين. ۽ اھو جيڪو ڪليل گمراھي ۾ آھي تنھن کي ھدايت ڪري سگھين ٿو چا (٤٠) جيڪڏھن اسان توکي ھن جھان مان وٺي وڃون تہ بہ اسان انھن کان ضرور بدلو ونڊاسين (٤١) يا اسان انھن کي جيڪو انجام ڏنو آھي سو توکي ڏيکاريون تہ بہ اسان ان تي وس وارا آھيون (٤٢) پوءِ اي پيغمبر! جيڪو تنھنجي طرف وحي ڪيو ويو آھي ان تي پکو رھ. بيشڪ تون سڌي واٽ تي آھين (٤٣) ۽ بيشڪ ھي قرآن تنھنجي لاءِ ۽ تنھنجي قوم جي لاءِ نصيحت آھي ۽ سگھو توھان کان پڇا ٿيندي (٤٤) ۽ اسان توکان اڳي جيڪي پنھنجا رسول موڪليا ھيا انھن بابت پڇا ڪر تہ انھن رحمٰن کان سواءِ ڪي ٻيا معبود ٺاھيا ھيا چا جن جي پوجا ڪئي وڃي (٤٥)[4] ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي پنھنجي نشانين سان فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانھن موڪليو پوءِ ان چيو تہ بيشڪ مان جھانن جي پالڻھار جو رسول آھيان (٤٦) پوءِ جڏھن انھن کي اسان جون نشانين ڏيکاريائين تڏھن اھي کلڻ لڳا (٤٧) ۽ اسان انھن کي جيڪا بہ نشاني ڏيکاري تي اھا ان جي اڳين نشاني کان وڏي ھئي ۽ اسان انھن کي مصيبت ۾ گرفتار ڪيو تہ جيئن اھي ڪفر کان باز اچن (٤٨) ۽ چوڻ لڳا تہ اي جادوگر! اسان جي لاءِ پنھنجي رب کان ان وسيلي سان دُعا گھرجنھن جو توسان انجام ڪيو اٿس تہ پوءِ بيشڪ اسان ھدايت وارا ٿينداسين (٤٩) پوءِ جڏھن اسان انھن کان مصيبت ٽاري تہ اُھي ھڪدم قول تان ڦري ويا (٥٠) ۽ فرعون پنھنجي قوم ۾ پڙھو ڏياريو تہ اي منھنجي قوم! ھي مصر جي بادشاھي ۽ ھي نھرون جيڪي منھنجي ماڙين جي ھيٺان وھن ٿيون چا منھنجا نہ آھن. پوءِ چا توھان نٿا ڏسو (٥١) چا مان ھن کان بھتر نہ آھيان جو اھو خسيس ماڻھو آھي ۽ صاف ڳالھائي بہ نٿو سگھي (٥٢) ان کي سونا ڪنگڻ چو نہ پارايا ويا آھن يا ان سان گڏ ملائڪ چو نہ آيا (٥٣) پوءِ فرعون پنھنجي قوم کي بيوقوف ٻڌايو جو ان جي فرمانبرداري ڪيائون. بيشڪ اھي بي فرمان ماڻھو ھٿا (٥٤) سو جڏھن انھن اسان کي ڏمرايو تہ انھن کان بدلو ورتوسين ۽ انھن سمورن کي ٻوڙيوسين (٥٥) پوءِ اسان انھن کي گذري ويل قوم ڪيو ۽ پوين لاءِ عبرت جو مثال ڪري ڇڏيو (٥٦)[5] ۽ جڏھن مريم جي پٽ جو قصو بيان ڪيو ويو تہ تنھنجي قوم جا ماڻھو ان تي شور مچائين ٿا

(٥٧) ۽ چون ٿا تہ ڇا اسان جا معبود ڀلا آهن يا اهو عيسيٰ. توسان اهو مثال رڳو جهڳڙي لاءِ بيان ڪندا آهن. بلڪ اهي جهيڙيڪار ماڻهو آهن (٥٨) اهو عيسيٰ تہ رڳو هڪ ٻانهو آهي جنهن تي اسان ٻاجهہ ڪئي هئي ۽ اسان ان کي بني اسرائيلن جي لاءِ عجيب نمونو ڪيوسين (٥٩) ۽ جيڪڏهن اسان گهرون ها تہ زمين ۾ توهان جي جاءِ تي ملائڪ نائب ڪريون ها (٦٠) ۽ بيشڪ اهو عيسيٰ قيامت جي نشاني آهي. پوءِ هرگز قيامت ۾ شڪ نہ ڪريو ۽ اي پيغمبر! ڪين چئو تہ منهنجي پيروي ڪريو اها سڌي وات آهي (٦١) ۽ توهان کي شيطان هرگز نہ روڪي. بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي (٦٢) ۽ جڏهن عيسيٰ چٽن معجزن سان آيو تہ چيائين تہ بيشڪ توهان وٽ دانائي سان آيو آهيان تہ جيئن مان توهان کي ڪجهہ اهي ڳالهيون ٻڌايان جن ۾ توهان اختلاف ڪندا آهيو پوءِ الله کان ڊجو ۽ منهنجو چيو مڃو (٦٣) بيشڪ الله ئي منهنجو رب ۽ توهان جو رب آهي. پوءِ ان جي ئي عبادت ڪريو اها سڌي وات آهي (٦٤) پوءِ اُهي ٽولا ٽي پاڻ ۾ اختلاف ڪرڻ لڳا. پوءِ جن ظلم ڪيو انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب جي ڏينهن کان تباهي آهي (٦٥) رڳو انهيءَ گهڙيءَ (قيامت) جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. اها تہ انهن تي اوچتو اچي ويندي ۽ اهي بي خبر هوندا (٦٦) اُن ڏينهن پرهيزگارن کان سواءِ ٻيا سڀ دوست هڪٻئي جا دُشمن ٿي ويندا (٦٧) چيو ويندو تہ اي منهنجا نيڪ ٻانهو! اڄ توهان کي ڪو خوف نہ آهي ۽ نہ توهان غمگين ٿيندو (٦٨)[6] يعني اهي جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو ۽ فرمانبردار هئا (٦٩) چيو ويندن تہ توهان ۽ توهان جون زالون بي خوف ٿي جنت ۾ داخل ٿيو (٧٠) انهن تي سون جا پيالا ۽ ٽالهيون ڦيرائبا پيا ۽ انهن جي دل جيڪا شي گهرندي ۽ جنهن سان اکيون ٺرنديون سا اتي موجود هوندي ۽ توهان ان ۾ سدائين رهندو (٧١) ۽ هي اها جنت آهي جنهن جو توهان کي هن ڪري وارث ڪيو ويو جو توهان چڱا عمل ڪندا هيا (٧٢) توهان جي لاءِ ان ۾ گهڻيئي ميوا آهن جن مان کائيندو (٧٣) بيشڪ ڏوهاري سدائين جهنم جي عذاب ۾ رهڻ وارا آهن (٧٤) انهن کان عذاب ڪڏهن بہ هلڪو نہ ڪبو ۽ اهي ان ۾ ناميد ٿي رهندا (٧٥) ۽ اسان انهن تي ڪوبہ ظلم نہ ڪنداسين پر اُهي پاڻ ئي ظالم هئا (٧٦) ۽ اُهي دوزخ جي دربان کي پُڪارينداتہ اي مالڪ!

تنهنجو رب جيڪر اسان کي پورو ڪري ڇڏي، اهو چوندو تہ بيشڪ توهان هتي سدائين رهڻ وارا آهيو(۷۷) اي انسانو! بيشڪ اسان توهان وٽ سچو دين آندو آهي مگر توهان مان گهڻا حق کان نفرت ڪندڙ آهن(۷۸) ڇا انهن ڪافرن پنهنجي پر ۾ ڪا رِٽ ڪئي آهي تہ پوءِ اسان بہ پنهنجي رِٽ ڪندڙ آهيون (۷۹) يا اهي ان گمان ۾ آهن ڇا تہ اسان سندن سُس پُس ءِ انهن جي صلاح نٿا ٻڌون، هائو اسان ٻڌون ٿا، ءِ اسان جا ملائڪ انهن وٽ لکندا آهن(۸۰) اي پيغمبر! تون چئو تہ جيڪڏهن رحمان کي ڪا اولاد هجي ها تہ سڀ کان پهريان مان ان جي پوڄا ڪندڙ هجان ها (۸۱) اهي جيڪو چون ٿا آسمانن ءِ زمين جو رب ءِ عرش جو رب ان کان پاڪ آهي (۸۲) پوءِ کين ڇڏ تہ ايستائين بيهوديون ڳالهيون ڪن ءِ راند روند ۾ رهن جيستائين جو پنهنجي ان ڏينهن کي ڏسن جنهن جو انهن سان واعدو آهي (۸۳) ءِ الله اهو آهي جيڪو آسمان ۾ بہ معبود آهي ءِ زمين ۾ بہ معبود آهي، ءِ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (۸٤) ءِ اهو وڏي برڪت وارو آهي، آسمانن ءِ زمين جِي ءِ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي بادشاهي ان جي آهي ءِ قيامت جو علم انهيءَ وٽ آهي ءِ توهان ان ڏانهن موٽايا ويندو (۸۵) ءِ ڪافر جن کي الله کان سواءِ سڏيندا آهن اهي شفاعت جو اختيار نٿا رکن پر شفاعت جو اختيار انهن کي آهي جن حق جي شاهدي ڏني هوندي ءِ ان جي حقيقت ڄاڻندا آهن(۸٦) ءِ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ انهن کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي تہ ضرور چوندا تہ الله، پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا(۸۷) ءِ رسول جو هي چوڻ معلوم آهي تہ اي منهنجا ربا هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ايمان نہ آڻيندا(۸۸) پوءِ اي پيغمبر! انهن کان منهن موڙ ءِ چئو تہ بس سلام ٽيو پوءِ سگهو معلوم ڪري وٺندا(۸۹)[7]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت دخان مڪي آهي، هن ۾ 59 آيتون ءِ 3 رڪوع آهن

حٰمٓ (۱) هن پڌري ڪتاب جو قسم آهي (۲) بيشڪ اسان ان کي برڪت واري رات ۾ نازل ڪيو آهي، بيشڪ اسان ئي ڊيڄاريندڙ آهيون

(٣) ان رات ۾ هر حڪمت وارو ڪم ورهايو ويندو آهي (٤) اسان جي طرفان حڪم ڪيل موجب. بيشڪ اسان ئي رسول موڪلڻ وارا آهيون (٥) تنهنجي رب جي طرف کان رحمت. بيشڪ اهو ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (٦) جيڪڏهن توهان کي يقين هجي ته اهو آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي انهن جو رب آهي (٧) ان کان سواءِ ڪو به معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي. اهو ئي جيارينديو ۽ مارينديو آهي. توهان جو رب آهي ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو رب آهي (٨) پر اهي ڪافر شڪ ۾ کيڏن ٿا پيا (٩) پوءِ اي پيغمبر! تون اُن ڏينهن جو انتظار ڪر جڏهن آسمان پڌرو دونهون آڻيندو (١٠) جيڪو ماڻهن کي ڍڪي ڇڏيندو. اهو ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١١) ان ڏينهن ڪافر چوندا ته اي اسان جا رب! اسان کان اهو عذاب هَٽاءِ. اسان ايمان آڻيون ٿا (١٢) ان وقت انهن کي نصيحت ڪيئن ٿيندي. جڏهن ته وٽن صاف بيان ڪندڙ رسول آيل آهي (١٣) پوءِ ان کان مُنهن موڙين ٿا ۽ چون ٿا ته اهو سيکاريل آهي ۽ ديوانو آهي (١٤) اسان ٿورو وقت عذاب ٽاريون ٿا پر توهان وري ڪفر ۾ ڦري ويندو (١٥) ياد رکو جنهن ڏينهن اسان وڏي پڪڙ سان پڪڙيندا سين ته اسان بدلو وٺنداسين (١٦) ۽ بيشڪ اسان انهن کان اڳ فرعون جي قوم کي آزمايو ۽ انهن وٽ هڪڙو معزز رسول آيو هو (١٧) ته الله جي ٻانهن کي منهنجي حوالي ڪريو بيشڪ مان توهان جو امانت وارو رسول آهيان (١٨) ۽ الله جي مقابلي ۾ سرڪشي نه ڪيو بيشڪ مان توهان وٽ هڪ پڌرو دليل آندو آهي (١٩) ۽ مان پنهنجي رب ۽ توهان جي رب کان هن جي پناهه وٺان ٿو ته متان توهان مون کي پٿر هڻو (٢٠) ۽ جيڪڏهن توهان منهنجو يقين نٿا ڪريو ته مون کان پاسو ڪريو (٢١) پوءِ پنهنجي رب کي پڪاريائين ته هي ڏوهاري ماڻهو آهن (٢٢) اسان حڪم ڪيو ته پوءِ منهنجي ٻانهن کي راتورات وٺي نڪر ضرور توهان جو پيڇو ڪيو ويندو (٢٣) ۽ درياء کي سڪل لنگهه وانگر ڇڏ. بيشڪ اهو لشکر ٻڏل وارو آهي (٢٤) ڪيترائي باغ ۽ چشما ڇڏيائون (٢٥) ۽ پوکون ۽ سنيون جايون به ڇڏي ويا (٢٦) ۽ اهي نعمتون به جن ۾ مزا ماڻيندا هئا (٢٧) اهڙي طرح اسان ٻي قوم کي انهن جو وارث ڪيو (٢٨) پوءِ انهن تي نه آسمان ڳوڙها ڳاڙيا ۽ نه زمين رني ۽ انهن کي مهلت به نه ڏني وئي (٢٩) ۽ بيشڪ

بني اسرائيل کي خوار ڪندڙ عذاب کان بچايو (٣٠) فرعون کان، بيشڪ اهو هٿيلو ۽ حد کان لنگهندڙن مان هو (٣١) ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيلن کي پنهنجي علم مطابق جهان وارن تي چونڊيو (٣٢) ۽ اسان انهن کي اُهي نشانيون ڏنيون جن ۾ پڌري آزمائش هئي (٣٣) بيشڪ اهي مشرڪ چوندا آهن (٣٤) تہ اسان جو خاتمو رڳو هي پهريون موت آهي ۽ اسان وري اٿاريا نہ ويندا سين (٣٥) چون ٿا تہ پوءِ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ اسان جا ابا ڏاڏا جياري وٺي اچو (٣٦) چا اُهي مشرڪ پَلا آهن يا تبع (حميري) جي قوم وارا ۽ جيڪي انهن کان اڳي هئا، اسان انهن کي ئي هلاڪ ڪري ڇڏيو، بيشڪ اُهي ڏوهاري ماڻهو هُئا (٣٧) ۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي سو کيل تماشي طور نہ ٻڌايو آهي (٣٨) بلڪ انهن کي مقصد کان سواءِ پيدا نہ ڪيو آهي، پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٣٩) بيشڪ سيني لاءِ فيصلي جي ڏينهن جو وقت مقرر آهي (٤٠) جنهن ڏينهن ڪوبہ دوست ڪنهن بہ دوست جي ڪنهن بہ ڪم نہ ايندو ۽ نہ انهن جي مدد ٿيندي (٤١) مگر جنهن تي الله رحم ڪري، بيشڪ اهو زبردست مهربان آهي (٤٢)[2] بيشڪ ٿوهر جو وڻ (٤٣) گنگهارن جو کاڌو آهي (٤٤) پيٽن ۾ پگهريل تامي وانگر تهڪندو (٤٥) تهڪندڙ پاڻيءَ جي جوش وانگر (٤٦) ملائڪن کي چوندا سين تہ ان کي پڪڙيو، پوءِ دوزخ جي وچ ڏانهن ڇڪو ڏيوس (٤٧) پوءِ اُن جي مٿي تي عذاب ڏيندڙ تهڪندڙ پاڻي هاريو (٤٨) ان کي چئبو تہ اهو عذاب چک، چوتہ تون پنهنجي گمان ۾ عزت وارو سردار آهين (٤٩) بيشڪ هي اهو عذاب آهي جنهن ۾ توهان شڪ ڪندا هئا (٥٠) بيشڪ پرهيزگار امن امان واري جاءِ ۾ هوندا (٥١) باغن ۽ چشمن ۾ (٥٢) سنهي ۽ ٿلهي پٽ جا ڪپرا پهريندا ۽ آمهون سامهون ٿي ويهندا (٥٣) اهڙيءَ طرح هوندا، اسان انهن کي پورين ۽ وڏين اکين واريون حورون پرٽائينداسين (٥٤) ان ۾ بي فڪر ٿي هر قسم جا ميوا گهرندا (٥٥) دنيا واري پهرئين موت کان سواءِ وري موت نہ چکندا ۽ الله انهن کي باهہ جي عذاب کان بچايو (٥٦) تنهنجي پالڻهار طرفان مهرباني هوندي، اها ئي وڏي ڪاميابي آهي (٥٧) اسان هن قرآن کي تنهنجي ٻوليءَ ۾ آسان ڪيو آهي تہ جيئن اُهي نصيحت وٺن (٥٨) پوءِ اي پيغمبر! تون انتظار ڪر، اُهي ڪافر بہ انتظار ڪندڙ آهن (٥٩)[3]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت جاثيہ مڪي آھي، ھن ۾ 37 آيتون ۽ 4 رڪوع آھن

حٰمٓ (١) ھي ڪتاب الله زبردست حڪمت واري طرفان نازل ڪيل آھي (٢) بيشڪ آسمانن ۽ زمين ۾ ايمان وارن لاءِ نشانيون آھن (٣) ۽ توھان جي پيدائش ۾ ۽ جيڪي جانور پکيڙيائين انھن جي پيدا ڪرڻ ۾ يقين ڪرڻ وارن ماڻھن جي لاءِ نشانيون آھن (٤) ۽ رات ۽ ڏينھن جو ھڪبئي پٺيان اچڻ ۾ ۽ الله جيڪو آسمان مان رزق نازل ڪيو آھي ۽ زمين کي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪرڻ ۾ ۽ ھوائن جي گھلڻ ۾ سمجھ وارن ماڻھن جي لاءِ نشانيون آھن (٥) ھي الله جون آيتون آھن جيڪي اسان توکي سچائي سان ٻڌايون ٿا، پوءِ الله ۽ ان جي آيتن کي ڇڏي ڪافر ڪھڑي ڳالھ تي ايمان آڻيندا (٦) ھر بھتان گھڙيندڙ گناھگار لاءِ ويل آھي (٧) ان کي الله جون آيتون پڙھي ٻڌائبيون آھن تہ اھو ٻڌندو آھي، پوءِ وڏائي ڪندي ھَٺ ڪندو آھي جڙ تہ اُھي ٻُڌيون ئي نہ ھئائين، پوءِ ان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ٻڌاءِ (٨) ۽ جڏھن اسان جي آيتن مان ڪنھن ڳالھ تي واقف ٿيندو آھي تہ ان کي مسخري ڪري وٺندو آھي، انھن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آھي (٩) انھن جي پٺيان جھنم ھوندو ۽ جيڪي ڪمايائون انھن کي ڪم نہ ايندو ۽ نہ اُھي ڪجھ ٻاري سگھندا جن کي الله کان سواءِ دوست ڪري ورتائون، ۽ انھن لاءِ وڏو عذاب ھوندو (١٠) ھي قرآن ھدايت آھي ۽ جن پنھنجي رب جي آيتن کي نہ مڃيو آھي انھن جي لاءِ سخت تڪليف وارو عذاب ھوندو (١١)[1] الله اھو آھي جنھن توھان لاءِ درياء (سمنڊ) تابع ڪيو تہ جيئن سندس حڪم سان ان ۾ ٻيڙيون ھلن ۽ سندس فضل مان رزق تلاش ڪريو تہ مَن توھان شڪر ڪريو (١٢) ۽ جيڪي آسمانن ۾ آھي ۽ جيڪي زمين ۾ آھي سو سڀ پنھنجي طرفان توھان جي ڪم لڳايائين، بيشڪ غوروفڪر ڪرڻ وارن ماڻھن لاءِ ان ۾ نشانيون آھن (١٣) اي پيغمبر! جن ايمان آندو آھي انھن کي چئو تہ انھن ماڻھن کان ٻارو ڪن جيڪي الله جي ڏينھن جي اميد نٿا رکن جيئن الله انھن ماڻھن کي جيڪي ڪمايائون ان جو بدلو ڏئي (١٤) جيڪو چڱا

ڪم ڪندو سو پنهنجي لاءِ ڪندو ۽ جيڪو بچڑائي ڪندو تہ نقصان ان تي آهي. پوءِ پنهنجي رب جي طرف موٽايا ويندو (۱۵) ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيل کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ نبوت ڏني ۽ انهن کي سُٹين شين مان روزي ڏنيسين ۽ انهن کي سندن زماني وارن تي فضيلت ڏنيسين (۱٦) ۽ اسان انهن کي دين بابت پڌرا دليل ڏنا. پوءِ انهن اڳي نہ پر جڏهن وٽن علم اچي چُڪو تہ ان کان پوءِ هڪ ٻئي جي ساڙ کان اختلاف ڪيائون. جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪندا رهيا آهن بيشڪ تنهنجو رب قيامت جي ڏينهن انهن جي وچ۾ فيصلو ڪندو (۱۷) پوءِ اي پيغمبر! اسان توکي دين جي سُٹي رستي تي لڳايوسين. پوءِ انهيءَ وات تي هل ۽ جيڪي نٿا ڄاڻن تن جي سڌن تي نہ هل (۱۸) چوتہ اُهي الله جي آڏو توکان ڪجهہ بہ ٽاري نہ سگهندا. ۽ بيشڪ ظالم هڪ ٻئي جا دوست آهن ۽ الله پرهيزگارن جو دوست آهي (۱۹) هي ماڻهن لاءِ سمجهاڻيون آهن ۽ قرآن يقين ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي (۲۰) جن بچڑا ڪم ڪيا اهي سمجهن ٿا چا تہ اسان انهن جي زندگي ۽ موت انهن جي برابر ڪنداسين جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا. ڪهڑو نہ برو فيصو ڪن ٿا (۲۱)[2] ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي رِڌ سان پيدا ڪيو آهي تہ جيئن هر شخص کي سندس ڪمائي جو بدلو ڏنو وڃي ۽ انهن تي ڪو ظلم نہ ٿيندو (۲۲) اي پيغمبر! ان کي نہ ڏٺو اٿئي چا جنهن پنهنجي سڌ کي پنهنجو معبود ٺاهيو ۽ سمجهہ هوندي گمراهہ ٿيو تہ الله ان کي گمراهہ ڪيو ۽ ان جي ڪنن ۽ ان جي دل تي مُهر هڻي ڇڏي آهي ۽ ان جي اکين تي پردو وڌو آهي. پوءِ الله کان سواءِ ان کي ڪير هدايت ڪندو. پوءِ نصيحت ڇونہ ونندا آهيو (۲۳) ۽ چوندا آهن تہ اسان جي رڳو هن دنيا جي حياتي آهي جو مَرندا آهيون ۽ جيئون ٿا ۽ اسان کي رڳو زمانو ماريندو آهي. انهن کي ان جو ڪو علم نہ آهي. اهي تہ فقط گمان ڪن ٿا (۲٤) ۽ جڏهن انهن کي اسان جون پڌريون آيتون پڙهي ٻڌائبيون آهن تہ انهن وٽ ڪو دليل نہ هوندو آهي بس چوندا آهن تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ اسان جي ابن ڏاڏن کي جيئرو ڪري وٺي اچو (۲۵) اي پيغمبر! کين چئو تہ الله توهان کي جياري ٿو پوءِ توهان کي ماريندو. وري توهان کي قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو جنهن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي. پر گهڻا ماڻهو نٿا سمجهن (۲٦)[3] آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله

جي آهي. ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي ان ڏينهن ڪوڙ هٽندڙ گهاٽي ۾ رهندا (۲۷) ۽ اي پيغمبر! هر ٽولي کي گوڏن ۾ ويٺل ڏسندين. هر ٽولي کي سندن عمل نامي جي طرف سڏيو ويندو. چيو ويندن ته توهان جيڪي عمل ڪندا هيا اڄ توهان کي انهن جو بدلو ڏنو ويندو (۲۸) اسان جي هيءَ لکت توهان تي حقيقت پڌري ڪري ٿي. بيشڪ اوهان جيڪي عمل ڪندا هيا اسان اهي لکائيندا هياسين (۲۹) پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته انهن جو رب انهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو اهائي پڌري ڪاميابي آهي (۳۰) ۽ جن ڪفر ڪيو انهن کي چيو ويندو ته ڇا توهان کي منهنجون آيتون پڙهي ڪونہ ٻڌايون ويندیون هيون. پر توهان وڏائي ڪندا هئا ۽ توهان ڏوهاري ماڻهو هئا (۳۱) ۽ جڏهن چيو ويندو هو ته الله جو واعدو سچو آهي ۽ قيامت ۾ ڪو شڪ نہ آهي ته توهان چوندا هيا ته اسان نٿا ڄاڻون ته قيامت ڪهڙي شي آهي. اسان ان کي فقط هڪڙو خيال پانيون ٿا ۽ اسان يقين ڪرڻ وارا نہ آهيون (۳۲) ۽ انهن تي سندن عملن جون خرابيون ظاهر ٿي ويندیون ۽ انهن کي اهو عذاب گهيري ويندو جنهن بابت چٽرون ڪندا آهن (۳۳) ۽ چيو ويندن ته اڄ اسان توهان کي ائين وساريندا سين جيئن توهان پنهنجي هن ڏينهن جي ملاقات کي وساريو هو ۽ توهان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ توهان جو ڪوبہ مددگار نہ آهي (۳٤) اوهان تي اهو عذاب ان ڪري آهي جو توهان الله جي آيتن کي مذاق ڪري ورتو هو ۽ دنيا جي حياتيءَ توهان کي ڏوکو ڏنو هو. پوءِ ان ڏينهن نہ اهي باهر مان ڪڍيا ويندا ۽ نہ ئي انهن کان توبہ جو مطالبو ڪيو ويندو (۳۵) پوءِ سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي جيڪو آسمانن جو رب ۽ زمين جو رب ۽ جهانن جو رب آهي (۳٦) ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ ان جي ئي وڏائي آهي ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي (۳۷)[4]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي سان شروع جيڪو بي‌اجهارو مهربان آهي

سورت احقاف مڪي آهي. هن ۾ 35 آيتون ۽ 4 رڪوع آهن

حٰمٓ (۱) هي ڪتاب الله زبردست حڪمت واري کان نازل ٿيل آهي (۲) اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي سو پوري رِٽ

سان ۽ هڪ مقرر مدت تائين رهڻ لاءِ ٻڌايو آهي. ۽ ڪافر جن ڳالهين کان ڊيڄاريا وڃن ٿا انهن کان منهن موڙيندڙ آهن (٣) اي پيغمبر! کين چئو ته جن کي توهان الله کان سواءِ پڪاريو ٿا مون کي ڏيکاريو ته انهن زمين جي شين مان ڇا پيدا ڪيو آهي يا آسمانن ۾ انهن جو ڪو پائيچارو آهي ڇا. جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته مون وٽ هن کان اڳ آيل ڪو ڪتاب يا ڪا علمي سَنَد آڻيو (٤) ۽ ان کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي جيڪو الله کان سواءِ اهڙن بتن کي سڏي ٿو جيڪي قيامت تائين اُن کي جواب ڏئي نه سگهن ۽ اهي بت انهن جي سڏڻ کان ئي بي خبر آهن (٥) ۽ جڏهن ماڻهو قيامت ۾ گڏ ڪيا ويندا ته اهي بت انهن جا دشمن ٿيندا ۽ انهن جي پوڄا جو انڪار ڪندا (٦) ۽ جڏهن انهن کي اسان جون پڌريون آيتون پڙهي ٻڌائيبيون آهن ته ڪافر پاڻ وٽ آيل حق (قرآن) جي باري ۾ چوندا آهن ته هي ته پڌرو جادو آهي (٧) بلڪ چوندا آهن ته ان کي هن (پيغمبر) پاڻ ٺاهيو آهي. اي پيغمبر! کين چئو ته جيڪڏهن مون ان کي پاڻ ٺاهيو هجي ته توهان الله جي اڳيان مون کي ڇڏائڻ جو ڪو اختيار نٿا رکو جنهن ڳالهه کي توهان قرآن بابت پچاريو ٿا الله ان کي چگي طرح ڄاڻندڙ آهي. منهنجي ۽ توهان جي وچ۾ الله شاهد ڪافي آهي. ۽ اهو بخشڻهار مهربان آهي (٨) اي پيغمبر! کين چئو ته مان پيغمبرن مان ڪو نئون رسول نه آهيان ۽ مان نڏو ڄاڻان ته مون سان ۽ توهان سان ڇا ٿيندو. جيڪو مون ڏانهن وحي ڪيو وڃي ٿو مان ان کان سواءِ ڪنهن ٻي ڳالهه جي تابعداري نه ڪندو آهيان ۽ مان صرف پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٩) اي پيغمبر! کين چئو ته خبر ڏيو ته جيڪڏهن اهو قرآن الله جي طرفان آيل هجي ۽ توهان ان جو انڪار ٿا ڪيو ۽ بني اسرائيلن مان هڪڙي شاهد شاهدي ڏني آهي ته هي قرآن توريت ۽ انجيل جهڙو آهي ۽ ان ايمان به آندو آهي پر توهان وڏائي ڪئي آهي ته پوءِ بيشڪ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نه ڏيندوآهي (١٠)[1] ۽ جن ڪفر ڪيو آهي سي ايمان وارن لاءِ چون ٿا ته جيڪڏهن اهو دين ڀلو هجي ها ته اهي ان ڏانهن اسان کان اڳرائي نه ڪن ها. ۽ جڏهن ڪافر ان سان هدايت نٿا وٺن ته چون ٿا ته هي پراڻو ڪوڙ آهي (١١) ۽ هن کان اڳي موسيٰ جو ڪتاب رهنما ۽ رحمت هو ۽ هي ڪتاب عربي ٻولي ۾ ان جي تصديق ڪندڙ آهي ته جيئن ظالمن کي ڊيڄاري ۽ نيڪ ماڻهن کي

خوشخبري ڏَئي (١٢) بيشڪ اهي جن چيو تہ اسان جو پالڻهار الله آهي پوءِ ثابت قدم رهيا تہ انهن کي نہ خوف آهي ۽ نہ غمگين ٿيندا (١٣) اُهي جنت وارا آهن، جيڪي عمل ڪندا هيا انهن جي عيوض ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن (١٤) ۽ اسان ماڻهن کي پنهنجي ماءُ، پيءُ سان پلائي ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي، سندس ماءُ ڪيس تڪليف سان پيٽ ۾ رکيو ۽ ڪيس تڪليف سان جڻيائين، ۽ ان کي پيٽ ۾ ڪڻڻ ۽ ان کان ٽج ڇڏائڻ تائين (جو مدو) ٽيهہ مهينا آهي، نيٺ جڏهن پنهنجي جواني کي پهچي ٿو ۽ چاليهن سالن جو ٿئي ٿو تہ چوي ٿو تہ اي منهنجا رب! مون کي توفيق ڏي تہ جيڪو تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي احسان ڪيو مان تنهنجي ان نعمت جو شڪر ادا ڪريان ۽ چڱا ڪم ڪريان جنهن کان تون راضي ٿين ۽ منهنجي لاءِ منهنجي اولاد ۾ سڌارو ڪر، بيشڪ مان تنهنجي طرف رجوع ڪيان ٿو ۽ بيشڪ مان مسلمانن مان آهيان (١٥) هي اهي آهن جن جا جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن سي قبول ڪندا آهيون ۽ انهن جي ڪوتاهين کان درگذر ڪندا آهيون، اهي جنت وارن ۾ هوندا، جيڪو انهن سان واعدو ڪيو وڃي ٿو سو سچو آهي (١٦) ۽ اهو جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ کي چوي ٿو تہ حيف هجيوَ چا مون کي دڙڪو ڏيو ٿا تہ قبر مان ڪڍيو ويندس جڏهن تہ مون کان اڳ ماڻهن جون ڪيئي پيڙهيون گذري چڪيون، آهن، اُهي ٻيئي (ماءُ پيءُ) الله کي ٻاڌائيندا آهن ۽ چوندا اٿس تہ ويل پويئي ايمان آڻ، بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي، پوءِ چوندو آهي تہ هي تہ رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن (١٧) هي اهي آهن جن تي اهڙي سزا لازم ٿي ويندي جهڙي انهن ٽولن تي ٿي جيڪي جِنن ۽ انسانن مان انهن کان اڳي گذري ويا آهن، بيشڪ اهي نقصان وارا هئا (١٨) ۽ هرهڪ جي لاءِ عمل جي مطابق درجا آهن تہ جيئن الله انهن کي سندن عمل جو پورو پورو بدلو ڏئي، انهن تي ظلم نہ ٿيندو (١٩) ۽ جنهن ڏينهن ڪافر باهہ وٽ پيش ڪيا ويندا تہ انهن کي چيو ويندو تہ توهان پنهنجي دنيا واري حياتي ۾ نعمتون وٺي چُڪوَ ۽ انهن سان مزا ماڻيوَ سو اڄ توهان کي ان ڪري خواري واري عذاب جي سزا ڏني ويندي جو توهان زمين ۾ ناحق وڏائي ڪندا هئا ۽ هن ڪري بہ جو توهان نافرماني ڪندا هئا (٢٠)[2] ۽ اي پيغمبر! ڪين عاد جي ياءُ هود جو قصو ٻڌاءِ، جڏهن پنهنجي قوم کي احقاف

جي وادي ۾ ڊيڄاريائين، ۽ ان کان اڳي توڙي پوءِ ٻيا ٻه ڪيترائي ڊيڄاريندڙ گذريا آهن، ته الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو. بيشڪ مان توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو (٢١) چيائون ته ڇا تون اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين ته اسان کي پنهنجن معبودن کان ڦيرائين، پوءِ جيڪڏهن سچن مان آهين ته اسان تي اهو عذاب آڻ جنهن جي اسان کي ڌمڪي ڏين ٿو (٢٢) هود چيو ته ان جي خبر رڳو الله کي آهي، مان ته توهان کي اهو پيغام پهچايان ٿو جنهن سان موڪليو ويو آهيان پر مان ڏسان ٿو ته توهان جاهل ماڻهو آهيو (٢٣) پوءِ جڏهن ان عذاب کي ان ڪر جي صورت ۾ ڏٺائون جيڪو انهن جي وادين جي سامهون ايندو هو ته چيائون ته هي اسان تي وسڻ وارو ڪر آهي، هود چيو ته نه، بلڪ هي ته اهو عذاب آهي جنهن جي توهان تڪڙ ٿي ڪئي، اهو هڪ طوفان آهي جنهن ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٢٤) جيڪو پنهنجي رب جي حڪم سان هر شي کي تباهه ڪندو. پوءِ اهڙا ناس ٿيا جو سندن خالي گهرن کان سواءِ ڪجهه ڏسڻ ۾ نٿي آيو. اسان ڏوهاري ماڻهن کي اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون (٢٥) ۽ بيشڪ اسان انهن کي اهڙي جاءِ ڏني هئي جو توهان کي به اهڙي جاءِ نه ڏنيسين ۽ انهن کي ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ڏنيون هيونسين، پوءِ سندن ڪنن ۽ اکين ۽ دلين ڪجهه نه تاريو جو الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ انهن کي ان عذاب گهيري ورتو جنهن تي ٽوڪون ڪندا هئا (٢٦)[3] ۽ بيشڪ توهان جي آس پاس جيڪي ڳوٺ آهن سي تباهه ڪياسين ۽ طرحين طرحين نشانيون پڌريون ڪيونسين ته من اُهي مڪي وارا ڪفر کان مڙي وڃن (٢٧) پوءِ جن کي الله کان سواءِ قرب حاصل ڪرڻ لاءِ معبود بڻايو هئائون تن انهن جي مدد ڇو نه ڪئي، بلڪ اهي انهن کان گم ٿي ويا ۽ جيڪو ناهه ناهيندا هيا اهو انهن جو ڪوڙ هو (٢٨) ۽ ياد ڪر، جڏهن اسان تنهنجي طرف قرآن ٻڌڻ جي واسطي جنن مان هڪ ٽولو لاٽوسين، پوءِ جڏهن اتي پهتا ته پاڻ ۾ چيائون ته ماڻ ڪيو پوءِ جڏهن تلاوت پوري ٿي ته ايمان آڻي پنهنجي قوم ڏانهن ڊيڄاريندڙ ٿي موٽيا (٢٩) چيائون ته اي اسان جي قوم! اسان اهڙو ڪتاب ٻڌو آهي جيڪو موسيٰ کان پوءِ نازل ٿيو آهي ۽ اڳين ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو حق ڏانهن ۽ سڌي واٽ ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو (٣٠) اي اسان جي قوم! الله ڏانهن سڏيندڙ جو سڏ

قبول ڪيو ۽ ان تي ايمان آڻيو تہ الله توهان جا گناهہ معاف ڪري ۽ توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائي (۳۱) ۽ جيڪو الله ڏانهن سڏيندڙ جي ڳالهہ نہ ميڃيندو تہ اهو زمين ۾ ڀڄي عاجز ڪندڙ ڪونهي ۽ الله کان سواءِ ان جي لاءِ مددگار نہ هوندا. اهي کليل گمراهي ۾ هوندا (۳۲) ڇا انهن نہ ڏٺو آهي تہ بيشڪ اهو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ نہ ٿڪو. بيشڪ اهو مئلن کي جيئرو ڪرڻ جي قدرت رکي ٿو. هائو بيشڪ اهو هر شي تي وس وارو آهي (۳۳) ۽ جنهن ڏينهن ڪافر باهہ وٽ پيش ڪيا ويندا، انهن کي چيو ويندو تہ ڇا هي سچ نہ آهي، چوندا تہ اسان جي رب جو قسم تہ سچ آهي، چيو ويندو تہ پوءِ عذاب چکو جو توهان ڪفر ڪندا هيا (۳٤) پوءِ اي پيغمبر! صبر ڪر جيئن رسولن مان همت وارن صبر ڪيو هو ۽ انهن لاءِ تڪڙ نہ ڪر. جنهن ڏينهن اهي قيامت ڏسندا جنهن جو انهن کي واعدو ڏنو ويو ٿو تہ سمجهندا تہ دُنيا ۾ ڏينهن جي هڪ گهڙي کان سواءِ نہ رهيا هيا. اهو پيغام پهچاءِ پوءِ نافرمان ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪو هلاڪ نہ ڪبو (۳۵)[4]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت محمد مدني آهي، هن ۾ 38 آيتون ۽ 4 رڪوع آهن

جن ڪفر ڪيو ۽ ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪيائون تہ الله انهن جا عمل برباد ڪري ڇڏيا (۱) ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ جيڪو محمد (ﷺ) تي نازل ڪيو ويو آهي ان تي بہ ايمان آندائون ۽ اهو آهي بہ سندن رب وٽان حق آيل تہ الله انهن جون مَدايون ميٽي ڇڏيندو ۽ سندن حالت سنواريندو (۲) اهو ان ڪري جو جن ڪفر ڪيو آهي انهن باطل جي پيروي ڪئي آهي ۽ جن ايمان آندو آهي تن پنهنجي رب کان آيل حق جي تابعداري ڪئي آهي، الله اهڙي طرح ماڻهن لاءِ اهڙا مثال بيان ڪندو آهي (۳) پوءِ جڏهن ڪافرن سان توهان جو ٽڪراءُ ٿئي تہ انهن جي ڪنڈن تي وار ڪيو. ايستائين جو جڏهن انهن کي خوب ڪمزور ۽ مغلوب ڪري ڇڏيو تہ پوءِ قيدين کي رسا ٻڌو. پوءِ ان کان بعد چاهيو تہ احسان ڪري ڇڏي ڏيون يا فديو وٺو تان جو لڑائي ڪرڻ وارا پنهنجا هٿيار

رکي ڇڏين. اهو حڪم آهي ۽ الله چاهي ها تہ پاڻ ئي انهن کان بدلو وٺي ها پر توهان مان هڪڙن کي ٻين سان پرکي ٿو ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ قتل ٿين ٿا الله ڪڏهن بہ انهن جا عمل ضايع نہ ڪندو (٤) جلد انهن کي سڌي راهہ ڏيکارينڈو ۽ انهن جي حالت سڌارينڈو (٥) ۽ انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو جنهن جو کين ڄاڻايو اٿس (٦) اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندو تہ الله توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جا قدم جمائيندو (٧) ۽ جن ڪفر ڪيو آهي انهن لاءِ تباهي آهي ۽ الله سندن عمل چٽ ڪري ڇڏيا (٨) اهو ان ڪري جو الله جيڪو نازل ڪيو تنهن کي انهن پسند نہ ڪيو پوءِ الله سندن عمل رد ڪري ڇڏيا (٩) زمين ۾ گهميا ڦريا نہ آهن ڇا جو ڏسن تہ انهن کان اڳين جو ڪهڙو انجام ٿيو. الله انهن تي تباهي سٽي ۽ انهن ڪافرن لاءِ اهي تاريخي مثال آهن (١٠) هي ان ڪري تہ جن ايمان آندو آهي الله انهن جو سڄڻ آهي ۽ ڪافرن جو ڪوبہ ساٿي نہ آهي (١١)[1] بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ الله انهن کي باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن. ۽ جن ڪفر ڪيو آهي سي دنيا جو نفعو ونندا آهن ۽ ائين کائيندا آهن جيئن جانور کائيندا آهن ۽ باهہ انهن جو ٺڪاڻو آهي (١٢) ۽ اي پيغمبر! جنهن ڳوٺ (مڪي) مان توکي ٻاهر ڪڍيو اٿن ڪيترائي ڳوٺ ان ڳوٺ کان طاقت ۾ وڌيڪ هئا جن کي اسان تباهہ ڪيو پوءِ انهن جو ڪوبہ مددگار نہ هو (١٣) پوءِ جيڪو پنهنجي رب کان مليل دليل تي هلندو هجي سو ان جهڙو آهي ڇا جنهن کي پنهنجا برا عمل چڱا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ جيڪي پنهنجن سَڏن پٺيان هلن ٿا (١٤) جنهن جنت جو پرهيزگارن سان واعدو ٿيل آهي. ان ۾ اهڙي پاڻي جون نديون آهن جو ڪڏهن بہ خراب نہ ٿيندیون ۽ کير جون اهڙيون نهرون جن جو ذائقو نہ بدلبو ۽ اهڙي شربت جون نهرون آهن جنهن ۾ پيئندڙن لاءِ لذت آهي ۽ پاڪ شفاف ماکي جون نهرون بہ آهن. ۽ انهن لاءِ ان ۾ هر قسم جا ميوا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار وٽان بخشش آهي. اهي انهن جهڙا آهن ڇا جيڪي سدائين باهہ ۾ رهندا ۽ انهن کي تهڪندڙ پاڻي پياريو ويندو جيڪو انهن جا آنڊا ڪپي ڇڏيندو (١٥) ۽ انهن منافقن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي

ظاهري طرح توڏانهن ڪن ڏئي ٻُڌندا آهن. پر جڏهن تو وٽان نڪري ٻاهر ويندا آهن تہ جن کي علم ڏنو ويو آهي تن کي ٽوڪ ڪري چوندا آهن تہ هاڻي اُن (پيغمبر) چا چيو اِهي اُهي آهن جن جي دلين تي الله مُهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ پنهنجي سڏن جي پيروي ڪري رهيا آهن (١٦) ۽ جن سڏو رستو ورتو آهي الله کين ايمان وڌيڪ هدايت بخشي ٿو ۽ انهن کي پرهيزگاري عطا ڪري ٿو (١٧) پوءِ ڪافر پاڻ تي قيامت اچڻ لاءِ ترسيا وينا آهن چا، اها مٿن اوچتو اچي ڪڙڪندي، بيشڪ ان جون نشانيون تہ اچي چڪيون آهن پوءِ جڏهن اها اچي ويندي تہ پوءِ انهن کي نصيحت ڪهڙو فائدو ڏيندي (١٨) پوءِ اي پيغمبر! ڄاڻي ڇڏ تہ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي ۽ اي محبوب! پنهنجي ۽ مومنن ۽ مومنياڻين جي تدبيري ڪوتاهين جي معافي لاءِ دعا گهر. الله کي توهان جي گهمڻ ڦرڻ جون جايون ۽ توهان جي آرام ڪرڻ جون جايون معلوم آهن (١٩)[2] ۽ جن ايمان آندو آهي سي چوندا آهن تہ جهاد لاءِ ڪا سورت چو نازل نٿي ٿئي. پوءِ جڏهن پڌري سورت نازل ٿي آهي جنهن ۾ جهاد جو حڪم ڪيل آهي تہ جن جي دلين ۾ مرض آهي تون انهن کي ڏسين ٿو تہ توڏانهن ان ماڻهو وانگر ڏسن ٿا جنهن تي موت ڇانيل هجي. پوءِ اهوئي انهن لاءِ مناسب آهي (٢٠) فرمانبرداري ڪرڻ ۽ چڱي ڳالهہ چوڻ بهتر آهي. پوءِ جڏهن جهاد جو حڪم پڪو ٿي ڇُڪي تہ انڪار نہ ڪن. جيڪڏهن الله سان سچا رهن تہ انهن جو ڀلو آهي (٢١) پوءِ توهان جا اهي لڇڻ آهن جو جيڪڏهن توهان حاڪم ٿيو تہ زمين ۾ فساد ڪندو ۽ پنهنجي مٽي مائٽي جا لاڳاپا توڙي ڇڏيو (٢٢) اِهي اُهي آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي. پوءِ انهن کي ٻوڙو ڪيو اٽس ۽ انهن جون اکيون انڌيون ڪيون اٽس (٢٣) چا پوءِ اهي قرآن ۾ ڏيان نہ ڪندا آهن يا انهن جي دلين تي تالا لڳل آهن (٢٤) بيشڪ اهي جيڪي ان کان پوءِ جو انهن لاءِ هدايت جي واٽ ظاهر ٿي چڪي آهي پنهنجي پٺي ڏئي ڦري ويا آهن تن کي شيطان گمراهي سولي ڪري ڏني آهي. ۽ انهن کي دُنيا ۾ گهٽي مدت رهڻ جي اميد ڏياري اٽس (٢٥) اهو هن ڪري آهي جو اهي منافق ڪافرن کي چون ٿا تہ الله جيڪي نازل ڪيو آهي تنهن کي ناپسند ڪيو تہ ڪجهہ

ڪمن ۾ اسان توهان جي تابعداري ڪنداسين، پر الله انهن جون ڳجهيون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي (٢٦) پوءِ جڏهن ملائڪ انهن جي منهن تي ۽ پٺين تي ڏڪ هڻي انهن جو روح قبض ڪندا تہ انهن جو ڪهڙو حال هوندو (٢٧) اها سزا هن ڪري هوندي جو انهن اهڙين ڳالهين جي پيروي ڪئي جن ۾ الله جي ناراضگي آهي ۽ ان جي رضا کي ناپسند ڪيائون، تنهنڪري الله سندن عمل ڇٽ ڪري ڇڏيا (٢٨)[3] جن (منافقن) جي دلين ۾ بيماري آهي سي هن گمان ۾ آهن ڇا تہ الله انهن جي لڪل ساڙ کي ظاهر نہ ڪندو (٢٩) ۽ جيڪڏهن اسان گهرون تہ توکي اهي منافق ڏيکاريون جو تون انهن جي چهرن مان کين سڃاڻي وٺين، ۽ ضرور تون انهن کي ڳالهائڻ جي انداز مان سڃاڻي وٺندين، ۽ الله توهان جا عمل ڄاڻندڙ آهي (٣٠) ۽ اسان توهان کي ضرور پرکينداسين جو توهان منجهان مجاهدن ۽ صبر ڪرڻ وارن جي خبر پئجي ويجي ۽ توهان جون خبرون ظاهر ڪريون (٣١) بيشڪ جن هدايت ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو آهي ۽ الله جي راهہ کان ماڻهن کي روڪين ٿا ۽ رسول جي مخالفت ڪن ٿا اهي الله جو ڪوبہ نقصان نہ ڪندا، ۽ سگهو الله انهن جا عمل ڇٽ ڪندو (٣٢) اي ايمان وارو! الله جو حڪم مڃو ۽ رسول جو چيو مڃو ۽ پنهنجا عمل نہ وڃايو (٣٣) بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي راهہ کان ماڻهن کي روڪيائون پوءِ ڪافر ٿي مُئا تہ الله هرگز انهن کي نہ بخشيندو (٣٤) سو اي مسلمانو! توهان سُستي نہ ڪريو ۽ پاڻ صلح جي طرف نہ سڏيو ۽ توهان ئي غالب ايندو ۽ الله توهان سان گڏ آهي ۽ توهان کي توهان جي عملن ۾ هرگز نقصان نہ ڏيندو (٣٥) دنيا جي حياتي تہ فقط راند روند آهي، ۽ جيڪڏهن توهان ايمان آڻيو ۽ پرهيزگاري ڪندو تہ الله توهان کي توهان جو ثواب ڏيندو ۽ توهان کان توهان جو مال ملڪيت نہ گهرندو (٣٦) جيڪڏهن الله توهان کان مال گهري ۽ طلب ڪرڻ ۾ توهان کي تنگ ڪري تہ توهان ڪنجوسي ڪندا ۽ اها ڳالهہ توهان جي کوٽاين کي ظاهر ڪندي (٣٧) خبردار! توهان اهي ماڻهو آهيو جو توهان کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ سڏيو وجي ٿو تہ توهان مان کي اهڙا آهن جيڪي بخيلي ڪن ٿا ۽ ياد رکو جيڪي بخيلي ڪن ٿا اهي پنهنجي ئي نقصان ۾ بخيلي ڪن ٿا، ۽

الله آسودو آهي ۽ توهان سمورا محتاج آهيو ۽ جيڪڏهن توهان منهن موڙيندو تہ اهو توهان کان سواءِ ٻيا ماڻهو آڻيندو جيڪي توهان جهڙا بخيل نہ هوندا (۳۸)[4]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي سان شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت فتح مدني آهي، هن ۾ 29 آيتون ۽ 4 رڪوع آهن

اي پيغمبر! بيشڪ اسان توکي پڌري سوپ واري فتح ڏنيسين (۱) جيئن الله توکي جيڪو اڳي قصور ٿيو ۽ جيڪو پوءِ ٿيڻو آهي سو بخشي ۽ توتي پنهنجي نعمت پوري ڪري ۽ توکي سڌي وات ڏيکاري (۲) ۽ الله زبردست مدد سان توکي سوپارو ڪري (۳) اهو الله آهي جنهن مومنن جي دلين ۾ سڪون نازل ڪيو جيئن ايمان سان گڏ انهن جو يقين وڌي ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا ئي آهن ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٤) جيئن مومنن ۽ مومنياڻين کي باغن (بهشت) ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون جاري آهن انهن ۾ سدائين رهندا ۽ الله انهن کان انهن جون خدايون ميٽي ڇڏي ۽ اها الله وٽ وڏي ڪاميابي آهي (۵) ۽ جيئن منافقن ۽ منافقياڻين ۽ مُشرکن ۽ مُشرڪياڻين کي عذاب ڏئي جو اهي الله بابت بيڄڙو گمان رکندا آهن، انهن تي بُري گردش هجي! ۽ الله انهن تي ڏمريو آهي ۽ انهن تي لعنت ڪيائين ۽ انهن لاءِ جهنم تيار ڪيائين، ۽ اهو بيڄڙو هنڌ آهي (٦) ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا آهن، ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي (۷) بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄارينڊڙ ڪري موڪليو آهي (۸) تہ جيئن ماڻهو الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻين ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان جو احترام ڪن، صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪن (۹) بيشڪ اهي جيڪي تنهنجي بيعت ڪن ٿا اهي تہ الله جي ئي بيعت ڪن ٿا، انهن جي هٿن مٿان الله جو هٿ آهي، پوءِ جيڪو عهد ٽوڙيندو تہ اهو پنهنجي نقصان جي واسطي واعدو ٽوڙيندو ۽ جنهن الله سان ڪيل واعدو وفا ڪيو تہ سگهو الله ان کي وڏو ثواب ڏيندو (۱۰)[1] اي پيغمبر! هاڻي توکي بدوين مان پنتي رهجي ويل چوندا تہ اسان کي حديبيہ واري سفر ۾ اسان جي مال ملڪيت ۽ اسان جي

گهر ٻار وڃڻ کان روڪي وڏو هو هاڻي اسان جي لاءِ بخشش گُهر. اهي پنهنجي زبان سان اها ڳالهه چوندا جيڪا سندن دلين ۾ ڪانهي. کين چئو ته جيڪڏهن الله توهان جو نقصان ڪرڻ چاهي يا توهان سان پَلائي ڪرڻ جو ارادو ڪري ته ان جي سامهون توهان جي ڪير مالڪي ڪندو بلڪ جيڪي ڪندا آهيو الله تنهن جي خبر رکندڙ آهي (١١) بلڪ توهان جو گمان هو ته رسول ۽ مومن ڪڏهن به پنهنجي گهرن ڏانهن واپس نه ايندا ۽ اها ڳالهه توهان جي دلين کي وٺي ٻئي ۽ توهان تمام بُرو گمان ڪيو هو سو توهان برباد ٿيل قوم آهيو (١٢) ۽ جن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان نه آندو ته بيشڪ اسان انهن ڪافرن جي لاءِ ٻڑڪندڙ باهه تيار ڪئي آهي (١٣) ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي. جنهن کي وٺيس تنهن کي بخشي ۽ جنهن کي گُهري تنهن کي عذاب ڪري. ۽ الله بخشٽهار مهربان آهي (١٤) هاڻي جڏهن توهان مال غنيمت هٿ اچڻ واري جهاد لاءِ ويندو ته پنتي رهجي ويل چوندا ته اسان کي به ڇڏيو ته توهان سان هلون. اهي الله جي ڪلام کي بدلائڻ گُهرن ٿا. اي پيغمبر! کين چئو ته توهان ڪڏهن به اسان سان گڏجي نه هلجو الله اڳيئي ايئن فرمائي ڇڏيو آهي. پوءِ هڪدم چوندا ته نه ائين ڪونهي. بلڪ توهان اسان سان ساڙ ڪريو ٿا. بلڪ اهي ٿوري ڳالهه کان سواءِ ڪجهه نٿا سمجهن (١٥) اي پيغمبر! انهن بدوين مان پنتي رهجي ويندڙن کي چئو ته سگهو توهان کي هڪ سخت ويڙهاڪو قوم سان لڙائي ڏانهن سڏيو ويندو جو انهن سان ويڙهه ڪندا رهندو جيستائين اهي مسلمان ٿين. پوءِ جيڪڏهن توهان چيو مڃيندا ته الله توهان کي ڀلو اجر ڏيندو ۽ جيڪڏهن ائين پٺي ڏيندو جيئن اڳي پٺي ڏني هيوَ ته الله توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو (١٦) البت. جهاد کان رهجي وڃڻ ۾ انڌي تي گناهه نه آهي ۽ نه منڊي تي گناهه آهي ۽ نه بيمار تي پڪڙ آهي. ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جو حڪم مڃيندو ته الله ان کي باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽ جيڪو منهن موڙيندو ته ان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو (١٧)[2] اي پيغمبر! بيشڪ الله ايمان وارن کان راضي ٿيو جڏهن وڻ جي هيٺان تنهنجي بيعت ڪيائون. پوءِ جيڪو انهن جي دلين ۾ هو سو الله کي معلوم هو. پوءِ انهن تي دل جو اطمينان لاٿائين ۽ انهن کي جلد ملڻ واري سوب عطا ڪيائين (١٨)

ڇ گھٽيون ئي غنيمتون جن کي اهي هٿ ڪندا ڇ الله زبردست حڪمت وارو آهي (١٩) ڇ الله توهان سان تمام گھٽين غنيمتن جو واعدو ڪيو آهي جن کي هٿ ڪندو پوءِ هي خيبر جي غنيمت توهان کي تڪڙي عطا ڪيائين ڇ ماڻهن (ڪافرن) جا هٿ توهان کان روڪي ڇڏيائين ته جيئن ايمان وارن جي لاءِ نشاني ٿئي ڇ الله توهان کي سڌي واٽ ڏيکاري (٢٠) ڇ هڪ ٻي سوڀ ب جنهن تي اڃا قادر نه ٿيا آهيو جڏهن ته الله ان کي گھيرو ڪيو آهي ڇ الله هر شي تي وس وارو آهي (٢١) ڇ جيڪڏهن ڪافر توهان سان لڙائي ڪن ها ته ضرور توهان جي مقابلي ۾ پٺي ڏئي پڃن ها. پوءِ نه کو حمايتي ڇ نه کو مددگار لهن ها (٢٢) الله جو اهو طريقو آهي جيڪو اڳي کان هلندو اچي ٿو ڇ اي پيغمبر! تون الله جي طريقي ۾ ڪڏهن ب ڦيرڦار نه ڏسندين (٢٣) ڇ اهو الله ئي آهي جنهن مڪي جي وادي ۾ توهان کي انهن تي سوپارو ڪرڻ کان پوءِ انهن جا هٿ توهان کان روڪيا ڇ توهان جا هٿ انهن کان روڪائين ڇ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي الله ڏسندڙ آهي (٢٤) اي مسلمانو! اِهي اُهي آهن جن ڪفر ڪيو ڇ توهان کي مسجدالحرام کان روڪيائون ڇ قرباني جا جانور ب جهليائون ته جيئن پنهنجي جاءِ تي پهچڻ کان رڪيل رهن. ڇ جيڪڏهن اتي مڪي ۾ مومن ڇ کي مومنياڻيون نه هجن ها جن کي توهان نه ڄاڻندا آهيو ڇ بي خبري ۾ توهان انهن کي نقصان پهچائي وجهو ها ڇ پوءِ توهان کي انهن جو صدمو پهچي ها. ته هاڻي ئي فتح ٿئي ها ڇ دير هن ڪري ٿي ته الله جنهن کي گھري پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ڇ جيڪڏهن اهي ٻئي ٽوليون ڌار هجن ها ته ضرور اسان انهن مان ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب ڪيون ها (٢٥) ياد ڪريو جڏهن ڪافرن پنهنجي دل ۾ هوڏ ڪئي. ساڳي جاهليت جي زماني واري هوڏ ته پوءِ الله پنهنجي رسول تي ڇ ايمان وارن تي پنهنجو اطمينان نازل ڪيو ڇ انهن کي پرهيزگاري جي ڪالهه تي ثابت رکيائين ڇ اهي ان جا حقدار ڇ ان جا اهل هُئا ڇ الله سڀ ڪنهن شي کي ڄاڻندڙ آهي (٢٦)[3] بيشڪ الله پنهنجي رسول جو خواب حق سان سچو ڪيو ته جيڪڏهن الله گھريو (انشاء الله) ته امن ڇ امان سان پنهنجي مٿي جا وار ڪوڙائي يا ڪٽائي توهان مسجدالحرام ۾ ضرور داخل ٿيندو ڇ نه ڊڄندو سو ان کي سڀ علم آهي جيڪو توهان کي معلوم نه آهي. پوءِ ان جي پٺيان

خيبر جي هڪ ويجهي سوپ مقرر ڪيائين (۲۷) اهو الله ئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو آهي تہ ان دين کي سمورن دينن تي غالب ڪري ۽ الله شاهد ڪافي آهي (۲۸) محمد الله جو رسول آهي، ۽ جيڪي ان سان گڏ آهن سي ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ نرم دل آهن. اي پيغمبر! تون انهن کي الله جو فضل ۽ رضا ڳولينديءِ رکوع ڪندي ۽ سجدا ڪندي ڏسندو آهين. سجدن جي اثر کان انهن جي نراڙ تي نشاني پڌري آهي. انهن جي اها صفت توريت ۾ آهي ۽ انهن جي صفت انجيل ۾ آهي. اهي ان پوک وانگر آهن جنهن پنهنجو سلو ڪڍيو. پوءِ ان کي مضبوط ڪيائين. پوءِ سخت ڏاندي تي پنهنجي تيلي تي سڌي تي بيني جو هارين کي ڀلي لڳندي آهي. سازَ ۽ حسد ۾ ڪافرن جي دل سازي ٿي. جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون الله انهن سان بخشش ۽ وڏي ثواب جو واعدو ڪيو آهي (۲۹)[4]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مهربان آهي

سورت حجرات مدني آهي. هن ۾ 18 آيتون ۽ 2 رکوع آهن

اي ايمان وارو! الله ۽ ان جي رسول کان ڪنهن ڳالهہ ۾ اڳرائي نہ ڪريو ۽ الله کان ڊجو بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي (۱) اي ايمان وارو! ڳالهائڻ مهل پنهنجو آواز هن نبي جي آواز کان مٿي نہ ڪريو ۽ ان سان وڏي آواز سان ٻہ نہ ڳالهايو جيئن توهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان زور سان ڳالهائيندا آهيو متان توهان جا عمل چٽ ٿي وڃن ۽ توهان کي خبر ٻہ نہ هجي (۲) بيشڪ جيڪي پنهنجو آواز الله جي رسول وٽ جهڪو رکندا آهن اُهي ئي آهن جن جي دلين کي الله پرهيزگاري لاءِ پرکيو آهي. انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي (۳) بيشڪ جيڪي توکي حُجري جي ٻاهران ٻيهي سڏيندا آهن انهن مان گهڻا بي سمجهہ آهن (٤) ۽ جيستائين تون پاڻ انهن ڏانهن نڪري اچين ها تيستائين جيڪڏهن اُهي صبر ڪن ها تہ اهو انهن جي لاءِ بهتر هو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (۵) اي ايمان وارو! جيڪڏهن ڪو فاسق ماڻهو توهان وٽ ڪا خبر آڻي تہ پهريائين جاچ ڪريو جو متان ڪنهن قوم کي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪا تڪليف ڏئي وجهو پوءِ

جيڪي ڪري وجهو تہ پنهنجي ان ڪئي تي پشيمان ٿيو (٦) ۽ اي مسلمانو! ڄاڻو تہ بيشڪ توهان ۾ الله جو رسول موجود آهي، جيڪڏهن گهڻن معاملن ۾ توهان جو چيو مڃيندو تہ توهان ڏکيا ٿيندوَ پر الله توهان کي ايمان جي محبت ڏياري آهي ۽ ان کي توهان جي دلين ۾ سينگاريو آهي ۽ ڪفر ۽ گناهہ ۽ نافرماني خلاف توهان ۾ نفرت پيدا ڪئي آهي، اهي ئي ماڻهو سڌي رستي وارا آهن (٧) انهن تي الله جو فضل ۽ احسان ٿيو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٨) ۽ جيڪڏهن مسلمانن جا ٻہ ٽولا پاڻ ۾ وڙهي پون تہ انهن ۾ صلح ڪرايو پوءِ جيڪڏهن انهن مان هڪڙي ڏر ٻي تي زيادتي ڪري تہ ان زيادتي ڪرڻ واري ڏر سان ايستائين وڙهو جو اها الله جي حڪم ڏانهن موٽي اچي، پوءِ جيڪڏهن موٽي اچي تہ انهن ۾ انصاف ۽ عدل سان ناهہ ڪريو ۽ انصاف سان هلو بيشڪ الله انصاف ڪرڻ وارن کي پسند ڪندو آهي (٩) بيشڪ مومن پاڻ ۾ ڀائر آهن، پوءِ پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾ ناهہ ڪرايو ۽ الله کان ڊجو تہ جيئن توهان تي رحم ڪيو ويجي (١٠)[1] اي ايمان وارو! هڪڙا ماڻهو ٻين ماڻهن تي ٽوڪ نہ ڪن شايد اهي ٽوڪ ڪندڙن کان ڀلا هجن ۽ نہ عورتون ٻين عورتن تي ٺٺول ڪن شايد اهي ٺٺولي ڪرڻ وارين کان سٺيون هجن ۽ هڪ ٻئي جا عيب نہ ڪيو ۽ هڪ ٻئي کي خراب لقب نہ ڏيو ايمان آڻڻ کان پوءِ خراب نالو ونڊ بچڙائي آهي ۽ جيڪي ماڻهو توبهہ نہ ڪندا تہ اهي ئي ظالم آهن (١١) اي ايمان وارو! گهڻن شڪن ڪرڻ کان پاسو ڪيو بيشڪ کي شڪ گناهہ آهن ۽ عيب تلاش نہ ڪريو ۽ نہ هڪ ٻئي جي گلا ڪريو ڇا توهان مان ڪو پسند ڪندو تہ پنهنجي مُئل ڀاءُ جو گوشت کائي جنهن کان توهان ڪرپ ڪندا آهيو ۽ الله کان ڊجو، بيشڪ الله توبهہ قبول ڪندڙ مهربان آهي (١٢) اي انسانو! بيشڪ اسان توهان کي هڪ نر (مرد) ۽ هڪ مادي (عورت) مان پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي ذاتيون ۽ قبيلا ڪيوسين جيئن هڪ ٻئي کي سڃاڻو، بيشڪ الله وٽ توهان مان زيادهہ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي، بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي (١٣) بدوي چوندا آهن تہ اسان ايمان آندو آهي، اي پيغمبر! کين چئو تہ توهان ايمان نہ آندو آهي، پر ائين چئو تہ اسان

تابعدار ٿيا آهيون ۽ توهان جي دلين ۾ ايمان داخل نه ٿيو آهي، ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪندو ته توهان جي عملن مان ڪجهه به گهٽ نه ڏيندو، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٤) مومن ته رڳو اهي آهن جن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آندو ۽ پوءِ ڪوبه شڪ نه ڪيائون ۽ پنهنجي جان ۽ مال سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪيائون، اهي ئي سچا آهن (١٥) اي پيغمبر! کين چئو ته توهان الله کي پنهنجو دين جتايو ٿا ڇا، بيشڪ جيڪي آسمانن ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله ڄاڻندو آهي، ۽ الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي (١٦) اي محبوب! اُهي توتي ٿورو ٿا ڪن ته مسلمان ٿيا آهيون، کين چئو ته مون تي پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو احسان نه ڪيو، بلڪ جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته الله توهان تي احسان ڪيو آهي جو توهان کي ايمان لاءِ هدايت ڪيائين (١٧) بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين جا سڀ ڳجهه ڄاڻندڙ آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (١٨)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت ق مڪي آهي، هن ۾ 45 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن

ق، قرآن شريف جو قسم آهي (١) پر مڪي وارن کي هن ڳالهه تي عجب لڳي ٿو ته انهن وٽ انهن مان ئي هڪڙو ڊيڄارينڊڙ آيو آهي، پوءِ ڪافر چون ٿا ته هيءَ عجيب ڳالهه آهي (٢) ۽ چون ٿا ته جڏهن اسان مري ۽ مٽي ٿي ويندا سين ته وري زنده ٿينداسين، اهو وري جيئرو ٿيڻ عقل کان پري آهي (٣) زمين انهن جي جسمن مان جيڪي ڳاري گهٽائي ٿي اسان ڄاڻون ٿا ۽ اسان وٽ ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀ ڪجهه محفوظ آهي (٤) بلڪ جڏهن انهن وٽ حق آيو آهي ته ان کي ڪوڙو چون ٿا، سو اهي منجهيل حالت ۾ آهن (٥) ڇا انهن پنهنجي مٿان آسمان کي نه ڏٺو آهي ته اسان ان کي ڪيئن ٺاهيو ۽ سينگاريو آهي جو ان ۾ ڪٿي به ڪا ڦوٽ ڪونهي (٦) ۽ اسان زمين کي پکيڙيو آهي ۽ ان ۾ وزن (جبل) رکيا آهي ۽ ان ۾ هر قسم جون وٽندڙ جنسون ڄمايون آهن (٧) الله ڏانهن رجوع ڪندڙ هر ٻانهي جي اک کولڻ ۽ نصيحت لاءِ (٨) ۽ اسان آسمان مان برڪت وارو

پاڻي وسايون تا. پوءِ ان سان باغ ۽ لابارو ڪرڻ واري پوک ڄمايون تا (۹) ۽ ڪجيءَ جا ڍڳها وڻ ڄمايون تا جن جا گوشا ڏونڪن سان ستيل هوندا آهن (۱۰) اهو سڀ ڀانهن جي روزي لاءِ آهي ۽ ان پاڻي سان غير آباد شهرن کي آباد ڪيون تا. اهڙيءَ طرح قبرن مان نڪرڻ آهي (۱۱) انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽ رس جي ڳوٺ وارن ۽ ثمود وارن حق کي ڪوڙو چيو هو (۱۲) ۽ عاد وارن ۽ فرعون وارن ۽ لوط جي برادري وارن ڪوڙو چيو هو (۱۳) ۽ هُڙي ۽ جهنگ (ايڪا) وارن ۽ تبع جي قوم. سڀني رسولن کي ڪوڙو سمجهيو هو. پوءِ منهنجي عذاب جو انجام ثابت ٿيو (۱۴) پوءِ اسان پهرين پيري پيدا ڪرڻ سان ٿڪا آهيون چا. نہ بلڪ اهي نئين سر خلقڻ بابت شڪ ۾ آهن (۱۵)[1] ۽ بيشڪ اسان انسان کي پيدا ڪيو آهي ۽ اسان جاڻون ٿا ته سندس نفس ان کي کهڙا وسوسا وجهي ٿو ۽ اسان ان کي ساهه جي رڳ کان به ويڪ ويجها آهيون (۱۶) جڏهن ساڄي پاسي کان ۽ کاپي پاسي کان ويهي لکندڙ لکندا آهن (۱۷) اُهو انسان کا ڳالهه زبان مان نه ڪيندو آهي جنهن لاءِ ان وٽ هڪ نگهبان موجود نہ آهي (۱۸) ۽ موت جي سختي سچ پچ اچڻي آهي. ڇڏبو آهي ته اها ڳالهه اٽئي جنهن کان تون پڇندو هئين (۱۹) ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو. اهو عذاب جي ڏمڪي جو ڏينهن آهي (۲۰) ۽ هر شخص ايندو جو ان سان گڏ هڪ هڪلڻ وارو ۽ هڪ شاهد به هوندو (۲۱) ڇڏبو ته بيشڪ تون هن ڏينهن کان غفلت ۾ هئين. هاڻي اسان توکان پردو هٽايو سو اڄ تنهنجي نگاهه تکي آهي (۲۲) ۽ ان جو ساٿي ملائڪ چوندو ته ان جو جيڪو عمل مون وٽ لکيل آهي سو هي آهي (۲۳) حڪم ٿيندو ته توهان ٻئي ملائڪ هر هٺيلي ناشڪر ڪافر کي جهنم ۾ اڇليو (۲۴) ٻلائي کان روڪيندڙ حد کان لنگهندڙ ۽ شڪ ڪندڙ کي (۲۵) جنهن الله سان گڏ ٻيو معبود ٺاهيو هو سو توهان ٻئي ان کي سخت عذاب ۾ ستيو (۲۶) ان جو ساٿي (شيطان) چوندو ته اسان جا رب! مون ان کي گمراهه نہ ڪيو هو پر هي پاڻ وڏي گمراهي ۾ پيل هو (۲۷) الله چوندو ته مون وٽ جهڳڙو نہ ڪريو بيشڪ مون توهان کي پهريان ئي عذاب جو خوف ڏياريو هو (۲۸) مون وٽ قول تبديل نہ ٿيندو آهي ۽ نہ ئي مان ڀانهن تي ظلم ڪرڻ وارو آهيان (۲۹)[2] ان ڏينهن جهنم کي چوندا سين ته چا تون پرجي ويو آهين يا نہ. چوندو ته اڃان ڪجهه وڌيڪ آهي چا (۳۰) ۽

پرهيزگارن لاءِ جنت ويجهي ڪئي ويندي. انهن کان پري نه هوندي (٣١) چئبو ته هي آهي اُها جنت جنهن جو توهان سيني توبهه ڪندڙن يا الله کي ياد رکندڙن سان واعدو ڪيو ويو هو (٣٢) جيڪو ڀاجهاري الله کان پرپٽ ڊنو ۽ توبهه ڪندڙ دل سان آيو (٣٣) ان بهشت ۾ سلامتي سان داخل ٿيو. اهو دائمي رهڻ وارو ڏينهن آهي (٣٤) جيڪي گهرندا سو انهن کي ان ۾ ملندو ۽ اسان وٽ ان کان وڌيڪ به آهي (٣٥) ۽ انهن کان اڳ ڪيترين ئي پيڙهيون تباهه ڪيونسين جيڪي طاقت ۾ به انهن کان گهڻو وڌيڪ هيون. پوءِ شهرن ۾ ڳولا ڪرڻ لڳا ته ڪا پجڻ جي واهه آهي (٣٦) بيشڪ ان ۾ ان لاءِ نصيحت آهي جيڪو دل رکي ۽ دل سان ڪن لڳائي ٻڌي ۽ توجهه ڪري (٣٧) ۽ بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو ۽ اسان کي ڪا ٽڪاوٽ نه ٿي (٣٨) پوءِ اي پيغمبر! جيڪي ڪافر چوندا آهن تنهن تي صبر ڪر ۽ سج ايرڻ کان اڳ ۽ سج لهڻ کان اڳ پنهنجي رب جي ساراهه سان پاڪائي بيان ڪندو ڪر (٣٩) ۽ ڪجهه وقت رات جو ۽ سجدن (نماز) کان پوءِ ان جي پاڪائي بيان ڪندو ڪر (٤٠) ۽ ڪن لائي رک. جنهن ڏينهن پڪارڻ وارو ويجهي جاءِ کان پڪاريندو (٤١) جنهن ڏينهن ماڻهو سچ پچ خوفناڪ راڙ ٻڌندا. اهو قبرن مان ٻاهر نڪرڻ جو ڏينهن هوندو (٤٢) بيشڪ اسان جيئاريندا آهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسان ڏانهن ئي موٽڻو آهي (٤٣) جنهن ڏينهن زمين انهن جي مٿي کان ڦاٽندي ته تڪڙا ٿي نڪرندا. اُهو گڏ ڪرڻ اسان لاءِ آسان آهي (٤٤) اي پيغمبر! اهي ڪافر جيڪي چون ٿا سو اسان چڱي طرح ڄاڻندا آهيون ۽ تون انهن تي ڪو زوربار ڪرڻ وارو نه آهين. پوءِ جيڪو منهنجي ڌمڪي کان ڊجي ان کي قرآن سان سمجهاءِ (٤٥)[3]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ڀاجهارو مهربان آهي

سورت ذاريات مڪي آهي، هن ۾ 60 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن

اڏائي پکيڙڻ وارين هوائن جو قسم آهي (١) پوءِ پاڻي جو بار کڻي هلندڙ ڪرن جو قسم آهي (٢) پوءِ ٻيڙين کي آرام سان هلائڻ وارين

هوائن جو قسم آهي(٣) پوءِ الله جو حڪم پهچائڻ وارن ملائڪن جو قسم آهي (٤) بيشڪ توهان سان جيڪو واعدو ڪجي ٿو سو سچ آهي (٥) ۽ بيشڪ عملن جو حساب ضرور ٿيڻو آهي (٦) واٽن واري آسمان جو قسم آهي (٧) توهان انسان اختلافي ڳالهين ۾ پيل آهيو (٨) هن قرآن کان اهو ئي ڦيرايو ويندو آهي جنهن جي قسمت ڦيرايل آهي (٩) ڳالهيون ٺاهڻ وارن کي مار پوي (١٠) جيڪي غفلت سان موجهاري ۾ آهن (١١) پڇندا آهن ته قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ايندو (١٢) جنهن ڏينهن اهي باهه تي تپايا ويندا (١٣) ۽ چيو ويندن ته پنهنجو عذاب چکو هي اهو عذاب آهي جنهن جي توهان تڪڙ ڪندا هيا (١٤) بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ چشمن ۾ هوندا (١٥) جيڪي سندن رب کين ڏيندو سي عنايتون پيا وٺندا، ڇوتہ اُهي ان کان اڳ نيڪ عمل ڪندڙ هئا (١٦) اُهي رات ۾ ٿورو سمهندا هئا (١٧) ۽ اسر مهل اٿي بخشش گهرندا هئا (١٨) ۽ انهن جي مال ۾ هر سوال ڪندڙ مسڪين ۽ محتاج جو حصو هو (١٩) ۽ يقين ڪرڻ وارن لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن (٢٠) ۽ توهان جي وجود ۾ بہ، ڇا توهان اهي نٿا ڏسو (٢١) ۽ آسمان ۾ توهان جو رزق آهي ۽ اهوبہ جنهن جو توهان سان واعدو ڪجي ٿو (٢٢) پوءِ آسمان ۽ زمين جي رب جو قسم آهي تہ بيشڪ اها خبر سچي آهي، جهڙي طرح توهان هڪبئي سان ڳالهائيندا آهيو(٢٣)[1] اي محبوب! تو وٽ ابراهيم جي معزز مهمانن جي خبر نہ پهتي آهي ڇا (٢٤) جڏهن اهي مهمان ان وٽ اندر آيا تہ سلام چيائون، هن بہ سلام چيو خيال ڪيائين تہ اوپرا ماڻهو آهن (٢٥) پوءِ پنهنجي گهر وارن ڏانهن ويو ۽ ٿلهو گابو پچرائي آندائين (٢٦) پوءِ انهن جي اڳيان رکيائين، چيائين تہ توهان کائو ڇونٿا (٢٧) پوءِ پنهنجي دل ۾ انهن کان ڊڄڻ لڳو انهن چيو تہ ڊڄ نہ، ۽ ان کي هڪ علم واري پٽ جمڻ جي خوشخبري ڏنائون (٢٨) ان تي سندس زال ڏاڍيان ڳالهائيندي آئي، پوءِ عجب مان پنهنجي منهن تي هٿ هڻي چيائين تہ ڇا مون پوڙهي سَنڊ کي ٻار ٿيندو (٢٩) انهن چيو تہ تنهنجي رب ائين فرمايو آهي، ۽ اُهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي (٣٠) ابراهيم چيو تہ اي قاصدو! توهان جو ڪهڙو غرض آهي (٣١) چيائون تہ اسان کي هڪ ڏوهاري قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي (٣٢) جيئن انهن تي

پکي متيءَ جا پتر وسايون (٣٣) جيڪي تنهنجي رب وٽ انهن حد کان لنگهندڙن لاءِ نشان ڪيل آهن (٣٤) پوءِ اتي جيڪي مومن هيا انهن کي شهر کان ٻاهر ڪڍيوسين (٣٥) پوءِ اتي مسلمانن جي هڪڙي گهر کان سواءِ ٻيو گهر نہ ڏٺوسين (٣٦) ۽ جيڪي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڊڄندا آهن انهن لاءِ اتي عبرت جي نشاني ڇڏيسين (٣٧) ۽ موسيٰ جي قصي ۾ پڻ عبرت آهي، جڏهن اسان ان کي فرعون ڏانهن ڇتي دليل سان موڪليو (٣٨) پوءِ ان پنهنجي سردارن سميت منهن موڙيو ۽ چيائين ته هي جادوگر يا چريو آهي (٣٩) پوءِ اسان ان کي ۽ سندس لشکر کي پڪڑيو ۽ درياء ۾ اڇلايوسين ۽ اهو ملامتي هو (٤٠) عاد وارن جي قصي ۾ به عبرت آهي، جڏهن اسان انهن تي خشڪ طوفان موڪليو (٤١) جو جنهن شي کان لنگهيو ان کي ڳريل شي وانگر ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏيائين (٤٢) ۽ ثمود وارن جي قصي ۾ به عبرت آهي، جڏهن انهن کي چيو ويو ته هڪ وقت تائين مزا ماڻي وڃو (٤٣) انهن پنهنجي رب جي حڪم مڃڻ کان سرڪشي ڪئي ته پوءِ انهن کي ڪڙڪي واري وڄ اچي ورتو ۽ اهي ڏسندا رهيا (٤٤) پوءِ اهي نہ اُٿي سگهيا ۽ نہ اُهي پنهنجي مدد ڪري سگهيا (٤٥) ۽ انهن کان اڳي نوح جي قوم کي هلاڪ ڪيوسين، بيشڪ اهي بدڪار ماڻهو هئا (٤٦)[2] ۽ اسان آسمان کي پنهنجي قدرت سان ٺاهيو آهي ۽ بيشڪ اسان سگهہ رکندڙ آهيون (٤٧) ۽ اسان زمين کي پکيڙيو جو اسان سٺا پکيڙيندڙ آهيون (٤٨) ۽ اسان هر شي جا جوڙا جوڙا بڻايا ته من توهان نصيحت وٺو (٤٩) پوءِ الله جي طرف ڊجو، بيشڪ مان (محمد ﷺ) سندس طرف کان توهان لاءِ ڈيڏرو ڊيڄاريندڙ ٿي آيو آهيان (٥٠) ۽ الله سان گڏ ٻئي کي معبود نہ ٺاهيو، بيشڪ مان (محمد ﷺ) سندس طرف کان توهان لاءِ ڈيڏرو ڊيڄاريندڙ ٿي آيو آهيان (٥١) اهڙيءَ طرح جڏهن به انهن کان اڳ گذري ويل ماڻهن وٽ کو رسول آيو ته ان کي جادوگر يا چريو سڏڻ کان سواءِ ٻيو نہ چيائون (٥٢) اهي هڪ ٻئي کي اها ڳالهہ چوڻ جي وصيت ڪندا آيا آهن ڇا، بلڪ اهي سرڪش ماڻهو آهن (٥٣) پوءِ اي محبوب! تون انهن (ڪافرن) کان منهن موڙ توتي ڪا ميار نہ آهي (٥٤) باقي سمجهائيندو رهہ جو سمجهائڻ مومنن کي فائدو ڏيندو

آهي (٥٥) ۽ جِنن ۽ انسانن کي فقط پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي (٥٦) مان انهن کان ڪو رزق نٿو گهران ۽ نہ چاهيان ٿو تہ اهي مون کي کارائين (٥٧) بيشڪ اهو الله ئي رزق ڏيڻ وارو آهي جيڪو زبردست سگهارو آهي (٥٨) بيشڪ جن ظلم جي واٽ ورتي آهي انهن جي لاءِ اهڙو عذاب آهي جهڙو انهن جي اڳين ساٿين جو عذاب هو پوءِ مون کان ان جي تڪڙ نہ ڪن (٥٩) پوءِ انهن لاءِ ويل آهي جن انهيءَ ڏينهن کان انڪار ڪيو جنهن جو انهن کي انجام ڏنو ويڃي ٿو (٦٠)[3]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو بي جهارو مهربان آهي

سورت طور مڪي آهي، هن ۾ 49 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

طور سينا جو قسم آهي (١) ۽ لکيل ڪتاب جو قسم آهي (٢) جيڪو کليل ورقن ۾ لکيل آهي (٣) ۽ آبادگهر (بيت المعمور) جو قسم آهي (٤) ۽ مٿانهين ڇت جو قسم آهي (٥) ۽ اياماندڙ سمنڊ جو قسم آهي (٦) اي پيغمبر! بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب ضرور اچڻو آهي (٧) ان کي ڪوبہ ٽارڻ وارو ڪونهي (٨) ان ڏينهن آسمان زور سان ڦرڻ لڳندو (٩) ۽ جبل تيز هلڻ لڳندا (١٠) پوءِ اُن ڏينهن ڪوڙو پائيندڙن لاءِ ويل آهي (١١) اهي جيڪي اجاين ڳالهين ۾ کيل تماشا ڪندا آهن (١٢) ان ڏينهن انهن کي ڌڪا ڏئي جهنم ڏانهن هڪليو ويندو (١٣) چيو ويندن تہ هيءَ آهي اها باهہ جنهن کي توهان ڪوڙو چوندا هئا (١٤) پوءِ ڇا هي جادو آهي يا توهان کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي (١٥) هاڻي هن ۾ ويڃو پوءِ صبر ڪريو يا صبر نہ ڪريو توهان لاءِ هڪ جهڙو آهي، توهان کي رڳو ان جو بدلو ملي رهيو آهي جيڪي توهان ڪندا هيا (١٦) بيشڪ پرهيزگار باغن (بهشت) ۽ نعمتن ۾ هوندا (١٧) سندن رب جيڪا نعمت ڏيندن تنهن سان خوش هوندا ۽ ان ڪري بہ خوش هوندا جو انهن کي سندن رب باهہ جي عذاب کان بچايو (١٨) چيو ويندن تہ مزي سان کائو ۽ پيئو جو توهان ڇڳا عمل ڪندا هيا (١٩) قطار ۾ لڳل پلنگن تي ٽيڪ لڳايون ويڻل هوندا ۽ انهن کي وڏين اکين وارين حُورن سان پرڻائيندا سين (٢٠) ۽ جن ايمان آندو ۽ سندن اولاد ايمان سان انهن جي پيروي ڪئي تہ اسان انهن جي اولاد کي

انهن سان ملائيندا سين ۽ سندن عملن مان ڪابہ گهٽتائي نہ ڪندا سون. هرهڪ ماڻهو پنهنجي عمل جو نتيجو حاصل ڪندو (٢١) ۽ اسان انهن کي ميون ۽ گوشت مان جيڪي گُهرندا ڏيندا رهنداسين (٢٢) اتي هڪ ٻئي کان شربت جا پيالا پيا وٺندا جنهن ۾ نہ تہ بيهودگي ۽ نہ گناهہ ۾ پوڻ هوندو (٢٣) ۽ انهن جا خدمتگار ڇوڪرا انهن جي چؤطرف پيا ڦرندا هجن تہ اهي ڏيکيل موتي هجن (٢٤) ۽ پچاڳاڻا لاءِ انهن مان هڪڙا ٻين جي سامهون ايندا (٢٥) چوندا تہ بيشڪ اسان هن کان اڳي پنهنجي گهرن ۾ ڊجندڙ هئاسين (٢٦) پوءِ الله اسان تي احسان ڪيو ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچايائين (٢٧) بيشڪ اسان هن کان اڳ ڪيس پڪاريندا هياسين. بيشڪ اهوئي پلائي ڪندڙ مهربان آهي (٢٨)[1] پوءِ اي محبوب! کين نصيحت ڪر جو تون پنهنجي رب جي مهرباني سان نہ پوپو آهين ۽ نہ مجنون آهين (٢٩) يا چوندا آهن ڇا تہ هي شاعر آهي. اسان ان تي زماني جي حادثن اچڻ جو انتظار ڪريون ٿا (٣٠) کين چئو تہ انتظار ڪندا رهو مان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان (٣١) ڇا انهن جو عقل انهن کي اُهو ئي ٻُڌائي ٿو يا اهي شرارتي ماڻهو آهن (٣٢) چوندا آهن ڇا تہ هن قرآن کي ان پاڻ ٺاهيو آهي. نہ. بلڪ اُهي ايمان نٿا آڻين (٣٣) پوءِ جيڪڏهن سچا آهن تہ ان جهڙي ڪا هڪ ڳالهہ تہ پيش ڪن (٣٤) اهي پاڻهي بي سبب پيدا ٿيا آهن ڇا يا اهي پاڻ پيدا ڪندڙ آهن (٣٥) آسمان ۽ زمين کي انهن پيدا ڪيو آهي ڇا. نہ. بلڪ انهن کي يقين نہ آهي (٣٦) يا تنهنجي رب جا خزانا انهن وٽ آهن ڇا جن جا اهي سنياليندڙ آهن (٣٧) يا انهن وٽ ڪا ڏاڪڻ آهي ڇا جنهن تي چڙهي ٻُڌي وٺن ٿا. پوءِ جڳائي تہ انهن مان ٻُڌندڙ کو پڌرو دليل آڻي (٣٨) ڇا الله جي لاءِ ڌيئرون آهن ۽ توهان جي لاءِ پُٽ آهن (٣٩) يا تون انهن کان ڪا مزدوري گهرين ٿو ڇا جو اهي چٽي جي بوجهہ ۾ دٻيل آهن (٤٠) يا انهن وٽ غيب جو علم آهي ڇا جنهن سان اهي لکن ٿا (٤١) يا ڪنهن سازش جي ارادي ۾ آهن ڇا. پوءِ جن ڪفر ڪيو اهي فريب ۾ پيل آهن (٤٢) يا الله کان سواءِ انهن جو ڪو ٻيو معبود آهي ڇا. ان سان جنهن کي شريڪ ڪن ٿا الله ان کان پاڪ آهي (٤٣) ۽ جيڪڏهن آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪرندي ڏسن

تہ چوندا تہ اهو گهاٽو ڪڪر آهي (٤٤) پوءِ اي پيغمبر! انهن کي ايستائين ڇڏي ڏي جو اهي پنهنجو اهو ڏينهن ڏسن جنهن ۾ بيهوش ڪيا ويندا (٤٥) جنهن ڏينهن انهن جي بچڻي رِٽ انهن کان ڪجهہ بہ ڪونہ ٽاريندي ۽ نہ انهن جي مدد ٿيندي (٤٦) ۽ بيشڪ جن ظلم ڪيو انهن جي لاءِ ان کان سواءِ ٻيو عذاب بہ آهي مگر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن (٤٧) ۽ اي محبوب! تون پنهنجي رب جي حڪم اچڻ تائين صبر ڪر. بيشڪ تون اسان جي حفاظت ۾ آهين ۽ جنهن مهل اٿين تہ پنهنجي رب جي ساراهہ ڪندي ان جي پاڪائي بيان ڪر (٤٨) ۽ رات جو بہ ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ بہ ان جي پاڪائي بيان ڪر (٤٩)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو بخشڻهار مهربان آهي

سورت نجم مڪي آهي، هن ۾ 62 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن.

ان چمڪدار تاري (محمد ﷺ) جو قسم آهي جڏهن اهو معراج کان لٿو (١) توهان جو هي ساٿي (محمد ﷺ) نڪي غلط راهہ ويو نڪي وات مُنجهيو (٢) ۽ هي پنهنجي خواهش سان نہ ڳالهائيندو آهي (٣) مگر جيڪو ڪيس وحي ڪيو ويندو آهي (٤) ان کي ڏاڍي سگهہ واري سيکاريو آهي (٥) جيڪو زور وارو آهي. پوءِ اهو سڌو ٻيٺو (٦) ۽ اهو آسمان جي مٿئين ڪناري تي هو (٧) پوءِ اهو ويجهو ٿيو. پوءِ اڳتي گهٽو ويجهو ٿيو (٨) پوءِ ٻن ڪمانين جي وٿي جيترو فاصلو رهيو هو بلڪ ان کان بہ گهٽ (٩) پوءِ الله پنهنجي ٻانهي ڏي وحي ڪيو جيڪي ان ڏي وحي ڪرڻو هيس (١٠) جيڪي ڏٺائين تنهن کي ان جي دل ڪوڙو نہ ڄاتو (١١) پوءِ جيڪي پيغمبر ڏٺو ان تي توهان ان سان جهيڙو ڇو ڪيو ٿا (١٢) ۽ بيشڪ ان تہ ان ملائڪ کي بہ ٻيرا ڏٺو (١٣) سدرة المنتهيٰ وٽ (١٤) جتي جنت الماويٰ آهي (١٥) جڏهن سدره (ٻير) کي ڍڪي رهيو هو جيڪو ڍڪي رهيو هو (١٦) پيغمبر جي نگاهہ نہ ڪنهن طرف ڦري ۽ نہ حد کان لنگهي (١٧) بيشڪ پنهنجي رب جون وڏيون نشانيون ڏٺائين (١٨) پلا توهان لات ۽ عزيٰ کي ڏٺو آهي ڇا (١٩) ۽ پوئين اُن تئين منات کي بہ (٢٠) ڇا توهان ڪافرن جي لاءِ پُٽ آهن ۽ الله لاءِ ڏيئرون آهن (٢١)

اها تہ ڏاڍي خراب ورهاست آهي (٢٢) اهي تہ رڳو نالا آهن جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن رکيا آهن. الله انهن بابت ثابتي جو ڪو دليل نہ لاٿو آهي. اُهي ڪافر تہ فقط گمان تي ۽ نفس جي سَڏن جي پٺيان هلن ٿا. حالانڪ انهن وٽ سندن رب جي طرف کان هدايت آئي آهي (٢٣) ڇا انسان کي اهو ملي ويندو جنهن جي سڌ ڪري ٿو (٢٤) ياد رکو آخرت ۽ دُنيا سڀ جو مالڪ الله ئي آهي (٢٥)[1] ۽ آسمانن ۾ ڪيترائي ملائڪ آهن جن جي سفارش ڪوبہ فائدو نہ ڏيندي مگر الله جي اجازت بعد جنهن ماڻهوءَ جي واسطي اهو گهُري ۽ راضي ٿئي (٢٦) بيشڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن اهي ملائڪن تي مادين (عورتن) جا نالا رکندا آهن (٢٧) ۽ انهن کي ان جي ڪابہ خبر نہ آهي. اُهي رڳو گمان تي هلندا آهن. ۽ بيشڪ گمان حقيقت سچاڻ لاءِ ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو آهي (٢٨) اي پيغمبر! پوءِ جن اسان جي ياد کان منهن موڙيو آهي تون بہ انهن کان منهن موڙ ۽ ان تہ دنيا جي حياتي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ گهريو آهي (٢٩) سندن علم جي اها پهچ آهي. بيشڪ تنهنجو رب خوب ڄاڻي ٿو تہ ان جي راهہ کان ڪير ڀٽڪيو ۽ اهو ان کي بہ خوب ڄاڻي ٿو جيڪو سڌي راهہ هليو (٣٠) ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو ئي آهي. جيئن بُرائي کرڻ وارن کي سندن عمل جي سزا ڏئي ۽ جن نيڪي ڪئي انهن کي پلائي جو بدلو ڏئي (٣١) اهي جيڪي ننڍن گناهن کان سواءِ وڏن گناهن ۽ بيحيائين کان پاڻ بچائيندا آهن. بيشڪ تنهنجو رب وڏي بخشش وارو آهي. اهو توهان کي خوب ڄاڻي ٿو جڏهن توهان کي متيءَ مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن توهان پنهنجي مائرن جي پيٽ ۾ ڪچا ٻار هئا. پوءِ پاڻ کي پاڪ پوتر نہ چئو جيڪي پرهيزگار آهن الله انهن کي خوب ڄاڻي ٿو (٣٢)[2] اي پيغمبر! پوءِ ڇا تو ان ماڻهوءَ کي نہ ڏٺو آهي جنهن حق کان منهن ڦيريو (٣٣) ۽ ٿورو ڏنائين ۽ ڪنجوس ٿيو (٣٤) ان وٽ غيب جو علم آهي ڇا جو اهو ڏسندو آهي (٣٥) ڇا ان کي اها خبر نہ ڏني وئي آهي جيڪا موسيٰ جي صحيفن ۾ آهي (٣٦) ۽ ابراهيم جي صحيفن ۾ آهي. جنهن وفاداري ڪئي (٣٧) ڪوبہ بار کڻندڙ ساهہ ٻئي جو بار نہ کڻندو (٣٨) ۽ انسان جي لاءِ سندس ڪمائي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي

(٣٩) ۽ سگھو کيس سندس ڪمائي ڏيکاري ويندي (٤٠) پوءِ ان موجب کيس پورو بدلو ڏنو ويندو (٤١) ۽ بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن موٽڻ پڇاڙي آهي (٤٢) ۽ اهو ئي آهي جيڪو ڪِلائيندو آهي ۽ روئاريندو آهي (٤٣) ۽ اهو ئي آهي جيڪو ماريندو آهي ۽ جياريندو آهي (٤٤) ۽ انهيءَ نر ۽ مادي جوڙاجوڙا خلقيا آهن (٤٥) نطفي مان جڏهن ڇڏي پر هاريو وڃي ٿو (٤٦) ۽ ٻيهر جيارڻ ۾ انهيءَ جي ذمي آهي (٤٧) ۽ انهيءَ آسودو ڪيو ۽ قناعت ڏني (٤٨) ۽ اهو ئي شعري تاري جو رب آهي (٤٩) ۽ انهيءَ پهه ين عاد وارن کي تباهه ڪيو (٥٠) ۽ ثمود وارن کي ۽ جو ڪوبه باقي نه ڇڏيائين (٥١) ۽ انهن کان اڳ نوح جي قوم کي ۽ هلاڪ ڪيو هئائين، ڇوتہ اهي وڏا ظالم ۽ سرڪش هئا (٥٢) ۽ اُن اونڌي ڪيل ڳوٺ کي تباهه ڪيو (٥٣) پوءِ ان ڳوٺ کي ڍڪيو جنهن ۽ ڍڪيو (٥٤) پوءِ اي انسان! تون پنهنجي رب جي ڪهڙي نعمت ۾ شڪ ڪندين (٥٥) هي پيغمبر ۽ اڳين ڊيڄارينڙن جي لڏي مان هڪ ڊيڄارينڙ آهي (٥٦) جلد اچڻ واري قيامت ويجهي ٿي (٥٧) الله کان سواءِ ڪوبه ان کي ظاهر ڪرڻ وارو نه آهي (٥٨) پوءِ ڇا ان ڳالهه تي توهان تعجب ڪريو ٿا (٥٩) ۽ توهان ڪِلو ٿا ۽ روئو نٿا (٦٠) ۽ توهان راند ۾ پيا آهيو (٦١) پوءِ الله کي سجدو ڪريو ۽ انهيءَ جي ئي عبادت ڪريو (٦٢)[3]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مهربان آهي

سورت قمر مڪي آهي، هن 55 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن

قيامت ويجهي آئي آهي ۽ چنڊ چيرجي پيو آهي (١) ۽ جيڪڏهن ڪافر ڪو معجزو ڏسن ٿا تہ مُنهن موڙين ٿا ۽ چون ٿا تہ هي تہ قديمي جادو آهي (٢) ۽ حق کي ڪوڙو سمجهن ٿا ۽ پنهنجي سَڏن جي پٺيان هلن ٿا ۽ هرڪم لاءِ وقت مقرر آهي (٣) ۽ بيشڪ هنن ڪافرن وٽ اُهي خبرون آيون آهن جن ۾ تنبيهه آهي (٤) يعني پوري سمجهاڻي پر ڊيڄارڻ کين ڪو اثر نٿو ڪري (٥) پوءِ اي پيغمبر! تون انهن کان منهن موڙ جنهن ڏينهن سڏيندڙ اڻ سڃاتل ڳالهه ڏانهن سڏيندو (٦) تہ اکيون جُهڪايون قبرن مان ائين نڪرندا جڙ تہ اُهي پکڙيل ماڪڙ هجن (٧)

سڏيندڙ جي طرف ڌڪندا ويندا. ڪافر چوندا تہ هي ڏکيو ڏينهن آهي (٨) انهن کان اڳ نوح جي قوم کوڙ ڪيو هو. پوءِ اسان جي بانهي کي کوڙو سمجهيائون ۽ چيائون تہ هي چريو آهي. کيس جهڪيو ويو (٩) پوءِ ان پنهنجي رب کي پڪاريو تہ مان عاجز ٿي ويو آهيان سو تون منهنجي مدد ڪر (١٠) پوءِ اسان زوردار وسندڙ پاڻي سان آسمان جا دروازا کولي ڇڏيا (١١) ۽ زمين مان چشما جاري ڪياسين. پوءِ ٻئي پاڻي مقرر ڪيل ڪم لاءِ گڏ ٿي ويا (١٢) ۽ اسان ان (نوح) کي تختن ۽ ڪِليُن واري ٻيڙي تي سوار ڪيو (١٣) جيڪا اسان جي نظر اڳيان هلڻ لڳي. ان ڳالهه جو بدلو ونڻ لاءِ جنهن جو ڪافرن انڪار ڪيو هو (١٤) ۽ اسان ان سزا کي عبرت لاءِ نشاني ڪري ڇڏيوسين. پوءِ ڪو نصيحت ونڻ وارو آهي (١٥) پوءِ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪيئن هو (١٦) ۽ بيشڪ اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ آسان ڪيو آهي. پوءِ ڪو نصيحت ونڻ وارو آهي (١٧) عاد وارن بہ کوڙ سمجهيو هو پوءِ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪيئن هو (١٨) بيشڪ اسان انهن تي سخت نياڳي ڏينهن ۾ تيز طوفان موڪليو (١٩) جو ماڻهن کي ائين پٽيائين ٿي جڙ پاڙون پٽيل کجين جا ٽڙ هجن (٢٠) پوءِ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪيئن هو (٢١) ۽ بيشڪ اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ آسان ڪيو آهي. پوءِ ڪو نصيحت ونڻ وارو آهي (٢٢)[1] ثمود وارن ڊيڄاريندڙن (رسولن) کي کوڙو چيو (٢٣) چيائون تہ ڇا اسان پاڻ مان اهڙي ماڻهوءَ جي تابعداري ڪريون. تڏهن تہ پوءِ اسان گمراهي ۽ چريائپ ۾ هوندا سين (٢٤) ڇا اها سمجهه اسان مان ان تي ئي لاٿي وئي آهي. بلڪ اهو کوڙو بڻاڪي آهي (٢٥) اي صالح! اجهو سياڻي ڄاڻي ونندا تہ ڪير بڻاڪي ۽ کوڙو آهي (٢٦) اسان انهن جي امتحان لاءِ ڏاڄي موڪلينداسين. اي صالح! پوءِ تون انهن جو انتظار ڪر ۽ صبر ڪر (٢٧) ۽ انهن کي ٻڌائي ڇڏ تہ انهن جي وچ ۾ پاڻي ورهايل آهي. هرڪو پنهنجي واري تي حاضر ٿئي (٢٨) پوءِ انهن پنهنجي ساٿي کي سڏيو جنهن هٿ ۾ تلوار کنئي ۽ ڏاڄيءَ جون ڪُچون ڪپي ڇڏيائون (٢٩) پوءِ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪيئن هيو (٣٠) بيشڪ اسان انهن تي هڪڙي خوفناڪ راڙ جو آواز موڪليو پوءِ اهي اولڙ گاهه وانگر ڊير ٿي ويا (٣١) ۽

بيشڪ اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ آسان ڪيو آهي، پوءِ ڪو نصيحت
وٺڻ وارو آهي (٣٢) لوط جي قوم به ڊيڄاريندڙن (رسولن) کي ڪوڙو چيو
(٣٣) بيشڪ اسان لوط جي گهر وارن کان سواءِ جن کي اسر مهل بچائي
ورتوسين ٻين تي پٿر وسايا (٣٤) جيڪو شڪر ڪري تہ اسان پنهنجي
طرفان مهرباني ڪندي ان کي ائين بدلو ڏيندا آهيون (٣٥) ۽ بيشڪ ان
(لوط) انهن کي اسان جي پڪڙ کان ڊيڄاريو هو پوءِ ان تنبيهه بابت جهڳڙو
ڪندا رهيا (٣٦) ۽ انهن ان (لوط) کي سندس مهمانن کان ٽيڑهڻ چاهيو پوءِ
اسان انهن جي اکين جي ديد وڃائي ڇڏي، چيو وين تہ منهنجو عذاب ۽
ڊيڄارڻ جو مزو چکو (٣٧) بيشڪ صبح جو انهن تي مقرر ٽيل عذاب اچي
ڪڙڪيو (٣٨) پوءِ چيو وين تہ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ جو مزو چکو
(٣٩) ۽ بيشڪ اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ آسان ڪيو آهي، پوءِ ڪو
نصيحت وٺڻ وارو آهي (٤٠)[2] ۽ بيشڪ فرعون وارن وٽ ڊيڄاريندڙ
(رسول) آيا (٤١) پر انهن اسان جي سمورين نشانين کي ڪوڙو سمجهيو
پوءِ اسان انهن کي زبردست طاقتور جي پڪڙ وانگر پڪڙيوسين (٤٢) اي
قريشيو! توهان جا ڪافر انهن اڳين کان ڀلا آهن ڇا يا اڳين ڪتابن ۾
توهان جي لاءِ ڇوٽڪارو لکيل آهي (٤٣) اهي چوندا آهن ڇا تہ اسان
سمورا گڏجي بدلو وٺنداسين (٤٤) سگهو انهن تولن کي شڪست ڏني
ويندي ۽ اهي پٺي ڏئي ڀڄندا (٤٥) بلڪ انهن جي انجام جي گهڙي قيامت
آهي ۽ قيامت جي گهڙي نهايت خوفناڪ ۽ سخت ڏکي آهي (٤٦) بيشڪ
ڏوهاري گمراهي ۽ چريائپ ۾ آهن (٤٧) ان ڏينهن انهن کي منهن ڀر باهه ۾
گهليو ويندو، چيو ويندن تہ دوزخ جي تپش جو مزو چکو (٤٨) بيشڪ اسان
هر شي کي پوري اندازي سان پيدا ڪيو آهي (٤٩) ۽ اسان جو ڪم رڳو
اک چنپ ۾ ٽيڻ وارو هڪ فرمان آهي (٥٠) ۽ بيشڪ اسان توهان جهڙا
ڪيترائي ڪافر ٽولا هلاڪ ڪري ڇڏيا، پوءِ ڪو نصيحت وٺڻ وارو آهي
(٥١) ۽ انهن جيڪو ڪجهه ڪيو آهي سمورو اعمال نامن ۾ لکيل آهي
(٥٢) ۽ هر ننڍي وڏي ڳالهه لکيل آهي (٥٣) بيشڪ پرهيزگار باغن
(بهشت) ۽ نهرن ۾ هوندا (٥٤) قدرت واري بادشاهه جي سچي مجلس ۾
هوندا (٥٥)[3]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت الرحمٰن مدني آھي، ھن ۾ 78 آيتون ۽ 3 رڪوع آھن

الرحمٰن (١) جنھن قرآن سيکاريو (٢) انسان کي پيدا ڪيائين (٣) ان (محمد ﷺ) کي بيان ڪرڻ سيکاريائين (٤) سج ۽ چنڊ پوري حساب سان ھلندا آھن (٥) ۽ وليون ۽ وڻ سجدو ڪندا آھن (٦) ۽ آسمان کي بلند ڪيائين ۽ عدل جي تارازي رکيائين (٧) سو تور ۾ بي اعتدالي نہ ڪيو (٨) ۽ انصاف سان تور پوري ڪريو ۽ تارازي کوٽي نہ ڪيو (٩) ۽ مخلوق لاءِ زمين کي پکيڙيائين (١٠) ان ۾ ميوا ۽ چپڙين واريون کجيون آھن (١١) ۽ ٻُھہ وارا اناج ۽ خوشبودار ٻوٽا آھن (١٢) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (١٣) انسان کي وڄندڙ چيڪي متيءَ مان ٻڌايائين (١٤) ۽ جنن کي باھہ جي ڇيڻءَ مان پيدا ڪيائين (١٥) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (١٦) اھو اوپرن جو رب ۽ اولھن جو رب آھي (١٧) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (١٨) ان ٻن سمنڊن کي وھايو جو ڏسڻ ۾ مليل لڳن ٿا (١٩) پر انھن جي وچ ۾ اوٽ آھي جو ھڪ ٻئي سان نٿا گڏجن (٢٠) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (٢١) انھن مان موتي ۽ مرجان نڪرندا آھن (٢٢) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (٢٣) ۽ سمنڊن ۾ جبلن جيڏا سڙھہ چڙھيل ھلندڙ ٻيڙا الله جا آھن (٢٤) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (٢٥)[1] زمين تي جيڪي بہ آھن فنا ٿيندا (٢٦) ۽ اي پيغمبر! تنھنجي عظمت ۽ بزرگيءَ واري رب جي ذات باقي رھندي (٢٧) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (٢٨) آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آھن سي انھيءَ وٽ سوالي آھن، ھر ڏينھن اھو پورت ڪندڙ آھي (٢٩) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين نعمتن جو انڪار ڪندو (٣٠) اي جنو ۽ انسانو! اسان جلد توھان جو حساب ڪنداسين (٣١) پوءِ توھان پنھنجي رب جي ڪھڑين ڪھڑين

نعمتن جو انڪار ڪندو (٣٢) اي جنن ۽ انسانن جي جماعتا جيڪڏهن توهان آسمانن ۽ زمين جي ڪنارن کان ٻاهر نڪري سگهو ٿا تہ ٻاهر نڪري ويو پر وڏي طاقت کان سواءِ نڪري نہ سگهندو (٣٣) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٣٤) توهان تي باهہ جي ڇيڻي ۽ دونهون موڪليو ويندو جو مقابلو ڪري نہ سگهندو (٣٥) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٣٦) پوءِ جڏهن آسمان چيرجي پوندو تہ ڳاڙهو ٿي ويندو جهڙو ڳاڙهو رتڙيل (٣٧) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٣٨) پوءِ ان ڏينهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ کان ۽ نہ ڪنهن جن کان ان جي گناهہ جي پڇا ٿيندي (٣٩) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٤٠) گناهگار پنهنجي شڪل مان سڃاتا ويندا. پوءِ چوٽين ۽ ٽنگن کان جهليا ويندا (٤١) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٤٢) ڇيو ويندن تہ هي اهو دوزخ آهي جنهن کي گناهگار ڪوڙو ڄوندا هئا (٤٣) ان جي اندر ٿهڪندڙ پاڻي ۾ پيا ڦرندا (٤٤) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٤٥)[2] ۽ جيڪو پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ بيهڻ کان ڈنو ان لاءِ ہ باغ آهن (٤٦) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٤٧) ٻئي باغ گهڻاگهاتا آهن (٤٨) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٤٩) انهن باغن ۾ ہ چشما وهن ٿا (٥٠) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٥١) ٻنهي باغن ۾ هر ميوي جون ٻہ ٻہ جنسون آهن (٥٢) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٥٣) ۽ اهڙن غاليچن تي ٽيڪ لڳائي ويٺا هوندا جن جو استر ٿلهي پٽ جو هوندو ۽ ٻنهي باغن جا ميوا ويجهو هيٺ جهڪيل هوندا (٥٤) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٥٥) انهن باغن جي ماڙين ۾ نظرون جهُڪائيندڙ حورون هونديون جن کي انهن کان اڳ ڪنهن انسان يا جن هٿ نہ لاتو هوندو (٥٦) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين

نعمتن جو انڪار ڪندو (٥٧) جڻ اهي حورون ياقوت ۽ مرجان آهن (٥٨) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٥٩) نيڪيءَ جو بدلو نيڪيءَ کان سواءِ ٻيو ڪونهي (٦٠) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٦١) ۽ انهن باغن کان سواءِ ٻيا ٻہ باغ ٻہ آهن (٦٢) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٦٣) ٻئي ساوا چهچ آهن (٦٤) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٦٥) انهن ۾ ڦوهارا هٽندڙ ٻہ چشما آهن (٦٦) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٦٧) انهن باغن ۾ ميوا ۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون هوندا (٦٨) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٦٩) انهن ۾ نيڪ عزت واريون عورتون آهن (٧٠) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٧١) شاميانن ۾ پردي واريون حورون هونديون (٧٢) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٧٣) انهن کي انهن بهشتين کان اڳي نہ تہ ڪنهن انسان ۽ نہ جن هٿ لڳايو هوندو (٧٤) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٧٥) ساون وهاڻن ۽ سهڻن غاليچن تي ٽيڪ لڳائي ويٺل هوندا (٧٦) پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو (٧٧) اي پيغمبر! تنهنجي عظمت ۽ بزرگي واري رب جو نالو وڏي برڪت وارو آهي (٧٨)[3]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت واقعہ مڪي آهي، هن ۾ 96 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن

جڏهن قيامت جو واقعو ٿيندو (١) ان جي ٿيڻ ۾ ڪو ڪوڙ ناهي (٢) ڪنهن کي جهڪائيندڙ تہ ڪنهن کي بلندي ڏيڻ وارو (٣) جڏهن زمين سخت ڏوڏي سان ڏوڏي ويندي (٤) ۽ جبل پورا پورا ٿي ويندا (٥) پوءِ اُڏاريل دز وانگر ٿي ويندا (٦) ۽ توهان ٽي قسم جا ٿولا ٿيندا (٧) پوءِ ساڄي پاسي وارا، ساڄي پاسي وارا ڪهڙا تہ چڱي حال ۾ هوندا (٨) ۽

کاهي پاسي وارا. کاهي پاسي وارا ڪهڙا ته بدحال هوندا (٩) ۽ ٽيان چڳاين ۾ آڳرائي ڪندڙ اڳرا هوندا (١٠) اهي ئي الله کي زور ويجها هوندا (١١) نعمتن وارن باغن ۾ هوندا (١٢) پهرين مان گهٽا (١٣) ۽ پوين مان ٿورا (١٤) ٽئين ٽولي وارا جڙائودار پلنگن تي هوندا (١٥) هڪ ٻئي جي سامهون ٽيڪ لڳائي ويٺل هوندا (١٦) انهن وٽ ننڍي وهي وارا خادم ڦرندا رهندا (١٧) صاف چشمي جي پاڻي سان پريل گلاسن سان ۽ پيالن ۽ صراحين سان (١٨) ان جي ڪري نه انهن کي مٿي ۾ سور پوندو ۽ نه ئي مدهوش ٿيندا (١٩) ۽ ميوا ملندن جنهن جنس مان پسند ڪندا (٢٠) ۽ جنهن پکي جو گوشت چاهيندا (٢١) ۽ وڏين اکين واريون حورون هونديون (٢٢) ڍڪيل موتين جهڙيون (٢٣) انهن نيڪ عملن جو بدلو جيڪي اهي ڪندا هيا (٢٤) ان ۾ نه اجائي بڪ نه گناهه جهڙي ڳالهه ٻڌندا (٢٥) پر سلام سلام چوندي ٻڌندا (٢٦) ۽ ساڃي پاسي وارا. ساڃي پاسي وارا ڪهڙي حال ۾ هوندا (٢٧) بغير ڪنڊي وارين (لاسڙ) بيرين ۾ هوندا (٢٨) ۽ ڪيلن جي ڇُڇَن ۾ (٢٩) ۽ ڊگهن پاڇن ۾ هوندا (٣٠) ۽ وهندڙ پاڻي جي پرسان (٣١) ۽ گهڻن ئي ميون ۾ رهندا (٣٢) جيڪي نه ختم ٿيڻ وارا هوندا ۽ نه انهن کان روڪيا (٣٣) ۽ قيمتي پٽڙين تي ويهندا (٣٤) بيشڪ اسان حورن کي ڇڳي طرح پيدا ڪيو آهي (٣٥) پوءِ اهي ڪنواريون رکيون آهن (٣٦) پياريون ۽ هڪجيڏيون (٣٧) ساڃي پاسي وارن جي لاءِ (٣٨)[1] گهٽا پهرين مان آهن (٣٩) ۽ پوين مان به گهٽا آهن (٤٠) ۽ کاهي پاسي وارا. کاهي پاسي وارا ڪهڙا ته بدحال هوندا (٤١) ساڙيندڙ هوا ۽ تهڪندڙ پاڻيءَ ۾ هوندا (٤٢) ۽ اهڙي ڪاري دونهين جي پاڇي ۾ هوندا (٤٣) جيڪو نه ٺڏو هوندو ۽ نه فرحت ڏيندڙ هوندو (٤٤) چوته اهي ان کان اڳي دنيا ۾ عيش ۾ غلطان هُئا (٤٥) ۽ وڏي گناهه (شرڪ) تي ضد ڪندا هُئا (٤٦) ۽ چوندا هُئا ته جڏهن اسان مري ويندا سين ۽ مٽي ۽ هڏا ٿي ويندا سين تڏهن وري اسان کي اٿاريو ويندو چا (٤٧) ۽ چا اسان جا اڳيان ابا ڏاڏا به اٿاريا ويندا (٤٨) اي پيغمبر! کين چئو ته بيشڪ اڳيان ۽ پويان سڀ اٿاريا ويندا (٤٩) هڪ مقرر ڏينهن جي وقت تي ضرور گڏ ڪيا ويندا (٥٠) پوءِ توهان اي گمراهو! ڪوڙ پائيندڙو! (٥١) ٿوهر جي وڻ مان ضرور کائيندو (٥٢) پوءِ ان سان پيٽ پريندو (٥٣) پوءِ ان مٿان

ٿهڪندڙ پاڻي پيئندو (٥٤) اهڙي طرح پيئندو جيئن اجايل اُٺ پيئندو آهي (٥٥) قيامت جي ڏينهن اها انهن جي مهماني ٿيندي (٥٦) اسان توهان کي پيدا ڪيو آهي، پوءِ توهان وري جيارڻ کي سچ چو نٿا يانيو (٥٧) پلا ٻڌايو ته جيڪو مني جو ڦڙو وجهندا آهيو (٥٨) ڇا توهان ان مان انسان پيدا ڪندا آهيو يا اسان پيدا ڪندڙ آهيون (٥٩) اسان توهان جي لاءِ موت مقرر ڪيو آهي ۽ اسان عاجز نہ آهيون (٦٠) جو توهان جهڙا ٻيا بدلائي آڻيون ۽ توهان جي اهڙي صورت ڪري ڇڏيون جنهن جي توهان کي خبر نہ هجي (٦١) ۽ بيشڪ توهان پهرين پيدائش کي ڄاڻي ورتو، پوءِ توهان نصيحت چو نٿا ونو (٦٢) پلا ٻڌايو ته توهان جيڪي ٻج ڇٽيندا آهيو (٦٣) ان کي توهان ڄمائيندا آهيو يا اسان ڄمائڻ وارا آهيون (٦٤) اسان چاهيون ته ان کي ناس ڪري ڇڏيون، پوءِ توهان ڳالهيون ڪندا رهجي وڃو (٦٥) ته اسان تي ڇَٽي پئجي وئي (٦٦) بلڪ ڇڪو ته اسان بي نصيب آهيون (٦٧) پلا ٻڌايو ته جيڪو پاڻي توهان پيئو ٿا (٦٨) ان کي ڪڪرن مان توهان لاهيندا آهيو يا اسان لاهڻ وارا آهيون (٦٩) اسان گُهرون ته ان کي کارو پاڻي ڪري ڇڏيون، پوءِ توهان شڪر چو نٿا ڪريو (٧٠) پلا ٻڌايو ته توهان جيڪا باهہ ٻاريندا آهيو (٧١) ڇا اُن لاءِ وڻ توهان پيدا ڪيو آهي يا اسان پيدا ڪندڙ آهيون (٧٢) اسان ئي اُن کي نصيحت وٺڻ لاءِ نشاني ۽ جهنگ ۾ مسافرن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي (٧٣) پوءِ اي محبوب! تون پنهنجي عظمت واري رب جي نالي سان ان جي پاڪائي بيان ڪر (٧٤)[2] مون کي تارن جي لهڻ واري جاءِ جو قسم آهي (٧٥) ۽ جيڪڏهن توهان سمجهو ته اهو وڏو قسم آهي (٧٦) بيشڪ هي پلارو قرآن آهي (٧٧) محفوظ ڪتاب ۾ لکيل آهي (٧٨) پاڪائي وارن کان سواءِ هن کي ڪير به هٿ نہ لائي (٧٩) جهانن جي پالڻهار طرفان نازل ڪيل آهي (٨٠) ڇا پوءِ توهان هن پيغام کي مڄڻ ۾ سُستي ٿا ڪريو (٨١) ۽ ان مان پنهنجو نصيب هي بڻايو ٿا جو ان کي ڪوڙو چئو ٿا (٨٢) پوءِ جڏهن ڪنهن جو ساهہ نڙيءَ تائين پهچي (٨٣) ۽ توهان ان وقت ڏسي رهيا هجو (٨٤) ۽ اسان ان کي توهان کان وڌيڪ ويجها آهيون پر توهان نہ ڏسندا آهيو (٨٥) پوءِ جيڪڏهن توهان الله جي قبضي ۾ نہ آهيو (٨٦) ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته ان روح کي چو نٿا موٽايو (٨٧) پوءِ

جيڪڏهن مرڻ وارو الله جي ويجهن ٻانهن مان هوندو (٨٨) تہ پوءِ ان لاءِ راحت ۽ خوشي ۽ نعمتن وارا باغ آهن (٨٩) ۽ جيڪڏهن ساڃي طرف وارن منجهان هوندو (٩٠) تہ چئبس تہ ساڃي طرف وارن کان توتي سلام هجي (٩١) ۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڪندڙن گمراهن مان هوندو (٩٢) تہ پوءِ ان جي مهماني تهڪندڙ پاڻي هوندو (٩٣) ۽ ڀڙڪندڙ باهہ ۾ داخل ٿيڻ آهي (٩٤) بيشڪ اها پوري يقيني ڳالهہ آهي (٩٥) پوءِ اي محبوب! پنهنجي عظمت واري رب جي نالي سان ان جي پاڪائي بيان ڪر (٩٦)[3]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت الحديد مدني آهي، هن ۾ 29 آيتون ۽ 4 رڪوع آهن

جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سڀ الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اهو ئي زبردست حڪمت وارو آهي (١) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي ئي آهي، اهو جيارينڊو آهي ۽ ماريندو آهي، ۽ اهو هر شي تي وس وارو آهي (٢) اهوئي اول، آخر، ظاهر ۽ باطن آهي، اهوئي هر شي کي ڄاڻندڙ آهي (٣) اهو الله ئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو پوءِ عرش تي قائم رهيو جيڪي زمين جي اندر ويندو آهي ۽ جيڪي ان مان ٻاهر نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪو اُن ڏانهن مٿي ويندو آهي سو الله ڄاڻندڙ آهي، ۽ اي انسانو! جتي بہ هجو اهو توهان سان گڏ آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٤) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي آهي، سڀ ڪم الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا (٥) رات کي ڏينهن جي حصي ۾ آڻيندو آهي ۽ ڏينهن کي رات جي حصي ۾ آڻيندو آهي ۽ اهو دلين جا راز ڄاڻندڙ آهي (٦) الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ ان جي وات ۾ انهي مال مان خرچ ڪريو جنهن ۾ توهان کي ٻين جو وارث ڪيو اٿس، پوءِ توهان مان جن ايمان آندو ۽ ان جي وات ۾ خرچ ڪيائون تہ انهن لاءِ وڏو ثواب آهي (٧) ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله تي ايمان نٿا آڻيو جڏهن تہ هي رسول توهان کي سڏي ٿو تہ پنهنجي رب تي ايمان آڻيو ڇوتہ جيڪڏهن توهان مڃڻ وارا آهيو تہ ان (الله) اوهان کان اڳي ئي عهد وني ڇڏيو آهي (٨) اهو الله ئي آهي جيڪو

پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي چٽيون آيتون نازل ڪندو آهي ته جيئن توهان کي ڪفر جي اونداهين مان اسلام جي سوجهري ڏانهن ڪڍي. ۽ بيشڪ الله توهان تي نرمي ڪندڙ مهربان آهي (٩) ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله جي واٽ ۾ خرچ نٿا ڪيو. جڏهن ته آسمانن ۽ زمين جي ملڪيت الله جي آهي. توهان مان ڪوبه ان جي برابر نه آهي جنهن مڪي جي فتح کان اڳ ۾ خرچ ڪيو ۽ جهاد ڪيو. اهي انهن کان مرتبي ۾ وڏا آهن جن فتح کان پوءِ خرچ ڪيو ۽ جهاد ڪيو. البت الله انهن سمورن سان ڀلائي جو واعدو ڪيو آهي. ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٠)[1] اهو ڪير آهي جيڪو الله کي چڱي اوڌر وارو قرض ڏئي. پوءِ اهو ان کي ٻيڻو ڪري ڏيندو ۽ ان جي لاءِ ڀلو ثواب به آهي (١١) اي پيغمبر! جنهن ڏينهن تون مومنن ۽ مومنياڻين کي ڏسندين ته انهن جو نور انهن جي اڳيان ۽ سندن ساڄي طرف کان ڊوڙندو پيو. چيو ويندن ته اڄ توهان کي باغن (بهشت) جي خوشخبري هجي جن جي هيٺان نهرون جاري آهن توهان انهن ۾ سدائين رهندو. اهائي وڏي ڪاميابي آهي (١٢) ان ڏينهن منافق ۽ منافقياڻيون ايمان وارن کي چوندا ته اسان ڏي نهاريو ته جيئن توهان جي نور مان ڪجهه سوجهرو وٺون. چيو ويندن ته پنهنجي پٺيان دنيا ڏي موٽو ۽ اتي سوجهرو ڳوليو. پوءِ انهن جي وچ ۾ هڪ ديوار کڙي ڪئي ويندي جنهن ۾ هڪ دروازو هوندو. ان جي اندران رحمت هوندي ۽ ان جي ٻاهران عذاب هوندو (١٣) منافق مسلمانن کي سڏيندا ته ڇا اسان دنيا ۾ توهان سان گڏ نه هئاسين. اهي چوندا ته هائو مگر توهان پنهنجو پاڻ کي تباهه ڪيو ۽ خراب ڪيو ۽ شڪ پئي ڪيو ۽ توهان کي سَڏن ڏوکو ڏنو. ايستائين جو الله جو حڪم اچي ويو ۽ الله جو حڪم مڃڻ کان توهان کي شيطان ڏوکيباز ڏوکي ۾ رکيو هو (١٤) پوءِ اي منافقو! اڄ نه ته توهان کان ۽ نه ڪافرن کان ڪو عيوض ورتو ويندو. توهان جو ٺڪاڻو باهه آهي. اهائي توهان جي لائق آهي ۽ اها موٽڻ جي بيڪار جاءِ آهي (١٥) جن ايمان آندو آهي انهن لاءِ ايجان اهو وقت نه آيو آهي ڇا جو انهن جون دليون الله جي ياد ۽ جيڪو الله کان نازل ٿيو تنهن لاءِ جهڪي وڃن ۽ انهن وانگر نه ٿين جن کي هن کان اڳي ڪتاب ڏنو ويو هو. پوءِ انهن تي ڊگهي مدت گذري ته انهن جون دليون سخت ٿي ويون. انهن مان گهڻا بي

دين آهن (١٦) يقين ڪريو تہ الله زمين کي ان جي غير آباد ٽيڪ ڪان پوءِ آباد ڪندو آهي. بيشڪ اسان توهان لاءِ چٽيون نشانيون بيان ڪيون آهن تہ مَن توهان سمجهو (١٧) بيشڪ خيرات ڏيندڙ مردن کي ۽ خيرات ڏيندڙ عورتن کي ۽ اهي جن الله کي چڱي اوڌر وارو قرض ڏنو آهي. انهن کي ٻيڻو ڪري ڏنو ويندو ۽ انهن لاءِ پَلو ثواب بہ آهي (١٨) ۽ جن الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آندو آهي اهي ئي پنهنجي رب وٽ صديق ۽ شهيد آهن. انهن کي سندن ثواب ۽ سندن نور ملڻو آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄياڻون اهي ئي دوزخي آهن (١٩)[2] يقين ڄاڻو تہ دُنيا جي زندگي تہ فقط راندروند ۽ تماشو آهي ۽ ظاهري سينگار آهي ۽ توهان جو هڪ ٻئي ۾ فخر ڪرڻ ۽ مال ۽ اولاد ۾ هڪ ٻئي تي زيادتي جي خواهش ان برسات وانگر آهي جنهن جي ڄمايل ساوڪ هارين کي وڻي. پوءِ اها سڪي وڃي جو تون ان کي ڦڪو ٽيل ڏسين پوءِ پُري لتاڙيل ٿي وڃي. ۽ آخرت ۾ سخت عذاب آهي ۽ الله جي طرف کان بخشش ۽ رضا بہ آهي ۽ دنيا جي حياتي تہ صرف ڏوکي جو سامان آهي (٢٠) اي مسلمانو! پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جنت ڏانهن اڳرائي ڪريو جنهن جي ويڪر آسمان ۽ زمين جي پکيڙ جيتري آهي ۽ انهن لاءِ تيار ڪئي ويئي آهي جن الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آندو. اهو الله جو فضل آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي. ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٢١) ڪابہ مصيبت زمين ۾ ۽ توهان جي جانين ۾ نٿي پهچي مگر هن کان اڳي جو اسان ان کي وجود ۾ آڻيون اها هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي. بيشڪ اهو ڪم الله تي آسان آهي (٢٢) اها خبر هن لاءِ آهي تہ جيئن جيڪو توهان جي هٿ مان ويو توهان ان تي ڏک نہ ڪيو ۽ جيڪو توهان کي ڏنائين ان تي غرور نہ ڪيو. ۽ الله ڪنهن بہ آڪڙ ڪندڙ ۽ وڏائي ڪندڙ کي دوست نہ رکندو آهي (٢٣) اهي جيڪي پاڻ بخيلي ڪندا آهن ۽ ٻين کي بہ بخيلي ڪرڻ لاءِ چوندا آهن. ۽ جيڪو منهن موڙيندو تہ پوءِ بيشڪ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي (٢٤) بيشڪ اسان پنهنجي رسولن کي معجزن سان موڪليو ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ عدل جي تارازي لاٿيسين تہ جيئن ماڻهو انصاف کي قائم ڪن. ۽ لوهہ موڪليوسين جو ان ۾ سخت دٻدٻو ۽ ماڻهن لاءِ فائدا آهن ۽ الله ڏسي تہ ان جي ۽ ان جي رسولن جي پرپٽ ڪير ٿو مدد

ڪري. بيشڪ الله طاقت وارو زبردست آهي (٢٥)[3] ۽ بيشڪ اسان نوح ۽ ابراهيم کي پيغمبر ڪري موڪليو ۽ انهن جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب قائم رکندا رهياسين. پوءِ انهن مان ڪي هدايت تي قائم رهيا ۽ انهن مان گهڻا بي دين ٿي ويا (٢٦) پوءِ انهن جي پنيان پنهنجا ٻيا رسول موڪلياسين ۽ عيسيٰ بن مريم کي ۽ موڪليوسين ۽ ان کي انجيل عطا ڪيوسين ۽ جن ان جي پيروي ڪئي انهن جي دلين ۾ نرمي ۽ ٻاجهه رکيسين. ۽ گوشه نشيني (رهبانيت) انهن پاڻ اختيار ڪئي هئي اسان انهن تي مقرر نه ڪئي هئي ۽ انهن اها الله جي رضا طلبي جي لاءِ اختيارڪئي هئي پر جيئن ان جي نيائڻ جو حق هو ان کي نيائي نه سگهيا. پوءِ انهن مان جن ايمان آندو انهن کي سندن ثواب ڏنوسين ۽ انهن مان گهڻا بي دين ٿي رهيا (٢٧) اي عسائيو! جي ايمان وارا آهيو ته الله کان ڊجو ۽ ان جي رسول (محمد ﷺ) تي ايمان آڻيو ته الله توهان کي پنهنجي رحمت مان ٻه ڀاڱا ڏيندو ۽ توهان جي لاءِ اهڙو نور پيدا ڪندو جنهن سان توهان هلندو ۽ توهان جون خاميون بخشيندو. ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٨) اها خبر هن لاءِ آهي ته جيئن ڪتاب وارا ڄاڻي ونن ته الله جي فضل مان ڪنهن به شي تي انهن کي ڪا قدرت نه آهي ۽ بيشڪ فضل الله جي ئي هٿ ۾ آهي جنهن کي گهري ان کي ڏئي ٿو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٢٩)[4]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت مجادلہ مدني آهي. هن ۾ 22 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن

اي رسول! بيشڪ الله ان عورت جي ڳالهه ٻڌي جيڪا توکي پنهنجي مڙس جي باري ۾ هرهر چوي پئي ۽ الله کي شڪايت ڪري پئي ۽ الله توهان جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻڌو پئي. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي (١) اي مسلمانو! توهان مان جيڪي پنهنجي زالن کي ماءُ چئي ويهندا آهن اهي سندن مائرون نه آهن. انهن جون مائرون ته اُهي ئي آهن جن انهن کي جڻيو آهي ۽ بيشڪ اهي اڻ وٽندڙ ۽ ڪوڙي ڳالهه چوندا آهن. ۽ بيشڪ الله معاف ڪندڙ بخشڻهار آهي (٢) ۽ جيڪي پنهنجي زالن کي ماءُ چئي ويهن پوءِ چيل ڳالهه کان پشيمان ٿي موٽن ٿا ته انهن تي ضروري آهي ته پاڻ

۾ ميلاپ ڪرڻ کان اڳ هڪ غلام آزاد ڪن، هي حڪم آهي جنهن سان توهان کي نصيحت ڪجي ٿي، ۽ جيڪي ڪنڌا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (٣) پوءِ جنهن کي غلام نه ملي تہ ميلاپ ڪرڻ کان اڳ لڳاتار ٻہ مهينا روزا رکي، پوءِ جيڪو روزا ٻہ نہ رکي سگهي تہ پوءِ ست مسڪينن کي پيٽ پري کاڏو کارائي، اهو حڪم هن لاءِ آهي تہ توهان الله ۽ ان جي رسول جي تابعداري ڪيو ۽ اهي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن، ۽ انڪار ڪرڻ وارن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (٤) بيشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندا آهن انهن کي ائين خوار ڪيو ويندو جيئن انهن کان اڳين کي خوار ڪيو ويو بيشڪ اسان پڌريون آيتون نازل ڪيون آهن، ۽ انڪار ڪرڻ وارن لاءِ خواري وارو عذاب آهي (٥) جنهن ڏينهن الله انهن سمورن کي اٿارينڈو پوءِ انهن کي ان جي سُڌ ڏينڈو جيڪي عمل ڪندا آهن، الله ان کي ڳڻي رکيو آهي ۽ اهي وساري ويٺا آهن، ۽ الله هر شي جي خبر رکندڙ آهي (٦) ڇا توکي خبر نہ آهي تہ جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله ڄاڻندڙ آهي، جاتي ٻہ تن شخصن جي سرگوشي (سُرهاڻ) هوندي آهي تہ چوٿون اهو (الله) موجود هوندو آهي ۽ پنجن جي تہ ڇهون الله هوندو آهي ۽ توڙي ان کان گهٽ ۽ توڙي ان کان وڌ مگر جتي ٻہ هجن اهو الله انهن سان گڏ هوندو آهي، پوءِ جيڪي ڪيائون الله قيامت جي ڏينهن انهن کي ان جي سُڌ ڏينڈو بيشڪ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (٧) اي پيغمبر! ڇا تو انهن کي نہ ڏٺو آهي جن کي سُس پس ڪرڻ کان منع ڪئي وئي هئي وري ٻہ اهو ئي ڪن ٿا جنهن کان روڪيا ويا هئا ۽ پاڻ ۾ گناهہ ڪرڻ ۽ حد کان لنگهڻ ۽ رسول جي نافرماني ڪرڻ جا ڳجها مشورا ڪن ٿا ۽ جڏهن تو وٽ ايندا آهن تہ توکي انهن لفظن سان سلام ڪندا آهن جن لفظن سان الله توکي سلام نہ ڪيو آهي ۽ پنهنجي دلين ۾ چوندا آهن تہ اسان جيڪي چوندا آهيون ان تي الله اسان کي عذاب ڇو نٿو ڪري، انهن لاءِ جهنم ڪافي آهي، ان ۾ پوندا، پوءِ اها بيڙي جاءِ آهي (٨) اي ايمان وارو! توهان جڏهن پاڻ ۾ ڪا ڳجهي ڳالهہ ڪريو تہ گناهہ ڪرڻ ۽ حد کان لنگهڻ ۽ رسول جي نافرماني ڪرڻ جا مشورا نہ ڪريو پر ڀلائي ڪرڻ ۽ پرهيزگاري ڪرڻ جي صلاح ڪريو ۽ الله کان

ڊڄو جنهن ڏانهن گڏ ڪيا ويندو (٩) اها سس پس ڪرڻ تہ شيطان جي ڪمن مان آهي جيئن مومنن کي دلگير ڪري ۽ اهو الله جي حڪم کان سواءِ انهن جو ڪجهہ بہ نٿو بگاڙي سگهي، ۽ مومنن کي الله تي ئي پروسو رکڻ گهرجي (١٠) اي ايمان وارو! جڏهن توهان کي چيو وڃي تہ مجلسن ۾ جاءِ ڪشادي ڪيو تہ پوءِ جاءِ ڪشادي ڪندا ڪريو تہ الله بہ توهان لاءِ ڪشادگي ڪري، ۽ جڏهن چيو وڃي تہ اٿو تہ اٺندا ڪريو تہ توهان مان جن ايمان آندو ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي الله انهن جا درجا بلند ڪري، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١١) اي ايمان وارو! جڏهن توهان رسول سان ڪن ۾ ڪا ڳالهہ ڪرڻ گهرو تہ پنهنجي ڳالهہ کان اڳ ۾ ڪجهہ خيرات ڏيو اهو توهان جي لاءِ ڀلو ۽ گهٽو سنو آهي، پر جيڪڏهن توهان کي ان جي طاقت نہ هجي تہ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٢) ڇا توهان هن کان ڊڄي ويا تہ پنهنجي ائين ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ خير ڏبو، پوءِ جڏهن ايئن نہ ڪيوَ تہ الله توهان کي معاف ڪيو ۽ هاڻي نماز پڙهندا رهو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله ۽ ان جي رسول جا فرمانبردار رهو ۽ جيڪي ڪندا آهيو الله تنهن جي خبر رکندڙ آهي (١٣)[2] اي پيغمبر! ڇا تو انهن منافقن کي نہ ڏٺو آهي جن اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي جن تي الله ڏمريو آهي، اُهي (منافق) نہ توهان مان آهن ۽ نہ انهن يهودين مان آهن، اهي ڄاڻي واڻي ڪوڙا قسم کڻندا آهن (١٤) الله انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار ڪيو آهي، ڇوتہ اهي جيڪي ڪندا آهن اهو بيڙو ڪم آهي (١٥) انهن پنهنجي قسمن کي ڍال ڪري ورتو آهي پوءِ الله جي راهہ کان ماڻهن کي روڪين ٿا، تنهنڪري انهن لاءِ خواري وارو عذاب آهي (١٦) انهن کي سندن مال ۽ اولاد الله جي عذاب کان ذري برابر بہ ڪونہ بچائيندو، اهي دوزخي آهن، اهي ان ۾ سدائين رهندا (١٧) جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي اٿاريندو تہ ان جي سامهون بہ ائين قَسم کڻندا جيئن توهان جي آڏو قسم کڻندا آهن ۽ اِهو سمجهن ٿا تہ اهي ڪنهن ڇڪي ڳالهہ تي آهن، خبردار! بيشڪ اهي اصل ڪوڙا آهن (١٨) انهن تي شيطان غالب ٿي ويو آهي جو انهن کان الله جي ياد وسارائي ڇڏي آهي، اُهي شيطان جي جماعت آهن، خبردار! بيشڪ جيڪي شيطان جي جماعت وارا آهن اهي گهاٽي ۾

آهن (١٩) بيشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي حڪم کان مخالفت ڪندا آهن اهي ئي ذليلن مان آهن (٢٠) الله لکي ڇڏيو آهي ته مان ۽ منهنجو رسول ضرور غالب ايندا سين. بيشڪ الله سگهارو زبردست آهي (٢١) اي پيغمبر! جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي يقين رکندا آهن انهن ماڻهن کي هرگز نه ڏسندين جو انهن ماڻهن سان دوستي رکن جن الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي آهي. توڙي اهي سندن ابا ڏاڏا يا پُٽ پوتا يا ڀائر يا مائٽ هجن. اهي ئي ڀلارا آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان کي نقش ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي فيض سان انهن جي مدد ڪئي اٿس. ۽ انهن کي اهڙن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن. اهي انهن ۾ سدائين رهندا. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اُهي الله کان راضي ٿيا. اهي الله جي جماعت آهن. خبردار! بيشڪ الله جي جماعت وارا ئي ڪامياب ٿيندڙ آهن (٢٢)[3]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت حشر مدني آهي. هن ۾ 24 آيتون ۽ 3 رڪوع آهن

جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سي سڀ الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي (١) اهو الله آهي جنهن ڪتاب وارن مان ڪفر ڪرڻ وارن کي سندن گهرن مان پهرين ويڙهه ۾ ئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو اي مسلمانو! توهان کي انهن جي نڪرڻ جو گمان ئي نه هو ۽ اهي سمجهندا هئا ته انهن کي سندن ڪوٽ قلعا الله جي عذاب کان بچائيندا. پوءِ الله جو عذاب انهن وٽ اتان آيو جتان انهن جو گمان به نه هو ۽ انهن جي دلين ۾ اهڙو رُعب وڏائين جو پنهنجا گهر پنهنجي هَٿن سان ڀاڙ ۽ مومنن جي هٿن سان ڊاهڻ لڳا. پوءِ اکين واروا عبرت وٺو (٢) ۽ جيڪڏهن الله متن جلاوطني نه لکي ها ته انهن تي دُنيا ۾ ٻي طرح عذاب ڪري ها. ۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ باهه جو عذاب آهي (٣) اهو عذاب هن ڪري جو انهن الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله جي مخالفت ڪندو ته پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي (٤) اي مومنو! محاصري وقت توهان جيڪي ڪجي جا وڻ وڍيا يا جن کي

سندن پاڻن تي بينل ڇڏيوَ اهو سمورو الله جي حڪم سان هو. هن لاءِ تہ الله فاسقن کي خوار ڪري (۵) ۽ الله پنهنجي رسول کي انهن وٺان جيڪو غنيمت جو مال ڏياريو انهيءَ تي توهان نہ پنهنجا گهوڙا ۽ نہ اُٺ ڊوڙايا هُئا. پر الله پنهنجي رسولن کي جنهن تي چاهي قبضو ڏئي ٿو ۽ الله هر شي تي وس وارو آهي (٦) الله پنهنجي رسول کي ڳوٺاڻن کان جيڪو غنيمت جو مال ڏياريو اهو الله جو ۽ رسول جو ۽ رسول جي مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي. جيئن اهو توهان مان آسودن جي ذاتي ملڪيت نہ ٿئي. ۽ اي مسلمانو! رسول توهان کي جيڪو ڏئي اهو وٺو ۽ جنهن کان منع ڪري انهيءَ کان رُڪجي ويو ۽ الله کان ڊجو. بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي (۷) اهو مال غريب مهاجرن لاءِ آهي جن کي پنهنجي گهرن ۽ ملڪيت مان ڪيو ويو. اهي الله کان فضل ۽ ان جي رضا گهرندا آهن ۽ الله کي ۽ ان جي رسول کي مدد ڏيندا آهن. اهي ئي سچا آهن (۸) ۽ اهو مال انهن لاءِ آهي جيڪي مهاجرن جي اچڻ کان اڳي هن شهر ۾ ايمان تي رهيا پيا هيا ۽ جيڪي انهن ڏانهن هجرت ڪري اچن ٿا انهن سان پيار ڪن ٿا ۽ جيڪا شي مهاجرن کي ڏني ويئي تہ ان لاءِ پنهنجي دلين ۾ ڪا تنگي نٿا ڏسن ۽ توڙي کين بک هجي تہ بہ انهن (مهاجرن) کي پنهنجي جان تي ترجيح ڏين ٿا. ۽ جن کي پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو اهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن (۹) ۽ اهو مال انهن لاءِ بہ آهي جيڪي انهن (انصارن ۽ پهرين مهاجرن) کان پوءِ آيا ۽ چوندا آهن تہ اي اسان جا رب! اسان کي بخش ۽ اسان جي انهن ڀائرن کي بہ جن ايمان آڻڻ ۾ اسان کان اڳرائي ڪئي ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي لاءِ ڪينو نہ رک. اي اسان جا رب! بيشڪ تون ئي شفقت ڪندڙ مهربان آهين (۱۰)[1] اي پيغمبر! ڇا تو انهن کي نہ ڏٺو آهي جن منافقي ڪئي جو ڪتاب وارن مان ڪفر ڪرڻ وارن پنهنجي ڀائرن کي چوندا آهن تہ جيڪڏهن توهان کي وطن مان ڪڍيو ويو تہ اسان بہ ضرور توهان سان گڏ نڪرنداسين ۽ توهان جي باري ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جو چيو نہ ونڊنداسين ۽ جيڪڏهن توهان سان لڙائي ٿي تہ اسان ضرور توهان جي مدد ڪنداسين. ۽ اي مسلمانو! الله شاهدي ڏئي ٿو تہ اهي ڪوڙا آهن (۱۱) جيڪڏهن انهن يهودين کي

ڪڍيو ويو تہ اهي منافق انهن سان گڏ نہ نڪرندا ۽ جيڪڏهن انهن سان لڙائي ٿي تہ هي انهن جي مدد بہ نہ ڪندا. پر جيڪڏهن انهن جي مدد ڪيائون بہ تہ ضرور پٺي ڏيئي ڀڄندا. پوءِ سندن بہ مدد نہ ٿيندي (١٢) اي مسلمانو! بيشڪ توهان انهن جي دلين ۾ الله کان وڌيڪ سخت دهشت وارا آهيو. اهو ان ڪري جو اهي بي سمجهہ ماڻهو آهن (١٣) اهي سمورا گڏجي توهان سان ڪليل ميدان ۾ مقابلو نہ ڪندا مگر قلعي وارن ڳوٺن ۾ يا ٽيتين جي آڙ مان. انهن جي پاڻ ۾ ئي سخت ويڑهہ آهي. اي ٻڌندڙ! تون انهن کي گڏيل سمجهين ٿو پر انهن جون دليون جدا جدا آهن. اهو ان ڪري جو اهي بي عقل ماڻهو آهن (١٤) اهي انهن وانگر آهن جيڪي ماڻهو ويجهڑائي ۾ انهن کان ٿورو اڳ گذريا آهن جن پنهنجي ڪئي جي سزا چکي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب بہ آهي (١٥) منافقن جو مثال شيطان وانگر آهن جڏهن ماڻهوءَ کي چوندو آهي تہ ڪفر ڪر. پوءِ جڏهن ان ڪفر ڪيو تہ چوندو آهي تہ مان توکان بيزار آهيان. مان جهانن جي پالڻهار الله کان ڊڄان ٿو (١٦) پوءِ انهن بنهي (شيطان ۽ منافق) جو انجام هي آهي جو اهي ٻئي باهہ ۾ هوندا ۽ سدائين ان ۾ رهندا. ۽ ظالمن جي اها سزا آهي (١٧)[2] اي ايمان وارو! الله کان ڊجو ۽ جڳائي تہ هرشخص سوچي تہ سڀاڻي (قيامت) لاءِ ان اڳتي ڇا موڪليو آهي ۽ الله کان ڊڄندا رهو. بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١٨) ۽ انهن وانگر نہ ٿجو جن الله کي وساريو. پوءِ الله بہ انهن کان نفس جي اصلاح وسارائي ڇڏي. اُهي ئي بي دين آهن (١٩) دوزخ وارا ۽ جنت وارا برابر نہ ٿيندا. جنت وارا ئي مُراد ماڻيندڙ آهن (٢٠) اي پيغمبر! جيڪڏهن اسان هن قرآن کي ڪنهن جبل تي لاهيون ها تہ تون ان کي الله جي خوف کان عاجز ۽ ڦاٽي پوندڙ ڏسين ها. ۽ اهي مثال ماڻهن لاءِ بيان ڪريون ٿا تہ مَن اهي سوچ ڪن (٢١) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي هر ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ آهي. اهو ٻاجهارو مهربان آهي (٢٢) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي. بادشاهہ. پاڪ ذات. سلامتي ڏيندڙ. امن ڏيندڙ نگهبان. زبردست. جهُڪائيندڙ وڏائي وارو آهي ۽ الله ان کان پاڪ آهي جن کي ان سان شريڪ ڪن ٿا (٢٣) اهو الله خالق.

نئون بڻائيندڙ شڪليون ناهيندڙ آهي، سپ سهڻا نالا ان جا آهن، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سپ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن، ۽ اهوئي زبردست حڪمت وارو آهي (٢٤)[3]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آهي

سورت ممتحنہ مڪي آهي، هن ۾ 13 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اي ايمان وارو! منهنجي دشمن ۽ پنهنجي دُشمن کي دوست نہ بڻايو انهن ڏانهن دوستي جي ڪري خبرون پهچايو ٿا، جڏهن ته جيڪو توهان وٽ سچو دين آيو آهي ان جا اُهي منڪر آهن، رسول کي ۽ توهان کي هن ڪري وطن مان ڪيڍائون جو توهان پنهنجي رب الله تي ايمان آندو آهي، جيڪڏهن توهان منهنجي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ ۽ منهنجي رضا طلب ڪرڻ جي لاءِ نڪتا آهيو ته انهن ڏانهن دوستي جو ڳجهو پيغام ڇوٽا موڪليو توهان جيڪو لڪايو ٿا ۽ جيڪو ظاهر ڪريو ٿا سو مان خوب ڄاڻندڙ آهيان، ۽ توهان مان جيڪو ايئن ڪندو سو بيشڪ سڌي واٽ کان ڀٽڪي ويو (١) جيڪڏهن توهان ڪافرن کي ڪٽي هٿ اچي ويندا ته توهان جا دُشمن هوندا ۽ پنهنجا هٿ ۽ پنهنجي زبان ايذاءُ لاءِ توهان جي طرف ڊگهيڙيندا ۽ اهي چاهين ٿا ته جيڪر توهان ٻہ ڪافر ٿيو (٢) قيامت جي ڏينهن توهان جا مائٽ ۽ توهان جو اولاد توهان کي هرگز فائدو نہ ڏيندا، توهان جي وچ۾ سَنڈو ڪيو ويندو ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي (٣) بيشڪ ابراهيم ۽ جيڪي ان سان گڏ هيا تن جي طريقي ۾ توهان لاءِ سهڻو نمونو آهي، جڏهن انهن پنهنجي قوم کي چيو ته بيشڪ اسان توهان کان ۽ انهن کان جن کي توهان الله کان سواءِ پوڄيندا آهيو تن کان بيزار آهيون ۽ اسان توهان جو انڪار ڪيو، جيستائين توهان هڪ الله تي ايمان نہ آڻيندو اسان جي ۽ توهان جي وچ۾ هميشہ لاءِ دُشمني ۽ ڪاوڙ ظاهر ٿي ويئي، پر ابراهيم جو پنهنجي پيءُ کي هي چوڻ پيروي جوڳو نہ آهي ته مان ضرور تنهنجي لاءِ بخشش گُهرندس، ۽ ابراهيم اهو ٻہ چيو هو ته حالانڪ مان الله طرفان تنهنجي لاءِ ڪنهن شي جو ٻہ اختيار نٿو رکان، ابراهيم ۽ ان جي ساٿين چيو ته اي اسان جا رب! اسان توتي ئي

پروسو ڪيو ۽ توڙانهن موٽيا آهيون ۽ تنهنجي طرف ئي موٽڻ آهي (٤) اي اسان جا رب! اسان کي انهن ڪافرن جو زبردست نہ ڪر ۽ اسان جا پالڻهار! اسان جي بخشش ڪر، بيشڪ تون ئي زبردست حڪمت وارو آهين (٥) بيشڪ توهان لاءِ انهن ۾ سهڻو نمونو آهي ۽ ان لاءِ ہ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن جو اميدوار هجي، ۽ جيڪو مُنهن موڙيندو تہ پوءِ بيشڪ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي (٦)[1] اميد آهي تہ الله توهان جي ۽ انهن جي وچ۾ دوستي پيدا ڪري جن سان توهان جي دشمني آهي، ۽ الله سپ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (٧) الله توهان کي انهن سان ڳنڍڻ کان منع نہ ٿو ڪري جيڪي توهان سان دين جي ڳالهہ ۾ نہ وڙهيا ۽ نہ توهان کي توهان جي گهرن مان ڪڍيائون ۽ انهن سان احسان ڪرڻ کان ہ منع نٿو ڪري ۽ انهن سان انصاف جو برتاءُ ڪريو بيشڪ الله انصاف ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي (٨) الله توهان کي فقط انهن سان ڳنڍڻ کان منع ڪري ٿو جيڪي توهان سان دين بابت وڙهيا، توهان کي توهان جي گهرن مان ڪڍيائون ۽ توهان جي ڪڍڻ ۾ ٻين جي مدد ڪيائون، انهن سان دوستي نہ رکو ۽ جيڪي انهن سان دوستي رکندا تہ اهي ئي ظالم آهن (٩) اي ايمان وارو! جڏهن توهان وٽ مسلمان عورتون هجرت ڪري اچن تہ توهان انهن جي پرک ڪريو، الله انهن جي ايمان جو حال بهتر ڄاڻندڙ آهي، پوءِ جڏهن توهان کي ايمان واريون معلوم ٿين تہ انهن کي ڪافرن ڏانهن نہ موٽايو نہ اهي مسلمان زالون ڪافر مڙسن لاءِ حلال آهن ۽ نہ اُهي ڪافر مڙس انهن مسلمان زالن لاءِ حلال آهن، ۽ انهن جي ڪافر مڙسن انهن کي جيڪو مهر ڏنو هجي سو واپس ڪيو ۽ پوءِ جيڪڏهن توهان انهن کي حق مهر ادا ڪري انهن سان نڪاح ڪريو تہ توهان تي ڪو گناهہ نہ آهي، ۽ ڪافر زالن کي ہ قبضي ۾ نہ رکو ۽ انهن کان مهر واپس گهري ونو ۽ ڪافر مڙسن جيڪي انهن مسلمان زالن تي خرچ ڪيو آهي تہ اهي ہ اوهان کان گهري ونن، اهو الله جو حڪم آهي، اهو توهان جي وچ۾ فيصلو ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (١٠) ۽ جيڪڏهن توهان جي زالن مان ڪا مرتد ٿي ڪافرن ڏانهن وئي هجي ۽ پوءِ جي توهان ڪافرن کان ان جو بدلو ورتو اٿوَ تہ پوءِ جن جون زالون ويون هجن تن کي غنيمت مان ايترو ڏيو جيترو انهن مهر ۾ خرچ

ڪيو هو ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن تي توهان جو ايمان آهي (١١) اي نبي! جڏهن توسان مسلمان عورتون هن شرط تي بيعت ڪرڻ اچن تہ الله سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪندیون ۽ نہ چوري ڪندیون ۽ نہ بدڪاري ڪندیون ۽ نہ پنهنجي اولاد کي ڪهندیون ۽ نہ اهڙو بهتان هٿندیون جنهن کي پنهنجي هٿن ۽ پيرن سان ناهيو هجين ۽ ڪنهن چڱي ڪم ۾ تنهنجي نافرماني نہ ڪندیون تہ پوءِ انهن کان بيعت قبول ڪر ۽ الله کان انهن جي لاءِ بخشش گُهر. بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (١٢) اي ايمان وارو! انهن ماڻهن سان دوستي نہ رکو جن تي الله ڏمريو آهي، اُهي آخرت کان ائين ناميد ٿي ڇُڪا آهن جيئن ڪافر قبر وارن کان اميد لاهي وينا آهن (١٣)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت صف مدني آهي، هن ۾ 14 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن اهي الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي (١) اي ايمان وارو! اها ڳالهہ ڇو چوندا آهيو جيڪا نہ ڪندا آهيو (٢) اها ڳالهہ الله وٽ سخت ناپسند آهي جو اها ڳالهہ چئو جيڪا نہ ڪيو (٣) بيشڪ الله انهن کي دوست رکندو آهي جيڪي ان جي راهہ ۾ اهڙي طرح صف ٻڌي وڙهندا آهن جڙ اهي شيهو پرٽيل ديوار هجن (٤) ۽ اي محبوب! ياد ڪر، جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ اي منهنجي قوم! مون کي ڇو ٿا ستايو جڏهن تہ توهان ڄاڻو ٿا تہ مان توهان جي طرف الله جو رسول آهيان، پوءِ جڏهن ڌِنگا ٿيا تہ الله بہ انهن جي دلين کي ڦيرائي ڇڏيو ۽ الله فاسق ماڻهن کي هدايت نہ ڪندو آهي (٥) ۽ اي محبوب! ياد ڪر، جڏهن عيسيٰ بن مريم چيو تہ اي بني اسرائيل! بيشڪ مان توهان ڏانهن الله جو رسول آهيان، پاڻ کان اڳ آيل ڪتاب توريت جي تصديق ڪندڙ ۽ ان رسول جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان جيڪو مون کان پوءِ ايندو، جنهن جو نالو احمد آهي، پوءِ جڏهن احمد (ﷺ) انهن وٽ ڇڻن معجزن سان آيو تہ چيائون تہ هي تہ ڪليو جادو آهي (٦) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي

ڪوڙ گھڙي جڏهن تہ ان کي اسلام ڏانهن سڏيو ويندو هجي، ۽ الله ظالم ماڻهن کي هدايت نہ ڪندو آهي (۷) اهي ڪافر گهرندا آهن تہ الله جي نور کي پنهنجي ڦوڪن سان وسائين، الله پنهنجو نور پورو ڪري رهندو، توڙي جو ڪافرن کي نہ وڻي (۸) اهو الله ئي آهي جنهن پنهنجي رسول (محمد ﷺ) کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو تہ جيئن ان کي سمورن دينن تي غالب ڪري، توڙي مُشرڪن کي نہ وڻي (۹) اي ايمان وارو! ڇا مان توهان کي اهڙي واپار جو ڏس ڏيان جيڪو توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائي (۱۰) يعني تہ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ پنهنجي مال ۽ پنهنجي جان سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو، جيڪڏهن توهان ڄاڻو تہ اهو توهان جي لاءِ بهتر آهي (۱۱) تہ جيئن الله توهان کي توهان جا گناهہ بخشي ۽ توهان کي اهڙن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽ ڀلن گهرن ۾ داخل ڪري جيڪي رهائشي باغن ۾ آهن، اهائي وڏي ڪاميابي آهي (۱۲) ۽ ٻي نعمت بہ ڏيندو جيڪي توهان چاهيو ٿا، يعني الله جي مدد ۽ جلدي سوپ، اي محبوب! مومنن کي ان جي خوشخبري ڏي (۱۳) اي ايمان وارو! الله جي دين جا مددگار ٿيو جيئن عيسيٰ بن مريم حوارين کي چيو هو تہ الله جي طرف منهنجا ڪير مددگار آهن، حوارين چيو تہ اسان الله جي دين جا مددگار آهيون، پوءِ بني اسرائيل مان هڪ ٽولي ايمان آندو ۽ هڪ ٽولي ڪفر ڪيو، پوءِ اسان ايمان وارن جي سندن دُشمنن جي خلاف مدد ڪئي، پوءِ اهي غالب ٿي ويا (۱۴)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت جمعہ مدني آهي، هن ۾ 11 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سي سڀ الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن، اهو بادشاهہ، پاڪ ذات، زبردست حڪمت وارو آهي (۱) اهوئي آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن مان هڪ رسول موڪليو جيڪو انهن کي ان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب جو علم ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي ان کان اڳي کليل گمراهي ۾ هُئا (۲) ۽ انهن ٻين لاءِ بہ جيڪي هنن مسلمانن

سان اڃا نہ مليا آهن. ۽ اهوئي زبردست حڪمت وارو آهي (٣) اهو الله جو فضل آهي جنهن کي گهرندو آهي ان کي ڏيندو آهي. ۽ الله وڏي فضل وارو آهي (٤) جن کي توريت ڪٽايو ويو هو پوءِ انهن انهيءَ تي عملدرآمد نہ ڪيو تہ انهن ماڻهن جو مثال گڏهہ وانگر آهي جيڪو پٺي تي ڪتاب ڪٽي هلي. انهن ماڻهن جو خراب مثال آهي جن الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ الله ظالم ماڻهن کي سڌي واٽ نہ ڏيکاريندو آهي (٥) اي پيغمبر! چئو تہ اي يهوديو جيڪڏهن توهان کي هي گمان آهي تہ ٻين ماڻهن کان سواءِ رڳو توهان الله جا دوست آهيو تہ پوءِ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ مرڻ جي تمنا ڪريو (٦) ۽ جيڪي انهن جي هٿن اڳتي موڪليو آهي ان سبب اُهي ڪڏهن بہ ان (موت) جي تمنا نہ ڪندا. ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي (٧) اي پيغمبر! کين چئو تہ اهو موت جنهن کان توهان ڀڄو ٿا اهو تہ ضرور توهان کي پهچڻ وارو آهي. پوءِ جيڪو ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي ان جي طرف موٽايا ويندو. پوءِ جيڪي توهان دنيا ۾ ڪندا آهيو توهان کي ان جي سُڌ ڏيندو (٨)[1] اي ايمان وارو! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز جي لاءِ آذان ڏني وڃي تہ الله جي ذڪر (نماز) لاءِ تڪڙ ڪريو ۽ سودو واپار ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن توهان ڄاڻو تہ اهو توهان جي لاءِ ڀلو آهي (٩) پوءِ جڏهن نماز ادا ٿي وڃي تہ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل تلاش ڪريو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو تہ جيئن ڪامياب ٿيو (١٠) ۽ اي پيغمبر! جڏهن کي مسلمان واپار کي يا راند کي ڏسن ٿا تہ انهيءَ ڏانهن هليا وڃن ٿا ۽ توکي خطبي ۾ بيٺل ڇڏي وڃن ٿا. کين چئو تہ جو ڪجهہ الله وٽ آهي سو راند ۽ واپار کان بهتر آهي. ۽ الله ڀلو رزق ڏيندڙ آهي (١١)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت منافقون مدني آهي. هن ۾ 11 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اي پيغمبر! جڏهن منافق تو وٽ ايندا آهن تہ چوندا آهن تہ اسان شاهدي ڏيون ٿا تہ بيشڪ تون الله جو رسول آهين. الله بہ ڄاڻي ٿو تہ بيشڪ تون ان جو رسول آهين. پر الله شاهدي ڏئي ٿو تہ بيشڪ اهي منافق ڪوڙا

آهن (١) ۽ انهن پنهنجن قسمن کي ڊال ناهي ورتو آهي پوءِ الله جي راهه کان روکين ٿا. بيشڪ اهي جيڪي ڪندا آهن سو نهايت ئي بُڇڙو آهي (٢) اهو ان ڪري جو انهن زبان سان ايمان آندو پوءِ دل سان ڪافر ٿيا تنهنڪري انهن جي دلين تي مُهر هنئي وئي، پوءِ هاڻي اهي ڪجهه به نٿا سمجهن (٣) ۽ اي پيغمبر! جڏهن تون انهن کي ڏسندو آهين ته انهن جا قدبُت توکي چڱا نظر ايندا آهن، ۽ جيڪڏهن ڳالهائيندا آهن ته تون انهن جي ڳالهه ڪن ڏئي ٻُڌندو آهين، اهي جڙ ڪوڙيل سُڪا ٻُنڊ هجن، هر هڪل کي پاڻ تي خطرو محسوس ڪندا آهن، اُهي تنهنجا دُشمن آهن تنهنڪري انهن کان هوشيار ٿي، الله جي انهن تي مار پوي ڪاڏي ابتو وڃن ٿا (٤) ۽ جڏهن انهن کي چئبو آهي ته اچو ته الله جو رسول توهان جي لاءِ بخشش گهري ته پنهنجي مٿي کي ڦيرو ڏيندا آهن ۽ تون انهن کي ڏسندو آهين ته اهي وڏائي ڪندي هٿي ويندا آهن (٥) تون انهن لاءِ بخشش گهرين يا انهن لاءِ بخشش نه گهرين، انهن لاءِ هڪجهڙو آهي، الله انهن کي هرگز معاف نه ڪندو، بيشڪ الله فاسقن کي هدايت نه ڏيندو آهي (٦) اُهي اهڙا آهن جو هڪٻئي کي چوندا آهن ته جيڪي مهاجر الله جي رسول سان گڏ آهن انهن تي خرچ نه ڪيو ته جيئن ان کي ڇڏي وڃن، ۽ آسمانن ۽ زمين جا خزانا الله جا آهن پر منافق نٿا سمجهن (٧) چون ٿا ته جيڪڏهن اسان مديني موٽي پهتاسين ته وڏيڪ عزت وارو گهٽ حيثيت واري کي اتان ضرور ڪيڙي ڇڏيندو، پر عزت ته الله ۽ ان جي رسول ۽ مومنن جي لاءِ آهي مگر منافقن کي خبر نه آهي (٨)[1] اي ايمان وارو! توهان کي توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد الله جي ذڪر کان غافل نه ڪن ۽ جيڪي ايئن ڪندا ته پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن (٩) ۽ هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن تي موت اچي اسان جي ڏني مان اسان جي وات ۾ ڪجهه خرچ ڪريو جو پوءِ ائين نه چوي ته اي منهنجا رب! تون مون کي ٿوري مدت مهلت ڏين ها ته مان خيرات ڏيان ها ۽ نيڪن مان ٿيان ها (١٠) ۽ جڏهن ڪنهن جي موت جو وقت اچي ويجي ته الله هرگز ڪنهن کي به مهلت نه ڏيندو آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي (١١)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت تغابن مدني آھي، ھن ۾ 18 آيتون ۽ 2 رڪوع آھن

جيڪي آسمانن ۾ آھن ۽ جيڪي زمين ۾ آھن سڀ الله جي پاڪائي بيان ڪندا آھن ان جي ئي بادشاھي آھي ۽ ان جي ئي ساراھ آھي ۽ اھو ھر شي تي وس وارو آھي (۱) اھو الله ئي آھي جنھن توھان کي پيدا ڪيو، پوءِ توھان مان ڪو ڪافر ٿيو ۽ توھان مان ڪو مومن ٿيو توھان جيڪي ڪندا آھيو سو الله ڏسندڙ آھي (۲) آسمانن ۽ زمين کي رِڌ سان ٻڌايو اٽس ۽ توھان جو خاڪو ناھيائين، پوءِ توھان جي تمام سھڻي صورت ناھيائين ۽ انھيءَ ڏانھن ئي موٽڻو آھي (۳) جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آھي سو ڄاڻندو آھي ۽ جيڪي لڪائيندا آھيو ۽ ظاھر ڪندا آھيو سو ب ڄاڻندو آھي، ۽ الله دلين جا ڳجھ ڄاڻندڙ آھي (٤) ڇا توھان وٽ انھن جي خبر نہ پھتي آھي جن ھن کان اڳي ڪفر ڪيو پوءِ انھن دنيا ۾ پنھنجي ڪئي جي سزا چکي ۽ انھن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب ب آھي (۵) اھو ھن ڪري جو انھن جا رسول انھن وٽ چٽن معجزن سان ايندا ھئا تہ چوندا ھيا تہ ڇا اسان کي اسان جھڙا انسان واٽ ڏيکارينداَ، پوءِ انڪار ڪيائون ۽ منھن موڙيائون پر الله ب بي پرواھي ڪئي، ۽ الله بي پرواھ ساراھيل آھي (٦) ڪافر انھي گمان ۾ آھن تہ اھي قبرن مان ھرگز نہ اٿاريا ويندا، اي پيغمبر! کين چئو تہ ھائو منھنجي رب جو قسم! توھان ضرور اٿاريا ويندو پوءِ جيڪي ڪندا آھيو تنھن جي توھان کي سُڌ ڏني ويندي، ۽ اھو ڪم الله تي آسان آھي (۷) پوءِ الله ۽ ان جي رسول تي ۽ ان نور (قرآن) تي، جيڪو اسان نازل ڪيو آھي، ايمان آڻيو، ۽ جيڪي ڪندا آھيو تنھن جي الله خبر رکندڙ آھي (۸) جنھن مھل توھان کي گڏ ٿيڻ واري ڏينھن گڏ ڪندو تہ اھوئي ڪٽ ۽ ھارائڻ جو ڏينھن آھي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو رھيو تہ الله ان جون مدايون ميٽي ڇڏيندو ۽ ان کي اھڙن باغن (بھشت) ۾ داخل ڪندو جن جي ھيٺان نھرون وھن ٿيون جن ۾ اھي سدائين رھندا، اھا وڏي ڪاميابي آھي (۹) ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجھيو اھي دوزخي آھن، سدائين ان ۾ رھندا ۽

اهو بچڑو هنڌ آهي (١٠)[1] ڪابہ مصيبت الله جي حڪم کان سواءِ نہ پهچندي آهي، ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو تہ الله ان جي دل کي هدايت ڪندو، ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (١١) ۽ الله جو حڪم مڃو ۽ رسول جو حڪم مڃو پر جيڪڏهن توهان منهن ڦيريندو تہ اسان جي رسول جي ذمي صرف پڌرو پيغام پهچائڻ آهي (١٢) الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، ۽ مومنن کي الله تي ڀروسو رکڻ گهرجي (١٣) اي ايمان وارو! توهان جي زالن ۽ توهان جي اولاد مان ڪي توهان جا دُشمن آهن تنهنڪري انهن کان هوشيار رهو ۽ جيڪڏهن معاف ڪيو ۽ درگذر ڪيو ۽ بخشيو تہ بيشڪ الله بہ بخشڻهار مهربان آهي (١٤) توُهان جو مال ۽ توهان جو اولاد رڳو آزمائش آهن ۽ الله ئي آهي جنهن وٽ وڏو ثواب آهي (١٥) پوءِ جيترو ٿي سگهيوَ تہ الله کان ڊجو ۽ پنهنجي ڀلائي لاءِ الله جو فرمان ٻُڌو ۽ حڪم مڃو ۽ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪريو تہ اوهان جي لاءِ چڱو آهي، ۽ جيڪي پنهنجي نفس جي حرص کان بچايا ويا تہ اُهي ئي چوتڪاري وارا آهن (١٦) جيڪڏهن الله کي چڱي اوڌر وارو قرض ڏيندو تہ اهو توهان کي ٻيڻو ڪري ڏيندو ۽ توهان کي بخشيندو، ۽ الله قدردان بردبار آهي (١٧) هر ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ زبردست حڪمت وارو آهي (١٨)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت طلاق مدني آهي، هن ۾ 12 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اي نبي! مسلمانن کي ٻُڌاءِ تہ جڏهن توهان زالن کي طلاق ڏيو تہ انهن کي سندن عدت جي مناسبت تي طلاق ڏيو ۽ عدت جو حساب رکو ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊجو، عدت ۾ اهي گهرن مان نہ نڪرن ۽ توهان بہ انهن کي پڌري بي حيائي کان سواءِ پنهنجن گهرن مان نہ ڪڍو ۽ اهي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن، ۽ جيڪو الله جي حدن کان اڳتي وڌندو تہ بيشڪ ان ڀاڻ تي ظلم ڪيو، توهان کي ڪهڙي خبر شايد الله هن کان پوءِ ڪو نئون رستو پيدا ڪري (١) پوءِ جڏهن اهي پنهنجي مدت کي پهچڻ واريون هجن تہ انهن کي شرعي طور ڀلائي سان روڪيو يا چڱي طريقي

سان جدا ڪريو ۽ پاڻ منجهان ٻن پروسي وارن ماڻهن کي شاهد ڪري چڏيو ۽ الله خاطر سڏي شاهدي ڏيو. ان حڪم سان ان کي نصيحت ڏجي ٿي جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکندو هجي، ۽ جيڪو الله کان ڊجندو تہ الله ان جي واسطي ڪا واٽ ڪيندو (٢) ۽ ان کي اتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هوندو. ۽ جيڪو الله تي پروسو ڪندو تہ اهو الله ان لاءِ ڪافي آهي. بيشڪ الله پنهنجو ڪم پورو ڪندڙ آهي. بيشڪ الله هر شي جو اندازو ڪري چڏيو آهي (٣) ۽ توهان جي طلاق ڏنل زالن مان جن کي ماهواري (حيض) جي اميد نہ رهي هجي پر جيڪڏهن توهان کي ڪجهہ شڪ هجي تہ انهن جي عدت ٽي مهينا آهي ۽ انهن جي عدت بہ اها آهي جن کي ايجان ماهواري نہ ايندي هجي (يعني نابالغ) ۽ پيٽ ۾ ٻار وارين زالن جي عدت هيءَ آهي جو اهي پنهنجو ٻار ڇٽي وڻن. ۽ جيڪو الله کان ڊجندو تہ الله ان جي ڪم ۾ آساني ڪندو (٤) اهو الله جو حڪم آهي جيڪو توهان ڏانهن نازل ڪيو اٿس. ۽ جيڪو الله کان ڊجندو تہ الله ان جون مدايون ميٽي چڏيندو ۽ ان کي وڏيڪ ثواب ڏيندو (٥) طلاق ڏنل زالن کي اتي رهايو جتي وس آهر پاڻ رهندا آهيو ۽ انهن کي هن لاءِ نہ ايذايو جو انهن کي تنگ ڪريو. ۽ جيڪڏهن پيٽ ۾ ٻار واريون هجن تہ جيستائين ٻار ڄڻين انهن کي خرچ پکو ڏيو پوءِ جيڪڏهن اهي توهان جي چوڻ مطابق ٻار کي ٽج پيارين تہ انهن کي ان جو اجورو ڏيو ۽ پاڻ ۾ مناسب طريقي سان مشورو ڪريو. پر جيڪڏهن پاڻ ۾ تڪليف سمجهو تہ ٻار کي ڪا بي عورت ٽج پياري (٦) جڳائي تہ حيثيت وارو پنهنجي طاقت آهر خرچ ڪري. ۽ جنهن کي رزق ۾ تنگي هجي تہ اهو الله جي ڏني آهر خرچ ڪري. الله ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏيندو آهي مگر انهيءَ موجب جيترو ان کي ڏنائين. ۽ سگهوئي الله ڏکيائي کان پوءِ سک ظاهر ڪندو (٧)[1] ۽ ڪيترائي ڳوٺ هئا جن پنهنجي رب جي حڪم ۽ ان جي رسولن جي حڪم کان سرڪشي ڪئي. پوءِ اسان انهن کي سخت طريقي سان پڪڙيوسين ۽ انهن کي سخت سزا سان عذاب ڪيوسين (٨) پوءِ انهن پنهنجي ڪئي جي سزا چکي ۽ انهن جي ڪم جي پڇاڙي خراب ٿي (٩) الله انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪيو آهي. پوءِ اي عقل وارو! جن ايمان آندو

آهي الله کان ڊجو بيشڪ الله توهان ڏانهن نصيحت (قرآن) موڪلي آهي (١٠) رسول به موڪليائين جيڪو توهان کي الله جون چٽيون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ته جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي اونداهين کان سوجهري ڏانهن ڪڍي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو ته اهو الله ان کي باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٽيون جن ۾ هميشه هميشه رهندا. بيشڪ الله ان لاءِ چڱي روزي رکي آهي (١١) الله اهو آهي جنهن ست آسمان پيدا ڪيا ۽ انهن جيتريون زمينون، انهن جي وچ ۾ رِٽ سان حڪم نازل ٿين ٿا جيئن توهان ڄاڻو ته الله هر شي تي وس وارو آهي، ۽ بيشڪ الله هر شي کي علم سان گهيرو ڪندڙ آهي (١٢)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت تحريم مدني آهي، هن ۾ 12 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اي نبي! تون پاڻ تي اها شي ڇوٽو حرام ڪرين جيڪا الله تنهنجي واسطي حلال ڪئي آهي، تون پنهنجي زالن جي مرضي چاهين ٿو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي (١) بيشڪ الله توهان لاءِ توهان جي قَسمن ڇوٽ تي ڪفارو مقرر ڪيو آهي ۽ الله توهان جو حامي آهي ۽ اهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٢) ۽ ياد رکو جڏهن نبي پنهنجي زالن مان هڪڙي زال سان راز جي ڳالهه ڪئي، پوءِ جڏهن اها اُن ڳالهه کي ٻي سان ظاهر ڪري ويئي ۽ الله نبي کي ان کان واقف ڪيو ته نبي ان زال کي ڪجهه ٻڌايو ۽ ڪجهه کان چشم پوشي ڪئي، پوءِ جڏهن نبي ان زال کي اها خبر ڏني ته چوڙ لڳي ته توهان کي اهو ڪنهن ٻُڌايو پيغمبر چيو ته مون کي ڄاڻندڙ خبر رکندڙ خبر پهچائي آهي (٣) اي پيغمبرجون زالون! جيڪڏهن توهان ٻئي الله جي آڏو توبهه ڪيو ته چڱو آهي، بيشڪ توهان جون دليون ڏنگيون ٿي ويون آهن ۽ جيڪڏهن ان ڳالهه تي زور ڏيندیون ته بيشڪ الله ان پيغمبر جو مددگار آهي ۽ جبرائيل ۽ سُڌريل مومن به، ۽ هن کان پوءِ ملائڪ به مددگار آهن (٤) جيڪڏهن اهو توهان کي طلاق ڏيندو

تہ ان جو رب سگھو ان کي توهان کان بهتر ٻيوهہ ۽ ڪنواريون فرمانبردار يقين ڪرڻ واريون، ادب واريون، توبهہ ڪندڙ عبادت گذار، روزيدار زالون بدلي ۾ ڏيندو (۵) اي ايمان وارو! پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن، ان تي سخت طاقتور ملائڪ مقرر آهن، جيڪي الله جي حڪم جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪي انهن کي حڪم ڏٻي سوئي ڪندا آهن (۶) ان ڏينهن چيو ويندو اي ڪافرو! اڄ بهانا نہ ٺاهيو توهان کي رڳو ان جو بدلو ڏنو ويندو جيڪو توهان ڪندا هئا (۷)[1] اي ايمان وارو! الله جي آڏو توبهہ ڪريو سچي توبهہ، سگهو توهان جو رب توهان کان توهان جون مدايون ميٽي ڇڏيندو ۽ توهان کي اهڙن باغن (بهشت) ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، جنهن ڏينهن الله نبي کي ۽ انهن کي جن ان سان گڏ ايمان آندو خوار نہ ڪندو، انهن جو ايماني نور انهن جي اڳيان ۽ انهن جي ساڄي پاسي کان دوڙندو پيو عرض ڪندا تہ اي اسان جا رب! اسان جي لاءِ اسان جو نور پرپور ڪر ۽ اسان کي بخش، بيشڪ تون هر شي تي وس وارو آهين (۸) اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن تي سختي ڪر، ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي، ۽ اها بيڙي جاءِ آهي (۹) جن ڪفر ڪيو انهن لاءِ الله نوح جي زال ۽ لوط جي زال جو مثال بيان ڪري ٿو اهي ٻئي اسان جي ٻانهن مان ٻن پيلارن ٻانهن جون زالون هيون، پوءِ انهن عورتن انهن ٻنهي سان دغا ڪئي، پوءِ اهي پيغمبر انهن زالن کان الله جي عذاب مان ڪجهہ به ٽاري نہ سگهيا ۽ چيو ويندو تہ توهان ٻئي عورتون جهنم ۾ ويندڙن سان گڏ اندر وڃو (۱۰) ۽ جن ايمان آندو آهي الله انهن لاءِ فرعون جي زال جو مثال بيان ڪري ٿو جڏهن ان عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ گهر جوڙاءِ ۽ مون کي فرعون ۽ ان جي ڪم کان بچاءِ ۽ مون کي ظالم ماڻهن کان پڻ بچاءِ (۱۱) ۽ عمران جي ڌي مريم جو مثال جنهن پنهنجي لڄ جي حفاظت ڪئي، پوءِ اسان ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ اها پنهنجي رب جي حڪمن ۽ ان جي احڪامن کي مڃيندي هئي ۽ اها فرمانبردارن مان هئي (۱۲)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت ملڪ مڪي آهي، ان ۾ 30 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اهو الله وڏي برڪت وارو آهي جنهن جي هٿ ۾ ساري جهان جي بادشاهي آهي ۽ اهو هر شي تي وس وارو آهي (١) اهو الله جنهن موت ۽ حياتي کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان کي پرکي تہ توهان مان عملن ۾ ڪير ڀلو آهي، ۽ اهوئي زبردست بخشڻهار آهي (٢) جنهن ستن آسمانن کي طبقا طبقا ٻڌايو اي ڏسندڙ! تون الله ٻاجهاري جي بنائڻ ۾ ڪو فرق نہ ڏسندين، ٻوڙ نظر ڪٽي ڦيراءِ تہ ڇا ڪٿي ڪا ڦوٽ ڏسين ٿو (٣) ٻوڙ وري نگاهہ ڦيرائي ٻہ ڀيرا ڏس تہ تنهنجي نظر توڏانهن ساڻي ٿي موٽي ايندي ۽ اها ٽڪل هوندي (٤) ۽ بيشڪ اسان دنيا واري هيٺين آسمان کي ڏيئن (تارن) سان سينگاريو آهي ۽ انهن کي شيطانن جي ڇُٽڻ لاءِ اماڙيون ڪيو آهي ۽ انهن لاءِ ٻڑڪندڙ باهہ جو عذاب ٻہ تيارڪيو اٿئون (٥) ۽ جن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو انهن لاءِ جهنم جو عذاب آهي، ۽ اها بيڇڙي جاءِ آهي (٦) جڏهن ان ۾ سٽيا ويندا تہ ان جو شور هُل ٻڌندا جو اهو جوش پيو هٽندو (٧) لڳندو تہ جوش کان اجهو ٿو ڦاٽي، جڏهن ڪو ٽولو ان ۾ وڌو ويندو تہ ان جا داروغا انهن کان پڇندا تہ ڇا توهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ ڪونہ آيو هو (٨) چوندا تہ هائو بيشڪ اسان وٽ ڊيڄاريندڙ آيو هو پر اسان ان کي ڪوڙو سمجهيو ۽ چيوسين تہ الله ڪجهہ ٻہ نازل نہ ڪيو آهي، بس توهان ڪليل گمراهي ۾ آهيو (٩) ۽ چوندا تہ جيڪر اسان ٻُڌون ها يا سمجهون ها تہ دوزخ وارن مان نہ هجون ها (١٠) ٻوڙ پنهنجي گناهن جو اقرار ڪندا سو دوزخين تي ڦٽڪار هجي (١١) بيشڪ جيڪي اڻ ڏٺي پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي (١٢) ۽ اي انسانو! توهان پنهنجي ڳالهہ لڪائي ڪريو يا اها وڏي آواز سان چئو بيشڪ اهو الله دلين جا ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي (١٣) ڇا جنهن پيدا ڪيو اهو نہ ڄاڻندو ۽ اهو اونهي نظر وارو ڄاڻندڙ آهي (١٤)[1] اهو الله ئي آهي جنهن توهان لاءِ زمين سولي ڪري پيدا ڪئي تہ ان جي رستن ۾ هلو ۽ ان جي

رزق مان کائو ۽ ان ڏانهن جيئرو ٿي اٿڻو آهي (١٥) ڇا توهان اُن آسمان واري کان نٽا ڊجو ته متان توهان کي زمين ۾ ڳهائي ڇڏي جو اها ڏڏندي رهي (١٦) يا توهان ان آسمان واري کان نٽا ڊجو جو توهان تي پٿر وسائيندڙ هوا موڪلي، پوءِ سگهو ڄاڻندو ته منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي (١٧) ۽ بيشڪ انهن کان اڳين به ڪوڙو پانيو هو پوءِ منهنجي ڪاوڙ ڪيئن هئي (١٨) ۽ انهن پنهنجي مٿان پر پکيڙي ۽ بند ڪري اڏامندڙ پکين کي نه ڏٺو آهي ڇا، انهن کي ٻاجهاري الله کان سواءِ کوبه روڪي نه رکندو آهي، بيشڪ اهو هر شي کي ڏسندڙ آهي (١٩) توهان لاءِ اهو ڪهڙو لشکر آهي جيڪو ٻاجهاري الله کان سواءِ توهان جي مدد ڪري، بيشڪ ڪافر ته رڳو ڏوکي ۾ آهن (٢٠) يا جيڪڏهن اهو (الله) پنهنجي روزي روڪي ڇڏي ته اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي روزي ڏئي، بلڪ اهي ڪافر سرڪشي ۽ نفرت ۾ ويڙهيل آهن (٢١) پلا جيڪو پنهنجي منهن پر اونڌو هلي ٿو سو وڌيڪ هدايت تي آهي يا جيڪو ٽيڪ سڌي واٽ تي هلي (٢٢) اي پيغمبر! چئو ته اهو الله ئي آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ توهان جي لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ناهيائين، ڪيترو ٿورو شڪر ڪريو ٿا (٢٣) چئو ته اهو الله ئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ انهيءَ ڏانهن اٺاري گڏ ڪيا ويندو (٢٤) ۽ ڪافر چوندا آهن ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته اهو واعدو ڪڏهن ايندو (٢٥) اي پيغمبر! کين چئو ته ان جو علم ته الله وٽ ئي آهي ۽ مان ته فقط ڊڏرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٢٦) پوءِ جڏهن ان انجام کي ويجهو ڏسندا ته ڪافرن جا مُنهن بگڙي ويندا ۽ انهن کي چيو ويندو ته هي آهي اهو جيڪو توهان گُهرندا هُئا (٢٧) اي پيغمبر! کين چئو ته خبر ڏيو ته جيڪڏهن الله مون کي ۽ منهنجي ساٿين کي پکڙي يا اسان تي رحم ڪري ته پوءِ ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڪير بچائيندو (٢٨) اي پيغمبر! کين ٻڌاءِ ته اهو ٻاجهارو آهي جنهن تي اسان ايمان آندو آهي ۽ اسان جو انهيءَ تي ڀروسو آهي، پوءِ سگهو توهان کي خبر پوندي ته کليل گمراهي ۾ ڪير آهي (٢٩) اي پيغمبر! کين چئو ته پلا ٻڌايو ته جيڪڏهن توهان جي جر جو پاڻي زمين ۾ صفا هيٺ لهي وڃي ته پوءِ توهان وٽ وهندڙ پاڻي ڪير آڻيندو (٣٠)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت قلم مڪي آهي، هن ۾ 52 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

ن ۽ قلم جو ۽ جيڪي ملائڪ لکندا آهن ان جو قسم آهي (١) ته تون پنهنجي رب جي فضل سان چريو نه آهين (٢) ۽ بيشڪ تنهنجي لاءِ اڻ کٽ ثواب آهي (٣) ۽ بيشڪ تون نهايت وڏي اخلاق وارو آهين (٤) پوءِ سگهوئي ڏسندين ۽ اهي ڪافر به ڏسندا (٥) ته توهان مان ڪير چريو آهي (٦) بيشڪ تنهنجو رب انهيءَ کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي جيڪو سندس راهه کان ڀٽڪيو ۽ اهو هدايت واري کي به چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (٧) پوءِ تون کوڙ پائيندڙن جو چيو نه مڃ (٨) اهي گهرن ٿا ته تون کجهه ڍرو ٿين ته اهي به ڍرا ٿين (٩) پوءِ تون هر قَسمي ذليل جو چيو نه مڃ (١٠) جيڪو گهٽا طعنا هڻندڙ وڏو چغلخور آهي (١١) خيرکان روکڻ وارو حد کان لنگهندڙ گناهگار (١٢) بدعادتو ۽ ان کان پوءِ بد نسل (حرامي) به آهي (١٣) جو اهو مال وارو ۽ اولاد وارو آهي (١٤) جڏهن ان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائجن ٿيون ته چوي ٿو ته هي ته اڳين جون کهاڻيون آهن (١٥) سگهو اسان ان کي سونڍ تي ڏنب ڏيندا سين (١٦) اي پيغمبر! بيشڪ اسان انهن کي ائين پرکيو جيئن باغ وارن کي آزمايو هو جڏهن انهن قسم کنيو هو ته صبح ٿيندي ئي ميوا پٽيندا (١٧) ۽ مسڪينن جو حصو نه ڏيندا (١٨) پوءِ ان باغ تي تنهنجي رب جي طرف کان هڪ آفت ڦري آئي ۽ اهي ستا پيا هئا (١٩) پوءِ اهو فصل ناڙ ٿي ويو (٢٠) پوءِ صبح ٿيندي ئي هڪٻئي کي سڏڻ لڳا (٢١) ته جيڪڏهن توهان کي ميوو پٽڻو آهي ته سويري پنهنجي ٻنيءَ تي هلو (٢٢) پوءِ هليا ۽ هڪٻئي کي هوريان چوڻ لڳا (٢٣) ته اڄ کوبه مسڪين هرگز توهان جي باغ اندر نه اچي (٢٤) ۽ صبح جو سويري ڪنجوسي تي زور ڏئي هليا (٢٥) پوءِ جڏهن ان کي ناڙ ٿيل ڏٺائون ته چوڻ لڳا ته بيشڪ اسان رستو پلجي ويا آهيون (٢٦) نه، بلڪ اسان بي نصيب ٿياسين (٢٧) انهن جي چڱي مڙس چيو ته مون توهان کي نه چيو هو ته توهان الله جي پاڪائي چو نٿا بيان ڪريو (٢٨) چوڻ لڳا ته اسان جو رب پاڪ آهي بيشڪ اسان ظالم

هٹاسين (٢٩) پوءِ هڪٻئي جي سامهون ٿي ملامت ڪرڻ لڳا (٣٠) چوڻ لڳا تہ هاءِ! اسان جي تباهي ٿي وئي، بيشڪ اسان ليڪو لنگهندڙ هُٹاسين (٣١) مَن اسان جو رب اسان کي ٻيو هن کان ڀَلو باغ ڏئي، بيشڪ اسان پنهنجي رب ڏانهن راغب ٿيون ٿا (٣٢) اي پيغمبر! عذاب ايئن ٿيندو آهي، ۽ آخرت جو عذاب تہ تمام وڏو آهي، جيڪر اهي سمجهن ها (٣٣)[1] بيشڪ پرهيزگارن جي لاءِ سندن رب وٽ آرام وارا باغ (بهشت) آهن (٣٤) ڇا پوءِ اسان مسلمانن کي گناهگارن جهڙو ڪنداسين (٣٥) توهان کي ڇا ٿيو آهي، ڪهڙو فيصلو ڪريو ٿا (٣٦) ڇا توهان وٽ کو ڪتاب آهي جو ان ۾ پڙهندا هجو (٣٧) جو توهان لاءِ ان ۾ اهو آهي جيڪو چاهيو ٿا (٣٨) يا توهان لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين اسان جا کي پڪا انجام ٿيل آهن ڇا تہ جيڪو حڪم ڪندَوَ سو توهان کي ملندو (٣٩) اي پيغمبر! انهن کان پڇا ڪر تہ انهن مان ڪير ان ڳالهہ جو ذميوار آهي (٤٠) يا انهن وٽ کي شريڪ آهن ڇا، پوءِ جيڪڏهن سچا آهن تہ پنهنجا شريڪ مدد لاءِ وٺي اچن (٤١) جنهن ڏينهن پِنڊي کولي ويندي ۽ انهن کي سجدي جي لاءِ سڏيو ويندو تہ سجدو نہ ڪري سگهندا (٤٢) انهن جون اکيون جُهڪي ويندیون ۽ انهن کي خواري ويڑهي ويندي ۽ جڏهن تہ دُنيا ۾ سجدي لاءِ سڏيا ويندا هئا ۽ اهي چڱا ڀلا هئا (٤٣) پوءِ اي پيغمبر! مون کي ۽ انهن کي جيڪي هن قرآن جي ڳالهہ کي ڪوڙو چون ٿا ڇڏ، سگهو اسان انهن کي اهڙي طرح آهستي آهستي پڪڙيندا سين جو انهن کي خبرئي ڪانہ پوندي (٤٤) ۽ مان انهن کي ڏيڻ ٿو بيشڪ منهنجي رِٽ پڪي آهي (٤٥) تون انهن کان ڪا اجرت گهرين ٿو ڇا جو اهي چَٽي جي بوجهہ هيٺ آهن (٤٦) يا انهن وٽ غيب جو علم آهي ڇا جو اهي لکي رهيا آهن (٤٧) پوءِ اي پيغمبر! پنهنجي رب جي حڪم تائين صبر ڪر ۽ مڇي واري (يونس) وانگر نہ ٿي جڏهن انهيءَ هن حال ۾ پڪاريو جو ڏکارو هو (٤٨) جيڪڏهن کيس سندس رب جي مهرباني نہ پهچي ها تہ ضرور رڻ پٽ ۾ اڇلايو ويڃي ها ۽ اهو بيڻي حال ۾ هجي ها (٤٩) پوءِ ان کي سندس رب چونڊيو ۽ ان کي ڀَلن ماڻهن مان ڪيائين (٥٠) ۽ بيشڪ ڪافر جڏهن قرآن ٻڌندا آهن تہ توکي پنهنجين تکين نظرن سان تکيندا آهن ۽ چوندا

آهن تہ بيشڪ هي چريو آهي (۵۱) ۽ اهو قرآن تہ جهان وارن لاءِ نصيحت آهي (۵۲)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت الحاقہ مڪي آهي، هن ۾ 52 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

قيامت (۱) قيامت ڇا آهي (۲) ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ قيامت ڇا آهي (۳) ثمود ۽ عاد وارن انهيءَ قيامت کي ڪوڙو ڄاتو (٤) پوءِ ثمود وارا تہ سخت رڙ سان هلاڪ ڪيا ويا (۵) ۽ باقي عاد وارا سي ڏڍي تيز هوا سان هلاڪ ڪيا ويا (٦) جيڪا انهن تي لڳاتار ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن هلندي رهي، پوءِ انهن ماڻهن کي ان زمين ۾ ائين ڪريل ڏسين ها ڄڻ تہ اهي ڪريل کجي جا ڏڙ هجن (۷) پوءِ ڇا تون انهن مان ڪو بچيل ڏسين ٿو (۸) ۽ فرعون ۽ جيکي ان کان اڳ هيا ۽ ناس ڪيل اونڌي ڳوٺ وارا جو گناهہ جا ڪم ڪيائون (۹) ۽ پنهنجي رب جي رسول جي نافرماني ڪيائون، پوءِ الله انهن کي نهايت سخت پڪڙ سان پڪڙيو (۱۰) بيشڪ جڏهن پاڻي مٿي چڙهڻ لڳو تہ اسان توهان کي هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيو (۱۱) جو ان کي توهان لاءِ يادگار ڪيون ۽ ان کي ياد رکڻ وارو ڪن ٻڌي (۱۲) پوءِ جڏهن صور ۾ هڪڙي ڦوڪ ڦوڪبي (۱۳) ۽ زمين ۽ جبل مٿي کنيا ويندا، پوءِ هڪڙي ئي ڌڪ سان ذرا ذرا ڪيا ويندا (۱٤) ان ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (۱۵) ۽ آسمان چيرجي پوندو، پوءِ ان ڏينهن اهو ڪمزور ٿيل هوندو (۱٦) ۽ ملائڪ ان جي ڪنارن تي هوندا ۽ ان ڏينهن تنهنجي رب جو عرش اٺ ملائڪ پنهنجي مٿان کڻندا (۱۷) ان ڏينهن توهان سمورا الله جي آڏو پيش ٿيندا ۽ توهان جي ڪابہ ڳالهہ لڪل نہ رهندي (۱۸) پوءِ جنهن کي سندس عمل نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو تہ اهو چوندو تہ اجهو منهنجو عمل نامو پڙهو (۱۹) بيشڪ مون کي پڪ هئي تہ مان پنهنجو حساب ماڻيندس (۲۰) پوءِ اهو وٺندڙ مزن ۾ هوندو (۲۱) مٿانهين باغ (بهشت) ۾ هوندو (۲۲) جنهن جا ميوا جُهڪيل هوندا (۲۳) چيو ويندن تہ ان عمل جي ڪري ڏو ڪري کائو ۽ پيئو جيڪو عمل توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو هو (۲٤) ۽ جنهن کي سندس عمل نامو

کاڀي هٿ ۾ ڏنو ويندو ته چوندو ته هاڻ جيڪر منهنجو عمل نامو مونکي نه ملي ها (۲۵) ۽ جيڪر مان نه ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي (۲۶) هاڻ جيڪر موت ئي معاملو پورو ڪري ڇڏي ها (۲۷) منهنجو مال مونکي ڪنهن ڪم نه آيو (۲۸) منهنجي سموري طاقت تباهه ٿي وئي (۲۹) ملائڪن کي چيو ويندو ته وٺو ۽ ڳٽ ٻڌو (۳۰) پوءِ ان کي دوزخ ۾ وجهو (۳۱) پوءِ اهڙي زنجير ۾ جڪڙيو جنهن جي ڊيگهه ستر هٿ هجي (۳۲) چوته اهو عظمت واري الله کي نه مڃيندو هو (۳۳) ۽ مسڪينن کي طعام کارائڻ جو تاکيد نه ڪندو هو (۳۴) پوءِ اڄ هتي ان جو ڪو حمايتي نه آهي (۳۵) ۽ نه ئي پُونءِ کان سواءِ کو کاڌو اٽس (۳۶) ان کي ڏوهارين کان سواءِ ٻيو نه کائيندو (۳۷)[1] پوءِ انهن شين جو قسم آهي جن کي توهان ڏسو ٿا (۳۸) ۽ انهن شين جو به جن کي توهان نٿا ڏسو (۳۹) بيشڪ هي قرآن ڪرم واري رسول سان ڳالهيون آهن (۴۰) ۽ اهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نه آهي. اوهان ٿورو يقين رکو ٿا (۴۱) ۽ نه ڪنهن ڪوڙي جو ڪلام آهي. گهٽ نصيحت وٺو ٿا (۴۲) هي جهانن جي پالڻهار طرفان نازل ڪيل آهي (۴۳) ۽ جيڪڏهن اهو رسول اسان تي پنهنجي طرفان ڪي ڳالهيون گهڙي ها (۴۴) ته ضرور ان کي ساڄي هٿ کان پڪڙيون ها (۴۵) پوءِ ان جي شهه رڳ کي ڪپي ڇڏيون ها (۴۶) پوءِ توهان مان ڪوبه ان کي بچائڻ وارو نه هجي ها (۴۷) ۽ بيشڪ هي قرآن پرهيزگارن جي لاءِ نصيحت آهي (۴۸) ۽ بيشڪ اسان ڄاڻون ٿا ته توهان مان ڪي ان کي ڪوڙ پائيندڙ آهن (۴۹) ۽ بيشڪ هي قرآن ڪافرن تي حسرت جو سبب آهي (۵۰) ۽ بيشڪ هي قرآن يقيني طور سچ آهي (۵۱) پوءِ اي محبوب! تون پنهنجي عظمت واري رب جي نالي سان پاڪائي بيان ڪر (۵۲)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت معارج مڪي آهي، هن ۾ 44 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

هڪ سوال ڪندڙ پوندڙ عذاب جو سوال ڪيو (۱) ڪافرن وارو جنهن کي ڪوبه ٽارڻ وارو نه آهي (۲) جيڪو بلندين جي مالڪ الله جي

طرفان اڇٽو آهي (٣) ان ڏينهن جنهن جو اندازو پنجاهه هزار سال آهي. ملائڪ ۽ جبرائيل ان (الله) جي بارگاهه ڏانهن ڪافرن تي عذاب لاءِ چڙهندا (٤) پوءِ اي پيغمبر! تون صبر ڪر، بهترين صبر (٥) اهي ڪافر ان عذاب کي پري ڏسن ٿا (٦) ۽ اسان ان کي ويجهو ڏسي رهيا آهيون (٧) جنهن ڏينهن آسمان پگهريل تامي وانگر ٿيندو (٨) ۽ جبل پڇيل اُن وانگر ٿي ويندا (٩) ۽ ڪوبه مائٽ ڪنهن به مائٽ جي خبر نه پڇندو (١٠) هڪٻئي کي ڏسڻ جي باوجود. ڏوهاري خواهش ڪندو ته جيڪر ان ڏينهن جي عذاب کان ڇوٽڪاري جي بدلي ۾ پنهنجا پُٽ ڏئي (١١) ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ڀاءُ به (١٢) ۽ پنهنجو گهراڻو به جنهن سان ان جي رهائش هئي (١٣) ۽ جيڪي به زمين ۾ آهي ته ڏئي ان جي بدلي پاڻ کي بچائي (١٤) ائين نه ٿيندو اها ڇِيِي هٽندڙ باهه آهي (١٥) کل لاهي چڏيندڙ (١٦) جنهن الله کان پٺي ڏني ۽ مُنهن ڦيريو ان کي سڏيندي (١٧) ۽ ان کي جنهن مال گڏ ڪيو ۽ سانڍي رکيائين (١٨) بيشڪ انسان پيدائشي ڪروڌي آهي (١٩) جڏهن ان کي تڪليف پهچندي آهي ته دانهون ڪندو آهي (٢٠) ۽ جڏهن ان کي سک پهچندو آهي ته ڪنجوس ٿيندو آهي (٢١) سواءِ نماز ادا ڪرڻ وارن جي (٢٢) جيڪي پنهنجي نماز جا پابند آهن (٢٣) ۽ اهي جن جي مال ۾ الله جو حصو مقرر ٿيل آهي (٢٤) سوال ڪندڙ ۽ سوال نه ڪندڙ (محتاج) لاءِ (٢٥) ۽ جيڪي قيامت جي ڏينهن کي سچو ڄاڻندا آهن (٢٦) ۽ اهي جيڪي پنهنجي رب جي عذاب کان ڊڄندڙ آهن (٢٧) بيشڪ سندن رب جو عذاب اٽٽر آهي (٢٨) ۽ اهي جيڪي پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪندا آهن (٢٩) پنهنجي زالن يا پنهنجي ٻانهين کان سواءِ، جو انهن لاءِ انهن تي ڪا ملامت نه آهي (٣٠) پوءِ جيڪي انهن کان سواءِ ٻيو ڪجهه گهرندا ته اهي حد کان لنگهندڙ آهن (٣١) ۽ اهي جيڪي پنهنجي امانتن ۽ پنهنجي واعدي جي حفاظت ڪندا آهن (٣٢) ۽ اُهي جيڪي پنهنجي شاهدين تي قائم رهندا آهن (٣٣) ۽ اهي جيڪي پنهنجي نماز جي پابندي ڪندا آهن (٣٤) اهي ئي باغن (بهشت) ۾ عزت سان رهندا (٣٥) پوءِ پيغمبر کي چيو ويندو ته انهن ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي جو تنهنجي طرف ڀڄندا اچن ٿا (٣٦) ساڄي ۽ ساسي ۽ ڪاپي پاسي کان ٽولا ڪري (٣٧) انهن مان هر شخص اها لالچ

رکي ٿو چا تہ کيس نعمت واري باغ (بهشت) ۾ داخل کيو وڃي (٣٨) هرگز نہ! بيشڪ اسان انهن کي ان شي مان پيدا کيو آهي جنهن کي ڄاڻن ٿا (٣٩) پوءِ مان اويرن ۽ اولهن جي رب جو قسم کڻان ٿو تہ اسان وس وارا آهيون (٤٠) تہ انهن کان ٻيا سُڻا بدلائي آڻيون ۽ اسان عاجز ٿيڻ وارا نہ آهيون (٤١) پوءِ اي پيغمبر! انهن کي ڇڏي ڏي تہ بک ڪن ۽ راند ڪندا رهن، ايتري تائين جو پنهنجي ان ڏينهن کي ڏسن جنهن جو انهن کي انجام ڏجي ٿو (٤٢) جنهن ڏينهن قبرن مان ڊوڙندي نڪرندا، جڙ اهي ڪنهن نشان جي طرف ڀڳا تا وڃن (٤٣) سندن اکيون هيٺ جهڪيل هونديون ۽ انهن کي خواري وٺي ويندي، ڇيو ويندو تہ هي اهو ڏينهن آهي جنهن جو انهن کي انجام ڏنو ويو هو (٤٤)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت نوح مکي آهي، هن ۾ 28 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

بيشڪ اسان نوح کي پيغمبر ڪري سندس قوم ڏانهن موڪليو تہ ان کان اڳي جو انهن تي ڏکوئيندڙ عذاب اچي وڃي پنهنجي قوم کي ڊيڄار (١) نوح چيو تہ اي منهنجي قوم! بيشڪ مان توهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان (٢) تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان ڊجو ۽ منهنجو چيو مڃو (٣) تہ اهو الله توهان کي توهان جا گناهہ بخشي ۽ توهان کي هڪ مقرر مدت تائين مهلت ڏئي، جيڪڏهن توهان ڄاڻندا آهيو تہ بيشڪ جڏهن الله جو مقرر وقت ايندو تہ پٺتي نہ ٿيندو (٤) نوح چيو تہ اي منهنجا رب! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي رات ڏينهن سڏيو (٥) پوءِ منهنجي سڏ انهن لاءِ ڀڄڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ وڌايو (٦) ۽ مون جيترا ڀيرا بہ انهن کي سڏيو تہ جيئن تون انهن کي بخشين تہ انهن پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وڌيون ۽ پنهنجي ڪپڙن سان منهن ڍڪيائون ۽ هٺ ڪيائون ۽ تڪبر مڙان تڪبر ڪيائون (٧) وري مون انهن کي وڏي واڪي سڏيو (٨) پوءِ مون انهن کي اعلان ڪري بہ چيو ۽ انهن کي آهستي مخفي طرح بہ چيو (٩) مون کين چيو تہ پنهنجي رب کان بخشش گهرو، بيشڪ اهو بخشڻهار آهي (١٠) تہ آسمان مان توهان تي رحمت جو وڏ ڦڙو مينهن موڪلي (١١)

۽ توهان کي مال ۽ اولاد سان وڌائي ۽ توهان کي باغ ڏئي ۽ توهان جي لاءِ نهرون وهائي (۱۲) توهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله جي عظمت جو خيال نٿا رکو (۱۳) جڏهن ته انهيءَ توهان کي مختلف مرحلن سان پيدا ڪيو (۱٤) ڇا توهان نه ڏٺو آهي ته الله ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو آهي (۱۵) ۽ انهن ۾ چنڊ کي روشن ڪيائين ۽ سج کي چمڪندڙ ڏيئو ڪيائين (۱٦) ۽ الله توهان کي جمائڻ وانگر زمين مان پيدا ڪيو (۱۷) پوءِ توهان کي ان ۾ واپس ڪندو ۽ وري توهان کي پوري طرح باهر ڪيندو (۱۸) ۽ الله توهان جي لاءِ زمين کي فرش بڻايو آهي (۱۹) جيئن ان جي ڪُشادن رستن تي هلو (۲۰)[1] نوح چيو ته اي منهنجا رب! انهن منهنجو چيو نه مڃيو ۽ انهن جي پنيان لڳا جن لاءِ سندس مال ۽ اولاد نقصان کان سواءِ ڪجهه نه وڌايو (۲۱) انهن فريب مڻان وڏو فريب هلايو (۲۲) ۽ چيائون ته پنهنجن معبودن (بتن) کي هرگز نه ڇڏجو ۽ نه وُدَّ ۽ سُوَاعَ ۽ نه يغوث ۽ يعوق ۽ نه نسر کي ڇڏجو (۲۳) ۽ بيشڪ انهن گهڻن کي گمراهه ڪيو آهي ۽ تون به ظالمن لاءِ گمراهي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه وڌاءِ (۲٤) پنهنجن گناهن جي ڪري ٻوڙيا ويا، پوءِ باهه ۾ وڌا ويا، پوءِ پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ٻيو ڪو به مددگار نه لڌائون (۲۵) ۽ نوح چيو ته اي منهنجا رب! زمين تي ڪافرن مان ڪو به وسندڙ گهر نه ڇڏ (۲٦) ڇوته جيڪڏهن تون انهن کي رهڻ ڏيندين ته تنهنجي ٻانهن کي گمراهه ڪندا ۽ بدڪار ناشڪر اولاد کان سواءِ ٻيو نه ڄڻيندا (۲۷) اي منهنجا رب! مون کي ۽ منهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي بخش ۽ جيڪي منهنجي گهر ۾ مومن ٿي آيا انهن سميت مومنن ۽ مومنياڻين کي بخش، ۽ ظالمن لاءِ تباهي کان سواءِ ٻيو نه وڌاءِ (۲۸)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت جن مڪي آهي، هن ۾ 28 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اي پيغمبر! چئو ته مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ته جنن جي هڪ ٽولي منهنجو قرآن پڙهڻ ٻڌو پوءِ چيائون ته بيشڪ اسان هڪ عجيب قرآن ٻڌو آهي (۱) جيڪو سڌي راهه ڏانهن ڏس ڏئي ٿو پوءِ اسان ان تي ايمان آندو ۽ ڪنهن کي به پنهنجي رب سان شريڪ نه ڪنداسين

(٢) ۽ بيشڪ اسان جي رب جو شان نهايت وڏو آهي، نه ان زال رکي آهي ۽ نه اولاد اٽس (٣) ۽ اسان مان بيوقوف الله تي اجايون ڳالهيون ٺاهيندو آهي (٤) جڏهن ته اسان جو خيال هو ته انسان ۽ جن الله تي ڪڏهن به ڪوڙ نه ٺاهيندا (٥) ۽ انسانن مان ڪيترا مرد جنن جي مَردن جي پناهه وٺندا هئا، پوءِ ان سان ويتر انهن جنن جي وڏائي کي وڌايائون (٦) ۽ جيئن توهان کي گمان هو ائين انهن انسانن گمان ڪيو هو ته الله هرگز رسول نه موڪليندو (٧) ۽ اسان آسمان کي جاچيو، پوءِ ان کي ڏَنوسين ته سخت چوڪيدارن ۽ باهه جي اُماڙين سان پريو پيو آهي (٨) ۽ اسان اڳي ان (آسمان) جي رستن تي گفتگو ٻڌڻ جي لاءِ ويهندا هئاسين پر هاڻي جيڪو ٻڌڻ چاهي ٿو سو پنهنجي لاءِ تيار ٿيل باهه جي اماڙي ڏسندو آهي (٩) ۽ اسان کي معلوم نه آهي ته زمين وارن لاءِ ڪنهن مَدائي جو ارادو ڪيو آهي يا انهن لاءِ سندن رب ڪهڙي ڀلائي جو ارادو ڪيو آهي (١٠) ۽ اسان مان ڪي سڌريل آهن ۽ ڪي ٻي طرح به آهن، اسان مختلف طريقن ۾ ورهايل آهيون (١١) ۽ اسان کي يقين ٿيو آهي ته زمين ۾ الله کي ڪڏهن به ٽڪائي نه سگهنداسين ۽ نه ئي ڀڄي ڪري ان جي قابو مان نڪري سگهنداسين (١٢) ۽ اسان جڏهن هدايت جي ڳالهه ٻڌي ته ان تي ايمان آندوسين، پوءِ جيڪو پنهنجي رب تي ايمان آڻيندو سو نه ڪنهن نقصان کان ۽ نه زيادتي کان ڊڄندو (١٣) ۽ اسان مان ڪي فرمانبردار ٿيا آهن ۽ اسان مان ڪي گناهگار آهن، پوءِ جن اسلام قبول ڪيو انهن سڌي واٽ ڳولي ورتي (١٤) ۽ باقي ظالم، سي جهنم جو ٻارڻ ٿيندا (١٥) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن اهي مڪي جا ماڻهو سڌي واٽ تي هلن ها ته اسان انهن کي گهڻو پاڻي پياريون ها (١٦) جو انهن کي ان ۾ آزمايون، ۽ جيڪو پنهنجي رب جي ياد کان مُنهن موڙيندو ته اهو ان کي چڑهندڙ عذاب ۾ داخل ڪندو (١٧) ۽ هي ته مسجدون الله جي عبادت لاءِ آهن، پوءِ الله سان گڏ ڪنهن ٻئي جي عبادت نه ڪريو (١٨) ۽ جڏهن الله جو ٻانهو (محمد ﷺ) ان جي عبادت لاءِ بيٺو ته اهي ڪافر ان تي انبوهه ڪرڻ وارا هيا (١٩)[1] اي پيغمبر! کين چئو ته مان پنهنجي رب جي ئي عبادت ڪيان ٿو ۽ ڪنهن کي به ان جو شريڪ نٿو ٺاهيان (٢٠) اي پيغمبر! کين چئو ته مان توهان جي لاءِ نه گمراهي جو ۽ نه هدايت جو مالڪ آهيان (٢١) چئو ته مون کي

الله کان ڪوبہ نہ بچائيندو ۽ ان کان سواءِ ڪنهن وٽ بہ پناهہ نہ ملندي (٢٢) مگر الله جي طرفان خبر ۽ ان جا پيغام پهچائڻا آهن، ۽ جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪندا تہ پوءِ انهن لاءِ بلاشڪ جهنم جي باهہ آهي جنهن ۾ هميشہ هميشہ رهندا (٢٣) ايستائين غفلت ۾ رهندا جو جڏهن ان کي ڏسندا جنهن جو ساٿن واعدو ڪيو ويو تہ پوءِ جلد معلوم ڪري ونڊندا تہ ڪنهن جا مددگار ڪمزور ۽ ڳاڻاٽي ۾ گهٽ آهي (٢٤) کين چئو تہ مان نٿو ڄاڻان تہ آيا جنهن جو توهان کي واعدو ڏنو ويو تہ اهو ويجهو آهي يا منهنجو رب ان لاءِ ڪا دير ڪندو (٢٥) اهو غيب ڄاڻڻ وارو آهي ۽ پنهنجي غيب تي ڪنهن کي بہ واقف نہ ڪندو آهي (٢٦) مگر پنهنجي جنهن رسول کي چونڊي، پوءِ بيشڪ اهو (الله) ان جي اڳيان ۽ ان جي پٺيان نگهبان ملائڪ مقرر ڪندو آهي (٢٧) جيئن ڏسي تہ انهن پنهنجي رب جا پيغام پهچائي ڇڏيا ۽ جيڪو انهن وٽ آهي تنهن کي الله پنهنجي وس رکيو آهي ۽ هرشي جو ڳاڻاٽو ڳڻي ڇڏيو اٿس (٢٨)[2]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت مزمل مڪي آهي، هن ۾ 20 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اي چادر ڍڪيندڙ (١) رات ۾ قيام ڪر مگر ٿورو (٢) رات جو اڌ حصو يا ان کان بہ ٿورو حصو (٣) يا ان کان ڪجهہ وڌاءِ ۽ قرآن ناهي ناهي پڙهہ (٤) بيشڪ جلد اسان توتي هڪڙو ڳرو حڪم نازل ڪنداسين (٥) بيشڪ رات جو اٿڻ نفس کي جهُڪائڻ ۾ سخت آهي ۽ پرجهڻ ۾ وڌيڪ پڪو آهي (٦) بيشڪ توکي ڏينهن ۾ دين سيکارڻ جا گهڻا ڪم آهن (٧) ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ ٻين کي ڇڏي فقط انهيءَ جو ٿي رهہ (٨) اهو اوير ۽ اولهہ جو رب آهي ان کان سواءِ ڪوبہ معبود (عبادت جي لائق) ڪونهي، پوءِ انهيءَ کي ئي پنهنجو پرجهلو ڪري وٺ (٩) ۽ ڪافر جيڪي چوندا آهن ان تي صبر ڪر ۽ انهن کي ڇڪي طرح ڇڏي ڏي (١٠) ۽ مون کي ۽ انهن ڪوڙ ڀائيندڙ مالدارن کي ڇڏ ۽ انهن کي ٿوري مهلت ڏي (١١) بيشڪ اسان وٽ وزني ڏنڊابيڙيون آهن ۽ ڇيي هڻندڙ باهہ آهي (١٢) ۽ نڙي گهٽيندڙ کاڌو ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (١٣) جنهن ڏينهن

زمين ۽ پهاڙ ڏڏندا ۽ پهاڙ واريءَ جا ٻڏل ڏڙا ٿي ويندا (١٤) اي انسانو! بيشڪ اسان توهان ڏانهن توهان تي شاهدي ڏيندڙ هڪ رسول موڪليو آهي جيئن اسان فرعون ڏانهن رسول موڪليو هو (١٥) پوءِ فرعون ان رسول جي نافرماني ڪئي تنهنڪري ان کي سخت پڪڙ سان پڪڙيوسين (١٦) جي توهان نہ مڃيندو تہ پوءِ ان ڏينهن ڪيئن بچندو جيڪو ٻارن کي پوڙهو ڪري ڇڏيندو (١٧) ان ڏينهن آسمان ڦاٽندو ۽ الله جو واعدو پورو ٿي رهڻو آهي (١٨) بيشڪ اها نصيحت آهي، پوءِ جيڪو نصيحت گهري تہ پنهنجي رب ڏانهن وات وڻي (١٩)[1] اي پيغمبر! بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو تہ تون قيام ڪرين ٿو ڪڏهن رات جي ٻن ٽهاين جي قريب ڪڏهن رات جو اڌ حصو ۽ ڪڏهن ان جو ٽيون حصو ۽ هڪ جماعت تنهنجي ساڻين مان بہ قيام ڪندي آهي ۽ الله رات ۽ ڏينهن جو اندازو ڪري ٿو ان کي معلوم آهي تہ توهان کان رات جو اٽڪ ٿي نہ سگهندو تنهنڪري توهان تي ٻاجهہ ڪيائين، هاڻ قرآن مان جيترو توهان کي سولو لڳي اوترو پڙهو ان کي معلوم آهي تہ توهان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ڪي الله جو فضل تلاش ڪرڻ لاءِ زمين ۾ سفر ڪندا ۽ ڪي الله جي راهہ ۾ لڙندا، پوءِ جيترو بہ قرآن آسانيءَ سان پڙهي سگهو اوترو پڙهو ۽ نماز ادا ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله کي چڱي اوڌر وارو قرض ڏيو ۽ جيڪو پنهنجي لاءِ ڇڏائي مان اڳتي موڪليندو تہ ان کي الله وٽ بهتر ۽ وڏي اجر وارو لهندو ۽ الله کان بخشش گهرو بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي (٢٠)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو بخشڻهار مهربان آهي

سورت مدثر مڪي آهي، هن ۾ 56 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اي ڪمبل ڍڪڻ وارا (١) اٿي پوءِ ٻليل ماڻهن کي ڊيڄار (٢) ۽ پنهنجي رب جي وڏائي بيان ڪر (٣) ۽ پنهنجا ڪپڑا پاڪ رک (٤) ۽ پليتي کان پري رهہ (٥) ۽ گهڻو بدلو ملڻ جي نيت سان ڪنهن تي احسان نہ ڪر (٦) ۽ پنهنجي رب جي لاءِ صبر ڪندو رهہ (٧) پوءِ جڏهن صور ۾

ڦوڪبو (٨) تہ ان ڏينهن اهو ڏکيو وقت هوندو (٩) ڪافرن تي آساني نہ هوندي (١٠) مون کي ۽ ان کي ڇڏي ڏي جنهن کي اڪيلو پيدا ڪيو اٿم (١١) ۽ جنهن کي تمام گهٽو مال ڏنو اٿم (١٢) ۽ اڳيان حاضر رهندڙ پُٽ ڏنا اٿم (١٣) ۽ ان کي پوري طرح وڌايو اٿم (١٤) وري بہ لالچ رکي ٿو تہ مان کيس اڃا وڌيڪ ڏيان (١٥) هرگز نہ. اهو تہ اسان جي آيتن سان دشمني رکي ٿو (١٦) سگهو ان کي باهہ جي پهاڙ (صعود) تي چاڙهيندس (١٧) چوتہ ان سوچيو ۽ دل ۾ ڳالهہ ٺاهيائين (١٨) شال مار پويس! کهڙيون ڳالهيون ٺاهيائين (١٩) وري مار پويس! کيئن ڳالهہ ٺاهيائين (٢٠) پوءِ غور ڪري ڏٺائين (٢١) پوءِ ڳُهنڊ وڌائين ۽ ٻوٽ خراب ڪيائين (٢٢) پوءِ پُٺي ڦيرايائين ۽ آکڙ ڪيائين (٢٣) پوءِ چيائين تہ هي قرآن رڳو جادو آهي جيڪو اڳين کان هليو ٿو اچي (٢٤) چوي ٿو تہ اهو قرآن رڳو ماڻهوءَ جي گفتگو آهي (٢٥) سگهو ان کي دوزخ ۾ وجهندس (٢٦) ۽ توکي کهڙي خبر تہ دوزخ ڇا آهي (٢٧) اها نہ گوشت ڇڏي ٿي ۽ نہ هڏا باقي رهڻ ڏئي ٿي (٢٨) انسان کي لوساتيندڙ آهي (٢٩) ان تي اوٽويهہ داروغا مقرر آهن (٣٠) ۽ اسان دوزخ جا داروغا رڳو ملائڪ مقرر ڪيا آهن ۽ انهن جو ڳاڻاٽو رڳو ڪافرن لاءِ پرک ڪيو اٿئون تہ جيئن ڪتاب وارن کي يقين اچي ۽ ايمان وارن جو ايمان وڌي ۽ ڪتاب وارن ۽ مومنن کي ڪو شڪ نہ رهي ۽ باقي جن جي دل ۾ منافقي جي بيماري آهي ۽ ڪافر چون ٿا تہ هن مثال ڏيڻ مان الله جو ڇا مطلب آهي. اي پيغمبر! الله جنهن کي وٺيس ايئن پُلائيندو آهي ۽ جنهن کي گهري تنهن کي هدايت ڪندو آهي. ۽ تنهنجي رب جي لشڪرن کي ان کان سواءِ ڪوبہ نٿو ڄاڻي. ۽ اها ڳالهہ انسان لاءِ رڳو نصيحت آهي (٣١)[1] هاڻو چنڊ جو قسم آهي (٣٢) ۽ رات جو قسم آهي جڏهن پٺي ڦيري ٿي (٣٣) ۽ صبح جو قسم آهي جڏهن روشن ٿئي ٿو (٣٤) بيشڪ اهي تبديليون وڏين ڳالهين مان هڪ مثال آهن (٣٥) ماڻهن لاءِ ڊيڄارينڊڙ آهي (٣٦) توهان مان جيڪو چاهي تہ بهشت لاءِ اڳتي اچي يا دوزخ لاءِ پٺتي رهي (٣٧) هر شخص پنهنجي ڪمائي ۾ قائل آهي (٣٨) ساڄي پاسي وارن کان سواءِ (٣٩) جيڪي باغن (بهشت) ۾ هوندا ۽ پڇندا (٤٠) ڏوهارين کان پڇندا (٤١) توهان کي کهڙي ڳالهہ دوزخ ۾ وٺي وئي (٤٢) اهي چوندا تہ اسان نماز نہ پڙهندا

هئاسين (٤٣) ۽ مسڪين کي کاڏو نہ کارائيندا هئاسين (٤٤) ۽ بيهوديون ڳالهيون ڪرڻ وارن سان گڏ بکواس ڪندا هئاسين (٤٥) ۽ اسان قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا هئاسين (٤٦) ايستائين جو اسان تي موت اچي ويو (٤٧) پوءِ انهن کي سفارش ڪندڙن جي سفارش فائدو نہ ڏيندي (٤٨) پوءِ انهن کي ڇا ٿيو آهي جو نصيحت کان مُنهن ڦيرين ٿا (٤٩) جڙ تہ اهي ٽهندڙ گڏهہ آهن (٥٠) جو شينهن کان ڀڳا هجن (٥١) بلڪ انهن مان هرهڪ شخص گُهري ٿو تہ سندس هٿن ۾ کليل ڪتاب ڏنو وڃي (٥٢) ائين نہ ٿيندو بلڪ اهي آخرت کان نٽا ڏڃن (٥٣) خبردار! اهو قرآن نصيحت ئي آهي (٥٤) پوءِ جيڪو گهري تہ ان سان نصيحت وٺي (٥٥) ۽ اهي الله جي گهر کان سواءِ نصيحت نہ وٺندا، اهوئي آهي جنهن کان ڊڄڻ گهرجي ۽ اهوئي بخشش جو مالڪ آهي (٥٦)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت قيامه مڪي آهي، هن ۾ 40 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

قيامت جي ڏينهن جو قسم کڻان ٿو (١) ۽ ملامت ڪندڙ نفس جو قسم کڻان ٿو (٢) ڇا انسان هي سمجهي ٿو تہ اسان سندس هڏا ڪڏهن بہ گڏ نہ ڪنداسين (٣) هائو اسان ان تي بہ قادر آهيون جو سندس آڱرين جا ڏوڪا بہ ٺاهيون (٤) بلڪ انسان چاهي ٿو تہ اڳتي لاءِ گناهہ ڪندو رهي (٥) پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو (٦) پوءِ جنهن ڏينهن اکيون کيريون ٿي ويندیون (٧) ۽ چنڊ وڃي ويندو (٨) ۽ سج ۽ چنڊ ملائي ڇڏبا (٩) ان ڏينهن انسان چوندو تہ ڪاڏي ڀڄجي (١٠) خبردار! پناهہ جي جاءِ ڪانهي (١١) ان ڏينهن تنهنجي رب وٽ ئي قرار جي جاءِ آهي (١٢) ان ڏينهن انسان کي ٻڌايو ويندو جيڪو اڳتي موڪليائين ۽ جيڪو پوئتي ڇڏي آيو هوندو (١٣) بلڪ انسان پاڻ ئي پنهنجي حال تي شاهد هوندو (١٤) جيتوڻيڪ ٻهانا پيو پيش ڪندو (١٥) اي پيغمبر! قرآن پڙهڻ مهل زبان کي هن لاءِ تڪڙو نہ چور تہ ان کي جلد ياد ڪري وٺين (١٦) چوتہ ان کي تنهنجي دل ۾ محفوظ ڪرڻ ۽ ان جو پڙهڻ آسان ڪرڻ اسان جي ذمي آهي (١٧) پوءِ جڏهن اسان ان کي ملائڪ کان پڙهايون تہ ان جي پڙهڻ

پٽيان هل (١٨) پوءِ ان جي وضاحت ڪرڻ ۾ اسان جي ذمي آهي (١٩) ڪاب ڳالهه نه آهي بلڪ اي ڪافرو! توهان جلدي ملڻ واري شي (دنيا) کي دوست رکو ٿا (٢٠) ۽ دير سان اچڻ واري (آخرت) کي ڇڏي ويٺا آهيو (٢١) ان ڏينهن کي چهرا سرها هوندا (٢٢) پنهنجي رب ڏانهن ڏسندڙ هوندا (٢٣) ۽ ان ڏينهن کي منهن بگڙيل هوندا (٢٤) سمجهندا ته انهن سان چيلهه پيڻ وارو برتاءُ ٿيندو (٢٥) خبردار! جڏهن ساهه نڙگهٽ تي پهچندو (٢٦) ۽ چوندا ته ڪو جهاڙ رکڻ وارو آهي (٢٧) ۽ اهو سمجهي ويندو ته هي جدائي جي گهڙي آهي (٢٨) ۽ پني پنيءَ سان ملي ويندي (٢٩) ان ڏينهن توکي تنهنجي رب ڏانهن هلڻو آهي (٣٠)[1] پوءِ نه الله جي ڪلام کي مڃيائين ۽ نه نماز پڙهيائين (٣١) پر ڪوڙ پانيائين ۽ منهن ڦيريائين (٣٢) پوءِ آڪڙجي پنهنجي گهر هليو (٣٣) تباهي آهي، تو لاءِ تباهي آهي (٣٤) وري تباهي آهي، تو لاءِ تباهي آهي (٣٥) ڇا انسان انهي گُهمندِ (بانوَرَ) ۾ آهي ته ان کي ڇڏواڳ ڇڏيو ويندو (٣٦) ڇا اهو ان منيءَ جو هڪ ڦڙو نه هو جيڪو ماءُ جي ڳِهڻ ۾ ڪيرايو ويو (٣٧) پوءِ رت جو ڏڳ ٿيو پوءِ الله ان کي بڻايو پوءِ ٺيڪ بڻايائين (٣٨) پوءِ ان مان ٻه جنسون نر ۽ مادي ڪيائين (٣٩) ڇا جنهن اهو ڪجهه ڪيو اهو ان تي قادر نه آهي جو مئلن کي جياري (٤٠)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو باجهارو مهربان آهي

سورت دهر مڪي آهي، هن ۾ 31 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

بيشڪ انسان تي زماني جو اهڙو وقت به گذريو آهي جو اهو ياد رکڻ جهڙي شي نه هو (١) بيشڪ اسان انسان کي گهٽن جزن جي گڏيل نطفي مان پيدا ڪيو ته ان کي پرکيون، پوءِ ان کي ٻُڌندڙ ڏسندڙ ڪيوسين (٢) بيشڪ اسان ان کي سڌو رستو ٻُڌايو پوءِ شڪر ڪندڙ ٿئي يا ناشڪر ٿئي (٣) بيشڪ اسان ڪافرن جي لاءِ زنجير ۽ ڳٽ ۽ جيپي هٽندڙ باهه تيار ڪيا آهن (٤) بيشڪ نيڪ ماڻهو ان پيالي مان پيئندا جنهن ۾ ڪافور مليل پاڻي هوندو (٥) اهو هڪ چشمو آهي جنهن مان الله جا پيارا ٻانها پيئندا، جتي وٽين وهائي ويندا (٦) جيڪي الله جي لاءِ باسيل باس

(نذر) پوري ڪندا آهن ۽ ان ڏينهن کان ڏڇندا آهن جنهن جي ٻُڇڙائي هر طرف پکڙي هوندي (۷) ۽ ان جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيدي کي کاڏو کارائيندا آهن (۸) انهن کي چوندا آهن ته اسان توهان کي فقط الله جي رضا جي واسطي کاڏو کارايون ٿا، توهان کان ڪو بدلو يا شڪر گذاري نٿا گهرون (۹) بيشڪ اسان پنهنجي رب کان سختي واري ڏکئي ڏينهن کان ڏڇندا آهيون (۱۰) پوءِ الله انهن کي ان ڏينهن جي شر کان بچايو ۽ انهن کي تازگي ۽ خوشي ڏنائين (۱۱) ۽ صبر جي عيوض انهن کي جنت ۾ ريشمي لباس ڏنائين (۱۲) جنت ۾ پلنگن تي ٽيڪ ڏئي ويهندا، نه ان ۾ اُس نه سخت ٺڏ ڏسندا (۱۳) ۽ انهن مٿان ان جون ڇانئون ٽيل هوندیون ۽ ان جي ميون جا ڇڳا جهڪائي هيٺ ڪيا ويندا (۱۴) انهن تي چانديءَ جا ٽانوَ ۽ گلاس جيڪي شيشي وانگر لڳندا ڦيرايا ويندا (۱۵) گلاس به چاندي جا جن کي پياريندڙن پوري اندازي تي رکيو هوندو (۱۶) ۽ اتي کين شربتن جا پيالا پياريا ويندا جنهن ۾ سُنڌ ملیل هوندي (۱۷) اهو جنت ۾ سُنڌ جو هڪڙو چشمو آهي جنهن کي سلسبيل چوندا آهن (۱۸) ۽ انهن وٽ هميشهه حاضر رهڻ وارا ڇوڪرا ايندا ويندا، اي ڏسندڙ! جڏهن انهن کي ڏسندين ته انهن کي ڪنڊڙيل موتي سمجهندين (۱۹) ۽ جڏهن اتي نهارينديں ته گهڻي نعمت ۽ وڏي بادشاهي ڏسندين (۲۰) انهن جي جسم تي سنهي پَٽ جا ۽ ٿلهي ريشم جا ساوا ڪپڙا هوندا ۽ انهن کي چانديءَ جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ سندن رب انهن کي پاڪ شربت پياريندو (۲۱) ڇيو ويندن ته هي توهان جي عملن جو انعام آهي ۽ توهان جي محنت قبول ٿي (۲۲)[1] اي پيغمبر! بيشڪ اسان ئي توتي قرآن ٿورو ٿورو ڪري لاٿو آهي (۲۳) پوءِ پنهنجي رب جي حڪم اڇڻ تائين صبر ڪر ۽ انهن مان ڪنهن به گناهگار يا ناشڪري جو ڇيو نه مڃ (۲۴) ۽ صبح شام پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر (۲۵) ۽ رات جو ڪجهه وقت ان لاءِ سجدا ڪر ۽ رات جو گهڻي دير تائين سندس پاڪائي بيان ڪر (۲۶) بيشڪ اهي ڪافر دنيا کي پسند ڪندا آهن ۽ ڳري ڏينهن کي پنهنجي پٺيان ڇڏي ويٺا آهن (۲۷) اسان ئي انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن جا جوڙ (سَنڌ) مضبوط ڪيا آهن ۽ جڏهن گهرون انهن جهڙا ٻيا مٽائي آڻيون (۲۸) بيشڪ هي نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري اهو پنهنجي رب ڏانهن وات

وٺي (٢٩) ۽ توهان الله جي گهُر کان سواءِ کو ارادو ڪري نٿا سگهو بيشڪ الله جاڻندڙ حڪمت وارو آهي (٣٠) جنهن کي گهري تنهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ۽ باقي ظالمن ته انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس (٣١)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت مرسلات مڪي آهي، هن ۾ 50 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

موڪليل نرم هوائن جو قسم آهي (١) پوءِ زور سان گهلڻ وارين هوائن جو قسم آهي (٢) ۽ ڪڪر کٽي پکيڙيندڙ هوائن جو قسم آهي (٣) پوءِ ڪڪرن کي جُدا ڪندڙ هوائن جو قسم آهي (٤) پوءِ قرآن پهچائيندڙ ملائڪن جو قسم آهي (٥) جيڪي حجت پوري ڪرڻ يا ڊيڄارڻ لاءِ وحي آڻيندا آهن (٦) بيشڪ جنهن ڳالهه جو توهان سان واعدو ڪيو ويجي ٿو سا ضرور ٿيڻي آهي (٧) پوءِ جڏهن تارا ميٽيا ويندا (٨) ۽ جڏهن آسمان چيرجي ويندو (٩) ۽ جڏهن پهاڙ اڏاريا ويندا (١٠) ۽ جڏهن رسولن کي گڏ ڪيو ويندو (١١) خبر پوندي ته اهي پيغمبر ڪهڙي ڏينهن جي لاءِ ترسايا ويا هئا (١٢) فيصلي جي ڏينهن لاءِ (١٣) توکي ڪهڙي خبر ته اهو فيصلي جو ڏينهن ڇا آهي (١٤) ان ڏينهن ڪوڙ يانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (١٥) ڇا اسان اڳين کي هلاڪ نه ڪيو (١٦) پوءِ ٻين کي انهن جي پٺيان آندوسين (١٧) ڏوهارين سان ائين ئي ڪندا آهيون (١٨) ان ڏينهن ڪوڙ يانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (١٩) ڇا اسان توهان کي هڪ خسيس پاڻي مان پيدا نه ڪيو (٢٠) پوءِ ان کي هڪ محفوظ هنڌ رکيوسين (٢١) هڪ مقرر وقت تائين (٢٢) پوءِ پورو ٻٽايوسين جو اسان ڇڪي سگهه وارا آهيون (٢٣) ان ڏينهن ڪوڙ يانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٢٤) ڇا اسان زمين کي ماپائڻ واري نه ڪيو (٢٥) جو جيئرن ۽ مئلن کي ماپائي ٿي (٢٦) ۽ اسان ان زمين ۾ ڳرا جبل بلند ڪيا آهن ۽ توهان کي مٺو پاڻي پياريون ٿا (٢٧) ان ڏينهن ڪوڙ يانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٢٨) چيو ويندو ته ان دوزخ ڏانهن هلو جنهن کي ڪوڙو يانئيندا هئا (٢٩) تن شاخن واري ڇانوَ ڏانهن هلو (٣٠) نه ٺڏي آهي ۽ نه ڇيڀءَ کان بچائيندڙ (٣١) بيشڪ اها دوزخ

ماڙي جيڏيون چٽنگون اچلائيندي آهي (٣٢) جَڙ اهي ڦڪي رنگ جا اُٺ هجن (٣٣) ان ڏينهن ڪوڙ پانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٣٤) هي اهو ڏينهن هوندو جنهن ۾ اهي ڏوهاري نہ ڳالهائيندا (٣٥) ۽ نہ انهن کي اجازت ملندي جو عذر پيش ڪن (٣٦) ان ڏينهن ڪوڙ پانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٣٧) هي فيصلي جو ڏينهن آهي جو اسان توهان کي ۽ اڳين کي گڏ ڪيو آهي (٣٨) پوءِ جيڪڏهن توهان کي بچڙي رِت ڪرڻي آهي تہ ڀلي منهنجي لاءِ رِت ڪيو (٣٩) ان ڏينهن ڪوڙ پانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٤٠)[1] بيشڪ پرهيزگار چانو ۽ چشمن ۾ هوندا (٤١) ۽ ميون مان جيڪي گهرندا ملندن (٤٢) چيو ويندن کائو ۽ پيئو جو توهان چڱا عمل ڪندا هيا (٤٣) بيشڪ اسان چڱائي ڪرڻ وارن کي ائين بدلو ڏيندا آهيون (٤٤) ان ڏينهن ڪوڙ پانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٤٥) ڪوڙ پانئيندڙو! دنيا ۾ ڪجهہ ڏينهن کائو ۽ مزا ماڻيو بيشڪ توهان ڏوهاري آهيو (٤٦) ان ڏينهن ڪوڙ پانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٤٧) ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ الله جي اڳيان جهڪو تہ نہ جهڪندا آهن (٤٨) ان ڏينهن ڪوڙ پانئيندڙن لاءِ تباهي آهي (٤٩) پلا قرآن کان پوءِ ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا (٥٠)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت نباء مڪي آهي، هن ۾ 40 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اهي پاڻ ۾ ڪهڙي ڳالهہ بابت پڇا ڪن ٿا (١) اهڙي وڏي خبر بابت پڇا ڪن ٿا (٢) جنهن ۾ اهي پاڻ ۾ اختلاف ڪندڙ آهن (٣) خبردار! سگهو ان کي ڄاڻندا (٤) ورِي خبردار! سگهو ان کي ڄاڻي ونندا (٥) ڇا اسان زمين کي فرش نہ بڻايو آهي (٦) ۽ جبلن کي زمين جون ميخون ڪيو (٧) ۽ توهان کي نر ماد جوڙا جوڙا ڪري خلقيو آهي (٨) ۽ توهان جي ننڊ کي آرام بڻايو آهي (٩) ۽ رات کي ڍڪيندڙ ڪيو آهي (١٠) ۽ ڏينهن کي روزگار جو وقت ڪيو آهي (١١) ۽ توهان جي مٿان ست مضبوط آسمان بڻايا آهن (١٢) ۽ چمڪندڙ ڏيئو (سج) رکيو آهي (١٣) ۽ ڪرن مان ريلا ڪري وهندڙ پاڻي وسايون ٿا (١٤) جيئن ان سان اناج ۽ ساوڪ ڄمايون (١٥) ۽ گهاٽا باغ بہ (١٦) بيشڪ فيصلي جو ڏينهن هڪ مقرر

وقت آهي (١٧) جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪبو ته توهان ٽولا ٽولا ٿي هليا ايندو (١٨) ۽ آسمان کولبو جو دروازا ٿي پوندو (١٩) ۽ جبل هلايا ويندا. پوءِ اهي واريءَ وانگر ٿي پوندا (٢٠) بيشڪ جهنم هڪڙو گهات آهي (٢١) جيڪو هٿيلن جو ٺڪاڻو آهي (٢٢) ان ۾ مدتون رهندا (٢٣) ان ۾ نه کا راحت ڏسندا نه پيئڻ جي شي چکيندا (٢٤) مگر ٿهکندڙ پاڻي ۽ پونءِ (٢٥) جهڙو عمل تهڙو بدلو (٢٦) ڇوتہ اهي حساب کان نہ ڊڄندا هيا (٢٧) ۽ اسان جي آيتن کي کوڙو ڪوڙ پانيائون (٢٨) ۽ اسان هر شي کي لکي ڇڪي ڇڏيو آهي (٢٩) چيو ويندن ته پوءِ مزو چکو جو اسان عذاب کان سواءِ توهان تي ٻيو ڪجهہ نہ وڌائينداسين (٣٠)[1] بيشڪ پرهيزگارن جي لاءِ ڪاميابي آهي (٣١) باغ ۽ انگور آهن (٣٢) ۽ نوجوان هڪجيڏيون زالون (٣٣) ۽ شربت جا ڇلڪندڙ پيالا (٣٤) اتي نہ کا بيهودي ڳالهہ ۽ نہ ئي ڪوڙ ٻڌندا (٣٥) اي پيغمبر! تنهنجي رب کان سيني کي ڪافي نعمتن سان بدلو ملندو (٣٦) جيڪو آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي انهن جي وچ۾ آهي انهن جو رب آهي، الله ٻاجهارو جنهن سان ڪوبہ ڳالهائڻ جي همت نٿو رکي (٣٧) جنهن ڏينهن جبرائيل ۽ سمورا ملائڪ قطار ٻڌي بيهندا، ڪوبہ ڳالهائي نہ سگهندو مگر جنهن کي الله ٻاجهاري اجازت ڏني هوندي ۽ اهو سڌي ڳالهہ چوي (٣٨) اهو ڏينهن برحق آهي، پوءِ جيڪو چاهي تہ پنهنجي رب جي واٽ وٺي (٣٩) بيشڪ اسان توهان کي جلد اچڻ واري عذاب کان ڊيڄاريو جنهن ڏينهن ماڻهو اهو ڏسندو جيڪو سندس هٿن اڳتي موڪليو هوندو ۽ ڪافر چوندو تہ ڪاش مان مٽي هجان ها (٤٠)[2]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت نازعات مڪي آهي، هن ۾ 46 آيتون ۽ 2 رڪوع آهن

اندر گهري ساهہ ڇڪي ڪيندڙ ملائڪن جو قسم آهي (١) نرم ٿي آساني سان ساهہ ڪيندڙن جو قسم آهي (٢) ۽ ڇڪيءَ طرح سان ترندڙ ملائڪن جو قسم آهي (٣) پوءِ ڊوڙي اڳرائي ڪندڙن جو قسم آهي (٤) پوءِ سڀ ڪم رٿيندڙ ملائڪن جو قسم آهي (٥) جنهن ڏينهن ڌڌڙ واري

ڏڏندي (٦) ٻيو اڇڻ وارو ڏوڏو ان جي ٻنيان ايندو (٧) ان ڏينهن ڪيتريون ئي دليون ڏڙڪنديون هونديون (٨) انهن جون اکيون هيٺ جهُڪيل هونديون (٩) هن ڪري جو ڪافر چون ٿا تہ اسان ساڳي حالت ۾ وري موتنداسين ڇا (١٠) جڏهن اسان ڳري هڏا ٿي ويندا سين (١١) چوندا آهن تہ ايئن موٽڻ تہ ڇٽو نقصان آهي (١٢) پوءِ اها رڳو هڪڙي هَڪ ٽيندي (١٣) تہ هڪدم اهي هڪ ڪليل ميدان ۾ هوندا (١٤) اي پيغمبر! ڇا تو وٽ موسيٰ جي خبر نہ آئي آهي (١٥) جڏهن ان کي سندس رب طويٰ جي پاڪ وادي ۾ سڏيو (١٦) تہ فرعون ڏانهن وڃ، اهو حد کان لنگهي ويو آهي (١٧) پوءِ ان کي چئو تہ ڇا توکي سڌرڻ جو ارادو آهي (١٨) ۽ مان توکي تنهنجي رب جي طرف رستو ٻڌايان تہ پوءِ تون ڊڄين (١٩) پوءِ موسيٰ ان کي تمام وڏي نشاني ڏيکاري (٢٠) پوءِ فرعون ان کي ڪوڙو پانيو ۽ نافرماني ڪيائين (٢١) پوءِ پٺي ڏئي تڪڙو هلڻ لڳو (٢٢) پوءِ پڙهو ڏياري ماڻهن کي گڏ ڪيائين (٢٣) پوءِ چيائين تہ مان توهان جو وڏو رب آهيان (٢٤) پوءِ الله ان کي دُنيا ۽ آخرت ٻنهي جي عذاب ۾ پڪڙيو (٢٥) بيشڪ هن قصي ۾ انهيءَ لاءِ عبرت آهي جيڪو ڊڄي (٢٦)[1] ڇا توهان جي سمجهہ مطابق توهان جو پيدا ڪرڻ ڏکيو آهي يا آسمان جو (٢٧) ان کي ڇت ڪري مٿي ڪيائين، پوءِ ان کي ٺيڪ ٻيهاريائين (٢٨) ۽ ان جي رات اونداهي واري ڪيائين ۽ ان جو سوجهرو (ڏينهن) چمڪايائين (٢٩) ۽ ان کان پوءِ زمين پکيڙيائين (٣٠) ان مان ان جو پاڻي ۽ گاهہ ڪڍيائين (٣١) ۽ جبلن کي کوڙيائين (٣٢) تہ توهان جو ۽ توهان جي چوپاين جو گذران ٿئي (٣٣) پوءِ جڏهن وڏو واقعو (قيامت جو) ايندو (٣٤) ان ڏينهن انسان ياد ڪندو جيڪو دنيا ۾ ڪمايو هئائين (٣٥) ۽ ڏسڻ وارن لاءِ جهنم کي ظاهر ڪيو ويندو (٣٦) پوءِ جيڪو حد کان لنگهيو هوندو (٣٧) ۽ دُنيا جي زندگي کي پسند ڪيو هوندائين (٣٨) تہ پوءِ جهنم ئي ان جو ٺڪاڻو آهي (٣٩) ۽ جيڪو پنهنجي رب جي حضور ۾ بيهڻ کان ڊنو هوندو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيو هوندائين (٤٠) تہ پوءِ جنت ئي ان جي رهڻ جي جاءِ آهي (٤١) اي محبوب! توکان قيامت بابت پڇن ٿا تہ اها ڪڏهن ٽيندي (٤٢) اي پڇندڙ! تون ان جي خبر بابت ڪهڙي خيال ۾ آهين (٤٣) ان جي حتمي ڄاڻ تنهنجي رب کي آهي (٤٤) اي پيغمبر!

تون تہ فقط ان کي ڊيڄارڻ وارو آهين. جيڪو ان کان ڊڄي (٤٥) جنهن ڏينهن اهي ان کي ڏسندا تہ ائين پائنئيندا تہ دُنيا ۾ هڪ شام يا ان جي صبح کان سواءِ وڌيڪ نہ رهيا آهن (٤٦)[2]

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت عبس مڪي آهي، هن ۾ 42 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

منهن ۾ گهنڊ وڌائين ۽ منهن ڦيريائين (١) ان ڪري جو وٽس هڪ نابين آيو (٢) ۽ توکي ڇا خبر شايد اهو سڌري وڃي ها (٣) يا نصيحت ٻڌي ها، پوءِ کيس اها نصيحت فائدو ڏئي ها (٤) پر جنهن بي پرواهي ڪئي (٥) تون ان جي سڌارڻ پٺيان پيو آهين (٦) ۽ جيڪڏهن اهو نہ سڌري تہ توتي ڪا ميار ڪانهي (٧) پر جيڪو تو وٽ تڪڙو حاضر ٿيو (٨) ۽ اهو الله کان ڊڄي ٻ رهيو آهي (٩) پوءِ تون اُن کان بيخيالو ٿِئين ٿو (١٠) ايئن نہ ٿئي، بيشڪ قرآن جون اهي آيتون نصيحت آهن (١١) پوءِ جيڪو گهري تہ ان قرآن کي ياد ڪري (١٢) تعظيم وارن ورقن ۾ لکيل آهن (١٣) پاڪ وڏي شان واريون آهن (١٤) اهڙن لکندڙن جي هٿن ۾ آهن (١٥) جيڪي ٻلاين وارا ۽ تابعدار آهن (١٦) انسان کي مار پوي، ڪيڏو تہ ناشُڪر آهي (١٧) ڏيان ڪري تہ ان کي ڪهڙي شي مان خلقيو ويو (١٨) ان کي مني جي قطري مان پيدا ڪيائين، پوءِ ان کي ماپي ناهيائين (١٩) پوءِ اُن لاءِ نڪرڻ جي وات آسان ڪيائين (٢٠) پوءِ ان کي موت ڏنائين، پوءِ ان کي قبر ۾ رکايائين (٢١) پوءِ جڏهن گهُرندو تہ ان کي جيئرو ڪري ٻاهر ڪيندو (٢٢) خبردار! انسان کي جيڪو حڪم هو سو پورو نہ ڪيو اٿس (٢٣) پوءِ انسان کي گهرجي تہ پنهنجي کاڌي ڏانهن ڏسي (٢٤) بيشڪ اسان آسمان مان پاڻي وسايو آهي (٢٥) وري اسان زمين کي ڏاري پوري طرح چيريو آهي (٢٦) پوءِ ان ۾ اناج ڄمايوسين (٢٧) ۽ انگور ۽ سبزيون (٢٨) ۽ زيتون ۽ کجيون (٢٩) ۽ گهاٽا باغ (٣٠) ۽ ميوا ۽ چراگاهہ (٣١) توهان جي ۽ توهان جي جانورن جي فائدي لاءِ (٣٢) پوءِ جڏهن اها کن ڪاڙي رکندڙ هڪل ايندي (٣٣) ان ڏينهن ماڻهو پنهنجي

پاءُ کان پڇندو (٣٤) ۽ پنهنجي ماءُ ۽ پي کان بہ (٣٥) ۽ پنهنجي زال ۽ پُٽن کان بہ (٣٦) انهن مان هرهڪ کي ان ڏينهن هڪ فڪر هوندو جو اهو کيس ڳاريندو (٣٧) ان ڏينهن ڪيترائي چهرا روشن هوندا (٣٨) ٻهڪندڙ خوش ٿيندڙ هوندا (٣٩) ۽ ان ڏينهن ڪي چهرا هوندا جن تي ڏوڙ پيل هوندي (٤٠) اُنهن کي ڪارنهن ويڑهي ويندي (٤١) اُهي ئي ڪافر بدڪار آهن (٤٢)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت تڪوير مڪي آهي، هن ۾ 29 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

جڏهن سج بي نور ٿيندو (١) ۽ جڏهن تارا ميرانجهڙا ٿيندا (٢) ۽ جڏهن جبل هلايا ويندا (٣) ۽ جڏهن ڏُڪيون ڏاچيون ڇُڙواڳ ڇڏيون ويندیون (٤) ۽ جڏهن جهنگلي جانور گڏ ڪيا ويندا (٥) جڏهن سمنڊ (درياء) ٻَڙڪايا ويندا (٦) ۽ جڏهن ماڻهن جا جوڙا ٺاهيا ويندا (٧) ۽ جڏهن قبر ۾ جيئري پوريل نياڻي کان پڇا ٿيندي (٨) تہ کيس ڪهڙي گناهہ ۾ ماريو ويو هو (٩) ۽ جڏهن عمل ناما کوليا ويندا (١٠) ۽ جڏهن آسمان جاءِ کان ڇڪيو ويندو (١١) ۽ جڏهن جهنم کي ٻڙڪايو ويندو (١٢) ۽ جڏهن جنت ويجهي ڪئي ويندي (١٣) هر شخص جيڪي عمل آندو هوندو انهيءَ کي معلوم ٿي ويندو (١٤) پوئتي هٽندڙ تارن جو قسم آهي (١٥) ڪڏهن سڌا هلندڙ آهن ڪڏهن لڪي ويندڙ آهن (١٦) ۽ رات جو قسم آهي جڏهن اوندهہ ڪري ٿي (١٧) ۽ صبح جو قسم آهي جڏهن ڦٽندو آهي (١٨) تہ بيشڪ اهو قرآن عزت واري قاصد ذريعي موڪليل پيغام آهي (١٩) جيڪو قوت وارو آهي، عرش جي مالڪ وٽ عزت وارو آهي (٢٠) مڃتي وارو آهي، اتي امانت وارو آهي (٢١) ۽ توهان جو هي ساٿي (محمد ﷺ) چريو نہ آهي (٢٢) ۽ بيشڪ ان ملائڪ کي آسمان جي چٽن ڪنارن تي ڏٺو آهي (٢٣) ۽ هي نبي غيب جي خبرن ٻُڌائڻ ۾ بخيل نہ آهي (٢٤) ۽ هي قرآن مردود شيطان جو ڪلام نہ آهي (٢٥) پوءِ ڪاڏي وڃو ٿا (٢٦) اهو جهان وارن جي لاءِ نصيحت آهي (٢٧) اُن لاءِ جيڪو

توهان مان سڏو هلڻ گهري (٢٨) ۽ الله جهانن جي پالڻهار جي گهُر کان سواءِ توهان ٻيو کجهه ڪري نٿا سگهو (٢٩)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت انفطار مڪي آهي، هن ۾ 19 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

جڏهن آسمان ڦاٽندو (١) ۽ جڏهن تارا ٽُٽي چڻي پوندا (٢) ۽ جڏهن سمنڊ (درياءَ) اٽل ڪائيندا (٣) ۽ جڏهن قبرون اکيڙيون ويندیون (٤) تڏهن هر شخص کي معلوم ٿي ويندو جيڪي ان اڳتي موڪليو هوندو ۽ جيڪو پٺتي ڇڏي آيو هوندو (٥) اي انسان! توکي ڪهڙي شي پنهنجي رب ڪريم جي اطاعت کان ڏوڪي ۾ وڌو آهي (٦) جنهن توکي پيدا ڪيو پوءِ ٺيڪ ٻڌايائين، پوءِ برابر ڪيائين (٧) جنهن صورت ۾ گهريائين ان ۾ توکي جوڙيائين (٨) خبردار! بلڪ توهان حساب ڏيڻ کي ڪوڙو ٿا سمجهو (٩) ۽ بيشڪ توهان تي نگهبان مقرر ٿيل آهن (١٠) معزز لکڻ وارا (ڪرامن ڪاتبين) (١١) توهان جيڪي ڪيو ٿا اهي ڄاڻن ٿا (١٢) بيشڪ نيڪوڪار بهشت جي نعمت ۾ هوندا (١٣) ۽ بيشڪ بدڪار دوزخ ۾ هوندا (١٤) حساب جي ڏينهن ان ۾ ويندا (١٥) ۽ ان کان ڪاڏي لکي نه سگهندا (١٦) ۽ توکي ڪهڙي خبر ته حساب جو ڏينهن ڇا آهي (١٧) وري ٻڌ! توکي ڪهڙي خبر ته حساب جو ڏينهن ڇا آهي (١٨) اهو هڪ ڏينهن آهي جنهن ۾ ڪوبه شخص ڪنهن لاءِ ڪجهه ڪري نه سگهندو ۽ ان ڏينهن الله جو ئي حڪم هلندو (١٩)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت مطففين مڪي آهي، هن ۾ 36 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

ماپ تور ۾ ڪوٽ ڪندڙن لاءِ ويل آهي (١) اهي جڏهن ٻين کان وٺن ٿاته پورو ماپي وٺن ٿا (٢) ۽ جڏهن انهن کي ماپي يا توري ڏين ٿاته گهٽ ڪري ڏين ٿا (٣) ڇا اهي خيال نٿا ڪن ته انهن کي مرڻ کان پوءِ

جيئرو ڪري اڻاريو ويندو (٤) هڪڙي وڏي ڏينهن (٥) جنهن ڏينهن سڀ ماڻهو جهانن جي پالڻهار (رب العالمين) جي حضور ٻيهندا (٦) خبردار! بيشڪ بدڪارن جو عمل نامو سجين ۾ آهي (٧) ۽ توکي ڪهڙي خبر ته سجين ڇا آهي (٨) اهو هڪ لکيل دفتر آهي (٩) ان ڏينهن ڪوڙو ڄائيندڙن لاءِ تباهي آهي (١٠) جيڪي حساب جي ڏينهن کي ڪوڙو سمجهن ٿا (١١) ۽ ان کي حد کان لنگهندڙ هر ڏوهاري کان سواءِ ٻيو ڪو ڪوڙو نه سمجهندو آهي (١٢) جڏهن ان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائبيون آهن ته چوندو آهي ته هي اڳين جون آکاڻيون آهن (١٣) ائين نه آهي، بلڪ انهن جي دلين تي انهن جي ڪرتوتن ڳٽ چاڙهي ڇڏي آهي (١٤) خبردار! بيشڪ اُهي ان ڏينهن پنهنجي رب جي ديدار کان محروم هوندا (١٥) پوءِ بيشڪ اهي جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا (١٦) پوءِ چيو ويندن ته هي اهو دوزخ آهي جنهن کي توهان ڪوڙو سمجهندا هئا (١٧) خبردار! بيشڪ نيڪن ماڻهن جو عمل نامو عليين ۾ آهي (١٨) ۽ توکي ڪهڙي خبر ته عليين ڇا آهي (١٩) اهو هڪ لکيل دفتر آهي (٢٠) جنهن کي الله جا مقرب ملائڪ ڏسندا آهن (٢١) بيشڪ نيڪوڪار جنت جي نعمت ۾ هوندا (٢٢) پلنگن تي ويٺا ڏسندا (٢٣) تون انهن جي چهرن ۾ سکون جي تازگي سڃاڻي وٺندين (٢٤) انهن کي مهر لڳل خالص شربت پياريو ويندو (٢٥) ان تي مشڪ جي مهر هوندي، ۽ شوقينن کي جڳائي ته انهيءَ ۾ شوق رکن (٢٦) ۽ ان جي ملاوٽ تسنيم مان هوندي (٢٧) اهو هڪ چشمو آهي جنهن مان الله جا ويجها ٻانها پيئندا (٢٨) بيشڪ ڏوهاري ماڻهو دنيا ۾ مومنن تي کلندا هئا (٢٩) ۽ جڏهن انهن وٽان لنگهندا هئا ته پاڻ ۾ هڪٻئي کي ميڇون ڏيندا هُئا (٣٠) ۽ جڏهن پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽندا هيا ته خوشيون ڪندي موٽندا هيا (٣١) ۽ جڏهن مسلمانن کي ڏسندا هئا ته چوندا هئا ته بيشڪ اهي ماڻهو پٽڪيل آهن (٣٢) حالانڪ انهن کي انهن مسلمانن تي نگهبان بڻائي نه موڪليو ويو هو (٣٣) پوءِ ان ڏينهن ايمان وارا ڪافرن تي کلندا (٣٤) پلنگن تي ويٺا ڏسندا (٣٥) چوندا ته سگهو ڪافرن کي سندن ڪرتوتن جو بدلو ڏنو ويندو (٣٦)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت انشقاق مڪي آهي، هن ۾ 25 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

جڏهن آسمان چيرجي ويندو (١) ۽ پنهنجي رب جو حڪم ٻڌندو ۽ ٻڌڻ حق اٿس (٢) ۽ جڏهن زمين ويڙهي ويندي (٣) ۽ جيڪي ان ۾ هوندو ٻاهر اڇلينديء خالي ٿي ويندي (٤) ۽ پنهنجي رب جو حڪم ٻڌنديء ٻڌڻ حق اٿس (٥) اي انسان! بيشڪ تون پنهنجي رب ڏانهن گهٽي جاکوڙ ڪندڙ آهين، نيٺ ان سان ويجي ملندين (٦) پوءِ جنهن کي سندس عمل نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو (٧) ان سان جلد آساني سان حساب ڪيو ويندو (٨) ۽ پنهنجي گهر وارن ڏانهن خوش ٿي موٽندو (٩) ۽ جنهن کي سندس عمل نامو پٺي پويان ڏنو ويندو (١٠) اهو موت کي تڪڑو سڏيندو (١١) ۽ دوزخ ۾ داخل ٿيندو (١٢) بيشڪ اهو دنيا ۾ پنهنجي گهر ۾ خوش هو (١٣) ان سمجهيو ٿي ته ان کي الله ڏانهن موٽڻو نه آهي (١٤) هائو بيشڪ ان جو رب ان کي ڏسندڙ آهي (١٥) پوءِ سج لهڻ واري ڳاڙهاڻ (شفق) جو قسم آهي (١٦) ۽ رات جو قسم ۽ جيڪي شيون ان ۾ گڏ ٿين ٿيون (١٧) ۽ چنڊ جو قسم جڏهن مڪمل گول ٿئي ٿو (١٨) توهان ضرور منزل بمنزل چڙهندو (١٩) پوءِ انهن ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي جو ايمان نٿا آڻين (٢٠) ۽ جڏهن انهن وٽ قرآن پڙهبو آهي ته سجدو نه ڪندا آهن (٢١) بلڪ ڪافر ڪوڙ يانئيندا آهن (٢٢) ۽ جيڪي پنهنجي دل ۾ رکن ٿا سو الله چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (٢٣) پوءِ انهن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي (٢٤) پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن جي لاءِ اڻ کٽ ثواب آهي (٢٥)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت بُروج مڪي آهي، هن ۾ 22 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

برجن واري آسمان جو قسم آهي (١) ۽ واعدي واري ڏينهن (قيامت) جو قسم آهي (٢) شاهدي ڏيندڙ (پيغمبر) ۽ شاهدي ڏنل (مومنن)

جو قسم آهي (٣) شال کاهي وارا تباهه ٿين (٤) جيڪي هٽندڙ باهه وارا (٥) جڏهن اهي ان جي ڪنارن تي وينا هئا (٦) ۽ جيڪو مومنن سان ظلم ٿي رهيو هو اهي پاڻ ڏسندا هيا (٧) ۽ انهن هن ڳالهه کان سواءِ ٻي ڳالهه جو ويرنٿي ورتو تہ انهن الله زبردست ساراهيل تي ايمان آندو هو (٨) اهو الله جنهن لاءِ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي، ۽ الله هر شي جي خبر رکندڙ آهي (٩) بيشڪ جن ماڻهن مومنن ۽ مومنياڻين کي ايذايو ۽ پوءِ توبهه نہ ڪيائون تہ انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهه جو عذاب آهي (١٠) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چگا ڪم ڪيائون انهن جي لاءِ اهڙا باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، اهائي وڏي ڪاميابي آهي (١١) بيشڪ تنهنجي رب جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي (١٢) بيشڪ پهريائين اهوئي پيدا ڪري ٿو وري قيامت ۾ موٽائيندو (١٣) ۽ اهوئي بخشڻهار مِهر ڪرڻ وارو آهي (١٤) وڏي شان وارو عرش جو مالڪ آهي (١٥) جيڪي گهري سو ڪرڻ وارو آهي (١٦) اي پيغمبر! ڇا تو وٽ لشڪرن جي خبر نہ آئي آهي (١٧) فرعون ۽ ثمود جي لشڪرن جي (١٨) بلڪ ڪافر ڪوڙو يانئڻ ۾ لڳا پيا آهن (١٩) ۽ الله سندن چوڌاري گهيرو ڪندڙ آهي (٢٠) هائو اهو قرآن وڏي شان وارو آهي (٢١) سانديل قرهي (لوح محفوظ) ۾ لکيل آهي (٢٢)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو بخشڻهار مهربان آهي

سورت طارق مڪي آهي، هن ۾ 17 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

آسمان جو ۽ رات جو نروار ٽيڻ واري جو قسم آهي (١) ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ رات جو نروار ٽيڻ وارو ڇا آهي (٢) اهو چمڪندڙ تارو آهي (٣) ڪوبہ اهڙو شخص نہ آهي جنهن تي نگهبان مقرر نہ هجي (٤) تنهن ڪري انسان کي گهرجي تہ غور ڪري تہ ڪيس ڪهڙي شي مان پيدا ڪيو ويو آهي (٥) ٽپو ڏئي نڪرندڙ پاڻيءَ مان (٦) جيڪو پي جي پُٺي ۽ ماءُ جي ڇاتي جي وچان نڪرندو آهي (٧) بيشڪ الله ان جي وري اٽارڻ تي وس وارو آهي (٨) جنهن ڏينهن

دلين جا ڳجهه جاڇيا ويندا (٩) پوءِ انسان وٽ نه ته سگهه هوندي نه وري کو مددگار (١٠) مينهن واري آسمان جو قسم آهي (١١) ڦاٽڻ واري زمين جو قسم آهي (١٢) بيشڪ قرآن فيصلو ڪندڙ ڳالهه آهي (١٣) ۽ ٻوڙ جي ڳالهه قطعي نه آهي (١٤) بيشڪ ڪافر ڳجهي رِٽ رڇين ٿا (١٥) ۽ مان به پنهنجي مخفي تدبير ڪريان ٿو (١٦) پوءِ اي پيغمبر! تون ڪافرن کي ڍر ڏي، انهن کي ٿوري مهلت ڏي (١٧)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت اعليٰ مڪي آهي، هن ۾ 19 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

اي پيغمبر! پنهنجي بلند بالا رب جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر (١) جنهن سموري مخلوق کي خلقيو ۽ پوءِ سنئين لڳين ڪيائين (٢) ۽ جنهن ٺيڪ اندازو ڪيو پوءِ سڌي راهه ڏيکاريائين (٣) ۽ جنهن تازو گاهه ڄمايو (٤) پوءِ اُن کي سڪو سڙيل ڪيائين (٥) سگهو توکي قرآن پڙهائينداسين جو تون نه وسارينديں (٦) مگر جيڪي الله گهري، بيشڪ اهو ظاهر کي ۽ جيڪو ڳجهو آهي سڀ کي ڄاڻندڙ آهي (٧) ۽ اسان توکي نجات جو رستو (شريعت) آسان ڪري ڏينداسين (٨) پوءِ جتي نصيحت ڪرڻ فائدو ڪري ته نصيحت ڪندو رهه (٩) جيڪو الله کان ڊڄندو سو سُٽت سمجهه ونندو (١٠) ۽ وڏو نياڳو ان کان پاسيرو رهندو (١١) جيڪو سڀ کان وڏي باهه ۾ داخل ٿيندو (١٢) پوءِ ان ۾ نه مرندو ۽ نه جيئندو (١٣) بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو جيڪو سڌريو (١٤) ۽ پنهنجي رب جو نالو وٺي نماز پڙهندو رهيو (١٥) پر اي انسانو! توهان دنيا جي زندگي کي پسند ڪيو ٿا (١٦) ۽ آخرت بهتر ۽ هميشه رهڻ واري آهي (١٧) بيشڪ هي بيان اڳين صحيفن ۾ به لکيل آهي (١٨) ابراهيم ۽ موسيٰ جا صحيفا (١٩)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت غاشيہ مڪي آھي، ھن ۾ 26 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي پيغمبر! ڇا تو وٽ ڇانئجي ويندڙ (قيامت) جي خبر پھتي آھي (١) ان ڏينھن ڪيترائي مھانڊا خوار ھوندا (٢) مشقتن جا ماريل ٿڪل ھوندا (٣) ٻڙڪندڙ ٻاھ ۾ داخل ٿيندا (٤) تھڪندڙ چشمي جو پاڻي پياريو ويندن (٥) ڪنڊن واري گاھ کان سواءِ انھن لاءِ ڪوبہ کاڌو نہ ھوندو (٦) جو نہ انھن کي ٿلھو متارو ڪندو ۽ نہ ٻُک لاھيندو (٧) ڪيترائي مھانڊا ان ڏينھن سَرھا ھوندا (٨) پنھنجي ڪمائي تي خوش ھوندا (٩) عاليشان بھشت ۾ ھوندا (١٠) جو اُن ۾ ڪابہ بيھودي ڳالھہ نہ ٻُڌندا (١١) ان ۾ وھندڙ چشما آھن (١٢) ان ۾ وڏا پلنگ آھن (١٣) پيالا رکيل آھن (١٤) ۽ وھاٽا قطار ڪري رکيل آھن (١٥) ۽ قالين وڇايل آھن (١٦) ڇا ماڻھوءَ ڪي نٿا ڏسن تہ ان کي ڪيئن پيدا ڪيو ويو آھي (١٧) ۽ آسمان کي تہ ان کي ڪيئن بلند ڪيو ويو آھي (١٨) ۽ جبلن کي تہ ڪيئن انھن کي کوڙيو ويو آھي (١٩) ۽ زمين کي تہ ڪيئن وڇايل آھي (٢٠) پوءِ اي پيغمبر! نصيحت ڪر، تون فقط نصيحت ڪرڻ وارو آھين (٢١) تون انھن تي ضابطو رکندڙ نہ آھين (٢٢) پر جنھن مُنھن ڦيريو ۽ ڪفر ڪيو (٢٣) تہ پوءِ الله ان کي وڏي عذاب جي سزا ڏيندو (٢٤) بيشڪ انھن جو اسان ڏانھن موٽڻ آھي (٢٥) پوءِ انھن کان حساب وٺڻ اسان جي ذمي آھي (٢٦)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت فجر مڪي آھي، ھن ۾ 30 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

پرھہ ڦُٽي جو قسم آھي (١) ۽ ذوالحج جي ڏھن راتين جو قسم آھي (٢) ۽ ٻَڌِي ۽ اِڪي جو قسم آھي (٣) ۽ گذرندڙ رات جو قسم آھي (٤) ڇا ان ۾ عقل واري لاءِ پوروسي جوڳو پيغام نہ آھي (٥) اي پيغمبر! ڇا تو نہ ڏٺو تہ تنھنجي رب عاد وارن جو ڪھڙو حشر ڪيو (٦) ٿنين وانگر

قدآور ارم وارن سان (٧) جو انهن جهڙو شهرن ۾ پيدا نہ ٿيو آهي (٨) ۽ ثمود وارن سان ڪيئن ڪيائين جن وادي القريٰ ۾ گهرن لاءِ پٿرن جون ٽڪريون ٽُڪيون هيون (٩) ۽ ميخن واري فرعون سان (١٠) جيڪي شهرن ۾ سرڪش ٿيا (١١) پوءِ انهن ۾ گهڻو فساد پکيڙيائون (١٢) تنهنڪري تنهنجي رب انهن تي زور سان سزا جو چهبڪ وهايو (١٣) بيشڪ تنهنجي رب جي قدرت گهَڻ تي آهي (١٤) جڏهن انسان کي سندس رب هن طرح آزمائيندو آهي جو ان کي مان وارو ڪندو آهي ۽ نعمت ڏيندو اٿس، تڏهن چوندو آهي تہ منهنجي رب مون کي نوازيو آهي (١٥) ۽ جيڪڏهن هن طرح آزمائيندو آهي جو ان جو رزق تنگ ڪندو آهي، تڏهن چوندو آهي تہ منهنجي رب مون کي خوار ڪيو (١٦) ائين نہ آهي، بلڪ توهان يتيم کي عزت نہ ڏيندا آهيو (١٧) ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي مسڪين کي کاڏو کارائڻ جي ترغيب نہ ڏيندا آهيو (١٨) ۽ فوتي جو مال هَپ هَپ ڪري کائي ويندا آهيو (١٩) ۽ مال ملڪيت کي گهڻي پيار سان چاهيندا آهيو (٢٠) خبردار! جڏهن زمين ڪُٽي ڪُٽي سنئين ڪئي ويندي (٢١) ۽ تنهنجو رب ايندو ۽ ملائڪ قطارون ڪري بيهندا (٢٢) ان ڏينهن جهنم کي آندو ويندو تہ ان ڏينهن انسان سمجهندو پر ان وقت اها سمجهہ ڪهڙو فائدو ڏيندي (٢٣) چوندو تہ هاءِ جيڪر مان پنهنجي هن حياتيءَ لاءِ ڇڳائي اڳ ۾ موڪليان ها (٢٤) پوءِ ان ڏينهن الله جي عذاب جهڙو ڪو ٻيو عذاب نہ ڪندو (٢٥) ۽ نہ ان جي جڪڑڻ جهڙو ڪو ٻيو جڪڑيندو (٢٦) مومن کي چئبو اي دين تي مطمئن رهڻ وارا شخص (٢٧) پنهنجي رب ڏانهن هن طرح هل جو تون ان کان راضي ۽ اهو توکان راضي آهي (٢٨) پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ شامل ٿي (٢٩) ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي (٣٠)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت بلد مڪي آهي، هن ۾ 20 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

مڪي جي شهر جو قسم آهي (١) جو اي محبوب! تون هن شهر ۾ رهندڙ آهين (٢) ۽ قسم آهي ڄڻيندڙ(ابراهيم) جو ۽ ڄڻيل (محمد ﷺ)

جو قسم آهي (٣) تہ بيشڪ اسان انسان کي تڪليف ۾ رهندڙ پيدا ڪيو آهي (٤) ڇا انسان هي سمجهي ٿو تہ ان تي ڪابہ غالب قوت ڪونهي (٥) چوي ٿو تہ مون تمام گهٽو مال کپايو آهي (٦) ڇا ماڻهو سمجهي ٿو تہ ان کي ڪنهن بہ نہ ڏٺو آهي (٧) ڇا اسان ان کي ٻہ اکيون نہ ڏنيون آهن (٨) ۽ زبان ۽ ٻہ چپ (٩) ۽ اسان ان کي چڱائي ۽ مَدائي جا ٻہ رستا نہ ڏيکاريا آهن (١٠) پوءِ بہ اهو لَڪ مان نہ لنگهيو (١١) ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ اهو لَڪ ڇا آهي (١٢) ڪنهن ٻانهي کي غلامي مان آزاد ڪرائڻ (١٣) يا ڏڪار جي ڏينهن ۾ کاڏو کارائڻ (١٤) يتيم رشتيدار کي (١٥) يا متي تي ويهندڙ محتاج کي (١٦) پوءِ اهو انهن مان ٿئي جن ايمان آندو ۽ هڪٻئي کي صبر ڪرڻ جي وصيت ڪئي ۽ هڪٻئي کي خلق سان مهرباني ڪرڻ جي وصيت ڪئي (١٧) تہ اهي ئي سياڻا آهن (١٨) ۽ جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو اهي نياڻا آهن (١٩) انهن نياڻن تي باهہ ويڙهيل هوندي (٢٠)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت شمس مڪي آهي، هن ۾ 15 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

سج جو ۽ ان جي سوجهري جو قسم آهي (١) ۽ چنڊ جو قسم آهي جڏهن سج جي پٺيان اچي ٿو (٢) ۽ ڏينهن جو قسم جڏهن ان (سج) کي روشن ڪري ٿو (٣) ۽ رات جو قسم جڏهن ان (سج) کي ڍڪي ٿي (٤) ۽ آسمان جو ۽ ان جي پيدا ڪندڙ جو قسم آهي (٥) ۽ زمين جو ۽ ان کي پکيڙيندڙ جو قسم آهي (٦) ۽ ماڻهوءَ جي جان جو ۽ ان جو قسم آهي جنهن ان کي ٺيڪ ناڪ بڻايو آهي (٧) پوءِ ان کي نافرماني ۽ پرهيزگاري جي سمجهہ ڏني اٽس (٨) بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو جنهن پاڻ کي گناهہ کان پاڪ ڪيو (٩) ۽ اهو نامُراد ٿيو جنهن پاڻ کي گناهن سان گندو ڪيو (١٠) ثمود وارن پنهنجي سرڪشي سان پيغمبر کي ڪوڙو چيو (١١) جڏهن انهن سمورن کان

وڏو بدبخت اٿي ڪڙو ٿيو (١٢) پوءِ الله جي رسول انهن کي چيو تہ هي الله جي ڏاچي آهي ۽ ان جي پاڻي پيئڻ جي واري کان بچو (١٣) پوءِ ان کي ڪوڙو ڇياڻون ۽ ڏاچيءَ جون ڪُڇون ڪپياڻون، پوءِ سندن رب سندن ئي گناهہ جي ڪري انهن تي عذاب پلٽيو ۽ انهن کي پورو ڪري ڇڏيائين (١٤) ۽ الله ان سزا جي نتيجي کان نٿو ڊڄي (١٥)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت ليل مڪي آهي، هن ۾ 21 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

رات جو قسم آهي جڏهن ڇائنجي ٿي (١) ۽ ڏينهن جو قسم آهي جڏهن روشن ٿئي ٿو (٢) ۽ ان جو قسم آهي جنهن نر ۽ مادي کي خلقيو آهي (٣) بيشڪ توهان جون ڪوششون مختلف آهن (٤) پوءِ جنهن الله جي نالي ڏنو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪيائين (٥) ۽ چڱائي (اسلام ۽ آخرت) کي سچ مڃيائين (٦) تہ اسان ان کي آسان رستو ڪري ڏينداسين (٧) ۽ جنهن الله جي نالي تي ڏيڻ کان بخيلي ڪئي ۽ بي پرواهہ ٿيو (٨) ۽ چڱائي (اسلام ۽ آخرت) کي ڪوڙ سمجهيائين (٩) تہ اسان ان کي ڏکيائي ۾ پوڻ واري رستي تي لڳائينداسين (١٠) ۽ جڏهن دوزخ جي کڏ ۾ ڪرندو تہ ان جو مال ان کي ڪم نہ ايندو (١١) بيشڪ سڌو رستو ڏيکارڻ اسان جي ذمي آهي (١٢) ۽ بيشڪ آخرت ۽ دُنيا ٻنهي جا اسان ئي مالڪ آهيون (١٣) پوءِ مان توهان کي ان باهہ کان ڊيڄاريان ٿو جيڪا ڇيڇيون هڻي ٿي (١٤) ان ۾ اهڙي نياڳي کان سواءِ ٻيو کو داخل نہ ٿيندو (١٥) جنهن اسلام کي ڪوڙ ڇيو ۽ منهن ڦيريو (١٦) ۽ ان باهہ کان پرهيزگار کي پري رکيو ويندو (١٧) جيڪو الله جي نالي تي پنهنجو مال ڏئي ٿو تہ پاڪ ٿئي (١٨) ۽ کنهن جو ٻہ ان تي کو احسان نہ آهي جنهن جو بدلو ڏئي (١٩) فقط پنهنجي وڏي شان واري رب جي رضا گهرندي ڏئي ٿو (٢٠) ۽ بيشڪ اهو شخص ٻہ سگهو راضي ٿيندو (٢١)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت ضحيٰ مڪي آھي، ھن ۾ 11 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

ڪچڙي منجھند جو قسم آھي (١) ۽ رات جو قسم آھي جڏھن ڇانئجي ٽي (٢) تہ اي پيغمبر! توکي تنھنجي رب نہ ڇڏيو ۽ نہ بيزار ٿيو آھي (٣) ۽ بيشڪ تنھنجي لاءِ پوئين (ڪاميابي) واري حالت پھرين (تڪليف واري) حالت کان بھتر آھي (٤) ۽ سگھو تنھنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين (٥) ڇا ان توکي يتيم نہ لڌو پوءِ جڳھ ڏنائين (٦) ۽ توکي اڻ واقف ڏنائين، پوءِ شريعت جي واٽ لاتائين (٧) ۽ توکي مسڪين ڏنائين، پوءِ آسودو ڪيائين (٨) پوءِ يتيم تي سختي نہ ڪجانءِ (٩) ۽ سوالي کي جھڪڪ نہ ڏجانءِ (١٠) ۽ پنھنجي رب جي نعمتن جو خوب چرچو ڪر (١١)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت الم نشرح مڪي آھي، ھن ۾ 8 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي پيغمبر! ڇا اسان تنھنجي لاءِ تنھنجو سينو نہ ڪوليو (١) ۽ توکان تنھنجو اھو بار لاٿوسين (٢) جنھن تنھنجي پُٺي ڏوڙي ڪئي ھئي (٣) ۽ اسان تنھنجي لاءِ تنھنجي ساراھ کي بلند ڪيو (٤) بيشڪ ڏک سان گڏ سُک آھي (٥) بيشڪ ڏک سان گڏ سُک آھي (٦) پوءِ جڏھن تبليغ مان واندو ٿئين تہ عبادت لاءِ محنت ڪر (٧) ۽ خاص پنھنجي رب سان دل لڳاءِ (٨)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت تين مڪي آھي، ھن ۾ 8 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

انجير ۽ زيتون جو قسم آھي (١) ۽ طور سينا جو قسم آھي (٢) ۽ ھن امن واري شھر مڪي جو قسم آھي (٣) بيشڪ اسان انسان کي سھڻي

صورت ۾ پيدا ڪيو آهي (٤) پوءِ اسان ان کي هيئين کان هيئين حالت جي طرف موٽايو آهي (٥) مگر انهن کان سواءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، انهن لاءِ اڻ کٽ ثواب آهي (٦) اي انسان! پوءِ ڪهڙي شي توکي قيامت کان منڪر ٿي بڻائي (٧) ڇا الله سمورن حاڪمن جو حاڪم نه آهي (٨)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت علق مڪي آهي، هن ۾ 19 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

اي پيغمبر! پنهنجي رب جي نالي سان پڙهه جنهن پيدا ڪيو آهي (١) انسان کي رت جي دڳ مان بڻايو اٿس (٢) پڙهه ۽ تنهنجو پالڻهار وڏو ڪريم آهي (٣) جنهن انسان کي قلم سان علم سيکاريو (٤) انسان کي اهو سيکاريائين جيڪو نه ڄاڻندو هو (٥) خبردار! بيشڪ انسان سرڪشي ڪندو آهي (٦) هن ڪري جو پنهنجو پاڻ کي بي پرواهه سمجهندو آهي (٧) بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن ئي موٽڻو آهي (٨) ڇا ان کي نه ڏٺو اٿئي جيڪو روڪيندو آهي (٩) ٻانهي کي جڏهن اهو نماز پڙهندو آهي (١٠) خبر ڏي ته جيڪڏهن اهو سڌي رستي تي هجي (١١) يا پرهيزگاري جو حڪم ڪندو هجي (١٢) پلا خبر ڏي ته جيڪو حق کي ڪوڙو چوي ۽ منهن ڦيري ٿو (١٣) ته ڇا ان نه ڄاتو آهي ته الله ڏسي ٿو (١٤) خبردار! جيڪڏهن نه مڙيو ته اسان ان کي متي جي وارن کان پڪڙي گهلينداسين (١٥) اهو متو جيڪو ڪوڙو ڪندڙ خطاڪار آهي (١٦) پوءِ پلي پنهنجي ڪچهري وارن کي سڏي (١٧) اسان به داروغن کي سڏيندا سين (١٨) خبردار! ان جو چيو نه مڃ ۽ سجدو ڪر ۽ الله کي ويجهو ٿي (١٩)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت القدر مڪي آهي، هن ۾ 5 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

بيشڪ اسان هن (قرآن) کي قدر جي رات ۾ لاٿو (١) ۽ توکي ڪهڙي خبر ته قدر جي رات ڇا آهي (٢) قدر جي رات هزار مهينن کان پلي

رات آهي (٣) ان ۾ ملائڪ ۽ جبرائيل پنهنجي رب جي حڪم سان هر ڪم جي پورائي لاءِ لهندا آهن (٤) ان رات پرهه ڦُٽي تائين سلامتي آهي (٥)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت بينه مدني آهي، هن ۾ 8 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

اهل ڪتاب مان جن ڪفر ڪيو ۽ مُشرڪ ايستائين پنهنجي رسم کان مڙڻ وارا نه هيا جيستائين انهن وٽ پڌرو دليل نه اچي (١) يعني الله جو رسول جيڪو پاڪ صحيفا پڙهي ٻڌائي (٢) جن ۾ سڌاسنوان حڪم لکيل هجن (٣) جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو اهي ايستائين ٽولا ٽولا نه ٿيا مگر جڏهن انهن وٽ پڌرو دليل آيو ته ورهائجي ويا (٤) ۽ انهن کي هن کان سواءِ ٻيو حڪم نه ڪيو ويو هو ته دين لاءِ سچائي رکندي هڪ طرفا ٿي الله جي عبادت ڪن ۽ نماز ادا ڪن ۽ زڪوات ڏين ۽ اهو ئي سڌو دين آهي (٥) بيشڪ اهل ڪتاب مان جن ڪفر ڪيو ۽ مُشرڪ جهنم جي باهه ۾ هوندا، سدائين ان ۾ رهندا، اهي ئي سموري مخلوق ۾ بدتر آهن (٦) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، اهي ئي سموري مخلوق ۾ ڀلا آهن (٧) انهن جو انعام سندن رب وٽ رهڻ وارا باغ (بهشت) آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، جن ۾ هميشه هميشه رهندا، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا، اهو واعدو ان لاءِ آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي (٨)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت زلزال مدني آهي، هن ۾ 8 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

جڏهن زمين پنهنجي سخت ڏوڏي سان ڏوڏي ويندي (١) ۽ زمين پنهنجا بار ٻاهر ڪيندي (٢) ۽ انسان چوندو ته هن کي ڇا ٿيو آهي (٣) ان ڏينهن اها پنهنجون سڀ خبرون ٻُڌائيندي (٤) هن لاءِ جو تنهنجي رب ان کي حڪم ڪيو هوندو (٥) ان ڏينهن ماڻهو ٽولا ٽولا

ڪري نڪرندا تہ جيئن انهن کي سندن عمل ڏيکاريا وڃن (٦) پوءِ جنهن ذري برابر بہ چڱائي ڪئي هوندي تہ ان کي ڏسندو (٧) ۽ جنهن ذري برابر بہ بُرائي ڪئي هوندي تہ ان کي ڏسندو (٨)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت عاديات مڪي آهي، هن ۾ 11 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

هانيارو هٽي ڊوڙندڙ گهوڙن جو قسم آهي (١) پوءِ پٿرن تي نعل وارا سنب هٽي چٽنگون ڪڍندڙ گهوڙن جو قسم آهي (٢) پوءِ صبح مهل لُٽ ڪندڙن جو قسم آهي (٣) جو ان وقت متيءَ جو غبار اٿاريندا آهن (٤) پوءِ دُشمن جي وچ لشڪر ۾ وڃن ٿا (٥) بيشڪ انسان پنهنجي رب جو ناشڪر آهي (٦) ۽ بيشڪ اهو اُن ڳالهہ تي پاڻ شاهد آهي (٧) ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ سخت آهي (٨) ڇا پوءِ نٽو ڄاڻي تہ جيڪي قبرن ۾ آهن اٿاريا ويندا (٩) ۽ جيڪو سينن ۾ آهي سو پڌرو ڪيو ويندو (١٠) بيشڪ انهن جو رب انهيءَ ڏينهن انهن جي خبر رکندڙ آهي (١١)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت قارعہ مڪي آهي، هن ۾ 11 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

دل ڏڪائيندڙ (١) اها دل ڏڪائيندڙ ڇا آهي (٢) ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ اها دل ڏڪائيندڙ ڇا آهي (٣) جنهن ڏينهن ماڻهو پکڙيل پتنگن وانگر هوندا (٤) ۽ جبل پيجيل اُن وانگر هوندا (٥) پوءِ جنهن جي عملن جا پُڙ ڳورا ٿيا (٦) اهو تہ دل گهرندڙ مزن ۾ هوندو (٧) ۽ جنهن جي عملن جا پُڙ هلڪا رهيا (٨) تنهن جي رهڻ جي جاءِ هاويہ آهي (٩) ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ هاويہ ڇا آهي (١٠) اُها هڪ ڇيي هٽندڙ باهہ آهي (١١)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت تڪاثر مڪي آھي، ھن ۾ 8 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

توھان کي گھٽائي جي حرص غافل ڪيو (١) تان جو توھان قبرن جو مُنھن ڏٺو (٢) خبردار! توھان سگھو ڄاڻي ونڊندو (٣) وري خبردار! توھان سگھو ڄاڻي ونڊندو (٤) خبردار! جيڪڏھن پڪي ويساھ سان ڄاڻو ھا تہ غافل نہ رھو ھا (٥) قسم آھي تہ ضرور جھنم ڏسندو (٦) پوءِ ضرور توھان ان کي يقين جي اک سان ڏسندو (٧) پوءِ ان ڏينھن ضرور توھان کان نعمتن بابت پڇيو ويندو (٨)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت عصر مڪي آھي، ھن ۾ 3 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

زماني جو قسم آھي (١) بيشڪ انسان ٽوٽي ۾ آھي (٢) سواءِ انھن جي جن ايمان آندو ۽ ڇڳا ڪم ڪيائون ۽ ھڪٻئي کي حق جو تاڪيد ڪيائون ۽ ھڪٻئي کي صبر جي نصيحت ڪيائون (٣)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت ھمزہ مڪي آھي، ھن 9 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

سڀ ڪنھن گلا ڪندڙ ۽ عيب ڳولينڊڙ لاءِ ويل آھي (١) جنھن مال گڏ ڪيو ۽ ڳڻي ڳڻي رکيائين (٢) ڇا اھو سمجھي ٿو تہ سندس مال ان سان سدائين رھندو (٣) ھرگز نہ، ڪيس ضرور حطمہ ۾ اڇلايو ويندو (٤) ۽ توکي ڪھڙي خبر تہ حطمہ ڇا آھي (٥) الله جي ٻاريل باھہ آھي (٦) جيڪا دلين تي پھچندي (٧) بيشڪ اھا انھن تي ويڙھجي ويندي (٨) ڊگھن ڊگھن ٿنڀين ۾ بڌل ھوندا (٩)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت فيل مڪي آھي، ھن ۾ 5 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي محبوب! ڇا تو نہ ڏٺو تہ تنھنجي رب ھاٿي وارن سان ڪيئن ڪيو (١) ڇا انھن جي شرارت کي ناڪام نہ ڪيائين (٢) ۽ انھن تي ابابيل پکين جون ٽوليون موڪلياٸين (٣) جو انھن کي ٺوس پٿرين سان ماريائون ٿي (٤) پوءِ انھن کي اولڙ گاھ وانگر ڪري ڇڏياٸين (٥)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت قريش مڪي آھي، ھن ۾ 4 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

قريش کي ڇاھہ ڏيارڻ لاءِ (١) سياري ۽ اونھاري جي سفر ۾ انھن کي ڇاھہ ڏيارڻ لاءِ (٢) انھن کي گُھرجي تہ ھن گھر جي مالڪ جي عبادت ڪن (٣) جنھن انھن کي بُک ۾ ڪاڌو ڪارايو ۽ انھن کي خوف کان امن ڏناٸين (٤)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت ماعُون مڪي آھي، ھن ۾ 7 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي پيغمبر! ڇا تو ان کي نہ ڏٺو آھي جيڪو عملن جي بدلي جي ملڻ واري ڏينھن کي ڪوڙو پاٸيندو آھي (١) پوءِ ھي اُھو آھي جيڪو يتيم کي لوڏيندو آھي (٢) مسڪين کي ڪاڌو ڪارائڻ جو شوق نہ ڏياريندو آھي (٣) پوءِ انھن نمازين لاءِ بہ خرابي آھي (٤) جيڪي پنھنجي نماز کان غافل رھندا آھن (٥) جيڪي ڏيکاءَ جي لاءِ عمل ڪن ٿا (٦) ۽ اوڙاريون گھربل معمولي شيون ڏيڻ کان بہ انڪار ڪندا آھن (٧)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت ڪوثر مڪي آھي، ھن ۾ 3 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي محبوب! بيشڪ اسان توکي گھڻائي (ڪوثر) عطا ڪئي (۱) پوءِ تون پنھنجي رب لاءِ نماز پڙھ ۽ قرباني ڪر (۲) بيشڪ تنھنجو دشمن ئي پڇ ڪٽيو آھي (۳)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت ڪافرون مڪي آھي، ھن ۾ 6 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي نبي! چئو تہ اي ڪافرو (۱) مان ان جي عبادت نٿو ڪريان جنھن جي توھان پوڄا ڪندا آھيو (۲) ۽ نڪي توھان ان جي عبادت ڪريو ٿا جنھن جي مان عبادت ڪندو آھيان (۳) ۽ نہ مان ان جي عبادت ڪندس جنھن جي توھان پوڄا ڪئي (٤) ۽ نہ توھان ان جي عبادت ڪندو جنھن جي مان عبادت ڪريان ٿو (٥) توھان جي لاءِ توھان جو دين ۽ منھنجي لاءِ منھنجو دين آھي (٦)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت نصر مدني آھي، ھن ۾ 3 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي پيغمبر! جڏھن الله جي مدد ۽ سوپ اچي (۱) ۽ تون ماڻھن کي الله جي دين ۾ فوج در فوج داخل ٿيندو ڏسين (۲) تڏھن تون پنھنجي رب جي ساراھ ڪندي ان جي پاڪائي بيان ڪر ۽ ان کان بخشش گھر، بيشڪ اھو توبھ قبول ڪرڻ وارو آھي (۳)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت لھب مڪي آھي، ھن ۾ 5 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

ابولھب جا ٻئي ھٿ ٻڳا ۽ پاڻ ٻہ ھلاڪ ٿيو (١) سندس مال ۽ سندس ڪمائي ان جي ڪنھن ٻہ ڪم نہ آيا (٢) سگھو اھو ڀيڻي ھٽندڙ باھہ ۾ داخل ٿيندو (٣) ۽ سندس زال ٻہ جيڪا مٿي تي ڪاڻين جي ٻري ڪٽندڙ آھي (٤) سندس ڳچيءَ ۾ ڪاڌر جو رسو پيل ھوندو (٥)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سورت اخلاص مڪي آھي، ھن ۾ 4 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي پيغمبر! چئو تہ اھو الله اڪيلو آھي (١) الله بي نياز آھي (٢) نہ ڪنھن کي ڄڻيائين ۽ نہ ڪنھن ان کي ڄڻيو آھي (٣) ۽ نہ ان جو ڪو مٽ ثاني آھي (٤)[1]

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجھارو مھربان آھي

سُورت فلق مڪي آھي، ھن ۾ 5 آيتون ۽ 1 رڪوع آھي

اي پيغمبر! چئو تہ مان صبح جي رب جي پناھہ گھران ٿو (١) انھن جي شر کان جن کي پيدا ڪيو اٿس (٢) ۽ رات جي شر کان جڏھن اھا گگھہ اونداھي ٽئي ٿي (٣) ڳنڍين ۾ ڦيٽا ڦوڪيندڙ عورتن جي شر کان (٤) ۽ حسد ڪرڻ واري جي شر کان جڏھن اھو ساڙ ڪري (٥)[1]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الله جي نالي ساڻ شروع جيڪو ٻاجهارو مهربان آهي

سورت ناس مڪي آهي، هن ۾ 6 آيتون ۽ 1 رڪوع آهي

اي پيغمبر! چئو ته مان ماڻهن جي رب جي پناهه گهران ٿو (١) ماڻهن جي بادشاهه جي (٢) ماڻهن جي معبود جي (٣) شيطان جي وسوسن جي شر کان (٤) جيڪو ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهي ٿو (٥) اهو شيطان جيڪو جنن مان يا انسانن مان هجي (٦)[1]

دعا

اي الله! قبر ۾ منهنجي اڪيلائپ کي ورونهن ڏي.

اي الله! مون تي قرآن عظيم سان رحم ڪر ۽ ان کي منهنجي لاءِ رهبر ۽ نور ۽ هدايت ۽ رحمت ڪر.

اي الله! ان مان جيڪي وساريم اهو مون کي ياد ڏيار ۽ ان مان جيڪي نه ڄاتم اهو مون کي سيکار ۽ مون کي رات جي وقتن ۽ ڏينهن جي وقتن ۾ ان جي تلاوت نصيب ڪر ۽ اي جهانن جا پروردگار انهيءَ کي منهنجي لاءِ دليل ڪر.

دعا

اي الله! اسان جي دلين کي قرآن شريف جي تلاوت سان روشن ڪر ۽ اسان جي اخلاق کي قرآن جي صدقي سهڻو ڪرڻ فرماءِ. ۽ قرآن شريف جي برڪت سان اسان کي دوزخ جي باهه کان ڇوٽڪارو عطا فرماءِ. ۽ اسان کي قرآن شريف جي برڪت سان بهشت ۾ داخل ڪر. اي الله! قرآن شريف کي اسان جي لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ توسان لاڳاپو رکڻ جو وسيلو ۽ قبر ۾ وحشت کان سهارو. ۽ پل صراط تي روشني ۽ جنت ۾ ساڻي ۽ دوزخ جي باهه کان ڍال ۽ بچاءُ بڻاءِ ۽ هر قسم جي ڀلائي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي لاءِ دليل بڻاءِ. ۽ سيئي ڀلايون اسان جي اعمال نامي ۾ لک. ۽ اسان کي توفيق عطا فرماءِ تہ سچيءَ دل سان، صاف زبان سان، خير ۽ ڀلائي جي محبت سان ۽ ايمان جي بشارت سان مالامال ٿي وڃون. اي الله! تون پنهنجي مخلوق مان سڀني کان ڀلاري، پنهنجي مظهر جي لطف، ساراهيل، پنهنجي عرش جي نور اسان جي سردار محمد ﷺ ۽ ان جي آل تي درود ۽ سلام موڪل. ۽ ان جي اصحابن ۽ سڀني مومن مسلمانن تي سلامتي ۽ رحمت نازل ڪر. آمين.

